
منهنجون کهاڻيون
علي بابا

منهنجون کهاڻيون

علي بابا

چاپو: پهريون 1994

ڇپائيندڙ:
روشني پبليڪيشن

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”منهنجون ڪهاڻيون“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ، ڊراما نگار ۽ ڪهاڻيڪار **علي بابا** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

احمد شاڪر لکي ٿو:

سائين علي بابا سِنڌ جو اُهو اُداس رُوح آهي، جيڪو ڳامَ ڳامَ، گليءَ گليءَ، بَنَ بَنَ مَنجهه اُنهيءَ سِنڌ کي ٿو ڳولهي، جا مَهاراجا شَهيد راجا ڏاهر جي دَورَ واري سِنڌ هُئي. ۽ شهيد دُولهه درياهه خان جي وقتَ واري شانَ، شوڪتَ ۽ بَختَ واري سِنڌ هُئي. سائين علي بابا اُنهيءَ سِنڌو درياهه جو مُتلاشي آهي، جنهن جي بِنهيُن ڪنڌِيُن تي ٻيلا هُوندا هُئا، ۽ جنهن جو پاڻي آبِ حياتِ هُوندو هُيو. سائين علي بابا هميشه پنهنجي قلمَ منجهان جيڪي لِکڻيُون تَخليِق ڪَيُون آهن، اُنهن جا ڪردارَ به ”سِنڌ جا سُورِما!“ آهن! آهن. ۽ نه ئي وري مايُوسِ ٿي ڪَري پاڻ کي مياري ثابِت ڪندا آهن.! سائين علي بابا جي لِکڻيُن منجهه اُهي سَڀِ معيارَ موجُودِ آهِن، جيڪي عالمي اديبن جي لِکڻيُن منجهه هُوندا آهن. اِهو ثابِت ڪَرڻ جي لاءِ ڪِهڙي وضاحَتَ پِيش ڪَري سَگهجي ٿي! سائين علي بابا جي لِکڻيُن جي مَعيارَ کي اُهو ئي سَمجهي سَگهي ٿو، جيڪو خُودِ سِنڌ ۽ سِنڌهو درياهه جو پُوڄاري هُجي. يعني، ”جَلِ پُوڄاري!“

هي ڪتاب **روشني پبليڪيشن، ڪنديارو** پاران 1994ع ۾ ڇپايو ويو. سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان کڻي اوهان سان نئين سر پيش ڪري رهيا آهيون.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وسان
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

مان ۽ منھنجي ڪھاڻي : علي بابا

ڌرتيءَ ڌڪاڻا

- ياڳان
- ڪارونجھر جو قيدي
- اسين ماڻھو
- چنڊ ۽ ماني
- علي بابا جي ڪھاڻي
- ھي سنگرام
- سؤ رپيا نوٽ، ماڻھو
- جيون ڪوئي جھوٽو آھي
- نئون سال، پراڻو ڪال
- گرپ جو تيج
- آڌي رات، اتر ۾ ڪانيو
- جانورن جي دنيا
- سون ورنا سپنا
- سونا پڙ، ڪارا جھڙ
- ڪجلا تجلا ماڻھو
- اولڙن پنيان ڊوڙ
- دي ايڊيٽر
- ڌرتيءَ ڌڪاڻا
- آيل ڙي اولاڻا
- ھڪ ڪن ۾ ھيءَ صدي
- چار ڏسائون چارئي ڪاريون
- بلئڪ اينڊ وائيٽ

منهنجون ڪهاڻيون

- تانداڻي جي لاٽ
- هڪڙو سوال
- هڪ ڪن جو سفر
- نانهن ۾ موت
- اونداهيون ڏسائون ۾ مان
- مان، گدو بندر جو چريو
- نوان پيغامبر
- پنجري جا پکي
- نه ته ساڻ هلن ٿا سير ۾
- ڪروڙ ۾ هڪ ماڻهو
- پولارن پاتالن ۾ ڀٽڪندڙ ماڻهو
- سين هنيائون سچ ۾
- سندر سپنا، پيانڪ سپنا
- ساڳيو ڏڻ، ساڳي لٽ، ساڳيو ڏنار
- ڀتا ٽيڙو
- زندگي

ٻيون ڪهاڻيون

- وڏو ماڻهون
- ڇپر ۾ ڇائون
- پيٽاري
- ڪلجگ
- ڪينجهر — اڌورو ماڻهو
- ريلوائيءَ جا ڇورا
- پوئين پهر جو آواز
- ڏاڳا نينهن جا
- چائنا گيٽ
- ساروٽا سارو جيون
- پڇرندڙ پيڙائون
- مها ياري پاڳل ماڻهو

- پري، پولارن ڪان پري
- ڏيهه نه ڪو پرڏيهه
- اڏ چريا ماڻهو
- رئندا ڪلندا ماڻهو
- هيءَ ڪامڻ مايا
- يگ يگ جي پيڙا
- راٺوڙ، راجپوت
- هڪ ڪن سڪن جو، هڪ ڪن ڏڪن جو
- دور آڪاسن مان
- وڻ ويڙهي

ماں ۽ ڪهاڻي

مان سنو ڪهاڻيڪار آهيان؟
مان اڳهاڙو ڪهاڻيڪار آهيان؟
مان ڪهاڻيءَ ۾ عورت کي ذليل ڪندو آهيان؟
ڇا مون کان پاڻ مرادو ڪجهه لازوال ڪهاڻيون لکجي ويون آهن؟
يا منهنجيون ڪهاڻيون پنهنجي وقت سان پنهنجي فنا کي پهچي وينديون، انهن ۾ ڪا دائميت ڪانهي؟
اهڙا ڪئين سوال منهنجي ذهن ۾ ترندا، ٻڏندا رهندا آهن. مون ڪڏهن به هڪ ڪهاڻيڪار جيان سنجيدگيءَ سان انهن تي غور نه ڪيو آهي. نه ئي مان پنهنجي لاءِ مها ڪهاڻيڪار جي چتي لڳائڻ يا ليبل چنبڙائڻ لاءِ تيار آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪهاڻيءَ جي لڙاٽ ۾ فقط ايترو سو محسوس ڪندو آهيان ته مان فطري ڪهاڻيڪار آهيان. مان ڪهاڻيءَ کي وڏ ۾ وڏ خوبصورت بنائڻ لاءِ تجربا ڪندو آهيان. ڪجهه نواڻ لاءِ جاکوڙ اذاري ورتل يا پاروتي نه هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڻي لکجي ويندي آهي، ڪڏهن مڙئي لکجي ويندي آهي، ڪڏهن پنا ڦاڙي اڇلائي ڇڏيندو آهيان.
ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان ته مان ڪهاڻي لکڻ ئي نٿو چاهيان، پوءِ به لکي ويهندو آهيان. هر واري ڪهاڻيءَ کان ڏنيجڻ کان پوءِ مان ڪهاڻي سان ڪيڏندو آهيان يا ڪهاڻي مون سان ڪيڏندي آهي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪار قسم جي ڪابه شيءِ حائل ڪانهي. منهنجو ۽ ڪهاڻيءَ جو رومانس پاڻ ۾ ڪنهن به ڪاروبار يا ونهنوار کان سواءِ هلندو اچي. انتهائي بيزار ٿي پوڻ کان پوءِ مان ڪهاڻيءَ سان پيار ڪيو آهي. مان ان کي ڪنهن به قيمت تي نه ڇڏي سگهيو آهيان ۽ نه ڇڏي سگهندس. ادب ۾ لمبي ساهي ته پٽي سگهجي ٿي، پر رزائن ڪري نٿي سگهجي. شعر، افسانو، ناٽڪ، ناول لکڻ اميراڻو ذوق آهي.
ادب جي تاريخ تي نظر ڦهلائيندا سين ته مها ڀارت جي سرجڻهار ويد وياس کان وٺي هومر، ڪاليدار، شيڪسپيئر کان ويندي شاهه لطيف تائين، گوئٽي کان وٺي ليوٽالسٽائي ۽ ٽئگور، سڀ اميراڻا ٻار هئا. غالب به هڪ نواب جو ٻار هو. پوءِ مان غريب جو ٻار ان ڪم ۾ ڪيئن ٽپي پيس!..... هاڻ نيائجي ته نيائجي ڪيئن؟ هن پل صراط جهڙي ترار تان هلندي، پاڻ

ڪيئن سنڀالجي؟ مٿان باھ ۾ هينان لاوي جو ساگر پيو ڇلي، موت کان سواءِ ڪٿي نه ختم ٿيندڙ سفر.
ايڏي عذاب ۾ مان لکان ڇو ٿو؟
ڇا ڪهاڻي سپنن جهڙي دنيا آهي، پراسرار ۽ وڻندڙ؟
شايد مان لاڳيتو هڪ فئنٽاسيءَ جي دنيا ۾ رهندو اچان. سپنا ئي سپنا اٿندو ٿو رهان. اهڙا سپنا، جي رڳو جاڳ ۾ اٿبا آهن. مون ڪڏهن به ٻئي اديب سان پاڻ کي ڀيٽي نه ڏٺو آهي، پوءِ به مان هر وقت ڪامپيٽيشن ۾ هوندو آهيان. منهنجو اهو مقابلو فقط پنهنجو پاڻ سان هوندو آهي. شايد آئون ٻين کان مختلف ان ڪري آهيان جو مان ٻين کي ٻڌندو ئي نه آهيان.
هر ليکڪ سنو پانڪ به هوندو آهي. مون کي شيام جئسنگهاڻي وڻندو آهي. لعل پشپ وڏيڪ وڻندو آهي. گنو سامتاڻي، ايشور چندر ۽ موهن ڪلپنا وڻندا آهن. ائين ته وڻڻ جي ڪا انتها ئي ڪانهي. ائين جيئن چيخوف، اوهينري. مارڪيز مون کي چيخوف جيترو نه وڻندو آهي، نه لعل پشپ جيترو. اٽليءَ جو سلوانو جو مون هڪ ئي ناول پڙهيو آهي، "فونٽا مارا"، منهنجي پسند سڄي جي اندر آهي، انهن ۾ سلوانو جو نالو هر وقت ياد رهڻ جوڳو آهي.
نسيم احمد کرل تمام وڏو ڪهاڻيڪار هو. جيئري عالماڻيءَ جو به ڪو مٽ ڪين هو. اجان هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ئي مس ڪيون هيون ته پاڻ ڪينسر هاٿي ٿي ويو. ساڳيءَ ريت ماڻڪ کي به موت جي پيئڻ بلا وقت کان اڳي پي وئي. پر ڪنهن جي مرڻ سان ڪهاڻي ٿوروئي مري ويندي آهي. ماڻڪ ويو ته طارق عالم اچي لکي پيو. عالماڻيءَ لکيو ۽ هاڻ اختر رند لکي پيو.
مان موڊي آهيان.
هر ليکڪ کي موڊي هئڻ گهرجي (هوندو آهي).
مون کي ادب جي ديويءَ آڏو گل چاڙهڻا هوندا آهن. تازا، نوان، باغي ۽ جهنگلي، ٿورائي سهي پر مون کي پاڻ کي وڻڻ گهرجن. منهنجي خوبصورتي اها آهي ته مان فقط پنهنجي لاءِ لکندو آهيان. نقاد ويچارا ته ڇا، منهنجي اڳيان پڙهندڙ به نه هوندا آهن. اها فئنٽاسي منهنجي پنهنجي اندر جي شيءِ آهي، بلڪل شاھ جيان:
ميي سي ئي ماڻيا، جتي نه پريا پونر،
ڪنواريون ۾ ڪؤنر، هلو ته پسون ڪاڪ جا.
مون ڪهاڻين ۾ عورت کي نيچ ڪيو آهي؟ منهنجي ته خيال ۾، منهنجي ڪهاڻين جو مرڪز ئي عورت آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان سان ڏاڍي اڻنگي ۽ اٿوڻندڙ نموني پيش ايندو آهيان. ان

ڪي مان پنهنجي ڪهاڻين جي خوبصورتي ٿو چوان، جنهن ڪي شايد فقط آئون پاڻ ئي محسوس ڪندو هجان. عورت ته منهنجي ڪهاڻين جو مرڪز هوندي آهي. بلڪه منهنجي ڪهاڻين جي ڪل ڪائنات جو مرڪز عورت، ڪيڏي اونچي، ڪيڏي مضبوط، ڪيڏي نازڪ ۽ ڪيڏي خوبصورت هوندي آهي. مان ان ڪي جيئن جو تيئن پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪينواس ۾ اتارڻ چاهيندو آهيان. مان وري ڪالرج جو سهارو ٿو وٺان:

(The Woman is ray of God)

۽ شاهه ٿو چوي:

ڪڻ اڪيون، ڪل يار، وجن سور سندا ڪيون.

ته پوءِ ڀلا مان عورت سان اهڙو ڪهڙو ناحق ڪندس؟ مان عورت جي خلاف نه، پر عورت جي نيلام خلاف لکندو آهيان. عورت ويچاري ته خوار خراب مهاجر ۽ بهاري ڪيمپن ۾ ٿيندي آهي، جتي وڏين وڏين ڏاڙهين وارا مذهبي ۽ سماجي ٺيڪيدار پنهنجو سياسي ۽ مالي ڪارخانو هلائڻ لاءِ وڏن نعرن سان بهاري ۽ بنگالي عورتون، اسلام جي نالي ۾ گهرائي، واپار ڪندا آهن. اهڙن موقعن تي اڪثر مون کي نارائڻ شيام جي سٽ ياد اچي ويندي آهي. منهنجي آبزرويشن تي فٽ ٿي ايندي آهي:

سردار ڪري واپار، سهڻي ٿانءَ ٺڪر جا وڪڻي.

آئون خدا ڪان ڊڄي ڳالهه ٿو ڪريان:

هر سال، ڏهه ڏهه، ويهه ويهه هزار عورتون بنگال، هندستان ۽ ٻين ملڪن مان گهرائي، انهن جي آبادڪاريءَ جي بهاني سان سندن وڪرو ڪيو ويندو آهي.

ها ته ڳالهه هلي پئي ڪهاڻيءَ جي: ڪهاڻي مون وٽ فلسفي، ناصحاڻي، نقطي، اصلاح عامه يا پروپيگنڊا وغيره جهڙن لفظن کان بلڪل جدا ۽ مٿاهين شيءِ آهي. ڪهاڻي فقط ڪهاڻي آهي ۽ ان کي ڪهاڻي ئي رهڻ کپي.

علي بابا

ڏرتيءَ ڏڪاڻا

ياڳان

اونداهين ڪي ٿوڙي ڊاهي، چڙهيو آهي سج، اوپر ڪان، ڪجين مٿان. روشن ٿي ويو آهي بند پنيان، گرگلن جو ڏهاڪو جهوپا ڳوٺ.
اندر هڪ جهوپي ۾، سنيري پئي جاڳان. شهر پنڻ لاءِ، وڃنس پيون چوڙيون، وارن ۾ ڦٽوٺو ڪندي ۽ ٻاهر تڙڪي تي ويني آهي ماڻس ياڳان، اوجهڙ ۾، جهوپي جي ڪکاهينءَ پت جي اوٽ ونيو، چؤڦيتي گاڏيءَ ۾، جنهن ڪي گهريندا آهن ٻار، ڪيس شهر پنائڻ لاءِ. نست نماڻن، ڏرا ڏنل، آسوچ نيٽن سان پئي نهاري سج ۾. پر ڪن اٽس اندر، چوڙين جي ڇڻڪاڻ تي. پئي ڪنهي چيڙهه مٿو، پئي چنيي اکيون سج ڏي نهاريو، بي فائدو.
اڳي، گهڻو اڳي، جڏهن جواڻي هيس، سج گول گول هو، وٽندو هئس اکين ڪي، هاڻ ڪونه وٽيس. هاڻ ته سج به ڏسڻ ايندو اٽس جهڪو ۽ ڏنڊلو. ٻاھ جو پيڙ، هان سج گول ڪونهي!
اڳي گهڻو اڳي، جڏهن جواڻي هيس، تڏهن سج ڪيڏو نه ويجهو هو. هي پڙو ڪنجهي ڊوڙ وجهي ته ڪجين چڙهڻ ڪان اڳ وڃي هٿ وجهيس! چڙهڻ نه ڏئيس ڪجين مٿان! هاءِ هاءِ جواڻي..... هوءِ هوءِ وقت ..... ٿڌو شوڪارو پري، نهاري تي هيٺ پيرن ڏانهن. وڊايو ويني آهي جنگهون، وڃايو ويني آهي جواڻي، الائي ڪڏهن ڪان!
اکيون اٽس سج ڏانهن، ڪن اٽس اندر جهوپي ۾!
"ڪيڏو ڏينهن چڙهي آيو آ. هيءَ ماءُ مئي ڪري چا پئي؟ چوڙين جو آواز ڪونهي، پانيان ڦٽوٺو ڪري، ٿي آهي تيار. هاڻ زال تنگي پئي هوندي آنهري مٿان. لپون سرمي جون پري ڏسندي اکيون. نرڙ تي ڪيندي تلڪ، چپن تي هٽندي سرخي، پڻ پڻ ڪري ڳائيندي، ڪنن جا ايرنگ ڏسندي، نڪ جي ٻولي، چبرا ڏئي، سؤ مرڪون ڏيکاري آنهريءَ کي، چوري چتي تي پئي آهي پنهنجي مک مٿان. چري، جڏهن ڏس زال پئي آڊي ملي پاڻ کي. ويني ڪائي خار، ڏيءَ جي سنيراو تي، پر ڪجهه ياد ڪري ٿڌي تي وڃي تي. ياد ڪري جواڻي، ويني چنيي اکيون، ويني پري شوڪارا.
اڳي گهڻو اڳي، پاڻ به ته ائين آنهريءَ مٿان لڙڪيو پئي هوندي هئي. ڪيڏو به پارو پوندو هجي، ڪيئن نه گهڙو مٿان گڙ گڙ گڙڪائيندي هئي. ڪيئن نه پاٽي چڻ چڻ ڪري وهندو هو سندس وارن مٿان، هيٺ ڏڙ ڪان پيرن ڏانهن. ايڏي ڏکٽي هوندي به ڪيڏو نه وٽندو هئس

پاڙيءَ جو وهڻ بت مٿان ڏارا ڪري. ڪيڏا مهٽيندي هئي پير. اصل نهار ته منهن پيو ڏسڻ ۾ اچي. شهر مان هلندي هئي ته هلندو هئس سڄو شهر پٺيان، وڄنديون هيون سيٽيون. مسيت جي پاسي کان گذرندي هئي ته ملن جا ڳاٽ ڦري ويندا هئا. رڳو وٺو ڪنهن اڳيان وڌائيندي هئي ته پوندو هو ڏوڪڙن سان چڻ چڻ وڄي. واٺ ويندو ماڻهو بيهجي ويندو هو. مجال آ جو ڪنهن ڏي لؤٽو هڻي نهاري. لاٽ لاٽ تي اک ئي ڪانه ٻڌندي هيس. انگريچي اسڪول جو ماستر پيو اکيون ٽپيندو هو.

اڳي، جڏهن جواڻي هيس، سرتيون ڪنديون هيس ساٺ. جونءَ ڳوليو هيج مان هڻنديون هيس چهنبڙيون، پرپور بدن تي. ڏينديون هيس ڪنن ۾ طعنن ۽ ٽوڪن جا چيرا، چڏينديون هئس چري، هاڻ ته ڪو سڙيس به ڪونه. جونءَ پٽيو مارينس، ٻيون ته نهيو پر ڪڏهن آندي جائي ڏيءَ به هٿ لاهيس ڪونه. جڳ لنگهي ويا، چڳون چيڙهه تي ويون، ويون اکيون ڪوٻن ۾ گهڙي، ويو ماس رس رڙي لڱن تان، وئي کل سڙي. ڪڏهن روز وهنجندي هئي ليمي جي پاڙيءَ سان. پٺيان گوڏن کان هيٺ لڙڪندو هئس چوٽو. روز مليندي هئي آنڻ منهن کي. ٻهه ٻهه ٻرندي هئس پيشاني. ڪانيءَ مٿان ڪاني پورو ٻڪ پائيندي هئي سرمون، ڪري چڏيندي هئي پؤنر اکين کي، مٿان ڪندي هئي سرخيءَ جي ٽڦ ٽڦان چپن تي. نڪ ۾ سونو ڦل، هي آنڱرين کان به ڊگها ڊگها ايرنگ ڪنن ۾، پنج پنج سونيون واليون، پندرهن تولن جو چانديءَ جو هس ڳچيءَ ۾. آنهري ڏسندي پيٽ نه ڊاپندو هئس. ڪٽولي تي اونڌي ٿي منهن هيٺان رکي ڏسندي هئي آنهري. ماڻس چوندي هئي: "ڇوري باهه لڳي، ڇتي ٿي آهين ڇا؟ ملوڪ آهين ملوڪ. جيڏي مهل ڏس زال آنهريءَ مٿان اٿي ٿيو بيني آهي. ڦڪائي ڪانهي. اٿلي هلي ڊوڊا ڊڙ."

سچ به پاڇا. ڪوماٽل، روئٺهارڪن نيٽن سان ويني نهاري سچ ۾. ويني پري ٽڌڙا ساهه، شوڪارا. ڦري اچيس ٿو سڄو شهر اکين آڏو. گهٽي گهٽي، هٽ هٽ، گهر گهر، در در، سڄي شهر کي سڃاڻي. ماڻهونءَ ماڻهونءَ جو ڳجهه ڳوهه ڄاڻي. انهيءَ ئي شهر ۾ وڃائي هئائين جواڻي، وڏايا هئائين پير!

جڏهن اڃان مس ساماڻي هئي، جڏهن اڃان مس ڪپڙا ڳاڙها ڪيا هئائين ته شهر کان سواءِ سڪ ڪونه ايندو هئس. پائين ته ماڻهون پنياهنس سيندون هڻن، آواز ڪڍن. ايندو هئس ماڻهن کي ساڙڻ ۾ مزو. اجا مس صبح ٿيندو هو، تڪڙي تڪڙي سنيري، ساهيڙين سان هلندي هئي وٺو ڪٽي پنڻ. ماڻس چوندي هيس: "ڇوري پڙو پڪيڙي هلي آهين شهر پنڻ. ماڻهو ڪي خيال سان هلي، پراون گهرن ۾ تيسين نه گهڙجي، جيسين پڪ نه ٿئي ته گهر ڏياڙيون وينيون

آهن. چڙهن چانڊ ماڻهن جي گهرن ۾ ڪڏهن نه وڄجي، پل ڏهه رپيا ڏيڪارين. چوري متان پير وڍائي اچين. ماڻهو هوش سان هلي، زمانو ڏاڍو ضعيف آهي." تڏهن ڪي ڪين سمجهي هئي، پر هاڻ جڏهن ڪان ڏيٺس جاڳان ڪپڙا ڳاڙها ڪيا آهن، اڻ تڻ چئونرا ڪئونرا لڳي وئي اٿس. ويڙهي ويا هئس وهم. چوريءَ ڪي سمجهائي سمجهائي نڙي سڪي وئي اٿس، پر چوريءَ ڪي عقل ئي ڪونه ٿو اچي. ليڪي ئي ڪانه ٿي. ذات ٿي گهٽ ٿئيس، ميريءَ منڊيءَ، مڙهيءَ ماءُ سان گڏ پنندي، گاڏو ڏڪيندي شرم ٿو اچيس، ماڻهو ڇا چوندا. اڙي هيءَ آهي چاڳان جي ماءُ، ڪلندس مٿان ماڻهو.

پير وڍايو، ويڙهي ويني آهي وهمن ۾. چئونرا ڪئونرا اکين سان ويني نهاري سج ۾.

وٺ ڪٽي اندران جهڳيءَ مان نڪتي آهي چاڳان، ڦٽي ڦوڪارا ڪري، پڙو لمڪائيندي، نورا چمڪائيندي. اکيون چنيپيندي بي وسيءَ مان نهاري ٿي ڏيءُ ڏانهن: "چوريءَ تي جواڻي ڇا آئي آ، ڀوتي ڀوتي ٿي ڦڙڪيس. پاڻءِ ته جي بند تان ڊوڙ وڌائين ته سهڪي سان ڪجرو ڇني ڇڏيندي. چوري پڙو پيرن ڪان به وال پري اڇلائيندي ٿي هلي. نياڳي، ڪنهن جي نظر به نٿي لڳيس. ماءُ مريس، ڏينهان ڏينهن وڄي ٿي وڌندي. وڄي ٿي ڪجي جي وڻ جيان اوچي ٿيندي."

ماءُ جي من ۾ اڻ تڻ چئونرا، ڪئونرا، پائين ته رڙ ڪري چويس: "اي چوري، هلين ٿي ڪي نچين ٿي؟ ماڻهو ڪي عقل ڪري." پر چپ پيا اٿس سبيا. رڳو پئي ڏيءَ ڏي ڏسي. اکيون پئي چنيي، بي وسيءَ مان. پير وڍايو، ويني آهي اوجهڙ ۾، ويني ڏسي ڏيءَ ڪي شهر ڏي ويندو.

"چوري، جڻ ڪا پلي گهوڙي بنديو بيني هئي ڪئين ڏينهن ڪان، مس مس ڪلي آهي رسا ڇنائي. ڪيئن پستيون هٽندي ٿي وڄي، جڻ پڄي ٿو وڄي شهر. ڇا ڏنئين آ، ڇا ڏنئين آ.....؟"

ياد ٿو اچيس: اڳي، گهڻو اڳي، پاڻ به ته ائين هلندي هئي، انهيءَ ساڳي بند تان. زمين ڏٻائيندي ويندي هئي شهر پنڻ. گهٽي گهٽي، گهر گهر، در در، ڪيڏو وڻندو هئس شهر ۾ هلڻ، سينڊون، ميڇون، اکين جا اشارا، ڪيڏا اشراف ماڻهو ڪيئن تڙپندا هئا. ڪانه ڀوڙيندي هئي اک ڪنهن مٿان. ڪيڏو ايندو هئس ماڻهن ڪي ساڙڻ ۾ مزو. ڪڏهن ماءُ جي ڳالهه ڪانه ساڳاهي هئائين. زمانو ڏاڍو ضعيف آهي: اي ڪدا ڪير ڪجانءِ......

اي ڪدا ڪير ڪجانءِ..... ماءُ جو من اڻ تڻ، چئونرا ڪئونرا. وهم ئي وهم.......

ياد ٿو اچيس: هڪ ڏينهن بنا سوچڻ سمجهڻ جي گهڙي وئي هئي هڪ گهر ۾. اوچتو رکيو هئس ڪنهن وات تي هٿ. چڪي گهري ويو هئس گهر ۾. پڪا سارا پنج ماڻهو چڙهي ويا هئس، چتن ڪتن جيان. ڪيڏو ڦٿڪي هئي پاڻ ڇڏائڻ لاءِ، ڪيڏيون ڪيون هئائين دانهون

ڪيڪراٽون. اگهاڙو ڪري ڇهگ وجهي بدن ۾، وات ۾ اوتيندا رهيا هئس ڪؤڙو ڪؤڙو دارون. پوءِ اونداهيءَ رات ۾ امان امان ڪندي ڀڳي هئي گهر ڏانهن. ڀڳت جي باغ وٽان جهنگلو ٽپيندي، پيرن ۾ لڳيون هيس زهيريلي ڪنڊن واريون تارون. منڊڪائيندي، ڊوڙندي وڃي ڦان ٽي ڪري هئي ماءُ جي لڄ ۾. ڪڙهي پيا هئس پير. ڪندي هئي دانهون، ڪيڪراٽون. ونئي ويا هئس اسپتال ۾، ڊاڪٽرن وڍي ڇڏيا هئس پير ۽ انهن وڍيل پيرن مان ورتو هو چاڳان جنم!

ڇوري وئي آ شهر پنڻ، ماءُ جو من اڻ تڻ ڇئونرا ڪئونرا.... روز ويڙهي ويندا اٿس وهم. جيسين ناهي ورندي، تيسين لائي ڏيندو اٿس من دهڪو. ويني سڏ ڪندي آهي الله کي: اي ڪدا ڪير ڪجانءِ..... اي ساهه لطيف ڪير ڪجانءِ...... اي قلندر شاباج ڪير ڪجانءِ....... اسين نه هندن ۾ نه مسلمانن ۾، ڏاڍا گريب هون ڏاڍا گريب......

پر خدا خير ڪونه ڪيو. هڪ ڏينهن ڊوڙندي آئي هئي چاڳان، ريهون ڪندي، هانءُ هڪيءَ ڪان ٽي آيس: آئي..... آئي..... آئي..... رانياٽ ڪندي ڦان ٽي اچي ڪري هئس ڊيڍريءَ مٿان. ماءُ جو من ڦٽڪ ڦٽڪان.

"ڇا ٿيو.......؟ ڇوري ڳالهه ته ڪر، ڇا ٿيو.....؟ ڪهڙيءَ بلا ڪاڌو ٿئي؟ ڇوري، پير ته ڪونه وڍائي آئي آهين؟"

اچي پڙي ٽي ڳاڙها ڇٽ، بڪين ٽي ڳاڙهو ڳاڙهو رت جميل.

ماءُ جو من ڦٽڪ ڦٽڪان.

"چاڳان......" ڌرتيءَ جي دانهن، آسمانن تائين، آسمانن ڪان مٿان، اننت تري تائين.

ويني روئي ياڳان، چاڳان جي پيرن منهن وجهيو. ڊکون پريو، وار پٽيو اؤراتنجيو.

روشنين کي ٽوڙي ڊاهي، چڙهي آهي اونداهي، اولهه ڪان. اوجهڙ ٿيندو وڃي ٿو اڪين ڪان، گرگلن جو ڏهاڪو جهوپا ڳوٺ.

ڪارونجهر جو قيدي

ڪارونجهر مٿان لڳاتار مانسون هوائن جا گهيرا هئا. مينهن ڪاريون واريون ڪيو پئي وٺو. رڪي رڪي اتر کان ٻڪرال ڇهبڪ جيان وڄ ڪائي چمڪاٽ ٿي ڪيا ۽ ڪارونجهر جي اتاهين چوٽين مٿان اوچتو ميٽريل ڪوراڙ بلا جيان چارپ ڪري جهٽ هٽي، هانءُ ڏاريندڙ ڪڙڪي سان، ڪارونجهر جي ڦاڙن ۾ لهي ٿي وئي. ڪارونجهر ۾ زلزلي جهڙو پڙاڏو پئدا ٿيو ٿي ويو. جڻ انگريزن جون توفون ڇٽي ٿي ويون. ننگر پارڪر، سورا چند، اڏيگام، پوڏيسر، راٺپور ۽ اينچلاشور جي وسندين ۾ پري پري تائين خوف جي لهر ڊوڙي ٿي وئي. سمين، سوڍين، سومرين، نڪراڻين، رباڻين ۽ ڪولهياڻين جا هانو جڻ ڦسي به اڌ ٿي پيا هئا. توفن جي ڌهڪايل ٻارڙن کان خوف جا ڊيها ۽ سياڻا ڇڏائي ٿي ويا. نينگرين جا نيڻ ڏس ته نيسارا ڪريو پيا وهن، رت نه نهي ڪنهن مک ۾. ساري ڪارونجهر جي جهروکي جهروکي جهانءِ هئي، چؤنري چؤنري روج هو. مڙساٽي پهر ڪانه بتي هئي، جو کٽي ڏڍ ڏئين. ڪارونجهر جو ذات رٺو، نڪر، ڪوسو، رانوڙ، سمون، سومرو، پرمار ۽ ڪولهي انگريزن جي توفن سان سينو سهائيندي، ڪارونجهر مٿان ڪسجي ويو هو. ڪارونجهر جا ڦاڙ، پٽياٽي ۾ گوڏڙرو وارا گهارا سندن لاشن سان سٽجي ويا هئا. وڏي ويڙهاند کان پوءِ انگريزن جي گوجي اڳواڻن ڪولهياڻين تي رڳو ايترو رحم ڪاڌو جو ڪين ڪارونجهر جي ڦاڙن مان، پنهنجن وارثن جا لاشا کٽي وڃڻ جي اجازت ڏني هئائون. ڪيترن کي پوري ڪيترن کي پورجي؟ ڪنهن لاءِ شمشان ٻاري ڪنهن لاءِ ٻارجي؟ ساڙدرو جي پاڪ پوتر جهرٽي ۾ ڪنهن جي رک لوڙهي، ڪنهن ڪنهن جي لوڙهجي؟ هانو تي هٿ هٽي ڪنهن لاءِ پٽڪارو ڪري ڪنهن لاءِ پٽجي؟ سارو ڪارونجهر لاش ئي لاش هو، رت ئي رت هو. پر الله سائين کي جڻ ٻاجهه پئجي وئي. ڪارونجهر مٿان ڪارا ڪڪر ڪڙڪاٽ ڪندا آيا ۽ مينهن ڪاريون ڪري ڇڏيون. گوڙدرو ۽ پٽياٽيءَ جا آواز ڪارونجهر جي چوٽين کان مٿي، آسمان تائين ٿي ويا. ڪولهياڻين وڏي مڙسي ڪئي. هڪ هڪ ساٿيءَ جو لاش چمي چمي، گوڙدرو ۽ پٽياٽيءَ ڦاڙ ۾ لوڙهي ڇڏيائون ۽ مينهن رت جا درڳ ڌوئي ڇڏيا.

ڪارونجهر ۾ ڪڪر جڻ ڦاسي پيا هئا. ساندهه پنجن ڏينهن کان، آگم اوهيرا ڪندا رهيا. گوڙدرو ۽ پٽياٽي ڪڙڪاٽ ڪيو زوم سان وهنديون رهيون. راتين جو رڪي رڪي هڪ طرف کان ڪارونجهر ۾ ڪڪرن گجگوڙون ٿي ڪيون ته ٻئي طرف کان انگريزن جي توفن جا منهن کلي ٿي ويا. ڇو ته راڻن اجا هار نه مڃي هئي. ڪارونجهر جي ڳجهن ڦاڙن ۽ پورن ۾

اجان هزارين ڪولهي، ڀيل، راڻوڙ، سما ۽ کوسا تکيون تراررون ۽ اونچيون بندوقون کنيو پئي ڦريا. راتين جو رکي رکي، اوچتو ڪارونجهر جي ڳجهن ڦاڙن مان انگريزن جي چوڪين مٿان نهار واري رومڙ تي ڪيائون ۽ انگريزن جا سپاهي ماري، وري ڪارونجهر جي اونهن پورن ۾ گم ٿيو ٿي ويا. ڪارونجهر ۾ نڪاون مٿان نڪاو هئا. ياڻءِ ته ڪکرن گجگوڙ ڪئي آ، يا ڪي توفن جا منهن کليا آهن. ڪٿي وڄ ڪري آ ڪي ڪنهن ڪولهيءَ بند ڇوڙي آ. ٻ ياڻءِ ته ڪارونجهر جي ڪور مٿان مور رڙيو آ، ڪي چوٽين مٿان ڪو جهونجهار جوڌو ڪارونجهر جي چوٽين مٿان ريهه ڪري، هيٺ گوڙذرو جي ڦاڙ ۾ ڪريو آ. ائين ڪولهياڻين، ربارڻين ۽ سوڍين جا من واساما ڪائيندا ڏرندا رهيا. راتاها هٽندڙ ڪولهين، انگريز فوج جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي هئي. خبر ڪانه ٿي پئي ته اڄ ڪارونجهر جي ڪهڙي ڦاڙ مان حملو ڪندا؟ اجا رات پئي ناهي، ڪولهين جي ٻيگهي مچي ويندي هئي. انگريزن جي چوڪين مٿان اوچتو اچي ڪڙڪندا هئا ۽ وسندڙ برسات ۾ گولين جا مينهن وسائيندا، وري ڪارونجهر جي اونداهن پورن ۾ گم ٿي ويندا هئا. رات هجي ڪي ڏينهن، ڪارونجهر ۾ اندر ڪير گهڙي. انگريزن ڪي سڄي هندستان ۾ اهڙي بغاوت ۾ ڪارونجهر پهار جهڙي ڏکي جنگ ڪٿي به لڙڻي نه پئي هئي. ڪيپٽن ٽروٽ تي جڏهن سر چارلس نيپئر جو ڏبنامو آيو، تڏهن جواب ۾ رڳو ايترو لکي موڪليائين: "مون کي افسوس آهي، اسين هتي ماڻهن سان نه بلڪه هڪ خوفناڪ ٻرندڙ آتش فشان پهاڙ سان لڙي رهيا آهيون." ويچاري ڪيپٽن ٽروٽ کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته راڻن ۽ ڪولهين کي ڪهڙيءَ طرح قابو ڪجي؟

هڪ رات جهڙو ئي ڪولهين اوچتو حملو ڪيو ته جوابي حملي ۾ انگريز توفن جا منهن کلي ويا. ڪولهين جا اٺ ڏهه جوان ڦان تي ڪري پيا ۽ هڪ ڪولهيءَ کي جيئرو جهلي وڌائون. هو هڪ زخمي ساٿيءَ کي ڪلهي تي کڻي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته مٿان ٽروٽ جا سپاهي رائفلن سان گهيري ويس. ان ڪولهيءَ پنهنجو نالو روپا ٻڌايو. هن کي هڪدم ننگر پارڪر جي فوجي ڪيمپ ۾ ڪيپٽن ٽروٽ اڳيان پيش ڪيو ويو. ڪيپٽن ٽروٽ نئون سگار دکائي، قيديءَ مٿان نهار وڌي. اهو ڪولهي، هندن جي مقدس ڪتابن واري شري ڪرشن مهاراج وانگي قد جو ڊگهو ۽ ڳوڙهو سانورو هو ۽ ارجن مهاراج وانگي اتل ۽ اڏول ٿي نظر آيو.

"تنهنجو نالو؟" اهو ڪيپٽن ٽروٽ جو پهريون سوال هو.

"روپا."

"تون ڪنهن جي زور تي وڙهي رهيو هئين؟"

"هر ماڻهو پنهنجي طاقتور ٻانهن جي زور تي وڙهندو آهي."
"مونجو مطلب آ، تنهنجو پشت پناهه ۽ اڳوان ڪير آ؟"
"ڪارونجهر جبل."
"تون ڇا لا وڙهي رهيو هئين؟"
"آئون پنهنجي پهاڙ، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙهي رهيو آهيان."
"توکي خبر آ، ان جي سزا ڇاهي؟" ڪيپٽن ڪڙڪ ٽيندي چيو.
"ها – وڌ ۾ وڌ موت."
ڪن لاءِ ڪيپٽن ٽروٽ ماٺ ۾ اچي ويو ۽ تيڏي نظرن سان روپي ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ پوءِ ڪجهه سوچي هلڪو ڪنڌ ڌوڻيندي چيائين:
"روپا، اسين توکي مارڻ نٿا چاهيون. تون اسان کي رڳو راڻي لاڌو سنگهه ۽ ساٿين جو پتو ٻڌائي ڇڏ. تون جيتري چوندين، اسين توکي اوتري جاگير ڏينداسين."
ڪيپٽن ٽروٽ جي ڳالهه تي ڪولهي ڪروڌ ۾ اچي ويو. نڪ جون ناسون ڦندائيندي چيائين:
"هيءَ سڄي ڌرتي منهنجي آهي. تون ڪير ٿيندو آهين مون کي جاگير ڏيڻ وارو؟"
ڪيپٽن ٽروٽ ڇئن سوالن ۾ قيديءَ کي سمجهي ويو. وڌيڪ سوال ڪرڻ بيڪار سمجهندي، سگار جو وڏو ڪش هڻندي، سڄو سگار اتي ئي ڪٽي ايش ٽري ۾ اجهائي موڙي ڇڏيائين ۽ سپاهين کي حڪم ڏنائين ته هن کي بنديخاني ۾ قابو رکو. سپاهي هٿڪڙيون ۽ ٻيڙيون پهريل قيديءَ کي ڪنيي ڪٽي ويا.
ان ڏينهن سپاهي قيديءَ کي سچي ڪرائڻ لاءِ سڄو ڏينهن طرحين طرحين جون سزائون ڏيندا رهيا، پر هن اف به ڪانه ڪئي. هو هر تڪليف ڏند پيڙهي سهي تي ويو. ان رات سپاهين ڪيپٽن جي حڪم سان پوڏيسر جي ڳوٺ مان قيديءَ جي زال کي به وني آيا. هوءِ ننڍي نيٽي عورت هئي، ڇهن ستن مهينن جي گرڀ سان. هن کي ميري ڪاون جڙيل پولڪ ۽ وڏو گهيردار پڙو پهريل هو. شايد مڙس جو ٻڌندي ئي هوءَ مٽي ۾ پيرين اگهاڙي هلي آئي هئي، يا ته سپاهين ڪيس جتي پهرڻ ۽ گندي اوڍڻ جي مهلت ئي ڪانه ڏني هئي. هن جو رنگ، قد بت ۽ مهاندا مڙس سان ايترو ته مليا ٿي، ڄڻ جنم ئي هڪ ٻئي لاءِ ورتو هئائون. هوءَ ذرو به ڊنل ڪانه هئي، البته پريشان ضرور هئي. ڪيپٽن کي سندس پريل پيٽ، غريباڻي عاج جي ٻانهين ۽ سروپا ڏاڍا وڻيا. هن ڏاڍي نماڻائيءَ سان عورت سان ڳالهايو:
"ڊس، اسين تنهنجي مڙس کي مارڻ نٿا گهرون. تون ڪيس پيار سان سمجهاءِ ته انگريز سرڪار سان وفاداري ڪري. اسين توکي ۽ تنهنجي مڙس کي ويراوا جي زمين ۾ انعام

ڊيداسين. اڄ جي رات پلي تون ساڻس گڏ رهه. اوانجي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪو ڪونه ايندو. ٿون پل اندران ڪندو هرين چڄجان."

پوءِ هو ڪولهڻ ڪي باندي خاني ۾ وٺي آيو، جتي سندس مڙس زنجيرن ۾ جڪڙيل هو. بند اندر ايندي ئي ڪولهڻ رتو چاڻ مڙس اڳيان ڪن لاءِ ٻاکو ڦاڙي بيهجي وئي. سندس اٻاڻڪا نيڻ مڙس ۾ کپي ويا، سڄي اهمي ٿي وئي. پاڻ ته اجها ريهه ڪري بيهوش ٿي ڪري پوندي. ڪيپٽن ٽروٽ سيني سپاهين کي اک جي اشاري سان نڪري وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ به ڪولهڻ ۽ قيديءَ مٿان آخري نهار ڦيرائيندو ٻاهر نڪتو.

"روپا...... هي روپا......." ڪولهڻ جو هانءِ ڦسي پيو. نڪو جيل ياد رهيس، نڪي ڪليل در، نه ڪندا نه ڳڙڪيون. ڊوڙي ڊيڪو ڪري وڃي مڙس کي ٻک وڌائين ۽ ٽاڙهون ڏئي روئڻ لڳي. "هي روپا..... هي روڻيا...... هي مهندرا....."

"چو آئي آهين؟" زنجيرن ۾ جڪڙيل رتو چاڻ روپئي ڏانهس ڪنڌ جهڪائي نهارڻ ڪان سواءِ چيو.

"روپا، توکي آخري ڀيرو ڏسڻ ائي آهيان. مٿان موتان ڪارونجهر جون ڪولهاڻيون ڪلائين، مٿان سڄي ڪرين، نه ته پوءِ مان به ڦري ويندي سانءِ. پيٽ تي هٿ هڻي چونديس ته هي ٻار روپلي جو نه، ٻئي ڪنهن جو آهي. روپا، مٿان سڄي ڪرين!" ڪولهڻ مڙس جي ويڪري ڇاتيءَ ۾ منهن وجهيو، ڊڪون پريو روئيندي رهي. روپي ڀهريون ڀيرو ڪنڌ ڪڻي زال ڏي نهاريو. سندس پنين وارن ڏانهن، عاج جي ٻانهينءَ ڏانهن، اپريل ڇاتين ۽ پيٽ ڏانهن. سندس رت رتول مک مرڪي پيو. ڪولهڻ باندي مڙس کي ٻک وجهيو چمندي، چٽيندي، روئندي رهي. ڪيپٽن ٽروٽ ڪن لاءِ بيٺو ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ هن پنهنجي هٿن سان بندي خاني جو در ٻيڪڙيو ۽ وڏا وڏا قدم ڪڻندو پنهنجي آفيس ڏانهن هليو ويو.

صبح جا ڀهريان ڪرڻا ڪارونجهر جي سؤ رنگ چوٽين سان ٽڪرائيندا، ساري پونءِ کي روشن ڪندا ويا. ڪارونجهر جي چوٽين ۾ ڪڪر، آتش فشان جي دونهين وانگر ڦاٿل هئا. جيئن شينهن سان کي ستي، ٻنڌ هڻي سڄو رت ست چوسڻ ڪان پوءِ وات ڪڍندو آهي، تيئن ڪارونجهر به ڪڪر جو پورو ست نچوڙي، ڪيس ڪوڪلو ڪري پوءِ ڇڏيندو آهي. ان ويل به ڪارونجهر جي چوٽين ۾ ڪڪرن سان اها ئي ڪار هئي. هر ڪڪر پنهنجو سمورو پاڻي پٽياڻيءَ ۽ گوڙدرو جي پيٽا چاڙهيو ننگر پارڪر مٿان چٺاڪا چٺاڪا ٿمندو ڦٽڪندو ٿي ويو. مينهن ڪان پوءِ ڪارونجهر جو ڳاڙهو، هيڊو، سائو، نيرو، ڪارو، پورو، ناسي، سنگ مرمر، مور پک ڪان به سهڻو ۽ پرڪشش لڳندو آهي. هر من کي موهي ڇڏيندو آهي. ان ويل، ڪيپٽن

ثروت جو من به پهار ڪجهه ائين ئي موهي ڇڏيو هو. ايڏو خوبصورت پهاڙ ته هن پوري يورپ ۾ ڪٿي نه ڏٺو هو. هن کي الائي ڇا ياد پيو. هن پنهنجي ڪوٽ جي ڪيسي مان چمڙي جي جلد وارو نوٽ بوڪ ڪڍي، ڪجهه لکيو: "جيڪڏهن ڌرتيءَ تي ڪا جنت آهي ته اهو فقط ڪارونجهر پهاڙ آهي ۽ جي ڪٿي ڪا دوزخ آهي ته اهو به فقط ڪارونجهر پهاڙ ئي آهي ۽ مون کي سندس ٻنهين روپن سان پيار آهي. مون کي جي انهيءَ پهار کان جدا ڪيو ويو ته يقينن آئون خوش نه رهندس."
ڪيپٽن ثروت اجان ريزيڊنسي هائوس جي خوبصورت آڳنڊ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو ڪارونجهر جو من موهيندر نظارو ڏسي رهيو هو، جو سپاهي ڪولهڻ کي وٺي آيا. ثروت گهريءَ گهور سان ڪولهڻ ۾ نهاريندي، هلڪو ڪنڌ ڌوڻي ڪولهڻ کي سلام ڪيو.
"ڊاڻ ٿنهنجي ۽ ٿنهنجي مڙس جي وچ ۾ ڪيري ڳال ٻول هلي؟ ٿو ڪيس سمجهايو؟"
ڪولهڻ ثروت ڏانهن اک کڻي نهاري به ڪين، ڪنڌ پاسيرو ڪيو ڪروڌ مان ٻيڻي ڇپائين: "تو واريون ڳالهيون مون کي زاد ئي ڪونه پيون. مون کي وسري ويون، ڪي الائي مون ٻڌيون ئي ڪين هيون!" ڪولهڻ ثروت کي حيران پريشان ڪندي، لوهه پائي، هيٺ لاهه:ءَ ڏانهن تکي وڌي، پر اٺ ڏهه پير پري اوچتو بيهي وئي ۽ ڏاڍي ڪروڌ مان نڪ جون ناسون ڦندائي، ثروت ڏي نهارڻ لڳي:
"گورا، تون پل اسان جا مڙس مارائي ڇڏ! آئون به ڏسنديس ته ڪارونجهر ۾ گهٽا ڏانهن تو جج ڪرين؟ ڪولهياڻين جا پيٽ اجا سڪا ڪونهن. ڪٿي حلال ڪين حرامي ڦر ڄڻي اوانکي مارائي نه وجهون. اهي ياڙيا لاڌو سنگهه ۽ روپا هئا، جن کان منگهواڻن جي چوڙن ۾ لکي پاڻ کي بچائي ويو هئين. اسان جا ٻار توکي نرڳ ۾ به ڪونه ڇڏيندا. شاهه بيگڙي وانگي پڄي وڃ گورا، پڄي وڃ، مري ويندين."
ثروت دنگ رهجي ويو. ڪولهڻ ڇوهه ڇنڊبيندي، پريل پيٽ سان پڙو لمڪائيندي، هيٺ لهي، پوڏيسر ڏانهن سٽيندي ٿي وئي.
قيديءَ کي اونڌو ڪري چيلهه ۾ ڇها وهايا ويا. آڪيڙا چاڙهيا ويا، پر هن ڪجهه ڪونه ٻڌايو. رات جو ڪيس بند جي لوهي دروازي سان شيخ ڪري ٻڌيو ويو. سندس ڳچيءَ ۾ تکن سوئن وارو ڦندو شيخن سان ڪشي ٻڌيو ويو، جيئن هو هڪ سوٽ به چري پري نه سگهي ۽ سندس تارونءَ تان وارن جي چتي لاهي، سندس تارونءَ تي ميڻ ٻتي ڪوڙي وئي ۽ جيئن جيئن ميڻ ٻتيءَ جي وٽ ميڻ ڳاريندي هيٺ لهندي ٿي وئي، ڪولهيءَ جو ٿامي جهڙو بت پگهرجندو ٿي ويو، پر اهڙو ڪڇي جهڙي پت! پر ڪيپٽن ثروت شايد ڪيس وڌيڪ ايذاءُ ڏيڻ نه پئي گهريو:

"منهنجي خيال ۾ تنهنجي زال جي پيٽ ۾ تنهنجو اهو پهريون ٻار آهي؟"
"ڇا توکي پنهنجي ننڍي ٻار ڏسڻ جي تمنا ڪانهي؟"
"غلام ٻار کي ڏسي ڇا ڪندس، ڪهڙي خوشي ٿيندي؟"
"ها - " قيديءَ ٻڏل آواز سان وراڻيو.
"ڇا تون راڻي لاڏو سنگهه جو غلام نه هئين؟"
"نه، جي مان محسوس ڪريان ها ته لاڏو سنگهه جو غلام آهيان ته مان ان کي به گوليءَ مان ڪڍان ها." ڪيپٽن ثروت ته نهيو، پر سپاهي به وائڙا بينا قيديءَ ۾ نهاريندا رهيا. پل پل ميڻ جي وٽ ڳرندي قيديءَ جي تارونءَ سان اچي لڳي هئي. قيديءَ جي مک ۾ سڄي بت مان پگهر نيسارا ڪريو پئي نڪتو. اوچتو ڪيپٽن ڪان رڙ نڪري وئي:
"تون مانهون آهين يا جن! ڇا تون تڪليف نه پيو محسوس ڪرين؟"
"قيديءَ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. ڏند ڏندن سان، چپ چپن سان ۽ اکين جا ڇپر اکين سان پچي ويا. شيخ ٿي ويو. دل ڏاريندڙ رڙ ڪري چيائين:
"تڪليف...... تڪليف....... الائي ڇا ٿيندي آهي تڪليف.....؟" الاهي قيدي جي سهڻ جي طاقت ڇڏائي وئي هئي يا جيئڻ جي، هن جي ٿامي جهڙي وگهرندر طاقتور ڏڙ، زور سان ڏڏڙي پري ڦٽڪو ڪاڏو، ڳاٽ چرڻ سان سوئا ڳچيءَ ۾ ويهي ويس. سندس هٿن پيرن جون زنجيرون زور سان ڪڙڪيون ۽ قيديءَ جو پگهر ۾ رت هڪ ٿي ويا. ڪيپٽن ثروت وني ڊوڙ وڌي. ميڻ جي وٽ، قيديءَ جو تارون وني ڇڏيو هو. هو شيخ ٿي ٿڌو ٿي ويو هو. ثروت جي هانو ۾ ڇڻ ٻٽيچي ڪپي وئي. وات مان رڳو ايترو اڪليس: "مون کي..... مون کي....... ڪهڙي خبر ته هي ڪو ايترو جهٽ......."
جڏهن ثروت بندي خاني مان ٻاهر نڪتو ته سڄو ڪارونجهر پڙاڏا پڙاڏا هو. خبر نٿي پئي ته ڪکرن گجگوڙ ڪئي آ يا توبن جا منهن کليا آهن؟ وڄ چمي آ يا ڪولهين جي بندوقن جا ڇيرا اڏاٽا آهن؟ سڄو ڪارونجهر دونهان دونهان، آڳ آڳ لڳو پيو هو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ثروت کي احساس ٿيو ته ڪابه ڌاري قوم پرائي ڌرتيءَ تي وڌ ۾ وڌ پنجويهه سال قبضو ڪري سگهي ٿي، پر ڪارونجهر شايد ڪين ٻارهن سالن ڪان به اڳي خالي ڪرڻو پوي.

اسين ماڻهو

هو تکو ڪونه هلي سگهندو هو. هن جي ڪاٻي ٽنگ يا ته ڪچيءَ کان ڏڏ مان نڪتل هئي، يا شايد چندٻ گرهڻ هيس. پر مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته هن جي ٽنگ ۾ مڙئي ڪو ڦير هو، جو سندس هلڻ جي لوڏ مان پيو لڳائيندو هو. سدائين جهڙو ٽڪل ٽڪل، اداس اداس، بيمارن وانگي، ڏس ته قياس پيو اچي.

هو اسان جي گڏبس آفيس ۾ سيل مئن (Sealman) هو. عمر ڪا ٢٠-٢١ سان هونديس. اڀوجهه چهرو، ننڍو قد، ٻُت ۾ سڪل ۽ سنهڙو – پري کان ڏس ته جهڙو چوڏهن سالن جو ڇوڪرو پيو اچي. سڄو ڏينهن پيو گڏهن وانگر وهندو هو ۽ چڙٻون ۽ گاريون ڪائيندو هو.

اڙي او نظامو ڪڏي بچڙا! جا، ايڪ آنڌ ڪا برف لڍ آ. اڙي او سيل مئن! ڪٽاڻ مر گيا؟ يه پئسڍ لو، فٽ سڍ دو لفافڍ لڍ آ."

اسان جي آفيس ۾ ٻيو ڪوبه چپراسي ڪونه هو، تنهن ڪري سڀ ڪم هن کي ئي ڪرڻو پوندو هو. هڪ ڪم مان جند آجي ٿيندي هيس ته ٻئي ڪم سان پڳو ويندو هو.

"ابڍ او حرامي، ڪٽان مر گيا تها؟ جا يه ميمو دڍ آ. "سي . ٽي . او" ڪو، ايڪ "وائڊ . ايف . او" ڪو اور واپسي ميڻ ميرا کهانا ليتڍ آنا. ابڍ او مردود، يه ڪيسڍ چلتا ٹڍ؟ جلدي جا. سالا ايڪ ميمو دينڍ ميڻ سارا دن لگا ديتا ٹڍ."

برسات پئجي رهي هجي، آسمان مان باهه وسي رهي هجي يا پلي طوفان برپا هجي، هو سڄو ڏينهن پيو يارڊ ۾ لنگڙ – لنگڙ ڪري هلندو ۽ گاڏن ۾ ليبلون ٻڌي سيل ڪندو رهندو هو. تان جو رات جا ڏهه – يارهن وڄي ويندا هئس.

مون ڪئين دفعا هن کي سندس ميرو ٽوال (جنهن سان هو ڏينهن ٽتي مهل پنهنجو منهو ڍڪيندو هو) پيٽ تي سندرو ناهي ٻڌل ڏٺو هو. جي ڪٽي پڇ ته اڙي هي پيٽ سان ٽوال ڇو ٻڌو اٿئي؟ ته چوندو هو: "ايسڍ ٹي پيٹ ميڻ تڪليف ٹڍ." ڪڏهن ڪڏهن ته سڄو ڏينهن پيو پيٽ جي سور سان وٺبو هو. الائي ڪهڙي بيماري لڳي هيس جو ڏينهون ڏينهن ويو ٿي لڙهندو.

مون سان مڙئي ياراڻي هيس، سو جڏهن ڪا ڳالهه پڇڻي هوندي هيس يا گهر کان آيل چڻي چپاتي پڙهائڻي هوندي هيس ته ٻين کي ڇڏي، منهنجو پاسو اچي وٺندو هو. آفيس جي معاملن

۾ به مون سان ڪلندو هو. ڪابه ڳالهه دل ۾ هونديس ته ڦري گهري اچي مون سان اوريندو هو.
"بابو جي! يه ريلڊ اوور ٽائيم ڪيوڻ نهيڻ ديتڊ ٽيڻ؟ ديکهو نا، صبح آٺه بجڊ آتا ٽوڻ، رات ڪڊ گياره بجڊ جاتا ٽوڻ!" يا چوندو هو: "ڀهائي! يه ڪهکهه آئوٽ ڪڊ ڪيا معنيٰ ٽوتي ٽڊ؟ ٻڙا صاحب جب ڀهي مجهه سڊ ناراج ٽوتا ٽڊ، ڪهتا ٽڊ ڪهکهه آئوٽ ڪردونگا." ڪڏهن ڪڏهن هو اهڙا سوال ڪندو هو جو مون کي ڪل اچي ويندي هئي ۽ ائين به ٿيندو هو جو هن جي ڪيترن سوالن جا جواب نه ڏئي سگهندو هوس.
هڪڙي ڏينهن هو مون کي ڏاڍو خوش نظر آيو. انهيءَ ڏينهن پگهار جو ڏينهن هو. الائي ڪنهن اها ڳالهه مٿي ۾ ويهاري ڇڏي هيس ته پگهار وڌي ويو آهي، سو ڏاڍو پئي ٽڙيو. چئي: "ڀهائي! آج تو فلم ديکهيڻ گڊ! سنا ٽڊ "ٽئڪسي ڊرائيور" ٻڙي اڇهي فلم ٽڊ." ۽ ڪجهه دير ڪان پوءِ جڏهن پگهار وٺي آيو ته ڄڻ هٽ وڃائي آيو هو. الائي ڪهڙن وسوسن ۾ پئي گهوتا ڪاڏائين. "ڀهائي! يه ميرڊ دو روپئڊ ڪيوڻ ڪاٽ ديئڊ؟ ميري تو سب حاجريان تهيڻ." مون کيس ٻڌايو ته ٻن مهينن کان جو واشنگ الائونس ملي رهيو هو، سو به ڪاٽي ورتو اٿن، پر هن ويچاري کي ڪهڙي خبر ته واشنگ الائونس ڪهڙيءَ بلا جو نالو آهي؟
آفيس ۾ سڀني جو خيال هو ته هن کي ٽي . بي لڳل آهي، تنهن ڪري آفيس جي مٽ مان پاڻي پيئڻ جي ڪيس منع ٿيل هئي، پر مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته هن کي ٽي . بي يا اهڙي قسم جي ڪابه ٻي بيماري لڳل ڪانه هئي. مان ئي ڇا، سڀني کي خبر هئي ته هن کي ڪهڙي بيماري لڳل هئي ۽ سندس بيماريءَ جو علاج ڇا هو؟ پر اسان ڪڏهن به انهيءَ باري ۾ غور نه ڪيو هو ۽ اسين سڀئي هن کي ڏس ڏيندا هئاسين ته ڪنهن سٺي ڊاڪٽر سان علاج ڪراءِ، نه ته مري ويندين ۽ اها حقيقت آهي ته جڏهن به آئون هن جي پيٽ تي ميرو ٽوال ڏسندو هوس ته مون کي به هن جي صورت ڪان پيو خوف لڳندو هو. ڊپ اهو ٿيندو هوم ته متان پئسا نه گهري، ڇو جو مون ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪان به اهڙي قسم جي حجت نه ڪندو هو. "ڀهائي! آج تو ٻڙڊ جور ڪي ڀهوکهه لگ رٽي ٽڊ! چار آنڊ دڊ دو، تنڪا ڪڊ روج دڊ دوڻ گا." هو اهڙي ته مسڪين ۽ معصوم صورت بنائي ائين چوندو هو جو ڪاوڙ جي بجاءِ هن تي رحم اچي ويندو هو ۽ اهي پئسا هو پگهار جي ڏينهن ضرور موٽائي ڏيندو هو.
هڪڙي ڏينهن اسان جي آفيس جو عملو جمعي جي نماز پڙهڻ ويو ۽ اسين ٻئي آفيس ۾ اڪيلا ويٺا هئاسين. مون کي ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪونه هو، سو آفيس جي بينچ تي مزي سان ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو، سگريٽ جا سوٽا پئي هنيم ۽ اخبار به پئي پڙهيم. هن پنهنجي منهن

ويني ٻلتين جي ڪتاب تي نپا هنيا ۽ شوڪارا پريا. مون صحيح ڪيو ته اڄ ڪا ڄڻ تي اٿس، پر منهنجي لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي. ڀلا ڪهڙو ڏينهن خالي هو جو هن سان ڄڻ نه ٿي هجي؟ هن پاڻيهي پڙڪو ڪاڊو:

"بهائي! اب تو اس نوڪري سي جي ڪهتا ٿوگيا ٿي. آج پهر بڙي صاحب ني چارج چهيٽ دي ديا ٿي. بهلا ميڻ ڪوئي پڙها لکها ٿوڻ جو روج روج بيٺها چارج چهيٽ ڪا جواب لکهوڻ!"

"ڪس بات ڪا چارج چهيٽ ٿي؟" مون پڇيو.

"آج بڙي بابو ني مجهي روئي ڪي بوروڻ ميڻ سوتي ديکهه ليا. ديکهو نا، بهائي ميڻ بهي انسان ٿوڻ – صبح آٺهه بجي ڪام پر آتا ٿوڻ، رات ڪو دس – دس، گياره گياره بجي جاتا ٿوڻ. تم اپني ايمان سي ڪٿو، ڪبهي يه لوگ مجهي چين سي بيٺهني ديتي ٿيڻ؟ اور تو اور، آتبار ڪي روج بهي ڪام په آنا پڙتا ٿي. پهر بهي اگر ڪسي روج تهوڙا دير سي آجائوڻ تو يه لوگ ٽجار باتيڻ سناتي ٿيڻ اور چارج چهيٽ تهما ديتي ٿيڻ – سچ، ميڻ تو روج روج ڪي جهگڙي سي تنگ آگيا ٿوڻ – سوچتا ٿوڻ نوڪري چهوڙ دوڻ."

"اور ڪيا ڪرو گي؟"

هن منهنجي ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو. الائي ڪهڙيءَ سوچ ۾ ٻڏي ويو هو. مان سندس گهريلو حالتن کان واقف هوس. مان ئي سندس گهران آيل خط ڪيس پڙهي ٻڌائيندو هوس. مون ڪيس چيو: "پگلي! ايسا خيال ڪبهي دل ميڻ نه لانا. نوڪري بڙي مشڪل سي ملتي ٿي اور پهر تم اڪيلي تو نهيڻ ٿو، تمهاري پيڇهي پوري سات افراد ڪهاني والي ٿيڻ، ان ڪا ڪيا ٿوگا؟"

"پهر يه لوگ مجهي چين سي ڪيوڻ نهيڻ رٿني ديتي؟"

"بهائي، تم نٿيڻ جانتي، ميڻ پٽلي ٿي ڪتنا دکهي ٿوڻ!"

هن پنهنجو ڪنڌ ميز تي جهڪائي، منهن تي ٻانهن ڏيئي ڇڏي. هن ڳوڙها ڪونه ٿي ويا، هن سڏڪا ڪونه ٿي پريا، پر هو روئي رهيو هو. هو ائين ئي روئندو هو – سدائين پيو روئندو هو.

تنهن کان ٻئي ڏينهن هڪ ضروري ڪم سان مون کي حيدرآباد وڃڻو پيو ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن آئون صبح سوير آفيس پهتس ته نظاموءَ جي جڳهه تي هڪ ٻئي ڇوڪري کي آفيس جون ميزون ڪرسيون صفا ڪندي ڏٺم. مون سوچيو ڪو نول پنگي آهي، ٻهاري ڏيڻ سان گڏ آفيس جون ميزون ڪرسيون جهاڙڻ به پنهنجي ديوٽي سمجهي ٿو. سو، ڏوڙ کان بچڻ لاءِ آئون آفيس کان ٻاهران ٽيلار ڪرڻ لڳس.

اها مون کي پوءِ خبر پئي ته نظاموءَ کي ڊسچارج ڪيو ويو آهي. هن ڪنهن واپاريءَ کان سيل لڳائڻ جا پئسا گهريا هئي ۽ هن جون ٻيون به گهڻيون ئي شڪايتون هيون، تنهن ڪري کيس نوڪريءَ کان خارج ڪيو ويو هو.
جڏهن مون افسوس جو اظهار ڪيو ته اسان جو هڪ بابو صاحب ڪاوڙجي چيو. چئي: "ارڊ تم نٽيڻ جانتڊ وه سالا ڪتنا حرامي ٽوگيا تها. مياڻ، وه هم تم سڊ زياده ڪما ليتا تها. خدا ڪي قسم! سيل لگانڊ ڪڊ لئڊ ايک روپئڊ سڊ ڪم نٽيڻ ليتا تها!"
مون چيو: "ڪهاڻ يار! وه بيچاره تو سارا دن بهوڪا مرتا تها."
انهيءَ تي منهنجي هڪ ٻئي ساٿيءَ بل ڪاڍو:
"ارڊ تمٽيڻ ڪيا معلوم! وه تو سالا ميري لوڊنگ ڪڊ پيسڊ بهي ڪها جاتا تها. جو نيا بيوپاري آتا، اس سڊ ڪٽتا پئسڊ نڪالو تو تيرا مال جلدي گاڙي ميڻ بهجوا دوڻ گا. جبهي تو مبين سالڊ سڊ جلتا تها. سالا حرامي، ڪمذات."
اتي اسان جي هڪ پنجابي بابوءَ کان به نه رهيو ٿيو. هڪدم چيائين: "اجي، اس دي گل کي کردڊ ٹو. او تڊ ساڊا بهي باپ بنگيا سي! مينوڻ ڪٹدا سي، بابو جي! تسي اتنڊ پئسڊ ڪمانڊڊ ٹو، ڪدي سانون بهي چائڊ پاني ڪرانيڻ! ميڻ سالڊ دڊ مون تڊ چٹاخ سڊ چاٹا ماريا تڊ سالڊ دا مون ئي لال ٹوگيا. سور دي اولاد!"
انهيءَ ڳالهه تي ٺهڪڙو مچي ويو. سيني نظاموءَ کي گاريون ڏئي پيئي خار ڪڍيا.
وري هو مون کي ڪڏهن به ڏسڻ ۾ نه آيو. ها، سندس وڃڻ کان پوءِ جلد ئي هن جو هڪڙو خط مون کي مليو، جو اجا تائين مون وٽ رکيو آهي. جوندا آهن ته پرائو خط پڙهڻ اخلاقي جرم آهي، پر مان توهان کان لڪايان نٿو. هن جو خط مون پڙهيو آهي. هونئن به، هن جا خط مان ئي کيس پڙهي ٻڌائيندو هوس. شايد انهيءَ ڪري هن جو خط پڙهندي منهنجي ضمير مون کي ڪا ملامت نه ڪئي. اهو خط مان توهان کي به ٻڌائڻ چاهيان ٿو. گهٻرائڻ جي ڪا ڳالهه ڪانهي. مان توهان کي يقين ڏياريان ٿو ته انهيءَ خط ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي، جنهن کي توهان جو ضمير ٻڌڻ لاءِ آماده نه ٿئي. هي هڪ ماءُ جي ڏنگن ڦڏن اکرن سان لکيل، هڪ سڌو سادو خط آهي - اسان جي ملڪ جي ڪروڙن انسانن جي هڪ درد ڀري ڪهاڻي آهي، جنهن کي اسين چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا. پر انهيءَ باري ۾ ڪڏهن به غور نٿا ڪريون. نظاموءَ ڏانهن سندس ماءُ جي لکيل انهيءَ خط جي عبارت ڪجهه هن طرح آهي:
"نور چشم نظام الدين، خدا توکي سلامت رکي!

هن کان اڳ به هڪ خط توکي موڪلي چڪي آهيان، پر تو انهيءَ جو ڪوبه جواب نه ڏنو. هتي آئون سخت پريشان آهيان. تنهنجي ننڍڙي ڀاءَ جي طبيعت سخت خراب آهي، مدي جو بخار تي پيو اٿس. ڊاڪٽر چوي ٿو ته سيون لڳنديون، نه ته...... مڪنهنجو ته هينئون ٿو ڦاٽي! منا پٽ، ڪيئن به ڪري، اڌارا سڌارا وٺي ويهه رپيا موڪل. بيماري جدا ته گھر جو وري هي حال آهي جو شام لاءِ اٽو به ڪونهي. دڪان واري اڌاري ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي. ڀيو ته هن واري مڙئي ڪفايت سان هٿ هلائجانءِ. رڳو دڪان واري جا ئي پنجيتاليهه روپيا تي ويا آهن. تنهن کان سواءِ ڀي گھٽيئي ڏيٽي – وٺٽي آهي. تنهنجي وڏيءَ ڀيڻ جو چولو صفا ڦاٽي ليڙون تي ويو آهي، هن کي ڏسي ته منهنجو اندر ٿو ڪامي. تنهنجي چاچي به مون سان مائٽي ڇني وجي ڏارين سان ناتو ڳنڍيو آهي. ڀلا پاڻ غريبن جي نياڻي ڪين ڪيئن پسند ايندي! ڀيو ته اڳئين خط ۾ تو لکيو هو ته تنهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي. انهيءَ ڏينهن کان منهنجو سک ڦٽي ويو آهي. منا پٽ، اڄڪلهه جي بيماري تمام خطرناڪ آهي. پنهنجي دوا دارونءَ جو خيال رکجانءِ ۽ توکي ڏٺي ڏاڍا ڏينهن ٿي ويا آهن، جو جيڪڏهن پگھار نه ڪٽجي ته ڪڏهن اچي منهن ڏيکاري وڃ. هاڻي تنهنجي لاءِ روح ڏاڍو ٿو سٽون ڪائي. پنهنجي صحت جي باري ۾ ضرور لکجانءِ ته منهنجيءَ دل کي ڏڍ ٿئي. ڀيو هي ته توکي ڪوارٽر ڪڏهن ملندو؟ مٽينءَ ڳالهه جو خيال رکجانءِ ۽ هن خط کي تار سمجهي، ويهه رپيا ڪيئن به ڪري موڪلجانءِ. خدا تنهنجي روزگار ۾ برڪت وجھندو. – فقط تنهنجي ماءُ......"

چنڊ ۽ ماني

تڏھن مان تمام ننڍڙو ھوس. مون کي اڄ به چٽيءَ طرح ياد آھي، ھڪ ڏينھن منھنجي ماءُ ڏاڍي پريشان ھئي. مان صبح کان بکايل ھئس. اسان جي گھر جو سمورو راشن کٽي ويو ھو. صبح جو امان مون کي ھڪ پاروٿو مانيءَ جو ٽڪر ٻڪريءَ جي ٻاڙي کير سان ڏنو ھو ۽ مٿان اچي شام پئي ھئي. منھنجي پيٽ ۾ بک کان وڏ پئجي رھيا ھئا. امان مون کي پاڙي واريءَ ڏانھن اڌاري اٽي لاءِ موڪليو ھو، پر اتان به جواب مليو ھو. امان سڄو ڏينھن پنھنجين مٺڙين ۽ لطيف ڳالھين سان منھنجي دل وندرائيندي رھي، جن سان ٿوريءَ دير لاءِ منھنجي بک جو احساس ڪجھه گھٽجي ويو. پر ڪڏھن ڳالھين سان به پيٽ ڀرجي سگھيو آھي؟ چاھي انھن ۾ ماکيءَ جي ميٺ ھجي يا ڪيترين ئي لطيف ھجن، انھن سان پيٽ نٿو ڀري سگھجي. پيٽ جي دوزخ کي ڀرڻ لاءِ ته صرف ماني درڪار آھي، صرف ماني. جا منھنجي ماءُ وٽ نه ھئي. منھنجي بک رکي رکي اوچتو شدت اختيار ڪري ٿي وئي. جن اوچتو ڪنھن دھل تي ڏونڪو ھڻي ٿي ڇڏيو. منھنجي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ٿي ويو. نيٺ مان رھي نه سگھيس ۽ ماءُ جي چولي سان چنبڙي پنھنجي دل جو حال اوريم. "امان مون کي بک لڳي آھي." امان منھنجي وارن تي ھٿ ڦيريو ۽ چيائين: "مران شال، ھاڻ ڇا ڪيان؟ دڪان واري به اڌار ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آھي." امان پنھنجي پريشانيءَ کي لڪائيندي مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رھي ھئي. اوچتو ھن ڪجھه سوچيندي چيو: "ھلي آ پٽ ته پنھنجو گھر ڳوليون، شايد ڪٿي پئسا رکي ڀلجي وئي ھجان." پوءِ ته بس – مون ۽ امان سڄو گھر ڦٽوڙي ڇڏيو. ڪٻٽ، جارا، پيٽيون، ھڪ ھڪ ڪري اٿلائي ڏٺاسين، پر ڪٿان ھڪ پائي به نه ملي. امان ٿڪجي اچي موڙي تي ويٺي ۽ مان به سندس سامھون اچي کٽ تي ليٽي پيس. اوچتو امان کي ڪا ڳالھه ياد آئي ۽ چوڻ لڳي: "اڙي! ھڪڙي جڳھه ته پاڻ ڀلجي وياسين! وھنجڻ جي ڪمري جو جارو ته پاڻ ڏٺو ئي ڪونه!" پوءِ ته مون ونئي امان جي پنيان ڊوڙ پاتي، جڻ اتي روپين جو مينھن وسي رھيو ھجي. امان جلديءَ سان جاري ڏانھن ھٿ ڊگھيريو. خوشيءَ کان ھن جي وات مان رڙ نڪري وئي. جڻ ھن کي قارون جو خزانو ملي ويو ھجي. "ملي ويا." مون تيزيءَ سان امان کان پئسا ڦرڻ لاءِ ھٿ وڌايا، پر امان مون کي روڪي ڇڏيو ۽ چيائين: "نه پائي، ائين نه، پھرين ٻڌاءِ گھڻا پئسا آھن منھنجي مٺ ۾؟" اھي پئسا امان اڄا پاڻ به نه ڏٺا ھئا. "روپيو." مون خوشيءَ مان رڙ ڪئي.

"غلط"

"اڻ آنه."

"نه"

"پلا ٻه آنه."

"نه" ۽ جيئن جيئن انهن پئسن کي ڏسڻ لاءِ منهنجي بيچيني وڌندي ٿي وئي، تيئن تيئن منهنجو واڪ گهٽبو ٿي ويو.

"آنو." مون آخري واڪ ڏنو. امان هڪدم پنهنجي مٺ کولي ڇڏي. اسان ٻنهي ماءُ پٽن جي واتان رڙ نڪري وئي، "چار آنه."

پر ٻئي لمحي اسان جو آواز ڪمري ۾ هڪ اداس پڙاڏو ڇڏي ٻڏي ويو. اسان ٻنهي ماءُ پٽن جون اکيون قاتل رهجي ويون. اها پائلي ڪوڙي هئي. ڪٽيل زنگ آلود، پر منهنجي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. چيم، "امان! هلي ويندي، آچر جي ماءُ انڌي آهي. شام جو دڪان تي اها ئي وهندي آهي. انهيءَ کي ڏيندس."

"هشت ڪنا ڇوڪرا." امان ڪاوڙ مان چيو: "اسڪولي ٻار ٿي اهو نيچ خيال تنهنجي دل ۾ ڪيئن آيو؟ ڇا توکي خبر نه آهي ته ڪنهن کي دوکو ڏيڻ گناهه آهي؟" مان ڦڪو ٿي ويس. امان ٻانهن جي پوري طاقت سان اها پائلي ٻاهر اڇلائي ڇڏي.

مان وري اچي کٽ تي ليٽيس. امان ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل هئي. هوءَ ڪمري ۾ هڪ پٽ کان ٻي پٽ تائين اچ وڃ ڪري رهي هئي. جيئن اسان جو ماستر حساب ڏين مهل ڪلاس ۾ اچ وڃ ڪندو هو. امان جي چهري تي هڪ عجيب تاثر هو. ڄڻ هوءَ ڪو وڏو مسئلو حل ڪري رهي هجي. هن جا قدم ڪڏهن تيز ٿي ٿي ويا ته ڪڏهن آهستي. اوچتو امان ڪنهن جو آواز ڪنائيندي ٻيهي رهي ۽ چيائين: "وڃ پٽ! انهيءَ گهورڙئي کي وٺي آ." مون ڪنايو ـــــ اهو آواز پراڻا ٿامي ۽ پتل جا ٿانو وٺڻ واري گهورڙئي جو هو. مون ڪيس وٺي آڻي گهر جي دروازي تي ٻيهاريو.

"پائي! هن وٽي جا گهڻا پئسا ڏيندين؟" امان در جي اوٽ مان وٽي وارو هٿ ٻاهر ڪڍي چيو. گهورڙئي جواب ڏنو: "اڻ آنه." امان هڪدم چيو: "پائي! ڪجهه خيال ته ڪر ـــــ نئون ڪورو وٽو آهي." گهورڙئي وٽو موٽائي، پنهنجو گاڏو وڌائيندي چيو: "مائي، اڄڪلهه مهانگائيءَ جو زمانو آهي. ٿامي، پتل کي ڪير ٿو پڇي؟" امان ڪجهه دير ته منجهي ٻيهي رهي. پوءِ مون ڏانهن غور سان نهاري پيار سان مٿي تان هٿ گهمائي چيائين: "ڊوڙ پٽ، انهيءَ گهورڙئي کي وٽو ڏئي اڻ آنه وٺي دڪان تان اٽو وٺي اچ ته توکي ماني پچائي ڏيان."

ٻئي لمحي منهنجي هٿ جي تري تي هڪ آڌي ستاري وانگر چمڪي رهي هئي. مان پوريءَ طاقت سان مٺ ڀيڙي دڪان ڏانهن ڊوڙيس. اجان مان دڪان پهتو ئي مس هئس ته آچر دڪان بند ڪري رهيو هو.

"سير اٽو ڏي." مون هٿ واري آڌي وڌائي کيس چيو.

"پٺهين پئسا موڪليا آهن ڇا؟"

"ها." منهنجي وات مان نڪري ويو. آچر يڪدم منهنجي هٿ مان آڌي وٺي چيو: "وڃ! پهرين گهران منهنجا پئسا وٺي اچ، پوءِ اچي اٽو وٺ." مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. مون ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، پر منهنجي چپن تي ڄڻ مهر لڳي وئي هئي. مان لاچار خالي هٿين موٽي آيس.

امان منهنجو لٿل منهن ۽ خالي هٿ ڏسي گهٻرائجي پڇيو: "ڇو پٽ! اٽو ڪٿي آهي؟ پئسا ڪري پيا ڇا؟"

"نه، آچر ڦري ورتا." مون روئڻهارڪو ٿي چيو.

"اڙي انهيءَ ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. هن جا ته اجان پاڻ ڏانهن پئسا آهن."

"امان مون کي بک لڳي آهي." مون ڳوڙها روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"بس ڳالهه به ايتري. هلي آ ته پنهنجي پٽ کي بوندي ڏيان."

"بوندي ڪٿان آئي؟"

امان چيو: "پٽ! سليم کي ياءُ ڄائو آهي، انهن ورهائي آهي."

پوءِ امان هڪ ساسر ۾ بوندي رکي ۽ گلاس ۾ ٻڪريءَ جو کير وجهي منهنجي اڳيان آڻي رکيو، پر اها ٿورڙي بوندي ۽ کير منهنجي سڄي ڏينهن جي بک اجهائڻ لاءِ ڪافي نه هئا.

شام جا دونهاٽيل ڌندلڪا پاڇا گهرا ٿيندا رات جو روپ ڌاريندا ويا. ڪٿان ڪٿان ڪڪرن جي ڪارن تهن مان ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ تارو ٽمڪي پنهنجو نور نچوئي رهيو هو. امان چيو: "پٽ! رات پئجي وئي آهي. هاڻ اچ ته توکي ننڍ ولايت جي ڪهاڻي ٻڌايان." پوءِ مان ۽ امان پنهنجي ڪٽ تي اچي ليٽياسين. امان پنهنجي ٻانهن منهنجي سيرانديءَ ڏيئي مون کي ننڍ ولايت جي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳي، جتي ماڻهو ڇهه مهينا سمهندا ۽ ڇهه مهينا جاڳندا هئا. مون امان جي ڳالهه اڌ ۾ ڪاٽيندي چيو:

"امان! اهي ماڻهو ڇهه مهينا ڪيئن سمهي سگهندا هئا؟ ڇا کين بک ڪانه لڳندي هئي؟"

امان مون ڏانهن غور سان نهاريو ۽ مرڪي چيائين: "ها! انهن کي بک ڪانه هئي. تون ماٺ ڪري ڳالهه ٻڌ."

"مون کي بک لڳي آهي." مون ضد ڪيو.
امان جون اکيون اونداهي آسمان ڏانهن کڃي ويون، ڄڻ هن جون نظرون ڪجهه تلاش ڪري رهيون هجن ۽ هن انتهائي ڀريل آواز سان چيو: "ڏس پٽ! اڄ چنڊ ڪيترو نڪتو آهي؟ پاڻ غريب آهيون. پنهنجي مانيءَ جو حساب چنڊ وانگي آهي. ڪڏهن چوٿو، ڪڏهن اڌ، ڪڏهن سڄي ته ڪڏهن آهي ئي ڪونه." مون اونداهي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ ماءُ جي ڪڇ ۾ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويس.

علي بابا جي ڪهاڻي

ڪراچي وڃڻ لاءِ، ٽويوٽا جي پوئين سيٽ ملي وئي اٿس. سڄي ڄمار ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي مرضيءَ جا دل گهريا ڪپڙا پاتا اٿائين ۽ سلائي به دزريءَ دل تي ڪئي اٿس. وڏي ڪالر سان هلڪو نيرو بش ڪوٽ، اڇي ٽئٽران جي بيل باٽم پينٽ، نئون ڪارو پنجهتر روپين جو چائنا بوٽ، نوان جوراب، بريف ڪيس ۾ به اهڙو ئي خوبصورت جوڙو ۽ ساڍا ست سؤ روپيا. کيسي ۾ گولڊ ليف جو پئڪٽ. مڙس ڏس ته ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. ڏاڍو پيو پاڻ کي هلڪو ۽ ايزي محسوس ڪري. وري جو ڪمند جي رس جو گلاس پيتائين ته هانءُ ٺري پيس. بود ۾ اڇي ويو، پائين ته بس ۾ جهڙس ڪو آهي ئي ڪونه. ڏاڍي ٺانءِ مان سگريٽ دکائي لڳو آهي ڇڪڻ.

اڳي سدائين آفيس جي ڪمن ڪارين سان ڪراچي ويندو هو ته سدائين اٻالو. جي ڪٽي ڪپڙا نوان ۽ ڌوٻي جا ڌوتل ته بوٽ چنل. هلي ته لوڏ ئي ڦريو وڃينس. وري کيسي ۾ پئسا ايترا جو راهِ هلندي، عورتن کي تاڙيندي جي ڪنهن گهومو عورت کان لفٽ ملي وڃينس ته کيسي ۾ ايترو ڏوڪڙ نه نهيس جو ڪٽي ڪنهن هوٽل ۾ چاڙهيس يا فلم ڏيکارڻ جي صلاح هڻيس. بس سڪٽو ڏسندو ترپندو رهجي وڃي.

اڄ نڪتو آهي عيش ڪرڻ، چئن ڏينهن جي ڇوٽي وٺي. سڄي عمر جي ناڪامين جون ٻاهيون ڪڍڻ. "پهريون هوٽل وڃي ڪمرو وٺندس. ڊبل بيڊ روم، هوٽل مئنيجر کي ناهي ڇڏيندس. لڪائيندس پنهنجو ۽ پنهنجي زال جو نالو. پوءِ سڙڪن تي ڳوليندس ڪا ناهوڪڙي زال. گهمائيندوسانس هل پارڪ. سندس چيلهه ۾ هٿ پئي، هڻندس ايلفيءَ جا چڪر. ڪراچيءَ ۾ اهڙيون گهومو عورتون ڪوڙ ملي وينديون آهن. ڪابه عورت جي هڪڙي ڀيري مون سان ريجهي ته پوءِ يار ٿي ويندي. بس ماڻهوءَ ۾ رڳو ٽئلينٽ هئڻ گهرجي ۽ مٿئين خرچ لاءِ پئسو، پوءِ ته لئي آهي." من ئي من ۾ پروگرام پيو ناهي ۽ گهڙيءَ گهڙي ڇڙواڳ وارن کي ڄمائڻ لاءِ، مٿي تان هٿ پيو گهمائي. هن واري حجام وار به اهڙا ئي ڪٽيا اٿس، جهڙا وٽندا اٿس. بلڪل فيس تي نهڪندڙ وڏا وڏا، بلڪل نيچرل.

اڳينءَ سيٽ تي به برقعا پوش عورتون وينڪ آهن. انهن سان گڏ ننڍڙا ٻارڙا به آهن. ڪانئس اڳين سيٽ تي هڪ ناهوڪڙي مهاجر عورت وپيني آهي. ڪيس اڇو رنگا رنگ سنڌي پرت پريل چولو ۽ اڇي وڏ پائنچي واري سلوار پهريل آهي. "اڳي ته اسان جي وڏي پائنچي تان ڪلنديون هيون. هاڻ ڏس ته پاڻ لڦ لڦ ڪنديون چاپاڪ هڻنديون گهمن." عورت جو چوٽو

گهاتو ۽ پنڻي ويڪري آهي. جڏهن ڪنڌ ورائي، پر ۾ ويٺل مڙس سان ڳالهائي ٿي ته ڳنا ٻنا ڏسيو ونيس. اک کي وٽيس پئي. پايس ٿو ته سفر سهٽو نبرندو. "بس رڳو ٻه سواريون اچي وجن ته ويگن هلي. هينئر ساڍا ٽي ٿيا آهن، ڇهين وڳي ڪراچيءَ ۾ هوندس. پهرين ڳوليندس هوٽل جو ڪمرو ۽ پوءِ پرديسي پکي." سگريٽ جا سوٽا هڻندي پير پيو سوري ته باقي ٻه سواريون اچي وجن.

سندس ڏسندي ئي ڏسندي ٻه عورتون ويگن ۾ داخل ٿين ٿيون. اڳيان هڪ گوري گوري، سئين مهاندين، چاليهارو سالن جي صحتمند عورت آهي ۽ ان جي پنيان ٽيهارو سالن جي آڙاهه سهٽي عورت. قداور، ڪٽڪ رنگي حامله عورت. لڳي ٿو انن مهينن جو ګرڀ هوندس. ڏڙ تي ويڙهيل اٽس هلڪي نيري نائلون جي ساڙهي. نيٽن ۾ مامتا جو موهه ۽ گهراڻ، پيٽ وڏو وڏو، گول گول، ايڏو وڏو جو اندر وارو ٻار ان ۾ آسانيءَ سان ٻولاٽيون کائي ٽڙپي سگهي. پيٽ جي ٻوجهي کان ڳلن تائين پگهر پيو ڳڙيس ۽ ساهه ڦوڪيل. وڏي ڏکيائيءَ سان ٽي آهي ويگن ۾ داخل. پائين ٿو، عورتن جي اچڻ ڪري پوئين سيٽ تان اٿٽو پوندس، پر ٻئي عورتون ڏاڍيون فاورڊ نڪتيون. ٻنا ڪنهن هٻڪ جي سندس پر ۾ ويهي رهيون. وچين سيٽ سني ۽ آرام واري هئڻ ڪري، وڏي عورت ګرڀ واريءَ کي ان تي ويهڻ لاءِ چيو، جا مٿانهس اڄاتري لجوڙي نهار ڦيرائيندي، سندس پر ۾ ويهي وئي هئي. ويهڻ مهل وات مان دٻيل چنگهه نڪري وئي هيس ۽ هوءَ رومال سان منهن تان پگهر اگهندي، ڦوڪيل ساهن سان سيٽ کي ٽيڪو ڏئي، لڳي هئي ڦوڪيل ساهه جائتو ڪرڻ.

ګرڀ واري عورت جي پاسي ۾ اچڻ سان نوجوان جي حالت ئي غير ٿي وئي هئي. هڪ ته پوري حياتي ۾ ڪا عورت سندس ايڏو ويجهو نه آئي هئي، ٻيو ته هيءَ عورت ڪيڏي نه حسين هئي. ڪن لاءِ نوجوان گهرن گهرن نيٽن جي تصور ۾ لڙهي ويو. اکيون ايڏيون اونهيون، ايڏيون اونهيون جو نهار ته ګرڀ ۾ سٽل ٻار به نظر اچي وجي ۽ ٻدن مان نڪريس پئي اڻ لکي ٻوءِ. اهڙي ٻوءِ، جهڙي ڪنهن گل، ڪنهن ڦل جي خوشبوءِ ۾ ڪانهي. جا رڳو ڪنهن ګرڀ وتي عورت جي ديهه مان اڌما کائي نڪري سگهي ٿي. پاگل ٻنائي ڇڏڻ واري ٻوءِ. سوچي ٿو: "ګرڀ ٿيڻ کان پوءِ عورت جي اندر جي سونهن ڪيڏو نه نکريو اچي. نيٽن مان، ڳلن مان، ڪلهن مان، ڇاتين مان، ٻانهن مان، ڪکن مان، پولهه مان، وار وار مان، چمڙي جي پور پور مان، ساهه ساهه مان سندس مامتا جهلڪيون پائيندي آهي. جيئن پاٽيءَ مٿان سج جا اولڙا. ان عورت جو پر ۾ ايندي ئي هڪ اڄاتل، هانءُ ناريندڙ آسيس پيو محسوس ڪري.

پنهنجو منهن ڪيو وينو آهي. نئو نهاري عورت ۾. ٻجي ٿو متان گهڙيءَ گهڙيءَ ائين گهور وجهي نهارڻ ڪري سيٽ نه بدلائي ۽ انهن اڍائي ڪلاڪن جي ان حسين سفر کان محروم ٿي وڃي. عورت سندس ايڏو ته ويجهو ويٺي آهي جو نهارڻ کان سواءِ ڪابہ اک جي پاسي کان ڏسيس پيو. پنهنجو منهن ڪيو وينو آهي. عورت جي بدن مان ايندڙ بوءِ ۾ ٻڏاٽو. اچانڪ محسوس ڪري ٿو ته عورت کي سندس سگريٽ جو دونهون نه پيو وڻي.

"معاف ڪجو، آئون سگريٽ اجهائي ٿو ڇڏيان." ۽ ان کان پهرين جو عورت کي ڳالهائي، سگريٽ پير هيٺان چيپاتي اجهائي ڇڏي ٿو.

"مهرباني!" عورت ڏانهس ٿورائتي نظرن سان نهاري مرڪي ٿي پوي. مرڪ سان اندر ۾ ٻوڙي وجينس ٿي، خوشيءَ جي هڪ اٿاهه لهر. ايڏي خوشي، ايڏي خوشي، جيڏي اڳي ڪڏهن به محسوس نه ڪئي هئائين. "آواز، ڪيڏو نه منو اٿس. ڄڻ اندر ۾ پريل اٿس راڳڻيون، جن کي ڇيڙي وينو گرپ ۾ ليٽيل هڪ ننڍاڪڙو ٻالڪ."

"اوهان کي اڳيان ويهڻ کپندو هو." بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهائي ٿو ويهي. عورت سندس ان اوچتي جملي تي کي پل ڳاڙهي ڪهنبي تي وجي ٿي.

"جي نه، سپر هاءِ وي تي جمپ ڪونه اچي."

عورت مرڪ لڪائيندي، دٻائيندي، پنهنجو منهن ڪري ٿي ويهي. "الا ڪيڏو اٿس کيپ اکين ۾."

اچانڪ محسوس ڪري ٿو، ويگن روڊ کي چيريندي اڏاٽي ٿي وڃي. ڄامشوري جي پل، ڦاٽڪ ڪيئن گذري ويا؟ ڪل به ڪانه پيس. سڄي دنيا کان ڪٽجي، پر ۾ وينل گرپ وٽي منڊ جي ڪاٺي دڙ ۾ اڙجي ويو آهي، جا ويگن جي لوڏن تي ڄڻ جهومندي ٿي وڃي. من چاهيس ٿو ان عورت سان ايئن ڳالهائيندو وڃي، انت گهڙيءَ تائين هي رستو نه کٽي.

اچانڪ خيال ٿو اچيس: "ڪيڏو نه سنو هجي ها جي هيءَ عورت منهنجي زال هجي ها. ان جي گرپ ۾ اهو ٻار منهنجو هجي ها. جڏهن ههڙي سهڻي زال هجي، ههڙي ياري ياري پيٽ سان ۽ سڀ ماڻهو ڄاڻندا هجن ته زال مڙس پيا وڃن ته شهر جي سڙڪن تان، پارڪن مان، هٽ هٽ ۾ ڏئي گهمڻ ۾ ڪيڏو نه مزو اچي. اها ڪهڙي لذت هوندي؟ آئون نٿو ڄاڻان. اهڙو اندازو لڳائڻ مون لاءِ ناممڪن آهي. مون اڄ تائين ان پهنجائپ کي محسوس نه ڪيو آهي ۽ هينئر ـــ جڏهن هيءَ عورت منهنجي ناهي، نه ئي ان جي پيٽ وارو ٻار منهنجو آهي ۽ نه ئي آئون ان عورت کي ڇهي سگهان ٿو، ته به آئون ڪيڏي آسيس ۽ فرحت پيو محسوس ڪريان. ان هڪ گهڙيءَ جي قرب تان ته جيڪر سڄي حياتي گهوري ڇڏجي."

اچانڪ ڪنهن ابهريءَ چڪ ڪان، منهن ورائي عورت جي ڀرپور ڪلهي تائين اگهاڙين ٻانهن ڏانهن نهاري ٿو. ڳوري ڳوري ٻانهن، لسڙي لسڙي، نرم نرم، جنهن تي ڪچڙن ڪچڙن خاڪي وارن جي ٻر. اچانڪ اندر مان جڳن ڪان لچندڙ ڦٽڪندڙ، ڦنيل چڇرل تمنائون جهينجهڻي جيان جهڻجهڻ ڪنديون، رڳ رڳ مان ريلا ڏينديون، ڦاٽ ڪائي ٿيون ايرنس. من چاهي ٿو ان نرم لسڙيءَ لسڙيءَ ٻانهن کي ڇهي ڏسي. لئونڊڙيون ڪوسيون ٿي ويون اٿس، منهن ۾ ڪيوليون پيون ٻوڙنس، چپن ۾ آجگاد جي تئونس ۽ هٿن ۾ ڏڪڻي. هٿ پاڻ مرادو ڏي وجن ٿا چاهنس. روڪڻ ٿو چاهي هٿن کي نٿا روڪجن! اچانڪ ڪنهن اڄاتل خوف کان ڊڃي منهن ڦيرائي، اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي. وري نٿو ڏسڻ چاهي ان عورت ۾، پر مونجهه محسوس ڪري وري ڪولي ڇڏي ٿو اکيون.

"اوم....." اوچتو بريڪ جي لوڏي سبب عورت جي واتان ڊبيل چنگهه نڪريو وڃي ۽ محسوس ڪري ٿو، ڪجهه ڪائي پئي.

"ميٺ پئي ڪائي. گرپ ٿيڻ ڪان پوءِ عورتون ميٺ چو ڪائينديون آهن؟ هڪ ڀيري ته مينسفيلڊ اسٽريٽ جي هڪ وڏي دڪان تي پڪل ميٺ ڏنو هئائين، جي ڪرسچن ۽ وڏيون وڏيون پڙهيل لکيل امير عورتون ونڻ اينديون هيون، ڪارن واريون به. عورت ڪيترو ترقي ڪري، انگريزي پڙهي، سلوار ڇڏي، ساڙي پائي، پر گرپ وارن ڏينهن ۾ ميٺ ضرور ڪائيندي!" نيڻ ڪڻي عورت جي چپن ڏانهن نهاري ٿو. چپ.... بيچين، سڪل چپ، جن مٿان ڄميل آهي اڻ لکي ميٺاهين تهه.

"ميٺ ڪائيندي عورت ڪيڏي نه پرڪشش لڳندي آهي. ميٺ جو سواد ڪيئن بکندو اٿس مک مان. ڪيئن ڏندن ۽ تارن سان ڇپ ٽڪرائي، چڪيندي ويندي آهي." اچانڪ اندر ۾ پڙڪي اٿيس ٿي انهن چپن کي چمڻ جي چاهنا. ياسيس ٿو ڪنهن اڄاتل خوف کان نڙي، چپ سڪي نوٽ ٿي ويا اٿس. اندر ۾ جاري ٿي وڃينس ٿي جنگ. وڏي مشڪل سان گهٽي ٿو، اندر ۾ پئدا ٿيل ان چاهنا کي. وڏي مشڪل سان پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ٿو.

"سولي آهين نه؟" گرپ واريءَ عورت جي ساٿي عورت پڇي ٿي.

"ها" - گرپ واري عورت زبان سان تارونءَ مان ميٺ ڇڏائيندي، وڏي آسيس مان وراڻي ٿي ۽ ويگن جي جهوٽن تي پنهنجي جنگهن ۽ بدن کي ڍرو ڇڏي ٿي ڏئي، جهوٽن ۾.

"اولي ٿين ته ٻڌائجانءِ." ساٿي عورت ڪيس تاڪيد ڪري ٿي، پر محسوس ڪري ٿو عورت اولي آهي. ڪيس ڪنڌ ڪان ٻانهن جي سهاري جي ضرورت آهي. من چاهيس ٿو، ڪنڌ ڪان ٻانهن جو سهارو ڏئي، ڪيس پنهنجي سيني تي ليٽائي ڇڏي. وارن ۾ سرسر ڪري ڪيس

پنهنجي ڪڇ ۾ سمهاري ڇڏي. ماڻهو ههڙين سهڻين ۽ نازڪ زالن کي ههڙيءَ حالت ۾ ڪيئن ٿا تنها سفر ڪرڻ ڇڏين؟ مون کي جي ههڙي زال هجي ته آئون ڪيس پل به پاڻ کان جدا نه ڪريان. مان ته جيڪر ڪنهن به طرح ڪيس نه ڇڏيان."

"اوم....." عورت وري هڪ اوچتي جمپ تي چنگهه ڪري ٿي ۽ به ٽي وڏا ساهه ڀري ٿي. وڏا وڏا، ايڏا وڏا جو هوا سندس ققڙن کان گذرندي، سندس اندر جي گهرائين تائين پڄي وڃي، سندس ٻار تائين. عورت جي چنگهه تي اچانڪ ماءُ تي ياد اچيس، جيجل ماءُ! سانوري، پيارا پيارا گهرا نيڻ، چپن تي هلڪي، اٽلڪي ميٺ جي ٿهه ڄميل، ڀاري ڀاري گول گول پيٽ، ڪٺ مٽان ڏري ڏري ليٽيل.

اڳي گهڻو اڳي، ننڍڙي لاڪي، جڏهن پنجن ڇهن سالن جو مس هو، ڪيڏو نه وٽندي هيس ماءُ، ڪيڏو چنبڙندو هئس، چولو مٿي ڪري ڏسندو هئس پيٽ.

"اوم..... نه ڪر پٽ، پيٽ تي زور نه ڏي. هلي آ ڪڇ ۾ـــ" ماءُ گونڌاڙي هٽندي هئس ڪڇ ۾. ڪيڏو نه وٽندو هئس ماءُ جي ڪڇ ۾ منهن هٽي سمهڻ. پوءِ اوچتو ماءُ کي پيو هئس پيٽ ۾ سور، ڪٽي ويا هئس اسپتال ۽ اسپتال مان ڪجهي آئي هيس ڪٺ. ڳوٺ جون عورتون پار ڪدي پٽڪو ڪرڻ لڳيون هيون ۽ هو ريهه ڪري بيهوش ٿي ڪري پيو هو.

"اوم....." ڪي منجهاٽو، وساٽو چرڪ ڀري ان عورت ۾ نهاري ٿو. "ڇا سڀ عورتون گرڀ وارن ڏينهن ۾ هڪ ئي نموني ڪنجهنديون ۽ چنگهنديون آهن؟ نيٽن ۾ ساڳيا مامتا ڪيپ ڀري." موڳا موڳا، وائڙا وائڙا نيڻ ڄمي ويا اٿس، عورت جي مکڻ کان لسڙين ٻانهن تي، قوڪٽن کان وڏيڪ ملائم ڇاتين ۾. ساهه سئن ۾ ئي ٿو اچيس. جڳن کان اندر ۾ دٻيل خواهشون سندس اندر جي پاتالن مان گهماٽيون ڪائينديون، وري جهينجهٽي جيان وڄنديون ٽيون ايرن. زوم سان، رڳ رڳ مان ريلا ڏينديون. ياسيس ٿو، جڳن کان تنها تنها هلندي ٿڪي پيو آهي. الائي ڪيترن زمانن کان نه مليو اٿس سهارو. ٻائين ته ان عورت جي نرم نرم، جهوٽا جهوٽا هنج ۾ منهن وجهي رانياٽ ڪري روئي، روئندو سندس ڪڇ ۾ سمهي پوي. هڪ وارو وري ننڍڙو ٿي وڃي، ايڏو ننڍڙو جو وري ان گرڀ ۾ سموئجي وڃي. وري هڪ ڀيرو گرڀ ۾ پيهي تڙپيون ۽ بولاٽيون پائي. خواهش وجينس ٿي وڏندي، ايڏو..... ايڏو جو نه رهيو اٿس ڪنڌ وس ۾. پگهر جي ڪيپ هاٽي بوءَ ۾ ٻڏاٽو، ڪنڌ وجينس ٿو ڏرندو، ننڍاڪڙي، ليپ هاٽي حالت ۾ ڪنهن گرڀ وتي گود ڏانهن. اچانڪ ڪنهن ابهري خوف کان چرڪجي، اکيون کولي ٿو ڇڏي: "ماڻهو ماريندا." ياد ٿو اچيس، هڪڙي ڀيري شهر جي سڙڪ تان هلندي سندس من ۾ اهڙي ئي خواهش پئدا ٿي هئي. ايڏي ئي زوم مان هڪ گرڀ وتي

عورت پنيان پاٽ تي هلندي، اندر جي تانگهه کان بيچين، ان عورت کي ٻانهين کان وجي جهليو هئائين. عورت ٻجي دانهن ڪئي هئي. پوءِ ڇا هو، چئني طرفن کان ماڻهو ڪيس ورائي ويا هئا. هنيا هئائونس هٿوڙي جيان پيٽ ۾ نونشا، نڪ ۾ نونشا، پٺيا هئائونس وار. نڪ مان نڪيلي وهائيندو، پيٽ تي هٿ ڏئي ڪري پيو هو فٽ پاٽ تي. سال تي ويو اٿس، اڄ ڏينهن تائين پيٽ پيو ڏکيس. ٿورو اس ۾ هلي ته نڪيلي وهيو اچيس. خوف کان چاهي ٿو حواسن کي قابو پائڻ. من ۾ پيدا ٿيندڙ ابهرين خواهشن کي تارڻ لاءِ دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي ٿو. ٽڪريون، وڻ ٽڻ تيزيءَ سان گذرندا وڃن. پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ڪندو ٿو وڃي.
"پاڳل ٿورو ئي آهيان."

"اوم......" عورت وري چري پري تي ۽ سولائيءَ خاطر اجا وڏيڪ ڦهلجي، ڪاٻي ٻانهن سندس ڪنڌ پنيان سيٽ تي ڍاري، جسم ڪار جي جهوٽن تي ڍرو ڇڏي تي ڏئي. ڪجهه - آلو آلو، ويڙهجي ٿو وڃي. عورت جي ڪڇ مان ايندڙ بوءَ جي ڪيپ هاٽي هڳاو ۾. پنهنجي ڪنڌ پنيان نرم نرم ٻانهن محسوس ڪري، اچانڪ وري اندر ۾ وڄڻ لڳنس ٽا، جهينجهٽا جهڻ جهڻ ڪندا. جاڳي ٿيون پونس اندر ۾ سموريون دٻيل، گهٽيل، نپوڙيل خواهشون. لئوندڙيون ڪوسيون ٿينديون وڃنس، منهن ۾ ڪيوليون پيون ٻوڙنس. پاسيس ٿو نڊڙو ٿيندو وڃي، پتڪڙو. ويگن اتي جو اتي بيني آهي، رڳو مٿو پيو ڦريس. "ساڳيا پيارا پيارا نيڻ، ساڳيون نرم نرم ٻانهون، چپڙن تي اٽلڪي ميٽ جي تهه جميل، ياري ياري گول گول پيٽ، ڍرو ڍرو، جهوٽا جهوٽا بدن، هيرون ۽ هبڪارون پريل. ڪنهن نشيلي ڪيپ ۾ ٻڏاٿو، ڪنڌ وجينس ٿو ڍرندو، ڪنهن اجاتل آسيس مان، گرپ وتي گود ڏانهن.

جهوٽن ۾ ويندي، ڪنهن ابهري ڌڪاو کان اچانڪ ٻجي، چرڪ پري جاڳي ٿو پوي.
"گاڏي روڪيو، گاڏي روڪيو."

"هتي لهڻو اٿئي ـــ !" ويگن ۾ وينل سڀ ماڻهو وائڙا تي ڏانهس نهارين ٿا. ويگن کي بريڪ لڳي ٿو ۽ هو هيسيل، موڳاتيل، پريشان، ٽڪاٽو، بريف ڪيس ڪڇي، ٽڪڙو ٽڪڙو، سنسان ٽڪرين وچ ۾ لهي وڃي ٿو.

ھي سنگرام

ٻاهر ٻاٽ ڪاري رات آهي. سارو لوڪ سمهي پيو آهي. هر طرف چپ چپات آهي، آئون جاڳان پيو. ڳاڙهي زيرو بلب جي روشنيءَ ۾ مهراڻ رسالي مان ڪاٽيل شمشير الحيدري جي تصوير "موت جا تجربا" ڪي ڏسان ٿو. آسمان مان هڪ ميزائل جهٽ هنيو آهي. هر ڪا شيءِ فنا ٿي وئي آهي. رهجي ويون آهن انساني کيپراٽيون ۽ ڪرنگها، پيانڪ ۽ هانو ڏاريندڙ. منهنجي اندر ۾ سيؤهات پئجي وجن ٿا. آئون ڪجهه چئي نٿو سگهان. مون کي فن ۽ آرٽ جي ڄاڻ ڪانهي. پوءِ به مون کي تصويرون وڻنديون آهن. آئون انهن کي پنهنجي البم ۾ سجائيندو آهيان. تصويرون، جي ڳالهائينديون آهن، مرڪنديون روئنديون آهن، خوشيءَ جا ٽهڪ ڏينديون آهن، درد مان دانهون ڪنديون آهن. تصويرون، جي ڇير ٻڌي نچنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن مون کي پنهنجي تصويرن کان خوف ٿيڻ لڳندو آهي. آئون اها تصوير چمبڙائڻ لاءِ ڏڪندڙ هٿن سان ليبن ۾ اڇلايل البم کڻان ٿو. مٿاهنس دز چنڊيان ٿو. آئون پنهنجي من ۾ مونجهه محسوس ڪريان ٿو. آئون انهيءَ البم ۾ پهرين چمبڙايل تصويرن کي ڏسڻ نٿو چاهيان. پوءِ به آئون ڏڪندڙ هٿن سان البم جا پنا اٿلايان ٿو ۽ منهنجي آڏو البم ۾ لڳل پهرين تصوير ڦهلجي وجي ٿي. هڪ ويران، اجڙيل، سنسان باغ آهي. پس منظر ۾ پري پري تائين هر طرف سڪل ٿاريون، ڪک، پن ۽ ڪانديرا بيٺل آهن ۽ پس منظر ۾ هڪ گلاب جي ٿاري آهي، جنهن ۾ لڙڪي رهيو آهي موسم بهار جو پهريون گل. ٽڙيل، مهڪندڙ، لال گلاب ۽ تمام پري پولار مان ڪڇي رهيو آهي هڪ خوفناڪ واڇوڙو. آئون تصوير کي ڏسندي بيچين ٿي پنو اٿلايان ٿو. سامهون پاڪ مريم بيٺي آهي. سوچ ۾ ٻڏل، اٻاڻڪي، رنجور، ڪجهه ڊنل، ڪجهه هيسيل، مکڙي تي مامتا جو موهه، گهرا نيڻ، سڪل سنڌوءَ جيان سندس ۽ ڪڇ تي اٿس ننڍڙو عيسيٰ. بيپرواهه بادشاهه، آسي پاسي جي ماحول کان بيخبر، بهار جي گل جيان ٽڙيل، مرڪندڙ، مهڪندڙ، هونگڙيون هڻندڙ. آئون وري مريم ڏانهن نهاريان ٿو، ڄڻ هوءَ ڪجهه چوڻ تي گهري، ڪا وڏي ڏک جي ڳالهه. مون کي پنهنجي اندر ۾ دل ٻڏندي محسوس ٿئي ٿي. آئون ٻجي ورق ورايان ٿو.

آئون ڏسان ٿو، صليب سجايل آهي. عيسيٰ جي سيني، هٿن ۽ پيرن ۾ وڏا ڪلا نوڪيل آهن، جن مان رت وهي رهيو آهي. سندس سدا اوچو ڳاٽ نستائيءَ کان هيٺ ڍرڪي ويو آهي. مٿان مينهن آهي ۽ هيٺ اها لهوءَ ندي، جنهن جو ڪو پار ڪونهي. لکيل آهي: "هي اهو رت آهي، جنهن مان ڪروڙين ڪوڙهيل ماڻهن پنهنجا بدنام بوٽ ڌوتا هئا." مون کي ائين ٿو محسوس

ٿئي، ڇڻ آئون رت جي ساگر ۾ لڙهندو ٿو وڃان، لڙهندو ٿو وڃان ۽ پوءِ ڪئين موت جا قبرستان ڦهلجي وڃن ٿا، جنهن مٿان نيڻ نهار تائين صليب ڪتل آهن، ڇڻ ڪروڙها ماڻهو آسمان ڏانهن ٻانهون ڦهلائي، روئي، ٻاڏائي رهيا هجن ۽ هي ڪنهن جو قبرستان آهي، انهن قبرن ۾ ڪير ستل آهي؟ ڇا اهي جن صليب سجايو هو؟ يا اهي جن کي صليب تي لڙڪايو ويو هو؟ ڪجهه به خبر نٿي پوي. آئون قاتل نظرن سان قبرستان ڏانهن نهاريان ٿو. ائين ٿو محسوس ٿئي ڇڻ آئون پاڻ به صليب آهيان. منهنجي سيني تي ڪروڙها ماڻهن کي لڙڪايو ويو آهي. جيڪو به ڇرو جنهن تي به هليو، سو منهنجي رت رتو آهي. ماڻهو هميشه منهنجي وجود کي رت مان لپي ويندا آهن. آئون جڳن کان پنهنجي سيني تي اهو سور سهندو آيو آهيان، پر هاڻ اهو ظلم منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿيندو ٿو وڃي. آئون ڪو ڪاٺ جو سليب نه آهيان، آئون انسان آهيان. منهنجي نيڻن کي رت جي هوليءَ جي نه، پرهه جي رنگن جي تلاش آهي. مون کي موت جي قبرستانن جي نه، زندگيءَ جي شهرن جي تلاش آهي. اهي روشنيءَ جا شهر ڪٿي آهن، دنيا جي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ ڪهڙي ديس ۾؟ آئون موت جي قبرستان مان نڪرڻ لاءِ بي تحاشا ڊوڙان ٿو. ڊوڙندو ٿو وڃان ۽ پوءِ هر طرف کان جنگ جا ميدان ڦهلجي وڃن ٿا، رت رتي ڌرتي آهي، آسمان ۾ بمن جو دونهون ۽ ڳجهن جا لامارا آهن، دگ دڳ تي جنگي ٽينڪون پاسا ڪوڙيو، اونڌيون پيون آهن. چئني پاسن کان هزارها لاش ڇچريل، ڇيهاٽيل، سڄيل، رت ۾ ٻاڙها ٿيا اونڌا سڌا پيا آهن. هر لاش جي مٿان ڳجهن جي ججهه ويڙهي سندس ماهه ڇني رهي آهي ۽ دور هڪ ديوانو توف جي اڳيان ٻيٺو تنبورو وڄائي، امن جو گيت ڳائي رهيو آهي. آئون ساهه گهٽيندڙ بدبوءِ ۾ ٻيٺو، قاتل اکين سان لاشن ۾ نهاريان. هي ڪهڙي ڪربلا جو ميدان آهي، هي ڪير ماڻهو آهن، هنن جو نسل ڪهڙو آهي، هي ڪهڙي مذهب جا ماڻهو آهن، هنن مان ڪير دوست ۽ ڪير دشمن آهي؟ ڪا خبر ڪانه ٿي پوي. ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي.

ديوانو تنبورو وڄائي،

روئي،

امن جا گيت ڳائي رهيو آ.

آئون بيچين ٿي سامهون وڃان ٿو ۽ ڪاوڙ مان اپ ڏاريندڙ رڙ ڪيان ٿو: "بند ڪر، بند ڪر اهو آواز! تون ۽ تنهنجو تنبورو جنگ بازن کي ڪڏهن به جنگ کان روڪي نه سگهندا. هتي تنهنجو آواز ڪو به نه ٻڌندو. آئون تنهنجو اهو تنبورو ڀڃندس."منهنجي ڳالهه تي ديانو خوف مارڙ ڪري ٿو " نه نه، آئون ڳائيندس، ڀڄاڻيءَ تائين ڳائيندو رهندس. گيت منهنجي زندگي

آهن، مون کي ڪوبه ڳائڻ کان روڪي نه سگهندو." آئون ڪاوڙ ۾ اچي سندس تنبورو ٽڪر ٽڪر ڪري ٽو چڏيان. منهنجي اکين آڏو اوندهه اچي ٿي وڃي. هوريان هوريان ڪا شيءِ روشن ٿيندي ٿي وڃي. انگرين جي وٿين مان آئون ڏان ٿو ته آئون برنڊڙ جبل جي سامهون بيٺو آهيان. برنڊڙ جبل گجي گجي بري رهيو آهي، ۽ ان جي چوٽيءَ جي هڪ پاسي کان هڪ سڪل شاخ تي ڪوئل ويٺي ڪوڪي رهي آهي. آئون واٺڙو ٿي برنڊڙ جبل ڏانهن نهاريان ٿو. وري ڪوئل ڏانهن ۽ وري ڪنڌ ۾ اڇلايل البم جي ڪاري مروٽيل صفحي ڏانهن. آئون اٿي ڏڪندڙ هٿن سان مروٽيل صفحو ڪڍي، گهنج پيچي سڌو ڪري، جنگ جي ميدان ۾ بيٺل راڳي ويراڳي ڏانهن نهاريان ٿو. منهنجي اندر مان دانهن نڪري، "او ڪوي، منهنجا ٻيجل، منهنجا شاعر، منهنجا ياءُ. تنهنجو من مٺيو، دل دنبورو ۽ رڳون رباب آهن، مون کي معاف ڪجان. مون تنهنجو تنبورو ڀڳو آهي. توکي لوڏڻ کان پهرين آئون ڀلجي ويو هئس ته ڪوئل جو ڪم فقط ڳائڻ آهي، پوءِ پل هوءَ انب جي ٽاري تي ويٺل هجي يا برنڊڙ جبل جي چوٽيءَ تي. مون کي معاف ڪجان پائو، مون کي معاف ڪجان." آئون ڏڪندڙ هٿن سان ڦاٽل صفحي جا گهنج پيچي، سڌو ڪري، ڪيس ساڳي جڳهه تي چنبڙايان ٿو.

جنگ جي ميدان ۾ ڪو ديوانو ڳائي بيٺو.

برنڊڙ جبل تي ڪوئل ٻولي پئي.

ٹر جي ماءُ ڊڪرن ۾ آهي. ٻارڙا ٻڪ کان ڇڙهيون پيا هٽن. آسمان مان باز جهٽ هنيو آهي.

ڪڪڙ رڙ ڪري ٻچن کي پرن ۾ لڪايو آهي. آسمان مان هڪ جنگي بمبار جهٽ هنيو آهي.

هيرو شيما جا محل ماڙيون ۽ ماڻهن جي گوشت جا ٽڪر فضا ۾، باهه، رت ۽ دونهين جي سمنڊ ۾ تري رهيا آهن.

هيٺ لکيل آهي.

“Abstract of life”

آءُ تصوير ۾ نهاريان ٿو. منهنجو روح ڏڪي وڃي ٿو. آءُ خوف کان اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏيان. ڳاڙهي زيرو جي بلب جي روشنيءَ ۾ منهنجي اکين جي پردن جا ڏورا ٻرن ٿا. ڪئين رنگ پکڙجي وڃن ٿا. رت کان ڳاڙها، باهه کان تکا، دونهين کان ڪارا، جن ۾ تري رهيا آهن ڪروڙين انساني لاش. منهنجو ساهه گهٽجڻ لڳي ٿو، آئون ڊجي اکيون کولي ٿو ڇڏيا. آئون الاءِ ڇا ٿو محسوس ڪريان. مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. آئون ڊجي ورق واريان ٿو. آئون ڏسان ٿو، هڪ تمام ننڍڙو ماڻهو، هڪ تمام وڏو بت گهڙي رهيو آهي. ايڏو وڏو، جنهن کي ساري دنيا سچ جيان پنهنجي گهرن مان ويٺي ڏسي سگهي ٿي. آئون واٺڙو ٿي

ڏانهس نهاريان ٿو. "ڪير آهين تون؟ هي ڇا پيو ناهين." منهنجي آواز تي هو ڇيڻي ۽ هٿوڙو روڪي مون ڏانهن نهاري، زخمي آڱرين سان نرڙ تان پگهر اگهي ٿو. سندس زخمي آڱرين جو رت پگهر سان ملي سندس ڳِتن تان ڳڙي ٿو. هو ساهه سڌو ڪرڻ لاءِ اونهون ساهه کڻي، دکي، گهٽيل ۽ ايماندڙ ساهه سان مون ڏانهن نهاري چوي ٿو، "منهنجو نالو واسديو "سنڌو" پارتي آهي، آئون بت آهوڙيون آهيان. قديم زماني کان مورتيون گهڙيندو ٿو اچان. مون بيشمار خوبصورت مورتيون ناهيون آهن، هاڻ آئون ويڻ نام جي ماءُ جي مورتي ناهي رهيو آهيان."

آئون مورتيءَ ڏانهن نهاريان ٿو. هڪ ماءُ ڊنل ڪڪڙ جيان پنهنجي ٻار کي ڪڇ ۾ لڪايو آهي. هن جو ٻاڪو خوف کان ڦاٽل آهي. هڪ هٿ خوف کان آسمان ڏانهن کڄل اٿس، جڻ اجهو اجهو آسمان مان باز جيان ڪو خوفناڪ بمبار جهٽ هڻندو. سندس ننڍڙي ابهم کي نهوڙي نيندو. منهنجي ڪنن ۾ ڪروڙها ڪڪڙين جي ڪاڪار مائرن جي ٻاڪار جا آواز گونجي وڃن ٿا. آئون ڪنن تي هٿ ڏئي ويڻ نام جي ماءُ ۽ ان جي خالق ڏانهن نهاريان ٿو. منهنجي وات مان رڙ نڪري وڃي ٿي: "بت آهوڙيا! تون پاڳل آهين. تون باز کان ڪڏهن به هن جي جهٽ هڻڻ واري عادت ڇڏائي نه سگهندين. تون پنهنجي جسم جو سمورو رت ست ڏئي به ان عورت جي ٻار کي خوني بمبار جهازن جي لامارن کان بچائي نه سگهندين. ادب ۽ آرٽ سڀ بڪواس آهي. انهيءَ ماءُ جي ٻاڪار ڪوبه نه ٻڌندو. آئون ان عورت جون رڙيون نٿو ٻڌي سگهان. منهنجو دماغ ڦاٽي پوندو، آئون ان کي ڀڃندس." بت آهوڙيو رڙ ڪري ٿو: "نه نه، آئون توکي پنهنجي مورتي ڀڃڻ نه ڏيندس. هيءَ مورتي منهنجي اندر جو پڙاڏو آهي، وقت جي پڪار آهي. تون منهنجيون مورتون ڀڃڻ چاهين ٿو ته پوءِ آئون توکي الاهي ساريون مورتيون ڏيندس. مون قديم زماني ۾ موهن جي دڙي جي مورتي ناهي هئي. مون وٺ مهاتما ٻڌ جون بيشمار مورتيون آهن. مون فرانس جي خوبصورت موناليزا جي پراسرار مرڪ کي پنهنجي ڪينواس تي لاتو آهي. مان ياڳ جي ديويءَ لڇميءَ جو خالق آهيان. تون مون کان منهنجيون سڀ مورتيون ڦري وٺ، پر هن کي نه ڀڃ. ياد رک! تون پڇتائيندين. تون ديوانو آهين، آئون توکي پنهنجيون مورتيون ڀڃڻ ڪونه ڏيندس." هو پنهنجي مورتي کي بچائڻ لاءِ پوري طاقت سان منهنجي مٿي ۾ هٿوڙو وهائي ٿو. آئون وڏي دانهن ڪري ڪري پوان ٿو. منهنجي اکين ۾ رت جا ڳوڙها اچي وڃن ٿا. پوءِ منهنجي اڳيان هڪ وڏي آرسي اچي وڃي ٿي. سوين سيرون پيل ٽڪرا ٽڪرا آرسي، جنهن ۾ آهن هزارين چهرا. چٻا، چنجها، ڪوڙهيا، بدصورت ۽ بدنما. لکيل آهي: آرسي جو ڪم فقط عڪس ڏيکارڻ آهي، اهو ئي روپ ۽ رنگ،

جيڪو اوهان جو پنهنجو جيئڻ ۽ تيئن آهي. مون کي انهن ڇهڻ کان وحشت ٿيڻ لڳي ٿي. آئون آرسيءَ آڏو پنهنجو منهن هٽائي ڇڏيان ٿو.

"ڇم ڇم!! ڇم ڇم!!"

نندڙي نچڻي مد مست نچي رهي آهي.

"آه!" منهنجي اندر مان دانهن نڪري ٿي وڃي. "منهنجا واسديو، منهنجا سنڌو، تون امر آهين، تون آدجڳاد کان آهين. ساري سنڌوءَ کي موهن جي دڙي جيان مسمار ڪري سگهجي ٿو، پر تنهنجي مورتيءَ کي نه. اهي موهن جي دڙي جي نندڙي نچڻي جيان سدا امر رهنديون. ايندڙ نسل اسان جيان انهن جي عظمت آڏو پنهنجو سر نوائيندا. آئون عقيدت سان نندڙي نچڻيءَ ڏانهن نهاريان ٿو، سندس ڇپن کي پيار مان چمان ٿو. هوءَ پنهنجي ڌن ۾ مگن نچي رهي آهي. سک جي سپنن جو ناچ، ها ها! تڏهن دنيا هن جي پائل جي مڌر آواز تي مٺي نند ڪندي هئي، هوءَ پنهنجي ڪامڻين ٻانهن ۾ ساري جڳ کي نيري منڙي نند سمهاريندي هئي. ڪڏهن هن جي پائل ۾ هيرن هڳاءُ هو، هاڻ دنيا وارن ڪيس شيشي جي شوڪيس ۾ بند ڪري رکيو آهي.

آئون وري ڌرتيءَ ماتا جي سڀاجهڙي مورتيءَ ڏانهن نهاريان ٿو. ڪيڏي نه مامتا آهي انهيءَ مورتيءَ ۾، ڄڻ چئي رهي آهي: "اجا آئون جيئري آهيان." آئون وري قديم سنڌ جي پر امن مها پوڄاريءَ ڏانهن نهاريان ٿو. هن جي مرجهايل چهري مان اڃا به بهار جي بوءِ اچي رهي آهي، جنهن کي محسوس ڪندي ئي ماڻهوءَ جو من سانت ٿي ويندو آهي، مهاتما ٻڌ جيان.

آئون ٿڌو ساهه ڀري پنو اٿلايان ٿو. منهنجي آڏو موهن جي دڙي جي هڪ ننڍڙي جهروڪي جي ڪوٺائيءَ جو منظر ڦهلجي وڃي ٿو. ٻه انساني هڏاهان پڃرا اونڌا پيل آهن، جن مان هڪ ٽج پياڪ ٻار جو آهي ۽ ان جي مٿان وريل آهي هڪ عورت جو پڃرو، جنهن جي ٻانهن ۾ چوڙو، ڳچيءَ ۾ هسلي ۽ ڪرنگهر ۾ ڪان ڪتل آهي، شايد جنگ ۾ ويل هوءَ پنهنجي ٻار بچائڻ لاءِ سڄي مٿانهس ڪکڙ جيان وري وئي هئي. غور ڪري ڏسڻ سان ئي ڪٽان ڪٽان هن جي ڪنڌ، ڪرنگهر ۽ پاسراٽين جي هينان سندس ٻارڙي جي ڪيپراٽيءَ، ٻانهڙين ۽ ٽنگن جي هڏن جي خاڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تصوير جي هينان لکيل آهي: "مامتا". انهيءَ عورت کي ڏسي منهنجي اندر ۾ وڍ پئجي وڃن ٿا. اها عورت منهنجي ديس جي ندوري ماءُ آهي، جنهن جو ڪو اوهي نه واهي، جنهن کي ڪنهن به سهارو نه ڏنو، ڪنهن به هن جو بچاءُ نه ڪيو. نه ڄاڻي ڪيترن ورهين کان هوءَ اتي ايئن ئي پئي آهي. روز دور دور ديسن کان ماڻهو ايندا آهن، ڪروڙها اکيون روز ڪيس ڏسنديون آهن، پر ڪو به عبرت نٿو ڪائي، ڪنهن وٽ هن لاءِ

لڙڪ نه آهن. آه، ويچاري موهن جي دڙي جي ماءُ! آئون نير پريل نيڻن سان ڏانهس نهاريان ٿو، منهنجي اکين آڏو هرڪا شيءِ گم ٿيندي ٿي وڃي. آئون ڏسان ٿو، دنيا جي سڀ کان وڏي ملڪ آمريڪا جي (سابق) صدر لنڊن بي جانسن پنهنجي نئين ڄاول ڏوهٽي کي خوشيءَ مان ٻانهن تي مٿي فضا ۾ لڙڪائي جهليو آهي. هو بي انتها خوش آهي، ڄڻ ڪيس دنيا جو سڀ کان وڏو خزانو ملي ويو آهي، ڄڻ چئي رهيو آهي: "ڏسو، منهنجي لوسيءَ جو ٻار، منهنجو ڏوهٽو، رات ڄائو آهي، ڪيڏو نه پيارو آهي، جهڙو ڪافور جو گڏو، آهي نه دنيا جو سڀ کان خوبصورت ٻار؟" آئون پنهنجا لڙڪ پي دکي مرڪ سان مٿي ٻانهن تي لڙڪايل جانسن جي ننڍڙي ڏوهٽي ڏانهن نهاريان ٿو، سچي به ڪيترو نه پيارو آهي. جهڙو والٽ ڊزنيءَ جو سهو، ماءُ جي ڪڇ ۾ ايترو ئي سهڻو لڳندو هوندو، جيترو گلاب جي ٽاريءَ ۾ موسم بهار جو ڦهريون گل. آئون وري پنهنجي ديس جي ندوري ماءُ ڏانهن نهاريان ٿو.
مها پوڄاري سڪتي ۾ آهي.
ڌرتي ماتا ڄڻ سڪرات ۾ پئي آهي.
ننڍاڪڙي نڇٽي کي ڄڻ نانگ ڏنگ هڻي ويو آهي. تر جي ماءُ جي مامتا لولي ڪاڻ لڇي رهي آهي. آئون وري گلاب جي ٽاريءَ ڏانهن نهاريان ٿو.
مريم سوچ جي ساگر ۾ ٻڏل آهي.
آئون ويٽ نام جي ماءُ ڏانهن نهاريان ٿو. موهن جي دڙي جي ندوري ماءُ جيان، ويٽ نام جي ماءُ جو ٻاڪو ڦاٽي ويو آهي. ٻار ڪڇ تي، ٻيو هٿ آسمان ڏانهن ڦهليل.
ڌرتيءَ تان ڄڻ اپ ڏاريندڙ ريهه آسمان ڏانهن ايري آهي: "بند ڪيو، بند ڪيو اها خوني ران! پاڪ مريم جي ٻار جي محابي، پنهنجي گلن جهڙن ٻارڙن جي صدقي، مون ندوريءَ جي آبهم تي رحم ڪائو، انهن وڄون وسائيندڙ صليب نما جهازن کي بند ڪيو، مون ماءُ تي رحم ڪائو، رحم ڪائو." آئون پوري طاقت سان ڪنن تي هٿ ڏئي، منهن ڦيرائي ٿو ڇڏيان. سامهون مهراڻ رسالي مان ڪاٽيل نئين رت رنگيل ڀيانڪ تصوير مون کي ڇبرا ڏئي ٿي. خوف کان آئون رڙ ڪيان ٿو: "نه نه، منهنجي تصويرن جي پڄاڻي ايڏي ڀيانڪ. آئون انهيءَ تصوير کي پنهنجي البم ۾ نه لڳائيندس. آئون ٻي ڪا تصوير تلاش ڪندس. هاڻ انهيءَ خوني راند کي ختم هئڻ گهرجي." آئون انهيءَ تصوير کي خار مان پرزا پرزا ڪري ٿو ڇڏيان ۽ البم کي پوري طاقت سان پري اڇلايان ٿو ۽ وهاڻي ۾ منهن هڻي اندر ئي اندر ۾ رانيات ڪري روئان ٿو.

سؤ رپيا نوٽ ماڻهو

سائين، تو ڳالهه ڪئي، سمجهه مري چڪو آهي، ڇڏاءِ منهنجي رقم. ڇڏاءِ!"
"ميان، آئون ڪيئن سمجهان مري چڪو آهي، ڪيئن؟" چڱو خان چڙي ٿو وجي.
"هيئن." پرام چپٽي ٿو وڄائي. "واهه سائين واهه! اسان لکن جا ليکا ڪين ڪريون ۽ اوهان سؤ روپئي تي پڙ ڪيو بينا آهيو. ماڻهو ٿو مارائين يا مرون؟" پرام جون ڪنواريون ڳاڙهيون اکيون ڏسيو چڱو خان ڪين مڙئي ٺڏو ٿي وجي ٿو.
"نه، پهرين ٻڌاءِ مارينديس ڪيئن؟"
"اهو آئون ڪونه ٻڌائيندس. آئون پيشاب ٿو ڪريان سؤ روپين جي نوٽ مٿان، سوين آيا سوين ويا." پرام ڏاڍي ڪروڌ مان، پيگ هڪ ئي ڀيٽ سان خالي ڪندي، وڏي هوٽل جي ٺماڙ ڪمري جي دريءَ مان هيٺ ٽرئفڪ ڏانهن ٿو نهاري.
"ان اجائي بڪواس ڪان ته سٺو آهي ته ماڻهو وڏي در جو چڪر لڳائي اچي. سؤ رپيا اتي به ملي ويندا آهن چڱا خان!" پرام ڪاوڙ مان، ڪمري مان نڪري وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو، پر در وٽ، چڱي خان جي ٻانهن آڏنهس رڪاوٽ ٿيو وجي.
"پر، تون ته ڳالهه ڳالهه تي ٽانڊو ٿي ويندو آهين. اڙي خون ٿو ڪرين، ڪا ٻانهن ڪانه پيو ڀڃائين."
"اڳي جڻ خون ڪيا ئي ڪونه ٿئون. چڱا خان، ٻڌاءِ اهو ڪير هو، جنهن تيرهن سالن جي ڄمار ۾ راڄ لتاڙي ٻارهن سالن جو ٻار ماءُ جي ڪڇ مان خنجر ساڻ ماريو هو؟ حيف ٿئي چڱا خان، سؤ روپين تي ايڏي بي اتباري؟" پرام جي ڳالهه تي چڱو خان مرڪي ڳجهو ساهه ڪٽي، ڏاڍا ساڙ ٿو چندي:
"پٽ، اها ڳالهه نه آهي. آئون قانون جي ڳالهه ٿو ڪريان....! ٻڌاءِ نه. پاڻ ڪيئن بچائيندين؟ اڳيان به چتا برقت ٿي، مڙس ڏاڙهيون ڪنهندا، پير چڪيندا آهن، پرين تائين پلاند ونندا آهن."
"خون ڪرڻ ويل منهنجو پير پٽ تي نه هوندو آهي. ٻڌاءِ، ڪڏهن ڪو پيرو ڇڏيو ٿئون.....؟ خون ڪرڻ مهل ماڻهو ستين آسمان مان عزرائيل جيان لهندو آهي." پرام واتان سگريٽ جي دونهن اوڳاڇيندي، چڱي خان کي سندس گلاس ۾ اجا وڏيڪ دارون اوتيندو ڏسندو ٿو رهي.
"پٽ، اڳي ايڏا راڄ ڪڏهن ڪين لتاڙيا هوندءِ." چڱو خان ڏاڍو ڳجهو ٿو ڳالهائي.
"ڳالهائين ڪنهن سان پيو؟!" پرام بر تي هڪ ئي ڀيٽ سان اڌ گلاس ڏوگهي ٿو وجي.

"راڄ..... راڄ....... اسان سڄو ملڪ پيليو وينا آهيون. ٻڌاءِ، ڪهڙو راڄ آهي، جو سؤ روپين تي ٿو ساڙائين؟ ڪهڙي آسمان تي آهي؟"

"...... يار، تون سمجهين ڇو نه پيو؟" ڇڳو خان بيزاريءَ کان ڪنڌ کي ڌوڻ ڏئي، ميز تي ڪاوڙ مان مڪ ٿو وهائي.

"يار، تون اسان جي ٻه ٻڌندين يا رڳو پنهنجي لاڦ هڻندين؟"

"ها، اسان جو ڏنڌو آهي، سؤ روپين لاءِ لاڦ هڻڻ جو."

"توبهن، وري اونڌي معنيٰ ورتيئي نه؟ يار پرام، ڏاهو ٿي، ٺڏو ٿي، ڪنهن ڪتي جي پٽ کي غور سان ٻڌ ته سهي."

"ٻڌاءِ، ٻڌاءِ، آزمايل کي ڇو ٿو آزمائين؟"

"ڪا خبر ٿئي مارٽو ڪنهن کي آهي؟"

"ڪنهن کي....؟"

"تڇ پياڪ ٻار......"

"ڇا....؟ ماءُ جي ڪڇ ۾ ئي!"

"ها، وات ۾ گوليءَ جي نشان سان."

"شگل، هاڻ تنهنجي سؤ روپين شرط تي اسان پستول چوري ڪنداسين. اهڙن سؤ روپين کي مان مٽان به نه." پرام سڄو گلاس خالي ڪري، واڇ کان ڳڙندو مڏ، هٿ جي ترڀءَ سان اگهي رڙ ٿو ڪري.

"ٻڌين پيو نه ڇڳا خان؟"

"اڙي ها، پستول توکي آئون ٿو ڏيان نه، سائيلينسر لڳل. قران ڪنوارو پستول، حرام آهي جو مون ٽيسٽ به ڪيو هجي، اڙي هاڻ ته خوش ٿئين."

"واهه، ڏاڍي خوشي ٿي، جڻ اڳي ڪڏهن پستول ڏنائي ڪين ٿئون."

"بابا، هن هٿيار جي ڇڏي ڏي. موليٰ جو قسم، ڳوڙها گئس جا ڏهه ٻارهن ڦٽاڪا ڇوڙي، وچ شهر ۾ ڏينهن ڏني سؤ ماڻهو ماري اچ. رڳو دونهن هوندو. ڳوڙها... تان جو ڪلاڪ کان پوءِ خبر پوندي ته گهٽين ۾ لاش پيا آهن. ماچس جي تيليءَ ۾ به ڪو آواز ٿيندو آهي. اهو مال آهي."

"اصل اينهين."

"ٻيو، اسان وري ڪو سؤ روپين کي مٿيندا آهيون ڇا؟ ڪم نه به هجي ها، اها سوڪڙي تو لاءِ هئي."

"واھ واھ، پوءِ ته يار ديدار تي وڃن؟"
"پر خبر ٿئي ٻار ڪنهن جو آهي؟"
"ڪنهن جو؟"
"وڏيري عارب خان جو. واري ساڻ رلڻيءَ پٽ قلندر تي پڳو بينو هوندو هو، ته قلندر پٽ ڏي."
"چو يلا، وڏيري عارب کي چو نه؟"
"نه، مارٽو سال جو ٽج ڏائڪ ٻار آهي - ۽ چيچلاٽٺا وڏيرو عارب ۽ جوٽس آهن."
"جوٽس ويچاري چو؟"
"ويچاري...... آڱوني جهڙي، ڏوتيءَ هٿان چورائي موڪليومانس ته ڊاڪٽر کي ٻار ڏيکارڻ بهاني سان دل باغ بهار ڪرائي وڃي ته جوءِ مڙس کي وڃي دانهن ڏني آهي. ڳالهه راڄن تائين پهچي وئي. ابا، نه ماءُ نه پيڻ......."
"ماريه....."
"اڙي چڱو خان پلو پاري جاڻي، دل ۾ چيم پٽ تورڙي ڳالهه پراڻي ٿئي ته پوءِ ڏس، ڪيئن ٿو هانو ۾ ڏار وجهانس. اڙي وٺ چا ياد ڪندين."
چڱو خان پرام ڏانهن سؤ روپيا ٿو اڇلائي ۽ پرام ان کي مٿان ئي جهسي چمي ٿو ڏئي ۽ نچ نئين ڪڙڪ نوٽ کي وڄائيندي، اونهينءَ گهور سان چڱي خان ۾ ٿو نهاري:
"نلهو سؤ روپين مان ڪم ڪين هلندو، اسان واري امانت ڪڍ." سندس ڳالهه تي چڱو خان چيلهه سان ٻڌل پسٽل ڪور مان نچ نڪور پسٽل ٿو ڪڍي ۽ ٻئي گيدي مان سائلينسر.
"مار، چيلهه سان ٻڌيو گهمين!"
"ٻيو، اسان کي ڪا منهن آهي چا؟ اسان جون چيلهون ئي پستول ٻڌڻ لاءِ نهيون آهن." هو وري ڪنڪو کائيندي ڳالهائي ٿو:
"ٻڌ، هوٽل جي ٻيرن مان توکي ڪو سڃاڻي ته ڪونه نه؟"
"يار، پاڻ ڪمزور يار رکون ئي ڪين. آئون هوٽل ۾ ايئن لڪندو آيو آهيان، جيئن رات جي اونداهيءَ ۾ ڪنهن سنگيتاڻيءَ سان ملڻ وڃبو آهي. ڄارين ۽ وٽڪارين مان ڪنهن جنازو جيان."
"خوش رھ. قران، توکي ڏسي اندر ٺري پوندو آهي."
"چنايو ته مون به پئي." پرام پستول لوڊ ڪري مٿانهس سائلينسر ٿو چاڙهي ۽ ڏاڍو چرياڻ ٿي، پستول جا انگ اکر ٿو جانچي.

"واهه، پستول ته تنهنجي هٿ ۾، ڪيئن پرام؟ سرمو به اک ئي نهي."
"ها، خبر ٿئي، هن پستول کان سواءِ آئون قرضي هئس." پرام جو منهن ٽامڻي هٽي ٿو وجي.
"اڙي گهڻو قرض ٿئي؟ حڪم تنهنجو."
"قرض ايترو آهي جو آئون به پاڻ چڪائي نه سگهندس. خبر ٿئي، مون ساک تي وڏيري رمضان کان سؤ روپيا ورتا هئا."
"مار، اجا قرض رهيو پيو آهي؟! اهو به تو لاءِ قرض."
"ها – چيائين مڙس جو پٽ تڏهن مجيانءِ، جڏهن چڳي خان جي پيٽ ۾ سندس ئي پستول جي گولي هٽي ايندين."
"چا!؟......" چڳو خان ديهي سان چار قدم پوئتي هٽي ٿو وجي.
"چو دِجي وئين؟"
"نه، اها پاڙيائي آهي."
"پلا نئين چاول ٻار جي وات ۾ گولي هٽائڻ واري کي چا چوندا آهن؟ چڳا خان، اج اهو به ٻڌائي ڇڏ." پرام جي اکين ۾ رت لهي ٿو اچي.
"پرام!...... نه....... نه......."
"دِج نه چڳا خان. آئون وعدي جو پڪو آهيان. ٻي گولي تنهنجي ٽج پياک دشمن جي وات ۾ ويندي. سؤ روپين جي نوٽ جيان ڏاڍو ڪرو ماڻهو آهيان." پرام ٽرئگر دٻائي ٿو.
۽ ان سان گڏ ئي چڳو خان ٻئي هٿ دل تي رکندي، آواز قاتل ٻاکي سان، فرش تي ڦهڪو وجي ٿو ڪري.
۽ لفٽ جو ٻٽڻ، خونيءَ کي جڻ ڳڙڪائي ٿو وجي.

جيون ڪوئي جهوٽو آهي!

تار ڪڻ ڪڻ، نديءَ ڪنارو، پورنماس اگهڻ ۾ نشي ۾ ڊرڪيل رات. ڪارا ڪارا بادل، ڀنيا ڀنيا وار، وٽڙيل وٽڙيل روشني، اڊڙيل اڊڙيل ساهه، ڇمر ڇهمر ۾، چنڊ ٽٻيءَ ۾، ارهه جو تجلو، آڳ بدن ۾. ڇنن..... ڇنن...... ڇم..... ڇم...... پائل جي جهنڪار.

- او سرتا! ڇا پيو ڦولهين؟

- ساهن جي سرهاڻ (۽ ٽڙي پوي ٿو دل جو گلاب) او ست سنگهيٽي، پيار وهيٽي سپنن جي راڻي! تنهنجو مکڙو سون سمان، تنهنجو ڏڙ هيرن جي کاڻ، هي چنڊ جو تيج ۽ هي ڪڻ ڪڻ تارا، سڀ بي معنيٰ آهن. نيڻن جو ڏوڪو آهن، جو ڪجهه آهين تون آهين - او شال جواڻي ماڻين! جوڀن جي ڦلواڙيءَ مان ڪي گل چڻ ڏي...... گل چڻ ڏي.......

چنڊ ٻري ٿو، نيڻ ٺرن ٿا. چنڊ ٺري ٿو، نيڻ ٻرن ٿا. ٻرڻ ٺرڻ جي راند. ڇمر ڇهمر آڳ بدن ۾ ۽ ڀنين وارن جا تيج هٽي ٿو چنڊ.

- اونهه لوڀي، ڀلا گل چوندي ڇا ڪندين؟
- سپنن جا محل سجائيندس. (ڪو دل جي ڳالهه ڪري ٿو)
- ڀلا سپنا ڇا ٿيندا آهن؟
- ماضيءَ جون يادون.
- ڀلا ماضيءَ مان ڇا ملندو؟
- ساهن جي سرهاڻ.....
- ڀلا يادن کان پوءِ ڇاهي؟
- اونداهي اوماس!
- اونداهي اوماس!
- ها، او سرتي، اونداهي اوماس!
- ....!

۽ پوءِ ڪو نيڻ ۾ نيڻ کپائي هيئن ٿو چوي: "او ست سنگهيٽي، سپنن جي راڻي، هي جيون ڪوئي جهوٽو آهي. باغن مان ڪي گل چڻ ڏي..... گل چڻ ڏي......"

ڇمر ڇهمر ۾، چنڊ ٽٻيءَ ۾، اڻ تڻ من ۾، آڳ بدن ۾، ڇنن....... نه نه ...... نه نه نه .... نه ڇم....... ڇڻ ڇهڇي پوي ٿي پائل جي جهنڪار.

- او وڻجارا! سچ چوين ٿو، هي جيون ڪوئي جهوٽو آهي. آئون توتان گهور وڃان، پل گل ڇني ٻيڙيءَ ۾ وجهه، جهيٽو جهيٽو ونجهه هلاءِ ۽ يادن جا محل سجاءِ. ڇا ڇا مون کي ياد ڪندين تون!

پورنماس ندي لهرن جا لوڏا ۽ نشي ۾ ڊرڪيل رات ۽ کو پيار مان ڪنهن کي هيئن سڏ ڪري ٿو: او سرتا!

- جي او جيڏي!
- هي جيون ڇاهي؟
- سپنن جي ڦلواڙي.
- جي گل ڪوماڻجي ويا ته پوءِ ڇا ٿيندو؟
- پوءِ به چاندوڻي ايئن ئي ڇٽندي رهندي.

۽ پوءِ ٻلهار ٿي ڪوئي هيئن چوي ٿي: ها ها، جيڏا سچ چوين ٿو، هي جيون ڪوئي جهوٽو آهي. آئون توتان گهور وڃان. پل گل ڇني ٻيڙيءَ ۾ وجهه، جهيٽو جهيٽو ونجهه هلاءِ، منهنجو تن من تو لاءِ.

ڇا ڇا مون کي ياد ڪندين تون!

تارا ڪڻ ڪڻ، هير ڏکڻ جي، ناءُ نديءَ ۾، لهرن جا لوڏا ۽ ٻڏتر جي راند - چنڊ ٻري ٿو، نيڻ ٺرن ٿا. چنڊ ٺري ٿو، نيڻ ٻرن ٿا، ٻرڻ ٺرڻ جي راند ۽ نشي ۾ ڊرڪيل رات ۽ کو مدهوش ٿي ڪنهن کي هيئن سڏ ڪري: او سرتا!

- جي او جيڏي!
- هيءَ روپهري رات ۽ هي لهرن جا لوڏا وسري ته نه ويندءِ؟
- هيءَ روپهري رات ۽ هي لهرن جا لوڏا ڪو وساريندو! (۽ ٺري پون ٿا، نيڻن جا نيل ڪنول)
- پلا اجوڪي رات ۾ ڇاهي؟
- چانڊوڻي ڌرتي......
- ڌرتيءَ تي ڇاهي؟
- سونا ڏونگر.......
- ڏونگرن ۾ ڇاهي؟
- ڪير ڄارا جيئن وهي رهي آهک ندي......
- نديءَ ۾ ڇاهي؟

- هڪڙي ناءُ.
- ناءُ ۾ ڇاهي؟
- هڪ مسافر.....
- هڪ مسافر!......
- ها، هڪ مسافر!...... (۽ مک تي وجي ٿو لال گلاب)

پوءِ ڪو آنهلجهي هيئن چوي ٿو: "ها ها، او ساٿي! پاڻ ٻئي هڪ آهيون. منهنجي ٻانهن ۾ پيهي آ. پل تون منهنجا ڳجهه به ٻڌول، پل تون پري ڇڏ پنهنجي جهول. امرت پي، جڳ جڳ جي. هيءَ روپاهين رات وري ايئن مور نه مڙندي. ٽپڪي رهي آ روشن لار، پيهي وڃ پاتار، منهنجو تن من تو لاءِ، ڇا مون کي ياد ڪندين تون..... (۽ بوند جهڻڻ لاءِ جڻ سپيءَ جو وات کلي ٿو)

چنڊ ٻري ٿو، نيڻ نرن ٿا. چنڊ نري ٿو، نيڻ ٻرن ٿا. هتڙي ڇا ڇا سپنا سرجن ٿا ۽ سرجي سرجي ڪچيءَ تند جيان ڇجيو وڃن!

تارا ڪڻ ڪڻ، نديءَ ڪنارو، ڪتيءَ ۾ ڪنبٽي، اڏڙيل ساهه، اک آلي ۽ من ؟؟؟ ساڳيءَ پر ڪان چنڊ چڙهي ٿو.

چنڊ چڙهي ٿو، نيڻ ٺمن ٿا. چنڊ لهي ٿو، نيڻ ٺمن ٿا.

ڪئون ...... ڪئون ...... ڪئون ......جڻ اڏڙي دل جا ڦٽ پون ٿا.

- ساٿي! ڇا پيو ڳولين؟
- ساهن جي سرهاڻ (۽ پوءِ ٻوڙا لڙڪ لڙن ٿا)
- او ست سنگيٽي، پيار وهيٽي، سپنن جي راڻا! هيءُ جڳاٽو سپنو آهي. هي چنڊ جو تيج ۽ اپ جا تارا، سڀ نيڻن جو ڏوکو آهن! جوين ڇا ڇا جاڙ ڪري ويو..... (۽ پوءِ ڇلڪي نيڻ پون ٿا.

چنڊ چڙهي ٿو، نيڻ روئن ٿا. چنڊ لهي ٿو، نيڻ روئن ٿا، لاٽ ٻاٽ جي راند ۽ ڪو سڏڪي ڪنهن کي دل جو ڏڍ ڏئي ٿو:

- او جيڏا! تون ته ڏڃي ويو آهين!
- ها او جيڏي! منهنجو ساهه منجهي ٿو.
- ڏاڍو مون سان پيار ڪرين ٿو؟
- ها او سرتي، توتي ساهه ڏيان ٿو. (۽ پوءِ سڏڪي چپ چپن کي چمن ٿا)

ڪئون ...... ڪئون ...... ڪئون ......ڪنگهه جو ڪرڻو. ساڳيءَ پر ڪان چنڊ چڙهي ٿو، هاڻ سڙي ٿو (۽ ڳلن تان لڙڪ ڳڙن ٿا)

- او جيڏا، تون ته ڏڄي ويو آهين!
- ها او سرتي، منهنجو هاڻ هڄي ٿو.
- ڇا لاءِ تنهنجو هاڻ هڄي ٿو؟ تو وٽ يادن لاءِ قول ناهن ڇا؟
- آهن، سرتي آهن....
- ڇا تو وٽ يادن لاءِ سپنا ناهن ڇا؟
- آهن سرتي آهن.....
- ڇا ڇا مون ها پيار لٽايا – ياد اٿئي؟
- ها او جيڏي، سڀ ياد اٿم!

۽ پوءِ سڏڪي ڪوئي هيئن چوي ٿو: چڱو مسافر! آئون هلان ٿي. ڇا ڇا گيت سٽايم توکي! ڇا ڇا پيار لٽايم توتان! هاڻي ڪهڙو واس وٺين ٿو. منهنجي يادن سان دل وندرائج. ڇا ڇا مون کي ياد ڪندين تون.....! (۽ پوءِ ڪنهن جو ساهه منجهي ٿو)

ڪئون ...... ڪئون ...... ڪئون ...... ڪنگهه جو ڪرڻو، رت جي الٽي ۽ ڪوئي ريهه ڪري لاش تي لڙڪي ٿو، سڏ ڪري ٿو، چپ چمي ٿو. پوياڻيءَ جو واس وٺي ٿو، روئي روئي رچ پري ٿو.

چنڊ ٻري ٿو، نيڻ ٺمن ٿا، چنڊ ٺري ٿو، نيڻ ٺمن ٿا. روئي روئي روچ پري ٿو.
چنڊ ٻري ٿو، نيڻ ٺمن ٿا، چنڊ ٺري ٿو، نيڻ ٺمن ٿا. جيءَ اندر ۾ جهير پون ٿا.
تارا ڪڻ ڪڻ، نديءَ ڪنارو، پورنماس اڱڻ ۽ ساڳيءَ پر تان چنڊ چڙهي ٿو.
ساڳيو سپنو.

ڪارا ڪارا بادل، پنيا پنيا وار، وتڙيل وتڙيل روشني، اڌڙيل اڌڙيل ساهه، ڇمر جهمر ۾، چنڊ ٽبي ۾، ارهه جو تجلو، آڳ بدن ۾..... ڇنن........ ڇنن..... ڇم...... ڇم....... پائل جي جهنڪار.

- هي جيون ڇاهي؟
- سپنن جي ڦلواڙي.
- پلا سپنا ڇا ٿيندا آهن؟
- ماضيءَ جون يادون
- پلا يادن کان پوءِ ڇاهي؟

- اونداهي اوماس!......

چنڊ ٻري ٿو، نيڻ نرن ٿا. چنڊ نري ٿو، نيڻ ٻرن ٿا. ٻرڻ نرڻ جي راند.
چنڊ ٻري ٿو، نيڻ ٽمن ٿا، چنڊ نري ٿو، نيڻ ٽمن ٿا. لاٽ ٻاٽ جي راند.
اڪ آلي ۾ من پورالو. هڪ مسافر هيڪل وياڪر، تنها، تنها، بينو سوچي: هي جيون ڇاهي!......

نئون سال، پراڻو ڪال

ڳالهه ٿا ڪن ته اڄ ڪان سوين سال اڳي، هن ٿويءَ تي سون ولات نالي هڪ وڏو سکيو ڀاڳ ڀريو ملڪ آباد هو. ان مان ڪئين نديون وهنديون هيون، جن مان سڀ ڪان وڏي نديءَ جو نالو سوشوما هو. اها ندي ٻارهوئي اتانهن پهاڙن ڪان گجگاهه ڪيو پئي وهندي هئي. سڄي ملڪ جي زراعت جو دارومدار ان نديءَ تي هوندو هو ۽ سون ولات جي پرٿوي سدائين اناج سان ڀريل کيتن، ميوي دار وڻن، ڪپهه جي گوگڙن ۽ ماکين سان ٽنڊٽي پئي هوندي هئي.
هڪ سمان ان ملڪ تي آئوڌ نالي هڪ آريائي نسل جي راجا ڪاهه ڪئي ۽ اتي جي مڙني راجائن کي ماري مات ڪري، دڳي جو ڏٽي تي وينو. جنگ کٽڻ ڪان پوءِ هن سون ولات جي ڏيهي ماڻهن ڪان ملڪيتون ۽ جاگيرون ڦري پنهنجي آريه سپاهين کي ڏنيون ۽ هو آريه لوڪن جو جيترو گهٽگهرو هو، ڏيهي ماڻهن جو اوترو ئي ويري. ويچارن ڏيهي ماڻهن جو هن جي نالي ڪان ئي ساهه سڪي ويندو هو. جيئن ٻڪرين جي ڌڻ ۾ بگهڙ! جنهن کي وٽيس ڇيڇاڙي، جنهن کي وٽيس ماري. ويچاري مني به مات مني به مات. بيداد نگري ۾ ڪير ڪڇي.......
راجا آئوڌ سدائين اتي جي ڏيهي ماڻهن مان ڪنهن چاپلوس، لالچي ماڻهو کي پنهنجو وڏو وزير چوندبيندو هو، ڇو ته هو اتي جي ڏيهي ماڻهن جي ٻولي ڪانه سمجهي سگهندو هو، تنهن ڪري ڊپ لڳندو هئس ته هتي جا ماڻهو ڪا بغاوت نه ڪن. تنهن ڪري اهو وزير کيس هر وقت ملڪ هي حال احوال ۽ خطري ڪان واقف ڪندو رهندو هو، پر جي ڪو وزير ڏيهي ماڻهن ۾ مقبول ٿي ويندو هو ۽ عوام جي خير خواهي جو ڪم ڪندو هو ۽ مهاراجا کي مٿس ٿورو به شڪ پوندو هو ته وزارت جي ڪرسيءَ تان لاهي ڪٽي ڪاٺ ۾ هڻندو هئس.
ان ئي سمي سون ولات لڳ جهرٽا نالي هڪ گمنام ٻيٽ هو، جنهن جي ڪل آئوڌ کي بنهه ڪانه هئي. سوشاما ندي ٻارهوئي جهرٽا ٻيٽ جي پرٿوي تي اڇي گهاگهر وانگي پلٽي پوندي هئي ۽ جهرٽا جا ٽر ٻر سڀ جل ٿل ٿي ويندا هئا. درياهه جي ميرانجهڙي پاڻيءَ تي فصل ايترو

ته پلو ٿيندو هو جو لڪين ماڻهو ان تي پيٽ پاريندا هئا. تنهن ڪري اتي جا ماڻهو جهرنا ٻيٽ جي ان حصي کي لکي ديهه ڪري سڏيندا هئا. سوشوما ندي ٻارهوئي پئي مٿن سڪار ڪندي هئي. اهي ماڻهو ٻارهوئي فصل لهڻ مهل سوشوما ندي جي ڪناري تي گڏجي جشن ملهائيندا هئا. سڀ گڏجي قسمين قسمين جا طعام چاڙهيندا هئا. زالون اوچا وڳا، هار سينگار ڪري جمالو ۽ ڇيج ڳائينديون هيون. نينگريون ناچ ڪري ڇيڪليون پائينديون هيون. ٻارڙا وڻن ۾ پينگهون ٻڌيون لڏندا هئا. جوان مڙس پاڻ ۾ پيا ملهون ۽ ٻلهاڙا ڪندا هئا. هر طرف سک، خوشي ۽ منڊل متو پيو هوندو هو.

ڪرڻي خدا جي، هڪ ڏينهن جڏهن لکي ديهه جا رهواسي پنهنجي سرڳ سمان ڪيتن ۾ لاٻارا لهڻ جو جشن ملهائي رهيا هئا ته اتان مهاراجا آئوڊ جو وڏو وزير نيپراءِ اردلي اچي شڪار سانگهي لانگهائو ٿيو ۽ جبلن وانگي ان جا ڪرا ۽ ساوا سڪاريا ڪيت ڏسي دماغ جا تاڪ لڳي ويس. سو ويهي ويچار ڪيائين ته وزارت جي ڪرسيءَ تي ڪهڙو ڀروسو، الا ڪڏهن مهاراجا آئوڊ ڏمرجي لت هڻي ڪرسيءَ تان ڪيرائي وجهيم. سو ڇو نه هينئر جو مهاراجا وٽ هيڏي هلندي ۽ هوڏ اٿم، تنهن مان ٻين وزيرن وانگي فائدو ونجي. سو سٽ ڏئي گهوڙي جي واڳ ورايائين ۽ شڪار جو سانگو ڇڏي، نئون منڊ منڊڻ لڳو ۽ وڃي مهاراجا آئوڊ جي پيرن ۾ سجدو پري، پنهنجون جفاڪشون ۽ وفاداريون دهرايائين ۽ پير چمي چيائين:

"اي جيئندا قبلا! اي سون ولات جا سرواڻ! لکي ديهه جي ڌرتي ڏاڍي ڀاڳ ڀليري آهي، پر اتي جا ماڻهو ڏاڍا ٿوڻي ۽ ڪمچور آهن. سڄي زمين ويران پئي آهي. جي اها زمين مون کي ملي ته آئون سرڪار کي ٻيڻي ڍل ڏيندس." مهاراجا آئوڊ متس ڏاڍو مهربان هو، ڇو ته هن ڪيس ڪيترن خطرن کان آگاهه ڪيو هو، سو تڙي ڪڙي ڪاڳر تي مهر هڻي ڏنائينس ته لکي ديهه جي ڌرتي تنهنجي آهي، وڃي پوک. اردلي وزير مهاراجا جي پيرن ۾ وڏا سجدا گهوريا ۽ مهاراجا جا پير چمي لکي ديهه هٿ ڪرڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو روانو ٿيو.

ٻئي ڏينهن پرهه ويل لکي ديهه جا هاري ناري، مالوند ۽ مارو، جندن ۽ ولوڙڻ جي مني آواز تي ننڊ مان اکيون مهٽي اٿيا ۽ پنهنجي ڳوٺن کي کڙ کتر ڳوهت ڪري ڏيڻ لڳا ته پنهنجي زمينن تي سرڪاري ڪامورن جي ويهون ڏسي وائڙا ٿي ويا. سو وڏي ڏاڪو ويهارو مڙسن جو ٿي گڏجي ڪائن خبرون چارون وٺڻ لاءِ ويا ۽ ڪين پليڪار ڏئي چيائون:

"سائين، خير مان اچڻ ٿيو آهي."

تڏهن هڪ ڪاموري ڏيدي اک ڪري گوراک وجهي، ڏانهن نهاري چيو:

"اڙي انڌن جا ڦرنئون! ڏسو نتا ته زمين جو ڪاچو پيا ڪيون." ڪاموري جي هڪل جڻ الله جو آواز. ويچارا سڀ ڳوناٽا هيسجي ويا، پر هڪ ڪراڙي مڙس مڙئي دل جهلي چيو: "پر سائين، اهي زمينون ته اڳيئي ڪٽيل ۽ ماپيل آهن. اهي آد جڳاد کان اسان جون آهن. اسين هتي ويد ڪال کان به اڳي جا آباد آهيون."

"اوهان جي بابي جون آهن. خبردار جو ڪنهن رنڙي پٽ ٽون ٽان ڪئي آهي. چيري چوڏهن ٽڪر ڪري، لوڻ ٻرڪائيندوسانس. اڙي اٺ جا پٽؤ، هي زمين مهاراجا آئوڌ پنهنجي وڏي وزير نيپراءِ اردلي کي ڏني آهي. سياڻ سچ ايرڻ کان اڳي اوهان پنهنجا پنگا هتان پٽي ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي اڏيو. اڙي سمجهو ٿا يا وڃهانو جوتن جي گهاٽي!" پوءِ ڇا هو، ماڻهن ويچارن جي پيرن هينان جڻ زمين نڪري وئي. ڏاڍي جي ڪٺ کي به مٺا. زور جي اڳيان زاري آ. ڪير ٻڙڪ ڪڇي! ٻيو ڪوبه چارو نه ڏسي سڀ وني پنهنجي ڳوڳي پير ڏي ڀڳا.

ڳوڳو پير سندن سڀ کان وڏو ديوتا ۽ پيشوا هو. اهي غريب ماڻهو ٻارهوئي ڪيس ڏن ڏيندا هئا، ڇو ته ڏڪار ۽ اهڙي مصيبت جي موقعي تي سدائين ڪين ڳوڳو پيو ڪم ايندو هو. تنهن ڪري سيني گڏجي وڃي ڳوڳي پير جي گهر جو ڪندو ڪڙڪايو. ڳوڳي پير پنهنجيون ڳاڙهيون ڪرڙيون اکيون مٿي ڪٽي ڏاڙهيءَ تان هٿ ڦيرائيندي چيو: "ابا! ديوتا مڙئي چڱي ڪندا. هي ڪامورا ٻي پيرا ٻي پاڙا، انهن تي ڪنهن جو وس ڪونه هلي. منهنجي پاڻ ٥٠٠ جريب زمين ڪاچي ۾ اچي وئي آهي، پر ابا! جيڪو ڏاڍو سو ڳابو. جبل سان مٿو ٽڪرائبو ته مٿو ڦاٽندو. جبل کي ڪي ڪين ٿيندو. متان ابهرا تي ڳوڙ ڳبوڙ ڪيو اٿو. آئون وينو آهيان، سڀ چڱي ٿيندي." ڳوڳي پير ڪين گهٽائي ڏڍ ڏنا، پر ڇوندا آهن جهريءَ کي ڪهڙو جهل. ويچارن کي ٿهمر ڪونه آيو. ويچارا ماٺ ڪري پنهنجي گهرڙن ڏي هليا ويا.

ان ئي ديهه ۾ سرويچ نالي هڪ نوجوان نينگر رهندو هو. هو جهڙو ئي بت جو جانٺو، سهڻو ۽ دلير هو، عقل جو به اهڙو ئي اڪابر ۽ ڳالهين جو وينجهار هو. تنهن ڪري لکي ديهه جا ماڻهو ڪيس ڏهيسر جي نالي سان سڏيندا هئا ۽ ڳوڳي پير کان سواءِ سڀ ڪيس ڏاڍي عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. ان نينگر کي جا ان هاڃي جي ڪل پئي، تنهن جهرٽا ٻيٺ جي سيني چڱن مڙسن کي گڏ ڪري پنچائت گهرائي ۽ هزارين ماڻهن جي حشام ۾ هڪ پيهي تي چڙهي، وڏي آواز سان چيائين: "ڀائرو! هيءَ زمين ازل کان اسان جي آهي. ويد ڪال کان به اڳي اسان جي ابن اڃي هي پٽ وسايا ۽ صدين جي محنتن سان اسان ڪيڙون هٽي، هر هٽي، ٻنا ٻڌي هن زمين کي فصل جي قابل بنايو. ان زمين تي رڳو اسان جو حق آهي. هيءَ زمين اسان جي جيجل ماءُ آهي، اسان جو ايمان، اسان جي عزت، اسان جو سڀ ڪجهه آهي. ڇا اهو سڀ

ڪجهه ٻين جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيندا؟ ڪڏهن به نه! اوهان ما ڪو ايئن نه ڪندو. پائرؤ! اڳي اسان جي زمين اسان ڪان رڳو ٻانهن جو پورهيو ۽ پگهر گهرندي هئي، پر اڄ اسان جي زمين اسان ڪان رت جو پاڻ گهري ٿي ۽ اسين اهو به ڏينداسين ۽ اسان ان جي حفاظت لڏين، ڪاتن ۽ ڪهاڙين سان ڪنداسين. پائرؤ! واعدو ڪيو ته اسين هر ظلم، جبر ۽ انياءُ جو مقابلو ڪنداسين. اسين مرنداسين پر پنهنجي زمين ٻين جي هٿن ۾ ڪونه ڏينداسين." تنهن تي ماڻهن ۾ اهڙو ته اڇي جوش پيدا ٿيو جو سيني وني لنيون ۽ ڪهاڙيون متي ڪيون ۽ چيائون: "اسين مرڻ مارڻ لاءِ تيار آهيون. اسين مئي مارائي پڃاڻا پنهنجي زمين ٻئي جي هٿن ۾ ڪونه ڏينداسين."

گوگي پير ڪي جو ان ڳالهه جو ڪڙ واءُ ڪن پيو، سو هڪدم پاڻ ڪي ڏولي تي ڪٽائي پنچائت ۾ آيو ۽ ڏوليءَ تان ئي سهڪندي چلم وانگي گڙگڙائيندي چيائين: "ابا ٿڌا ٿيو، ماڻهو جيڪو واءُ ڏسي ان ڪي اهڙو منهن ڏئي. اسان جو مقابلو جبل سان آهي. چورن چلنگن جي چوڻ تي ابهرا نه ٿيو. اهي وات ڳاڙها چورا اوهان جو سر وڃائيندا. راجا نيٺ به راجا، پرجا نيٺ به پرجا آهي. منهنجي به ته ٥٠٠ جريب زمين ڪاڇي ۾ اڇي وئي آهي." گوگي پير جي ان ڳالهه تي نوجوان نينگر ڏهيسر ڪي آئي ڪاوڙ، سو هڪل ڪري چيائين: "گوگا پير، تون ڇاڙي بند ڪر. توڪي ڪهڙي خبر ته زمين ڇا ڪي چئبو آهي! تو ٻانهن جي پورهئي سان زمين ورتي هجي يا هر هلائي پگهر وهايو هجي ته توڪي ڪل پوي. تو سدائين پن جا ٽڪر ڪاڏا ۽ غريب مريدن جي ڏن جي ڏوڪڙن تي چار ايڪڙ زمين ناهيئي. توڪي ان جو ڪهڙو قدر ۽ قيمت." ڏهيسر جي ان ڳالهه تي گوگي پير ڪي باهه لڳي وئي. منهن ٽامٽي هٽي ويس. ڏڪندي سهڪندي پنچائت مان اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ويندي ويندي چيائين: "اوهان جڻ ٻچي گهاٽن ۾ پيرهبا. اهي لفنگا چورا اوهان ڪي ڪاهي ۾ هٽندا. ديوتائن جي منافقت جو حشر ٿيٽو آهي." ماڻهن ڪنهن طرح به پنهنجي گوگي پير ڪي ناراض ڪرڻ نٿي چاهيو، تنهن ڪري پنچائت ڪان موٽڻ مهل سڀ سندس در تان ڦيري پائيندا ويا.

گوگير پير واءُ جو رخ تاڙي چيو: "اوهان اصل بيوقوف آهيو. ڪين جهڙا چورا اوهان جو سر وڃائيندا. انهن ٽڪي جي چورن جي عزت ڪان به متي تي ڇا!؟ توهان جي اڳيان هن ڇا ڇا لباڙ هنئي. توهان مان ڪنهن ڪيس چيو. نيٺ به ته آئون اوهان جو ديوتا آهيان، جيڪي ڪندس سو آئون ڪندس. ۾ آنهو اهڙي هلت هلي جو نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. منهنجي مهاراجا آئوڌ جي دربار ۾ چڱي هلندي آهي. اوهان سڀ گڏجي مون ڪي هڪ هڪ سونو سڪو ڏيو ته مان ديوان داڙا ڪري مهاراجا آئوڌ جي دربار ۾ اوهان جي حقن ۽ انصاف لاءِ وڙهان."

ماڻهن ڪي گوگي پير جي اها صلاح ڏاڍي وڻي. سو هر هڪ ڪيس سونو سڪو آڻي ڏنو ۽ صبح جو سويري گوگو پير سونن سڪن جي ٿيلهي ڪڇ ۾ ڪري، پلن ٻگن ڊِڳن جي گاڏي ۾ ويهي سون ولات جي راڄڌاني سون مياڻ ڏي روانو ٿيو ۽ اتي وڃي مهاراجا آئوڊ جي وڏي وزير نيپراءِ اردلي سان ملاقات ڪيائين ۽ هٿ ٻڌي هن جي پيرن ۾ وڏا سجدا گهوريندي چيائين: "شال اوهان جو بخت پليرو هجي. آئون ديهه لکي جو وڏو زميندار گوگو پير آهيان. جهرٽا ٻيٽ جا سڀ ماڻهو منهنجي سڳي ڦيٽي ۾ ايئن ٻڌل آهن، جيئن جوڳيءَ جي مرليءَ ۾ نانگ! پر رڳو هڪ ڇوري جو ڪارو منهن ٿئي، سڄو ڪم ڦٽايو وينو آهي. رڳو زهريلا ڦوڪارا پيو هڻي ۽ ماڻهن ڪي ايڏو ته پڙڪايو اٿس، جو سڀ ڪات ڪهاڙا ڪنيو وينا آهن. جيڪو ويندو، سو ڪسندو. وڏي بغاوت ٿيندي. ممڻ مچندو ۽ ڇتي جنگ لڳندي، پر جي رڳو ان ڇوري جي ڄاڙ بند ڪرائي وڃي ته ٻيا ماڻهو منهنجي مرلي ۾ قابو آهن." پوءِ گوگي پير اردلي وزير ڪي ڪن ۾ ڪو ڦسڪو ڪيو. ڪن واري ڳالهه تي اردلي وزير نري ڳنگ تي پيو ۽ هڪدم سندس مريد تي ويو ۽ ساڻس واعدو ڪيائين ته هو سندس زمين جي ٽڪر ڪي هٿ به نه لاهيندو ۽ پاڻ سرڪار کان ٻي زمين به ڪيس ونرائي ڏيندو. ان ڏينهن اردلي وزير گوگي پير ڪي ڏاڍا قورمان ڪمام ڪارائي، ڏاڍيون سوکڙيون سوغاتون ڏئي لکي ديهه روانو ڪيائين.

ٻئي ڏينهن مهاراجا جا ڪامورا ۽ سپاهي سونين چونين سان هر ڪاٺ جا گهوڙا، لوهه جا لغام قطاري لکي ديهه پهتا ته هزارين ڳوناٺن ڪي لنيون، ڪات، ڪهاڙا ڪنيو بينل ڏسي ڪجهه مڙئي ڏڪي ويا. نوجوان نينگر ڍهيسر سيني جي اڳواٽي ڪندي سرڪاري ڪامورن جي سامهون ٿيندي چيو: "هن ڌرتي تي رڳو اسان جو حق آهي. اسان پنهنجي جيئري پنهنجو حق ٻئي ڪي ڪونه ڏينداسين. توهان ڪي ڪو حق ڪونه ٿو پهچي ته اسان جي زمينن تي قبضو ڪيو." ڍهيسر جي ان ڳالهه تي وڏي ڪاموري ڪي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، پر مام پروڙي ڪاوڙ جي بجاءِ ڪجهه هيناهين وننديءَ چيائين: "سرڪار اوهان جو حق ڦٻائڻ نٿي چاهي. حقيقت ۾ هيءَ زمين سون جي کان آهي، سون جي کاڻ. اوهان رڳو نم جي ٿڌي ڇانءُ هينان زالن سان ٻک وجهي سمهڻ ڄاڻو. اوهان ڪي اها زمين اصل ڪانه ٿيندي. اسان ان ڪي سونين چونين ڪاٺ جي گهوڙن، لوهه جي لغامن سان ڪيڙينداسين ۽ ان جي بدلي سرڪار اوهان ڪي ٻي زمين ڏيندي." ڪاموري جي ان ڳالهه تي نوجوان ڍهيسر کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ ڏاڍي رعب سان چيائين: "ڪامورا! اها اڻ ٿيڻي آهي. سياڻ اوهان چوندؤ ته اوهان جون زالون ڏاڍيون سهڻيون آهن، پر اوهان ته ڪين پير ۾ جتي به ڪانه ٿا پهرائي سگهو. توهان انهن ڪي

نٽا سنپالي سگهو. اسين ڪين ملڪه سڏينداسين ۽ قلوپطره وانگي محلن ۾ نت سان رهائينداسين ۽ ڪين اوچا وڳا پهرائينداسين. اهي زالون اسان کي ڏيو. اسان انهن جي عيوض اوهان کي ٻيون زالون ڏينداسين. ڪامورا! ايئن ڪڏهن به ڪونه ٿيندو. اها مٽا سٽا اسان کان اصل ڪانه ٿيندي. خبردار جو ڪنهن به اسان جي زمينن تي هر ڪيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان ان جا هٿ وڍي ڇڏينداسين. هيءَ ڌرتي آدجڳاد کان اسان جي آهي. ان لاءِ اسين مرڻ مارڻ لاءِ تيار آهيون. آهي ڪنهن کي همٿ جو ميدان ۾ نڪري نروار ٿئي؟" وڏي ڪاموري پنهنجي چوڌاري هزارين ماڻهن ڏي نهاريو، جي مرڻ مارڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. سو ڏنائين ته گهمسان جي جنگ لڳندي، جنهن ۾ سندس لشڪر مان هڪ سپاهي به نه بچندو، سو مڙي ويو.

ان ڏينهن لکي ديهه وارن پنهنجي نوجوان اڳواڻ ڏهيسر کي خوشي کان ڪلهن تي مٿي ڪنيو. ان رات ڳوٺ ۾ وڏو جشن ملهايو ويو. ڏهيسر جي ننڍي نيٽي ڪامٽي زال ساهيڙين جي سٿ ۾ پئي سونهين. زالون توڙي مڙس ڏهيسر جي ساراهه مان ڌاپيا نٿي.

هوريان هوريان جشن جا ديپ اجهاڻا. لکي ديهه جا هاري ناري، لاهياريون، جي ٻن راتين کان جنگ جي ڌهڪاءُ کان سمهي نه سگهيا هئا، آهستي آهستي هڪ ٻئي کان موڪلائي وڃي پنهنجي ڪکين پنين آسائتا ٿيا. چٽني پاسن کان ننڍ جي ديوي آري تي وينل ڪڪڙ وانگي پنهنجا اونداها پر ڦهلايو ويٺي هئي. هر طرف رات جو راڄ هو.

ان رات جڏهن هرڪو ماڻهو پنهنجي ينگي ۾ ننڊ ۾ الوٽ هو ته ڳوٺ ۾ ائوڊ جو لشڪر گهڙي آيو. انهن جي اڳواٽي گوگو پير ڪري رهيو هو، جنهن وٺي وڃي ڪين نوجوان اڳواڻ ڏهيسر جي گهر جي در تي بيهاريو. ڏهيسر پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ ڳوڙهي سوچ ۾ ٻڏل هو. هن جو هڪ سال جو ننڍڙو پٽ ۽ نوجوان زال پينگهي ۾ ستا ننڊ ۾ مرڪي رهيا هئا. ڏهيسر پاڻ منجي تي ڪلڪ هٿ ۾ ڪنيو ڪاڳرن تي جهڪيل هو ته ٻاهران گوگي پير اچي سڏ ڪيو. گوگي پير جي آواز تي ڏهيسر جهڙو ئي ٻاهر نڪتو ته مهاراجا آئوڊ جي لشڪر وات تي هٿ ڏئي ڪٽي ڪنيي ڪنيس ۽ سڪ ڪري ڇڏيائونس.

صبح جو سويري اها خبر وڄ وانگي سڄي وسنديءَ ۾ ڪڙڪي وئي ته آئوڊ جي لشڪر ڏهيسر کي گرفتار ڪيو آهي ۽ ڪيس هزارين ماڻهن جي حشام اڳيان ڪلي ڦاهي ڏني ويندي. سڄي لکي ديهه جا ماڻهو، ٻار زالون ٻر تي ويا ۽ پنهنجي نوجوان اڳواڻ کي بچائڻ لاءِ ڪات ڪهاڙا ڪنيائون، پر گوگو پير آڏو اچي وين ۽ چيائين: "خبردار جو ڪنهن ٻڙڪ ڪڇي آهي، نه ته سيني جي ويڙن ڏهيسر جهڙي ٿيندي. زمينون ته ويندو، پر ماڳهن جڻ ٻچي گهاڻن ۾

پيڙبئو. توهان جي ننڍڙن ٻارن جا لاش مهاراجا آئوڌ جا ڪتا ڪائيندا. راجا نيٺ به راجا ۽ پرجا نيٺ به پرجا آهي. انهن ڪين جي پنيان لڳي پنهنجا سر وڃائيندؤ. مون تي اعتبار ڪيو. مان اوهان جو گوگو پير آهيان، مان اوهان کي اوهان جون زمينون به ونرائي ڏيندس ۽ ڪامورن کي چئي ڪري ڏهيسر جي موت جي سزا به بخشائيندس، پر ان شرط تي ته اوهان مان ڪو ٻڙڪ به نه ڪچندو. ان ۾ سرڪار، منهنجو، اوهان ۽ ڏهيسر جو ڀلو آهي." سيني ماڻهن پنهنجا ڏندا، ڪات، ڪهاڙا ڪٽي هيٺ ڪيا ۽ پنهنجي ديوتا جي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا، جا سيني جي فائدي جي ڳالهه هئي.

ان ڏينهن لکي ديهه جي ٻنين جي وچ ۾ نوجوان اڳواڻ ڏهيسر کي بيهاري ڪيس ڦاهيءَ جو حڪم ٻڌايو ويو.

سڀ ڳوناٽا ويچارا زالون مڙس هن جي جان بخشيءَ لاءِ گوگي پير ڏي نهاري رهيا هئا. گوگي پير ڏاڍي گنڀيرتا سان سيني ڳوناٽن ڏي نهاريو ۽ ريسم جهڙيءَ اڇي، نرم ڏاڙهيءَ تان هٿ ڦيرائيندي، آئوڌ جي وڏي ڪاموري کي عرض ڪيو: "قبلا! منهنجي صلاح ته اها آهي جو ڦاهي ڏيڻ ڪان سنو ٿيندو ته ان نينگر جي زبان ڪاڪڙي ڪري وڍي وجي، جيئن وري ڪنهن کي ايئن ڄاڙ هڻڻ جي همت نه ٿئي."

گوگي پير جي اها صلاح ڪاموري کي ڏاڍي وڻي. تنهن هزارين ماڻهن جي وچ م اٿي چيو: "اسين ان نينگر کي ڦاهي ڏيون ها، پر گوگي پير جي سفارش سان سندس جان بخشي ٿي وڃي. هن سرڪار جي خلاف عوام کي پڙڪايو هو، تنهن ڪري سندس زبان ڪاڪڙي ڪان وڍي ويندي."

ان ڳالهه تي ڏهيسر هڪ وڏي رڙ ڪندي چيو: "ظالمو! ايشور جي نالي منهنجي زبان نه وڍيو. منهنجي زبان انسان جي اندر جو پڙاڏو آهي. مون کي ڦاهي ڏيو، مون کي تلوار هڻي منهنجي سسي ڌڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيو، منهنجا هٿ پير وڍي ڇڏيو، مون کي ڀالا هڻي منهنجي جسم کي پروڻ ڪري ڇڏيو، پر اوهان کي ديوتائن جو سوڳنڌ، منهنجي زبان نه وڍيو." پر هن جي آهه زاري ڪنهن نه ٻڌي. گوگي پير جي نونٺ جي اشاري سان ڪاموري پنهنجي سپاهين کي زبان وڍڻ جو حڪم ڏنو. چئن ٽلهن ٽنيرن سپاهين حڪم ٻڌندي ئي نوجوان ڏهيسر کي ڪٽي ٻڪس ٻس ڪيو. سندس نڙيءَ تي لت ڏئي تکيءَ ڇريءَ سان سندس زبان وڍي ڇڏي. هن جون رڙيون آسمان تائين ٿي ويون ۽ هن جي وات مان نڪرندڙ رت جي گرڙين سان لکي ديهه جي زمين جو ٽڪر ڳاڙهو ٿي ويو. ڏهيسر جي نوجوان زال پنهنجي مڙس جو اهو حال ڏسي وڏي ڪيهه ڪري ڏنڍجي ڪري پئي. ڏهيسر جو ننڍڙو پٽ خوف ۽ ڏهڪاءُ ڪان اکيون

ڦاڙيو پنهنجي پيءُ ڪي ڦٽڪندو ڏسندو رهيو. هو ايترو ته ڊڄي ويو هو جو سندس وات مان دانهن به ڪانه نڪتي. پنهنجي اڳواڻ جو اهو حال ڏسي سيني ڳوناٽن زالن توڙي مرشن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. گوگو پير پنهنجي اڇي ريشمي ڏاڙهيءَ تان ڏاڍيءَ گنڀيرتا سان هٿ ڦيرائي ڪامورن سان اٽي ڪڙو ٽيو.

ان ڳالهه کي ڪي وقت گذري ويا. زمانو پنهنجي ساڳي چال تي بيٺو آهي. چون ٿا ته سوشوما ندي اڄو اڄ تائين سون ولات جي پرٿويءَ تان سوئا ڳئون وانگي رنيندي جهرٽا بيٺ ڏي ڊوڙندي آهي. سڀ تر بر جل ٿي ويندا آهن.

آئوڏ به آهي، اردلي وزير به آهي، گوگو پير به آهي، ساڳيو عوام به آهي ۽ اولاد ڏهيسر به آهي. پر چون ٿا ته انهيءَ آئوڏ ڪال ڪان وني ڏهيسر جي اولاد جي وائي بند ٿي وئي ۽ سڀ ڏهيسر پيڙهيءَ به پيڙهيءَ گونگا پئدا ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪو ڏهيسر جوش ۾ اچي ڪي ڳالهائيندو به آهي ته ويچارو عوام هن جي گونگي ٻولي نه سمجهي سگهي.

گرپ جو تيج

هو ميٽروپول مان پي ڪائي ڏت تي نڪتو آهي.
وايو منڊل ۾ جڻ تارا، ترورا ڪندا، تر ٽيندا، ڪٽيون ڪٽيون ٿي هيٺ ڇٽي آيا آهن ۽ ڌرتي تي، هوائن ۾ چانديءَ هاٽي دز پئي اڏي.
هو ڪنهن جي ڪوچ ۾ چوڏس نهار ڦهلائي ٿو. سندس نيڻ ڦرندا، سامهون بينل ڪارن ڏانهن ڪڇي تا وڃن. سامهون سڙڪ جي هن پار، اها گرپ وتي منڊ ڪيس هئنڊبئگ ڪنيو بينل نظر اچي ٿي، جيڪا ٿوري دير اڳ بار ۾ هڪ ڪڙپيل امير پوڙهي سان وينل هئي.
هو گهريءَ اونهين گهور سان عورت جي گهڙاو، رنگ، روپن، سارو پن ۾ نهاري ٿو. سندس واڇڻ وڃيو وڃن. عورت ڇا هئي، بور هئي بور. ڏگهي ڏگهي جهڙو ونجهه، ٻُبا جڻ ڪنهن مسيت جا قبا. مٿن انن مهينن جي گرپ ٿوٽر هوندي به دن جي اونهاڻ اهڙي جهڙي ڏبڻ. جڻ ٻارن جڻڻ لاءِ قدرت ڪيس ٻنا ٻر ڏنا هجن. ٻنيون شڪتيون پاري پاري هيس. چيلهه ۾ چاٻين جو ڇڳو لڙڪيل. نيري ساڙهيءَ مٿان نرڙ تي نيرو گهرو تلڪ، اشانت مک، جهڙي نيل گوپي. ساروپا اهڙا جو هڪ وار ڏسڻ ڪان پوءِ سدا لاءِ اکين ۾ چاپجي وڃن. فريز ٿي وڃن ميڄالي ۾.
- ۽ ٻنهين جي وچان ڊوڙندا وڃن ٿا، ڪارن جا اکٽ سرسلا.
هن لائونج ۾ ڪروڙ پتي مهاجر پوڙهي سان سندس ڳالهه ٻولهه ٻڌي پئي. عورت لاءِ پئسن جو مسئلو هو ۽ پوڙهي لاءِ سنهڙي ڇهبڪ چيلهه واري عورت جو مسئلو، پر پوءِ به هوءَ ڪجهه پئسا ان مرچوٽ پوڙهي مان ڪڍي چڪي هئي - چمين ۽ چٽڪن جي عيوض ۽ عورت جي اٽندي ئي هو سڄو پيگ هڪ ئي ڍيٽ سان خالي ڪري ٻاهر نڪري آيو هو، ڪيس ٽريپ ڪرڻ لاءِ.
ٻنهين جي وچان ڪارن جا اکٽ سرسلا تيزي سان ڊوڙندا تا وڃن.
هو هڪ اک لانجهي ڪري چروٽ دکائي ٿو ۽ عورت کي قابو ڪرڻ لاءِ پنهنجي هيپناٽڪ گهور سان ڏانهس نهاري ٿو. ڏسڻ چاهي ٿو ته موٽ ۾ عورت طرفان ميچ ۾ ڪيس ڇا ٿو ملي؟
۽ موٽ ۾:
موٽ ۾ اشانت عورت کن لاءِ ڏانهس نهاري ٿي ۽ ڪنڌ نارمل انداز سان هيٺ ڊاري، آنگرين سان چاٻيون ڇٽڪائيندي ٿي رهي.
۽ پوءِ ٻئي کن ۾:

ٻئي ڪن ۾ عورت جي نهائين ۾ ٻار جن چلولايون ڪندي دڙها تو هڻي. سندس ديهه ڪي انگهائڻ لاءِ اندر ئي اندر ڪولاٽيون کائيندو ڪيچل ڪندو تو رهي. ڪتڪلايون ۽ عورت جي اندر ۾ وهامندڙ سموري وارتا - لهرون، لس، ليٽ پالوٽ ٿيندي، سندس چپن، ڳلن ۽ نيڻن مٿان هلڪي مرڪ سمان ڇاٽون هٽندي ڪڙي تي اچي. هوءَ ڪن لاءِ جهڪيل ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏانهس نهاري تي ۽ وري هيٺ ڏاريو ڇڏي.

(ڳوڙهي ميچ، جنهن ۾ آهي ها به ۽ نه به.....)

۽ هوائن ۾ چانديءَ هاڻي دز جيئن پوءِ تيئن وڌندي تي وڃي. سائن بورڊ ٻري اجهي، عورت مٿان اندلٺ جهڙا رنگ اڇلائيندا تا رهن. جيئن ئي ٽريفڪ ڪن لاءِ بند ٿئي تي، هو تيزيءَ سان سڙڪ پار ڪري، عورت ڏانهن وڌي تو. ايئن جو ڏسڻ وارا ايئن سمجهن جڻ زال مڙس آهن، ٽئڪسي لاءِ سيڙهيا بيٺا آهن.

"ريئلي يو آر اي گريسيس. تو وينس ديويءَ جي ٻانهيءَ افروسن جيان هڪ ئي نهار سان مون کي پنڊ پهڻ ٺاهي ڇڏيو، بنهه پٿر."

"ٿئنڪس، پر آئون هت گراهڪ ڦاسائڻ لاءِ نه آئي آهيان."

"مون کي به ڪرائي جون عورتون ڪين وڻن. توبهه توبهه! ڇا عورت، ڇا اگهه پاڙ. منهنجي خيال ۾ ته عورت کي مدرگاڊيس ٺاهي، جي سڄي دنيا کان ڪيس سجدا ڪرائجن ته به هوند جيڪر سندس وار جي قيمت به ادا نه ڪري سگهجي. ديهه جي ته ڳالهه ئي ٻي آهي."

"مطلب جي ڳالهه ڪر، ڇا کپئي؟" عورت تلخ ٿي وڃي تي.

"تون کپين."

عورت ٻنون سٿرن تي نچائيندي پنهنجي ٿوٽريل پيٽ ڏانهن نهاري تي.

"آخر اها چرپڻ ڇو؟ مان انين مهيني سان آهيان."

"چرپڻ!..... تون پلي انهيءَ کي چرپڻ سمجهه. گرڀ ونتي عورت کي پهنجائيندي، پنهنجي راتين کي امرتا ملندي آهي."

عورت اجا وڌيڪ تکي ٿي وڃي تي:

"توکي ته امرتا ملندي، پر منهنجو ٻار مري ويندو. ٻڌ هي عورت جي ديهه جي قيمت فقط ٻه اڍائي سؤ روپيا آهي. انهيءَ امير پوڙهي کان پنهنجي جسم چماڻ ۽ ٻار بچائڻ لاءِ مان سؤ روپيو وٺي آئي آهيان."

نوجوان ڪن لاءِ ڪروڌ ۾ اچي وڃي تو:

"توبهن، جيڪولين تائين جيتريون به حسين عورتون آهن، امير پوڙهن ڦٻائي رکيون آهن. ڇتي ڪتي جيان سندن ماهه کي چنڻ، چٽڻ ۽ چوسڻ لاءِ."

"نه چمڻ لاءِ. چنندا، پٽيندا، چوسيندا اوهان نوجوان سيڪس هنگري، ترسٽي آهيو. ٻڌاءِ نه، منهنجي پنيان نوس نوس ڇو ڪندو آيو آهين؟ ان حالت ۾ ڀلا ڪابه عورت توکي ڪيئن ٿي ڪمپني ڏئي سگهي؟"

"منهنجي خيال ۾ عورت ڪمپني ڏين چاهي ته ڏهين مهيني ۾ ڏئي سگهي ٿي ڇٽڻ واري رات کان ڪي اڳ...."

"ها ڏ ٻئي ڏينهن ڪيس مئل ٻار ڇو نه ڄمي؟" عورت جو منهن ڪوڙو ٿي ويو ٿو.

"نه، جيئرون اوئان اوئان ڪندڙ. ڀلا ڪڏهن ڪو ڪبوترن جي آنن مٿان ويهندو آهي ته آنا ڀڄي پوندا آهن ڇا؟ ٻڌ تون ڪا منهنجي جيون ۾ پهرين گرپ وتي ناهين - ۽ مون اڄ ڏينهن تائين قتل نه ڪيو آهي."

"ڇا.....!" عورت کي ڄڻ سندس ڳالهين تي يقين نٿو اچي. نوجوان جي چهري ۾ غور سان نهاري ٿي. ڪيس ڊڄ ٿئي ٿو.

"او نو..... مون کي ڊڄ نٿو ٿئي. يو آر اي بائرونڪ مين."

"اونلي باءِ فيس اپيئرنس باءِ اسٽائيل، ناٽ باءِ ڪئريڪٽر. يقين ڄاڻ، آئون تنهنجي اندر ۾ باهيون پري، هٿن ۾ مشعلون ڏئي توکي پنهنجي پلن گهوڙن جي مقابلي ۾ ڪين ڊوڙائيندس، سمجهينءَ؟"

عورت اڻ تڻ ڇئونرا ڪئونرا مان ڏانهس نهاري ٿي. هوءَ پاڻ کي ڪنهن مقناطيسي ڪشش ۾ ٿي محسوس ڪري ۽ هڪدم ان ڪشش مان نڪرڻ لاءِ ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي، فٽ پاٿ تان هلڻ لڳي ٿي.

"ٿئنڪ يو......" هو عورت پنيان هلي ٿو ۽ هلندي هلندي عورت جي ٻانهن ۾ ٻانهن ڦاسائي ٿو. عورت جي ٻانهن سندس ٻانهن کان وڇڙي ڦتڪي ٿي ۽ پوءِ سندس ڦتڪاٽ ڪندڙ ٻانهن پاٺي ڪيري ٿي، نوجوان جي ٻانهن سان ڳنڍجيو وڃي ۽ هوءَ وڇڙندي، ڪيپن ساڻ، نوجوان سان گڏوگڏ هلندي ٿي وڃي. اهو سڀ ڪجهه ماٺ منيءَ ۾ ٿي وڃي ٿو، جيئن سدائين ٿيندو آهي.

هاٽي سڙڪ تان هلندي هلندي عورت پڻ پڻ ڪري ٿي.

"عجيب ماٺو آهين، ڏهين مهيني به! ٻار جي پيدائش کان فقط هڪ رات اڳي! ٻيا مڙد ته پري ڀڄندا آهن."

"ها، پر مون کي ان ۾ وڌيڪ مزو ايندو آهي، ٻڌو."
"ائين ڪرڻ سان توکي ڇا ٿيندو آهي؟"
"ازل جا پڙاڏا، جيڪي ڪنهن عورت جي چنگهه سان پيدا ٿيندا آهن.... اوم.... اوم.... اوم....."
عورت جي چپن تي ڪوڙاڻ ڦهلجيو وڃي:
"اونهن، ازل جا پڙاڏا، توکي ڪهڙي خبر ته ويم ويل عورت ڪيڏي پيڙا ڀوڳيندي آهي؟"
"ڪوڙ، نسورو ڪوڙ، اوهان عورتن جي سائيڪولاجي تي شايد اڄ تائين حضرت موسيٰ جي ذات جا ڏهڪاو وينل آهن."
"ڪهڙا؟"
"اي عورت، تو گناهه ڪيو آ، توکي بهشت مان ڌڪاريو ويندو، هاڻ تنهنجي سزا اها آهي جو ان ويم جي پيڙا کي ايترو اينگهائي ڇڏ جو تون چڙي چڙي، چنگهي چنگهي، ٻاڪاري ٻاڪاري، سورن سان ٻار ڄڻيندينءَ."
"ائين ناهي ڇا؟"
"آهي، پر ويچاري ان کي آسماني ڪتاب لکندي ڪهڙي خبر هئي ته ان ويم جي پيڙا ۽ ٻاڪار ۾ عورت ڪيڏا نه مزا ماڻيندي."
"مزا....!"
"ها، نه ته سڀ عورتون ٻچي دانيون ڪدائي ڇڏين ها ۽ پرٿوي تي باقي بچي ڌوڙ ها. ڇا اهو سچ ناهي؟"
جواب ۾ عورت حيرت ۾ حيران ٿي سندس منهن ۾ نهاري ٿي.
"ٻڌاءِ نه، تنهنجي ٻار ڄڻڻ جي چاهنا ڪڏهن ختم ٿيندي؟"
عورت کن لاءِ سن ٿيو وڃي.
"ڇا تون يهودي آهين؟"
"نه."
"عيسائي....."
"نه...."
"هندو آهين."
"نه مان سنڌي آهيان."

"تون ڪوڙو آهين، سنڌي ته گڏهه هوندا آهن. مون کي سنڌين کان نفرت آهي. توبهن توبهن کهڙي نه واهيات قوم جو نالو ورتو اٿئي."
"منهنجي خيال ۾ تون بهارڻ آهين."
"ها....."
"پوءِ تون ٺيڪ ٿي چئين. ان لاءِ ته تون رڳو وڏيرن سان سنجوگ ڪيو هوندو. باقي نه تو سنڌ ڏٺي آهي نه ڪو سنڌي. ڊچ نه، مان نه وڏيرو آهيان نه وڏيري جو پٽ. مان توکي پوري سيٽسفڪيشن ڏيندس."
"الائي ڇو، هاڻي توسان هلندي مون کي ڊچ پيو ٿئي."
"هرڪا عورت مون سان ملڻ کان ڪترائيندي آهي. جيئن ٻار ڄٽڻ کان. هاڻ ٻڌاءِ ڇڏي سگهين ٿي مون کي ته ڇڏي وڃ. روڪيان ٽئڪسي؟"
"تون سوئر سنڌي آهين، تو مون کي نيٽن ئي نيٽن ۾ ائين ڪپل ڪري ڇڏيو آهي جيئن......"
"ڪيئن ڪتو ڪتيءَ ساڻ." نوجوان جملو پورو ڪري ٿو ۽ اوچتو ٻنهين واتان ٽهڪ نڪري ٿا وڃن.
ٽئڪسي بيهي وڃي ٿي. هو ٻئي رات جي نوائيءَ ۾ هڪ ننڍڙي ڪيبن نما بنگلي ۾ پيهي ٿا وڃن. بلئڪ ٽيوب جو ٻٽڻ آن ٿيندي ئي ڀتين تي لڳاين تصويرون ۽ شوپيس ٻهه ٻهه ٻري ٿا پون. چوڏاري آهن چپ، هٿ، ڪرايون، آنگريون، نڪ، اکيون ۽ ارهه. عورت چوڏاري حيرت مان نهاري ٿي، نهاريندي ٿي رهي:
"تون ڪيئن ٿو چئين ته تون وڏيرو ناهين؟"
"ناهيان...." هو اونهو ساهه ڀري ٿو، "جيئن تون منهنجي ناهين، تيئن هن ڪمري جي ته ڇا ڀر هن پوري ملڪ جي ڪابه شيءِ منهنجي نه آهي. هڪ تيلو به نه..... هي بنگلو منهنجي هڪ مسڪين اردو آرٽسٽ دوست جو آهي. سمجهينءَ؟"
هو نيل ينگ جي گيتن جي ڪيسٽ لڳائي ٿو ۽ سارو ڪمرو جهيٽي موسيقيءَ ۽ درد ۾ ٻڏاٽل، هڪيءَ مان ڦاٽ ڪائي نڪرندڙ نيل ينگ جي مڌر آواز سان گونجي وڃي ٿو. هڪ سمان ٻڌجي ٿو وڃي. ڀتين تي لڳل طرحين طرحين جون تصويرون، ڪاري روشنيءَ ۾ ائين چٽاڻيون ٿينديون ٿيون وڃن، جيئن وماس جي راتين ۾ ترن تارن، تروڪٽين جو تيج.
۽ پوءِ آهي مني مني آڳ...... آڳ، جيڪا نڪرندي آهي گرم گرم جسمن مان. جسم، جي ڪپڙن کان جدا آهن ۽ جيئن جيئن رات انگهندي ٿي وڃي، تيئن تيئن گرپ وتي منڊ جي پيڙا وڌندي ٿي وڃي. اندر ۾ الاو، هٿن ۾ مشعلون، هوءَ ليڊي ڪيرولن ليمب جيان، پلن گهوڙن

سان ڊوڙندي ٿي وڃي. اجاتل ڏسائن ڏانهن، هانپارا هڻندي. هڪ ساهيءَ ڊوڙندي، سنڌ سنڌ ۾ ڪنوڻين جا پاڻي پريو. پلا گهوڙا ڪتي نتا بيهن ۽ هن جي ڊوڙ جي پڄاڻي ڪتي نتي ٿئي. هڪ نانهن آهي، پڄرائيندڙ نانهن، جنهن جو ڪوئي انت، ڪوئي ڇيهه ڪونهي ۽ پوءِ ڄڻ سندس وياءَ جي جاءِ انگهندي ٿي وڃي. انگهندي وڏي ويڪري ٿيندي ٿي وڃي ۽ سندس ڄڻ اندر ۾ ٻچي دانيءَ جا سارا ڌاڳا توڙي ٻار سندس رحم کان ٻاهر اچڻ لاءِ ٻولاتيون ڪائيندي، سسي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ سيڙهه ٿو ڪري، زور ٿو لڳائي. سندس رحم مان ٿونا هٽي ٻاهر نڪرڻ ٿو چاهي. اچانڪ عورت جو ڦاڪو ڦاٽي ٿو وڃي. هوءَ ويم جي پيڙا کان رڙي ٿي:

"الا مران ٿي. او ذليل سنڌي ڪتا، تون منهنجو ٻار ڪيرائڻ ٿو چاهين. آهه.... اونهن...... اونهن..... اون...... اوم....... اوم..... اوم........"

۽ پوءِ درد جي پيڙا کان هوءَ خطا ٿيو وڃي. رڙيون نڙيءَ ۾ اندر ئي گهٽجيو وڃنس ۽ پوءِ اکين آڏو اچي وڃنس تا تارا، تر، تروڪڙيون. جيئن جاڙا ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ڪا عورت ساني ٿي هوش کان نڪري وڃي. هوءَ عجيب ڪيپن ۾ اچي اکيون ٻوٽي ٿي ڇڏي. ڄڻ ڪيس نرواڻ ملي وئي هجي. (جيئن ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ڪنهن منڊ کي ملندي آهي)

صبح جو ڳاڙهي اجرڪ اندران پيٽ تي چمين جو مٺر ڇهاءُ محسوس ڪندي، هوءَ سرت سنڀالي ٿي ۽ پنهنجي پيٽ تان هٿ ڦيريندي، لجوڙي ٿي، پنهنجي ساٿي جي بغلن ۾ منهن لڪائي ٿي.

"توبهن، رات ته ڄڻ ڪاري قيامر گذاري وئي. تون جادوگر آهين."

"نه مان لارڊ بائرن آهيان، نه جادوگر...... مان سنڌي گڏهه آهيان."

لفظن جي تلخي کي محسوس ڪندي هوءَ اندران اندران پنهنجي ننگي بدن جي چار ۾ ڪيس ڪوريئڙي جيان وڇڙائي ٿي.

"شايد رات نشي ۾ مان توکي الاهي ڳالهائي ويس. ڪاوڙيو آهين....؟"

"نه، مان انهن ڳالهين جي پرواهه نه ڪندو آهيان."

عورت ڪيس اجا وڏيڪ پيچي ٿي.

"الا...... رات هئي، ڇا هئي! ايڏي پيڙا ته مون ڪڏهن ٻار ڄڻيندي به نه ڀوڳي هئي."

"مون کي عورتن کي ٻار ڄڻائڻ جي پوري شڪتي آهي."

اوچتو عورت کي ڪي ياد اچي ٿو:

"اوهه، مون کي وڃڻو آهي. منهنجا ٻار منهنجو انتظار ڪندا هوندا....."

(ڪن لاءِ گهري مانار.....) عورت اٿي ٿي.

"وري ڪيئن ملنداسين؟ ڇا ساڳئي موڙ تي؟"

"مان ور ور نه ملندو آھيان."

عورت ساڙھي ٻڌندي ڏاڍي آھر مان ڏانھنس نھاري ٿي:

"ڇو؟"

نوجوان ٿڌو ساھ ڀري ڪن لاءِ ڄڻ ٻڌجي ٿو وڃي.

"ان لاءِ ته ھاڻ وڏيڪ گاريون ٻڌڻ جي مون ۾ سھپ نه رھي آھي."

"تون ڪاوڙيون آھين؟" عورت رڙ ٿي ڪري.

"......."

"رسامون ڇڏ نه...... آئون سياڻ ساڳيءَ جاءِ تي تنھنجي اوسيئڙي ۾ بيٺل ھونديس."

"نيڪ آ......"

۽ پوءِ گھريءَ اونھينءَ چميءَ جي ٻچڪاٽ سان ٻنھين جا چپ جدا ٿين ٿا. عورت ڏاڍي پيڙا مان ڏانھس نھاري ٿي:

"اوڪي..... گڊ باءِ."

"باءِ......" ھو ڪيس ڇڏڻ لاءِ گيٽ تائين اچي ٿو. ٻنھين جي وچ ۾ وڇوڙي جي رنيندڙ مانار آھي.

(ڪڏھن ڪو پل، صدين تي ڀاري پئجي ويندو آھي)

"ٻڌ....." مرداڻو آواز.

"ڇئه......"

"سمجھه ۾ نه پيو اچي ته ھاڻ اوھين ڪھڙي پار وڃڻ ٿا چاھيو؟"

"ڇا مطلب......؟" عورت گھور سان ڏانھس نھاري ٿي.

"منھنجو مطلب آھي ته ھندستان اوھان ڪي نه وڻيو، بنگال اوھان ڪي راس نه آيو، سنڌ ۾ رڳو آھن ڪتيون ۽ ڪتا. ٻڌاءِ پوءِ ڪيڏانھن ويندؤ، ڪھڙي پار؟"

"ڇو......؟ تو اھڙو سوال ڇو ڪيو؟"

"شايد توکي وڃائڻ کان پوءِ مون کي توکي ڳولڻو پوي."

"ايئن ڇو نٿو چئين ته اوھان اسان کي ڌڪاري ڪڍڻ ٿا چاھيو."

"نه، اھو غلط آھي، جيڪي ٻج ڌرتي ۾ مروج نه ٿي سگھندا آھن، اھي ڀسم ٿي ويندا آھن."

عورت وسامي لاجواب ٿيو تڪ ٻڌيو ڏانھس نھاريندي ٿي رھي.

"آخر تون سنڌين کي ڪتو ڪيئن ٿي چئين؟ ٻڌاءِ تنهنجو ڪهڙو مهاجر آهي، جنهن ان مردود پوڙهي جيان تنهنجي ڏڙ کي مال غنيمت سمجهي، خريدڻ لاءِ واڪ نه ڏنو آهي. ٻڌاءِ اهي ڪهڙا ڪتا آهن جن توکي عورت مان پراسٽيٽيوٽ بنائي ڇڏيو آهي، بيس وومن؟"
"او....ف...... بس ڪر، بس ڪر." عورت جي ٻڌڻ جي سهپ جڻ پسر ٿي وڃي ٿي. هوءَ تکڙي ٽئڪسي ڏانهن وڌي ٿي ۽ جيئن ئي ٽيڪسي اسٽارٽ ٿئي ٿي، نوجوان وڌي لوهه پائي ٽئڪسيءَ جي پوئين دري وٽ اچي ٿو:
"ٻڌ......" هو وڌيءَ لوهه سان ڪار جي دريءَ ڏانهن وڌي ٿو اچي.
"اجان به ڪو تير آهي ڇا؟" عورت آسانت ٿي وڃي ٿي.
"نه، مون..... اهو پئي چيو ته مان ستارن جي گردش جو ڄاڻو ناهيان، نه ان ۾ پرم رکندو آهيان، پر..... مان محسوس ڪريان پيو ته لاڏاڻي جا ڪجهه نوان ستارا ڪڙيا آهن. الائي ڪنهن ڪنهن کي پنهنجو وطن ڇڏڻو پوي. شايد مان ۽ تون پوءِ ڇاهڻ جي باوجود به ملي نه سگهون."
عورت بيچين ٿي منجهس ٽڪ ٻڌي نهاريندي ٿي رهي:
"ٻيو ڇا ٿو چوڻ چاهين؟"
"ٻيو...... ها.....! مون کي پنهنجا توڙي پراوا ٻار وڻندا آهن. شايد ان لاءِ ته ٻار پئدا ئي پيار ڪرڻ لاءِ ٿيندا آهن – جڏهن تون اهو ٻار ڄڻين ۽ جڏهن انهيءَ ٻارڙي جي لسڙي ڪٽڪاهينءَ ڪل مٿان، ڇٽي جا اڃا اڃا داغ توکي ڏسڻ ۾ اچن ته پوءِ يلجي ڪڏهن ڪوميلا واري ان بنگالي بواءِ فرينڊ جيان ساروڻن ۾، مون کي به سنڀارجان........"
عورت جو من جڻ ڀرجي ٿو اچي، هوءَ ٽئڪسيءَ واري کي هلڻ لاءِ چوي ٿي ۽ پوئين شيشي مان ڪر ڪڍي، پنيان نهاريندي ٿي وڃي ۽ جيئن جيئن ٽئڪسي پري ٿيندي ٿي وڃي، تيئن تيئن سندس اندر ۾ ڄڻ چير پوندا ٿا وڃن.

آڌي رات، اتر ۾ ڪانپو

من ۾ تانگهه - نراس نيڻن ۾، آس جا ڏيئڙا، ڇنگهون گوڏن ڪان اڪڙيل هڙٻاٽيون نڪتل، هڪ مسافر، اوماس جي لڙاٽيل رات ۾ ٿڙندو ٿاٻڙندو وڃي رهيو آهي منزل جي تلاش ۾.
ساهن ۾ سهڪي - ڏڪندڙ زخمي پير ۽ ٽڪ جا ڏانوڻ.
هڪ وک .... (هڪ ڪوشش)
ٻي وک .....
ٽين وک .....
وک مٿان وک...... (منزل تي پڄڻ جي ڪوشش) ۽ آٽڙي وڇري ُجن ٽا پير - ڦان ٿي ڪري پوي ٿو - ڄڻ واڇوڙي ۾ اوچتو ئي اوچتو ٻري ٻري نري وڃن ٽا آرس جا ڏيئڙا ۽ مڙي اڇي ٿي هڪ اٿاهه اونداهي.
تانگهه ۾ هانو ۾ هڄندڙ رڙيون، "آهه، آئون ٿڪي پيو آهيان. منهن نڙي سڪي وئي آهي، ڪو آهي، مون کي سهارو ڏئي."
دور دور تائين چپ چاپ - ماٺ جي ماٺ (ڪٿان ڪوئي آواز ڪونه ٿو اچي) ڦٿڙي سٿڙي اٿڻ جي ڪوشش (وري ڪري پوڻ) وري اٿڻ جي ڪوشش (وري ڪري پوڻ)
وري هڪ وار اٿڻ جي ڪوشش ۽ ڪنڌ جو هيٺ ڍرڪي وڃڻ - ڄڻ ڏنوي ڏنوي بند ٿي وڃي ٿي ساهن جي ڏمڻ - مسلسل ڪنهن پاتال ۾ لڙهندو وڃڻ. گهور انڌو پاتال - اونهون ۽ بي انت.
ڪنهن ستاري جي روشني ڪانهي - ڪارو نپ، ڪاري واري ڌرتي ۽ آهي ڪاريهر نانگ جيان اونداهي وات جو ڏنگيل هڪ مسافر! ڇنگهون ۽ ٻانهون ڦهلايون ڦان ٿيو پيو آهي اونده جي پاتال ۾.
(الائي هن ڏائڻ رات ڪنهن ڪنهن کي ڪنو آ)
هڪ وک......
ٻي وک.......
ٽين وک......
ساڳي پر ڪان. اونداهين مان وڌندو اچي ٿو پيو مسافر - من ۾ تانگهه، نراس نيڻن ۾ آس جا ڏيئڙا. ساهن ۾ سهڪي - ڇنگهون گوڏن ڪان نڪتل. وک مٿان وک (منزل تي پڄڻ جي مسلسل تلاش)

۽ پوءِ اچانڪ ڇرڪي بيهجي وڃن ٿا قدم - دڳ تي اونڌي ٻوٿ پيو آهي ڪوئي لاش. مٿان لڙڪي ٿو.
اکين ۾ آس جا ڏيئڙا ۽ سيني ۾ سرندڙ ساهه (زندگيءَ ۽ موت جي جنگ)
۽ مسافر وڏي پاڻيءَ جي ڪلي لاس جي چپن سان لڳائي ٿو. جيئن تيليءَ سان هوريان هوريان روشن ٿي وڃي ٿي، اجهاڻل ڏيئي جي وٽ ۽ جگمگائجي وڃي ٿو ويران ۽ سنسان مندر ۽ وڃي پوي ٿو هيات جو ڪٽيل ۽ ٻوڙو گهنډ.
"آهه..... تون ڪير آهين؟"
"تو جيان روشني جي تلاش ۾ ڀٽڪندڙ هڪ مسافر."
ڄڻ رني ڪوٽ جي اڏول ديوارن سان ٽڪرائجي موٽي اچي ٿو آواز.
"آهہ، ائون ٿڪي پيو آهيان. منهنجي ڄنگهن ساهه ڇڏي ڏنو آهي."
"ته پوءِ ڇاهي ساٿي، منهنجي گوڏن ۾ ته ساهه آهي. اچي آئون توکي سهارو ڏيان. شاباس، همت ڪان ڪم وٺ، ڪنڌ سڌو ڪر."
(۽ ڄڻ ٻڏندڙ ڪي ڪنڌيءَ جي ٻوڙن جو سهارو ملي وڃي ٿو)
"آهہ، ڪيڏو نه نست ٿي ويو آهيان."
"ها، ڏاڍو اٽانگو آهي هي چوهڙ جو پنڌ. اچي هي ٻاجهر پور ڇٻي وٺ، ساهه سڌو ٿي پوندءِ، منزل ڏاڍي ڏور آهي."
"نه نه، منهنجي جاڙهين ۾ طاقت ڪانهي. ڇٻي نه ڇٻيندي. ساٿي تون وڃ، منزل سڏي پئي - مون ڪي سهارو ڏيندي ڪٽي تون به نه رڻ ۾ رلي وڃين."
"توکي رڻ ۾ ڇڏي آئون ڪيئن منزل ماڻيندس - ڏاهو ٿي، اچي هي ٻاجهر پور - پاڻيءَ سان پسائي ڇٻ - ساهه سڌير ٿي پوندءِ - اسان گڏجي ڏونگر ڏاريندا‌سين - منزل ڏاڍي ڏور آهي."
۽ ٻاجهر جو چوٿو پانيءَ سان پور پور ٿي نڙيءَ کان هيٺ لهي وڃي ٿو. (هڪ گهرو آٽت جو ساهه)
"ڪيئن ساٿي - آهي نه ان ايمان؟"
"ها ساٿي، ان وڏو ايمان آهي."
"چڱو ڪجهه ساهه سڌو ڪري وٺ - ڏاڍو اٽانگو آهي چوهڙ جو پنڌ."
اوماس جي ڊگهي لڙاتيل رات، ڪاريهر جيان ڪاري وات، جنهن تي ڦان ٿيل به مسافر. سيني ۾ ڏنوري رهي آهي ساهن جي ڏمڻ - اپ جهاڳيندڙ اکيون ۽ گهري سوچ ۽ سانت.

"ڪيڏي نه ڊگهي رات آهي. هي اوماس جي رات - دور ڊنڊ ۾ ڪتي ڪو ڏيئو ٻه ڪونه ٿو ٻري - جڻ صدين کان هن آسمان جي هينان ڪڏهن ستارو ٻه ٽمڪيو ڪونهي."

"ها، صدين کان! چون ٿا صديون اڳي هن اڀ جي هينان هڪ ستارو ٽمڪيو هو - وهائوءَ کان وڌ روشن. اهو تاريخ ۾ هن ڌرتيءَ جي اک جو پهريون تارو هو - هن ڌرتيءَ جي سينڊ ۾ جهومر جيان ڀڪندو هو، پر پوءِ......"

"پوءِ ڇا؟"

"هڪ ندوري رات اهو ستارو ٽٽي ويو - چون ٿا، ان رات هڪ وڏي نڪاو سان ڌرتيءَ جو سينو ڏڏي ويو هو - اهو تارو ٽٽي ويل ٻه هن ڌرتيءَ تان پنهنجيون ڳارهيون ڇٽنگون گهوريندو، پولار جي انڌي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو."

(۽ ڪن لاءِ ڦهلجي وجي ٿي هڪ گهري ماٺ)

"پوءِ ڇا ٿيو؟" هڪ گهٽيل آواز.

"پوءِ ڇا ٿيو - پوءِ سڄو مانڊاڻ مٽجي ويو - هيءَ ڌرتي هميشه هميشه لاءِ اونده جي پاتال ۾ لڙهي وئي. پر خبر اٿئي ڪجهه ماڻهو ٿا چون!"

"ڇا ٿا چون؟"

"چون ٿا انهيءَ ستاري جون ڇٽنگون اڃا تائين اونداهي پولار جي رستن ۾ گردش ڪري رهيون آهن. نئين روشني انهيءَ جي آخري ڇٽنگ مان جنم وٺندي، پر هي تنهنجيون اکيون ڇو پيون ٻرن - ڇا تون روئين پيو؟"

گهٽيل سڏڪا ۽ سانت ۽ هڪ گهرو اونهو ساهه. "او پيارا! تو ڇو گهٻرايو آ - منهنجو ته انهيءَ روشنيءَ ۾ ايمان آهي - انڌي پولار جي وسعتن ۾ جي اهو ستارو ٻڏي ويو ته ڇا ٿيو. تنهنجي نيڻن ۾ ته انهيءَ جون ڇٽنگون موجود آهن. همت کان ڪم وٺ، منزل ڏور ناهي - چون ٿا هن چوهڙ لڪ جي پنيان آهي، دل وارن جو ڳوٺ - اتي ڪتي نه ڪتي ڪنهن "جهڳي" ۾ ڪو ڏيئو ٻري رهيو هوندو." من ۾ تانگهه، نراس نيڻن ۾، ٻري پون ٿا آس جا ڏيئڙا.

"ها ها ساٿي، مون کي وٺي هل - انهيءَ سپنن جي ڳوٺ ڏانهن. آئون ٻه ان ستاري جيان ان ڌرتيءَ تان ڪي گهورڻ چاهيان ٿو."

هڪ وک...... (هڪ ڪوشش)

ٻي وک ..... (ٻي ڪوشش)

ٽين وک....... (منزل تي پهچڻ جي مسلسل ڪوشش)

من ۾ تانگھه، نراس نيٽن ۾ آس جا ڏيئڙا - ڄنگھون گوڏن ڪان اڪڙيل، ھڙپاٽيون نڪتل - اوماس جي ڊگھيءَ لڙاٽيل رات ۾ اتاھن پيچرن تان ٿڙندا ٿاٻڙندا - مسافر، ھڪ ٻئي پٺيان وڌي رھيا آھن - روشنيءَ جي تلاش ۾.

جانورن جي دنيا

تڏهن مان ٽيون سنڌي پڙهندو هئس. مون کي گدڙن - بگهڙن، ڀولڙن جون ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻنديون هيون. امان مون کي روز ڪا نه ڪا ڪهاڻي ٻڌائيندي هئي. تڏهن اهي جانور مون رڳو ڪتابن ۾ تصويرن ۾ ڏٺا هئا.
هڪ ڀيرو مان پنهنجي ماءُ سان گڏجي ڪراچيءَ پنهنجي نانيءَ جي گهر ويس. منهنجو نانو تازو ئي حيدرآباد مان بدلي ٿي ڪراچيءَ آيو هو. ڏاڍو اديب ۽ فيلسوف قسم جو ماڻهو هو. مون کي ڏاڍو پيائيندو هو. ڪراچيءَ پهچڻ جي ٻي ڏينهن نانو مون کي ڪراچيءَ جو چڙيا گهر گهمائڻ وٺي ويو.
چڙيا گهر ۾ ايندي ئي سڀ کان پهرين منهنجي نظر زنجيرن سان وڻ ۾ ٻڌل هاٿيءَ تي پئي. مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايڏو وڏو جانور ڏٺو هو. تنهن ڪري هاٿيءَ جي ويجهو ويندي مان ڊپ محسوس ڪري رهيو هئس. نانو شايد صحيح ڪري ويو ۽ مشڪي مون ڏانهن نهاري چيائين: "ڊڄين ٿو ڇا؟" مون ڪنڌ ڌوڻي نه هئي. نانو مون کي هاٿيءَ جي بلڪل ويجهو وٺي ويو ۽ چيائين: "پٽ، هيءُ هاٿي آهي. دنيا جو سڀ کان وڏو ۽ عظيم جانور. هي تمام هوشيار ۽ امن پسند جانور آهي، تنهن ڪري هن کان ڊڄڻ نه گهرجي. هي سدائين وڏن ٻيلن ۽ چراگاهن ۾ ڍنڍن ۽ ندين جي ڪناري ڀيو ٽلندو آهي. سيني ننڍڙن توڙي وڏن جانورن کي پيار جي نظر سان ڏسندو آهي. سونڊ لوڏي ڪين سلام ڪندو آهي چوندو آهي ساري جهنگ ۾ اسان سيني کي هڪ جيترو حق حاصل آهي. مان پنهنجي حصي جو گاهه کائيندو آهيان، هرڻ پنهنجي حصي جو ۽ سهو پنهنجي حصي جو. جڏهن به جهنگ ۾ ننڍڙن جانورن کي خطرو درپيش ايندو آهي ته هي سيني جي اڳواڻي ڪندو آهي. سونڊ مٿي ڪٽي زور زور سان لوڏي دشمن کي للڪاريندو آهي. شينهن سندس سڀ کان وڏو ويري هوندو آهي. سدائين لڪي مٿانئس حملو ڪندو آهي ۽ سندس ميڄالو ڪڍي کائيندو آهي." مون ناني جي ڳالهه حيرت سان ٻڌي ۽ چيم: "نانا! پنهنجي ملڪ ۾ به هاٿي ٿيندا آهن؟" منهنجي ڳالهه تي ناني ڪجهه سوچيندي وراڻيو: "پنهنجي ملڪ ۾ هاٿي سوين سالن کان پوءِ پئدا ٿيندا آهن، پر هتي جي آب هوا ڪين ڀانءِ ڪونه پوي. جحت مريو وڃن. هاٿيءَ جي بدران هتي سوئر گهڻا پئدا ٿيندا آهن. انهن کي به هاٿيءَ وانگي پاسن کان ڏڻا هوندا آهن." مان حيرت سان هاٿي ڏسندو رهيس. امان سچي چوندي هئي ته پٽ، هاٿي پنهنجي گهر کان به وڏو ٿيندو آهي.

پوءِ ناني مون کي ٻانهن کان جهلي شينهن جا پڃرا ڏيکاريا ۽ چيائين: "پٽ، هي ٻيلائي شينهن آهي. هي ٻئي واگهه آهن ۽ هي هن پاسي واري پڃري ۾ چيتو آهي." مان ڪيتري دير تائين انهن خوفناڪ جانورن کي ڏسندو رهيس! ٻيلائي شينهن جي چوڏاري گوشت جا ٽڪرا پکڙيا پيا هئا ۽ هو ايندڙ ويندڙ ڏانهن جوهه ٻڌي نهاري گري، پڃري جي اندران لوهون پائي رهيو هو. ناني چيو: "پٽ! هي سڀ هڪ ئي نسل جا جانور آهن ۽ پاڻ ۾ چاچا پائيٽيا، جهنگ جا حڪمران. هنن جون نظرون شڪار جي ڳولا ۾ سدائين موٽر جي لائٽ وانگي ٻيون ٻوڙنديون آهن. سدائين پنهنجو پيٽ ڀرڻ جو الڪو هوندو اٿن. جتي به ڪو شڪار ڏسندا، ڪڪر وانگي گوڙ ڪري وٺي مٿاهن رومڙ ڪندا، اک ڇنڀ ۾ وجي نڙگهٽ مان جهليندس. سڄو رت چوسي ڪٽي پٽ سان اڇلائيندس. ويچارن هرڻن، ڦارهن، سهن جو ته هنن جي گجگوڙ کان ئي ساهه سڪي ويندو آهي." مان ڪيتر ي دير تائين خوفناڪ شينهن جا پڃرا ڏسندو رهيس. ان کان پوءِ ناني مون کي بگهڙن، گدڙن، رڇ ۽ چراغ جا پڃرا ڏيکاريا ۽ چيائين: "پٽ! هي جهنگ جا انتهائي چاپلوس، چالاڪ ۽ خوفناڪ جانور آهن. هي سدائين شينهن جي پنيان پيرن ۽ وزيرن وانگي هلندا آهن. شينهن جتي به ڪو شڪار ڪندو آهي ته هي ان جي بچايل ڍونڍ ۽ هڏن کي اڇي پاسو ڏيندا آهن. هي جانور جهنگ ۾ سدائين ڇتن ڪتن وانگي پيا لوهون پائيندا آهن. هنن جي خوفناڪ اوناڙين ۽ آوازن کان سڄو جهنگ ڏڪي ويندو آهي. سيني ننڍڙن جانورن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويندو آهي." مان هڪ هڪ جانور کي غور سان ڏسندو رهيس. پوءِ ناني جي هٿ ۾ هٿ ڏئي اڳتي وڌيس. ناني مون کي هڪ پڃري وٽ آٽي بيهاريو. مون غور سان ڏٺو، هڪ وڏي چٽ ڪمري بلا ترپال وانگي ويڙهيو سيڙهيو ڪنڊلي هنيو ويٺي هئي. نانا صاحب چيو: "پٽ، ارڙ نانگ ٻڌو اٿئي نه، اهو ارڙ نانگ آهي. دنيا جو سڀ کان وڏو ۽ خوفناڪ زهريلو نانگ. هي نانگ سدائين دولت جي تلاش ۾ هوندو آهي. جتي به ڪو خزانو ڏسندو، اتي ڪنڊلي هٽي ڪوپو ڪوڙي وهندو آهي. هي نانگ جڏهن به ڪو شڪار ڏسندو آهي، پهرين چپ هٽندو آهي، جيئن شڪار هن جي ويجهو ايندو آهي ته هي ڦڻ ڪڍي غار جهڙو خوفناڪ وات ڦاڙي، ڪنوڻ جي تيزي سان مٿس حملو ڪندو آهي ۽ اک ڇنڀ ۾ سڄي جو سڄو شڪار ڳڙڪائي ويندو آهي. هي نانگ پنهنجي ملڪ ۾ تمام گهڻا پئدا ٿيندا آهن ۽ سڀ ٿر بر ويران ڪري ڇڏيندا آهن."

"نانا! امان چوي ٿي، ٿر ۾ پيئڻ بلا به پيدا ٿيندي آهي، جا ماڻهوءَ جو ساهه پي ويندي آهي."

"ها پٽ، ٿر بلائن جو گهر آهي. تون وڏو ٿي انهن سيني بلائن کي مارائي ڇڏجانءِ." مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي.

ان کان پوءِ پولڙن جا پڃرا آيا. پولڙا ڏسي خوشيءَ کان منهنجيون واڇون ٽڙي ويون ۽ ناني ڏي نهاري چيم: "نانا! پولڙا به ماڻهو کائيندا آهن؟" ناني چيو: "نه پٽ، پولڙا جهنگ جا سڀ کان هوشيار، سنا ۽ سڀاجهڙا جانور آهن. البته اسڪولي ٻارن وانگر ٿورو شرارتي هوندا آهن. شينهن، گدڙن، بگهڙن سان سندن اصل ڪانه پوي. جتي به ڪيس ڏسندا، چٻرا ڏيندا. وڻن جا ٽار پڇي ڪين مٿانئن اڇلائي هٽندا. ارڙ نانگ کي جتي به ڏسندا، سوٽتا ڪٽي اڇي وننداس. هٽي مٿو مڃ ڪري رکندس. وني ايڏو ته هل مچائيندا جو سڄي جهنگ کي خبر پئجي ويندي ته ڪا وڏي مصيبت آئي آهي، سو سڀ پنهنجي گهرڙن ۾ لڪي ڇپي ويندا آهن." مان حيرت مان ناني جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس. امان ته اهڙيون ڳالهيون مون کي ڪڏهن به ڪونه ٻڌايون.

ان کان پوءِ ناني مون کي روجهه، اٺ پکي، زيبرا، قسمين قسمين جا سها ۽ هرڻ ڏيکاريا. مان هرڻن جي ننڍڙن ٻچڙن کي ٽونٽڪيون هڻي ڊوڙندو ۽ مائن کي ڏائيندو ڏسي خوش ٿي ويس. ناني چيو: "پٽ، هيءُ آهي جهنگ جو غريب نماڻو عوام. سڀ کان هيڻو، سڀ کان ڪمزور، سدائين ويچارن کي ساهه سان لڳي پئي هوندي آهي، نه پوري طرح گاهه چري سگهن، نه پاڻي پي سگهن. سدائين اڌ ڊاوا، اڌ بکيا، پنهنجي اونداهن اجهن ۾ وجي ڊهندا آهن. ڪوبه سندس داد ۽ فرياد ٻڌن وارو ڪونهي. ڪوبه ڪين ڏڌ ڏيڻ وارو ڪونهي." ان ئي مهل هڪ آواز اڀريو. مون حيرت سان ناني ڏانهن نهاريندي چيو: "نانا! هيءُ ڇا جو آواز آهي؟"

"پٽ، اهو مور جو آواز آهي. هل ته توکي مور ڏيکاريان. هن باغ ۾ جنهن ماڻهو مور نه ڏٺو، تنهن سمجهه ڪجهه به نه ڏٺو."

پوءِ ناني مون کي قسمين قسمين جي ڪين، ملڪ ملڪ جي ڪڪڙين، تترن، مٽن جا پڃرا ڏيکاريا ۽ پوءِ اسان مور جي پڃري وٽ اچي بيناسين. مور ڏسي مان دنگ رهجي ويس. پايان ته ڏسانس پيو. ناني چيو: "هيءُ آهي مور. دنيا جو سڀ کان حسين پکي. هي انتهائي جوشيلو ۽ شاعراڻي فطرت جو پکي آهي. شاعر سمجهين ٿو نه پٽ؟"

"ها، جيڪي بيت چوندا آهن، جيئن شاهه عبداللطيف."

"شاباس!" ناني خوش ٿيندي چيو: "پٽ، تيئن هي مور جهنگ جي جانورن ۽ پکين جو شاعر هوندو آهي. جڏهن جهنگ ۾ خوفناڪ جانورن جون ڪارروايون وڌي وينديون آهن ۽ هر طرف جهنگ ۾ هاءِ واويلا مچي ويندي آهي، تڏهن هي پکي پنهنجا اندلٺ جهڙا رنگين پر ڦهلائي اڏامندو آهي ۽ رکي رکي رڙ ڪري ايڏيون هڪلون ڏيندو آهي، جو سڄو جهنگ گونجي ويندو

آهي. هن جي از غيبي آواز جو پڙالو ٻڌي شينهن جهڙو بي ڊپو جانور به ڇرڪي، ڊڄي، ڀڄي ويندو آهي."

مون ناني جي ڳالهه حيرت سان ٻڌي ۽ چيم: "نانا! مور پنهنجي ملڪ ۾ به پيدا ٿيندا آهن."

"ها پٽ! مور پکي اسان جي ملڪ کي ازل کان انعام ۾ مليو آهي."

ان کان پوءِ به نانو مون کي ڪيتري دير تائين باغ ۾ گهمائيندو رهيو ۽ پوءِ اسان پنهنجي گهر موٽياسين.

ان رات الائي مون کي ڪهڙي هوا لڳي وئي. گهر پهچندي ئي مون کي تيز بخار اچي ويو. امان ۽ ناني سڄي رات منهنجي سيراندي ويٺيون رهيون. مان سڄي رات ننڊ ۾ ورڻلندو رهيس. صبح جو نانو مون کي ڏسڻ آيو ته ناني مٿس چڙهي وئي. چي: "واهه جو ڇوڪري کي گهمائي آيو آهين. سڄي رات ڇوڪري ڇرڪ ڀريا آهن. ڊنو ۾ پوي تنهنجي اها فلاسافي. مون کي ڇوڪرو مارائڻو ڪونهي. خبردار جو منهنجي ڇوڪري کي ڪيڏانهن گهمائڻ وٺي ويو آهين."

نانو هڪدم هڪل ڪري نانيءَ تي چڙهي ويو. چيائين: "وات بند ڪر، آهي گدڙ جو ڊنو آهي. رن، توکي ڪهڙي خبر. اڄ هي ننڍو آهي، سڀاڻ هن کي هڪ وڏي جهنگ ۾ وڃڻو آهي. هينئر ئي ٿو پکو ڪيانس. سمجهينءَ؟"

"ڏوڙ سمجهيم." ناني ڪاوڙ مان ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

ناني مون ڏانهن پيار سان نهاري چيو: "رات تون ڊنو هئين ڇا؟"

"نه، ناني غلط ٿي چوي. رات خواب ۾ مون به شينهن ماريا هئا."

"شاباس." ناني هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين: "هنن رنن جي چوڻ تي ڪڏهن نه هلجانءِ ۽ ڪڏهن به ڪنهن کان نه ڊڄجانءِ."

ان ڳالهه کي ڪي ١٥ سال گذري ويا آهن. هاڻ منهنجي عمر ٢٦ سال آهي. منهنجو نانو ويچارو گذري ويو آهي. هاڻ مان هڪ وڏي اونداهي گهاٽي جهنگ ۾ رهندو آهيون، جو سڄو خوفناڪ جانورن سان ڀريو پيو آهي. منهنجي سانپر ۾ ئي ان جهنگ جا جيترامڙا جانور اجا هن سان ايترو هريا مريا ڪونهن. خوفناڪ جانور سدائين جهنگ ۾ چتن ڪتن وانگي لوهون پيا پائيندا آهن. ڪڏهن اوچتو پولڙن ۾ ٻاڪر ڪوٽو پئجي ويندو آهي. سڀ ننڍڙا جانور، پکي ۽ پسون پنهنجي گهرڙن ۾ لڪي ويندا آهن ۽ سڄو جهنگ سنسان ٿي ويندو آهي. ڪڏهن پي جهنگ جي ڪنهن ڪنڊ مان مور جي رڙ جو آواز ايندو آهي. سڄو جهنگ ان جي پڙالي سان گونجي ويندو آهي. پولڙا وڻن جي ٽارن تي چڙهي زور زور سان هل مچائيندا آهن. مان

پنهنجي اونداهي غار مان نڪري حيرت سان مور جي اڏام ڏسندو آهيان. ڍنڍ جي ڪناري ڪان هاٿي سونڍ مٿي ڪٽي سلام ڪري، سيني ننڍڙن جانورن کي پاڻ ڏي سڏيندو آهي، پر ويچارا سوئرن جي ڌهن جا سٽيل هرن، ڦاڙها، سها، هاٿي جي پير ۾ ويندي ڊڄندا آهن.

سون ورنا سپنا

مهڙ

رات جو وقت، وڄ جو چمڪو. هڪ پيچرو روشن ٿي وري اونداهو ٿي وڃي ٿو. ڪيميرا تيز آنڌي، مينهن ۽ طوفان ۾ هڪ نوجوان عورت (مارل) سندس ڏهن سالن جي ڌيءُ (شمع) ۽ انن سالن جي پٽ (مراد) کي پيچري تان برسات ۾ پسندو، ويندي ڏيکاري ٿي. مارل بيمار ۽ بي حال ٿي نظر اچي. سندس ٻئي ٻار ڊنل ۽ پريشان ٿا لڳن. ٻئي ٻار ماءُ کي سهارو ڏيندا، ٿڙندا ٿاٻڙندا پيا اچن.

وڄ جي هڪ وڏي ڪڙڪي سان ٽائيٽل ختم ٿئي ٿو. ٻئي ٻار حراسجي ماءُ کي چنبڙي ٿا وڃن.

ڌيءَ (ڊڄندي): "امان، پاڻ ڪيڏانهن پيا وڃون؟ مون کي ڊڄ ٿو ٿئي."

ماءُ (دلگيري ڏيندي): "ڇا جو ڊڄ، آئون جو اوهان سان گڏ آهيان – هان هي ڏهاڳ ختم ٿي ويندا. هو سامهون اوهان جي پيءُ جو ڳوٺ آهي."

ٻئي ٻار پري وڄ جي چمڪي سان روشن ٿيندڙ ڳوٺ ڏانهن نهارين ٿا. ماءُ جون اکيون ڪنهن اڄاتل خوشيءَ مان پرجي ٿيون اچن. ٽيئي وري ٿڙندا ٿاٻڙندا ڳوٺ ڏانهن وڌڻ لڳن ٿا.

پهريون ڏيک

وسندي پسنديءَ ۾ مارول ٻنهي ٻارن سوڌو صوبدار خان (مڙس) جي عاليشان محل نما سنڌي اسٽائيل جاءِ جي آڏو اچي ٿي. محل جي در جي وڏي گيٽ تي ٻه شمعدان ٻري رهيا آهن ۽ اندران خونخوار ڪتن جا آواز پيا اچن. محل جي در اڳيان ٻه پهريدار بندوقون ڪنيو بيٺل آهن. مارل چوڪيدار آڏو اچي ٿي.

مارل: "رئيس صوبدار خان جو گهر ڪهڙو آهي؟"

چوڪيدار (بيزاريءَ مان): "اهو ئي گهر آهي، ڇو ڪهڙو ڪم اٿئي؟"

چوڪيدار (ٽوڪ مان): "واهه، رئيس ڪي ٻيو ڪم ئي ڪونهي جو هن وقت توسان ملندو. صبح جو اچجانءِ، هينئر رئيس آرامي هوندو."

مارل: "نه نه، تون رڳو منهنجو نالو وڃي وٺ، رئيس پاڻهي ڊوڙندو ايندو. ائون هن جي ٻارن جي ماءُ آهيان."

چوڪيدار (ٽوڪ مان): "ڇا ته هي صوبدار خان جا ٻار آهن!"

مارل (بيچينيءَ مان): "ها ها، تون وڃي ڪيس ٻڌاءِ ته سهي."
چوڪيدار (ڪاوڙ مان): "مائي، اهي ٻيا نڱيا هوندءِ....... هل تڪي ته ڪرايائين نه ڪتن جي ٻچ."
مارل ڪجهه وائڙي ٿي سندس منهن ۾ نهاري ٿي. چوڪيدار ڪيس دڙڪو ڏئي ٿو.
چوڪيدار: "ٻڌئي ڪونه ڇا؟ چوليان ڪتا ته ڊوڙائي ڪنئي ڏينهن - هونه....... جيڪارن گهران ڀڄي سا چوي ته صوبدار خان جي گهر واري آهيان - او مائي ٻيو ڪو غريب غربو وڃي تاڙ."
مارل وائڙي ٿي حيرت مان ڏانهس نهاري ٿي ۽ ٻنهي ٻارن ڪي وٺي مايوس ٿي موٽي ٿي – ماءُ ۽ ٻنهي ٻارن جو ري ايڪشن.

ڊيڪ ٻيو

تيز برسات، آنڌي ۽ طوفان. ڪيمرا مارل ۽ سندس ٻنهي ٻارن ڪي هڪ پونگي (ڇڱنري) جي اوڊر ۾ وينل ڏيکاري ٿي. ٻنهي ٻارن جا ڪنڌ ماءُ جي ڪلهن تي ڍرڪيل آهن. ٿيئي سيءَ کان ڏڪي رهيا آهن.
ماءُ: "الائي ڇو، اڄ ته هيءَ مئي برسات بس ئي ڪانه ٿي ڪري."
مراد: "امان، مون ڪي سيءُ ٿو ٿئي."
ماءُ: "ها پٽ، پر ڇا ڪجي؟ مئا نوڪر اسان ڪي سڃاڻن ڪونه - صبح ٿئي ته تنهنجي پيءُ ڪي ڇئي آئون انهيءَ مئي مڇوءَ ڪي نوڪريءَ مان ڪيرائيندس."
ڏيءُ (وائڙي ٿي محل ڏانهن نهاريندي): "امان، بابو انهيءَ گهر ۾ رهندو آهي؟"
ماءُ: "ها پٽ، اهو پنهنجو گهر آهي. ڏسجو، اوهان جو پيءُ اوهان ڪي ڏسي ڪيئن ٿو ياڪر پائي."
ڏيءَ (شمع) سندس محل ڏانهن نهاري ٿي - مڪ ڪنهن اڄاتل خوشيءَ مان ٽڙي ٿو پويس. هوءَ وري ماءُ جي ڪلهن تي سري ڍرڪايو ڇڏي.

ڪٽ

ڊيڪ ٽيون

صبح جو وقت، ڪيمرا پين ڪري صوبدار خان جي محل نما خوبصورت ته ماڙ گهر جو منظر ڏيکاري ٿي. محل جي اندران ٻنهي پاسن کان وڻ ۽ گلن جا ٻوٽا ڇانيل آهن. گيٽ جي اڳيان

ٻه نوڪر هڪ اڇي پلي سينگاريل گهوڙي کي ٻوچڪارا ڏئي جهليو بيٺا آهن. ڪجهه ٻانهيون ڪم ڪار سان ڏاڪڻين تان هيٺ مٿي اچن ۽ وڃن ٿيون. ڪيمرا پين ڪري رئيس صوبدار خان جي محل جو خوبصورت ڊرائننگ هال ڏيکاري ٿي. ڊرائننگ ٽيبل تي صوبدار خان جا ماءُ ۽ پيءُ امهون سامهون ويٺل آهن. هڪ پاسي ڪان صوبدار خان ۽ سندس وڏو ڀاءُ ويٺل آهن. ٻئي طرف ڪان صوبدار خان جي ڀاڄائي ۽ سندس ٻه ننڍڙا ٻار نون سالن جو پٽ ۽ ستن سالن جي ڌيءَ ۽ خاندان جون ڪجهه نينگريون ڇوڪر ويٺل آهن. صوبدار خان پنهنجي پيءُ جيان تمام رعب وارو ماڻهو ٿو لڳي. هو قداور ۽ نهايت ئي جاننو جوان ٿو لڳي. سندس ڪنن ۾ هيرن جا والا پيل آهن. اڇي سلوار قميص ۽ سونهري ماڊرن ڪوٽ ۾ هو انتهائي خوبصورت ٿو لڳي.

وڏو رئيس (پيءُ): "صوبدار، هو سونهري ديهه جي زمين جي ٽڪر جو ڇا ٿيو؟"

صوبدار: "اهو مون پنجاهه هزار روپين ۾ خريد ڪري ڇڏيو آهي."

وڏو رئيس: "تمام سٺو."

صوبدار: "چڱو هاڻ آئون هلندڙ. مون کي ڪنهن ضروري ڪم سان وڃڻو آهي."

ڪاڏي جي ميز تان اٿي ٿو ۽ ڏاڪڻ تان هيٺ اچي ٿو. هيٺ ڪجهه نوڪر ۽ ڪمدار بيٺل آهن. ڪمدار ڪيس سلام ڪري ٿو.

ڪمدار: "سائين اڄ پاڻيءَ جو وارو آهي."

صوبدار: "هون.... ڏهه خون ٿي وڃن، تڏهن به وارو نه ڏجو. جو ڪجهه ٿيندو، ڏٺو ويندو – سمجهين؟"

ڪمدار: "سائين اوهان بي فڪر رهو."

صوبدار خان لڪڻ لهرائيندو گهوڙي تي لانگ ورائي ٿو. سندس تيز رفتار گهوڙو جهڙو ئي هڻڪار ڪري نرا ڪٽي تيزيءَ سان گيٽ ڏانهن ڊي ٿو ته مارل ۽ سندس ٻئي ٻار سندس اڳيان اچيو وڃن.

مارل (رڙ ڪري): "صوبدار گهوڙو جهل."

صوبدار (گهوڙي کي قابو ۾ آڻيندي حيرت مان): "تون......!"

مارل: "ها ها، آئون اڇي وئي آهيان."

صوبدار (ڪاوڙ مان رڙ ڪري): "ڇو آئي آهين؟"

مارل: "آئون تنهنجا ٻار وٺي آئي آهيان – تون منهنجي گهر جو در پلجي وئين ته آئون پاڻ تنهنجي گهر هلي آئي آهيان. حيف اٿئي، ڪڏهن پلجي سار به نه لڌيئي.،

صوبدار: "توکي هتي نه اچڻ گهرجي ها - توکي جي پئسن جي ضرورت هئي ته گهرائي وٺين ها."
مارل (وائڙي ٿيندي): "پئسا! آئون پئسن کي ڇا ڪنديس؟ مون کي توکان سواءِ ڪجهه نه گهرجي."
صوبدار: "بڪ نه، محلن ۾ مهاڻيون ۽ ماڇاڻيون ڪونه ويهاربيون آهن."
مارل (رڙ ڪري): "صوبدار."
صوبدار: "آئون چوان ٿو منهنجو نالو نه وٺ."
مارل (رڙ ڪري): "آئون سؤ ڀيرا تنهنجو نالو وٺنديس - تون مون کان منهنجو حق نٿو ڦري سگهين. صوبدار، تون ڄام تماچيءَ کان وڏو بادشاهه ته ڪونه آهين. تماچيءَ کي به ڪو خراب ڪونه ٿو چوي. ننگ سڄاڻ، ميري آهيان، مندي آهيان - تنهنجي آهيان."
صوبدار ٽپي باهه تي گهوڙي تان لهي ٿو.
صوبدار: "اوهه، بدڪار عورت ته تون ائين ڪونه سمجهندينءَ، هاڻ مٿان سر مان تتي آهين."
صوبدار نيٽ جي لڪڻ سان مٿس وار ڪري ٿو. سڀ گهر جا ڀاتي، نوڪرياڻيون هل تي ڏانهن نهاريندا رهن ٿا. صوبدار جو سمورو خاندان مٿان گيلريءَ تان اهو منظر ڏسندو رهي ٿو. مارل جي مٿي مان رت جون نينديون وهڻ لڳن ٿيون. هوءَ ڏکن جو تاءُ نه جهلي ڪري پوي ٿي. ٻئي ٻار امان امان ڪري ڪيس بچائڻ لاءِ مٿس ڪري پون ٿا. صوبدار جو هڪ ڏک ننڍڙي کي لڳي وڃي ٿو. پٽ ماءُ جي منهن کي ڏسي، ڪنڌ ڪٽي پيءُ ڏي نهاري ٿو. صوبدار خان جو روح ڄڻ ڏڪي وڃي ٿو. سندس هٿ از خود روڪجيو وڃي.
صوبدار زال ڏانهن نهاري، ڪاوڙ مان ڏڪندي: "ٻڌ، موٽڻ ويل جي توکي هن ڳوٺ ۾ ڏٺم ته ٻنهي ٻارن سان گڏ قتل ڪندوسانءِ."
ڪاوڙ مان گهوڙي ڏانهن وڌي ٿو ۽ ڪجهه سوچي ڪمدار ڏانهن نهاري چوي ٿو:
صوبدار: "ڪمدار، هن عورت کي به اڍائي هزار روپيا ڏئي روانو ڪري ڇڏجانءِ. موٽڻ ويل آئون هن کي هتي نه ڏسان. سمجهين؟"
گهوڙي تي لانگ ورائي ٿو. سندس پلو گهوڙو وڏي هٽڪار سان نرا ڪٽي تيزيءَ سان محل جي گيٽ کان ٻاهر ڊوڙي ٿو، ننڍڙو پٽ نهايت ئي جوش ۽ ڪاوڙ مان ڏانهس نهاري ٿو. پٽ جو ري ايڪشن. ڪيميرا صوبدار خان جي ماءُ، پيءُ، پاءُ، ڀاڄائي ۽ ننڍڙي ڀائٽيئي ۽ ڀائٽيءَ جو ري ايڪشن ڏيکاري ٿي.
گئلريءَ تان غور سان مارل ۽ سندس ٻارن ڏانهن نهاريندي.

وڏو رئيس: "سومار، انهيءَ عورت کي منهنجي ڪمري ۾ وٺي اچ."
ڪيميرا مارل کي ڏيکاري ٿي. سندس ٻئي ٻار مٿانهس جهڪيل آهن. هوءَ ٻواٽيون ڪائيندي اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

ڪٽ

ڏيک چوٿون

وڏي رئيس (صوبدار خان جي پيءُ) جو خوبصورت وڏو ۽ ويڪرو ڪمرو - هو پريشانيءَ جي عالم ۾ اچ وڃ ڪري رهيو آهي ته ايتري ۾ هڪ نوڪر، مارل ۽ سندس ٻنهي ٻارن کي اندر وٺي اچي ٿو. وڏي رئيس کي ڏسي مارل ۽ سندس ٻنهي ٻارن تي خوف طاري ٿي وڃي ٿو. وڏو رئيس مارل ۽ ٻنهي ٻارن ۾ غور سان نهاريندي رعب مان:
وڏو رئيس: "ڇوڪري، ڊڄ نه - ڪير آهين تون؟"
مارل (خوف وچان): "آئون صوبدار خان جي نڪاح ٻڌي زال آهيان. هي ٻئي ٻار اوهان جا آهن."
وڏو رئيس (غور سان ٻنهي ۾ نهاريندي): "هون....... رئيسن جي ٻارن کان اڪثر اهي غلطيون ٿي وينديون آهن. آئون صوبدار خان جو پيءُ اهيان - ٻڌاءِ هاڻ تون ڇا ٿي چاهين؟"
مارل (گندي سولي ڪري سندس پيرن ۾ ڪرندي): "مون کي ڪجهه نه گهرجي. الله ۽ اوهان کان سواءِ منهنجو ڪوبه اوهي واهي ڪونهي. مون کي پنهنجي پيرن ۾ جڳهه ڏيو - آئون پنهنجن ٻارن ۽ اوهان جي خدمت ڪنديس."
رئيس (رڙ ڪري): "اهو ناممڪن آهي."
مارل: "نه نه، مون تي رحم ڪائو - ائون هنن ٻارڙن کي وٺي ڪٿي ڌڪا ڪائيندس - اهي اوهان جو رت آهن."
وڏو رئيس: "ڇوڪري، رئيسن ۽ رئيس جي اولاد جي سوچ ۾ تمام گهڻ فرق ٿيندو آهي. اسان توتي فقط ايترو رحم ڪائي سگهون ٿا ته تنهنجي ننڍڙي ذيءَ کي پناهه ڏيون - ان لاءِ ته اها ڇوڪري اسان جو رت ۽ لڄ آهي."
مارل (حيرت مان): "ڇا.....!"
وڏو رئيس: "ڇوڪري ڊڄ نه، رئيس پنهنجي اولاد جي ويهاريل عورتن کي پورو پورو خرچ ڏيندا آهن. مون تي ڀروسو رک، آئون تنهنجي پٽ لاءِ توکي پورو خرچ موڪليندو رهندس."

وڏي ٽجوڙيءَ مان ڪجهه نوٽن جون دستيون ڪڍندي ڏانهس وڌائي ٿو. مارل پئسا ڏسي ڪنهن اڄاتل خوف کان ڏڪي ٿي.

وڏو رئيس: "هان...... هي وٺ. اڄ کان تنهنجي ذيءُ اسان وٽ رهندي. اسين شهر ۾ تنهنجي رهڻ جو بندوبست ڪري ڇڏينداسين."

مارل: "نه نه، مون کي پئسا نه گهرجن - آئون سڀ سمجهان ٿي - آئون پنهنجي ذيءَ کان جدا ڪيئن رهي سگهنديس؟"

وڏو رئيس: "پر اهو اسان جي غيرت جو سوال آهي. هيءَ ڇوڪري اسان جي لڄ آهي - اسان هن کي تو وٽ اڪيلي نه ٿا ڇڏي سگهون."

مارل (ٻاهه ٺيندي - ٺوڪ مان): "آئون به ته اوهان جي لڄ آهيان - مون تي اوهان کي غيرت ڇو نٿي اچي؟"

وڏو رئيس (رڙ ڪري): "ڇوڪري."

مارل: "رئيس، پنهنجا اهي نوٽ پنهنجي ٽجوڙي ۾ رکي ڇڏ، ڪم اچي ويندءِ- پنهنجا ٻار ته جهرڪي به پالي ويندي آهي - آئون ته عورت آهيان."

ٻنهي ٻارن ڏانهن خوف مان نهاري کين ٻانهن کان جهلي:

مارل: "هلو پٽ، هي ماڻهو ته ڏونگر کان به ڏاڍا آهن."

ٻار وني وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿي. وڏو رئيس سٽ ڏئي ديوار تي ٽنگيل بندوق ۾ هٿ وجهي ٿو ۽ پوري طاقت سان گجگوڙ ڪري ٿو.

وڏو رئيس: "ڇوڪري ته پوءِ ٻڌ! تون هتان ذيءَ جو لاش کڻي ويندينءَ."

مارل جو روح ڄڻ ڪنبي وڃي ٿو. هوءَ ڏڪڻيءَ مان رئيس ڏانهن نهاريندي ٿي رهي.

مارل (دانهن ڪري): "نه نه، اهو نسورو ناحق آهي، ظلم آهي، انياءَ آهي."

ڪاوڙ ۾ ڏڪويل پرايل آواز سان ڏڪندي.

وڏو رئيس: "ها، اهو ناحق آ، ظلم آ، انياءُ آ - پر آئون صدين جي هلندڙ دستور اڳيان بي وس آهيان، معاشري اڳيان مجبور آهيان. جي تون ذيءَ کي جيئرو ڏسڻ چاهين ٿي ته پوءِ چپ چاپ پٽ وني هلي وڃ."

مارل ڪنهن اڻڄاتل خوف کان ڪنبڻي مان ڏانهنس نهاريندي ٿي رهي.

وڏو رئيس (ڪاوڙ پيئندي، ڪجهه نرميءَ سان): "ڇوڪري، منهنجو رئيساڻو قول آهي. اها ڇوڪري هن محل ۾ شهزادين جيان رهندي ۽ منهنجي جائداد مان ڪيس منهنجي پٽن جيترو ئي حصو ملندو."

مارل: "اسان کي جائداد نه گهرجي."
وڏو رئيس (تپندي): "پر مون کي اها ڇوڪري هر قيمت تي گهرجي. (بندوق جو ٽرائيگر دٻائيندي) ٻڌاءِ، تون ڌيءَ کي جيئرو ڏسڻ تي چاهين يا مئل؟"
مارل ڊوڙندي ڌيءَ کي چنبڙي تي وڃي.
مارل: "نه نه، منهنجي ڌيءَ کي نه مار، آئون ڌيءُ اوهان وٽ ڇڏي وينديس، آئون اهو سور پي وينديس."
مارل ڌيءُ کي پيائر پائي رانيات ڪري روئي ٿي. وڏو رئيس ڪجهه دير کين ڏسندو ٿو رهي ۽ پوءِ وڏي ڪيس ڌيءُ کان جدا ڪري ڇڏي ٿو.

ڪٽ

پڇاڙي

ڪيميرا مارل ۽ سندس پٽ کي محل جي ڏاڪن تان ڏڪندي، گهوماٽيون ڪائيندي، لهندي ڏيکاري ٿي. مارل جي نست هٿن مان هٿ هڪ هڪ تيندا اڏامندا سڄي محل ۾ پکڙندا ٿا وڃن.
مارل (لڇندي لهندي): "يا حسين! مون سان قهر ٿي ويو، آئون لٽجي ويس، تباه ٿي ويس."
نينگر (مراد) جي اکين ۾ ڳوڙها، ڪروڌ ۽ نفرت آهي. محل جا ڪتا ڀونڪندا ٿا رهن. ٻئي ماءُ پٽ هڄندا، رنيندا محل مان نڪري وڃن ٿا.

سونا پڙ ۽ ڪارا جھڙ

چوريءَ ۾ اونھين گھور سان نهاري ٿو ۽ تڪين تيز اکين سان چوري جي ماءُ نوران ٻائي ۾ نهاريندي، وسڪيءَ جو وڏو ڍڪ ڀريندي، نئون سگريٽ دکائي ٿو. سندس چپن تي ڄڻ ڪوڙاڻ جا سوين تهه چڙهيو تا وڃن.

"پيش سون! ڪڏهن ڏٺو به اٿئي پيش سون؟....... هتي ته لوڻ ۾ ملاوٽ آهي، مون کي ڪيئن يقين اچي؟ ٻڌاءِ، ڪنهن جي ڏيءَ آهي؟ ڪهڙي لٽ سردار، پير، شهزادي يا نواب جي؟....."

"تو واري سردار جي، وڏو پارکو آهين، مهاندا نٿو سڃاڻينس." نوران ٻائي اها ڳالهه خوف کان ڄڻ ڏيءَ کي به لڪائيندي، ڀڙڪن سان ڏڄندي ٿي ڪري ۽ پوءِ هٿ جي سٽ سان چوري جي اڏ اگھاڙين ڇاتين کي ويتر اگھاڙو ڪريو ڇڏي. اڏ اگھاڙا ارهه، چوٽ جي چنڊ جيان تجلا ٿا ڏين، تيج ٿا هڻن.

"ها، اکيون کولي ڏس، هيءَ ته راڄن جي راڻي، ڪيئن نه پڙن مٿان سونا پڙ چڙهيا پيا اٿس. اڃان ته ٻارهن سالن جي مس آهي. اهي پڙ ايئن ڪونه چڙهيا اٿس. ٻڌيائتي ۽ پيڙهيائتي آهي. رڳو ارهه تي هٿ رکي ڏسينس ته ڪيئن نه رڳ رڳ رباب ٻڌجي وڃي ٿي پويس."

"هٿ رکي؟......" فنڪار، نوران ٻائيءَ جي ڳالهه اڌ ۾ ڪاٽي ٿو ڇڏي:

"ٻائي، چيم ته منهنجي هٿ ۾ ڪامڻ آهي، جادو آهي، ڪشش ثقل آهي، چقمق. اهو هٿ جي آئون تو ڪڙپيل پوڙهيءَ جي ڪنهن به سنڌ تي رکان ته نهنجي نهائينءَ جو ئي ڇا، نانهن جو تار تار تنبير جيان وڄي پوندو. نيٺ تو مون کي سمجھيو ڇا آهي؟ ڪو وڏيرو يا نواب، جو نوٽن کان سواءِ ڪنهن جي اندر ۾ پاڻ لاءِ هلڪو موهه به پئدا نه ڪري سگهان."

فنڪار جي تکي ٿي وڃڻ تي نوران ٻائي کي دهلجي، سندس هيناهيون ٿي وڃي:

"تڏهن ئي ته تنهنجي پيرن ۾ پيا آهيون. ڪيو ٿس ڪو ميڪ اپ، تون سمجھين نه پيو. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو هو ته قرآن جو قسم ته چوري سڄي ساري سون ڪاڻ آهي. توکان ڪيهي لڪ، الله جو سنهن ته اڃان ڪنوارپڻي جو ڪو ڏاڳو به نه ڇڳو اٿس. اعتبار نه اچئي ته سڄي رات پيو تنبير جيان وڄايو نڪيو نوڪيو جانچي ڏسجانس. مون هن کي وڏيرن ۽ سؤ روپين وارن گراهڪن لاءِ تاتيو ناهي. آواز ٻڌئي، ناچ ڏٺئي. ٻڌاءِ، آهيس ڪا ڪاڻ؟ ڪيئن به ڪري مون کي چوري چوٽ چاڙهي ڏي."

"ڪاڻ ڪانهيس ته پوءِ منهنجو مٿو ڇو پئي کائين؟"

"نه، تون رڳو سچينس ته سون تي پوي؟"
"ته پوءِ اها سودي بازي ڇو پئي ڪرين؟ ڇيم نه ته ڇوريءَ ڪي فنڪار ٻڌائڻو اٿئي ته پوءِ ڇوڪريءَ تان هٿ کڻي ڇڏ. آهو پلي ڇڏ. هاڻ هيءَ چڪلي ۾ نه رهندي."
"ڇا مطلب؟!....." نوران ٻائي جي ڄڻ ديه ڏبي تي پوي. هوءَ اڪيون ڇنيڻ کان سواءِ فنڪار ۾ نهاريندي رهجي تي وڃي.
"ايئن سمجهه ته جيڪو نواب يا سردار، چڪلي ۾ عياشيءَ لاءِ قوم جو رت ست چوسي، ڏيءَ ڪي سون جي کاڻ سمجهي، سدا لاءِ پان سان گڏ ويڙهين ۽ ولهارن ڏانهن وني وڃڻ لاءِ آيو آهيان. ٻڌاءِ، منظور اٿئي؟...."
"نه نه!....." ٻائي وڏي ٻوڏار ۾ اڇي حيرت مان بي پرواه فنڪار ۾ نهاريندي تي رهي.
۽ آسانت، اسد، اسرت، اباڻڪي ڇوريءَ ڪڏهن ماءُ ۽ ڪڏهن ان اجاتل ماڻهو ڏانهن اوس تيو نهاريندي تي رهي. ڪيس نند ڪان اوٻاسيون پيون اچن، پر مجال آ جو ڪن پل نند جهوٽو هڻي. نند به پرائي وس. ڪيس ته اها به ڪل ڪانهين ته سون کاڻ ڇا ٿيندي آهي؟ ڪير ڪنهن ڪي چڪلي ۾ گروي رکي ويو، مامرو ڪهڙي ڳالهه تان متو آهي؟ ماڻس ته ڪنهن ۾ اک ڪانه ٻوڙي، پر هن اجاتل ماڻهوءَ آڏو ايڏو جهيڻو ڇو پئي ٻولي؟ هن ماڻهوءَ وٽ آهي ڇا!.......
ڪن لاءِ هوءَ ان ماڻهوءَ ۾ نهاريندي تي رهي. ننڍاڪڙن نيڻن ۾ ٻالاپڻ جي ٻوڪ سان ۽ پوءِ جيئن هوءَ سدائين گراهڪن آڏو نچي نچي، نند کان ڇور تي سمهي پوندي آهي، تيئن هوءَ سراڻو ڪڻي، وچ ۾ پيل غاليچي تي سيراندي رکي، ليٽي تي پوي ۽ ننڍاڪڙن نيڻن سان ڪڏهن ڪڏهن ان ماڻهوءَ ۾ ڇور نيڻ سان نهاري تي وني.
"ٻائي، گڏيڙين ۾ ڇو پئجي وئي آهين، جواب ڇو نٿي ڏين؟"
"ڇا سدا لاءِ؟"
ڪن لاءِ فنڪار اسد، اسرت ڇوريءَ جي ڊڪيل ليٽيل ديهه ۽ ننڍاڪڙن نينن تان نيڻ هٽائي ڏاڍي ارڏائي ۽ گهرائي مان نورا ٻائيءَ ڏانهن نهاري ٿو ۽ ڪروڌ مان نئون سگريٽ دکائي تيلي وسائي ٿو:
"ها – سدا لاءِ."
"نه..... اها ته ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي."
"ٻيو تون ڇا ٿي سمجهين؟ فنڪار ٿيڻ سولي ڳالهه آهي. ٻڌاءِ ٻائي، تون ڇا ٿي سمجهين ته ڪالو خان تبلو وڄائيندو، راڻي نچندي، اهو فن يا آرٽ ٿي ويندو؟ جي اهو فن آهي ته پوءِ وڏن وڏن ميڙن ۾، سرگسن جي اسٽيج مٿان زنانا ڪپڙا پائي سڀ ناچو ڇورا فنڪار ٿيا يا

نه؟ ٻڌاءِ، ان ناچو ڇوري ۽ پاڪستاني ايڪٽريسن جي ناچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟..... ٻائي، جيئن اهي ڇوڪرا ڇوريون ناهن، تيئن اهو فن به فن نه آهي. سمجهيئي؟ ٻڌاءِ ڪهڙو تبلائي آهي، ڪهڙي راڻي ٻائي آهي، جنهن جو آواز ڪنور ڀڳت يا جيوڻي ٻائيءَ جي آوازن جيان لکين پابندين کان پوءِ به جڻ آواگون جي پولارن پاتارن مان ايندا هڪن. اڄ تائين ڪير روڪي سگهيو آهي انهن ازلي آوازن کي؟ موت ته ڪا شيءِ ڪانهين. فنڪار...... فنڪار ٽيڻ ڪا ٻارن جي راند ڪانهين."

"ته پوءِ ٻڌءِ ته ڇا ڪريان؟"

"ڇيم نه، ڇوري تان آهلو پلي ڇڏ. آئون هن کي پاڻ سان گڏ ڪيرٽر، هارهو، مٽي، هنگلاج، ڀڳو نوڙهو، پٻ، ڇوهڙ، هالار، ڪانيو ۽ ڪارونجهر جا پنڌ ڪرائيندس. آئون هن جي هٿن ۾ ڇمٽو ڏئي، هن کي بيراڳڻ بڻائي، وستي وستي، واهڻ واهڻ، ٿر بر گهمائيندس. هيءَ نگري نگري، واهڻ واهڻ ڳائيندي، نچندي، ناٽڪ ڪندي، منڊليون رچائيندي ويندي. ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلمن جون مشينون پانمرادو هن جي ڪشش ۾ ڊوڙنديون اينديون. آئون هن کي انهن ڀهارن مٿان، ايترو مٿي اڇلائيندس جو هي ڪئميرائن ڏانهن مڙي نهاريندي به ڪانه. سمجهيئي؟...."

ٻائي جي اکين ۾ چمڪو اچي ويو:

"پر جهنگلن جا ايڏا رولاڀڙا ۽ ڪشالا ڇو؟ اها سکيا ته تون هن کي حيدرآباد يا ڪراچيءَ جي ڪنهن وڏي بنگلي ۾ به ڏئي سگهين ٿو."

"ٻائي، ڳالهائين ڪنهن سان پئي، ڇا سمجهيو ٿئي مون کي؟ ڇا پڙوو؟؟....."

فنڪار جي اوچتيءَ رڙ سان ٻائي جي لئون لئون ڪنبي ٿي وجي. ڪچي ننڊ ۾ وهاڻيل ڇوري به جاڳيو پوي. ڪروڌ ۾ آيل فنڪار ڪن لاءِ وسڪيءَ جا وڏا ڍڪ ڀريندو، هوريان هوريان ماٺو ٿيندو ٿو وڃي: "سهونهن بنگلو، ٻڌاءِ نه، پوءِ هيءَ ڏڪاريل ڊاڻ عورت جو ڪردار ڪيئن نڀاهي سگهندي؟ ٻڌاءِ، سڪارئي ڪارونجهر ۾ مورن جا ازلي ناچ ڏسڻ کان سواءِ، هيءَ نرت ڪلا کي ڪيئن پرکي سگهندي؟ ڏڪارين ڀٽن ۾ ڀٽڪڻ کان سواءِ هن جي نڙي ۾ اڃايل مورن واري رڙ جي پيڙا ڪيئن گهلي سگهندي؟ ڪيئن نکرندي سندس نڙي مان ڪوئل جي ڪوڪ؟ ٻائي، فن ڌرتي جي امانت هوندو آهي. ان لاءِ ته فن کي ڌرتي جا ڏک ۽ ڏولا ئي جنم ڏيندا آهن، نه تبلا ۽ گهنگهرو. فنڪار ٽيڻ لاءِ ته وڏا ڇلا ڪڍڻا پوندا آهن. ٻڌاءِ ڏيٺهين ميران ديويءَ کان ڪا وڌيڪ پاڪ پوتر، حسين، ڪومل ۽ نازڪ آهي ڇا؟....."

ٻائيءَ جا واڇڻ وجي ٽا وجن. هن جي ٻڌڻ جي شڪستي پسم ٿيو وجي:

"پر اهو ته ڏاڍو جان جوکم جو ڪم آهي، اسين چڪلي جا ماڻهو ڇا ڄاڻون انهن ڪمن مان!"
"ته پوءِ سکڻ جون سڌون ڇو ٿي ڪرين؟ چڪلي جي آهين ته چڪلي ۾ رهه، حدون اورهانگڻ جي ڪوشش نه ڪر."
ڪن لاءِ ٻنهي جي وچ ۾ موت جي مانار پئدا ٿيو وڃي، پر ان ڪان پهرين جو فنڪار گلاس خالي ڪري، اٿي هليو وڃي، ٻائي ڏاڍي چالاڪيءَ سان سندس ڪلاس ۾ وسڪيءَ جا ٻيٽا ٻاڻ پري ٿي ڇڏي ۽ فنڪار جي چپن ۾ آيل نئين سگريٽ کي لائيٽر سان دکايو ڇڏي ٿي ۽ پاڻ به مقابلي لاءِ وسڪيءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون چسڪيون پريندي ٿي رهي. فنڪار وڏي ڪڙيءَ ٻيت سان ڊڪ ڏوگهي ٿو وڃي ۽ جادوهاڻين اکين سان ٻائيءَ ۾ نهاريندو اونهو ٽڏو ساهه پري ٿو.
"ٻائي، ڏاڍي ابوجهه آهين جو چڪلي ۾ رهي به نيري ستارن پريل سرڳدام ۾ جايون جوڙڻ ٿي گهرين ۽ آئون به وڏو گڏهه آهيان..... چڪلي ۾ فن ڳولهڻ آيو آهيان.... چڪلي ۾!........
چڪلي ۾ سرگسي پنڊالن تي نچندڙن ڇورن جي ناچ واري دلبي جيان، ڪوڙي سونهن ڪان سواءِ ٻيو آهي ڇا؟......."
ٻائي واساما ڪائيندي فنڪار ۾ نهاريندي ٿي وڃي ته ڪهڙي ماڻهو سان پليه اڙيو اٿس. فنڪار جي اکين جي جوهر جو تيج جيئن پوءِ تيئن تکو ٿيندو ٿو وڃي. چڪلي ۾ ڄائي هئي ٻائي، تنهن ڪان ڇوري ڇڏائي وڃي، اهو ته ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل ڪونهي. ٻائي پنهنجي اکين جا ڪامڻ تکا ڪندي ٿي وڃي.
وڏي ٻيت سان فنڪار وري پڇڪي ٿو:
"ٻائي، تون به ته وڏي ڪڙپيل آهين، ساري ڄمار چڪلي کي ڏني اٿئي، ٻڌائي سگهين ٿين ته سونهن آهي ڇا؟...."
ٻائي رڳو فنڪار ۾ نهاريندي رهجي ٿي وڃي. هوءَ ان سوال جي جواب ڪان ڪوري ۽ ڪوجهي آهي. فنڪار وري پڇڪي ٿو:
"ڇا ڀهڪندڙ ڳورا ڳورا لڱ؟ سون سمان تجلا ڏيندڙ گول گول ارهن جا قبا؟ پنؤر اکيون؟ ڳاڙها ڳل، اپريل پولهه، لسڙا ٽڙها يا ڪين ڊگهيون ڌهيون ملين ڊالر ڄنگهون؟ آخر سونهن آهي ڇا؟ جيڪا ماڻهن کي ايئن پاڳل ٻڻايو، منجهايو، ماريو ڇڏي!...."
ٻائي لاجواب ٿيو فنڪار ۾ نهاريندي رهجي ٿي وڃي. هوءَ محسوس ڪري ٿي ته هوءَ ٻنهه ڪوڪلي آهي، ڪوري مٽ جيان نٽ خالي:

"چو، منهن چو لاٿو اٿئي؟ اڃان ته تون جوڀ لڳي پئي آهين. اٿي، آئون توکي ٻڌايان ته سونهن ڇا آهي، ڪٿي آهي؟......"
ٻائي سچي به ڄڻ سندس ڪشش ۾ اڇيو وڃي. فنڪار جي شاهد آڱر سندس پيٽ تان، گول دائرا ٺاهيندي، سندس امدر مان ٿڌڙا ڪڍندي، اوچتو برف جيان سندس دن ۾ پيهي سندر اندر ۾ ٻاهيون پئدا ڪري ٿي ڇڏي.
"ٻائي، هانو تي هٿ رکي سچ سچ ٻڌاءِ ته تون سونهن وڃائي آهي؟"
"نه....... نه......" ٻائي ڪان دانهن نڪريو وڃي.
"ٻڌاءِ، پوءِ ڇو مانهو توکي ڇڏي، تنهنجي اڻ سمايل ڏيءَ پنيان ڇتن ڪتن جيان پيا ڊوڙون پائن؟"
مون ڪي خبر ڪانهين!......" ٻائي وگهرجي روئڻهارڪي ٿيو وڃي.
"ٻائي، آئون توکي ٻڌايان سونهن ڇا آهي. منو آواز ڇا ۾ آهي، حسين عورت جي ڊگهي ڳچيءَ ۾، نڙي ۾ يا ڪاني جي نڙانديءَ ۾، نڙي، نڙ، نڙاندي، هٿ، ڪرايون، آڱريون، سڀ جدا جدا شيون آهن. تو ڪڏهن پرهه ويلا ۾ چنڊ جو آواز ٻڌو آهي؟ فن جي دنيا ۾ هي ويلا ڪنهن حسين رنڊيءَ جي نه، مائي ڀاڳيءَ جي آهي، جنهن جا آواز پرڏيهي پکين جيان ڍٽن ۽ ڀٽن مان ايندا آهن. هي ويلا تو نوران ٻائي جي نه، مائي نور بانو جي آهي، جيڪا واهڻن جي جائي ۽ ٿوهرن جي نپائي آهي. ڪڏهن اها ستُ ٻڌي اٿئي: "منهنجي منڙن مارن تان، ڪڪر ڇانءُ ڪجان، جهڙ جي جهول ڪجان" ٻائي تنهنجي يا تنهنجي ڏيءَ جي آواز ۾ اها جڳن جي اسات لوچ، ٻلڪار ۽ پيڙا ڪٿي، جا ڪڪرن جا ڪنڌ ڏوٽي، آسمانن کي روئاري ڇڏي. ان امرتا آڏو سونهن ڪا شيءِ ناهي. سونهن ته ٻرندڙ گهرندڙ ميڻ آهي، جا پسم ٿي ويندي آهي. ٻائي، يقين ڄاڻ ته تون جسماني طرح هينئر به اوتري ئي حسين آهين، جيتري ڏهه سال اڳي. تو ويچاري کي ڪهڙي خبر ته آئون جي هينئر توکي ننگو ڪري تنهنجو پورٽريٽ ناهيان ته اهو مونالیزا جي تصوير جيان سدا لاءِ امر ٿي وڃي، پر تون...... تون ڏهن روپين جي نوٽ ۾ ڏهه پيرا ننگو ٿي سگهين ٿي، پر پورٽريٽ لاءِ ڪنهن ملهه ڪنهن قيمت تي به نه. ان لاءِ ته تون ته ويچاري سڌڙي سادڙي سٻاجهڙي رنڊي آهين، توکي ڪهڙي خبر ته پورٽريٽ ڪهڙي بلا جو نالو آهي؟....." ڪن لاءِ فنڪار ڏاڍو دکي ٿي وڃي ٿو ۽ ٻائي جو سڄو اندر ڄڻ فنڪار جي آڱر جي ڇهاو سان سراپجندو، ٿوٿرجندو، انگهندو ٿو وڃي. هوءَ فنڪار جي اکين جو تاءُ نه جهلي، سندس ٻانهن ۾ ڍرڪندي، انهلندي ٿي وڃي.
"مهٺا ڇو پيو ڏين؟ ڪنهن جهليو آ توکي ته مون کي ننگو نه ڪر؟...."

"ننگو!...." فنڪار ڇرڪي ويتر دڪي ٿي، ٻائيءَ ڏ نهاريندو ٿو رهي. لڳاتار نهاريندو.
"نه..... نه...... اڳي گهڻ ماڻهو توکي ننگو ڪندا رهيا آهن جو هاڻ ائون به توکي ننگو ڪريان؟.... مون ڏ ڪنهن عورت جي ديهه تي ٻولي لڳائڻ جي شڪتي ڪانهي، ان لاءِ ته مون کي خبر آهي ته عورت جي ديهه جي نيلام جي قيمت چڪائڻ لاءِ ڏي چڪلي ڏ ڳهي رکڻي پوندي آهي. ٻائي ٻڌاءِ، ايئن آهي يا نه؟ ٻڌاءِ هيءَ ڇوري انهيءَ ڏي وٽ، خريد فروخت جو ڦل آهي يا نه؟....."
ٻائي ڊڪرن ڏ اچي پهرين فنڪار ۽ پوءِ نند ڏ الوٽ ڏيءَ ڏانهن نهاري ٿي ۽ لڳاتار نهاريندي ٿي وجي:
"ها ائين آهي....." ٻائي روئڻهارڪي ٿيو وجي ۽ فنڪار هڪ ئي ڍڳيت سان گلاس خالي ڪريو ڇڏي.
"ٻائي، شايد...... مون تنهنجو الاهي وقت برباد ۽ پنهنجو سجايو ڪيو. شايد منهنجو وڙاؤ توکي اڳرو لڳيو هجي. پل لڳو هجي، آئون ان جي پرواهه نه ڪندو آهيان. ان لاءِ ته آئون ماڻهن جي اندر جي پولارن پاتارن جا ڳجهه ڳوهه ڳوليندو ۽ کوليندو آهيان. تون ڇا، تنهنجي ڏيءَ ڇا، تنهنجي ايندڙ زمانن واريون پڙ پوٽيون، ڌهٽيون به پيار ڪنديون. پوءِ پل اهي ڇڪلن ڏ نپجن ڪين محلن ڏ، نيٺ هي ڇڪلائي، ڪڏهن ته ڇڪلا ختم ڪندا.... ڇڱو، موڪلاڻي."
فنڪار اونهي گهري ڏکويل ساهه سان اٿي کڙو ٿئي ٿو ۽ کن لاءِ غاليچي مٿان اسڌ، اسرت، ٻالاپڻ جي ٻوڪ ڏ ستل ڇوري ڏانهن نهاري ٿو. کن لاءِ کيس سچي به ائين ٿو ڀاسي، جڻ سندس سامهون ننڍڙي لاکي وارن ديون پرين وارين ڪهاڻين واري، سون ولات جي شهزادي ستي پئي آهي. پڙن مٿان، سونا پڙ ڇڙهيل. کن لاءِ هو ڏانوٽجيو وجي. پوءِ هو تکڙو نڪري وڃڻ لاءِ هيٺ ڏاکڻ ڏانهن وڌي ٿو.
"رات رهي پوين ها......" نوران ٻائيءَ جي آواز ڏ ڪنهن به قسم جو فريب يا دولاپ ڪينهي.
"نه، مهرباني....."
"يلا ڪڏهن اچڻ جو وڙ ڪندين ڪين؟....."
"الائي، مون کي ڪابه خبر ڪانهي ته هاڻ آئون ڪيڏانهن پيو وجان؟"
"ٻڌ، دليان پئي چوانءِ، منهنجو تن من تو لاءِ آهي. آئون ته تنهنجي پرپٽ جي عاشق آهيان. جڏهن دل چوئي، هليو اچجانءِ، اصل بي ڏڙڪ......"

فنڪار هڪ ٻه ڏاڪا لهي ويندي، مڙي ڏاڍي ڏڪويل مرڪ سان نوران ٻائي ۾ نهاري ٿو ۽ ڏاڪڻ هيٺ لهي، چڪلي جي گهٽين ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

ڪجلا تجلا ماڻهو

هو آمريڪن اسڪالر عورت سان وڏيءَ ڊگهيءَ ڪاري بيوڪ ڪار ۾، پوئينءَ سيٽ تي ڪنڌ ڍاريو پيو آهي. امريڪن اسڪالر تي ننڊ جا ڪيپ آهن. هوءَ جهوٽا ڪائيندي، هن جي ڪنڌ مٿان مٿو ڍاريو ڇڏي ۽ هو پاڻ سوچن جي ٻوڏارن ۾ لڙهندو ٿو وڃي. سوچون، جي ڪڏهن به، ڪٿي به ذهن ۾ ڦرموٽيءَ جيان ڦري سگهن ٿيون (۽ ڦرنديون رهنديون آهن، ستي لوءِ به)
هو سوچي ٿو: "ڪڏهن ڪڏهن پنهنجيون ڳالهيون، پنهنجو جيون به پرايو لڳندو آهي. جيون ۾ جو ڪجهه آهي، جڻ سڀ پرايو آهي. پنهنجو ڪوئي ڪونهي. پلا آئون پنهنجو ڪڏهن رهيو آهيان! الا.... مون ته پاڻ کي ڪڏهن اڻ لکي اهميت به ڪانه ڏني. مان زال جو آهيان، ڌيئرن ۽ پٽ جو آهيان، پوڙي ماءُ ۽ پيءُ جو آهيان، ڳوٺ وارن، سنگتين ساٿين، واين ماين ۽ شهر وارين جو آهيان. الا..... هي جيون ڪيڏو نه عذاب آهي، ڪيڏو نه ڪلاپ، ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ڪوڙو؟..... پنهنجو پاڻ کان وڌواند!....."
ڪار پنيان ٽي ٻيون ڪارون به آهن. هڪڙيون گائيڊز ۽ سامان سان ستيل ته ٻيون به جيپون، گپ راڦي ۽ يٽن ۽ اڏن ڏونگرن ۾ پٽڪڻ لاءِ.
بيوڪ ٽنڊي مهمد خان جي واهيات روڊ تان، هندوري جيان جهلندي ٿي وڃي. هو ان اسڪالر کي سنڌ جي فلاس ناهڻ جو هنر ڏيکارڻ لاءِ، ڪڙيو گهنور وٺيو پيو وڃي. مهيري جتن جي جهرن جهنگلن ۾ اکٽ چنن ڏانهن، پري پري کارين کٻڙن ۾ چڊا پاڊا چنا، منهه، پونگا، جتي نهندا آهن دنيا جا اچا رگس، جي راتو ڏينهن جي محنت سان مهيني ۾ هڪ سؤ رپئي جي مزوري ڪاڻ ناهيا ويندا آهن، جيڪي پوءِ هوائي جهازن جي پاڙن سان امريڪا، جاپان، انگلينڊ ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ وڪيا ويندا آهن، لڪين ڊالرن جي حساب سان.
امريڪن عورت جا وار قدرتي سونا آهن، هوءَ ٻنهه گريڪ هيلن ديويءَ جيان حسين، تال ۽ گولڊن ليڊي آهي. سونا وار چڙهو چڙ تي پکڙندا، هن کي ڊسٽرب پيا ڪن. هو وري سوچن جي ٻوڏار ۾ آهي. يادن جا ڏنگ ۽ ڏنڀ. ساروڻن مٿان ساروڻا. ذهن جي پرٽيءَ ۾ جڻ پن چڪيءَ جو وڏو ڦرٽو تڪو تڪڙو هلي رهيو هجيس. يادن جي هوائن جي دٻاءُ تي هانءُ چير ساروڻا.
هان- ويساهه، اويساهه؟!..... ويساهه ئي نٿو اچي ته ڪڏهن انهيءَ ڏامر جي سڙڪ جي مرمت مون ڪئي هئي، پيٽي نيڪي ۾. نيڪيدار جو پٽ جو هئس. مون ته شاندار سڙڪ ناهي هئي. هڪ رتي ڏامر جي به دوکو نه. پلا جي هر ڏهاڙي، نيٽ پرافٽ تي سؤ روپيا هجن ته

پوءِ ڏوکي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جڏهن پورهيت به خوش هجن ۽ ماڻهو پورهيتن سان پورهيت هجي. پنجويهه سال..... ڪيڏو نه ڊگهو عرصو؟ پوءِ به ڄڻ ڪالهه ڪالوڻو ڏينهن! جڏهن ته اجا مان تيرهن سالن جو مس هوس. پلا ڪو اعتبار آڻيندو ته انهيءَ سڙڪ تان آئون پنجويهه سال اڳي، راڪٽ گهوڙي ۽ ويسا ويس گاڏي چاليهن ميلن جي رفتار سان ڊوڙائيندو هوس.

جيئن ئي ڪار ڪٽڙ جي اسٽيشن کان ٻه ٽي ميل اڳتي وڌي ٽي، هو رستي جي پرئين پار ڪاٻي پاسي نهاريندي، اوچتو چرين جيان ريهه ٽو ڪري:

"اسٽاپ..... اسٽاپ دي ڪار." اسڪالر عورت جاڳي ٽي پوي.

"واٽ هيپنس وٽ يو؟......"

"نو، ڪجهه ڪين." هو ڪار مان لهي ڦليليءَ جي ڪپ ڏانهن ڪيڙيءَ مان پوري طاقت سان ڊوڙندو ٽو وڃي.

۽ گوني، ساڳيءَ گوناگون وهڪ سان وهندي ٽي وڃي. مهاڻيون ۽ واهڻن جون مايون ساڳيءَ ريت سان ڪپڙا سٽيو، گوني ڪناري ڏوپ ڏڙا پيون ڪن. ٻارڙا، جوانڻ، پوڙها، آساميل، اٻالڙيون، ڇوريون ۽ مينهون ساڳيءَ ريت پيون گونيءَ ۾ ترن ۽ تڙڳن. ذهن جي مهاياري پرڻي ڪيس گهوماتيون ڏئي، الائي ڪهڙين وجايل ويلاتن ۾ اچلائي ٽي ڇڏي. هو گونيءَ جي وچ سير ۾ غوطا ٽو کائي، هاسيڪار..... پنهنجي ٻارنهن سالن جي ڪولهڻ ڇوريءَ کي تنگ ڪرڻ لاءِ، جا ڪپر تي ڏوپ پئي ڪري، جا سدائين ڪيس ڇڙواڳ پاڻي ۾ وهنجڻ کان منع ڪندي آهي، چغليون هڻندي آهي سندس پيءُ سان.

"آه..... آوپ...... ٻوڏتو هان..... بچائيو...... ٻوڏتو هان......" ۽ هوءَ ڪيئن نه ڪيڪراتون ڪندي، ٻارڙن سان گونيءَ ۾ گهڙي هئي. تکيريون ڳجهڙيون ترندي، هن ڏانهن آئي هئي.

"روڻيا...... روڻيا......" هو پنهنجي سرتيءَ جي رڃ ۾ ڦاتل ٻلهڻ جيئن پاڻيءَ ۾ تڙپڻ ٽي ڪل جهلي نٽو سگهي. وات مان وڏا ٽهڪ نڪريو ٽا وڃنس. هو ٽهڪ ڏيندي، ڪيس غوطا کائيندو ڏسي، ڪانئس پاڻ ڇڏائي، ڪيس تاريندو ڪناري تي وڏن جهيڙن سان اچي ٽو. ٻنهي وچ ۾ مهاياري جنگ:

"سور..... ڪوتيا..... ڪوڙيئا، نراتما، مان نان سوڏ......" هوءَ پوري ڪروڌ مان سندس وار پٽيندي، ڪيس ٻوٿ ۾ رهندڙا پائيندي، ڪپڙن جي سوٽي سندس چتڙن ۽ پنن تي وهائيندي، پٽس سان چغلين ڪائڻ جا ڊاوُ ڏيندي، روئندي، رنيندي، پنهنجي لڏي ڏانهن ڊوڙي ٽي ۽ هو

ڪپر تي گپ مٿان – نج نڪور، نين وشال آسائن ۽ آسيس سان ليٽڙيون ٿو پائي، پائيندو ٿو رهي. "هان.... هي..... ڪيئن نه سهڻيءَ جيان ڪنن ۾ ڪاهي ٿي پوي! ايڏو پيار؟....."
اوچتو ڪنهن هارن جي آواز تي هو آليون اکيون اگهي سرت ۾ اچي ٿو ۽ وجايل ويلائن جي ٻوڏار مان نڪري، ٻئي هٿ پينٽ جي اڳين گيدن ۾ وجهي، هوريان هوريان موٽرن ڏانهن ٿو وڃي. اسڪالر عورت ڏاڍي حيرت ۽ اونهيءَ گهور سان ڏانهس نهاري ٿي ۽ نهاريندي ٿي وڃي.
"واٽز ديئر؟!......."
"نٿنگ..... نو ايني ٿنگ..... اونلي لٽل ميموريز......."
"ميموريز!...."
"پاپ، ميموريز آف ماءِ چائيلڊ هڊ. مائي فرسٽ لو."
"شي از لائيو؟......"
"نو – پليز ليو اِٽ....." هو آشانتائي ۽ آنڊ مانڊ ڪان ڪنڌ موٽر جي پوئين سيٽ تي ڍاريو ڇڏي. ڪن لاءِ سندس ساٿي اسڪالر عورت به اشانت ٿيندي، ڇڻ پنهنجي پهرئين پيار جي ٻوڏار ۾ لڙهندي، ڇڻ پاتارن ۾ هلي ٿي وڃي. هونئن به اها عورت ڪيس پنهنجي لاءِ الاهي ڪجهه ٻڌائي چڪي هئي ته هوءَ ڏهاڪو سال هتي رهي آهي ۽ امريڪا ڪان گريڪ ڏاهڻ ڏاهڻ رلندي، ڪشمير ڪان سنڌ پهتي آهي. هوءَ نه رڳو سنڌ جا آرٽس ۽ ڪرافٽس ٿي ڏسڻ گهري، پر ماڳهن پورو جيون. اڪال ڪالن ڪان هنن صدين سالن تائين ڏسڻ ٿي چاهي.
مهيري جٽن جي گوٺن تائين پهچندي رم جهم بوند بهار پئجيو ويئي. گاڏيون راقي ۾ ڦاسيو ٿيون پون. واهڻن ۾ هو ان عورت کي اڻ گهڙيل ڪانن مٿان فراسي نهڻ جو ڪم ڏيکاري ٿو، تانجي پيٽي ڪان ونی، ننڍڙي پينگهي ۾ نئين تنجيل ٻار تائين، جيڪو سينڌين سرمن تلڪن سان سٿل آهي گهري ننڊ، لڇمي ديويءَ جي گود ۾، هو ڪئميرا مين کي فراسين جي تانجي پيٽي ڪان وني، تنجيل ٻار تائين جي ڊائريڪشن ڏئي ٿو. اوچتو ڏهاڪو ڪن جواڻ جماڻ عورتون ڇني ۾ پيهي ٿيون اچن.
هڪ ڏڪندي ڳالهائي ٿي: "اي ادا، ڏس تو لاءِ اسان ڦوٽو ڪڍايا. ڏس نه ڦوٽو ڪڍائڻ پان ماٺهڻ م ڪيڏو عيب آهي، پر اسان کي هئي توکي عزت ڏيٽي. هاڻ پيٽن جو ڪٽي هيڪڙو ڪم ڪر. هن انگريچانيءَ کي چئه ته پٽي ساب کي چئه اسين راتو ڏينهن سورهن سورهن ڪلاڪ ويهو ٿيون اهي چٽ چٽيون، اجا اسان شهه ڪاريگريءَ تي رسون ئي ڪين ته اکين

۾ موتيو ڪريو پوي. بس ڏاڪٽر کي اسان جي پارٽ ڪري. اسين آيون مزور ماڙهو، مئو رڳو اک اٿلائي ڏسي ته به خاشو."

"ها، ها... چوندس...... چوندس." هو انهن املهه فراهمي ناهيندڙ املهه انڊين ۽ ڪاٽين، سپنن جهڙين سندر نارين ۽ سنگهارن ڏانهن نهاريندو رهجي ٿو وڃي، جڻ پنڊ پهڻ ٿي ٿو وڃي، اندر مان جڻ دانهن نڪريو ٿي وڃيس: "الا، منهنجي ملڪ جون ناريون آهن يا ويس ديويءَ جون گريسيس!....." وطن جون سڀ سوڍيون ۽ سنگهاريون جڻ مياريون ٿي، ميڙاڪا ڪري مٿان بيهي ويون اٿس. هو گهٽيل اواز سان، اسڪالر عورت کي عورتن جو فرياد ٻڌائي ٿو ۽ ٽڪڙو ڇني مان نڪري ٿو وڃي. پنيان اسڪالر عورت جي رڳو رڙ ٿي ٻڌڻ ۾ اچيس: "اوهه گاڊ، اٽز ٽيريبل...... ويري ٽارچرنگ!....."

ڪم ختم ٿي ويو، وڇوڙي جي رات آئي ۽ حيدراباد جو اندس هوٽل هو. هو اسڪالر عورت ۽ پنجابي ڪئميرامين سان بيئر جون ڍڪيتون پريندو ٿو رهي. موضوع پوليٽڪس آهي، اسلام ۽ هندو ازم ان سنڌ. هو پوليٽڪس تي ڳالهائڻ کان نفرت جي باوجود به اوچتو ڦاٽ ٿو ڪائي: "نو، ديئر از نو ڪئوسچن آف اسلام آر هندو ازم. ديئر از اونلي ون ڪئوسچن.... اونلي ون، وچ از ڪمنگ ٿرو سينچوريز، ويري وائيلڊ ازم، ڪيپيٽلزم...... دس از دي ريزلٽ آف ڪيپيٽلزم ويري بلائينڊ سسٽم آف هيومن لونگ، واءِ يو پيپلز آر گوئنگ ٽو ميڪ اين ادر بينگلاديش ان ماءِ ڪنٽري. نو، ديز آر بلائينڊ ٿنڪنگز. ويري وائيلڊ ٿنڪنگز."

۽ پوءِ بيئر جو آخري گفاس ختم ڪندي، هو اٿي ٿو ۽ نويڪلائيءَ ۾ ان اسڪالر عورت کان موڪلائي ٿو. عورت ڏاڍي موهه سان ساٽس ڳالهائي ٿي: "الا.... تنهنجي ملڪ جا ماڻهو ته ڏاڍا سهڻا من مهڻا آهن. جتي به آئون ويس، مٽي تي نئين گندي ۽ هٿ ۾ ڏهه روپيا، پنج روپيا ته نياڻي ست قرآن. سچ مون ته پاڻ کي اجا تائين دنيائن جي مهاراڻي پئي محسوس ڪيو. واٽ اي بيوٽيفل ٽريڊيشنز آءِ سا ان دس ڪنٽري! دنيا ۾ ته شايد ائين ڪٿي به نه آهي!"

هوءَ هن جي ملڪ جون تعريفون ڪندي ڊاپي نٿي. "او - ڪي ليڊي، آءِ هيو فنشڊ ماءِ ورڪ. نائو آءِ ايم گوئنگ ٽو ماءِ هوم، سوئيٽ سوئيٽ هوم."

هو سؤ سؤ جي ڳني ڪڍي ڏانهس وڌائي ٿي: "سياڻ ڪراچي اٿي کان ۾ ايندين نه؟......"

"ساري ليڊي، آءِ ايم نات اي گائيڊ. نو پيمينٽ، نو نيڊ آف پيمينٽ، يو آر ان دي آرٽ آف موهن جو دڙو." هو سندس چڳ سان ڪيڏندي، ڪيس ڪس ڪرڻ بدران ساٽس پرپور هٿ ملائي ٿو: "وش يو گڊ لڪ سويٽ پينو."

۽ هو هوٽل جي روشنين مان تکا ڏگ پريندو، پيادل رات جي انڌوڪار ۾ شاهه جا بيت جهونگاريندو، گم ٿي ويجي ٿو.

اولڙن پڇيان ڊوڙ

ڊارلنگ، سمجهه ۾ نه پيو اچي، ڪهڙي يگ جو وير تي پارين. ڪهڙي جنب، ڪهڙي حال ڪال جو!....... تو جيئن چيو آهي، مون تيئن ڪيو آهي. ائون ننڍڙو فنڪار سهي، هل ننڍڙو به نه، ماڻهو ته آهيان. توکي مون تي اعتبار ڇو نٿو اچي؟ قرآن مان ٽڪي پيو آهيان. ايڏو جو ڪالهه مان هڪ وڻ هينان نست تي ڪري پيس. چڱو ٿيو جو وڻ هو. هاڻ ته مون کي هوريان هوريان دل جا دورا پوڻ لڳا آهن. سچ ڪانگ رڙي آيا آهن. ڪانگ ۽ ڪبوتر پرتويءَ جا سڀ کان ذهين پکي آهن. ڪانگ ته ماڻهوءَ کان به وڌ ذهين آهن. ڪانگن مٿان منهنجي ڏاڍي سٺي آبزرويشن آهي. ڪانگ گهڻو ڪري ماش خور هوندا آهن. جڏهن به ڪا چرندڙ پرندڙ ساهه واري شيءِ نست تي ڪري پچاڙڪا پساهه ڏيڻ لڳندي آهي ته هوريان هوريان مٿس ڪانگ لهندا آهن. مون ڪانگن کي ڏڪارئي تر ۾ اجن ۽ بکن کان پاهه تي ڪرندڙ ڍورن جون اکيون ڪڍندي ڏٺو آهي. سچ آهي ته ڏاڍو ڏڪوئيندڙ فيلنگر آهن ۽ آئون، آئون توکي ايترو ڏک به ڇو ڏيان ته تر ۾ هيئن به ٿيندو آهي، هونئن به ٿيندو آهي. توبهن، ٽرن برن ۾ الائي ڇا ڇا ٿيندو آهي!

هو ايترو خط لکي، يوڪلپٽس جي سرهاڻين پريل ڇايا هينان اتي، وٽن ڏانهن ويندڙ پاڻيءَ جي ناليءَ مان به ڊڪ پاڻيءَ جا پيئي تو ۽ چندبن سان منهن ٺڏو ڪري، يوڪلپٽس جو هڪ پن پٽي، هٿن ۾ مهٽي، ڏاڍي آسانتائيءَ مان سگهي تو ۽ سوچي تو، ڇني لکان نه لکان؟.......
۽ وڏن مونجهارن ۾ ٿو اچي وڃي. ڪڀي ٻانهن ۾ منو منو سور محسوس ڪندي، ٻانهن ٽپندڙ ڀڪندڙ سچ ڏانهن ڊگهيريو ڇڏي، سوريه - ٽاڪوڙ لاءِ ۽ الائي ڪيتري دير کان پوءِ وري وڻ جي ڇايا هيٺ، ڇٻر مٿان پيل ڪتاب ۽ ڪاڳر ڪڻي وري خط لکڻ لڳي ٿو:

ڏس نه، تو چيو هو: "منهنجي جيون مان نڪري وڃ. ماڻهو مون تي آڱريون کڻندا، سوين ڳالهيون ڪندا. سور مون وٽ اڳيئي ڏڪارئي مال جيان وٿان ڪري ويهي ويا آهن." ۽ مان مرڪندو رهجي ويو هئس. تنهنجي نيڻن جي منٿ ۾ ڪيڏا نه ڪامڻ هئا ۽ آئون شاندار نموني سان تنهنجي جيون مان نڪري ويس. اها تمام وڏي ڳالهه آهي. منهنجو تنهنجو جيون مان نڪري وڃڻ، جڏهن ته روز جا گس گام ساڳيا هجن، ساڳي ڊوڙ هجي، ساڳئي سچ پڇيان! تنهن هوندي به مان ڪڏهن به تنهنجي سامهون نه آيو آهيان. هڪ به پيرو پل چڪ ۾ تون پاڻ سامهون اچي ويئي آهين، نه آئون. مون کان پل ٽئي، اهو آئون سوچي به نٿو سگهان. اهو امپاسيبل آهي. ان لاءِ ته آئون دنيا ۾ هڪ ئي ڳالهه سکي سگهيو آهيان، وقت کي ڪئنچي

ڪيئن هٽجي؟ مون ان پل کي پنهنجي جيون مان ڪتري ڇڏيو آهي، جنهن پل ۾ تنهنجو ڪٽان ترورو به نظر اچي. پوءِ به توکي شڪايت آهي ته مان تنهنجا دڳ ٿو جهليان.......! تو منهنجي گهر جي ڀاتين سان شڪايت ڪري، مون کي ٻڌڻ هاٿو ڪري ڇڏيو آهي.
- ۽ چتي لکندي هو وري سوچي ٿو، لکان نه لکان؟....... "توبهن، مون ته سڄيءَ ڄمار ۾ ڪنهن کي خط ڪين لکيو. مون کي ڪهڙي خبر ته هي ڏوڙ ڀيو خط ڪيئن لکبو آهي؟ ان ڪري ئي ته آئون ڪنهن کي خط لکان ئي ڪين." هو پاڻمرادو وڦلندو، ڪاڳر مٿان ڪاپي اونڌي ڦهڪائي، وٽن ۾ لاتيون لوندڙ پکين ڏانهن نهاري ٿو. پري پري سڙڪن ۽ پيچرن تان ماڻهون اچن پيا، ماڻهو وڃن پيا. هو ٿڪي، آرس ڀڃڻ لاءِ يوڪلپٽس جي لسڙي ٿڙ جو ٽيڪو وٺي، ننهن کان چوٽيءَ تائين سڄيءَ ديهه جو ٻوجو وڻ مٿان ڊاري ٿو ڇڏي، الائي ڪيتري دير لاءِ. پوءِ اچانڪ ڪنهن جي پيرن جون آهٽون محسوس ڪندي، هو جهٽ چال ڏئي، پاڻ کي وڻ کان ڊسڪنيڪٽ ڪري ٿو. پنيان کان ايندڙ ڇوڪريءَ کي ڏسي، ڪيس پنهنجي نيٽن تي جڻ ويساهه ئي نه پيو اچي:
"تون......... مون ته دعا به نه گهري هئي، عجب آهين تون!"
"چو ڀلا، توکي عجب پيو لڳي؟ ۽ ها، ڪالهه بس مان لهندي ڇا پئي چوڻ گهريئي؟ دري بند هئي، مون کي ته ڪي به سمجهه ۾ نه آيو."
"اوهه....... آئون لڇيندو آهيان....... مون کي ڪجهه اڌارا پئسا گهرجندا هئا."
"اوهه، بيڊ لڪ. مون واپس ڪراچي موٽي وڃڻ پئي گهريو. هتي چين نٿو اچي، ۽ منهنجو .... هتي ته آئون بڪ مري ويندس."
"ٻڌاءِ نه ڇا ڪريان؟ پويون تاريخون آهن."
"مينشن ناٽ." ۽ هوءَ روشن مرڪن جي ڇاٽن سان موڪلائيندي هلي ٿي وڃي ۽ هو ڪياڙي ڪنهندو پاڻمرادو وڦلي ٿو:
"توبهن - آئون به وڏو گڏهه آهيان. هاڻي ڀلا اهو به ڪو طريقو هو پئسن گهرڻ جو؟" ۽ هو ڪالهه جي فليش بئڪ ۾ لڙهي ٿو وڃي.
هڪ ماڻهو بس مان لهي، اڳيان عورتن واريءَ بند ڪڙڪيءَ کي ناڪ ٿو ڪري. اندر بس ۾ وينل ڇوڪري حيرت مان شيشي مان نهاري ٿي. اشارتي ٻولي، لڄوڙي مرڪندڙ ماڻهوءَ جو آڱوٺو ۽ ڏسٽي آڱر نچائي پئسا ڊماند ڪرڻ. ڇوڪريءَ جو ڪجهه نه سمجهڻ ۽ بس جو اسٽارٽ ٿي ڪيس ڇڏي وڃڻ.

هو ٻچيءَ ۾ هٿ وجهي، سرڪس جي ماڻهن جيان زور سان بولاتي ڪائي، ڪالهوڪي ان حرڪت تي پاڻ کي لوئي ۽ لبي ٿو ۽ ٺهڪ ڏئي کلي ٿو. هن کي ياد ٿو اچي ٻالاپڻ. ننڍڙي لاڪي جيڏن سرتن ساڻ کيل ڏسڻ لاءِ، ماءُ پيءُ جي اک وٺي، ڏاڏيءَ کان ڏوڪڙ ڪڍڻ لاءِ ڪيئن نه ڏسٽي آڱر آڱوٺي سان نچائي بلئنڪ تاس ڪري ڪري، اک پڇي پڇي ڏاڏيءَ کي گهيتاري ڏوڪڙ ڇڏائي ويندو هو.

"آ...... ه...... ه....... ه......." هو وڏو اونهو گهرو ساهه ٿو پري. اڳي ۽ هاڻي ۾ ڪيڏو نه وڏو فرق آهي. هاڻي ته ساهه ڪڻڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي. هاڻي ته جيون پاڻ کيل تماشو ٿيندو ٿو وڃي. وڏو پرابلم. هاڻي ڪيتري نه عجب جهڙي ڳالهه آهي ته هن جي ڪا پيئنٽنگ پنجاهه روپين ۾ به نٿي اگهامي. هو وري ڪراچي پڄي وڃڻ ٿو چاهي، جتي هوائي جهازن جي اڏام آهي، روپيا ئي روپيا ڦهليا پيا آهن، جتي وڏن بنگلن ۾ نوٽن جي ٿهين ساڻ فٽ بال کيڏي سگهجي ٿي. ڪا ڳالهه ساري، هو وري چنيءَ تي ويچار ڪري ٿو ۽ سوچي ٿو، جيهي تيهي چني لکجي ويندي ۽ وري ٻاهر ٻاقي ٿو:

"هونهن، آئون ڪو هتي چني لکڻ آيو آهيان؟ افسانه لکهه رهي هون، دل بي قرار ڪا. مون کي ڪنهن جي پرواهه نه آهي. مان جو ئي آهيان، سو ئي آهيان ۽ وري ٻانهن ۾ ڏاڍو سور محسوس ڪندي، پوري طاقت سان ٻانهن شيخ ڪري، سج کي ٽاڪوڙ لاءِ ڏئي ٿو ڇڏي ۽ ٻانهن کي جهٽڪا ڏيندي وري وڻ جي ڇايا هيٺ اچي ٿو. اوچتو سندس نهار هيٺ لاهيءَ ڏانهن هلي ٿي وڃي. پري وٽن جي قطار جي ڇايا وٺيو، سرلا ايندي ٽي نظر اچي:

"نيڪ آهي، اڄ ان سان به ڳالهه ٻولهه ٿي وڃي. آئون به ڪو واهيات آهيان. هونهن – سؤ روپيا پيئنٽنگ نه وڪامندي. هاڻي هي ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي، جو هڪ شاندار پيئنٽنگ تان، شانائتي نموني سان سؤ روپيا ملڻ به اهڪا ٿي وڃن. يلا هي فائن آرٽ آهي ڇا؟ نيڪ آهي، اڄ چوندوسانس ته ڇا آئون چترڪار نه آهيان؟ پيئنٽنگز...... پيئنٽنگز...... آئون ته سؤ روپين لاءِ ٿوٻي گهمائيندو آهيان ڪينواس مٿان. مان پينٽر نه، سنئون سڌو فلاسافر آهيان. ويري جينئس فلاسافر. فائونڊر آف دي نيو هيومن فلاسافي، ويري نيو ٿنڪنگز آف دي سينچوري ٿرو دي ڪاريڊورز آف ٽائيم، دس از ويري اگلي ائنڊ ڊارڪيسٽ سينچري آف دي فرسٽ ورلڊ وار، سيڪنڊ ورلڊ وار. وار، وار ود آئوٽ اينڊ ود آئوٽ اينڊ!..... وار..... وار..... ايور ويئر وار...... سينچور آف بگ بامز. شيم، هاڻي ڏس نه، ڇا فلاسافي پيئنٽنگز ۾ ٽانڪي وجي، ٽاچٽيءَ سان؟!....... مون کي سؤ روپپيا گهرجن، ڪيئن به. ايمانداريءَ سان چئه، هيءَ پيئنٽنگ ڪنهن ڪتاب جو ٽائيٽل نٿي ٿي سگهي؟ آئون ڪنهن وڏي اداري

جي ڪتاب جي ڳالهه نه پيو ڪريان. آرڊنري مئگزين جيڪي نڪرندا آهن، ڪتن ڪان به گهٽا. اڙي پائي، سنو لکڻ چا، سنو سچڻ لاءِ به سني ايٽماسفيئر جي ضرورت هوندي آهي. اتز ويري نچيرل، اسين دوتا نه ماڻهو آهيون. اسان جون به گهرجون آهن. مون کي ان جي پرواهه نه آهي ته هيءَ تصوير تون کهڙي ايڊيٽر جي منهن تي ڦهڪائيندينءَ؟ مون کي ڏوکڙ گهرجن. نيٺ پلا هي تئونڪري سنڌيءَ جا ڦر فائن آرٽ کي سمجهن چا تا؟ ٻوليءَ جي کوجنا تا ڪن. ٻڌاءِ نه، کهڙو سائنٽيفڪ ايڪيوپمينٽ اٿن، جنهن سان کوجنا ڪندا؟ دس از دي ڪمپيوٽر ايج." هو ڪروڌ ۾ اچي سوچي ٿو ۽ جڏهن وري مڙي ايندڙ ڇوڪريءَ ڏانهن نهاري ٿو ته کيس ڏاڍي مونجهه ٿي محسوس ٿئي. ڇوڪري سرلا نه، ان جيڪي به نه، الائي ڪير آهي. شايد ايئن ئي پري کان سندس نيڻ دوکو کائي ويا هئا. هن جو سڄو ڪروڌ پسم ٿي وڃي ٿو. ڇوڪري پر مان، وٽن جي هوائن ۾ هلندي ٿي وڃي. هو ڇوڪريءَ جي سڊولتا ڏسي، اونهون ساهه پري، ڪاڳرن ڏانهن مڙي ٿو ۽ وري ڇني لکڻ ٿو لڳي.

تو ڇيو هو آپگهات ڪري ڇڏ، مري نري وڃ، پر آئون آپگهات ڇو ڪريان؟ نيٺ ڇو؟!....... آپگهات ته چا، آئون واٽ مٽائڻ لاءِ به تيار نه آهيان. هن روولیوشن جي دنيا ۾ تون ڪير ٿيندي آهين مون تي اهڙا حڪم هلائڻ واري؟ منهنجي پنهنجي واٽ آهي، منهنجي واٽ تنهنجي واٽ سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿي ته ان سان آئون ٻڌل آهيان چا؟ آئون ڪنهن ڪان به پوئتي ڇو رهجي وڃان؟ آئون اڳتي نڪري وڃڻ به نٿو چاهيان. آئون ته هڪجهڙائي پسند ماڻهو آهيان. پوءِ پلا پ اتي گهوبي ڪيئن هٽندس؟ اها ته پنهنجو پاڻ سان ويساهه گهاتي ٿي. ها يا نه؟ ساري، ڪڏهن به مون کي انهن واٽن تان هلڻ کان نه روڪجانءِ، جيڪي توکي وٽنديون هجن. سچ ڏاڍي موذي ۽ مرچوٺ آهين. ايڏو ته نه ايري اچ، جو ٻيا ڏسڻ ۾ به نه اچن. آئون – آئون چا ٿو لکڻ چاهيان؟ تون هر ڳالهه کي سڌو پڙهي وڃجان، ان لاءِ ته مون کي ڇني لکڻ ڪانه اچي. مون ڪڏهن ڪنهن کي ڇني لکڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانه ڪئي. وري ماڻهو پڙهيل به ته ڪين هئا. رڳو نياپن تي ڪم هلندو هو. فلاڻي يا فلاڻي کي منهنجو هي ڪم ڇئجانءِ. جيترو جاڳندو رٻاري سرشتو. واهڻن ۾ ته اڄ به اهو ئي سرشتو آهي. سچ مان منجهي ويو آهيان، پر نه مان دهلجي ويو آهيان، ان لاءِ ته مون کي سوسائٽيءَ جي سڄي خبر آهي، هاءِ سوسائٽي مور ائنڊ مور هاءِ سوسائٽي!.......

ڏس، آئون ڪنهن به چڪر ۾ نه آهيان. ڪلهه هڪ پراڻو شاعر دوست مليو هو، چيائين: "آئيڊيل ملڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. آئيڊيل تائين رسڻ لاءِ سڄو سولر سسٽم مٺ ۾ قابو رکڻو پوندو آهي." تون اجايو مون ڏانهن ميارون پئي موڪلين. آئون........ آئون ته اجا هڪ ننڍڙي

دؤر مان گذري رهيو آهيان - مون کي ته پنهنجي آئيڊيل ڇوڪريءَ جا سارو پا به وسرندا ٿا وڃن. ڪڏهن ڪڏهن اهڙن مهاندن جي ڇوڪري ڏسي، ٿڌو ساهه ڀري، آس پلي ڇڏيندو آهيان. هونئن به اسين سڀ ائيڊيل لائيف گذارن جا سپنا ڪٽيو، ٽڙندا ٽاٻڙندا هلندا آهيون. سچ، مان ته ڏاڍو ڏڄي ويو آهيان. پلا اهو به ڪو جياپو آهي جو منهنجي ڪارڻ ڪجهه ماٺهو ڏک ڏسن ڀوڳين (جي اڳيئي ڀوڳين پيا!) سچ مون لاءِ اها وڏي ڏهڪائيندڙ ڳالهه آهي. هاڻ پلا توکي ڪيئن سمجهايان ته ائين ناهي، جيئن تو سمجهيو آهي. منهنجي اندر ۾ تو لاءِ ڏاڍا سنا، سهڻا ۽ سلوڻا جذبا آهن، ڏاڍا ڪومل. منهنجو وس هلي ته جيڪر اوشا ۽ سنڌيا جي هوائن کي چوان ته تنهنجي چڙواڳ ڇڳن مٿان ادب سان گذرن.
اچانڪ هو رڙ ٿو ڪري:
"اڙي ڙي ڙي ڙي...... چڙي ته ڪانه پوندي؟ الائي ڇا لکي ويو آهيان. مار پويس، هيءَ ڇني ته انگهندي ٿي وڃي. الائي مٿان ڪا اونٽي معنيٰ ڪڍي وهي!" هو وڏن ويچارن ۾ اچي وري يوڪلپٽس جا پن هٿن ۾ مروڙي واس وننڊو ٿو رهي.
"هون - هي ڪهڙي موڙ تي اچي ويو آهيان؟ آئون لکڻ ٿو چاهيان، سڀ ڪجهه جيڪو شدت سان محسوس ڪيو اٿم. ڳالهيون ڪٿي ختم ئي نه ٿين - ڪٿي ائين ته نه ٿيندو، جيئن، جيئن سارو جيون اجايو گذري ويو آهي، باقي جيون؟....... پر نه، هاڻ شايد ائين نه ٿئي. جيون ئي ته گهارڻو آهي، ٿورڙو عقل ڪان ڪم وٺي ڏاڍي سهڻائيءَ سان گهاري سگهجي ٿو. سچ هاڻ ته ائين ٿو ڀاسي ڄڻ چوراسي لک جيوٽين جو نرڳ ڀوڳي موٽيا آهيون. هن هيڏي وڏي عظيم صديءَ ۾ به ايڏا هيٺا، ڪمزور، ٽڪاٽا، ٽناٽا؟....." هو ٿڌي ساهه سان سوچي وري خط لکڻ لاءِ ڪاڳر ٿو ڪٽي ۽ سوچي ٿو: "ڇا لکان.....؟" ۽ هو لکڻ ٿو لڳي:
سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڇا لکان؟ آئون سمجهان ٿو ته ڪنهن ڇوڪريءَ ڏانهن اهو منهنجو پهريون ۽ آخري خط آهي. ايتري دير ۾ ته آئون ڏاڻي سني تصوير ناهي ڇڏيان ها. توکي موهڻ لاءِ ڇنيءَ ۾ ڪو ڪوڙ لکڻ نٿو چاهيان. اهو سچ آهي ته آئون هر موڙ تي توکي ڏسن چاهيان ٿو، اندر جي اننت جي گهراين سان مورتي ناهڻ لاءِ، پر تون ڪڏهن ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ٿي اچين. ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي پر مان کو گذري ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهو به پنهنجو وهم ۽ گمان لڳندو آهي. اڳي.... الاهين سال اڳي، ٽينيج ۾، جڏهن چاهيندو هئس سپني کي ساڀيان ۽ ساڀيان کي سپنو بڻائي ڇڏيندو هئس. هاڻي سپنا ڇا، ننڊ به الائي ڪيئن ايندي آهي! هاڻ مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته ڪڏهن به مورتي ڪين ناهيندس (اندر ۾ ڪي آهي ئي ڪونه) اوهه...... ساري. پلا مورتي سان تنهنجو ڪهڙو لاڳاپو!..... سچ، خط لکڻ نٿو اچي،

پر ڪيئن به آئون چاهيان ٿو غلط فهم دور ٿي وڃي. ڇو منا ماڻهو پاڻ ۾ ڪتا ٿي وڃون! ڇا ضروري آهي ته هڪ ماڻهو جيئن چاهي، تيئن ٿيڻ گهرجي؟ پوءِ ته ماڻهو جي ميجارٽي جنگ پسند آهي. جي ايئن نه هجي ته پوءِ دنيا ۾ جنگيون ڪيئن ٿين! پرٿويءَ جا وڏا توڙي ننڍڙا سڀ ملڪ، سڀ قومون هيروئزم جو شڪار آهن. هر قوم ٻيءَ قوم کي پنهنجو دٻدٻو، ڏهڪاو، طاقت، نٽ ۽ ادمبر ٿي ڏيکارڻ چاهي ۽ يگن ڪان ائين هلندو اچي.

خط لکندي هن جو هٿ بيهي ٿو وڃي:

"الائي ڇا پيو لکان، ڇو پيو لکان......." ڪن لاءِ هن جو ذهن ڪم نٿو ڪري، هو ڇوڏهن هيناهين ڏرتيءَ ڏانهن نهاري ٿو ۽ مٿي سج ڪاپار ٿي آهي. هو وٽن جي ڏارن مان سج کي ٽڏو ٽڏو ڪري ٿو ڏسي، سائيرو سائيرو سج. "ڪير ٿو ڪنهن جي ٻولي سمجهي؟!" هو ڄڻ يوڪلپٽس ۾ پناه ورتل ڳيري سان ٿو ڳالهائي ۽ خط ٽڪريون ٽڪريون ڪندو ٿو رهي ۽ پوءِ ننڍڙيون ننڍڙيون ٽڪريون لڪ جي هڪ جهوٽي ۾ اڇلائي ٿو ڇڏي.

ڪاڳرن جون ٽڪريون هوائن جي زور تي اڇن ڪبوترن جي وڳر جيان هيناهينءَ ڏانهن اڏاڻيون ٿيون وڃن ۽ انهن پنيان هو چپ چپات هلندو ٿو وڃي، ڏوجهرا ڪائيندو هلندو ٿو وڃي.

دي ايڊيٽر

جيئن ريل جون پٽڙيون پيرلل پيون وينديون آهن يا هر جٽيل جڙ ڏاند، تيئن هو ٻئي ويهارو سالن کان جٽ هلندا ٿا اچن. ساڳيءَ ٽور سان، ساڳين مرڪن، ڏکن ونجهن ۽ پيار سان. چوٿين پنجين ڏينهن ڪڏهن ڀاڳين ته ڪڏهن باقاعدي پروگرام سان. جڏهن تمام گهڻا پئسا هوندا اٿن ته ٽرپل فائيو چڪيندا آهن، نه ته امبيسڊر کان وٺي ڪي - ٿو جي چوٿيءَ تائين سڀ ڪجهه هلائي ڇڏيندا آهن. جيئن چندو چندي ڪي سؤ ڪوهن تي ڳولي لهي، تيئن هڪ ٻئي کي لهي وٺندا آهن ۽ جيئن سدائين گهڻو ڪري ڀاڳين ملندا آهن، تيئن اڄ به ڀاڳين ملي ويا آهن، سنڌو ڪناري ۽ سنڌو لهر لهر ڏهڪاو ڦهلائيندي، اجهل سنڌو، سدا جيان گجگاهه ڪريو وهندو ٿو وڃي. ٻئي هڪ ٻئي کي آمهان سامهان ڏسي، اندر ۾ سدا جيان ڪائي پراسرار شڪتي ايامندي محسوس ڪري مرڪي پوندا آهن، تيئن سدا جيان اونچي ڳاٽ ڀاڻ ۾ ملن ٿا. هٿ ملائڻ يا ڀاڪر پائي پيار جتائڻ کان چوٽڪارو ماڻيل. سدائين جيئن درد پريل پڻ پڻ سان:

"يار سڀ درياهه اهڙا هوندا آهن يا رڳو سنڌو ئي ايڏو زوردار ۽ تيجان تيج آهي؟" ٻنهي مان جيڪو ايڊيٽر آهي، او اهونچي سگريٽ جو پئڪٽ وڏائي ٿو.

"سڀ درياهه زوردار هوندا آهن. سيني جي ڀاڻيءَ جو رنگ ساڳيو هوندو آهي. مصر جي ماڻهن لاءِ نيل، سنڌوءَ کان وڌيڪ وڏو، پلارو ۽ تيجان تيج درياهه آهي ۽ اسان لاءِ اسان جو." ايڪٽر دوست وراڻي ٿو. ايڪٽر جيڪو ڪڏهن ڀاڻ به رائيٽر ۽ ايڊيٽر هو، تمام گهڻن پئسن ڪمائڻ ڪاڻ ايڪٽر ٿي ويو هو. پئسا ته ڪونه ڪمائي سگهيو، باقي رهي کهي عاقبت به وڃائي وينو آهي.

"يار، مان ته هن مئگزين مان ڦاسجي ويو آهيان. مون کي ته هر گهڙي ايئن ڀاسندو آهي جڻ منهنجو سڄو ٽئلينٽ انهيءَ ايڊيٽريءَ جي ڪري اباٽجندو ٿو وڃي. اسين ماڻهو آهيون يا ڍور!" ايڊيٽر دور سنڌوءَ مٿان وڏاندرا پر هٽندي ويندڙ ٻيري ڏيکارڻ لاءِ آڱر ٿو کڻي. کن لاءِ ٻئي سنڌوءَ مٿان ۽ ڪارن ڪڪرن جي ڪوهيڙي هينان اڏاڻي ويندر ٻيري ۾ نهاريندا ٿا رهن. ايستائين جو ٻيرو ننڍڙو ٽبڪو ٿي، گوناگون پولار ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

"هان (ڪهڙي ڳالهه پئي ڪئيسين؟!....." ايڊيٽر ذهن تي زور ڏئي ٿو.

"شايد ڪو روڄ پئي رنوسين، پٽڻ پئي پٽيوسين." ٻئي وڏا ٽهڪ ڏين ٿا.

"ها يار، مون کي ته سدائين ايئن پاسندو آهي، جيون راڙا ئي راڙا آهي، موت جا راڙا. اسين سڀ جن هڪڙو ئي پڙاڏو ڇڏڻ آيا آهيون، موت جي راڙ جو پڙاڏو. باقي اسين پنهنجو پاڇولو به پاڻ سان گڏ کڻي ويندا آهيون."

"تون نيڪ پيو چوين. تنهنجي شاعري هاڻ مون کي هانو تي گولي کاڌل ماڻهوءَ جي راڙ لڳندي آهي."

"آڳوڻي جو متو. يار تو وٽ ڪا ٻي ڳالهه ڪانهي! انهيءَ پڙوي شاعريءَ کان سواءِ؟!"

"پوءِ انهيءَ پڙويءَ کي طلاق ڇو نٿو ڏئي ڇڏين؟"

ايڪٽر جي ڳالهه تي شاعر کن لاءِ وسامي ٿو وڃي، ايئن ئي جيئن سگريٽ جي ڌڳندڙ مهاڙي تي، مينهن جي پهرين ڦڙي ڪري. هو ڪنهن وڏي ٻوڏار ۾ پيهندي جڻ ٽٻي مان ٻاهر نڪري ٿو اچي.

"هائو يار، ڪڏهن ڪڏهن شاعري، زال، گهر، ٻار سڀ بڪواس لڳندا آهن." ايڊيٽر ڏاڍي پيڙا مان آڪاس ۾ نهاريندو ٿو رهي. ان پار، جيڏانهن ڳيرو گم ٿي ويو آهي.

"نيٺ يلا اڄ ايڏي مونجهه ڇو، آهي ڇا؟"

"منجهندو منهنجو آڳونو. خبر ڪانه ٿئي آئون ڇيرا کڻي هلندڙ ماڻهو آهيان. مون کي پنهنجي وٽ ۾ ست جي پوري خبر آهي." يار جو ڪروڌ ڏسي ڪيس ٽڏي ڪرڻ لاءِ ايٽر ناؤ ڏانهن آڱر ٿو کڻي.

ے وچ سير ناؤ ۾ آهي هڪ جواڻ جماڻ وينگس، هڪ ٻارهن سالن جو ٻار ۽ هڪ ڏهن سالن جي ٻيبي. اڌ ننگي بوجي ٻيبي سڪان سنڀاليندي ٿي وڃي ۽ ماءُ ۽ ٻار رڃ ڇڏيندا ٿا وڃن ۽ ناؤ سنڌوءَ مٿان ڏور ڏور هندوري جيان جهلندي ٽلڪندي ٿي وڃي.

"هون - ڇا پئي ڳالهايوسين؟" ويچارو ايڪٽر سگريٽ جو مزو نه ماڻيندي ڌڳندڙ سگريٽ مان ٻيو سگريٽ ڌڪائي ٿو.

"يار، رن واهه جي هئي، نه؟ پاڻ ته غور سان ڏنئي به ڪانه."

"مون ڇتائي ڏسي ورتي هئي. قران جيهي سنڌوءَ جي جل پري."

"ها - اهي سڙهه سڌا ۽ لاڇو نوان رکڻ واريون سڀ ناريون، نوريءَ جيان نور ئي نور هونديون آهن. ڄام تماچي به ڇا ماڻهو هوندو!...." ايڊيٽر ٽڏو ساهه پري ۾ وري وقلي ٿو:

"آئون جي ڄام تماچي هجان ها ته سنڌو ڇا، سڄو سمونڊ فشريز وارن کان کسي فشرمين جي حوالي ڪري ڇڏيان ها."

"پر ڏک اهو آهي جو اسان مهاڻا به نه ٿي سگهياسين. الا - ڇا ڇولان ڇول وهندڙ جيون آهي."

(ٽڏن ساهن پريل مانار)
ٻئي ڪنڌيءَ ڏيو هلندا تا وڃن. ڪڏهن ڪڏهن آگم پريل اپ ۾ نهارين تا، ڪڏهن لڙهندڙ ٽڙن ۾، ڪڏهن سڙهه ڪنيو درياهه ۾ چير وجهي اوپار ايندڙ ٻيڙين ۾.
"يار، تنهنجي رومانس جو ڇا ٿيو؟ ڇا ضروري آهي اسين هر وقت ادبي روڄ روئون؟!"
"يار، سچو آهي ادبي روڄ روئون."
"چو ڙي، اڃا تائين حرامپايون ڪونه ڇڏيندين."
"ڪمال آهي يار، حرامپائي جي ڪهڙي ڳالهه آهي."
"لنوائين ڇو ٿو؟"
"يار ڪاوڙجي وئي، نه وڻيومانس."
"ڇو؟"
چيائين: "جي مون کي ڪنهن ايڪٽر سان ئي رومانس ڪرڻو پيو ته پوءِ اوٿول مون کي سيني ڪان گهڻو وڻندو آهي. لارينس آف اربيا ۽ هن جا پنا ڏاڍا سهڻا ٿي لڳا."
"يار تون به ڪٽي ٿورڙو پرايون سرايون ڪارون پنيانس وڏيڪ ڊوڙائين ها."
"تون ڇا ٿو سمجهين، مون ايئن نه ڪيو هوندو! يار ڪار تي ئي ته هوءَ چڙي پئي هئي."
چيائين: "تون مون تي ڪار جو رعب وجهڻ آيو آهين، اها تو جهڙي ماڻهوءَ لاءِ شرم جهڙي ڳالهه آهي!"
"اڇا، ايئن چيائين؟!"
"ٻيو ڇا، پلا تون ئي ڇئه نه، هڪ اسڪالر عورت جو هڪ اشتهاري فلمن جو پرفارمر آئيڊيل ٿي سگهي ٿو؟! يار مون ته هن لاءِ فيچر فلمن جو ملندڙ ڪم به ڇڏي ڏنو."
"اڙي پڙوا، فلمن ڇا، تون تار مڪان سان ئي نڪري ويو آهين!"
"ها - تون ته ڄڻ ڪڏهن نڪتو ئي ڪونه هئين. سچ ٻڌاءِ، توکي وڻي ٿي يا نه؟"
"ها يار، آهي ته گولڊن ليڊي، ود گولڊن گلاسز، پر ان ڪان وڏيڪ مون کي تون پيارو آهين. هوندي اسڪالر ليڊي." ايڊيٽر جو موڊ اف ٿي وڃي ٿو.
٧ وهندڙ پانيءَ مان وڏو وڏو ڪچئون، نانگ جيڪي ڳچي ڪڍي وري ٽٻيءَ ۾ هليو ٿو وڃي. ٻئي ڪن لاءِ ڪچون ۽ پوءِ درياهه جي گوناگون وهڪ ۾ نهاريندا تا رهن ۽ جيئن جيئن سج ڊرندو ٿو وڃي، گوناگون پاڻي ڄڻ پلاٽينم ٿيندو ٿو وڃي. وگهريل اتانگهه چوٽين ڪان ايندڙ لاوي جيان گڙگات ڪندڙ پلاٽينم.
"ٻڌ، تون ڪهاڻيون ڇو نٿو لکين؟"

"ان سان ڇا ٿيندو؟ تون ته ايسٽابلشڊ پوئٽ آهين. توکي ڇا مليو آهي جو مون کي ڪي پراپٽ ٿيندو."

"اڙي سوئر، پوءِ آخر ڪندين ڇا؟......"

"منهنجو آڱوٺو ڪجهه ڪري. اڄڪلهه مان هپي ازم تي اسٽيڊي ڪري رهيو آهيان."

"يار، تون هپي ازم تي ٿيسز لکي، پي - ايچ - ڊي ڪري وٺ نه."

"يار، الائي ڇا پيو چوين. پهرين ته اهو ٻڌاءِ ته تنهنجي مئگزين ۾ هپي ازم تي ڪجهه لکي سگهجي ٿو؟!....."

"پوءِ پلا آخر ڇا ڪندين؟"

"يار سوچيان ٿو، سنو ڪتو پاليان. نالو رڪانس رنس جو رن."

"ها - پيٽ نه پاريان ڪتا ڌاريان. هيئن ڪر، تون پاڻ کو جادو ٻادو سکي ڪتو ٿي وڃ."

"يار، پوءِ به ڊگري ڪانه ملندي."

"ڇو؟....."

"توکي هر ڪنهن آڏو پڇ لوڏڻ جي عادت ڪانهي."

"ها يار، ڪڏهن ڪڏهن پاسندو آهي اسين اهي پڇ ڪٽيل، سڌريل وفادار ڊاگز آهيون، جن کي پڇ ئي ڪونهي. لوڏينداسين ڇا.....؟"

[مانار، درياهه جي ڇولان ڇول ڳاج پريل مانار.]

ٻئي هلندي هلندي بيهي ٿا وڃن، وري هلن ٿا. وري بيهي ٿا وڃن، نوان سگريٽ دکائڻ لاءِ.

"ڇا موٽون؟....." ايڊيٽر وڏي مشڪل سان ڳالهائي ٿو.

"هتي آيا ئي موٽڻ لاءِ آهيون." ۽ ٻئي واپس پل ڏانهن هلڻ لڳن ٿا.

"ٻڌ...." ايڊيٽر جي اندر ۾ ڪا مونجهه آهي.

"ٻڌاءِ به ڪٽي."

"مون اهو ٿي چيو ته دنيا جا جيترا به جينئس ماڻهو ٿي گذريا آهن يا موجود آهن، آهن سڀ دکي؟! ٽرو سنچريز!........ مهاتما ٻڌ ۽ شاهه ته اسان وٽ سمبل آهن....."

"شايد ان لاءِ ته جينئر ماڻهن کي دنيا ۾ سک ڏسڻ ۾ ئي ڪين ايندا آهن. پرٿويءَ تي ساري جمار پٽڪڻ کان پوءِ سرووم دکم دکم يا ڏاگهي جيڏا ڏک ڇئي ڍهي پوندا آهن. ڪڏهن وٽن هينان ته ڪڏهن ڪنهن رڻ ۽ رائي ۾."

"ان جو ڪارڻ شايد سک آهن، هر ماڻهو سک ماڻڻ ٿو چاهي جڙو سک! سچي پائدار سکن لاءِ ڪوئي ڪونه ٿو سچي. ان ڪري سک جو اسان وٽ ڪو اميج ئي ڪينهين."

"ها – پر هاڻ ته بور پيا ٿيون. يار، سمو ڏاڍو رومانٽڪ آهي، ڇا پل آڏو اوپن هوٽل ۾ ديدار بازي الله راضي نه هلي ڪريون."

"اڙي سوئر! هاڻ ته ايئن به نٿا ڪري سگهون. اڳ ڪان مٿي سجاڻ جاڻ واريون ڇوريون هونديون. گڏڙ ڪي هرڪو سڃاڻي. پل چڪ ۾ ڪنهن ڪي اک نه هٽي ويهون!"

"قرآن خوش ٿيندي."

"قرآن تي ته ايئن ٿو اچين ڄڻ پٺهين جي جاگير آهي."

"يار حيف ٿئي، اسان وٽ ايتري جاگير به برداشت نٿو ڪرين."

"ڇگو هل ته اڄ ڪارو منهن هلي ٿا ڪريون."

۽ پوءِ ٻئي هوريان هوريان پل ڏانهن وڌڻ لڳن ٿا، جتي ڇهل پهل آهي، رنگا رنگ، لڳڙ ۽ سلوڻا جسم آهن، سونهن ۽ اسپيڊ آهي.......

ڏرتيءَ ڏڪاڻا

هو جپان ايئر لائنز جي جهان سان سفر ڪري رهيو هو. هڪ وڏي ڊوڙ ۾ زوزٽ ڪان پوءِ جڏهن جهاز ايران جي ڌرتي چڙي ته هن پنهنجي اندر عجيب سياڻا ۾ سيڙهاٽ اپرندا محسوس ڪيا. هن سوچيو، ٽن ڪلاڪن کان پوءِ منهنجو جهاز پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچيءَ ۾ لهندو. ڪراچي، منهنجي ماءُ جي سپنن جو شهر، منهنجي جيجل جي جنم ڀومي، جنهن ڪي پيار مان هوءَ سدائين ڪلاچي سڏيندي آهي. قديم نالي سان ياد ڪندي آهي. پر آئون ان شهر ڪي ڏسڻ لاءِ بيچين ڇو آهيان؟ ان شهر ڪي ڏسڻ لاءِ منهنجي اندر ۾ ايڏو ولوڙ ڇو آهي، ڇو آهي ايڏي آنڌ مانڌ؟ آئون ان شهر جو سير ڪرڻ ڇو ٿو چاهيان؟ آئون ڪلفٽن ڇو ٿو گهمڻ چاهيان، ڇو ٿو چاهيان ته ميٽرو پول جي خوبصورت لائونج ۾ ويهي نٽ سان پلو کاوان، منگهي پير تي واڳون وجي ڏسان، مورڙي ميربحر جو مقبرو ڏسان، ڪنهن بڪ اسٽال تان شاهه جو رسالو خريد ڪري، ڪنهن پارڪ ۾ وجي پڙهان. ان شهر سان منهنجي ته ڪا تر جيتري يادگيري به ڪانهي. ورهاڱي ويل، جڏهن منهنجي ماءُ کي جلاوطن ڪيو ويو هو، تڏهن ته آئون فقط ڇئن مهينن جو هئس، سو به ماءُ جي پيٽ ۾. مون ته ان شهر جي هوا به نه جهٽي آهي، جا پئدائش ويل هڪ ٻار جا بند ڦڦڙ وڏي ريهه سان جهٽي ڦٽ ڦٽ ڪري هلڻ لڳندا آهن ۾ ساهن جي ڌمڻ چالو ٿي ويندي آهي. مون ته زندگيءَ جا اهي پهريان ساهه آگري جي هڪ ڪوليءَ ۾ جهٽيا هئا. پوءِ ان شهر کي ڏسڻ لاءِ منهنجي اندر ۾ ولوڙ ڇو آهي؟ ڇا رڳو ان لاءِ ته ڪراچي منهنجي ماءُ جو وطن آهي، جنم ڀومي آهي؟ ڇا رڳو ان لاءِ ته ننڍڙي لاڪئون، مون ماءُ جي واتان ڪراچي جي باري ۾ الاهي ساريون ڳالهيون ٻڌيون آهن؟ ڪلاچ جي سمونڊ جون، منهوڙي جون، ڪلفٽن جون، زولاجي گارڊن جون، ميوزيئم جون، منگهي پير جون، مورڙي مير بحر جون، جنهن ڪلاچ جي سمونڊ ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي وهيل مڇي ماري هئي، جنهن جو ڪنڊو اڃ تائين ميوزيم ۾ رکيل آهي. امان چوندي هئي، هرڪيوليس هجي يا جوليئس سيزرس هجي يا ڪو رستم، دنيا جو ڪو پهلوان مورڙي جو مٽ ٿي نٿو سگهي. مورڙو همٿ ۾ مردانگيءَ جو Symbol آهي. امان چوندي هئي، درياهه سنڌ جا واڳون دنيا جا سڀ کان وڏا واڳون ٿيندا آهن. تون منگهي پير تي وجي ڏسندين ته توکي هڪ هڪ واڳون پندرهن فوٽن جو نظر ايندو. بس ڏسندي ئي ماڻهو کي دهشت وٺيو وجي. امان چوندي هئي، ڪراچيءَ جو سمونڊ دنيا جو سڀ کان نيروکهرو سمونڊ آهي. اتي سدائين چوٽ ۾ چڙواڳ هوائون هلنديون آهن. اتي تون هوا جي جهوٽن کي هلندو ڦرندو

محسوس ڪندين. هيئن متي نهاريندين ته توکي اهو هوا جو جهوٽو ڪنهن چنچل ناريءَ جيان ساڙهيءَ وچڙندڙ ڊوڙندڙ محسوس ٿيندو. آهه! ڪراچيءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. وطن جا وڻ وساري هوءَ جڻ روئي پوندي هئي. وس پڄيس ته جڻ اجها پر ڪري اڏامي وڃي. ڪيڏي نه ايلاز مان چوندي هئي: "رام...... هي ڪين هيا سياستدان ته سدائين پاڻ ۾ وڙهيو پيا پرچن. ڪڏهن نه ڪڏهن ته پاسپورٽ کلندا. تون جڏهن وڏو ٿين ته هڪ ڀيرو مون کي وطن جا وڻ ضرور ڏيکارجانءِ، آئون سنڌ ساگر جي پوڄا ڪنديس، موهن جي دڙي جي ڌرتيءَ کي سجدا ڪنديس، شاهه تي پڙ چاڙهينديس، نه ته منهنجي آتما، گنگا جي گوديءَ تي سدائين نراتمائن جيان ڀٽڪندي رهندي، لڇندي رهندي. آئون هڪ ڀيرو وطن موٽي وڃڻ چاهيان ٿي. رڳو هڪ ڀيرو-" پوءِ هن جي نڙي جڻ گهٽجي ويندي هئي. اکين تي هٿ ڏئي وٺي پنهنجي ڪمري ڏانهن ڊوڙ وجهندي هئي، اندران ڪڙو چاڙهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مونن ۾ منهن پايو پئي روئندي هئي ۽ پوءِ جڏهن هوءِ در کوليندي هئي ته ايئن ڀاسندو هو، جڻ هوءَ جڳن جي ڪا پوڙهي عورت هجي، جا روئي روئي نيڻن جي جوت وڃائي چڪي هجي. "اونهن، دقيانوسي عورت، ٽيويهه سال گذري ويا آهن، اڃ تائين وطن وساري نه سگهي آهي." اڄ تائين سندس نيڻن جو پاڻي خشڪ نه ٿي سگهيو آهي. هن وڏيءَ بيچينيءَ سان سيٽ تي پاسو بدلايو. وري ڪجهه ياد آيس. ان ڏينهن، جڏهن هو ماءُ کي نئين ڪار ۾ ويهاري بمبئي گهمائڻ وٺي ويو هو ته هوءَ بمبئيءَ سمونڊ ڪناري Gate Way of India تي اچي ڪيڏو نه خوش ٿي هئي. ٽڏو ساهه ڀري ڪيڏي نه اکير مان چيو هئائين: "الا.... اهو سدورو ڏينهن الائي ڪڏهن ايندو، جڏهن آئون هيئن ڪلفٽن تان سنڌوءَ ساگر جو مشاهدو ماڻينديس."

تڏهن هن ماءُ کي چيڙائيندي چيو هو: "امان، تون ڪراچيءَ جي سمونڊ کي سدائين سنڌو ساگر چوندين آهين، پر تاريخ يا جاگرافيءَ ۾ ته ان نالي جو ڪوبه سمونڊ ڪونهي. ڪراچيءَ جي سمونڊ کي ته عربي سمونڊ چوندا آهن، بحر عربArabian Sea."

"واهه – عربي سمونڊ چوِ! عربي سمونڊ ته ٿيو عربن جي فتح ڪان پوءِ، ڀلا ڏاهر جي وقت ۾ به ڪو ڪيس عربي سمونڊ چوندو هو ڇا؟"

"پر آئي، سنڌ تي ته هينئر به مسلمانن جو قبضو آهي. اهي سڀ پاڻ کي عربن جو اولاد سڏائيندا آهن. پاڪستان ۾ اڄڪلهه ون يونٽ آهي. هاڻي ڌرتيءَ جي نقشي تي سنڌ نالي ڪوبه ملڪ ڪونهي. تون ته اجايو سنڌ سنڌ ڪري دل کي ڪوڙا دلبا ڏيندي آهين. سنڌ ڪٿي به ڪانهي."

هن جي ماءُ کي جڻ وڇون ڏنگ هنيو هو. گهائل گهور سان ڏانهس نهاري چيو هئائين: "رام - مون کي ته خبر ڪانه ٿي پوي ته اوهان ماڻهن کي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ڇا پڙهايو ويندو آهي؟ اوهان جي ڄاڻ ڪيڏي نه محدود آهي. ٻڌ رام، مون کي اڄ به چٽيءَ طرح ياد آهي. ننڍڙي لاڪي، جڏهن آئون اڃان ڇوٽون سنڌي مس پڙهندي هئس، تڏهن تنهنجو نانو مرحوم هڪ ڀيري مون کي لکي ڏارا تيرٿ جو ميلو گهمائڻ وٺي ويو هو. اتي مون ڀڳي نوڙهي جي هڪ ٿنيءَ تي ڪليءَ سان پنهنجو نالو لکيو هو: ساوتري هنگوراڻي، پرهندڙ درجو ڇوٽون سنڌي. ان ڳالهه کي اڄ الائي ڪيترا ورهيه ٿي ويا آهن. آئون يقين سان چوان ٿي ته وقت جي بي رحم وهڪري ڀڳي نوڙهي جي ان ٿنيءَ تان منهنجو نالو ميساري ڇڏيو هوندو، پر ان سان ڇا ٿو ٿئي؟ ڀڳو نوڙهو ته منهنجي جڳهه تي اٽل بيٺو آهي. رام، سنڌ هڪ قديم ملڪ آهي، ان جا بنياد ڀڳي نوڙهي، سورجاڻي، ڪانيوءَ، ڀپ، پاراشر، ڪيرٿر، ڪارونجهر، چوهڙ ۽ هالار تي رکيل آهن. سنڌ کنهن نڌڪي ساوتريءَ جو نالو ڪونهي جو جيڪو لئي مان لٽ ڀڃي ليڪو هٽي ڪيس ڊاهي ڇڏي. ڪو آهي ماءُ ڄائو جو ڀڳي نوڙهي کي پنهنجي جڳهه تان ڏوڏي سگهي، ڪو آهي جو ڪارونجهر، ڪيرٿر، هالار کي پنهنجي جڳهن تان اکوڙي سگهي، ڪو آهي جو پاراشر ۽ سورجاڻي کي پاڙان پٽي اڇلائي؟ اڃا گهڻا سڪندر ايندا، پر درياهه شاهه وهندو رهندو. سنڌ کي ڪمزور ساوتري سمجهڻ وارا ڀليل آهن. سنڌ دنيا جو سڀ کان قديم ترين ملڪ آهي. اڄ نه ته هزار سالن کان پوءِ به سنڌ ڄاڳندي." ۽ پوءِ هن جي ماءُ کي جڻ ڪنهن گهٽو ڏنو هو. هوءَ ڪيئن نه اکين تي هٿ ڏئي ڊڪون ڀري روئڻ لڳي هئي. ايڏو هاڻُ يارو - ايڏو هاڻُ يارو جو هانو پروڻ ٿي وڃي. تڏهن هو ننڍڙن ٻارن جيان ماءُ کي ڀاڪر پائي چنبڙي ويو هو. "آيل، مون کي معاف ڪري. مون کي ڪهڙي خبر ته توکي ايڏو ڏک ٿيندو. آئون ڇا ڄاڻان ته وطن ڇا ٿيندو آهي؟ آئون ته انهيءَ جذبي کان ڪورو آهيان، خالي آهيان." "ها، توکي ڪهڙي خبر ته وطن ڇا ٿيندو آهي؟ تون ته ان ويل منهنجي پيٽ ۾ هئين. توتي اتي جي هوا به نه جهٽي آهي. تنهنجي ته ڪنهن وڻ جي لام سندي يادگيري به ڪانهي. توکي ڪهڙي ڪل ته مانڊيءَ جي منڊ ۾ ڦاٽل پڪيئڙو ڇو ڦٿڪندو آهي، توکي ڪنهن ماريءَ جي ڪوٽ ڪڙن جي ڪهڙي خبر؟ - مون کان هٽي پري ٿي." هن جي ماءُ، سندس ٻانهون زور سان ڇنڊي ننڍڙي ٻارڙي جيان ڪاوڙجي روئندي ڊوڙندي ڪار جي پوئينءَ سيٽ تي وڃي ويني هئي. ان ڏينهن بمبئيءَ کان موٽندي ماءُ سڄي واٽ هڪ اکر به نه ڳالهايو هو. ان ويل هن پنهنجي ۽ ماءُ جي وچ ۾ ڪيڏا نه ويڇا محسوس ڪيا هئا، ڪيڏي نه دوري، جڻ هو جمنا جي هڪ پاٽ تي بيٺو هجي ۽ سندس ماءُ دور سنڌوءَ جي ٻئي

پاٽ تي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن محسوس ڪيو ته وطن جو جذبو زندگيءَ جي سمورن جذبن کان مهان آهي. وطن جي اڳيان زندگيءَ جا سمورا رشتا وڏجي ويندا آهن، ڪپجي ويندا آهن، ٽٽي ويندا آهن، چرخيءَ تي ڊوڙندڙ ڪچيءَ تند جيان.
پر آئون نٿو ڄاڻان ته وطن ڇا ٿيندو آهي؟ آئون انهيءَ جذبي کان ڪورو آهيان. انهيءَ مٺ جيان جو ڪنير جي نهائينءَ ۾ ئي ٿوڪرجي پيو هجي، سيرجي پيو هجي، ٽٽي پيو هجي. منهنجو اندر به ائين ٽٽل، ڪورو ۽ ٻٺ اونداهو آهي.
“Are you felling any difficulty?”
هن ڇرڪي پنهنجي مٿان ٿري ڪنيو. جهڪيل جپاني هوسٽس ڏانهس نهاريو.
“No, I am only thinking about my country.”
جپاني هوسٽس مرڪي پئي. چيائين:
"ها، وطن جو جذبو دنيا جو سڀ کان عظيم جذبو آهي. آئون جڏهن ملڪ ملڪ مان ڦري وطن ورندي آهيان ته پاڻ کي ايڏو ته هلڪو محسوس ڪندي آهيان، جو جيڪر چاهيان ته بنا پرن جي اڏري سگهان. وطن وطن آهي." هوءَ مرڪون پکيڙيندي اڳتي وڌي وئي. هو جهاز جي آخري سري تائين ڏانهس واجهائيندو رهيو. هن سوچيو: "هيءَ عورت ڪيڏي نه خوش نصيب آهي. بلڪل ان پکيئڙي جيان جو وڻ وڻ جي لام تان لڙڪندو پڇاڙي جو پنهنجي آکيري ۾ وڃي آرامي ٿئي ٿو. منهنجي ماءُ به ڪيڏي نه خوش نصيب آهي. هن جو به ڪو وطن آهي، هن جي خوابن جو ڪو درياهه آهي، جنهن ڪي ساري هوءَ ڳوڙها ڳاڙيندي آهي. وڏن وڏن پهاڙن تي هن جا نالا لکيل آهن. هن جي سپنن جو سمونڊ دنيا جو سڀ کان نيرو گهرو سمونڊ آهي. هن جي وطن ۾ هوا جا جهوٽا اپسرائن جيان نچندا، ڊوڙندا نظر ايندا آهن. هن جي ملڪ جو شاعر دنيا جي سيني شاعرن کان وڏو شاعر آهي، جنهن جو ڪتاب هوءَ رات جو سيني تي رکي، سهڻن سپنن ۾ لڙهي ويندي آهي. هن جو خاص سر سنگيت آهي، جو دنيا جي سيني سرن، ساري سنگيت کان نيارو آهي. هن جي وطن جا ماڻهو دنيا جي سيني ماڻهن کان سهڻا، سنا ۽ سڀاجهڙا آهن. دنيا ۾ ماڻهوءَ جو ڪو نه ڪو وطن هوندو آهي. ماڻهو پنهنجي وطن سان پيار ڪندا آهن، ماڻهو پنهنجي وطن جا گيت ڳائيندا آهن. ماڻهن ڪي پنهنجي وطن جا واڳون به وڻندا آهن. رڳو آئون ئي هڪ ڌرتيءَ ڏکاٽو انهن جذبن کان ڪورو آهيان، رڳو آئون ئي آهيان، جنهن جو ڪو وطن ئي ڪونهي، ڪو ٺڙ ٺانءُ ڪونهي، ڪا ڌرتي، ڪو شهر، ڪو سر سنگيت ڪونهي. آئون نٿو ڄاڻان ته ڪوهياريءَ، ڀاڳيري، راڻي ۽ ڪيرولز جي سرن ۾ ڪهڙو سر منو آهي؟ مون کي دنيا جا سڀ سمونڊ، شهر ۽ درياهه هڪجهڙا نظر ايندا آهن. آئون انهن ڳالهين کان صفا ڪورو ۽ اڻڄاڻ آهيان. منهنجو اندر گهپ اونداهو آهي. ان موٽر

سائيڪل واري رانديڪي جيان، جنهن کي ٻارڙا چابي ڀري فرش تي ڇڏي ڏيندا آهن، جو بي مقصد فرش تي ڊوڙندو رهندو آهي. آئون ان رانديڪي جيان زندگيءَ جي حسن، سونهن، رس ۽ سرهاڻ کان محروم آهيان. مون کي ته هر گهڙيءَ ايئن ٿو ڀاسي، ڄڻ ڪنهن منهنجي مرضيءَ جي خلاف، زوري منهنجي سيني ۾ چابي ڀري ڇڏي آهي. ٽڪ ٽڪ ٽڪ. آئون هلان پيو - بي مقصد. الائي ڪڏهن، ڪٿي اها چابي ختم ٿي ويندي ۽ آئون سدا لاءِ بيهي ويندس. پر آئون هي ڪيڏانهن پيو وڃان! ڇو پيو وڃان، ڇا لاءِ؟ مورک من مون کي ڪيڏانهن اڏايو ڪنيو وڃي؟ اها ڌرتيءَ جي ڪهڙي ٽڪري آهي، جتي مون کي سڪون ملندو، آئون هوائن کي رقص ڪندو محسوس ڪندس. آئون ته اهو رام آهيان، جنهن جي بنواس جو ڪو مدو ڪونهي، ڪو ڇيهه، ڪا پڄاڻي ڪانهي ۽ جنهن جي ڪا سيتا ڪونهي. آئون ڪيڏانهن پيو وڃان؟ ڌرتيءَ جو ڪو به ماڻهو مون کي پنهنجي وطن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. منهنجي پنهنجي ماءُ به نه. آئي چوندي آهي: "خبردار جو ڪڏهن منهنجي وطن جي باري ۾ اولو سولو ڳالهايو اٿئي. لپاٽ سان ٻوٿ ڦيرائي ڇڏيندي سانءِ." نانو مرحوم چوندو هو: "ابو، منهنجي وطن جي ڳالهه ئي نه پڇ، جڪ ٽا اڇن، ماٽ پلي آهي." ۽ ويچاري نانيءَ مرحومه جا پاڻ کي وڏي وشنو سڏيندي هئي، ڪيئن نه زبان کي چشڪو ڏئي چوندي هئي: "اڙي هل ڙي پيٽو، منهنجي ملڪ جو رڳو پلو ڪائي ڏسين ها ته هندستان جا ست طعام پلجي وڃين ها. ڏنو ڇا اٿئي." ياد نٿو اچي ته آئيءَ ڪڏهن پلجي پنهنجو وطن ڇيو هجي. سدائين چوندي آهي "منهنجو وطن" ته پوءِ منهنجو وطن ڪٿي آهي؟ ته ڇا، جي آئون انگليند ۾ جنم وٺان ها ته انگريز ٿي پوان ها ڇا؟ جي ايئن آهي ته پوءِ هندو ماءُ جي پيٽان هندستان ۾ جنم وٺڻ کان پوءِ آئون هندستاني ڇو نه بڻجي سگهيو آهيان؟ اڄ ڏينهن تائين آئون ڇو نه مهسوس ڪري سگهيو آهيان ته بمبئيءَ جو سمونڊ دنيا جو سڀ کان نيرو گهرو سمونڊ آهي. مون اڄ ڏينهن تائين هوائن کي رقص ڪندي ڇو نه محسوس ڪيو آهي؟ مون دنيا جي وڏن وڏن شاعرن جو شعر پڙهيو آهي، مون کي ميران ۽ ڪاليداس وڻندا آهن، پر اڄ ڏينهن تائين آئون اها دعويٰ ڇو نه ڪري سگهيو آهيان ته ميران يا ڪاليداس دنيا جا سڀ کان وڏا شاعر آهن؟ گنگا ۽ جمنا هندستان جون سڀ کان پوتر ۽ مقدس نديون آهن، پر آئون انهن جي سونهن ۽ حسن ۾ اها ڳالهه ڇو نه محسوس ڪري سگهيو آهيان، جا ناني مرحوم سنڌوءَ ۾ ڪئي هئي. هندستان ۾ وڏا وڏا خوبصورت رنگا رنگ پهاڙ آهن، تاج محل آهي، جامع مسجد آهي، قطب مينار آهي، ايلوا ۽ اجنتا جا مندر ۽ غارون آهن، سومنات کان به قديم وڏا وڏا مندر آهن، ماڻهو يادگيريءَ لاءِ انهن تي پنهنجا نالا لکندا آهن. منهنجي نانيءَ مرڻ ويل به نند ۾ ڪيئن مرڪي

رھي ھئي. جڻ مرڻ کان پوءِ به سندس وات ۾ پلي جو سواد اڃا باقي ھو، پر آئون اڄ تائين ڪنھن به ڪاڌي جي شيءِ مان اھڙو سواد چو نه ماڻي سگھيو آھيان؟ آخر اھي سڀ ڳالھيون جو ھڪ عام ماڻھو پنھنجي زندگيءَ ۾ محسوس ڪندو آھي، آئون ڇو نٿو محسوس ڪريان؟ ڇو آھيان زندگيءَ جي انھيءَ سونھن، سرھاڻ، رس رنگ ۽ سواد کان ايڏو محروم ۽ اڻڄاڻ! پر اڄ منھنجي اندر ۾ ايڏي ڇونرا ڪونرا ڇو آھي؟ آئون ڪيڏو نه عذاب پيو محسوس ڪريان. ڇا اھو سچ نه آھي ته مون ڄاڻي ٻجھي اھڙي جھاز سان سفر ڪيو آھي، جو ڪراچيءَ مان ٿيندو ھندستان وڃي. ان لاءِ مون ڪي ٽي ڏينھن انتظار ڪرڻو پيو ھو. ٻيٽا پئسا پرڻا پيا ھئا. اھو سڀ ڪجھه ڄاڻندي به ته ڪراچي ايئرپورٽ تي اسان جو جھاز فقط چاليھه يا پنجيتاليھه منٽ ترسندو. آئون اتي ايئرپورٽ ٽرانزٽ لائونج کان ٻاھر ڪيڏانھن به نه وڃي سگھندس. آئون ڪلفٽن، مورڙي مير بحر جو مقبرو، منگھوپير ميوزيم گھمي نه سگھندس. آئون اھو به ڄاڻان ٿو ته ٽرانزٽ ۾ پلي ملڻ جو سوال ئي ڪونه ٿو پيدا ٿئي. پلو ته موسمي ميوو آھي. وري اھو به ته ٻڌو اٿم ته سنڌو سڪل آھي. پر ٿي سگھي ٿو ته ڪراچي ايئرپورٽ تي لھندي اسان جي جھاز کي حادثو پيش اچي وڃي، آئون سخت زخمي ٿي پوان، مون کي علاج لاءِ ڪجھه ڏينھن ڪراچيءَ ۾ ترسايو وڃي. پر اھي سڀ ڳالھيون اھڙيءَ طرح محسوس ڪري سگھندس، جيئن منھنجي ماءُ ڪيو ھو؟ ٿي سگھي ٿو ته آئون اھو ساءُ، سونھن، رس ۽ رنگ محسوس نه ڪري سگھان. ھانگ ڪانگ ۾ ھڪ پيري چيني ڇوڪريءَ سان ڪيڪڙن جو سوپ پيئندي منھنجو ھانءُ ڪيڏو نه ڪچو ٿيو ھو. مون پلو ڪڏھن به نه کاڌو آھي. ٿي سگھي ٿو پلو کائيندي مون کي ڪکي اچي وڃي. جي ايئن ٿيو ته پوءِ ڪيڏي نه مايوسي ٿيندي. پر آئون اھو سڀ ڪجھه ڇو پيو سوچيان؟ منھنجو ذھن لاٽونءَ جيان ھڪ ئي محور تي ڇو ٻيھي رھيو آھي؟ رڪي رڪي منھنجي دل ۾ خواھش ڇو ٿي ايري ته جھاز کي حادثو پيش اچي؟ ھن وري پنھنجي اندر ۾ عجيب مونجھه محسوس ڪئي. پوءِ جڏھن مائڪروفون تان جھاز جي ڪراچي ايئرپورٽ تي لھڻ جو اطلاع مليو ته ھن محسوس ڪيو ته سندس ھٿ پير ڪنبي رھيا ھئا. ھو ڪنھن ابھري خوف کان گھبرائجي ويو آھي. ھن محسوس ڪيو، جڻ سندس ھانءُ ڪنھن پاتال ۾ لھندو وڃي. اونھي اننت پاتال ۾. جھاز سلامتيءَ سان ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ تي لھي چڪو ھو. سڀ مسافر ھڪ ھڪ ٿي جھاز مان ھيٺ لھڻ لڳا ھئا. ھو ڪن لاءِ ٻٽيو منجھاڻو وينو ھو. "لھان نه لھان – ڇا آئون اھو عذاب برداشت ڪري سگھندس؟ ٿي سگھي ٿو ٻاھر ھوا بند ھجي. يلا چاليھه يا پنجيتاليھه منٽ ٽرانزٽ لائونج ۾ ويھڻ سان مون کي ڇا ملندو؟ اف ڪيڏو نه عذاب پيو محسوس ڪريان. شايد مون کي ھتي

نه اچڻ ڪپندو هو. مون ڄاڻي ٻجهي پاڻ کي سزا ڏني آهي. آخر هن ڊرتيءَ سان منهنجو ڪهڙو تعلق آهي؟ پر آئون ايئن ڇو منجهاڻو وينو آهيان؟ ڇا منهنجي لاءِ اهو سنو نه ٿيندو ته سنڌو نديءَ جو هڪ اڌ گلاس پاڻي پي پنهنجي اندر کي ٺاريان. آئون پنهنجي اندر ۾ ڪيڏي نه تئونس پيو محسوس ڪريان. ڇڻ مون جڳن کان پاڻي نه پيتو آهي. منهنجي خيال ۾ منهنجي لاءِ سنو ٿيندو ته وقت گذارڻ لاءِ آئون بڪ اسٽال تان ڪو ڪتاب خريد ڪري ٽرانزٽ لائونج جي ڪنهن هيڪلي ڪنڊ ۾ ويهي پڙهان." هو منجهاڻو مسافرن جي پنيان جهاز جي در ڏانهن وڌڻ لڳو. در تي ايندي اوچتو هوا جو هڪ تيز جهوٽو سندس وارن کي ڦلهوريندو مٽانس لنگهي ويو. هن چرڪ ڀري پوئتي مڙي نهاريو. هن جي ڌڙ کي ڪنبٽي وني وئي هئي. هن کي ائين ڀاسيو ڄڻ هن جي اکين آڏو ڳاڙها ساوا ترورا ڊوڙي رهيا هجن. هن محسوس ڪيو ڄڻ هن جي ڦقڙن رڪجي اوچتو تيزيءَ سان هلڻ شروع ڪيو هجي. هن جي دل چاهيو نئين ٻار جيان رانيات ڪري روئي. هن پاڻ سنياليندي پنهنجي پيشانيءَ ۾ ڪارائيءَ کي ڇهي ڏٺو. "اوهه، مون کي ته بخار آهي، آئون ٻري رهيو آهيان. منهنجا پير ڪيڏا نه ڳورا ٿيندا ٿا وڃن، ڄڻ منهنجا پير ڌرتيءَ ۾ کپي وڃڻ ٿا چاهين، ڌٻي وڃڻ ٿا چاهين."

هو ڪن لاءِ سنسان نيٽن سان ايئرپورٽ جي بلڊنگ جي گيلريءَ ۾ نيري نڀ هيٺان ڦهليل وسيع ڪشادي شهر جي بلڊنگ ڏانهن نهاريندو رهيو. ڪيس ايئن محسوس ٿيو ڄڻ هو جڳن کان ڪنهن بنواسيءَ جيان ڀٽڪي رهيو آهي. وڏي مشڪل سان هو ڳورا قدم کڻندو ٽرانزٽ لائونج ۾ آيو هو. ديوان تي موهن جي دڙي تي چوڙيلڻ، پروهت، سرندو وڄائيندڙ هڪ سنڌي پينار ۽ اوٺين جون وڏيون تصويرون ڏسي هو ڪجهه دير بينو رهيو ۽ پوءِ هو هڪ خالي ڪنڊ ۾ هڪ ڪوچ تي ويهي بنا سوچڻ سمجهڻ جي مينو پڙهڻ لڳو هو.

“Yes Sir”

" آئون ڪجهه به نه کائيندس. مون کي رڳو پاڻي گهرجي."

بيرو پاڻيءَ جو جڳ سندس آڏو رکي ادب سان ڪنڌ جهڪائي ٻي ٽيبل ڏانهن هليو ويو. هو ڪن لاءِ پاڻيءَ جي گلاس ڏانهن وائڙن جيان نهاريندو رهيو. پوءِ هو هڪ ئي ساهيءَ ۾ سڄو گلاس پي ويو. هن کي ايئن محسوس ٿيو، ڄڻ هن جي اندر جي تئونس هيڪاري وڌي وئي هجي. ايتري، ايتري جو جيڪر هو سڄو درياهه به پي وڃي ته سندس اندر جي تئونس نه مٽجي. هو گهٻرائجي ڪوچ تان اٿي کڙو ٿيو ۽ ڳورا ڳورا قدم کڻندو بڪ اسٽال ڏانهن وڌي ويو.

"شاهه جو رسالو آهي؟"

"شاھ ڪيا؟"

"شاھ عبداللطيف ڀٽائي ڪا رساله؟"

"جي نھيں."

"پؤنر پري آڪاس!"

"جي نھيں."

"روح رھاڻ!"

"جي نھيں."

"اور ڪوئي سندھي رساله يا اخبار؟"

"جي نھيں، ھمارے پاس سندھي کي ڪوئي ڪتاب نھيں ملتي."

"مگر ھندستان ميں تو يه ڪتابيں مل جاتي ھيں."

"ھندستان ميں ملتي ھوں گي، يه پاڪستان ھے، يھاں کي قومي زبان اردو ھے."

هو مايوس ٿي ان بڪ اسٽال تان نهار ڦيرائيندو موٽي وري ساڳئي ڪوچ تي اچي ويهي ٿو. هن سوچيو: "اف، آئون ڪيڏي نه تنهائي پيو محسوس ڪريان. ڪير چوندو ته هي سنڌ جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي جو ايئرپورٽ آهي. هنن چئن پنجن تصويرن کان سواءِ پلا هتي جي ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن کي ڪٿي سنڌ جو سمجهجي. منهنجيون اکيون ڏوڪو ڪائي نٿيون سگهن. مان ته مهرواڻ ممتاڻي ۽ ڀڳوان ڪپور جي ايبسٽريڪٽ خاڪن ۾ به سنڌي رنگن ۽ مهاندن کي سڃاڻي ويندو آهيان، پوءِ هن جيئري جاڳندي زندگيءَ ۾ منهنجيون اکيون ڪيئن ٿيون ڏوکو ڪائي سگهن؟ توبهن...... هي چاليهه يا پنجيتاليهه منٽ گذارڻ مون لاءِ ڪيڏا نه ڏکيا ٿي ويا آهن. مون سان ڪيڏي نه وڏي ٽريجڊي آهي. منهنجي عمر هينئر پورا ٽيويهه سال آهي، پر هيءَ ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته ساڍا ٽيويهه سال اڳي به مان هتي موجود هئس، ماءُ جي پيٽ ۾. ان ويل مون ڌرتيءَ تي پنهنجا پير نه کوڙيا هئا، چا ٿيو. منهنجي ماءُ جا پير ته ڌرتيءَ تي مضبوط هئا. منهنجا ڦڦڙ بند هئا ته ڇا ٿيو، منهنجي ماءُ جي ساهن جي ڌمڻ ته چالو هئي. پوءِ ڇو منهنجي ماءُ کي جلاوطن ڪيو ويو؟ ان ويل هن ڪيڏو نه عذاب محسوس ڪيو هوندو. اڄ آئون ڪيڏو نه عذاب پيو محسوس ڪريان. ڪير چوندو ته آئون اهو ساڳيو ماڻهو ساڍن ٽيويهن سالن کان پوءِ موٽي آيو آهيان. پر هيڏو عذاب ته مون اڳي ڪڏهن به محسوس نه ڪيو آهي. ڇا آئون پاڻ کي قيد نه پيو محسوس ڪريان؟ آئون ڪٿي ڦاسجي ويو آهيان. منهنجي اندر ۾ ڪيڏي نه مونجهه آهي. ڪٿي ايئن ته نه آهي ته آئون پنهنجو پاڻ کي سمجهي نه سگهيو آهيان، يا آئون ذهني توازن وڃائي چڪو

آهيان. منهنجو ذهن للهآتون جيان هڪ ئي محور تي چو بيهي ويو آهي؟ ماڻهوءَ کي ٿورو ئي خبر پوندي آهي ته هو ڪو ذهني توازن وڃائي چڪو آهي. جي ايئن هجي ها ته پوءِ ماڻهو چريا ڇو ٿين ها. هي سڀ ڳالهيون منهنجي ذهن ۾ گردش ڪري رهيون آهن. مون کي پاڳل بنائڻ لاءِ ڪافي ناهن ڇا! ڇا هيءَ حيرت جهڙي ڳالهه نه آهي ته جا هوا مون کي ٽيويهه سال اڳي جهنڻ گهرجي ها، سا اڄ پيو جهٽيان ۽ جو پاڻي مون کي ٽيويهه سال اڳ پيئڻ گهرجي ها، سو اڄ پيو پيان. سو به جپان ايئر لائنز جي مهربانيءَ سان فقط چاليهن يا پنجيتاليهن منٽن لاءِ مون کي هتي ساهه کڻڻ ۽ پاڻي پيئڻ جي اجازت ملي آهي. آئون پنهنجي مرضيءَ سان هتي هڪ منٽ به نٿو رهي سگهان.

هن وري پنهنجي اندر ۾ ٻٽ ڪاري مونجهه محسوس ڪئي. هن محسوس ڪيو ته سندس ڇاتي سڙي رهي آهي. هو هڪ ٻيو پاڻيءَ جو گلاس هڪ ئي ساهيءَ ۾ پي ويو ۽ خالي خالي نظرن سان ديوارن تي ٽنگيل تصويرن ڏانهن نهاريندو رهيو. پورن مٺان پور، هو منجهاٺو وينو رهيو ۽ پوءِ اوچتو مائڪروفون جو آواز گونجيو:

Your Attention Please – Attention Please Japan airlines Flight 017 is ready to Fly. Attention Please, Attention Please.

جپان ايئر لائنز جا سڀ مسافر هڪ هڪ تي Tranzit Lounge کان ٻاهر جهاز ڏانهن وڃڻ لڳا هئا. هن کي محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن سندس مرضيءَ جي خلاف زور زور سان سندس سيني ۾ چاٻي ڀري ڇڏي هئي. هو مسافرن پٺيان اٿي ڳورا ڳورا قدم کڻي هلڻ لڳو.

آهه...... هي ڪهڙو بنواس آهي، آئون ڪيڏانهن پيو وڃان، مون کي سڪون ڪٿي ملندو؟ اها چاٻي ختم ڇو نٿي ٿي وڃي! آئون سدا لاءِ بيهجي ڇو نٿو وڃان؟ منهنجا پير ڪيڏا نه وزني آهن، آئون ڌرتيءَ ۾ ڌبي ڇو نٿو وڃان؟ دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جو ڪو نه ڪو وطن هوندو آهي، آئون پنهنجي وطن کي ڪٿي ڳوليان، ڪهڙي ڌرتيءَ سان پيار ڪريان، ڪنهن سمونڊ کي پوڄيان؟ آئون ڪنهن کي ڏوهه ڏيان؟ مون سان دوهه ٿيو آهي، ويساهه گهاتي ڪئي وئي آهي، ڪپت ڪئي وئي آهي، آئون ڪنهن کي به معاف نه ڪندس، پنهنجي ماءُ کي به نه. ڪاش ڪا وڻ جي لام هجي ها، جنهن کي مان پنهنجو سمجهان ها، ڪا ڌرتيءَ جي ايتري ٽڪري جنهن تي آئون پنهنجو نالو لکي سگهان ها: رام پٽ ساوتري هنگوراڻي – پڙهندڙ درجو ٽيون.

ٺيڪ ان ويل جڏهن جهاز هڪ وڏي ڊوڙ ۽ زوزٽ سان ڪراچيءَ جي ڌرتي ڇڏي ته هن جي اک جي اندرئين پولارن مان هڪ لڙڪ واچوڙا مچائيندو، هن جي ڳٽي تان ڳڙي، ڪاري

ڪوٽ جي ڪالر جي اونداهه ۾ گم ٿي ويو هو ۽ هو ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ننڍڙن ٻارڙن جيان ڏڪون ڀري روئڻ لڳو هو.

آيل ڙي اولاڻا

وماس جي ڪاريهر جيهي رات آهي ۽ هوائن ۾ هنياءُ ڦاڙ ڦوڪارا. اسرت ۽ اسڌ عورت جو هينيون ڌڙ ۽ ڪپڙا رت پت سان ٻڏاٽا ۽ بوءِ هاٽا آهن. هو عورت ڪي بچائڻ لاءِ سندس ڳاٽ ۽ پولهه هينان پوري طاقت سان هٿ ڏيو، پنهنجي سيني سان ڦٻايو، جهر جهنگ، ٻنين ۽ واهڻن مان رات جي انڌوڪار ۾ وڏي سهڪي سان وڪاريندو ٿو وڃي. پر ڳچ پنڌ پٽڻ ڪان پوءِ، هر واري نست ٿيو، گهاٽن وٽن ۽ ڄارين جي جهنڊ ۾ ڪيس لڪايو، واري واري سان ڪيس سرت ۽ هونش ۾ آڻڻ لاءِ حيلا ٿو ڪري. هن جا پنهنجا هٿ به رت ٻڏاٽل آهن. رت، جنهن ۾ اهي پت جو سٽيپ. هو هر واري عورت جي دل ڪي پمپ ڪري ٿو، سندس ناڙي اندران هٿ وجهي، تازي رت پت جون لپون پيري، عورت جي تارونءَ تي زور سان مالش ڪري ٿو. ڪيس سرت ۾ آڻڻ لاءِ مٿي ۾ ترِي ٿو هٽي ته من ڪو ايترو سامت ۾ اچي جو ڪيس ڪلهي تي هٿ رکي، سندس سهاري سان گهرجندي هلي، پر هر واري هو ناڪام ٿي وري عورت ڪي ڳاٽ ۽ پولهه هينان هٿ ڏئي، وري ڪيس ڪنيي ٿو ڪٽي ۽ وري ساڳيءَ طرح وڏا وڏا گام پريندو، ڪاٽن، ڪيڙين، ٻنين ۽ جهرن جهنگن مان وڪاريندو هلندو ٿو وڃي. هو جلدي ڪان جلدي ڪاري ڪاري رات جي ڪک مان، تمام پري نڪري، ڪنهن انساني وسنديءَ ۾ پهچڻ لاءِ واجهائيندو ٿو وڃي. رات جي انڌوڪار ڇجڻ ڪان اڳ، هن ڪي ايتري به ڪل آهي ته ٻروچ وڏي نگري ذات آهي. پيرا ڪٽي به سؤ ڪوهن تي پهچي ويندس. ٿي سگهي ٿو آڏوهيو، هو پاڻ به ڪهاڙين جي وچ وراڪا ڌڪن سان خونا خون ٿي ڪري پوي ۽ جيستائين پوليس پنهنجي شان سان، رشوتن سان جاءِ واردات تي پهچي، تيستائين سندس پنهنجو لاش به ٿوٽرجي ڦاٽي پوي ۽ ڪيس ڏيوالتيءَ ۾ لاهڻ لاءِ پنگي به نڪن تي ڪپڙا ٻڌا پورڻ ڪان پڙ ڪڍي ٻيهن. ڪن لاءِ ڪيس واساما اچن ٿا:

"الائي هيءَ اڄاتل خونا خون عورت مري ڪين بچي، آئون ڇو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهان؟" ڪئين پيرا عورت ڪي ڇڏي ڀاڄ لاءِ سندس من ۾ واساما اچن ٿا، پر وري عورت جا اٽلڪا ساٽا ڪاٽا، ليڙاٽيل، اوراٽيل، ڇنگهه جا آواز ٻڌي هو ڏانوٽجيو وڃي. هو عورت جي دل ڪي پمپ ڪري، وري سندس دل جي حرڪت جا آواز ڪنائي ٿو. ڪيس عورت جي دل جي ڌڪ ڌڪ جا اٽلڪا، ٻڏاٽا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. هو عورت ڪي سڌير ڪرڻ لاءِ وري هٿ پير هٽي ٿو، پر عورت جيئن پوءِ تيئن نست ۽ هيٽي، اساهه ٿيندي ٿي وڃي. رکي رکي هلڪي ٻڙ ٻڙ

سان، جيئن پريل گهاگهر اونڌي ڪجي، ڏنان هيٺان رت پٽ جا ڏارا ٿي ڇڏي. هو ڪن لاءِ سن ۾ اچيو، وات ۾ هٿ وجهيو، روئڻ جهڙو ٿيو وجي:
"توبهن، آخر هنن بي غيرتن هن عورت جي ڏڙ ڪي ڪيو ڇا آهي؟ شايد ڪاري ٿيڻ ڪري مڙس غيرت ۾ اچي ڪهاڙيءَ جو ڳن يا ڪو ٿلهو ڏنڊو عورت جي وجود ۾ پيهي ڇڏيو هجي!..... اٿاھ غيرتن ۾ باهين مان يا ڪي ڪنواري آهي، ڪيس ڪاري ڪري مارڻ ڪان اڳ ڪکين ۾ لتون هڻي سندس ڪچو ٻار ڪيرايو هجين. پيٽ جي نرماڻ مان ته ڪجهه ائين ٿو ڀاسي. آخر ايڏو رت پٽ ۾ مرا ڇو؟....."
اچانڪ ڪيس ڀاسي ٿو ته سندس وات زهر جهڙو ڪسارو ٿي ويو آهي. اچانڪ ڪيس ياد اچي وو ته اچرج ڪان وات ۾ وڌل هٿ عورت جي رت پٽ ۾ مرن سان پريل آهي. اوچتو ڪيس ابڪايون اچن ٿيون. الٽيءَ جيها اوراٽا اچن ٿا. ساهي پٽيندي هو ڏاڍيءَ پيڙا مان عورت ۾ نهاري ٿو. ڪيس محسوس ٿئي ٿو ته هاڻي هو ان عورت جو بوجهه کڻڻ ڪان لاچار آهي. هو وري عورت ڪي هونش ۾ آڻڻ لاءِ ڪيس ڏونڌاڙون ٿو ڏئي، ڪيس منهن ۾ لپاٽون ٿو هڻي، گهٽيل سهڪي سان، عورت جون اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪري، سندس دل ڪي پمپ ڪندي، بانهن ۾ ڇاتين ڪي زور زور سان مهٽي ليلائي ٿو:
"ڏچ نه هونش ڪر، مڙس ماٺهو ٿي. رڳو پير جهل، نه ته سر ويندءِ. آئون انهن قاتلن ڪان توکي تمام پري کڻي ويندس."
عورت وراڻيءَ ۾ چنگهي ٿي ۽ سندس اکيون وري ٻوٽجيو ٿيون وجن، جهڙو لاش، سندس هينئين ڏڙ مان رڳو ٻڙ ٻڙ جا آواز اچن ٿا. جڻ ڪنهن گهيڙي جي نڙگهٽ ڪي سير ڏئي ڇڏي هجي.
ڪن لاءِ سندس من ۾ اچي ٿو ته ان عورت ڪي ڇڏي هليو وجي. هن جي پنهنجي پنيان پوليس آهي.
ڪاري ڪاري رات، پونءِ مٿان لاش جيان پيل خونا خون عورت جي پرپور ديهه، جهڙ تازي ويم ڪيل چنگهندڙ وقلندڙ ڪاري ڪاري اپچرا. اچانڪ سندس اندر مان ڪهڪاءُ پريل آواز اچن ٿا:
"نه نه.... عورت جي هي ڦوھ ڪامڻ ڪايا، هي ديهه مايا، اپين ڪهاڙين سان ڳيا ڳيا ڪرڻ لاءِ ناهي. نه ئي سندس ماس ڳجهن ۽ جهنگلي جانورن ۾ مڇين جي ڇن پٽ لاءِ آهي. هيءُ ته جيئري جاڳندي آهي! آئون ڪيئن ايئن ڪيس روھ ۾ رلائي هليو ويندس؟"

هن ڪي خبر آهي ته سنڌ جا ماڻهو، پوءِ ڀل ٻروچ هجن ڪين سمات، پنهنجي عورتن کي ڪاري ڪري ماري، گهاٽن وٽن جي جهنڊن ۾ چڙي ويندا آهن يا درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهن! هو خوف ۽ ڏهڪاءُ ڪان عورت کي وري ڳٽ ۽ پولهه هيٺان هٿ ڦبائي، پوري طاقت سان ڪنيي ٿو ڪٽي ۽ اونداهين مان واڪاريندو هلڻ جي ٿو ڪري.

۽ عورت – بور ۽ پرپور آهي. سندس ڏکها ڏکها وار پٺ سان لرڪندا ٿا هلن. جيئن جيئن هو وڪاريندو ٿو وڃي، تيئن تيئن سندس ساهه اپامندا ٿا وڃن. هونئن به لاش جيان لڙڪيل جسم کي کڻڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. تڏهن، جڏهن ساهه ۾ ڪهڪاءُ سان گڏ ڏهڪاءُ به هجن ۽ ماڻهو اهو به محسوس ڪندو هجي ته پنيان ڪهاڙين سان ماڻهو پيڇو ڪندا هوندا. تڏهن ته ماڻهو متيون وڃائي ويهندو آهي جو ويلا ۽ پهر اتر اولهه جي ڪابه ڪل ڪانه پوندي آهي.

هو ڪانٽن مان، ڪيڙين مان، ٻنين ۽ جهرن جهنگلن مان مڙهه سان عورت کي ٻانهن ۾ کنيو وڪاريندو ٿو وڃي. هن کي اها به ڪل ڪانه ٿي پوي ته اڳيان مانجهند آهي، سن آهي، ڪماڻ آهي ڪين ٻڍاپور؟ هن کي رڳو ايتري سڌ آهي ته جي وهائو تارو نڪتو ته پوءِ سندس به خير ڪينهي. هن کي ايتري به پڪ آهي ته هو عورت جي پيرين، ويرين يا واهرن ڪان گهڻو پنڌ ڪونه نڪري آيو آهي. ٻروچ ته ڪاري عورت کي سؤ ڪوهن تي ڳولي ماريندا آهن ۽ هو پاڻ ايڏو ٿڪائو ۽ هيٺو ٿي ويو آهي جو هاڻ هو ان عورت جو ٻوجهه کڻڻ ڪان لاچار ٿيندو ٿو وڃي، ٻنهه لاچار. ڪيس ساهه پٽڻ لاءِ ساهيون ٿيون ڪرٽيون پون، جنگهن ۾ ساهه نه ساري لاچار هو عورت کي وٽن جي جهنڊ تائين لڙڪائيندو پهچائي ٿو.

اچانڪ وري ڪيس واساما اچن ٿا:

"توبهن، اڄ جي وارتا ڪيس پيش نه اچي ها ته ڪهڙو آسمان ڏري پوي ها يا سنڌ سڳوريءَ کي لوڏو اچي وڃي ها. اهڙا خون ته سنڌ ۾ روز پيا ٿين. سيڪس کي هنن ماڻهن سمجهيو ڇا آهي؟ جنهن مهل پاڻ سيڪس انجواءِ ڪرڻ لاءِ چڪلي ۾ پوليس وارن ۽ پڙون جا جوتا ٿا جهلين، ان مهل سندس غيرت ڪٿي هوندي آهي؟ جنهن مهل پنهنجو ٻچ چڪلي ۾ ٿا ڇڏي اچن، ان مهل ڪين غيرت ڪانه ٿي اچي ته پنجن ڏهن روپين تي شهواني بک لاهڻ ڪان پوءِ ان رنديءَ جو ڇا ٿيندو؟ پٽ ڄڻيندي يا ڌيءَ؟ باقي عورت ويچاري جي انتهائي سيڪس ڪان ڇتي ڪٿي ٿي ڪنهن سان ٻڪئين پئي ته ڪهاڙيون هلي وينديون!......"

ڪن لاءِ اهو انتوڪار وارو ڏهڪائيندڙ ڇهڇٽو سندس اکين آڏو اچيو وڃي. اونداهيون، ڪيڪراٽون ۽ ٽارچ جي روشنيءَ ۾ ڪهاڙين جا زپازپ وراڪا. بهادر به ايترا جو پستول جا ٻه ٽي فائر ٻڌي اهڙي ڀاڄ ڪاڏائون جو اهو به وسري وين ته باقي هڪ کي جيئرو جاڳندو ڇڏيو

پيا وجن. جڻ پوليس وري وئي ھجين. يا عيسيٰ خان ترخان جو لشڪر اچي ڪڙڪيو ھجي. خون ڪري، ٻڌائڻ لاءِ ڪوبه تيار ڪينھي ته اھو خون مون ڪيو آھي. ڪن لاءِ سندس آڏو ٻيءَ عورت جا ڳيا ڳيا، سريءَ لٽل لاش اچيو وجي ۽ ھن جي سموري ديھه ۾ دڏڙيون اچيو وجن ۽ مٿي ۾ پنواٽيون.

اچانڪ پري کان ھيناھين ڏي سندس اکين آڏو چانديءَ جيھي اڇان نظر اچي ٿي. ھو محسوس ڪري ٿو ته ھو درياھ ڪناري آھي. ھو ڊوڙي درياھ ڪناري اچي ٿو. پري درياھ ڪناري ڪيس انڌوڪار ۾ مھاڻن جي وسنديءَ جا اھجاڻ نظر اچن ٿا. پونگن مان اڻ لکي روشنيءَ جا ترورا. اچانڪ سندس ذھن ۾ ڪئين خيال، ڪئين سوال اڀريو ٿا اچن:

"ڇا مھاڻن کان مدد وٺان؟ يا چپ چپات سان مھاڻن جي ٻيڙي ھاڪاري، عورت کي ٻيڙيءَ ۾ وجھي نڪري وڃان؟ ڇا مھاڻن کان مدد وٺڻ ۽ عورت کي موت جي منھن ۾ ڏيڻ ساڳي ڳالھه ناھي؟ اسان جي ملڪ ۾ اھڙي ٻانھن لاءِ ته وڏيون وڙولون ھلنديون آھن. مجال آ جو ڪاريءَ عورت کي ڪو سڄيءَ سنڌ ۾ پناھ ڏئي. سنھن ساک ڏئي وني ويندا، باقي سنڌ ۾ قران آھي ڇا لاءِ. بس جي ٿوري مڙسي ڪريان ته پتڻ تاڻ ٻيڙي ڪيري مان ڪڍي، عورت کي ٻيڙي ۾ وجھي، درياھ جي پور تي پاڻ کي ڇڏي ڏيان."

وھائو چڙھيو آھي، ھو ٻيڙي ھٿ ڪرڻ لاءِ لڪندو پوري طاقت سان مھاڻن جي وسنديءَ ڏانھن ڊوڙي ٿو ۽ وڻن ٻوٽن جون اوڍرون وٺندو، ٻيڙيءَ تائين رسي ٿو وڃي ۽ ٻيڙيءَ جو ڪلو ڪڍي، ٻيڙيءَ کي درياھ ۾ ھوريان ھوريان وڏي ٻانس جي زور سان ڪپر ڇڏائي ھلندو ٿو وڃي.

جيئن ئي ھو ان پڙ جي ويجھو اچي ٿو، اچانڪ ڪھاڙين جي ڙپڪاٽن سان ڪيس عورت جون گھٽيل دانھون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ۽ پوءِ درياھ ۾ ڦتڪندڙ لاش جي ڪرڻ جو شپڪو.

ٽي چار ماڻھو، ڪھاڙين جي تجلن سان، ڪاري جھنگ مان ڊوڙندا گم ٿي وڃن ٿا.

درياھ جي وھڪ، ٻيڙيءَ کي لاش جي ويجھو آڻي ٿي.

ٽارچ جي روشنيءَ ۾ رت ٻڌاٽا ڏگھا ڏگھا وار، پاڻيءَ ۾ ٻُڙڪاٽن سان لڙھندا، ٽوٻار ۾ گم ٿيندا ٿا وڃن.

۽ ھو اونڌھ ۾ اچي، ڏگھي ڏگھي ٻانس کي اپ ڪپري جي ڪاپ ۾ ڏئي، پوري طاقت سان ٻيڙيءَ کي لھرن جي ٽيڪ ۾ آڻي، ساڻو ٿي، پنواٽيون ڪائيندڙ مٿي سان ٻيڙيءَ ۾ ڍھي پوي ٿو.

۽ ٻيڙي سنڌوءَ جي وھڪ ۾ اچي، لھرن مٿان ٽلڪندي ڪک پن جيان وھندي ٿي وڃي.

هڪ ڪن ۾ هيءَ صدي

رات آهي ۾ سنگم، هڪ ڇوري ۽ ڇوريءَ جو.
جيئن هر پرهه کي پنهنجو ڪامڻ آهي، تيئن هر رات کي به پنهنجو ڪامڻ، پنهنجا ترو ڪڙيون هونديون آهن ۽ هو ٻئي پاڳين مڙيا آهن. ٽن چئن مهينن کان پوءِ ٻنهي وٽ پنهنجا رساما ۽ واساما آهن:
"ٻڌاءِ نه، ڏنو ڇا اتئي مون ۾؟..... ڇا....... پلا ائين دڳ جهلڻ مان ڇا ملندءِ؟...... هان!....... ٻڌاءِ نه، ملندءِ ڇا؟....."
"دڳ؟ مان ته پنهنجو دڳ وٺيو پئي ويس! پلا مون کي ڪهڙي خبر ته تون ڪا ان پار کان ٽيلار ڪندي ايندينءَ!..... ائين اوچتو مڙي ويندا سين!........ سچ جي مون کي خبر هجي ها، تون آهين ته آئون واٽ مٽائي هليو وڃان ها."
"ڇو؟..... ان جو مطلب ته تون ڪانشيئس آهين، تو ۾ گلٽ آهي، ائين آهي نه؟"
"نه، ڪڏهن مون ۾ سون پريل هو ۽ هاڻي!........ هاڻي ته شيهو به ڪينهي. مون تو ڏانهن نهاريو به ڪين."
"نه، منهنجي پر مان گذرندي تون منجهي بيهي ويو هئين."
"آئون ڇوان ٿو نه ڇا؟ ائين ٿيو هوندو. پلا تو جيهي ناريءَ کي ڏسندي ڪن لاءِ جي ماٺهو سونهن ۾ جڪڙجي ٿٽان وٿان ٿي وڃي ته ڏوهه ٿيو لين ڊوهه؟!...... مان...... مان ته ڪڏهن ڪڏهن گهوڙيل ڦلڙي ڏسي به ان جي هيڊاڻ ۾ پيهي ويندو آهيان."
"ڏس، ٻڌي ڇڏ، مان نه اڪ ڦلڙي آهيان نه گهوڙيل ڦلڙي."
"ها، تون تون آهي." هو اونهون ساهه پري هن جي وارن ۾ نهاري ٿو. ڇڙواڳ جتائون، ڇڻ ڪڪر ڪارونيار اڏندا تا وجن ۽ رات، رات شام جي سرهيل وڻ جي ڇايا جيان وڏندي، ٽڏيري ٿيندي ٿي وڃي.
"ٻڌ، ڏينهن ڏني سپنا ڏسڻ ڇڏي ڏي، ڪجهه نه ملندءِ."
ڇوري ڪروڌ مان هن ڏانهن نهاري ٿي ۽ هو، هو ڇوٽ ڪائي مرڪي ٿو پوي. ٻئي وچڙي وڃڻ تا ڇاهين پر وڇڙن ڪين تا. واٽ ساڳي آهي ۽ ٻنهي جي ٽيلار ڪرڻ جي رفتار به ساڳي آهي ۽ تهڻ ٻئي ڪين ڇاڻن. نه ڊپ نه داءُ، نه ڳالهه نه ٻولهه. ڪن لاءِ ويجها پئي، وري ٻئي هڪ

ٻئي ڪان جدا ٿي، ڏامر جي سڙڪ جون ڪناريون وٺي ٿا هلن. هو سڙڪ جي هن پار ۾، هوءَ هن پار، وچ ۾ ڪاري ڪاري ڏامر جا پٽا ڏڱ ڏڱ سڙڪ ۽ چانڊوڻيءَ رات ۾ سڙڪ جي ٻنهي پاسي لڳل سرهيل وڻن ۾ هلورا ڪائيندڙ سرهاڻين ڀريل هوائن جا جهوٽا، هندورا هندورا جهوٽا. هو ڇوڪريءَ ۾ نهارڻ ڪان سواءِ ڀري پهاڙيءَ مٿان وڏي انگاس بلڊنگ جي روشنين ۾ نهاري ٿو. بلڊنگ ڪيس ڏاڍي وڻندي آهي، الائي ڇو، شايد ان ڪري ته ان سڄي بلڊنگ ڇا، سڄي ايريا جو انچارج سندس يار آهي، پراڻو ساٿاري. هو وري ڇوڪريءَ ۾ نهاري ٿو. سادن ڪپڙن ۾ به هوءَ ڪيس مونا ليزا، وينس، ڪلوپيٽرا، ڪرائيسيا، مومل جيان ٿي لڳي، پر نه انهن ڪان به سهڻي. هلندي ڪوئجي، هو پاڻمرادي پڇڪي ٿو:

"توبهن، سمون آهي ڪين ويد ڪال ڪان به ڪنهن پراڻي ڪال جي چوڏهين چٽاڻي رات!" ميل ڪن ڀري، بلڊنگ جي روشنين ۾ الائي ڪهڙو وندر ووڙيندي هو ڇرڪي ڇوڪريءَ ۾ نهاري ٿو، ڏاڍي پيڙا مان آواز. ڪوئل جيهو، پر ڏنپ ڏيندڙ، تڙپائيندڙ.

"ڪٿي تون ڄاڻين ٻجهي پنهنجي وٽ اِنگهائين ته نه پيو؟ تون ته سدائين هن موڙ تان واڪ ڪندو، مڙي ويندو آهين. جي ائين آهي ته مون کي خبر آهي ته ڇو آهي؟"

"تون جيئن سمجهه. منهنجي واتن جي ته مون کي به خبر نه هوندي آهي. مون انساني سوسائٽيءَ ڪان پاڻ کي الاهي ڪٽيو آهي. منهنجي وات بنهه جدا آهي. منهنجي وات منهنجي پنهنجي وات آهي، ڪٿي نه ختم ٿيندڙ وات."

هو جهڪيل ڳات ۽ ڦات ڪاڏل آواز سان وراڻي ٿو ۽ اوچتو وري ڦات ٿو ڪائي، ڪجهه تڪاڻ، ڪجهه نرماڻ مان:

"پلا جيئن تو سمجهيو به آهي، جي ائين آهي به ته توکي گهاتو ڪهڙو آهي؟ ائين ئي سمجهه ته تنهنجي قدمن جي آواز تي آئون ڏاڍي آسيس پيو ماڻيان. ڪيپ چڙهندا ٿا وجن سپنن جيها. جڻ ٻانهن مٿي ڪٽڻ سان چنڊ ترٻءَ تي اچي ويندو. ٻڌاءِ نه، توکي ڪهڙو ڇيهو آهي؟ توکي ڪهڙي خبر، ماڻهو ته توکي الائي ڪٿان ڪٿان، ڪيئن ڪيئن ڏسندا هوندا. ڪالهه تنهنجي پٽيوالي پئي چيو ته سائين قرآن، وڏي شان مان واري راڄاڻ عورت آهي."

"هون ته هاڻ تون منهنجي پٽيوالي تائين به پهچي وئين." هو ايامندڙ ڪروڌ پئندي ٿي وجي.

"اڙي پائي، تون ته اجايو پئي وقلين، اهو پٽيوالو منهنجو پراڻو يار آهي. تڏهن تو حيدرآباد به نه ڏٺي هوندي. اسان جي ڏاڍي سني ياري آهي، سگريٽ جي ياري."

"چرس جي نه؟"

"نه، الا.... مون کي خبر ناهي ته هو چرس به پيئندو آهي ڪين نه. مان به عجيب پوڪ آهيان. مان ته پنهنجي سنگت جي ڪا خبر ئي ڪانه رکان."
"ها، ويچارن پٽيوالن جي خبر ڪيئن رکبي. خبر رکبي آهي پنهنجي اسٽئنبرڊ واري سنگت جي. سچ ٻڌاءِ، گهڻا ڀيرا چرس پيتو اٿئي؟"
"آئون پانيان ٿو ته موجوده امريڪن پريزيڊنٽ کان به چار ڀيرا وڌيڪ پيتو هوندم. هڪ گولي ۾ يوڪلپٽس جي پنن جي ملاوت هئي. مون کي ته ذرو مزو نه آيو. مان ڏاڍي ڪوشش ڪئي. ان کان ته گولڊ فئلڪ سنو هوندو هو. آه، ڪيڏو نه شاندار پيڪٽ هوندو هو. بوسڪيءَ جي گيدن مان ڏسڻ ۾ ايندڙ هيڊو هيڊو پيڪيٽ. مون ته هزارن جي حساب سان چکيا هوندا گولڊ فلئڪ!...... ها، مون کي منهنجي ننڍڙي لاڪي جي گرل فرينڊ چوڪري سپلاءِ ڪندي هئي. گروسن جي حساب سان. خبر ٿئي ڇا چوندي هئي؟"
"ڇا؟!....."
"آ، سگريٽ مون ۾ لائي، ٿو مني جِدي فلم رو ديو آٽند لاڳي هي." هو روئڻ جيهو ٿي وجي ٿو.
"پر تون مون کي هپي لڳندو آهين." هوءَ اجا وڌ روسامو ٿي ڪري.
"ريئلي، آئون توکي هپين جيهو ٿو لڳان. هپي ته شاندار ماڻهو ٿيندا آهن، شاهه جيان وستي وستي ووڙيندڙ."
"ڇا تون هپي ناهين؟!...."
"نه.... پر اڄ تون اهڙا سوال ڇو پئي ڪرين؟ تون ته اهڙيون آڏيون پڇائون پئي ڪرين، جيئن ڇوڪريون شادي ڪرڻ کان اڳ پنهنجي ٻـواءِ فرينڊ جا سمورا ڳجهه ڳوهه لهنديون آهن، گڏ ۽ ٻئڊ جا."
"مسٽر، سنڀالي ڳالهاءِ، منهنجي شادي ٿيل آهي."
"آئون به ڪو ڇڙو ڇانڊ نه آهيان. گهر ۾ جوان ڪي پوڙهي، ڇڇ ٻارن سان مڌوبالا جيهي زال ويني آهي. هينئر ڏکڻ هير ۾ ننڊون پئي ڪندي هوندي."
"۽ تون هتي ڇا ڪرڻ ايندو آهين؟"
"مان پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهيان، ٻالاپڻ کان زوراور. ڇو ته سنڌوءَ ۾ تڙڳي تڙڳي وڏو ٿيو آهيان. اڄ شام جيڪڏهن مون کي ڪتان سؤ رپيا ملي وجن ها ته هينئر آئون سنڌوءَ ۾ ونجهه سان ڪيڏي رهيو هجان ها. ونجهه هلائڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي." اچانڪ ٻئي ڪلهو ڪلهي ڇهاءُ سان بجليءَ جهڙي ڪرنٽ سان هڪ ٻئي کان وٿيرجي ٿا وڃن.

"تون ائين ڄاڻي ٻجهي ڪيو آهي."
"نه، اسين ڳالهائيندي پاڻ مرادي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويا هئاسين. ڳالهائڻ ڪي وڙهڻ ويل ائين ٿيندو آهي."
"ٿيندو هوندو." هو وري سرڪ جي هن ڪناري سان پنهنجو منهن ڪري چپ چپات سان هلڻ ٿي لڳي، سوٽل منهن سان ۽ ڪارائي سان نرڙ تان پگهر ٿي سگهي ۽ ڇوڪرو، ڇوڪرو وڏو ڪر موڙي اونهون ساهه ٿو کڻي.
۽ آهي ڪن پل لاءِ ٻنهي جي وچ ۾ گهٽيندڙ تڙپائيندڙ ماٺار.
"تون ڪيستائين واڪ ڪندين؟"
"تون چوين ته آئون واڪ ڪرڻ بدران هن وستيءَ مان واڪ آئوٽ ڪري وڃان سدا لاءِ؟..... ڇئه نه."
"مان ڇو چوان؟" وري ڪن لاءِ ٻئي سانت سان سڙڪ جي ڪنارين سان هلندا ٽا رهن. ٻنهي جا وڏا وڏا پانچا هوائن ۾ ڦڙڪاٽ وجهندا ٽا وڃن. رکي رکي ڇوڪري رڪائي مان ڳالهائي ٿي:
"مان سڀ سمجهان پئي. مان جادوگراڻين جيان ماڻهوءَ جي اندر جو اکر اکر پڙهي وٺندي آهيان. مان بولڊ عورت آهيان. توکي جو ڪجهه چوڻو اهي، ڇئي ڇو نٿو ڏين. يا رڳو مون کي بدنام ڪرڻ لاءِ ايڏا ڪشالا ڪڍيا اٿئي؟ اها ته سستي شهرت ٿي. ها نه......؟" ڇوڪريءَ جي ڳالهه تي ڇوڪري ڪان ٺهڪ نڪري ٿو وڃي.
"هوڏانهن بولڊ، هوڏانهن وري بدناميءَ جو ڀؤ. مان ته توکي ايڏو هيٺو ڪڏهن به نه سمجهيو هو. قرآن، تو اجايو پئي وڦلين. تون رولڊ گولڊ نه، نسوري هڏ چم ماهه جي سچي پچي جيئري جاڳندي عورت هين. جهڙيون قديم يگن جون ديويون ٿينديون هونديون. جي توکي ڪرشن مهاراج به ڏسي ها ته پنڊ پهڻ ٿي وڃي. ڪڏهن ڪرشن مهاراج جي مورتيءَ تي غور ڪيو ٿئي؟"
"نو.... نو جينٽلمين، گهٽي تعريف ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. سڀ ڪجهه اجايو آهي. تون پيل پاڻ کي ڪرشن سمجهندو هج."
"نه، سڀ ڪجهت سجايو آهي. رڳو ماڻهو پاڻ اجايو نه هجي."
.هون، ها. اها ڳالهه ته تو شانائتي ڪئي آهي."
"ٿئنڪز..... ٻڌ، هڪ منٿ ڪريان؟"
"ڪلي ڳالهاءِ، سي اوپنلي. مون ۾ ٻڌڻ جي سگهه آهي."
"تون هن پاسي کان، منهنجو مطلب آهي، چنڊ واري پاسي کان هل نه..... پليز؟......"

"چنڊ واري پاسي ڪان؟!...... چو....... مان نه سمجهيس."
"ڏس نه، هن پاسي چنڊ آهي. تون سڙڪ جو ڪابو ڪنارو ڏئي هل ۽ آئون ساڄي. به فرلانگ ته رهجي ويا آهن."
"پر چو؟!..... عجيب چريائپ آهي!......"
"سياڻپ آهي. اڄ تو پرفيوم ڏاڍو وڻندڙ لڳايو آهي. چنڊ جي ڏيمي جوت، جهومندڙ وڻ ۽ سڳنڌ. قرآن، آئون ڪجهه ڪين ڳالهائيندس، نه حدون اورانگهيندس. بس رڳو محسوس ڪندس ته چوڏهينءَ چانڊوڻي رات ۾ ڪو پاڇو سرهاڻيون ڦهلائيندو پيو وڃي. ٿي سگهي ٿو، اڄ رات منهنجو پينٽنگ ناهڻ جو موڊ جڙي پوي ۽ مان ڪي ڪتان سؤ رپيا ملي وڃن. سؤ رپين وڪامندي آهي هڪ پينٽنگ."
"مون کي ڪهڙو لاچار پيو آهي."
"پوءِ اهو ايٽيڪيٽز ۽ مينرز جو جن چو؟ هيڃ چوڪريون ۽ چوڪرا ته هلندا ئي هوائن جي اوپار آهن، بنان ڪنهن جي چوڻ آکڻ جي، جيئن ايندڙ ويندڙ ٽڪاٽا ٽناٽا ماٺهو سندن ديهه جي سڳنڌ ۾ آس ماڻيندا وڃن. دنيا ۾ وڃي واس ئي ته رهڻو آهي."
"او – ڪي" هوءَ ڪاوڙ مان سڙڪ جي هن ڪناري هلي ٿي وڃي ۽ هو چنڊ ۾ نهاريندو سڙڪ جي هن ڪناريءَ، سرهاڻين جي ڪنهن جهوٽي ۾ الوپجندو مگن هلندو ٿو هلي.
۽ به پاڇا چانڊوڻيءَ ۾ هلندا ٿا وڃن، هڪ ٻئي کان وٿيرڪا. رناٽا، ڪويل، اباڻيل، اجهاڻل ۽ تارا ٿونڪلنگ ڪندا ٿا رهن ۽ وچوڙي جو موڙ ويجهو پوندو ٿو وڃي. ڳچ پنڌ هلندي چوڪري اچانڪ ٽرن ٿي ڪري.
"تون مون کي روڳي ٿو لڳين، سائيڪولاجي جو مريض. تو منهنجي نائيٽ واڪ ۾ رنڊڪ وڌي آهي. مون کي مٿي ۾ سور پوڻ لڳو آهي."
"اسين سڀ روڳي آهيون. آئون دل ۾ پير پيو محسوس ڪريان. سڄي انساني سوسائٽي بيمار ۽ روڳي موڳي آهي. تڇ آهي، نفرتنهاڻي."
"ڪيئن؟..... ڪجهه سوچيو به اٿئي. تو سڄي انساني سوسائٽي مٿان لفظن جو گند اڇلايو آهي!"
"ها، مان سوچي سمجهي ڳالهائيندو آهيان. جي سوسائٽيءَ کي يگن کان ايئن ئي هلڻو آهي ته آئون اهڙي سوسائٽي مٿان ٿڪيان ٿو. جي منهنجي هٿ ۾ گند جو ڪارو ڪڏهن اچي به ويو ته آئون وڏي واڪ اڇلائيندس. آئون ٻهتري سوپر ليڊر آهيان. تو ڪڏهن پنگين جي وڏن وڏن، سيڙه جي ڪنڊن ڪان تڪن ٻهارن جو سوچيو آهي، جن سان هو اسان جون سڙڪون، گهر

۾ گند صاف ڪندا آهن؟ ان ٻهاري سان ماڻهو ماڻهوءَ سان ڇا، افريڪا جي شينهن سان وڙهي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪي نچائي سگهجي ٿو."
"اهو ٻهارو وري وچ ۾ ڪٿان اچي ويو؟......"
"ان لاءِ ته گڊ هيومن سوسائٽي ڪي ان ٻهاري جنم ڏنو آهي."
"تنهنجي خيال ۾ گڊ هيومن سوسائٽي به آهي ڇا؟ جي آهي ته ڪٿي آهي؟"
"هر هنڌ آهي. پاڻ ٻئي گڏ پيا هلون. ڇا پاڻ سنيون ڳالهيون نه پيا ڪندا هلون. ڇا اها گهڻ ڳالهه آهي ته تو مون لاءِ سرهاڻين جا سپ در ڪولي ڇڏيا. مون ڪي خبر هئي ته تون شاندار عورت آهين، تڏهن ئي ته مون توڪي منٿ ڪئي. سچ، اڄ ته مون ڪي سپنن هاٽي نند ايندي. الائي ڪيترن سالن کان مون ڪو سپنو ئي ناهي ڏٺو!....." هو روئڻهارڪو ٿي، گهرو اونهون ساهه ٿو کڻي ۽ ان ڪان پهريون جو هو روئي پوي، هو ٻهي ٿو وجي ۽ ويندر ڇوڪريءَ ۾ نهاريندو ٿو رهي. ڇوڪري پوئتي مڙي نٿي نهاري، جيئن نه نهاريندي آهي ۽ هو موٽ ٿو ڪائي. منجهي ٿو وجي. وري اوچتو ٽرن ڪري چار پنج وڪون ڊوڙ پائي رڙ ٿو ڪري:
"ٻڌ ته، مون ڪي تنهنجي گهرج آهي، ڏاڍي وڏي گهرج آهي، ڌرتيءَ جي گولي ڪان وڏي گهرج." مانار – سيتجي پند پهڻ ٽي ويل بوتا. برف جيان جمي چڪا ٽي ويل نيڻ.
(ٻئي جڻ وڏن ڏوجهرن ۾ آهن ۽ پوءِ هوريان هوريان ڇوڪريءَ جو ڇهرو ٿامي جي ڏاٽي جيان ٻرندڙ سواليه نشان ٻڻجي ٿو وجي)
"تون مون ڪي گهرجين. هن پرٿوي تي تون منهنجي سپ ڪان وڏي گهرج آهين. ڇا تون اسان جي ڪنهن ڪارج ۾ نٿي اچي سگهين؟"
"ڪهڙي ڪارج؟" ڇوڪري اڳيانئس چپ ٿيو، بيهجيو وجي.
"ڏس نه، پرٿوي سنن ۽ گندن ماڻهن سان ڀري پئي آهي. يگن ڪان هڪڙا ماڻهو جنگيون ۽ فساد ڪڙا ڪندا اچن ۽ ٻيا ماڻهو پرٿويءَ کي سرڳ بنائڻ لاءِ زهر جا وٽا ڏوگهيندا پيا اچن. هن ڌرتيءَ ڪي سرڳ بنائڻ لاءِ ته ٻالاپڻ جي راند جيهو ڪم آهي. هيءَ صدي سائنس جي دنيا جي سپ ڪان وڏ مهاپاري صدي آهي. هن ئي صدي ۾ اسان ڪي خبر پيئي آهي ته موت تي قبضو پائڻ ناممڪن آهي، ڪنهن پر به نه. اٽ از نات اين امپاسيبل مشن ۽ اهڙي سوچ رکندڙ ماڻهن مان آئون به هڪ پتڪڙو ماڻهو آهيان."
"يو مين، ڪنٽرول آن ڊيٿ از پاسيبل مشن."

"يس، ويري ويري پاسيبل مشن. ويري ويري ايزي ائنڊ پاسيبل. آءِ نيڊ يو. بڪاز يو آر جينئس، يو ڪانٽ اميجن، وچ ڪائينڊ ليڊي يو آر." ھو ڏاڍي سک، ڏاڍي آس، ڏاڍي نرماڻ مان ٿو ايلاز ڪريس.

".....!......!......" ۽ ھوءَ ڳاٽ اوچو ڪيو منجھس نھاريندي ٿي رھي.

"ڇا توکي اعتبار نٿو اچي؟ سچ، موت تي قبضو مون لاءِ ھنڊريڊ پرسينٽ شؤر آھي. پر...... پر منھنجو ۽ تنھنجو وري ايئن اتفاق سان ڀاڳين ملڻ به ڏاڍو اوکو آھي. مان...... مان ته ان ڳالھه لاءِ سپني جي آس به نٿو رکي سگھان ۽ سپنا...... سپنا نرواڻڪ ماڻھو پسند ڪندا آھن. مون کي ته ھر گھڙي ايئن ٿو ڀاسي جڻ منھنجي بنواس جي پڄاڻي موت تي قبضي کان پوءِ به ڪانھي."

"او - ڪي، گڊ نائيٽ، ماءِ لؤ ٿو يؤر لٽل ڪڊس، باءِ." ۽ ھو ھن ۾ نھارڻ کان سواءِ وڻ مان پن پٽي وات ۾ وجھي، تکڙو ٽرن ٿو ڪري ۽ وکاريندو سيندِ وڃائيندو ٿو وڃي. نيٽن ۽ چپن ۾ دٻيل مرکن ساڻ ۽ چانڊوڻي رات ۾ سرھاڻين سمويل عورت ۽ وڻ ٽڏيرا ساھ کڻندا ٿا رھن.

چار ڏسائون چارئي ڪاريون

آئون هڪ نعرو آهيان،
جنهن کي ڏاڍ ۽ ڏمر ته ڇا، موت به ختم نٿو ڪري سگهي.
سچ لهي ويو آهي. هو درياهه جو بچاءُ بند ڏيو، مائوزي تنگ جو ڪتاب ڏاڍي موج سان ستر سان نپيندو، ڏاڍي شان سان هلندو وڃي ۽ وماس جي رات جي ٻاٽ جو گهيرٽ ڦلارجندو ٿو وڃي، ائين ئي جيئن هن جي ذهن تي مائوزي تنگ جون سدا روشن سٽون:
مون کي موت به ختم نه ٿو ڪري سگهي.....
- ڪيڏي نه ڪاري ٻاٽ آهي. جڏهن به وماس جون اونداهيون ٽرن ۽ برن کي وکوڙي ويندڙيون آهن ته روشنيون ڪيترو نه پري هونديون آهن؟.......
هو ڏوجهرا ڪائيندو، سوچيندو هلندو ٿو وڃي، مانجهند جي پراڻي سنسان مندر ڏانهن.
اڄا دريا جو بچاءُ بند نئون نئون پيو ٻڌجي. درياهه مٿان مير بحرن جو ٻيڙياتو ڳوٺ آهي. ويچارا ميربحر ڇمن به ٻيڙين ۾، مرن به ٻيڙين ۾! ۽ ٻاگڙين جا چنا ۽ منهن آهن، جي درياهه جي پيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ لئي جي لاڪڙ مان ڪارا ناهي پيٽ گذر ڪندا آهن. اهو زميندارن جو مال ٿي ويندو آهي ان ڪري ته لاڪڙ جا ڏٽي زميندار هوندا آهن نه ٻاگڙي. ويچارا ٻاگڙي ته رڳو ايترو ڄاڻندا آهن ته لاڪڙ مان ڇا ڇا ناهي سگهجي ٿو؟
ويچارا مير بحر به سدائين ڊناٽا.
ويچارا ٻاگڙي به سدائين ڊناٽا.
درياهه ساهه ۾ ڏينهن ڏني به بلائون اينديون آهن. وڏيون وڏيون اجگر بلائن کان به وڏيون. ڪهاڙين سان، پوليس جي ورديءَ سان، چيلهه سان ٻڌل ٻن ٻن پستولن سان، ڪي ڦل ماڇيءَ جي روپ ۾ ته ڪي رئيس گلڻ ڪاڇيءَ جي شڪل ۾. بلائون ڪهڙيون به هجن، بلائون بلائون آهن. پر سڀ کان وڏي ويڌن ته هن سان آهي. هو نئون نئون آهي. مهمان آهي ۽ وڏي مونجهاري ۾ آهي. وڏي يوڳنا يوڳي رهيو آهي ۽ اڄا دادو ضلعي جو ڀهريون ڏاڪو آهي ۽ هو وڏي ذهني پيڙا پيو يوڳي:
سائين انهيءَ ويران مندر ۾ مٿان ويو آهين. انهيءَ ۾ رڳو هندن جا ڊيڊ اٿئي. تنگن ٻانهن کان سڪي پوندين. اهڙا ته پليت اٿئي جو ماٿهو ڪلمو مبارڪ پڙهندئي ته رام رام ڪندي. الله نه ڪنهن کي ڊيڊ جي منهن چاڙهي، ويندي جي ويرم.

ماڻهن جا وات به وڏا آهن ۽ ڳالهيون به!.....
درياهه شاهه ۾ وڏي لاڻار آهي. ڪير چوندو ته منجهس مستي به ايندي.
- درياهه سڪي ٻيلاٽيون ٿي ويندا آهن. درياهه شهرن جا شهر ٻوڙي ميدان ڪري ڇڏي ويندا آهن.
- ماڻهو ته آهن ئي ماڻهو.
ماڻهوءَ ۽ درياهه ڪي ڪا جهل پل به آهي ڇا؟......
هو سوچي ٿو:
- هيڏو حسناڪ مندر، جنهن ۾ شري ڪنور ڀڳت ڀڳتيون ڪري وڏو ٿيو هجي، جنهن ۾ علڻ فقير جهڙو سنت ماڻهو ڀهاريون ۽ ڏيئا ٻاري وڏو ٿيو هجي، ان ڪان ماڻهو ايڏا ڏناٽا، ايڏا جو ويندا ته جنگهون سڪي ويندين! شايد ماڻهن جون دليون دڪي نوٽ ٿي ويون آهن. تمام نندڙيون ٿي ويون آهن.
- ڀلا هي سڀ آهي ڇا؟!...... سوچن جي لڙات
- هون....... مندر ته ڪٽي هندن جو ٿيو، پر شاهه اويس قرنيءَ جو مزار ويران ٿي ويو. اڳي گهڻو اڳي، انگريزن جي زماني ۾ اتان ته شاهه اويس قرنيءَ جو واهڙ وهندو هو، ٻنيءَ ٻاري لاءِ. اهو به سڪي ويو. وڏو سوال ته شاهه اويس قرنيءَ تي لائيش ڇو ڪينهي. شاهه اويس قرني ته سنڌ سڳوريءَ جو پهريون ۽ سچو مسلمان هو، پوءِ سندس شهر مٿان اوندهه جو اڇلائي وئي آهي؟......!.......؟
- ڪارڻ؟......
- .... ! ....
هو هلندو سوچيندو ٿو وڃي، ڏوجهرا ڪائيندو ٿو وڃي.
- هون، مندر جو ڪارڻ ته آهي. درياهه شاهه مانجهند جي پراڻي شهر ڪي پنهنجي مستيءَ ۾ اچي ايئن ڪٽي ويو جو هان انهن پدن تي رڳو لئيءَ جا ڪيت آهن، ٻيو نالو الله جو. بس رڳو هڪ هيڪل ويران سنسان مندر جيئن جو تيئن رهجي ويو آهي. ان ڪري ته مندر جون پيڙهيون ۽ پندال ڏاڍا اونهان ٻڌا ويا هئا، نه ته ڪو جادوءَ جي زور سان ڪين بچي ويو ۽ شاهه اويس قرني ٽڪرين تي آهي.
- باقي ماڻهو؟
- ڇا اهي ماڻهو ماڻهو آهن؟
- ڇا اهي ڊور ڊور آهن!......

ڪن لاءِ هو پريشان ٿي وڃي ٿو. ڪن لاءِ ڇا، گهڙيءَ گهڙيءَ پريشان ٿي وڃي ٿو. اهو ته سنڌ سڳوري جو ڏاڍو پلاسو پاسو آهي. اڳيان سن سڳورو، پوءِ لڪي ڏارا تيرٿ، پوءِ سيوهڻ شريف، قلندر جي نگري، سوني دروازي ساڻ، پوءِ دادو ضلعي جو سڀ کان وڏو شهر دادو.
هو ڏوجهرا ڪائيندو، وڏنڌڙ اونداهيءَ ۾ اوجهڙ ٿيندڙ درياهه شاهه تان نهار ڦهلائيندو ٿو وڃي. مير بحرن وٽ گاسليٽ ڪينهي، تنهن ڪري ٻيڙين ۾ اوندهه آهي. پري پري لاڪڙ جي مهاچار جيهي ڪيت مان ڪتان ڪتان ڪا دونهين ڏوندي ٿي نظر اچي ۽ پارو پلٽي پيو آهي. پوهه لاٿا لوهه آيو ڪين آيو. سياري جي مهاڙ مڇي پئي پر پوءِ به درياهه پهرئين پهر جي سونهن کي پنهنجا ڏاوڻ هوندا آهن. رڳو ڏسندڙ جي اکين ۾ موتئي جو پاڻي نه پئجي ويو هجي.
هو ڏسائن ۾ ٿو نهاري.
اتر،
ڏکڻ،
اپرندو،
الهندو،
چار ڏسائون
وري آڪاس ۾ ٽيڙو.
وچون، ڪتيون، ڪير ڏارا سڀ اوجهڙ اوجهڙ آهن، ڏنڌلا ڏنڌلا آهن، درياهه شاهه جيان. رڳو آڪاس ۾ ڪارا ڪکر هاٿين جيان هلندا ٿا وڃن.
هو اجرڪ ويڙهي ٿو ڇڏي. ان ڪري ته اڄ هن وٽ وقت ڪينهي، نه ته ويچارا مير بحر چوندا:
- او مسافر، اڄ ڏاڍي سڻي مڇي آهي. اسان جو به ڪڏهن مانيءَ ڳيو ڪائي وڃ، ذات ڪانه گهٽ ٿي پوندیئه.
آواز
تانگهه
اتساهه
اڪير
پيار جي پالوٽ – پوءِ ڪير پيرو پڇندو
ڪڏهن وري باگڙين جون مايون چونديون:
- او سائين، ڪشمور ۾ وڏا وڏا هنر هلائي آيا آهيون، ههڙي سڏي لاڪڙ ته اسان قيام نه ڏني.
رئيس ڪي اسان جي پارت ڪر ته ڏوڙ مان ڏن ناهي ڏيونس.

پر ويچارن باگڙين کي ڪيهي خبر ته رئيس کي سون نه، اڌ تولو آفيم، پنجاھ کن پراڻي نوڙيءَ وٽيل چرس جون سلفيون کپن. پوءِ ڏوڏيءَ جو گلاس ۽ مٿان پاءُ کن ڪچڙي ڀنگ. ويچارن ٻڙن کي آفيم ڳارڻ اچي ڪٿي. تڏا، تؤنريون، لاڪڙ جون خوبصورت چڪون، موڙا ۽ ڀنگا ناهڻ کان سواءِ اچين ڇا ٿو. رئيس روز ڪائنن موچڙا هڻي اڌ تولي آفيم جي رقم نه ڇڏائي ته ٻيو ڇا ڪري؟ ڪٿان آڻي آفيم لاءِ پئسا؟ باقي پستول ڪو نانيءَ جي قبر تي ڊيڪوريشن پيس ڪري نوڪڻ لاءِ ورتو اٿس ڇا!
هو ڪرو جهنگ لتاڙي ويران وندر ۾ آيو آهي. قديم سنڌ جي اڏاوتي ڪم جيان، هر ڪا شيءِ سندس آڏو ٻهڪندي ٿي رهي. ٻاروچي ٽوپيءَ جيان سونهري ٽائيلز جڻ ڏيئن جو ڪم ٿا ڏين. هيڏي ساري مندر ۾ ڪٿي به بت جو ڪوئي نشان ڪينهي. جي ڪو بت آهي ته هو پاڻ آهي. جي ڪٿي ڪو ڏيئو ٻري پيو ته اها سندس سگريٽ جي لاٽ آهي. هو هڪدم موٽ ٿو ڪائي ۽ نيٽ مان تارا ڪٽيون ڪڪرن جي ڪارونيار ۾ ائين لڙهي ويا آهن، جڻ ڪنهن هندو سنت روهڙيءَ جي پراڻي پل مٿان ٻڪ ٽڪن جا درياھ شاھ ۾ اڇلائي ڇڏيا هجن.
خون خون...... وارو ڪريو مڙس مئو پيو آهي.
صبح جو سويري امام جي الم هيٺان وڏو چؤٻول آهي.
- ادا مڙس، مڙسان مڙسيءَ ماريل آهي. مجال آهي جو ڪو لاش سڃاڻي سگهي.
لاش سڃي به سڃاڻڻ کان ٻاهر آهي. لاش جي سري آهي ئي ڪانه. رڳو ڳچيءَ وڍيل، هنداڻي جيان ڳاڙهي، رتو ڇاڻ آهي. ڪلهي تي قلندر جي پائلي جو نشان اٿس. ڪي چون ٿا ڪير آهي، ڪي چون ٿا ڪير آهي. ڪير ٿو ٿي سگهي؟
گهٽا وات آهن، گهٽيون ڳالهيون آهن. پوليس به پنهنجي آهي.
۽ هو صبح جو سويري امام جي پڙ مان ٽيلهو ڪٽي اڳتي اسرڻ جي تو ڪري ۽ سوچي ٿو:
- يلا ويهه ميل به ڪو پنڌ آهي. ٻيلو به وکون ۽ هو ٻنان سوچڻ سمجهڻ جي پيرن تي زور ٿو ڏئي.
ڪنديون ۽ ٻٻڙن جا جهنگ لتاڙيندو هو هلندو ٿو وڃي. جيتوڻيڪ هن کي خبر آهي ته هو هزارين ماڻهن جي هشام ۾ رهيو آهي، جتي ڪيس چڱيءَ ريت سڃاتو وڃي ٿو ۽ هن کي اتي وڃي جلسي لاءِ اسٽيج سجائڻو آهي، سيٽ لڳائڻو آهي، اتي هن جا پنهنجا راڄ آهن. باقي ياڳن جي خبر ڪيس ڪانهي، ان ڪري ته هو نجومي نه آهي.
- ۽ هي ٻيو تڙ آهي.
۽ ٻيڙياتا آهن.

- ۽ ڏوٻي سندس دوست آهي. سانده به ڏهاڙا ته هو اسٽيج پنڊال جي سجاوٽ تي سوچيندو رهي ٿو. اهو سمورو ڪم ڪيس چئن ڏهاڙن ۾ مڪمل ڪرڻو آهي.
اڃا پهريون ڏهاڙو مس گذريو اٿس. مهمانن جي ڏوم شروع ٿي وئي آهي. الائي ڪهڙين ڪهڙين ڏسائن جا ماڻهو. هو پنهنجي ڪمن ڪارين سان هلندو درياهه جي بچاءُ بند تي آسيس ماڻڻ لاءِ اچي ٿو ۽ هن کي پاسي ٿو ته مير بحرن ۾ ڪاري قيام متل آهي. ميربحرن جي ٽڄ پياڪ ٻار سان ستل ٻانهن، ڪي شاهينگ بندوق پستولن سان راتو واهه ڪٽي ويا آهن. عورتن، ٻارڙين پوڙهن، پوڙهين ۾ روڄ راڙو آهي.
- آواز.....
- دل کي چيپاٽيندڙ آواز، نفرتن جا طوفان. هو ڪروڌ مان اٿي درياهه جي بند کان لهي وڏي پنڊال ڏانهن هليو ٿو وڃي جو ڪڏهن هندن جو ٽڪاڻو هوندو هو.
يلا هي سڀ آهي ڇا؟!...... ؟!...... ۽ سياري جو سڄ شرم کان ڇڻ نڪري ئي نٿو. هو پوڙهي فلاسافر ڏانهن ڪڇهريءَ لاءِ هليو ٿو وڃي ۽ هو پوڙهي فلاسافر جي مانار کي سمجهي نٿو سگهي. م ياٺءِ ايري رهيو آهي م ياٺءِ الهي رهيو آهي!
پوڙهو فلاسافر ڇڻ پڻ ٿو ڪري:
"تنهنجو ڪم ڏاڍو سست آهي."
"نه، اسان جا ماڻهو ڪم چور آهن. ڇو؟ مان ان جو سبب سمجهي نه سگهيو آهيان."
هن جي ڳالهه تي پوڙهي فلاسافر جي پيشانيءَ تي سوچن جا هزارين تهه چڙهي ٺا وڃن. هو مرڪي ٿو پوي. (هن ۾ سچ ٻڌڻ جي سگهه آهي يا نه؟ هو ڪوبه جواب نه ٻڌي، اٿڻ جي ٿو ڪري.
"ٻيو به ڪجهه چوڻو اٿئي؟"
"ها، پراڻي ٽڪاڻي ۾ به سؤ کن ڪتا آهن سبحان شاهه جا، اهي ته ايندڙ مهمانن کي ڦاڙي ڇڏيندا." ۽ هو ڪجهه ڪجهه وڌيڪ ڳالهائڻ بدران وڏي ادب سان اٿي هليو وڃي ٿو، پنهنجي ڪمري ڏانهن.
۽ هو پنهنجي ڪمري ۾ اچي سوچي ٿو:
- هر ماڻهو پنهنجي گهر جي ياتين هٿان ڪتي جو موت مرڻو آهي ۽ اها سنڌ جي پراڻي ريت آهي.

اچانڪ گولين جا ڌوڙيا ٿي وجن ٿا. ڪتن جا ڪوڪاٽ ڇن ستين آسمان تائين پڙالجندا ٿا وجن. هو ڊوڙندو ٻاهر نڪري ٿو. سندس آڏو پنجن پونگڙن واري مادي ڪتي مئي پئي آهي، جيڪا بيحد ڪهري هئڻ جي باوجود ساڻس به هري وئي هئي.

ٻارهيون ڪتا مار جيپون، هٿياربند ماڻهن سان ڊوڙن پيون. هو ڊوڙندو پوڙهي فلاسافر وٽ وڃي ٿو:

"سائين، هيءَ انقلاب ۾ بدديانتي آهي، ويساهه گهاتي آهي."

"ڪيئن؟"

"وائيلڊ لائيف ۾ ڪتو به ايڏو ئي ڪارائتو جانور آهي، ڪيترو اٺ، گهوڙو، ٻڪري. الاهين ملڪن ۾ ڪتو ڪاڏو ويندو آهي ۽ ايڪسپورٽ به ڪري سگهجي ٿو. سوئرن کان ڪتن کي ۽ ڪتن کان سوئرن کي ڦاڙائڻ بدران اوهين عيسائي ڏنار رکي انهن جي افزائش نسل به ڪري سگهو ٿا. آخر ايڏي جهالت ڇو؟"

۽ هو محسوس ڪري ٿو، دکي پوڙهو فلاسافر ڇڻ دم ٽوڙي رهيو آهي.

مهاياري مانار...... مانار........

"ساري سر، منهنجو خيال آهي، مون کي الاهي ڏهاڙا ٿي ويا آهن. منهنجي عينڪ ۽ گرم ڪپڙا ڪٿي وسري ويا آهن. مان واپس پنهنجي ڳوٺ موٽندس."

مانار...... گهٽيندڙ مانار...... ڇڻ سيني مري ويل ڪتن جي بدبوءِ حويليءَ ۾ ڪاهي پئي هئي ۽ هو چپ چپات ۾ نڪري ٿو وڃي ۽ ٿيلهو ڪڍي رومال نڪ تي ڏئي رتو رت گهٽين مان جلدي کان جلدي نڪرڻ لاءِ ڏڪيندو ٿو وڃي.

"ڪنهن تو سان بد شد ڳالهايو آهي؟" هڪ ساٿي سندس رسي وجهڻ تي ڪروڌ مان ڊوڙندو ٿو اچي.

"ڪنهن کي ڇپ پٽائڻي آهي پيارا سائين! ٿئنڪز." ۽ هو محسوس ڪري ٿو ته هي سپ ماڻهو انهيءَ پوڙهي فيلسوف سان ڪلاپ ڪري رهيا آهن، دوکو ڪري رهيا آهن! سنڌ جا نعرا هڻي ۽ هو ڏارا تيرٿ ۾ وهنجڻ ۽ قلندر شهباز جو سونو دروازو ڏسڻ کان اڳ ويگن ۾ ويهي جلدي کان جلدي انهيءَ اونداهي ٽڪري مان نڪري ٿو وڃي.

بلئڪ ائنڊ وائيٽ

مان حيران آهيان ته ٻيهر، ٻيو پيرو، اوچتو ئي اوچتو، مان سندس جيون ۾ ڪيئن آيس، ڪهڙي سانگ، نيٺ ڇو؟!...... جڏهن ته اسان ٻنهي جي وات ساڳي هوندي به اسان ٻنهي ۾ وڏاندري نظرياتي جنگ آهي. ايڏي ئي وڏي، جيڏي چين ۽ روس جي وچ ۾ ٿي سگهي ٿي. جيئن موجوده حالتن ۾ آهي، جيئن جتي ڪٿي ذهني توڙي هٿيارن واري جنگ جاري آهي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ به ڪڏهن ڪڏهن ايڏا ويچا پئجي ويندا آهن. مان ڪانئس رسي هليو ويندو آهيان، وڏن گهاٽن جهنگن، ڪيٽن، ڍنڍن، درياهن ۽ سمونڊن ڏانهن. ڪڏهن مير بحرن سان ميربحر ٿي، هارين سان هاري ٿي ۽ ڪڏهن جوڳين، سامين، ڪاپڙين سان پيو پنهنجا ويچار لڙائيندو آهيان. مان پنيان مڙي نهارڻ جو عادي نه آهيان. دنيا ڏاڍي وڏي ۽ ڪشادي آهي. وري ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي نه ڪٿي ايئن به ٿيندو آهي جو واٽون ويهه وڃي، هڪ وڏي شاهراهه سان ملي هڪ ٿي وينديون آهن ۽ حيران پريشان ٿي سوچيندو آهيان ته ساڳين ڇاتل سڃاتل سڙڪن ۽ موڙن تان نه چاهيندي ڇو هلندو ويندو آهيان؟ مان پاڻ چاهيندو آهيان ته ساڻس ڪڏهن به نه ملان. مون پاڻ تي وڏن فنڪشنن، ميڙن، منڊلين جا سڀ دروازا ڄاڻي ٻجهي بند ڪري ڇڏيا آهن. پر الائي ڪهڙي يگ، جنب، ڪال، اڪال جا ڦيرا آهن جو اسان ٻئي، ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي ملي ويندا اهيون. ان ساڳئي پراڻي پرپور انداز سان، لڳ ئي نه پوندي اهي ته اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪي وڏا ويچا آهن. مون ڪي ڏسي هوءَ ڇا محسوس ڪندي آهي؟ ان جو اندازو آئون نه لڳائي سگهندو آهيان. پر مان ڪيس ڏسي سڪ ئي سڪ ماڻيندو آهيان. مون ڪي رڳو ايتري خبر پئي هئي ته سوريه گرهڻ جي ڪري هوءَ ڪلر بلائينڊ ٿي وئي آهي ۽ ڪلر بلائينڊ سان گڏ ڪڏهن رڙيون ڪري بيهوش ٿي ويندي آهي. هونئن به اسان جي ميلاپ تي ڪا پابندي ڪانهي، سندس ماءُ مون کي پٽن جيترو پيار ڪندي آهي.

ان ڏهاڙي ٻه سؤ ميلن جي سفر، منهنجو سنڌ سنڌ الوڙي ڇڏيو هو. ڪينٽ اسٽيشن تان ٽيلهو لڙڪائيندو وڏي ٽڪ سان هڪ ٽانگي واري کي چيم:

- يار، منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪانهي. مون کي فريئر هال پهچاءِ ۽ جڏهن فريئر هال جي گهاٽن وڻن جي ڇايا هيٺ ڪجهه وسرام ڪري مون کي تؤنس لڳي ته پراڻا ٽٽل پاڻيءَ جا نلڪا ڳولڻ لڳس. الائي ڇو، انهن نلڪن جو شفاف پاڻي مون کي وڻندو آهي ۽ ٺيڪ جڏهن مان نلڪي مان هٿ منهن پير ڌوئي رهيو هئس ته منهنجي نهار امريڪن ايمبسيءَ سامهون گيٽ

وٺ، ساوتري تي پيئي. ان کي هڪ نرس سان ڏسي، ڪن لاءِ مون کي ائين لڳو ڄڻ نيچر مون سان وڏي جنگ لڙي رهي آهي، جيڪا شايد مون کي مارڻ کان سواءِ بازي کٽي ڪانه سگهندي.
- هان، ٽن چئن سالن کان پو؟ ايهو به ساڳي فريئر هال ۾!.....
ويچارو اندر جو ماڻهو!......
۽ هوءَ.... هوءَ مون کي سڃاڻي، ڪن لاءِ ٽڪ ٻڌي نهاري ٿي. نرس کي مون ڏانهن اشارو ڪري ڪجهه چوي ٿي ۽ وري سرجان مارشل جي گهوڙي جي پاڻي پيئڻ واري پئماني نما نهيل رکاهين هاڏر ۾ الاهي ڇا ووڙيندي، منهنجي قدمن جي آواز تي، آڏر ياءُ لاءِ اڳتي تي وڌي.
- سچ ٻڌاءِ، تنهنجي گمان ۾ هو ته آئون صبح سويري فريئر پارڪ ۾ هونديس. جڏهن ته آئون سڀ رنگ وائي چڪي آهيان. هاڻي ته باغن ۾ ڪجهه به نه رهيو آهي.
ڪن لاءِ مان گهور ٻڌي منجهس نهاريندو رهيس، ڏسندو رهيس.
- رنگ.... هونئن به رنگ آهن ڪٿي؟ ماڻهو ڏينهن ڏني، انڌا به ٿي ويندا آهن. ان سان ڇا ٿو ٿئي......
- هوندو.... ۽ ائين آهي به. ها..... ممي توکي ڏاڊو ياد ڪندي آهي. چڱو ٿيو تون اچي وئين. مون هڪ وڏو فيصلو ڪيو آهي. خبر اٿئي، هينئر تون مون کي ڪيئن پيو ڏسڻ ۾ اچين؟ جهڙوڪر پاڪستاني بلئڪ اينڊ وائيٽ فلمن جو ڪو ڪردار. اها ڪيڏي نه ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي. پر اندر ڇيپاٽ سان گڏ مون محسوس ڪيو ته باغن ۾ هلندي اڄ به هوءَ اڏامندڙ نازڪ پوپٽيءَ جيان رنگا رنگ آهي ۽ ائين پاسندو آهي، ڄڻ ڇهاءُ سان سندس رنگ هٿن ۾ چپن تي چڙهي ويندا، پوپٽ جي پرن جي رنگ سمان.
گهر ۾ ساوتري جي ممي جي امٽ سدا سوپياوان مرڪ ڏسي، ڪن لاءِ محسوس ڪيم ڄڻ سارا سور مٽجي ويا، ڄڻ گهر پهچي ويس، ان ماءُ وٽ جنهن ڄڻيو هئم. پر وري مرڪندڙ اٿاهه خوش نيڻن ۾ لڙڪ ڏسي پانيم ته پڄي وڃان. سک، چين، سانت ڪٿي به ڪانهي ۽ اڳي جڏهن اهڙي حالت ٿيندي هيم ته ميران ديوي وانگي رڳو پيو پريو شانتي.... پريو شانتي پڙهندو هئس ۽ پوءِ جلدي محسوس ڪري ويس ته اهي هندو ٽوٽڪا آهن. مان نه ٻڌ آهيان، نه ميران. منهنجي پنهنجي ڊگر آهي ۽ منهنجي ...... منهنجي پنهنجي جدا واٽ آهي. ووڙواند ڏقير واٽ – جنهن مٿان مون کي گذري وڃڻو آهي، ڏاڍي شانائتي مانائتي انداز سان.
سنجها سنجها رات

ڪوهيڙو.
تاڙي جي لات. سڀ آواز نپ جي مانار ۾ مانار ٿيندا تا وڃن. مون کي خبر به ڪانه پئي ته ساوتري منهنجي ڪمري ۾ ڪيئن پيهي آئي؟
آئون...... ٻري اجهامي ۽ اجهامي ٻرڻ لاءِ جتن ٿو ڪريان ۽ سوچيان ٿو مان ميڻ بتي به ناهيان. الائي ڇو، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شڪست جو احساس وجود ۾ ڪرٽ وهائيندو ويندو آهي. آئون حيرت ۾ آهيان ته هوءَ اسان سيني کي هيڪل شڪست ڏيندي ٿي وڃي. ٻنان ٻنين ٻارن ۾ ڍرڻ جي. ٻنان ڪنهن ڏڪاريءَ لاهياريءَ جي ٻار مٿان هٿ ڦيرائڻ جي. ڇا هوءَ اسان ڪان اڳاهين نه لڳندي آهي.... تمام وڏي. تمام......
- ڪمري ۾ توکي ڪا شيءِ خراب ته نه پئي لڳي؟
- نه..... مان ڏانهس نهارڻ ڪان سواءِ وراڻيان ٿو.
- سچ ٻڌاءِ، ڪهڙي ڪارج سان آيو آهين؟
- توکي ونڻ آيو آهيان.
- ڪيڏانهن وني ويندين مون کي؟ منهنجو علاج هتي آهي ئي ڪونه ۽ ٻاهر، پرڏيهه...... جي ڪڏهن پنهنجي ڏيهه ۾ ئي ڪي ڪين آهي ته پرڏيهه ۾ ڇا هوندو؟
- پرڏيهه جي ڳالهه ڪير ٿو ڪري؟ مان ٽرن برن ولين ۽ واڙين جون ڳالهيون ٿو ڪريان، ڳوٺن جون ڳالهيون.
- ڇو؟......
- تون اسان جي ملڪ جي وڏار هاري ليڊر عورت آهين.
- ائين ڇو نٿو چئين ته اوهان سڀ تڪي تتي ساٽا تي پيا آهيو. اوهان کي واهٽن ۾ وڃڻ لاءِ حسناڪ ڇوڪرين ۽ عورتن جو ساٿ گهرجي.
- ساٿ نه هوندو آهي ڇا؟ جي انقلاب ۾ عورت حصو نه وني ته دنيا جو ڪوئي مرد هيڪل يا سڀ مرد گڏجي ڪوئي به ڪنهن به قسم جو انقلاب نٿا آڻي سگهن. آئون سچ پيو چوان نه؟.....
- ڏس مان ڪلر بلائينڊ آهيان ۽ ڏادي پيڙا مان گذري رهي آهيان. پوءِ به پنهنجي گهر جو رستو سونهون ٿي ويندي آهيان. اوهان بلئڪ اينڊ وائيٽ جا به پيگ پي بتال ڇو ٿي ويندا آهيو؟
مان ڪجهه محسوس ڪريان ٿو.
- ڇا توکي مٿي ۾ سور آهي؟

- نه، برين ٽيومر ٽيو اٿم......
- ائين چو نٿي چئين ته تو مان اها سگهه ڇڏائي وئي آهي.
- جيئن وڻئي تيئن سجهه.
- پوءِ مان.... ڇا مان موٽي وڃان؟
- اوهان ڪڏهن مون کي اڌ واٽ ۾ نه ڇڏيو آهي؟!..... بڏاءِ نه، ڪڏهن؟..... اوهان سڀ سدائين مون کي اڌ واٽ ۾ هيڪل ڇڏي هليا ويندا آهيو.
۽ ڪن لاءِ مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته منجهس نهاريندو رهان، منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيان يا سيس نمايان ۽ هوءَ...... هوءَ پٽ تي ٽنگيل پينٽنگ ۾ نهاريندي ٿي رهي. سنڌ جي پهاڙن ۾ ڪاٽي ڪٽندڙ، پٿر ڳاڙيندڙ، سگهارن مزورن جا ڌمڪ، پاهوڙا، هٿوڙا ۽ سيولون ٽيڪم ۽ ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ ڪم ڪاريون ۽ محنت.
- تون هاڻ پلي پنهنجي پينٽنگ ڪٿي وڃ. پينٽنگ جو ته سڄو مزو رنگن سان آهي. سچ ٻڌاءِ، ڪنهن لاءِ ناهي هيئي اها پينٽنگ؟
- مزورن لاءِ، نه ته اڄ ڪنهن آرٽ گيلريءَ ۾ ٽنگيل هجي ها. مان به تپي ويس ته نيٺ هوءَ پاڻ کي سمجهي ڇا ٿي؟ آئون چئي سگهان ٿو ته مان ڪينسر جو مريض آهيان.
پوءِ .... ٻڌاءِ ته .... مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پهرين ٻڌاءِ، اسين پنهنجي اسپتالن ۾ گهڻن قسمن جون بيماريون چڱيءَ ريت ڊائيگنوز ڪري سگهيا آهيون؟ ڪنهن هڪ اسپتال، ڪنهن هڪ ڊاڪٽر جو نالو ڪڻ.
- هون...... ڳالهه ته تون ٺيڪ پيو ڪرين. ان ڪري ته هاڻ اسان وٽ ڳالهين کان سواءِ ڪجهه باقي به ته نه بچيو آهي، پاڇي به نه. چئه ها..... ها نه؟
ايتري ۾ ممي پليٽ ۾ ڪجهه کٽي اندر اچي ٿي. ائين جيئن ڳوناٺيون مائرون ايندیون آهن.
- اچي من.....
- جيجي توکي خبر آهي. هوءَ منهنجي ڳالهه اڌ گيدي ڪريو ڇڏي.
- اڙي چريا، لاڙڪاڻي جي اٽئي، پٺهين موڪلي آهي.
- پوءِ ڪائيندس.
- نه، پهرين ٻڌاءِ ته اوهان ٻنهي جو جهڳڙو اجا گهٽيون صديون هلندو؟ ۽ آئون سندس ڳالهين تي ٽڏو ٿي ڇمڇي سان هوريان هوريان منائي ڪائڻ ٿو لڳان.
- "چڱو پٽ، آئون هلان ٿي، ڏاڍو ٿڪ پئي محسوس ڪريان." ۽ پوءِ ممي هلي ٿي وڃي ٿي ۽ ساوتري به......

۽ ننڊ...... ننڊ ڪرڻ لاءِ مان پنهنجي پسند جي ڪيسٽ پنهنجي بيگ مان ڪڍي، ريڊيو ڪيسٽ ۾ لڳائي سمهڻ لاءِ پاسا ٿو ورايان.

ننڊ نٿي اچي. ڪن لاءِ آئون جڻ جاڳ جي خواب ۾ ڪوئجي ٿو وڃان.

نه توکي هلڻو پوندو...... اڄ ڇئي ڏينڊوسانس ته پوءِ عورتون ٻار ڇو ڄڻينديون آهن؟ هر عورت مرڻ گهڙيءَ تائين ٻار ڄڻڻ جي آشائن ۾ ڇو هوندي آهي؟ ڇا ان لاءِ ته ٽرن برن ۾ اهي ٻار ويلا ڪڍن؟

اوچتو ئي اوچتو ڪمري جو در کلي ٿو.......

- تون، هن وقت!

- هينئر نرس انجيڪٽ ڪيو آهي. ننڊ ئي نيٽن ۾ ڪانهي. سنگيت جو پڙلاءُ ٻڌي هلي آيس.

- مون کي به ننڊ ڪانهي. پوريون به گوريون ننڊ جون کاڌيون اٿم.

- تون درديلا گيت ڇو ٻڌندو آهين؟

- ان ڪري ته اسين سڀ وڏي پيڙهندڙ دور مان گذري رهيا آهيون.

- ۽ تون انهيءَ دور جي ڇاڪيءَجي گهاٽي جو ڏاند آهين.

سچ سندس ڳالهه تي منهنجو من جلي ٿو وڃي.

- ڇو پيلا، جهرن جهنگن ۾ کلهي تي ڪاني رکي ولڙو ڳائيندڙ ڏنارن جا ٻارڙا لاڏاٽا ڪري ويا آهن ڇا؟ ڪا نئين پارٽيشن ٿي آهي ڇا؟

- پارٽيشن، منهنجي ملڪ ۾ پارٽيشن ڪرڻ جي سگهه ڪنهن ۾ آهي؟ ڪن کولي ٻڌي ڇڏ. ٻيهر مون سان اهڙي ڳالهه نه ڪجان. اهو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي.

- مون کي کهڙي خبر ته انقلابي ماڻهو ايڏا حساس به هوندا آهن.

- نه، تو چوٽ ڪئي هئي.

- ته ڇا منهنجو ايترو به حق ناهي؟

- نه، ان ڪري ته تون اڄ تائين ٿرڊ ورلڊ ۾ ٿي رهين ۽ آئون سپر پاور ملڪن تي پيو سوچيان، جتي ڏراڙن جا ٻار نديڙن رنگا رنگ فوڪر جهازن سان پنهنجي وطن جا ولر وارينڌا آهن.

- ها، باقي سڀ ٿرڊ ورلڊ وارا ڄٽ آهن. ها نه.... هوءَ مرڪي ٿي ۽ وڃڻ ٿي لڳي.

- ٻڌ، آئون صبح جو پنجين وڳي واريءَ گاڏيءَ سان هليو ويندس.

- وري ڪڏهن ايندين؟

- مون کي کهڙي خبر.

صبح مان ڏاڍو دير سان اٿنديس. سچ ڏاڍو سور آهي. جڻ دماغ جي وساڻن ڪوئلن ڪي ڪو لوهر ڏمڻ سان هوائون ڏيندو ٿو وڃي. هينئر ئي موڪلائي تا چڙيون. هوءَ اٿڙندي، نراڙ تي هٿ ڏئي هڪيءَ ڪان ايندڙ رڙ گهٽيندي نڪري ٿي وڃي.

۽ آئون ڪيسٽ بند ڪري هنڌ تي ڪري ٿو پوان جلدي جاڳڻ لاءِ!

ان ڪري ته مون کي خبر آهي ته اسين جيئڻ چوندا آهيون، ائين ئي ڪندا آهيون.

ٽانڊاڻي جي لاٽ

روز وهندو آهي، وهائوءَ جي واٽ وٺي.
دونهين دکايو، پونگي جي ٽنپ کي ٽيڪ ڏيو، پيو واجهائيندو آهي، رات جي پوئين پهر ۾ پنيرڪي اوير جي اونداهي پولار ڏانهن، وهائوءَ جا گهاٽ جهليو.
ڏسڻ ٿو چاهي، اک ڇنپ واريءَ وار وڇوٽيءَ کان به سنهڙيءَ ان ريکا کي، جنهن پل، ڌوڙ ڌئيءَ جي جهول وارن انهن اونداهن ڪوهيڙن جي تهن منجهان تارا، تر، تڙوڪٽيون هڪ هڪ ٿي، ماڪ ڦڙجي ڇٽڻ لڳندا آهن هيٺ ڌرتيءَ تي ۽ اوير کان ڪڄندو آهي وهائو تارو، تر جيان، ڏيئي جي واٽ جيان ٽمڪندو، سوت سوت متي چڙهندو، اوير جي ڪاپار سان وڃي لڳندو آهي ۽ پنيان ڊوڙندي اٿس، لاک رنگ باک جي ڳاڙهاڻ.
ڏسڻ ٿو چاهي، وهائوءَ کي رنگن جي پاتار ۾ پيهندو. سوت سوت پره جي آجهاڳ ڳاڙهاڻ ۾ لڙهندو!
وينو آهي، اک وجهيو، ڌرتي ۽ آڪاس جي سنگم واريءَ ڦاڪ ۾، اونهي اونهي، ڌوڙ ڌئيءَ جي جهول جي ڪک ۾. پاڳل!..... وڏي وڏي گول سج جيان، تر جيڏي وهائوءَ کي به ته رات جي اونداهين مان سوت سوت ڪني ڪيندي ڏسڻ ٿو چاهي ۽ سوت سوت لاک رنگ باک جي ڳاڙهاڻ ۾ هوريان هوريان ٻڏندي ڏسڻ ٿو چاهي! مي مت.... پريو اٿس متو!...... ان اک ڇنپ واريءَ وار وڇوٽي کان به سنهڙيءَ پل کي به وقت جي حساب ۾ ٿو آڻڻ چاهي. ان لاءِ به ڪي ماپ ۽ ڪاتنا ۽ گهڙيال ٿو مقرر ڪرڻ چاهي. جا پل ڪنهن نه ڏني، ڪنهن نه ٻڌي، ڪنهن نه ڳڻي، جا پل آهي ڳاڻيٽي کان ٻاهر!
پلا اڄ تائين ڪنهن هڪ پل کي ٻي پل ۾ داخل ٿيندي ڏٺو آهي؟ ڪو ٻڌائي سگهي ٿو ته ٽانڊيءَ مان نڪرندڙ ڪوريئڙي جي ڄار جي تار کان به سنهڙيءَ دونهين جي ڌار کي تهه تهه ٿي هوا ۾ تحليل ٿيڻ ۾ گهڻا پل لڳندا آهن؟ ڪو ٻڌائي سگهي ٿو ان ڪن جو مدو؟ نه ڪو به نه...... ان لاءِ ته اهي پل وقت جي ڳڻپ جي حسان کان ٻاهر آهن. ائين، جيئن هي اگهور پولار فاصلن ۽ حدن جي حساب کان ٻاهر آهي! ڪوئي ٻڌائي سگهي ٿو ان ڪن جو مدو؟ نه ڪو به نه..... ان لاءِ ته اهي پل وقت جي ڳڻپ جي حساب کان ٻاهر آهن. ائين جيئن هي اگهور پولار فاصلن ۽ حدن جي حساب کان ٻاهر آهي! ڪو ٻڌائي سگهي ٿو ته ان جو ڇيهه ڪٿي آهي؟ پلا جي روشني جي رفتار کان به هزارين ڀاڱا وڌيڪ تيز راڪٽ پولار ۾ ڇوڙي ڇڏجي

ته اهو انهيءَ اڪٿ پولار جي حدن مان ڪڏهن نڪرندو؟ ڪيترين ڪروڙين پدم صدين ڪان پوءِ؟ ناهي سگهجي تو ڪو اهڙو انگ؟.....

سوچن جي سمونڊ جي پاتار ۾ ٻڏاڻو، وينو آهي ذرتيءَ ۽ آڪاس جي سنگم واري ڦاڪ ۾ اک وجهيو.

پلا هڪ پل ٻئي پل ۾ ڪڏهن پيهندو آهي؟ يا هڪ پل ٻئي هل ڪان ڪڏهن ڇڄندو آهي؟ اک چنپ ۾ ڇا مان ڇا ٿيو وجي. اک چنپ ۾ الائي ڪيترا هزار پل گذري ويندا آهن. هر پل ٻئي پل ۾ داخل ٿي، مري ڪپي ويندو آهي. ان پل ڪي ڪوبه موتائي نٿو سگهي. پوءِ اسين ڇو ٿا وسهون ته ڪڏهن نه ڪڏهن اسين وقت کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏينداسين؟ ڪلاڪ ۾ سٺ منٽ اهن. هر منٽ ۾ سٺ سيڪنڊ آهن. هر هڪ سيڪنڊ ۾ گهڻا پل آهن ۽ ان هر پل جا گهڻا حصا آهن؟ اهي حصا جي پاڻ ۾ ڪڙي ڪڙيءَ سان ملندا پل، سيڪنڊ، منٽ، ڪلاڪ، ڏينهن، هفتا، مهينا، سال، صديون ٺاهيندا آهن. اهي پل ڪيڏا قيمتي آهن، انهيءَ جو اسان کي ڪوئي احساس ڪونهي. نٿا ڄاڻون ته هڪ تارو ڪڏهن ۽ ڪيئن سوت سوت ڪني ڪدي آسمان جي وسعتن ۾ چمڪندو آهي. ڪڏهن ۽ ڪيئن آسمان جي ويڪراڻ ۾ ٻڏي ويندو آهي. اهو پل ته اکين آڏو ترورا آڻي ڇڏيندو آهي. نيڻ نه چاهيندي به ڇنيجي ويندا آهن. اچانڪ اسين ڏسندا آهيون ته ستارا ٽمڪن پيا! اچانڪ اسان کي خبر پوندي آهي ته ستارا هڪ هڪ ٿي نپ جي وشال رنگينين ۾ گم ٿيندا وڃن. وهائو الائي ڪڏهن ۽ ڪيئن، ڪهڙي پل اوير ڪان ڪجندڙ ڳاڙهاڻ ۾ لڙهي ويو، بس اسين رڳو باک جي رنگن کي ڏسندا رهجي ويندا آهيون. نه ڄاڻي ڪوريئڙي جي ڄار جي تار ڪان سنهڙي ان پل ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن رات لڙڪ لاڙيندي ڏينهن ڪان جدا ٿي ويندي آهي؟ بس اسين رڳو اوير ڪان سج کي ٻڇ لهرائيندي، سوت سوت ذرتي ۽ آڪاس واري ڦاڪ مان ڪني ڪيندي ڏسندا آهيون. (سج، جو سيڪنڊن ۽ منٽن جي قبضي ۾ آهي) اسين رڳو اک ڦلڙين، گل ٻوٽن، وڻن جي پنن ۽ لئيءَ جي ٿارين مٿان ماڪ ڦڙا چمڪندا ڏسندا آهيون......

لئيءَ جي ٿارين جي ٻر ٻر ڦوندن ۾ ڦاٿل ماڪ ڦڙا ڪيڏا نه سهڻا لڳندا آهن. ڄڻ اڻميا امل ماڻڪ پيا جرڪن. ڄڻ هڪ هڪ تارو، آسمان مان ڇڻي اچي لئيءَ جي ڦوندن مٿان لڙڪي پيو هجي!

سڀ ستارا اننت اونداهين مان ايندا آهن ۽ اونداهين ڏانهن هليا ويندا آهن. (حد ڪان وڌيڪ روشني به ته اونداهي آهي) اسين به اونداهين مان ايندا آهيون. (شايد هن پولار جي لاحد چيڙهن ڪان به پري ڪان!) ۽ نه چاهيندي به اونداهين ڏانهن هليا ويندا آهيون. اسان جي اڳيان

۽ پنيان اونداهيون مانگر مڇن جيان وات ڦاڙيو بيٺيون آهن. اسين سڀ وقت جي خوفناڪ پل صراط جي ترار ڪان تکي ڌار جي مٿان بي خيالا بيٺا آهيون. اسين انهن اونداهين جو ڪاڄ آهيون.

ٽٽل ستاري جيان اڪيلي، اسان ڪي اونداهين جي وات ۾ وڃڻو ئي پوندو. ڪو نٿو ڄاڻي ته هو ڪٿان آيو آهي؟ ڪوبه نٿو ٻڌائي سگهي ته هو ڪيڏانهن وڃڻو آهي! بس ائين ئي هرڪو ماڻهو پنهنجي لاءِ ڪا وات ناهيندو آهي. مون به ته پنهنجي لاءِ هڪ رستو چونديو آهي. مان وهائوءَ جي وات وڃڻ چاهيان ٿو. وهائو، جو ويندي ويندي ڦهلائي ويندو آهي روشنيون. پنهنجي وجود جي شڪتي سان ڪري ويندو آهي اوپر ڪي ڳاڙهو ڪهنبو!

اوپر ۾ واجهائيندي، اچانڪ محسوس ڪري ٿو ته وهائو ته تمام گهڻو مٿي چڙهي ويو آهي، ڇڄڻ لڳا آهن ستارا، هڪ هڪ ٿي پولار جي انڌن ڪوهيڙن مان ۽ هوائن ۾ ماڪ گهلڻ لڳي آهي. وري ويڙهي وجينس ٿو هڪ وڏي ناڪاميءَ جو احساس. محسوس ٿئيس ٿو ته هو نه ڄاڻي ڪيترا قيمتي پل وڃائي وينو آهي. هر پل ٻئي پل ڪان ڇڄندو وڃي. هر ستارو ٻئي ستاري ڪان وڇڙندو وڃي، جدا ٿيندو وڃي.

هن ڏٺو، اچانڪ هڪ ننيڙو نڪٽ، لڙڪ جيان ڇٽنگون ڇڏيندو هيٺ اونداه جي پاتار ۾ گم ٿي ويو. اچانڪ هن کي خيال آيو:

هنن ستارن ۽ اسان جي زندگين ۾ ڪيڏي نه هڪجهڙائي آهي. ڪيڏو نه ميلاپ! اسين به ته انهن ستارن جيان اٿاهه گهگهه ۽ گهپ اونداهين مان ايندا آهيون، روشنيون ڦهلائڻ لاءِ ۽ اونده جي پاتار ۾ لڙهي ويندا آهيون. اسان ۾ به ته ئي ساڳي جلڻ ۽ جاڳڻ جي هير آهي! بس فرق رڳو ايترو آهي ته اونده جي ڦهلجندي ئي سڀ ستارا هڪدم پنهنجي ماڳ تي مڙي ايندا آهن، پر اسين جي ميڙا پيچي هڪ وار هڪ ٻئي ڪان وڇڙون ته پوءِ ڪڏهن نٿا مڙون، ڪنهن دڳ ماڳ ۽ مارڳ تي نه. ڪنهن ٿان، ڪنهن مڪان تي نه! ائين ڇو آهي؟ اونداهين کي ٽوڙي ڊاهڻ لاءِ وهائوءَ جي وات ونئي ڪيترا ماڻهو آيا هئا. ڪهڙا ڪهڙا ديپ دکيا هئا ۽ اڄ ڪيڏي نه گهگهه اونداهي آهي، ڪيڏي نه موت جي ماٺار.... (اونده کان گهبرائجي وجيس ٿو من) ۽ اچانڪ من تي تري اچنس ٿيون روشنين جون ساروڻين پنيان ساروڻيون.... هانءَ تي هري ٿا اچنس، مري ويل پل:

جڏهن روشنين تي سنگينن جا پهرا هئا، جڏهن اونده جا ديوتا ڪوريئڙن جيان، اونده جا ڄار اڻي رهيا هئا، تڏهن هو اونداهي جي پولار جي الائي ڪهڙن چيرهن کان پٽڪندو، ازل جا آواز سڻي آيو هو. ٽانداڻن جا ترورا ڏسي، تارن جي لاٽ ڏسي، ڏيئا ڏيئا ڳات ڏسي، تڏهن هن

محسوس ڪيو ته هو پاڻ به ٺمڪي پيو. تڏهن هن محسوس ڪيو ته هو هڪ شڪتي آهي، طاقت آهي..... هو پنهنجي مشعل مشعل ساٿين سان گڏجي هن اونداهي ڪنڊ ڪي سدا لاءِ روشن ڪري ڇڏيندو ۽ هو پاڻ به ٻين ننڍڙن ننڍڙن ستارن جيان هڪ تمام وڏي ٻرندڙ، دهڪندڙ، شعلا شعلا گرهه جي چوڌاريءَ گردش ڪرڻ لڳو. ائين ٿي پاسيو جڻ اونداهي ڪنڊ ۾ روشنين جي ڪير ڌارا پلٽي پئي هئي. هوائن ۾ هزارين جڳ مڳ، جڳ مڳ گيت گهلي ويا. ڌرتيءَ جا گيت، لوهه لڱين انسانن جا گيت، روپاهين ۽ رڪاهين ٻانهين جا گيت، اجهل آزاديءَ جا گيت، سون ورن سنڌوءَ جا گيت. ڪڏهن نه ختم ٿيڻ وارا، اجهل روشنين جا گيت. پلا ڪو چئي سگهيو ٿي ته اهي گيت ائين ئي اونداهين جي سمونڊ ۾ لڙهي ويندا؟ موت جي مانار ۾ پيهي ويندا. هر هڪ روح ڪي تنها ڇڏي!

اچانڪ ويڙهي وجينس ٿو تنهائيءَ جو احساس. روح ڇيپائيندڙ هڪ گهگهه اوٽنهيهه اونداهي ٻاٽ جو ڪارو ۽ ڪؤڙو احساس. اندر جي پاتال جي گهراين مان نڪري وجينس ٿي دانهن: آهه....... اهي سڀ گيت ڪيڏانهن ٻڏي ويا؟ ڪيڏانهن ويا اهي روشنين جا پيغامبر؟ ڪو نئون سج ايارڻ ڪان اڳي ڪهڙي اوندهه جي پاتار ۾ لڙهي ويا؟ ڪٿي آهن اهي تانداٽن جا ترورا؟ ڪٿي آهي اها تارن جي لاٽ؟ ڪٿي آهن اهي ڏيئا؟ ڏيئا ڳاٽ؟ چو...... اڄ چو آهن وڏا وڏا ڳاٽ جهڪيل، سجدي ۾ ڪريل؟..... چو آهي ايڏي اونداهي؟ چو آهي ايڏي موت جي مانار؟ جڻ ڪڏهن ڪو ميڙو ئي نه متو هو، مارڳ تي ڪا دونهين ئي ڪانه دکي هئي. دڳ دڙن تي ڪو ڏيئو ئي ڪونه ٺمڪيو هو. جڻ پولارن ۾ ڪٿي ڪو پڙاڏو ئي پئدا نه ٿيو هو، جڻ ڪو سندر سپنو هو، ٻارڙن جي اکبوٽ راند هئي، بي سبب، بي مقصد...... بي معنيٰ.......

ڪو سانگ ساري، آلائي وجنس ٿا نيڻ.

اچانڪ ڏسي ٿو وهائو آهي ئي ڪونه. اوير ۾ ڦهلي پئي آهي رت ورني، لاک رنگ باک. ويڙهي وجيس ٿو قيمتي پلن جي وجائجي وڃڻ جو احساس. لئيءَ جي تارين ۾ ماڪ ڦڙا ڏسي لڙي پونس ٿا نيڻن مان لڙڪ. نٿو چاهي اوير ڪان ڌرتي ۽ آڪاس جي سنگم واري ڦاڪ مان سج ڪي سوٽ سوٽ ڪني ڪيندي ڏسڻ. (جنهن جي روشني قيد آهي) اندر مان وري دانهن ٿي ايريس. آهه..... هي دوزخ جو دونهون ڪڏهن ختم ٿيندو، ڪڏهن ايرندو سک جو سورج؟ ڪڏهن ٿيندو هي اونداهو ڪنڊ روشن؟

اچانڪ اوير ڪان منهن موڙي، ڪڇن ۾ هٿ هٽي، واسري ۾ ڏڪندو لڳو آهي هلڻ، اولهه ڏانهن. (جتان وننديي آهي رات جنم) وري ڪا واٽ ڳولڻ لاءِ ڪو مارڳ ملهائڻ، ڪا جوت

جاڳائڻ لاءِ وجي پيو. ٽانڊاڻي جي ٽمڪاٽ جيڏي آس ڪنيو، تارا تارا لاٽ ۾ ڏيئا ڏيئا ڳاٽ ماٿهن جي تلاش ۾ وجي پيو تڪڙو تڪڙو وڪاريندو. ڪا نئين چٽنگ ٻارڻ لاءِ:
جڳن ڪان،
اوندهه جا ديوتا،
ڪوريئڙي جيان،
اڻن پيا، اوندهه جا ڄا!

هڪڙو سوال

انهيءَ ڍنڍ جي ڏاکڻي پاسي کان وٽن جو هڪ وڏو گهاٽو جهنڊ هو. مون ٻڌو هو ته اتي پرين جو آستانو آهي. جيڪو به ماڻهو چانڊوڪين راتين ۾ انهيءَ پاسي نڪري ويندو، پريون ان جو ڪنڌ پٺي ڇڏينديون! تنهن ڪري ڍنڍ جي انهيءَ پاسي ڪوبه ڪونه ويندو هو.
هڪڙيءَ چانڊوڪيءَ رات جو آئون ٿلندو ڍنڍ جي انهيءَ پاسي نڪري ويس.
ٿڌڙيءَ، اٽلڪيءَ هير ۾ ڍنڍ جو جرڪندڙ پاڻي لهرون هڻي رهيو هو ۽ انهيءَ جي مٿان ننڍاڪڙا ڪنول هندوري ۾ ستل ٻارڙن جيان اکيون ٻوٽي، مشڪي رهيا هئا. لهرون ڪناري سان ٽڪرائجي، ڪين لوليون ڏئي رهيون هيون. ڪناري تي بيٺل نم ۽ سرنهن جا وڻ، حبشي ٻانهن جيان بيٺا، پنهنجين سرهين، ٻور ڀريل ٽارين سان ڪين پکو هڻي رهيا هئا ۽ پورنماسي چنڊ جو اولڙو لهرن تي ڪنهن مصري نچڻيءَ وانگي ٿڙڪي رهيو هو.
ٿوريءَ دير لاءِ مون خيال ڪيو، فطرت جو سينو ڪيترو نه وسيع آهي. هوءَ ننڍڙين ڊين کي پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ڪيڏا نه سامان ٿي پئدا ڪري!
۽ مان زندگي ۽ ان جي حسن جي باري ۾ سوچڻ لڳس..... اسان جي هيءَ دنيا ڪيتري نه حسين آهي. پوءِ به اسان جي زندگيءَ ۾ حسن جو حصو ڪيترو نه مختصر آهي. جڻ ڪنهن گهاٽي اونداهي ٻيلي ۾ ٽانڊاڻي جو هلڪو ٽمڪاٽ، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسين سڀ هڪ ٻئي جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهيا هجون.
۽ مان زندگيءَ جي اٿاهه اونداهين ۾ گم ٿي ويس، جتي ملن ۽ مالگدامن جي ڀيانڪ، گڙگڙائيندڙ گوڙ ۾ هر گهڙيءَ جي موڙ تان هزارين بکيا ۽ اگهاڙا، اپاهج ۽ بيمار چهرا، بدروحن وانگي منهنجو پيڇو ڪري رهيا هئا، جي ازل کان سوالي نشان بنجي، منهنجي اڳيان اچي بيهي رهندا آهن ۽ جن کي اڄ ڏينهن تائين مان ڪوبه جواب نه ڏئي سگهيو آهيان.
انهن جي ڀيانڪ تصور کان ڊڄي، مان ويرانن ۽ قبرستانن ڏانهن ڀڄي ويندو آهيان، جتي مون کان ڪوبه ڪنهن به قسم جو سوال نه پڇي سگهي – جتي ڪوبه مون کي پنهنجا غمناڪ افسانه نه ٻڌائي. هتي اچي، مان زندگيءَ جو سمورو ڏک ۽ درد ڀلجي، فطرت جي حسين نظارن ۾ گم ٿي ويندو آهيان.
مان ڍنڍ جي ڪناري تي نرم ڪلرائيءَ واريءَ مٿان، سيرانديءَ کان ٻانهن ڏيئي، نئون سنئون ٿي، ليٽي، مٿي حد نظر تائين ڦهليل، گول، پورنماسي ڀڙاءَ کي تڪڻ لڳس. چوڏهينءَ جو چنڊ، ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦاٿل ٽانڊاڻي جيان، ڪڪرن ۾ ڦاسي، جڻ ڦٽڪي ساڻو

تي پيو هو ۽ تارا ائين ٽڙي پکڙي ويا هئا، ڄڻ ماڪيءَ جي ماناري ۾ ڪنهن پٿر اڇلائي هنيو هجي. مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون. سامونڊي هوائن ۾ گهليل ڏکڻ جي هير منهنجن وارن ۾ سر سر ڪري، منهنجي ٿڪل ۽ اپاهج ذهن کي سمهارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ منهنجين اکين جا پنبڻ ڳرا ٿيندا ٿي ويا.

اوچتو، هوا ۾ سرسراهٽ پيدا ٿيڻ لڳي ۽ ان سان گڏ ئي فضا ۾ موسيقيءَ جهڙن ٽهڪن جو آواز گونجي ويو. مون ڇرڪي، مٿي آسمان ڏانهن نهاريو – ست سونهري پرن واريون پريون ڊنڊ تي لهي رهيون هيون! آئون هڪدم ڊوڙي، گهاٽين ڄارين جي جهنڊ ۾ لڪي ويهي رهيس. ست ئي پهريون پنهنجا سونهري کنڀ پکيڙينديون، ڪونجن جي وڳر وانگي گول دائرو ٺاهينديون، اچي ڊنڊ تي لٿيون.

انهن مان هڪ پري، جا سيني کان ننڍڙي ۽ معصوم ٿي لڳي ۽ جا شايد پهريون دفعو آيل ٿي ڏٺي، خوشيءَ کان تاڙيون وڄائي چوڻ لڳي: "آه، هيءَ انسانن جي دنيا ڪيڏي نه حسين آهي – انسان ته الائي ڪهڙا هوندا."

تڏهن هڪ پري، جا سيني کان حسين ٿي ڏٺي، وراڻيو: "نه، منهنجي معصوم پري، تو رڳو انسانن جي دنيا ڏٺي آهي. پر جي انسانن جي زندگيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسين ته هوند هيڏانهن منهن به نه ڪرين!" ۽ مون محسوس ڪيو ته ننڍڙيءَ پريءَ کي اهو ٻڌي ڏاڍو رنج ٿيو.

پوءِ ست ئي پريون پنهنجن سونن روپن جسمن تان ڪيمخواب ۽ اطلاس جا وڳا لاهي، ٽهڪڙا ڏينديون چاندوڻيءَ ڇر تي ترڻ ۽ تڙڳڻ لڳيون.

مان ڪيتريءَ دير تائين اهو دلفريب منظر ڏسندو رهيس. منهنجي دل ۾ هڪ خيال آيو ۽ مان گهاٽين ڄارين جي اوٽ وٺي، لڪندو اچي پرين جي جرڪندڙ ڪپڙن تي مڳ ٿي ويهي رهيس. ٻيون سڀ پريون جوتي ڪلچ تي رقص ڪنديون، ترنديون، پري پري تائين نڪري ويون هيون، رڳو ننڍڙي پري مون کان ٿورو پري، آسپاس جي ماحول کان بيخبر، بيدليءَ سان ڇنڊا اڏائي رهي هئي. شايد هوءَ اجا تائين انسانن جي باري ۾ سوچي رهي هئي. مون هڪ ننڍڙي کڪري ڪٽي، آهستگيءَ سان سنڀالي هن ڏانهن اڇلائي. هن ڇرڪي مون ڏانهن نهاريو ۽ ڊڄي، وٺي سريلي آواز سان رڙيون ڪيائين. هن جي آواز تي اک ڇنڀ ۾ ڇهه ئي وڏيون پريون ڊوڙي آيون ۽ مون کي حيرت ۾ ڏسڻ لڳيون.

انهن مان هڪ پري، جا سيني کان حسين ٿي لڳي، اکيون گهريون نيريون ۽ وار سونا ۽ مٿي تي راڻين وارو مڳٽ هوس، ڪاوڙ مان تپي باه ٿي چوڻ لڳي: "ڪير آهين تون؟ مان توکي

پنڌ پورو ڪري ڇڏيندس! توکي هتي اچڻ جي همت ڪيئن ٿي؟" ڪاوڙ ۾ هوءَ اڳي کان به وڌيڪ دلڪش لڳي رهي هئي.

"اي روشنين مان آيل اپسرا! مان شاعر آهيان. مون وٽ ڪجهه سوال آهن، جي مان توکان پڇڻ چاهيان ٿو. پهرين مون کي انهن جا جواب ڏي، پوءِ ڀل مون کي پنڌ پورو ڪري ڇڏج."

پري منهنجي انهيءَ جرئت تي ڪجهه حيران ٿيندي، مون ڏانهن نهاريو ۽ ڏاڍيءَ بيرخيءَ سان چيائين: "جي تون شاعر نه هجين ها ته مان توکي چٽي جيڏا داڻا ڪري ڇڏيان ها. هاڻ جلدي پيچ جو پڇڻو اٿئي، پر ڪو به سوال احمقاڻو نه هجي."

مون سوال ڪيو: "زندگيءَ کي حسين تر بنائڻ لاءِ سڀ کان بهتر ڪهڙو اپاءُ ٿي سگهي ٿو؟"

پريءَ ڪجهه سوچي وراڻيو: "پيار ۽ امن. پر مون توکي چيو هو، ڪوبه سوال احمقاڻو نه ڪجانءِ. اهي ٻئي شيون توهان وٽ ناياب آهن. اي موڳا شاعر، مرض رڳو علاج معلوم ڪرڻ سان نه، بلڪه دوا حاصل ڪرڻ سان ختم ٿيندو آهي. هاڻي ٻڌا، اهي ٻئي شيون آهن اوهان وٽ؟"

ست ئي پريون منهنجي منهن ۾ نهاري، وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون. منهنجين اکين آڏو اونده اچي ويئي. مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن زورائتي ڌڪ منهنجو مٿڪو پيجي وڌو هجي. مان هڪ وڏي رڙ ڪري جاڳي پيس.

پنيرڪي جو دونهاٽيل آسمان پنهنجي وڏي وات سان هڪ هڪ ڪري، چنڊ ۽ ڪتين کي ڳڙڪائي چڪو هو. سج جا تيز تکا تجلا ڏيندڙ بڇڙ، اپرندي کان لهرائي رهيا هئا ۽ سڄو افق جنگ جي ميدان وانگي رتو ڇاڻ ٿيو پيو هو.

هڪ ڪن جو سفر

سنڌو ڏاڍي سندرتا سان وهندو ٿو وڃي، جيڪو سڀ کان وڏو مهان ۽ مهربان درياهه آهي. سنڌو جيڪو آدجڳاد کان ندين جو بادشاهه پئي رهندو آيو آهي. اباسين، سپتا سنڌو، هپتا هندو، درياهن جو پيءُ!...... ويڪ؟ ڪالن کان.

(مانار سان ٽپتار هڪ ذهن جو پڙلاءُ)

هون!..... اخر ايڏي نفرت ڇو؟ هڪ تاريخي پونءِ سان، آدجڳاد کان وهندڙ سنڌوءَ کان. سنڌو جيڪا جڳن جي الهي وجڻ کان پوءِ ايرڻ لاءِ اوشا جيها سانپاها پئي ڪري، نئون سج اپارڻ لاءِ. ماڻهوءَ کي ڪجهه به ٻڌائي سگهجي ٿو، پر سنڌوءَ کي علاقائي ڪيئن ٿو ٻڌائي سگهجي؟ جنهن جي رڳو بوبڪ جي تماڪ ايڪسپورٽ ڪري، ساري دنيا کان پيٽرول جي پورت ڪري سگهجي ٿي. علاقائي!..... ڇا سنڌو جي نالي تان برصغير مٿان هندوستان نالو نه پيو؟ يلا تاريخ کي به ڪا للڪار آهي ڇا. سنڌ، هند، اندس، درياهه شاهه جي انهن نالن کان ڪهڙو ماڻهو انڪاري ٿي سگهي ٿو؟

ڪن لاءِ هن جي مک تي روئڻهار مرڪ ڦهلجي ٿي وڃي. نفرتن پريل، ڏڪار سان اوتيل.

۽ ناؤ سانوڻيءَ جي سنڌوءَ ۾ ٻڏندي اپڙندي ٿي وڃي، سير وٺيو، گهوٻاٽيون کائيندي.

- ڇو يلا!........ ايڏي مانار ڇو آهي؟ تون ڪهڙين سوچن ۾ لڙهي ويو آهين؟ ڇو گهرايو اٿئي مون کي؟ ڪهڙي ڪارج لاءِ؟......

(........ ....)

۽ ڇوليون ڇڙواڳ ناؤ کي پنهنجي مهاپاري وهڪ سان وجن ٿيون ڇل ڇل ڇوليندڀون. پنهنجي ڳالهه جو جواب نه ملڻ ڪري لاجونتي وري پٽڪو ٿي ڪري. ڪجهه سختيءَ سان:

- تپن چپ ڇو آهين؟ ڳالهائين ڇو نٿو؟
- آخر ڇو؟........ ....

- مان..... مان گوناگون سنڌوءَ جي وهڪ ڏسي، بيئنل پانيءَ تي سوچي رهيو آهيان. سينور هاٽي سائي سائي گدلي بيئنل پاٽيءَ تي.

- مان فلسفو ٻڌڻ جي موڊ ۾ نه آهيان. ٻڌاءِ ته ڇا ڳالهائڻو آهي؟ تنهنجي چئيءَ مطابق ته اسين هتي ڪو مسئلو سلجهائڻ آيا آهيون. ها نه؟.......

- ها ...... پر مون لاءِ ڪو مسئلو، مسئلو نه هوندو آهي. شايد ان ڪري ته مان غير علاقائي ماڻهو آهيان. مان مسئلن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي نٿو سگهان. ان ڪري ته مسئلا نبيرڻ جي مون ۾

پوري شڪتي پريل آهي. منهنجي رڳن ۾ رت نه سنڌو وهندو آهي. مان مسئلن جي انهيءَ چڪڻ کان مڪت آهيان.

- پر مان ته مڪت نه آهيان. ٻڌاءِ نه، مون کي مڪتي ڪيئن ملندي، ڇوٽڪارو؟

- هيترن سالن کان پوءِ اسين وري ڇو مليا آهيون؟!

- ڇو؟...... لاجونتيءَ کي ڄڻ جهڪ ٿا اچن ۽ پتيلو ڪنن ۾ گهوماٽيون ڪائيندو جهلندو ٿو وڃي. لاجونتيءَ جي اندر ۾ ڄڻ ڄيرا پرجي ٿا وڃن. هوءَ آڪاس ۾ نهاري ٿي، بيزاري مان چنڊ ۾.

۽ چنڊ ۾.

۽ چنڊ جون روشن ٽڏيريون ٽڏيريون ڇاٽون پرئين پار ڪان ڇوليءَ ڇوليءَ مٿان ٽڙ ڪنديون، سون پلٽائينديون، ناؤ کي ڇهنديون ٽيون وڃن. درياهه ۾ ڄڻ هڪ سون ڏارا ڏوڪيندي پئي اچي. ٽلڪندڙ ٽمڪندڙ سون ڏارا. پر لاجونتي کي چين نٿو ملي. سندس اندر ۾ ڄڻ ڄيرائي ڄيرا پرجندا ٿا وڃن ۽ ٻيا آهن ڳوڙها جي لاجونتيءَ جي ٽانداٽين اکين ۾ ڦاسي اٽڪي ويل، ٽمڪندڙ ڳوڙها، ڪڪوريل نيٽن جا.

- تون روئين پئي؟

- نه...... نيٽن ۾ ڇوليءَ جي ڇاٽ لڳي وئي آهي. تون..... تون ناؤ کي ڇولين ۾ ائين ڇڙواڳ ڇو ڇڏي ڏنو آهي، ٻڌاءِ نه ڇو؟......

(لاجونتي ساڙهيءَ جي پلو سان مٿو ڍڪيندي ذري گهٽ راڙو ٿي ڪري)

- پر مون ته توکان اهو به ڪين پڇيو آهي ته تو مون لاءِ سوچن کي ڇو ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو آهي؟ ڇا تون اهو پسند ڪندينءَ ته اسين هڪ ڀيرو وري اندر هاگاما ۽ هور ڪٽي، وري سدا لاءِ وڇڙي وڃون؟ وري ڪڏهن به نه ملڻ لاءِ.

- ها، ان ڪري ته مان وري ڪنهن واڇوڙي ۾ ڦاسڻ نٿي چاهيان. تون وري ڪو طوفان اپارڻ ٿو چاهين.

- طوفان...... ڪهڙو طوفان؟ اڄا آيو ڪٿي آهي؟

- ڇا!..... ڇا اها هڪ وڏي مها پرلئه نه هئي، جنهن ۾ اسين لڙهي ويا هئاسين. مون کي ٻپ ٿو ٿئي. اسان کي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي وڃڻ گهرجي. سچ اسان ٻنهين لاءِ اهو ئي رستو مناسب آهي. ڳالهه ڪندي لاجونتيءَ کي ڄڻ ڪنڪا ڪائيندا ٿا وڃن.

- لاجو! طوفان ايندا آهن، گذري ويندا آهن، وري موٽي ايندا آهن ۽ اها ڳالهه شيام ڏاڍي ٺهمر سان ٿو چوي. ڏاڍي نرماڻ مان. وڏي سوچ سان ۽ شيام جي ڳالهه تي لاجوني اشانت ٿي مٿي

نپ ۾ نهاري ٿي. متي اگهور پولارن ۾، جتي سپ نڪيتر ڪيس ٻڏاٽا ٽمڪندڙ تا نظر اچن. وڏو وڏو پولار ڪيس ڪنهن ڪين ڪن جيان ٿو لڳي. اچانڪ هوءَ وڏهوڙجي ڦاٿ ٿي ڪائي:
- نه...... نه، پهرين اهو ٻڌاءِ ته تو ڪملا کي ڇو موڪليو، ڪهڙي ڪارج لاءِ؟ منهنجو خيال آهي ته هر مرد جو عورت ۾ هڪ ئي وڏو ڪم پوندو آهي، سيڪس. ڇا توکي سيڪس گهرجي؟.......
۽ ڪن لاءِ شيام ڏاڍي مانار سان لاجونتيءَ ۾ نهاريندو ٿو رهي، وڏي گنڀيرتا سان.
- سيڪس، تون ٺيڪ ٿي چوين. عورت هجي يا مرد، سيڪس ڪنهن کي نٿو گهرجي. پاڻي پيڻ جيان سيڪس به هڪ نيچورل نيڊ آهي. پر هن ويل ٿو اهو سوچيو ڇو؟
جڏهن ته اسان ٻنهين جي وچ ۾ اهڙو ڪو رشتو، ڪا ڳالهه ٻولهه آهي ئي ڪانه! شروع کان. ٻڌاءِ نه تو سيڪس کي وچ ۾ ڇو آندو؟ شيام گهور ٻڌي منجهس نهاريندو ٿو رهي.
- ائين ئي، جيئن تو منهنجي مرضيءَ جي خلاف مون کي هت آندو آهي. نيٺ به ته پلا مان ڇا سمجهان ته؟......
- نه، آئون توکي زوريءَ ته نه وٺي آيو آهيان. تون پاڻ نياپي تي آئي آهين. شيام ڏوراپيندر نيٽن سان لڳاتار منجهس نهاريندو ٿو رهي ۽ لاجونتي ڏاڍو بيچين ٿي، ڪوماٽيل نيٽن سان منجهس نهاريندي ٿي رهي.
۽ هن پر ڪان، چنڊ جا سونا تروزا سون ورن ڪير ڌارا جيان جر ۾ ٽڙڪندا، ناؤ ڌانهن جتان ڪٿان ڌوڪيندا تا اچن ۽ لاجونتي جڻ ڏاڍي لڄندي ٿي ڪومائجي ٿي وڃي. شيام ۾ نهاري نٿي سگهي. هوءَ وڏا جڪ ڪائيندي، ڪاوڙ تي قابو پائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري ۽ ڏاڍي ڌيرج سان سمجهائڻ واري انداز سان پڻڪو ٿي ڪري:
- ڏس نه شيام، هيترا سال گذري ويا آهن. سچ مان ته تنهنجا ساروپا به وساري ويٺي هيس. مڪ، سپ ساروٽيون! پوءِ ائين ڇو؟ اسين ڪو سانگ ساري هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا هياسين. ياد اٿئي نه؟....... ماڻهو سپ ڪجهه ايترو جهٽ نه وساريندو آهي. سمجهين پيو؟.....
- ها ها، گو ان، ڪيري آن.
- ڏس نه اسان...... پاڻ ته ان وهيءَ کي به پوئتي ڇڏي آيا آهيون. آئون سمجهان پئي ته تون وري ٻيهر منهنجي جيون ۾ داخل ٿي رهيو آهين. ها يا نه؟........

- ها، طوفان جڏهن به مئچوئر ٿيندو آهي، مهاپرلئه بنجي ويندو آهي. سمونڊن ۾ جهير وجهي ڇڏيندو آهي. اوشن ۾ ڪنوٽيون پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. سچ ته اهو آهي ته اوشن به تون آهين ۽ فئنڪاسٽي به تون آهين. تون چاهين ٿو اسين ٻئي ان لڙاٽ مان لڙهي نڪري وڃون.
- ڏس شيام، اسين ٻئي نه رڳو پنهنجي ملڪ لاءِ، پر نئين ٿهيءَ لاءِ ڏاڍا ريسپانسيبل آهيون.
- تمام وڏا جوابدار. اسان جي هڪ ننڍڙي حرڪت ساري وايومنڊل ۾ بدبو پئدا ڪري سگهي ٿي. ان ڪري ته سماجڪ ٻانڌڻن ڪان نه تون "مڪت اهين نه مان" ۽ لاجونتي وڏين آشائن سان لڳاتار شيام ۾ نهاريندي ٿي وڃي ۽ چنڊ جي گهٽيءَ چٽائيءَ سان سنجها تارو مانو ٿيندو ٿو وڃي. بتيلو پنور ۾ ڦاسي، هاليسي جي طاقتور دٻاو ساڻ گهومائي ڪائي ڪن جي گهيرٽ مان نڪري ٿو وڃي. چل چل چوليون بتيلي ڪي ڏڪ هٽي، چئني پاسن ڪان جڻ بتيلي ۾ ڏوڪڻ ٿيون چاهن ۽ وڏي جل چلڪاٽ سان هڪ چولي جي چاٽ جڻ لاجونتيءَ جي لڙڪن جي لج پاريندي ٿي وڃي ۽ لاجونتي پنل ساڙهيءَ جي پلو سان چهرو اگهڻ ٿي لڳي ۽ شيام هاليسو هلائيندي، ناؤ ڪي سڌو ڪري ٿو ڇڏي...... ۽ سانوٽيءَ جي ٽپٽپار سنڌوءَ ۾ ناؤ وڃي پئي ٻڏندي ايرندي.
- تون وري روئين پئي. مان..... مان ته توکي ايڏو ڪمزور ڪڏهن به ڪين سمجهيو هو. چو پئي منهنجي آئيڊيل سان ويساهه گهاتي ڪرين؟
- ۽ مون کي اڄ ائين پيو ڀاسي جڻ تون پاڳل ٿي ويو آهين. تون هڪ ئي پٽر سان منهنجي من مندر ۾ وهاريل مورتيءَ کي ڀور ڀور ڪري ڇڏڻ ٿو چاهين؟......
- مون ڪڏهن چيو آهي ته آئون ٺوڙ ڦوڙ ڪندڙ ماڻهو نه آهيان ۽ ٻڌ، مون کي روئڻ ڪان ٻچان ايندي آهي. سچ، هاڻ مان لپاٽ هٽي ڪيندوسانءِ.......
- هڻ ته سهي. تون ڪير ٿيندو آهين روئڻ تي پابنديون وجهڻ وارو؟ آئون چو نه روئان.... چو؟....... لاجونتي اکين تي هٿ ڏئي ڊڪون ڀري روئڻ ٿي لڳي.
- نه رو – ان ڪري ته تون جيتري حسناڪ آهين، روئڻ ويل اوترو ئي ڪوجهي لڳندي آهين، تون بزدل آهين.
- پر مان تو جيان اندر جي ڪوجهي ۽ ڪوڙهي نه آهيان.
- تون گيدي آهين، تون ئي چوندي هئينءَ نه ته ماڻهو پهارن ڪان ڏاڍو آهي؟......
- مان ڀچان ٿي ته ڇا روئڻ، ڪلڻ جيان نيچورل نه آهي ڇا؟......
- ته ڀوءِ نيڪ آهي، تون روئي وٺ، ڀوءِ ڳالهائينداسين ۽ ٻڌ، مون سان جي ڳالهائين ته ڀوءِ شاندار نموني سان ڳالهائجانءِ، جيئن ڪامريڊ ڳالهائيندا آهن.

- ڪامريڊ، اهو ته ڏاڍو سولو ۽ سهڪو لفظ آهي ڪامريڊ. اڄڪلهه جي ڪامريڊن کي ننڳيءَ ۽ دوکيبازيءَ کان سواءِ اچي ڇا ٿو؟ لاجونتي مرڪي ٿي پوي، لڙڪن سان مرڪي ٿي پوي ۽ چوليءَ جي ڇاٽ سان پيشاني اگهي ٿي ڇڏي.
لاجونتيءَ جي ڳالهه تي ڪڻ لاءِ شيام جڻ ڏڪرن ۾ ٿو اچي وڃي:
- گهٽ ۾ گهٽ ٻيو نه ته تنهنجي واتان اهڙا اکر ٻڌي ڪکي ٿي اچي. ٻڌاءِ...... تنهنجي وات مان اِهلو جملو ڪيئن نڪتو؟ تنهنجي مک تي سونهي ٿو؟ ايڏي!..... ايڏي تبديلي! اکين تي وشواس نٿو اچي. کن لاءِ ٻوڏار ۾ اچي شيام منجهس نهاريندو ٿو رهي، جڻ ڪا ناؤ پنور ۾ ڦاسي لڙهي وئي هجي. شيام منجهس نهاريندو ٿو رهي.
- ها، ائين سمجهه اها عورت مري کپي وئي.
- نه..... تون ڪيڏو به بهروپ ڌارين، چهري تي ماسڪ لڳائين، تون ساڳي اها ئي آهين. اجا ڪجهه بدليو نه آهي.
۽ شيام جي ان ڳالهه تي کن لاءِ لاجونتي جڻ ٽتي ٿي پوي. وات کان ڪي اجهيس ئي ڪين ٿو. اچانڪ هوءَ راڙو ٿي ڪري.
- نه...... هاڻ مون کي ڇڏي ڏيو. هاڻ مون ۾ اها سگهه ڪانهي. مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. مون کان دور ٿي وڃو. هٽي پري ٿيو مون کان......
نيڊِ به ڇو؟ اها غداري آهي، انقلاب سان غداري. تون ڪوڙي آهين، تنهنجي اندر ۾ ڪا ٻي عورت ٻولي رهي آهي. نيٺ به ته ڇو!؟....
- تون ڪير ٿيندو آهين انقلاب جي ڪسوٽيءَ تي ماڻهن کي پرکڻ وارو؟ مان تو سان ڪنهن به قسم جو سنٻنڌ نٿي رکڻ چاهيان. ڪنهن سان به نه. ڪنهن قيمت تي به نه. تون..... تون پنهنجو ڪارج ٻڌاءِ - تي سگهي ٿو هڪ ڪمزور عورت توکي گهڻو ڪجهه ڏئي وڃي. ٻيو ڪجهه نه ته ٻن کنن لاءِ ڪنهن سرڳ سمان سپني جهڙي ڪا آسيس.
ڇول ڇولان ڇولار، پرئين پار کان چنڊ جا ترورا ۽ ڇولين مٿان ڊوڙندڙ سون ڌارا.
۽ سون روپو سنڌو، گجگاهه ڪيو وهندو ٿو وڃي ۽ اواڪ سڏڪا، جڻ رڙندا ٿا وڃن، ڇئني ڏسائن ڏانهن.
- تون وڌ ۾ وڌ اڄ مون کي ڇمي سگهين ٿو.
- مون توکي ڪڏهن نه ڇميو آهي.
- پوءِ تون ڇا ٿو چاهين؟ ٻڌاءِ نه کهڙن نيوڪليئر ۽ نان نيوڪليئر ملڪن جا مسئلا ڪٽي آيو آهين؟ ڪيڏو نه وقت گذري ويو آهي. مون کي رڳو رڪشا تي چاڙهي ڇڏ.

۽ شيام ڪن جي گهيرات سان هاليسو سنپالي، هاليسي سان لهرن ۾ جهير وجهي ٿو ڇڏي ۽ بتيلو وڏو ڏڏڪو ڪائي، وڏي گهوماٽيءَ سان اپڙي ٿو اچي.

۽ هڪ ڇوليءَ جي ڇاٽ ٻنهين کي پسائي ٿي وجي. شيام لاجونتيءَ ۾ ڪن لاءِ ٽڪ ٻڌي نهاري ٿو. جڻ ڪيس پنهنجي ڪنن تي ويساهه ئي نه پيو اچي ۽ ڪيس سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڳالهه جي مهاڙ ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ هو هاليسو هٽندو، ڪارن ڪنن ڪان پاسو ڪندو ٿو وجي. ڪيئن سمجهائي لاجونتيءَ کي، لاجونتي جا ٽي؟!.....

اچانڪ آڪاس ۾ هڪ پکيءَ جي ڪيهه پئدا ٿي وجي ٿي. لاجونتي ۽ شيام مٿي نپ ۾ نهاريندا ٿا رکن. پکي ڪينهون ڪندو اپ ۾ اڏرندو ٿو وجي.

- ويچارو پکي شايد وڳر ڪان وڇڙي ويو آهي، آڪيرو ڪيئن ڳوليندو.... ڪيئن؟!......

- راتيارو آهي، پکين جي موسم اچي وئي آهي، ڪينجهر ڏانهن مهاڙ اٿس. پکي، پکيءَ کي سڙ ڪوهن تي ڳولي وٺندو آهي. فقط اسين وڇڙڻ ڪان پوءِ هڪ ٻئي کي ڳولي نه سگهندا آهيون، نه سمجهي سگهندا آهيون هڪ ٻئي جو آواز ۽ دور پولار ۾ ٻه ڏنڌلا پکي چنڊ جي سهائيءَ ۾ نيٽن ڪان اوجهل ٿيندا ٿا وڃن. ڪن لاءِ لاجونتي جڻ ڪنهن سپني سان ياد ۾ لڙهي ٿي وجي.

ڪينجهر،

پکي ئي پکي

سارو ڪينجهر ۽ پولار پکي ئي پکي.

ڊنڊ جڻ وڳا مٽائيندي ٿي وجي.

طرحين طرحين پکي اڏار سان پيٽرنز ناهيندا ٿا وڃن.

شيام ڪيس ڏنڌلو ڏنڌلو ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

اچانڪ لاجونتي سمڪ ۾ اچي ٿي. سپنو جڻ نسرجندي ڇڄي وجي ٿو.

لاجونتيءَ کي شيام ڏاڍو ڇٽو ٿو نظر اچي. ڪجهه ياد ايندي ئي لاجونتي وڏهوڙجي جڻ حڪم ٿي هلائي:

- ٻڌاءِ نه ڪهڙو ڪارج اٿئي؟ رات ٻئي پهر ۾ داخل ٿي رهي آهي. اسين يونيورسٽيءَ جا ماٺهو آهيون ڏاڍا اهم ۽ ريسپانسيبل.

- ته پوءِ هڪ يونيورسٽي ٿي ڪري سوچي سمجهي ڳالهائڻ ۾ هبڪين ڇو پئي؟ يونيورسٽي اسان جي ڪري آهي. سمجهينءَ؟ اسان جي ڪري.

- ٺيڪ آهي، آئون ڪنهن به ڪامپليڪس ۾ نه آهيان، مون کي...... مون کي تڏ پئي لڳي. لاجونتي ساڙهيءَ ۾ پاڻ کي ويڙهيندي ٿي وڃي.
- اسين ڪراڪروم ۾ نه، اندبس ڊيلٽا ۾ آهيون.
- آئون چوان ٿي ڪارج ٻڌاءِ ۽ ٻيڙي ڪناري ڏي وراءِ. لاجونتيءَ جي ڪروڌ ڀريل راڙي تي شيام ڏاڍي وياڪلتا سان ڏانهس نهاري ٿو.
- مون کي ..... ائين سمجهه مون کي تنهنجي تمام گهڻي ضرورت آهي.
- عورت هر ڪنهن جي ضرورت اهي. ٻار ڄڻڻ جي مشين جا آهي.
- ۽ عورتون ٻار ٻچائي به وننديون آهن، جڳن کان عورت وڏو انقلاب ٻڻجندي آئي آهي. شايد ان ڪري ته عورت جنني آهي، ڄڻيندڙ......
- ۽ مرد سدائين ڪيس ٿوڙيندو آهي.
- چيم نه، انقلابيءَ جي حيثيت سان ڳالهاءِ، اها دوکي بازي آهي.
- نه وقت جي پڪار آهي.
- چا، هڪ گام به نه؟......
- منهنجا پنهنجا گس، گهيڙ ۽ گام آهن. تون ٻيڙي ورائي سگهين ٿو. (.....؟....؟!.....) ڪن لاءِ شيام لاجونتيءَ ۾ نهاريندو ٿو رهي:
- ڊيڪ آهي، جڏهن رستو روشنيءَ جو منارو آهي ته پوءِ هڪ ساٿيءَ جي قافلي مان جدا ٿي وڃڻ سان منارو ڪري ڪونه پوندو. مان سمجهندس، تنهنجو ڪو وجود ئي نه هو.
۽ شيام هاليسي سان وهندڙ سنڌوءَ جي ڇڇڪار ۾ جڻ جهير وجهي ٿو ڇڏي، ٻنهي جي وچ ۾ جڻ موت جهڙي مانار پئدا ٿي وجي تي ۽ ناؤ م ياڻءِ ٻڏندي ٿي وجي، م ياڻءَ اپڙندي ٿي وجي، ڪناري ڏانهن.

نانھن ۽ موٽ

واٽھڙوءَ ڪي اس، تئنس تائي توائي ڪري ڇڏيو آھي. تارونءَ تي ھٿ ڏيو، گھوماٽيون ٿو کائي. تارون - جنھن تي لڳل اٽس ڪوڙين نيوٽران بمن جيھا، پولارتن پاتارن ڪي ڏوڏاريندڙ شاڪس. ڏڪ، ڌرتي ڏوڏ ڌماڪا ۽ چيرا.

ڇا ڪري پوان؟.....

ڇا مري نري وڃان؟.......

الا- وڻ ايڏو ڏور ڇو آھن؟ ڇو!...... ڇو آھي اندر ۾ ايڏي آڳ، تئنس، سھڪو، ھانپارو؟......

ھيءَ ڪاري مريءَ جيڪي ڪيپڙاٽي ڇو پئي ايڏو سڙي، پچي، ڪامي، پڄري ۽ وسامي؟ ڇو آتما مان نراتما بڻجندو ٿو وڃان!......

مٿي تي ھٿ ڏيو، پھاڙن ڪان ايندڙ ڏامر جي سڙڪ تان اوراٽجندو گھوماٽيون ڪائيندو، وقلندو ٿو وڃي ڪنھن پوڙھي ھانءَ روڳيءَ جيان. تارونءَ تي سج جي تپش ڪان ڄڻ اچانڪ سن اسٽروڪ تي، گھوماٽيون ڪائيندو، سڙڪ تان لھي، اٿڙندو ٿو وڃي. ڪبوترن جيان اچا اچا ڪاڳر، امن جي پکين جيان ھٿ مان ڦٽڙات ڪري اڏامندا ٿا وڃنس ۽ ڄڻ بانبڙا پائيندڙ ٻار رڻ ۾ رلي ٿو وڃي. (ھاءِ ھاءِ لڳر جو ڪاٽا تي وڃڻ)

ھان!......

ھي ڇا!........

ڇا سج نيزي پاند ته نه اچي بيٺو آھي!.......

ھان - نيزي پاند؟....... سج نه ٽٽي ٽڪرائجي وڃڻ واري شيءِ آھي. سج جي ٽٽي وڃڻ سان سارو سوريه سرشتو ٽٽي ويندو.

ڇا.... سڀ تارا، تر، تروڪڙيون، گرھ ھڪ ٻئي سان ڳنڍيل ناھن؟

(تئنس، سوڪڙ ٻاڪو ۽ ساھ سٺون، جيئدان لاءِ)

ھان - يلا ھن اسپيس يا پولارن پاتارن ۾ اھو سوريه سرشتو ٿيندو ڇا آھي؟ يلا ڪو ٻڌائي سگھي ٿو ته سوريه منڊل جي ٽٽي وڃڻ سان، ٻين گروھن ۽ نڪترن تي ڪھڙيون وارتائون جنم وٺنديون آھن؟ اھا ٻي ڳالھه آھي ته پولارن پاتارن ۾ ڪي ٻيا سرشتا جنم وٺندا. ڪير ڄاڻي ھن نانھن پرئي سرڳڌام جي موھن منڊ ۾ انھيءَ ڪير - ڌارا ڪان مٿي، گھڻو مٿي، ٻيون ڪيتريون ڪوڙين ڪير - ڌارئون آھن. ھن پولار ۾ ھي سوريه سرشتو ٿيندو ڇا آھي!.......

جي مرٽو ئي آھي. ھيءُ رنگا رنگ پونءُ ڇڏٽي ئي آھي ته پوءِ ڇرين جيان ٺھڪ ڏئي ڏئي،

ڪلي ڪلي ڪيرو ڇو نه ٿي مرجي. ڇا هن، ههڙي وايو منڊل ۾ ڇريو ٿي وڃڻ بنهه نيچرل نه آهي؟

هان....... ڇو ڀلا ذهن جو نيوڪليئر فائيبرز سان اٽيل ڪمپيوٽر ڪم ڇو نه ٿو ڪري؟!......

ڇو آهي ساري ديهه ايڏي ساڻي ڪاٺي ۽ سڪراتيل؟ ڄڻ اڳي....... اڳي ڄڻ اسن ۽ لڪن جهولن ۾ هليو ئي نه آهيان!.........

اچانڪ هو ٽرن ڪري، گهوماٽي ڪائي ويل، جنجهائجي ويل نيٽن سان نيزي پاند بينل سج ۾ نهاري ٿو:

(۽ سوريه سرشتي ۾ آهي، ڪاپار تي بينل آڳ الاهون سج ۽ ٽامي جيان تپي ويل پونءِ تي آهي سن اسٽروڪ تي ويل، گهوماٽيون ڪائيندڙ ماڻهو. چارئي ڏسائون، آڳ الاهيون)

هان...... ڇا اهو سچ ناهي؟

ڏر ڪيڏي به ڏرتتي سهي، ڪوبه ماڻهو مرڻ نٿو چاهي. هر ماڻهو علامتي شرنڪنگ مين آهي. سسي سسي هوائن ۾ تحليل ٿيڻ جي گهڙين تائين به موت سان وڙهڻ ٿو چاهي، موت سان! ڇا اسين سڀ شرنڪنگ مين ناهيون؟ هوائن ۾ هلندڙ، اڏامندڙ، نه ڏسڻ ۾ ايندڙ ذري جيها ماڻهوئڙا. ڇا اسين سڀ وڏيءَ ويڙهاند ۾ ناهيون، هنن پولارن پاتارن ۾، آڳ الاهين بلائن سان؟ هن پرٿويءَ تي ڪوئي ماڻهو، ڪو ساهوارو، بزدل ۽ بي ايمان ڪينهي، جيڪو وڙهڻ نٿو چاهي؟ هرڪو ماڻهو ٻئي ڪنهن سان نه ته پنهنجو پاڻ سان وڙهي رهيو آهي، پنهنجي بچاءَ لاءِ، پنهنجي سيٽسفيڪشن لاءِ. هر ماڻهو وڏيءَ ويڙهاند ۾ آهي. پنهنجو پاڻ ڪي دلبا ۽ دولاب ڏئي وڙهي رهيو آهي. هر ماڻهو سئين سڌي وات تي سوچن جون گهوماٽيون ڪائي رهيو آهي.

سج جي ترار ڪان تکي شعاع جو تارونءَ تي ڪاپاري ڌڪ. سن اسٽروڪ ۽ ڪنهن جو گهوماٽجي ڦان تي ڪري پوڻ.

ذهن جو نيوٽرانڪ ڪمپيوٽر، ڪنهن ويل به خراب ٿي هلي سگهي ٿو، جيڪو پاور فل ۽ آٽوميٽڪ آهي.

سهڪو، ڦٽڪو.

اواڪ گهٽيل ٻاڪار........

ڄڻ ڪو نانهن مان، آنهن ۾ اچي رهيو هجي. جيئن نئون ڄاول ٻار، ماءُ جي نهائينءَ مان نڪري وات ڪيندي ئي، هوائن جهٽڻ لاءِ اواڪ ٻاڪار ڪندو آهي. ڦڦڙن لاءِ آڪسيجن جهٽڻ لاءِ، اواڪ انڌي ٻاڪار يا ڪا ٽچ جهٽڻ لاءِ وات پٽيندو آهي.

(..... ا ...... و .... م ..... اوم ان) اواڪ انڌي ٻاڪار ڪان ٻاڪار تائين، جيون جي پهرين ٻاڪار، ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ ٻاڪار، اهڙي ٻاڪار، جيڪا وياءَ ڪان اهمي ٿيل ماءُ جي اندران ئي اندران، مامتا جا ٿونا هڻندي، سندس ارهن مان ڪير، ڏار جا اواڪ ڪل ڪل ٽج جهرڻا وهائي ڇڏيندي آهي.

سن اسٽروڪ.

اواڪ ٻاڪار.

اون .... اوم .... ا ...... و ..... م ...... آه ...... آه گهوماٽي ڪائي ويل ماڻهو، اڪن جي جهنڊ ۾ اڪ پٽي ٿو. نئين ڇاول ٻار جيڪي انڌي اواڪ ٻاڪار سان.

هان – هوا ...... هوا ..... واليو وڻ ناهي ته ڇا ٿيو وڏن وڏن ڪير پريل اڪن جي جهنڊ جي ڇايا ته آهي.

(ذهن جو ڪمپيوٽر جڻ چالو ٿي ٿو وڃي) ڪن لاءِ سندس نهار اڪ ڦلڙيءَ تي ڄميو وڃي، بنهه فريز ٿيو وڃي.

اچانڪ ڪيس ٽلين، ڇنگن، ڪماڇن جيها آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، جيئن سپنن ۾ ڪا ڇنيءَ جي لڇمي نرت ڪري رهي هجي. آواز، ايها جيڪا نئون ڇاول ٻار ٻڌندو آهي، ڏاڍيءَ نرواڻ سان.

ٽل ٽل .... ڇم ڇم .... جهن جهن .... جهنجهڪ جهنجهڪ جهن جهن ..... ٽل، جهن جهن.

موه.... سر سنگيت ڪي ڳولڻ جي ڇاهنا

ننداڪڙا سپنا – نوندڪا نوندڪا ساروڻا.....

(نئين ڇاول ٻار جا ڪين پاڳل جا)

هڪ لاڪلاهين جهروڪي ۾ پره ويلا ۾، ڪٽ تي ستل ڪولهي ڇورو ۽ جاڳاو لاءِ پيرانديءَ ڪان بينل ٿيليون وڄائيندڙ ڇتيهه لڪٽي، آدڄگاد جا تلڪ لڳايل ڪامڻ ڪور ڪولهڻ ڇوري. اندر ۾ ڄڻ جينجهڻن جهانجهه جي جهنڪار پريل. ٿليون وڄائيندي اچانڪ ڪروڌ مان ٻئي ٿليون ستل ڇوري جي منهن ۾ اڇلائي ٿي هڻي:

"اوننو، اوپاڙو، وڄائو...... پيڄا پيڄ وڄائو، اؤنتالي من ۾، موران روڪيپ پري ڳيو هي......"

(ساراٽو، فيڊ آئوٽ)

ذهن جي پرٽيءَ ڪي ڪاپاري ڏڪ.

"اون .... ن ..... آ ...... ن ... آن" سن اسٽروڪ ٿيل واٿهڙو ٽٽل ٽاڪمان پاسا ٿو ورائي، پحقڻ جي سيج مٿان.

هان!....
هي ڇا!
آئون ڪٿي آهيان!......
(ذهن جي ڪمپيوٽر جو وڏو مهاپاري ڇرڪ)
هي ڪهڙين جيوٽين جا پڙاڏا هئا... ساروٽا.... ڇا چوراسي لک جيوٽين جو ڀوڳ منڊل.
مورچٽ چنيءَ سان، ٻاڪ رنگ چوڪري، ڪيئن مور جيان نچندي گم ٿي وئي.
سپنا.....
جاڳ جا سپنا.......
ستي لوءِ جا سپنا......
جي هيءُ سپنو ئي آهي ته پوءِ اهي لڇميءَ جيها آواز ڪٿان پيا اچن، ڪهڙين مري ويل ڏسائن ڪان؟
"ڇو آهي ساروٽن مٿان ايڏي اواڪ اوندهہ؟ ڇو چڙهي وئي آهي اڪين مٿان، مري نري ويل ويلائن جي ايڏي ڏوڙ؟ ڇو آهن اندڙ ۾ ايڏيون پيڙائون ۽ ايڏا اندا سپنا پريل؟ الائي سپني ۾ ڪري پيو آهيان، ڪي ساپيان ۾! يا ڪا هپي چوري ايل ايس ڊي پياري ڊاهي وئي اٿم." جنهن جي ڪيس ڪل ڪانهين. ايل ايس ڊي آهي ڇا؟.....
اڪن جي جهنڊ ۾ ڪريل، پٽراهين پٽ تي پيل نستائي جا آڪيڙا چڙهيل ماٺهو، ڊبيل ديهه سان پاسا ٿو ورائي آوازن تي، ٽل ٽل، ڇم ڇم وجندڙ آوازن تي.
ننڍڙي، وڏڪني، ڪاري ڪاري ٽليون ۽ سهيليون ٻڌل، ڪاچڻ ڇيلڙي اڪن جي جهنڊ ۾ ٻيڪراٽون ۽ ناچ پئي ڪري. ٻوليون پئي ٻولي ۽ وڏن وڏن ٽٽن واري، ٽليون ٻڌڻ ڪاچڻ ماءُ، اڪن جي ڇايا ۾ ويني، اوڳر پئي ورائي. ڄڻ ڪو مهاتما، پنهنجو اندر اوڳاري وڏيءَ نرواڻ سان وينو ڌرتيءَ جا سور چري.
سروم دڪم....
مٺ مٺ سورن سپ ڪهين، مون وٿ وٿان....
اچانڪ هن ذهن جي پرٽيءَ ۾ سوچن جا سريلا پرندا تا اچن:
نانهن ڪان آنهن تائين، سرشت: جي ڦرٽي ڦري پئي. آل دي استارز آر ڪنيڪٽيد وٿ برين!
(ذهن جو ڪمپيوٽر ٽڪو ٽڪو ٿو هلي)
آهہ..... هي اڪ جو ڪير، ڪيڏو نه ڪوڙاڻ پريل آهي!.....
هان..... ڪاچڻ ٻڪريءَ جا ٿڻ.....!.....

ڪيڏا نه وڏا وڏا.....
ڪير ڪان ڦاٿندڙ......
ٿج ڏاو ۽ ڏهاو لاءِ، پلا ٿڻ ڪيڏا نه اوتاولا هوندا آهن..... اچانڪ ٽٽن مٿان ٽٽن جا اولاٽا ياد ٿا پونس. هڪ آيل ڪان ٻي آيل تائين جا اولاٽا. ساروٽا پرٽيءَ جيان پرندا ٿا اچن:
ڪاڇڻ ٻڪريءَ جي ٽٽن ۾ وات!.......
ڳاڙهي ڳاڙهي ڳئون جي ٽٽن ۾ وات، گوها!......
پوري پوري ٻگي مينهن جي پورن ٽٽن ۾ وات!...
ٿامي جيڪي ڪولهڻ جي ٿامڻه ٻبن ۾ وات!......
۽ اکين آڏو ڪي ٻيا ارھ تيج ٿا هٽن:
"وٽنئي ٿا نه؟ ڏائيندين؟....۾
"چو، ڦاٿن ٿا چا؟....."
"ها، سينديون ٿا هٽن." ٻالاپڻ ڪان جوانيءَ تائين رڳو سڳيءَ ماءُ جا ٻبا ياد ڪين ٿا اچن.
(هان!....) هان؟.....
"اچانڪ اکين آڏو شيشم جيها ڏوڪا ڏونگهي اتاولا ارهه، الائي ڪهڙن زلزلن لاءِ، ترڪندا ٿا اچن، نونڊڪا نونڊڪا پرپور اٿج ارھ، ڏونگهيءَ ڏڪ اٿج ارھ.
(جانجهه ڄن اندر ۾ لاوي جيان جلندڙ ٿج جا جلترنگ جهينجهٽا)
"اون – هون اؤنڙا، اوتاوليا، ناپاڪ سوڙ سوڙ، ناچي زاوان."
"او پاڪ، او پليت، ڪدا سون، مرتو هان مارو مرتيهو ٿيهي ڳيو هي."
"اون – هون – هولي ڏ هارو ڏڻ هي زلدي مان زلدي، پونڪا اوپاڙي اوپاڙي ساوا ڳجهه ڳو ڏيکي زا چيچا مان چيچ ملائي ناچي زا"
رنگا رو ڏڻ هي.
(هڪ جوڙي جو، هولي پورائنا ناچ!)
ڄڻ شو پارپتيءَ جو ناچ!
ڄڻ آتما پرماتما جو ناچ!......
جيءَ جسي تي هوليءَ جي رنگن جو ناچ.
(ڏس.... ڄڻ ڪو سندر سپنو ٽٽي وڃي ٿو. ڄڻ تارونءَ جي هيروشيما تي ايٽم بم ڪري ٿو)
جاڳ....
جاڳ.... ايهي جيهي سپني جي جاڳ، ڄڻ جيون ۾ ڪو نئون سپنو سڙجي پيو هجي.

"هان..... سپنا سرجي سرجي، جند جي ٻن پڙن ۾ اچي، گهرڙاٽن سان ڏرجي اٿو ٿي، اڏامي ڇو ويندا آهن، ڇا ان لاءِ ته اسان جي ٻٽيائتي گهر جي ٻاجهري جي ماني ۽ ساڳ جي ڀاڃي آهي؟"

"هان.... اسين سڀ هڪ ٻئي لاءِ ڪيڏا نه گهرجائو آهيون. الا..... اسين گهرجن ڪري هڪ ٻئي سان ڪيڏا نه ڳنڍيل، ڳتيل، اونترا ۽ اتاولا آهيون."

(اچانڪ ذهن جو ڪمپيوٽر ڏوڏو ٿو ڪائي)

"هان.... مون ته ستي ئي ستي، ٻڪريءَ جا ٻئي ٿڻ چپن سان چوڪڙي ڇڏيا! چيلڙي ڇا پيئندي؟ ڇا اندر جي ٽونس ماڻهوءَ کي ايڏو انڌو ٻٽائي ڇڏيندي آهي، ڇا اهو ڏوهه ۽ ڏوهه ناهي؟"

هو ٻاڪو ٿاڙيو، سيلهين جڙيل، اکين ۾ ڪڏڪارون ڪندڙ ڪاڇڻ چيلڙيءَ ۾ نهاريندي وري وڏي وڏي ڪاڇڻ ماءُ ڏي نهاري ٿو. سندس اکيون ۽ وات ويتر ڦاٽندا ٿا وڃن ۽ مک تي پيڙائن ڀريل ريکائن جي جاءِ تي سانت ۽ نرواڻ جيهيون ريکائون اڀرنديون ٿيون اچنس. وشال ٿهمر ڀريل ريکائون.

(ٿهمر.... جيڪو ڪن پل لاءِ هر ڪنهن ماڻهوءَ جو حق آهي)

نه نه...... ناهن مان آيل اواڪ ٻاڪاريندڙ ٻار کي حق آهي ته هو ڪنهن جي به ڇڄڙ وني. ٿڃ تي ان جيو جو ايترو ئي حق آهي، جيترو مهاراڻي ايلزبيٿ جي ٻار جو. نانهن ۾ هجي يا نانهن مان آنهن ۾. ڪتيءَ جي ٻچي جو به اوترو ئي حق آهي، جيترو سوئر جي ٻچي جو. نه نه.... مون ڪو ڏوهه نه ڪيو آهي. هيءَ ته وڏي ڪني پلوڙ ڪار ڪٽڇي جيهي ڪاڇڻ ٻڪري آهي. پيڇان پيچ پلي. رڳو ٻچو ٻيڪراٽ ڪري، ٿڻن ۾ موڏو مٿو هٽيس ته ٿڻن مان ٿڃ مامتا ٻڻجي، واءِ واءِ واڪا ڪندي، نئين گاج جيان گوها گوها ٿي چلندي. ڪڏهن نه پرجندڙ ڪين ڪن وات ۾ هلي ويندي. جيئن درياهه سمونڊ ۾ لهي ويندا آهن.

ڇا - - ڌرتيءَ کي جيڏي سمونڊ ڪان ماڪ ڪرن ڪڪرن، آگمن، وڏ ڦڙن، ڳڙن، برفيلن ڇاٽن ۽ ڇمرن جي گهرج آهي، سمونڊ کي اوترو ئي ڌرتيءَ ڪان، ڌرتيءَ جي اندرين وهڪرن، نين ۽ درياهن جي ڇوڙ جي گهرج ۽ ڪاڻ ناهي؟ مون ڏوهه ناهي ڪيو. مان ڏوهي ناهيان.

نه نه.... نانهن مان آيل اواڪ ٻاڪاريندڙ ٻار کي پورو پورو حق آهي ته هو ڪنهن جي به ڇڄڙ وني. ٿڃ تي ان جيو جو به اوترو ئي حق آهي، جيترو مهاراڻي ايلزبيٿ جي ٻار جو. ناهن مان آنهن ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڪتيءَ جي ٻچي کي به جيئرو رهڻ جو ايڏو ئي حق آهي، جيڏو نانڍڙي ڪيوليءَ جو.

ڏي ۽ وٺ!.....
گيو ائنڊ ٽيڪ!....
هن هٿان ڏي، هن هٿان وٺ!
(سڄي سرشٽي جو ڦيرو ائين ئي هئڻ گهرجي)
"هان - پوءِ ماڻهو هڪ ٻئي سان پيار ڇو نٿا وندين؟ ڇا پيار جو بدلو پيار ناهي؟ ڇو آهن ماڻهو ايڏا ڪسا ڪيا؟ الا - ماڻهو ڪيڏا نه ابوجهه ۽ اڄاڻ ۽ اتاولا آهن؟....."
موھ پريل نيڻن سان، ٻڪريءَ جي جيون ڪامڻ رس ٽڻن ڏانهن ٿو نهاري. نيڻن ۾ پرٽيءَ جيان، ساروڻن جا ٽڻن مٿان ٽڻ پرندا ڦرندا ٿا اچنس.
اچانڪ ڪيپراتيءَ جو ڪمپيوٽر ويتر فاسٽ ٿي وڃي ٿو:
۽ موھ جي ماڻ ڪامڻ پريل نيڻن ۾ پرٽيءَ جيان ٽڻن مٿان ٽڻ، ارهن مٿان ارھ ۽ اوهن مٿان اوھ پرندا ٿا اچنس.
ٽڻن جي مهاپاري ڪراس پريڊ!......
پولڙي جا ٽڻ يا ٻبا = (هيومن فيملي، مسنگ لنڪ)
ٻليءَ يا ڪتيءَ جا ٻبا = (لائن فيملي)
مادي سوئر جا ٽڻ = (ايليفينٽ فيملي)
گڏھ جا ٻبا = (هارس فيملي)
روجهه جا ٻبا = (ڪاؤ فيملي)
الائي ڪهڙن ساروڻن ۾ لڙهي ٿو وڃي.
ويچاري ڇاڇي ڳئون، ٻڪريون، مينهون ڍهڻ ويل وات ۾ ڪير جا گوها هٽندي هيس، پچڪاريءَ جيان وات ۾.
اچانڪ ڪيپراتي جي پرٽي ويتر تکي ٿيو وڃيس ٿي. تارونءَ ۾ تنوار، ٽليون، ڇنگ، ڪماچ، يڪتار، جهانجهه جهجي ٿا پونس. جڻ يگن ڪان مري نري ويل ويلائن جي سرسنگيت جو پڙلاءُ ڪيس مارڻ ڳارڻ لاءِ جاڳي ٿو پويس.
او سرتا، پولا اوپاڙي اوپاڙي سارا ڳجهه ڳوهه ڳولي زاھ. هولي هارو ڏڻ هي - او .... اونئڙا، او پاڪ او پليت رنگا ماتي رنگ اڇل، اڇلائي زاھ. ڇيچا ۾ ڇيچ ملائي زاھ. او سوئر او پاڪ او پليت رنگا ماتي رنگ اڇلائي زا. زا ڇيچا ۾ ڇيچ ملائي زا. او سوئر او پاڪ پليت سارو تن من، سنگ سنگ ناچي زاھ.

رنگ، مهندي، ڪپور، رنگا رنگ گپ ۽ چڪڙ، شراب جي بوتلن جي اور گهور ورڪا رنگن جي برڪا.

ٽڙاس.... سپني جو ٽٽي وڃڻ، چڻ مهاپاري ڪاپاري ڏڪ.

هانو ۾ چڻ وڏي ڌماڪي سان نيوٽران بم پيهي پرٿوي ڪان ساري آڪسيجن اڏائي ڪيپراتيءَ جا تاڪ ڦاڙي ٿو ڇڏيس. وڏي گهوماتي – چڻ ڪن لاءِ سارو سوريه سرشتو ٽٽي، هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي پولارن پاتارن ۾ پيڙات ڪندو، نڪاون سان مانڌاڻ مچائيندو هيٺ، ڪي مٽي گم ٿي وڃي ٿو.

اڇانڪ رڙ:

نه.... نه.... ڪير ٿيندا آهن اهي وحشي ۽ وائيلڊ ذهني مريض، جيڪي هٽلر، آئزن هاور، چرچل، ڊيگال، استالن ۽ مارسل ٽيٽو جيان ڌرتيءَ تي ٻارڻ، ٻارڻ وارا. ٿيندا ڪير آهن اهي وحشي پوليٽيڪل سائنس وارا ماڻهو.

ائٽم بم!....

هائيڊروجن بم!.....

۽ هاڻ نيوٽران بم!.....

نيوڪليئر هوائن لاءِ هٿوراڙيون ڏيندڙ؟!....

نيٺ ته انهن بمن ناهڻ جو ماڻ ڇا لاءِ؟ گوليون، ٽئنڪون، ڇا ڪائڻ لاءِ؟!.... ماڻهن ڪي ماني گهرجي، نه ائٽم بم. ڇا وڏو ملڪ اهو ئي آهي، جيڪوس پ ڪان وڏو خوفناڪ بم ناهي. هنن گڏهن کي ڪهڙي خبر ته هن پرٿويءَ تي ڪي ماڻهو مهاتما ٻڌ جيان به رهن ٿا. هر ملڪ ۾ ڌرتيءَ جي گولي جي آدمشماري ۾ جتي ڪٿي اهي مهاتما چلا پڇائي رهيا آهن. ٻجو ان ڏينهن کان ته اهي مهاتما چاليهن سالن جا نه ٿي وڃن. اوهان جو وقت ختم ٿي ويو آهي. مجو ۽ مرڪي هٿيار اڇلائي ڇڏيو، سمونڊ جي ڪين ڪن ۾. هيءَ ڌرتي امن لاءِ آهي، وڏيءَ بهاپاري سانت ۽ ڪميا لاءِ.

ڌرتيءَ تي هي ڪهڙو ڏقير آهي؟ آدجڳاد کان ڪهڪهان، ويڙهاند، ڦتڪڦتڪان، ڪيهون، ڪيڪون، ٻاڪارون. نه رڳو پسن جانورن جون ٻارڙن جون به. ٽرو دي ڪاريدارز آف ٽائيم! يڪيون هلنديون ٿيون اڇن! ڪڏهن ختم ٿينديون..... ڪڏهن؟......

اڇانڪ ياد ٿو اچيس:

"هتان ته سنڌ يونيورسٽي تمام ويجهي آهي. جي آئون ٿورڙو همٿ ڪان ڪم وٺان ته شايد مون کي آرام لاءِ ڪنهن هاسٽل جو ڪمرو ملي وڃي."

۽ گهوماٽيون ڪائيندو هلندو ٿو وڃي، پهاڙي پيچرا چڙهيو، سپر هاءِ وي جو ڏڳ وٺيو.
"تون!...."
"ها - مان......"
"هيڪل آهين يا ڪو ٻيو به آهي؟"
"هيڪل. پاڻي پياريندين؟"
"پاڻي به ۽ چانهه به. تون مون کي وڻندو آهين."
"ٿئنڪيو."
پاڻي جي گلاس سان موٽ.
"هان!... تون روئين پيو!"
"ها - ڪڏهن ڪڏهن روئڻ لاءِ ماڻهو سڪي ويندو آهي. روئڻ ايترو ئي نيچرل آهي، جيڏو کلڻ."
"نو فلاسافي. فلسفو پاروتو تي ويو آهي سڄي جو سڄو فلسفو. ڪچن ۾ هل، مون کي چانهه کان سواءِ ٻيو ڪي به ڪين اچي."
"فلاسافي.... توکي روئڻ ڏاڍو سٺو ايندو آهي. ڏاڍي سٺي پرفارمينس ڏيندو آهين."
واٿهڙو واش بيسن سامهون آرسيءَ ۾ نهاري ٿڌي پاڻيءَ سان منهن ڌوئي ٿو ۽ چلهه ۾ هڪ ڪرسيءَ تي اچي ويهي ٿو ۽ ميزبان عورت بصر وڍيندي وڏا ٽهڪ ڏئي ٿي. اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي وڏا ٽهڪ.
"تون ڪمزور آهين، روئڻو آهين. ڏس آئون ڪيئن پئي کلان.... کلان پئي نه؟"
"ها، ڳوڙها ۽ ريهون لڪائڻ لاءِ، تو وٽ الاهين ڪجهه آهي."
واٿهڙوءَ کي ننڊ جا گهيرٽ ڪنيو ٿا وڃن، ڪي جاڳ ۾ ساروڻن جا گهيرٽ. هوءَ ڪيس جاڳائي ٿي.
"خبر اٿئي ٽائيم گهڻو ٿيو آهي؟"
"الائي!...."
"رات جا نو پيا ٿين ۽ هيءَ هاسٽل آهي."
"اوهه ساري."
"ٻڌ.... متان عاشق ٿي پوين. نو ايني ري ايڪشن فرام يوئر سائيڊ آف ايني ڪائين. او ڪي ري ايڪٽ نه ڪجانءِ."
"اوڪي."

"ٿئنڪيو."

۽ هو ڏاڍو تازو توانو ٿي هاسٽل مان نڪري ٿو وڃي.

اونداهيون ڏسائون ۽ مان

مان ڪراچيءَ کان گهر موٽيو آهيان.
نه، پهرين مان توهان سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرايان.
رات جا ٻه ٿيا آهن، حيدرآباد واري مني ٽيڪسيءَ مان لهي، گهر ڏانهن پڪي سڙڪ ڏئي هلڻ شروع ڪيو اٿم. مان اٻاڻڪو، ٿڪاٽو، آشانت آهيان. (۽ ڏاڍو خوش ۽ سانت به)
مان، يعني آرٽسٽ، ڪهاڻيڪار، شاعر، ناول لکندڙ، ڊراما لکندڙ، چترڪار، پهڻ آهوڙيو. مون ۾ قدرت اهي سڀ ڳالهيون رت جيان سوچي سمجهي پوري مقدار سان پريون آهن. جيئن ويٽ ٦٩ جي بوتل ۾ سوم پريل هوندي آهي. تنهن ڪري مان هر ويل، نشي جهڙن ڪيپن ۽ خمارن سان پريل هوندو آهيان. پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو منهنجو ڏاڍو قدر ڪندا آهن، سنڌ يونيورسٽي کان وٺي ڪاليجن تائين مون کي چڱي عزت ملندي آهي. مان ڪين ڏاڍو وڻندو آهيان، پنهنجين سمورين چريائپ وارين ادائن سان. ماڻهو منهنجي ڪم کان، منهنجي ڪجهه چا، تمام وڏيڪ تعريف ڪندا آهن. عظيم هئڻ جي مهر هٽي چڏيندا آهن. ڪڏهن ڪي دل گهريا ٻڌ ازم ۾ ايمان رکندڙ نوجوان دوست مون کي مهاتما ٻڌ جي هلندڙ ڦرندڙ ٻئي روپ جي نالي سان به نوازيندا آهن، پر مان چا آهيان، ڪيترو رت ست اٿم؟ اهو مان گهٽي پاڳي نه ٿورو گهڻو ڄاڻان ٿو. مون کان ته وڏيڪ مون کي منهنجي زال ٻکو سڃاڻي، جنهن جو اصل نالو ٻختاور آهي پر مان کيس چنبي چوندو آهيان. آئون هن لاءِ هڪ دماگ خراب، اڌ چريو، بيڪار، سائنر آهيان. تنهن ڪري ٽيليويزن تي منهنجو ڊرامو ڏسي هن جو جتي وس پڄيس ته هو منهنجا سڀ ڪاڳر ساڙي ڇڏي.
اها ٻي ڳالهه آهي ته مامي جي گهر ۾ پنجن سالن کان ٽي وي هوندي به منهنجي ڳوٺ جو ڪو به ٻار يا زائفان اها دعويٰ نه ڪري سگهندي ته فلاڻي ڏينهن تي هن ٽي وي ڏٺي ۽ ڪتاب ڦاڙڻ جو سوال ئي نٿو پئدا ٿئي. ائين اتفاق سان ڪڏهن ٻارڻ لاءِ ڪاڳرن جو موئاڙو ناهي، مٿاهنس ڪانيون رکي، ٻاهه ٻاريندي آهي.
حقيقت ۾ منهنجي ڊراما ۽ افسانا لکڻ ڪري هن کي وڏو نقصان پيو آهي، ٻڌي پگهار نه ملڻ جو. سو به يڪا سارا پندرهن سال توبهن توبهن، سو به پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي هر ٻئي ڏينهن شين جو اگهه ڏيڍوڻو وڌي ويندو آهي.
آئون هن الءِ هڪ لٻاڙي، ڊينگمار سائنر ئي نه بلڪ نڪتو، نٻارو ۽ لپاتون هٽندڙ ظالم مڙس به آهيان. سچ ته مون پنهنجي فنڪارانه افعالن سان هن کي ۽ ڇهن ٻارڙن کي بکون ۽ ڏک

ئي ڏک ڏنا آهن. (ٻارڙن لاءِ ته دعويٰ ڪانه ڪري سگهندي) پر سندس سونهن ضرور ڪسي اٿم، ڏنا اٿمانس رڳو ڳٽيون، هورا هورا.
ها – مان ڏاڍو ٿڪاڻو، اسانت ويڳاڻو آهيان. مني ٽيڪسيءَ مان لهي، پڪي سڙڪ ڏيو، گهر پيو وڃان. من ۾ اڄاتل خوف ۽ اميدون ڪنيو.
(خوف = ان جو ته ڪو ٻار بيمار نه هجي، اميد = ان جي ته لال لطيف ڪندو سڀ ڪجهه ٺيڪ هوندو)
هيلتائين جو ڪجهه مون تان وهيو واپريو آهي، مان سڀ وساري ڇڏڻ ٿو چاهيان، پر سوچن جا اٺ ذهن جي جهان ۾ چٽني ڏيسائن ڪان ٽلا ۽ چيريون چمڪائيندا هي هم ..... هي هم ڪندا پيا اچن. الائي ڪنهن پئي چيو:
"فلاڻي چيو ٿي ته مان هڪ انتهائي پوڪ بصر ۽ گڏهه رائيٽر آهيان."
"آئون چوان ٿو آهيان، ناهيان ڇا؟ ڪير ٿو چوي ته مان جينئس آهيان. لٽل جينئس ٿيڻ لاءِ به تمام وڏي لئبريري ۽ عالي دماغ جي ضرورت آهي. مان ڪتاب ته ڇا، روٽي ڪپڙي ۽ مڪان جي چڪر ۾ ئي پيرهجي ويو آهيان. جي منهنجي جڳهه تي ٻيو ڪو هجي ها ته گدوءَ واري چرين جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر ابراهيم "خليل" لاءِ مٽي جو سور هجي ها. ڪير به پيو چوي، پر مجٽو آهي ته فلاڻو لٽل ناليج جو ڏٽي آهي. (جيڪا ڪڏهن ڪڏهن تمام ڊينجرس ٿيندي آهي) پر ڇا مان راهه هلندي ڪو پڪاٺ نه گهڙي وٺان، ٽي وي لاءِ ئي سهي. ساڍا چار سؤ رپيا ملي ويندا....
پروفيشنل..... پروفيشنل......
ڇا سچي به آئون پروفيشنل ٿي ويو آهيان؟! هاڻ "جيون ڪوئي جهوٽو آهي" جهڙي ڪهاڻي نٿو لکي سگهان؟
ايليٽ، داس ڪيپٽال، سارتري، رسل! لينن، مائو! ڇا انساني ذهن هڪ هنڌ ڄمي وڃڻ واري شيءِ آهي! هڪڙي هنڌ تي ته برف به ڪانه ٿي ڄمي. پوءِ سڀ ماڻهو اتي اچي ڇو ببهجي ويا آهن؟
مان دل تي وڏي واڪ هٽ هٽي چوان ٿو، آدجڳاد ڪان موسمون بدلڻ ويل، سچ ڪراڪروم جي چوٽين ڪان وگهاريندو رهيو آهي. ڪنهن به شيءِ تي جمود طاري ٿيڻ جو سوال ئي نٿو پئدا ٿئي.
نيشنلزم؟ ڪميونزم؟

روس ۽ چين هڪ ڇو نه ٿي سگهيا آهن؟.... پاڪستان ۾ هڪڙو ٻار روئي، مائوزيتنگ جي ڇاتين ۾ مامتا جي ٿج اڇيو وڃي، بينگال ديس ۽ هندستان ۾ ڪروڙين ٻارڙا ڪيڪراٽون ڪن، مائو جي ڪنن ۾ ڪپاهيون، سور، ناسور!

خبردار، ٻارڙن کي چپ ڪرايو رات جي ماءُ پئي اچي.

"اف، ڇا اسين سڀ وائيلڊ اينيملز ناهيون؟ ڪهڙو جوءِ جو .... ٿو چوي اسين سڀ ماڻهو آهيون، سوشل آهيون، مهذب يا سولائيزڊ آهيون."

پاليسي..... پاليسي... هر تحريڪ جي پنهنجي پنهنجي پاليسي آهي، هر ملڪ جي پنهنجي پاليسي آهي، هر سربراهه ملڪ جي پنهنجي پاليسي آهي. پاليسي، هڪڙن لاءِ هڪڙي، ٻين لاءِ ٻي، ٽين لاءِ ٽين!!! ها، مان ڪميونسٽ آهيان...... پر ڇا هن وقت مان هپي ازم کي ته ڇا، ڪنهن به هڪڙي هپيءَ کي للڪاري سگهان ٿو؟

"......"

ڪاش مان به هپي هجان ها. هپي ٻڌجي، وڃي ڪارونجهر ۾ دونهين دکائي ويهي رهان ها. هر ڪنهن رنج ۽ ڏنجهه کان ڏاڍو وينو ڏسان ها ته مور ڊيلن سان ڪيئن ٽيلارا ڪندو آهي، گدڙ ڪين ڪيئن ڇيڇاڙي ڪائيندو آهي، فضائن ۾ حسين مور پک ڪيئن پوپٽ جيان اڏامندا ويندا آهن؟

(وينو ڏسان ها، هر رنج، هر ڏنجهه کان ڏاڍو ٽيو)

ڇڪڙو لنگهي وڃي ٿو، ڪن لاءِ خيال روشنين ۾ پکڙي وڃن ٿا. اڄ جو انساني فلسفو ڇا ٿو چوي؟

"مان ڇا آهيان؟"

".... نه مان اڌ هپي ۽ اڌ ڪميونسٽ آهيان. في الحال ائين نيڪ آهي. نه ته شايد آئون قتل غارت تي لهي اچان يا پنهنجو پاڻ کي ماري وجهان يا چريو ٿي پوان."

ويچاري عورت، (منهنجي زال) ڪيئن نه اباڻڪي هراسيل ويني هوندي، پائي پائي لاءِ محتاج. ٻارڙن کي چنبا گاريون ڏئي سمهاري ڇڏيو هوندائين ۽ پاڻ جاڳندي هوندي، ڳڻتين جا ڍڪر پئي ڪائيندي هوندي... ويچاري....... ڪيس ڪهڙي خبر ته نيڪ پندرهن سورهن منٽن کان پوءِ ائون ڪيس آواز ڏيندو سر سان ٻيڪڙيل در کي ڌڪو ڏئي کوليندس. ڪيس ڪهڙي خبر ته آئون ويجهاڻي وات تي اچي ويو آهيان. مڪرانين جو ڳوٺ مٽڻ کان پوءِ مون کي پنهنجو ڳوٺ ڏسڻ ۾ ايندو. هوءَ ڪڏهن سوچي به سگهي هوندي ته ڪڏهن مون جهڙي بيڪار ماڻهوءَ جي گيدي ۾ به هزار اٺ سؤ رپيا اچي سگهن ٿا. هن لاءِ اها ڪيڏي نه وڏي

ڳالهه ٽيندي. ٽن ڪلاڪن ۾ به هوءَ مسڪل سان ڏهه رپيا ڳڻي سگهندي. (سي به پوري خاطريءَ سان نه)

هن ويچاريءَ چريڻ عورت کي ڪهڙي خبر ته ڪراچيءَ ۾ ٽيليويزن اسٽيشن لڳڻ کان پوءِ، ڪو اديب به ايترا پئسا ڪمائي سگهندو؟ ڪيس ڪهڙي خبر ته آئون ڪي ٽي وي تي آئوٽ اسٽئنڊنگ رائيٽر آهيان.

راهه هلندي آئون ڪلان ٿو: ۽ هي آئوٽ اسٽئنڊنگ رائيٽر چيڪ مون کي ڪيئن مليو؟ ان لاءِ مون کي ڪيڏي محنت ڪرڻي پئي، پنهنجي اندر ۾ "ٻاليشاهي، موکي متارا" لکي ڪيئن پنهنجي انا کي ڪهڻو پيو ۽ پوءِ چيڪن ونڻ لاءِ ڪيڏي جنگ ڪرڻي پئي."

"آپ اندر تو چليڻ."

"جي نٽيڻ، ميڻ "آئوٽ اسٽينڊنگ رائيٽر" ٽوڻ، ميڻ ٽي وي سڌ ٻاٽر ٽي اڇها لگتا ٽوڻ."

منهنجي انهيءَ ضد تي آخر چيڪ حاصل ڪرڻ واري اها ڪڏهن نه ايندڙ سياڻي اچي وئي. (ماڻهو ڪيڏو طاقتور، متارو ۽ پهلواڻ آهي، ماڻهو ڪيڏو نست، نٻر ۽ ويچارو آهي)

مان بريف ڪيس کي لوڏيندي ٺهڪ ڏيان ٿو.

هينئر عشقو ۽ ماڻس عاشق معشوقن وانگي هڪ ٻئي کي ٻڪ وجهيو ستا هوندا. آئون چوان ٿو وڏي سائيڪلاجسٽ عورت آهي. (قت حالتون سڀ سيڪاريو ڇڏين) منهنجي در ڪولڻ سان ڪيس خبر پوندي ته آئون ڪيتري پاڻيءَ ۾ اهيان ۽ پوءِ رسيپشن به اهڙو ئي ڏيندي آهي.

"هان، اچي وئين!؟......"

يا چوندي:

"اونهن، خير سان ڪٿي آئين. خبردار جو منهنجي ٻارڙن کي جاڳايو اٿئي."

"لالٽين چو نٿي ٻري؟"

"هونهن، گاسليٽ لاءِ پئسا ڏئي ويو هئين؟ ٻتي چو نٿي ٻري!"

"ٻارڙا ته نيڪ آهن نه؟"

"ڪو مري ڪو جئي، تنهنجي آنگوني متي سور."

"مان بيمار آهيان، مانڙي ڪري سمهي رهه."

"پر.... پر اڄ منهنجي گيدي ۾ الاهين پئسا آهن. سچ ايترا پئسا ته مون به گيدي ۾ ڪڏهن ڪونه ڪنيا."

اوچتو مون کي محسوس ٿئي ٿو ته پنيان ڪو اچي پيو. سڀ خيال خاڪ تي اڏامي وڃن ٿا. اوچتي خيال سان ته ڪو واٽ ويندي مون کان اهي پئسا ڦري به سگهي ٿو، چاقو هڻي، ڪوڙو

سوڙو پستول ڏيکاري به. آئون پنيان ايندڙ تڪڙن آوازن تي پنيان نهاريان ٿو. اڌ ڪاري رات ۾ هڪ ديو نما ٻڪل ٻڌل ماڻهو، مون کي منهنجو پيڇو ڪندو نظر اچي ٿو.
عيد براد تي اڪثر لوفر ۽ بيروزگار ڇوڪرا، چتا تي واٺهڙو ڦريندا آهن. پنهنجي خوشيءَ لاءِ، عيدون ميڙا ملهائڻ لاءِ. عيد ۾ ته چار پنج ڏينهن باقي هوندا. مون کي وڪارڻ گهرجي. اڃان ته اڌ ميل پنڌ پيو آهي.
ائون تڪڙا ڊگ پريندو وڪاريان ٿو - پنيان هلندڙ ماڻهو به اڃا وڌيڪ تکو ٿي ٿو وڃي.
آئون هن جي هلن جو هساب جي مارجن سان تڪڙو تڪڙو هلان ٿو. اڄ بريف ڪيس ۾ پئسن سان گڏ منهنجي ٻارڙن جي عيد جا ڪپڙا به ته آهن. مان ڪنهن به قيمت تي بريف ڪيس ڏيڻ لاءِ تيار ناهيان. انهن سيني شين کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون الائي ڪيترو پوڳيو آهي. اوچتو مون کي ڏامر جي سڙڪ ڪان پري اونداهين مان ٻيو به هڪ پاڇولو نظر اچي ٿو.
پر هتي ته ستن راڄن ۾ مون کي ماڻهو سڃاڻن. مون کي ڪير ڦريندو؟ سڄي ڄمار ۾ مون ته اهو ڪڏهن سوچيو به ناهي، ڪٿي به.
پنيان ايندڙ ماڻهو، ڏاڍو تکيو پيو اچي. "نيڪ آ، آئون به فٽ بال جو ڪڏاڙي آهيان. بريف ڪيس هٿ ۾ ڏيندي ڏيندي، بوٽ جي اها ٿو هٽندو سانس جو ماڻس کي ياد ڪندو. پر مون کي جلدي ڳوٺ پهچڻ گهرجي، هر صورت ۾ حادثي ڪان بچڻ گهرجي، اڄ مون سان ڪوبه حادثو پيش نه اچڻ گهرجي. اف، مڪرانين جو ڳوٺ به ته پنيان رهجي ويو. چا باقي به فرلانگ مان پيچي نٿو سگهان، چا رڙيون ڪريان؟
پديان ايندڙ پاڇولي کي اڃا وڌيڪ وڪاريندو ڏسي آئون تڪڙوِ جن جي ڪوشش ڪريان ٿو. "ماسات....."
اوچتو پنيان پيار پريل سڏ ٻڌي، آئون اونهون ساهه پري بيهجي ٿو وڃان.
"ماسات، ڏاڍو تکو آهين، خير ته آهي؟"
"يار ڪراچيءَ مان پيو اچان. سيءَ وڃائي ڇڏيو آهي، ٻوڙي پاڻ کي گرم ٿي ڪيم."
مان اڃان ڳاڇان لڄندو ٿيڻ ڪان پاڻ بچائي ٿو وڃان.
اسان وٽ ساهه بچائڻ لاءِ پڄڻ به شرمناڪ آهي.
اسان ٻئي تڪڙا تڪڙا اوپاريون لهواريون ڪندا گهر پهچون ٿا.
آئون پنهنجي در جو ڪڙو وڄايان ٿو.
گهر جي در جو منهنجي هٿ جي دباءُ سان ڍرڪاٽ ڪري کلڻ.
"تون اچي وئين؟"

"ها - - بتي چو نٿي ٻري؟" (ڪجهه ڪاوڙ مان)
"اوه..... الائي ڪيئن ڪيڏي مهل اجهامي وئي. شايد وٽ خراب ٿي وئي اٿس. اجها ٻاري ٿي ونان، مڙئي ٿي پئسي جي بچت ڪرڻي." (هوءَ منو ٿي ڳالهائي)
"ٻار ته سڀ نيڪ آهن نه؟"
"ها ها، دل جاءِ ڪر، نيڪ آهن." هوءَ بتي ٻاري روشني ڪري ٿي. منهنجا سڀ ٻارڙا ننڊ ۾ الوٽ آهن.
آئون زال واري گرم گرم بستري ۾ ڦان ٿي ڪري پوان ٿو.
- مان، ايڏو ڊڄڻو!
- هن چوڏهينءَ صديءَ ۾!
- ايڏو غير محفوظ!
رات رهي، سياڻ وري هليو ويندس!
- چار ڏسائون، چارئي ڪاريون!
- ماٺهو ايڏو هيڻو، ايڏو نست، ايڏو نبر!
- چار ڏسائون..... چارئي ڪاريون...... چارئي ..... ڪار ..... يون.......

مان گدو بندر جو چريو

سارو جيون موھ ئي موھ آهي. ھر ھڪ ماڻھو سرشتي جي موھ ڄار ۾ ، نئين ٻارھن سالن جي ساماڻجندڙ ٻار جيان ڦاٿل آهي. ٻار ، جيڪو ڇپر منا لڪو بينو ، هيٺ، پاڙيسريءَ جي گھر جي اڱڻ ۾ ، ڏيئا ٻاريو، ڳاڙھيءَ سيج تي، پنيا وار کوليو، ولھه ۾ جواڻيءَ جي مد ماتي الوٽ ۽ الوپ نند ستل، ڦوھ جواڻ وينگس منڌ جي ننگي ڌڙ جا سارا اسرار ڏسي رهيو هجي، اونھون اونھون دن، ارھ، ٽڙھا ۽ تلھه، ڪچوراڙيون، سارا گھڙاو، ڄارين مان، لوگھن مان، لڪي لڪي. ھر ماڻھو ان ٻار جيان موھ ڄار جي مهاياري ڄار ۾ ڦاٿل آهي، پوڳي پيو، فاصلن ۽ وڇوٽين جي پيڙا، ماڻڻ جي پيڙا، تانگھه اتانگھه تئونس پريل پيڙا. ڪو ماڻھو ان موھ پيڙا کان وانجھيل يا مکت ڪونھي. ڪوبه ماڻھو ساريءَ ڄمار ۾، ٻارھن سالن جي وھيءَ جي ان ڏاڪي کان ھڪ ڏينھن به مٿي نٿو چڙھي، موت گھڙيءَ تائين! پوءِ آئون ڇو ڦٽڙي سٽڙي پاڻ کي ان موھ ڄار جي ڏٻڻ مان ڪڍي ونڻ ٿو چاھيان؟ ڇو ٿو وسارڻ چاھيان سيڪجھه، سارو جيونڻ، سڀ ساروٽا؟ ڇو پوڳن کان آزاد ٿي وڃڻ ٿو چاھيان؟ ڇا پوڳڻ جو ٻيو نالو جيون ناهي؟ پر نه..... شايد ائين ناهي! مان ان موھ جار مان نڪرڻ نٿو چاھيان، مان ان موھ ڄار کي ٽوڙي، مروڙي ڇڏڻ چاھيان ٿو. ان ننگي ڌڙ تائين پھچڻ لاءِ، اونھي دن جي اونھاڻ تائين پھچڻ لاءِ. اونھن، عميق پاتارن تائين پھچڻ لاءِ مان سارو ڳجھه ڳوھه ڏسي ونڻ چاھيان ٿو، ساري جيون جو، سرشتي جو، سارو امرت رس چوسي ونڻ چاھيان ٿو. مان.... مان ڪجھه ماڻڻ چاھيان ٿو. سگھٽو سگھڻ نه. مون ۾ ان ٻارھن سالن واري نروس، لڄوڙي سگھٽي ٻار جيان لڪي لڪي لوگھن مان ليئا پائڻ جي ايڏي سگھه ڪانھي. ڪجھه ماڻڻ کان سواءِ ھيءَ ساري چانڊاڻ مانداڻ تچ آهي، ڪوڙو، دلبو، ڪچو گھڙو ۽ ڪلاپ آهي، سراب سيئرپ ڪيڏو نه حسناڪ آهي ھي جيون! ڪيڏو نه سويناڪ آهي؟ اونھي اونھي دن جي اونھاڻ ۾ ليئا پائڻ! ڪيڏي نه ڪامڻ مايا آهي، ھن ھستيءَ جي ڪايا!

پر هان..... ھي..... ھي سڀ ڇا ٿي ويو! آهي ڇا؟ ھي سڀ ڪجھه ايڏو ڊيڄاريندڙ، ڀيانڪ، من کي ڇيپاٽيندڙ، وار ڪانڊاريندڙ! منھنجي آڏو ته لاش پيو آهي! سڄيل، سوٽل، ٿوٿريل، ڦاٿل! دن ۾ ڪينئان ۽ سرٽا چرندڙ! تلھه کان ھيٺ پور ۾ زناني بيماريءَ جي رت پونءَ. ارھن کان ڦاٽندڙ، ڪنھن پوڙھيءَ ڦيڪارڻ جو مڙدو، بدبوھاٽو، اگري آسھپ بانس ڇڏيندر ٿوٿريل لاش. آئون ڇوان ٿو ھي سڀ ڇا آهي؟ ڪيئن ٿيو؟ ڇا اھا آهي سرشتي؟ ان کي پوريو ڇو نٿا؟ ڇا اھو سڀ دفن ڪرڻ لاءِ ناهي؟ سوين منڻ مٽي هينان ڏيوالتيءَ ۾ لٽڻ لا٣، لوڙھه ۾. ٻڌايو،

گهڻا ڏينهن رکندؤ ان کي مون آڏو ائين سجائي سمهاري؟ جواب ڏيو، مون کي هتي ڇو آندو ويو آهي؟ جواب ڏيو، مون کي هتي ڇو آندو ويو آهي؟ هن ڇپر هيٺ مان قيد ڇو آهيان؟ ڇا منهنجا هٿ پير نيئرن سان نه ٻڌا ويا آهن؟ اف..... مان مان گهٽجان پيو..... مان گهٽجان.... آهه .... آهه .... آهه.... هي سڀ ڄاريون، هي سڀ لوگها ڪليل ڇو آهن! ڇا سڀ ڪجهه منهنجي ڏسڻ لاءِ! محسوس ڪرڻ لاءِ! پوگڻ لاءِ. مان.... ٻارهن سالن جو ٻار ته نه آهيان! مان سڀ زنجير ٽوڙي ڇڏيندس. سڀ ڄار، تار، منڊ ڀجي ڇڏيندس، متائي ڇڏيندس سارو مانداڻ، نشٽ ڪري ڇڏيندس هيءَ ساري سرشٽي. مون کي ٻڌايو، ڪنهن ڪيو آهي هي قتل؟ اهو برداشت کان ٻاهر آهي، اسهپ آهي. ٻڌايو ڪنهن هي خون ڪيو آهي، ناحق خون؟ ائون ڇوان ٿو ڪوليو مون کي، مان پاڳل ناهيان، ناهيان چريو، ديوانو. ڪوليو.... نه ته..... مان ...... مان..... سمجهو ته پوءِ اوهان سيني جو خير ڪونهي. آهه... برداشت جي ڪا حد ٿيندي آهي...... ٻاهر آهي.... هي سڀ ڪجهه برداشت کان ٻاهر آهي.

آئون جنجير ٽوڙڻ لاءِ سارا ڪشت، ساري شڪتي، طاقت گڏ ڪري زور ڏيان ٿو، پنهنجي ٻانهن جو ٻل آزمايان ٿو. ساٽا ڪاٽا هڏ، سنڌ سنڌ کان اکڙيو ٽا پون. سهڪيو سهڪيو ٿو وڃان، پگهريو پگهريو ٿو وڃان. ڦڦڙ ڦوڪٽي جيان ڦوڪجي. ڦاٽيو هانپارو ٽا هٽن. آئون هر واري سهڪيو سهڪيو، ڪنڌ لاريو ٿو ڇڏيان، نئين شڪتي گڏ ڪرڻ لاءِ.

ماٺهو پنهنجي وات اچن پيا، ماٺهو پنهنجي واٺ وڃن پيا. هيڊا هيڊا هراسيل ماٺهو، رت ڇوسيل، موهه ٿوهه جي گهاٽن ۾ پيڙيل نپوڙيل، ڇاڪيءَ جي ڏاند جيان اکين تي عينڪ جا ڪوپا چاڙهيل، ميڄالا نڪتل، ڄڳن کان برين واش ڪيل، ڇريا ڪريا موڳا ماٺهو.

ڇا مان ڇريو آهيان؟

اهو سڀ نيڪ آهي؟

ڇا اهو نياءُ جي ساهميءَ ۾ تورن جي ارٿ پٽاندڙ آهي؟

ڇا اهو سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻو آهي؟

ٻڌايو، اوهين سڀ چپ ڇو آهيو؟ جواب ڇو نٿا ڏيو؟

ته پوءِ ٻڌو، اوهين سڀ وڏا .... آهيو، مئل ماٺهو ٽڪي ٿو...... آخ ٿو....

آئون رانياٺ ڪري روئان ٿو، هانپارو هٽي، ڪنڌ کي ڏونڌاڙون ڏئي روئان ٿو. سڀ ڇون ٽا ته تون ڇريون آهين. سڄي شهر وارا، ٻيا ته نهيو، پر منهنجي پنهنجي جيجل ماءُ به! ماتا، ڄڻيندڙ، جنني، پالڻهار. ذهن ڏوڏو ٿو ڪائي. آئون ڏڪان پيو. مان بند ڪمري ۾، نين ٻُٽي،

مونن ۾ منهن وجهي، ماضيءَ جي جهروڪن ۾ ليئان پايان ٿو، جهاتيون، گذري ويل وقت جي لوگهن مان.

سارو جيون سانوڻ جي سنڌوءَ جيان وهندو ٿو وڃي، پنهنجي ساڳي گنڀيرتا سان. جيون، جنهن جو ٻيو نالو وهڪ آهي، پالوٽ، اونچن اونچن برفيلن پهاڙن کان هيٺ، هيناهين ڏانهن. اها آهي ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ جيون چڙ پڙ. اٿل، پالوٽ سرشتي جي! ڪاشيءِ، ڪوبه پل مڪت ڪونهي، ڪوبه نه، پوءِ به هرڪا شيءِ، ڪوبه ڪو پل مڪتي ماڻيل آهي، ڪڏهن نه پسم ٿيندڙ، درياهن جيان، ڌارائن جيان، برفيلن پهاڙن جيان، سمونڊن جيان.

ذهن جي چوٽ ساموندي ڇولين مان ساروڻن جي هڪ ڇولي مون کي الائي ڪٿي اڇلائي ٿي ڇڏي، ڇاتل ڪنارن ڏانهن، واهڙن ڏانهن، ڪيتن ڏانهن. مان ڏسان پيو:

هڪ واهڻ آهي، واهڻ ۾ به وڏا ڪپڙي جا تنبو آهن، ٽينٽس ۽ ٻيا ڪکن جا ڇنا، جن جي ڇتين ۽ پاسن کان ٠امر جي پراڻن وڏيل پيپن جون چادرون ڏنل آهن. انهن جي مٿان ڪولهياڻين جا پراڻا ڇنل پڙا ۽ پولڪائون آهن، ڏوئي اس تي وڌل ڪپڙا.

هڪ تيرهن سالن جو سانورو ٻار، بس کي روڪي لٿو آهي. ڪير جهڙي اڇيءَ گنجي مٿان هيڊي ريشمي چوڪڙيءَ تي خوبصورت بش ڪوٽ. مٿان تنگ ۽ هينان ويڪري وڏن پاڇن واري، ڳوڙهي هيڊي بيل باٽم پينٽ. ڪنڌ تائين لڙيل وڪريل وڏا وار، نئون چيچاٽي ڪارو بوٽ، هٿ ۾ ننڍڙي ربڙ جي بيگ، پگهر مان شم.

ٻار بس مان لهندي ئي پهرين نئين روڊ ڏانهن نهاري ٿو. بلڪل انجنيئرن واري انساز سان سڙڪ جي سڌ ڏانهن ڇڻ ڏامر جي سڙڪ جو ڪاچو ٿو ڪري، ان جي لس ۽ ليٺ ڏسڻ لاءِ. سڙڪ تي پري پري ڪٿي خطري جي نشاني واريون ڳاڙهيون جهنڊيون ڪتل آهن ۽ پاسي کان پري پري تائين خالي ٽيل ڏامر جا پيپا ۽ ريتي، بجري ۽ پٿرن جا ڍير. ٻار هٿ ۾ ٻڌل خوبصورت گهڙيءَ ڏانهن نهاري ٿو. اڃا صبح جا يارهن به نه ٿيا آهن. آسمان من جهڙ جا ڪجهه آثار آهن. ٻار وري اڌ فرلانگ ڪن پوئتي، سڙڪ جي ساڄي ٻاسي ٻنهين تنبن ۽ لوهه جي چادرن وارن ڇنن ڏانهن نهاري ٿو ۽ بيگ ڪٽي هوريان هوريان تنبن ڏانهن وڌڻ لڳي ٿو.

تنبن مان هڪ تنبو سندس آهي ۽ ٻيو سندس ٻئي ڄنگهون وڏيل، اپاهج ٺيڪيدار پيءُ جو آهي. باقي سڀ گهروندا ۽ ڇنا، مزورن جا آهن، جن کان ٿورو ئي پريان، وڻن جي جهنڊ هينان پيلن ۽ ڪولهياڻين جا ننڍڙا ننڍڙا ٻارڙا پٽ تي مٽيءَ جي پنوڙن سان اوڪ بوڪ راند ڪيڏندا ٿا نظر اچن، جن کي ڏسي ڇوڪرو ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. ڇوڪرو ڪا شيطاني ياد ايندي، لڪندو هڪ تنبوءَ پنيان اچي ٿو ۽ هڪ ننڍڙي خوشي ماڻڻ لاءِ سوٽ ڪيس مان بسڪوٽن جا به

پيڪٽ ۽ ڪتمنن جو گروس ڪڍي، پيپن ۽ چادرن وارن ڇنن پنيان لڪندو، وڻن جي جهنڊ هيٺان ڪيڏندڙ ٻارڙن مٿان لڪي بسڪوٽن جا پيڪٽ ۽ ڪتمنن جو گروس اڇلائي ٿو ۽ يڪسر سوٽ ڪيس بند ڪري، لڪندو پنهنجي تنبوءَ ڏانهن ڊوڙي ٿو. ٻارڙن جو شور سندس ڪنن ۾ گونجي ٿو. ٻار پاڻ ۾ ڇنن پٽ پيا ڪن ڪتمنن ۽ بسڪوٽن لاءِ.

ڇوڪرو لڪي، اتاولن ٻارڙن جي ڇنن پٽ ڏسي، خوشيون ماڻيندو، پنهنجي تنبوءَ جي ڪپڙي واري در مان تنبوءَ ۾ اچي ٿو ۽ ڪن لاءِ ٻيهجي وڃي ٿو، نئين شرارت لاءِ. ڪٺ تي اجرڪ مٿان واريو ستل آهي هڪ عورت، گهريءَ ننڊ ۾ الوٺ ۽ الوپ. ساري ڍڪيل. رڳو پيرانديءَ کان سندس سهڻا، سانورا ڏوتل ڏوتل پير، اڏوگابرا ٻاهر آهن ۽ پيرن جي آڱرين ۾ پيل اٽس پتل جا ميناڪاري وارا رنگا رنگ ڇلا. ٻاهر ٻارڙن جو اجا شور آهي. ڇوڪري کي نئون رونشو ٿو سجهي. هو پهرين عورت جي آڱوني ۾ چڪ هڻڻ لاءِ پيراندي گوڏن ڀر جهڪي وات وڏائي ٿو، ڀر پوءِ اچانڪ پوري طاقت سان اجرڪ جي پلو کي سٽ ڏئي، عورت مٿان اجرڪ لاهي ٿو ڇڏي.

هڪ ٻارهن تيرهن سالن جي چرڪٽي ڪولهڻ نينگري وٺ ڪائي، ڪوراڙ ٻلا جيان ڪيڪ ڪري ٿي اٿي. ڇوڪرو ڇرڪ ڀري ٻه ٽي قدم پوئتي هٽي ٿو وڃي، تنبوءَ جي در ڏانهن. ڇوڪري هڪدم پيانڪ سپنو سمجهي، جاڳيل ننڊاکڙي حالت ۾ هڪدم سترن تائين ڪڇي ويل پڙي جا پنگ هڪدم ٻُڪين تائين هيٺ تي ڪري پيرن تائين، ستر لاءِ ڍرڪي ويل ڍرو نينهنگ متي تي ڪري ۽ ڇوڪري کي ڊناٽو، هيساٽو، پاڻ ۾ گهور ٻڌي نهاريندو ڏسي، ستر لاءِ پهرين ارهن مٿان پولڪا تي هٿ ڏئي تي، پوءِ هڪدم منجهي ٻنهي هٿن سان ننگي ڍڍري ڍڪي تي ۽ چنري ڳولهڻ لاءِ ڪٺ ڏانهن هيڏانهن هوڏانهن نهاري تي ۽ لڄ کان اکين تي هٿ ڏئي تي ڇڏي.

"تو ڪون ٽي؟"

"سيٺ نو ڏيڪرو آڳيو...... سيٺ نو ڏيڪرو آڳيو....." سڀ ننڍڙا ٻارڙا شور مچائيندا، تنبوءَ ۾ اچن ٿا. ڇوڪرو پريشان ٿي، ڪنڌ لاڙي، ٻئي تنبوءَ ۾ هليو ٿو وڃي، ڏاڍو هيساڻو.

هن ته سمجهيو هو ته ڪٺ تي سندس ڪولهڻ ماتا مرادا ستل هوندي، جا ڪيس ڇهن مهينن جي ڄمار کان هنج ۾ ڪنيو ڪن ڪتايون ڪرائيندي پئي اچي. ڀلا مون کي ڪهڙي خبر ته سندس ڪٺ تي ڪو ٻيو سمهي سگهي ٿو. هيءَ ڪير ڇوڪري آهي ۽ ايڏي ڏوتل پوتل ريشمي پڙو، سونو بولو، چانديءَ جي ٻانهين، نراڙ تي ياقوت جهڙو تلڪ. ڪير آهي؟ ڇا هوءَ ماتا مرادا سان شڪايت تي نه ڪندي ۽ ماتا بابي سان؟

"سيٺ نو ڏيڪرو آڳيو.... سيٺ نوڏيڪرو آڳيو......" سڀ ٻارڙا شور مچائيندا سندس تنبوءَ ۾ گھڙي پون ٿا، پر هراسيل اباڻڪي ڇوڪري کي ٻار نٿا وڻن.
"ياڳي زائو، ڏوڙي زائو، وڻا ماتي کيلو." ڇوڪرو سڀني ٻارڙن کي دڙڪا ڏيئي، وٽن ڏانهن راند ڪيڏڻ لاءِ ڊوڙائي ٿو ڇڏي. سڀ ٻار توائتڙا ٿي ڏانهس حيرت مان نهاريندا وٽن ڏانهن هليا ٿا وڃن.
منجھاڻو ڇوڪرو ٻيئي تنبوءَ ۾ بستري مٿان ڍهي ٿو پوي، گھڙيءَ گھڙيءَ نيٽن آڏو ساڳيو ڇهڇٽو، ساڳيو ڏيک ڊوڙندو ٿو اچيس:
سهڻا ڏوٻيءَ ڌوتل پير، اجرڪ، سٽ، سنهڙي ڪيڪ، ڊيجوڙو، سانورين سنهڙين سنهڙين سهڻين لسڙين رانن ۽ ٻڪين مٿان جهٽ جهٽ پڙي جي گهيرن جو وري وڄڻ، تجلا ڏيندڙ پولڪا، تلڪ، مک، هٿ، پير، ڪرايون، آڱريون، پيٽ، سنهڙي ڇيلهه، ٿلهه ۽ اونهون اونهون دن، ڳاڙهاٽيل مک، ستر لاءِ سٽون ڏيندڙ هٿ، اکين تي، پولڪا تي، پيت تي، وري ٻر ٻر ٻرندڙ اکين تي. ڪير آهي، ڇا ماتا مرادا جي مائٽيائي؟ ڪيڏي نه سهڻي آهي؟ ڇوڪري کي انگريزي رنگين فلم "ٿيف آف بغداد" جي ڇهن هٿن واري ننگي نچڻي ياد اچي ٿي، جا نچندي نچندي بغداد جي پوڙهي باشاه کي ياڪر پائڻ ويل، ڇرو سندس پنن ۾ هڻي ٿي ڪدي. اف، هيءُ ته نچنيءَ کان به وڌيڪ سهڻي ۽ سوپناڪ آهي ۽ تلڪ؟ ڇوڪري کي "ٿيف آف بغداد" فلم جي ننڍڙي هيرو صابوءَ کي ديو جي چوڻ تي، پهاڙن جي وچ ۾، وڏي جادوئي مندر مان لنگھندي، هڪ خوفناڪ آدم خود ڪوريئڙي کي ماري، وڏي انگاس بت جي نرڙ مان تلڪ سمان لڳل هيرو ڪڍڻ واري سين ياد اچي ٿي.
هان!.... رنگين فلم جي ڪوڙ ڪان هيءَ ساپيان ڪيڏي نه سهڻي آهي! ساڳيو منظر، ساڳئي موھ مان سندس اکين آڏو فلم جي رول جيان ڦرندو ٿو رهي، ڇوڪرو بستري تي اسانت آهي ۽ هڪ وڏي جادوئي موھ ڇار جي تارن ۾ ڦاسي، ڦٿڪي پيو، پوڳي پيو. ڪن مٿان ڪن، پل مٿان پل گذرندا ٿا وڃن.
"ٻاتي ڪاڏي هي؟"
ڇوڪري هٿ ۾ لسيءَ جو وٽو ڪنيو، ڇوڪري تنبوءَ ۾ آئي آهي. پنھنجو پاڻ کي مورڇٽ رئي ۾ ويڙهيو ٻيٺي آهي. ڪن مٿان ڪن، پل مٿان پل گذرندا ٿا وڃن. هر ڪا شيءَ پنھنجو وجود وڃائي ٿي ويهي، لسيءَ جو وٽو به. وچ ۾ رڳو هڪ موھ جو جادو آهي، نيٽن جي تاسارين ۾ نيڻ ڄمي وڃن ٿا، نيڻ جھڪي وڃن ٿا، نيڻ مٿي کڄن ٿا. اکچني جو ڪي، اجيا نيڻ ڍاپن نٿا. تؤنس کان ڪامندڙ، اواڪ اجيا اندر. هانو، وقت جا هلندڙ ٻي حس گھڙيال. اوچتو

نينگري نيڻ جهڪائي، لسيءَ جو وٽو ٽپائيءَ تي رکي، ٻئي تنبوءَ ڏانهن هلي تي وڃي. ساروٽن جي هڪ ٻي چولي چلندي تي اچي:
ڊناٽو هيساٽو ساڳيو نينگر، ساڳئي تنبوءَ جي در تي بيٺو آهي، چورن جيان، موهه ڄار جي ڪن ۾ ڦاٿو، ستل نينگريءَ جي اونهي اونهي دن ۾ نيڻ ڪپايو. "شيوا....." هو ڳالهائڻ چاهي ٿو، پر اکر نڙيءَ جي اونهاين مان اورانگهين نٿا. نينگري جي ننڊ ۾ ڦٿڪو آهي، ڪجهه جاڳ جهڙو ڪجهه آڳ جهڙو.
چوڪرو پوڳي پيو، موهه جا تار ٽوڙڻ لاءِ لچي پيو. رڳو ٽن وڪن جي وڇوٽي تي ته آهي، پل صراط. اوچتو هڪ ئي سٽ سان چوڪرو سارا ڄار ٽوڙي، اونهي اونهي دن جي ڪين ڪن تائين پهچي وڃي ٿو. اونڌن گوڏن پر ويهي، ڪٺ جي ٻانهينءَ کي هٿ سان جهليو، نينگري۴ جي ننگي ڪاڻي پيٽ ۾ نهاريندو رهي ٿو. اونهي اونهي دن جي ڪونهر ۾، رج پانڌيءَ جيان، ٻڏي وڃي ٿو. اواڪ اڃيا چپ، دن جي ڪين ڪن ۾ پڄي وڃن ٿا.
"شيوا.... شيوا...... شيوا..." نينگر جو ڪنڌ نينگريءَ جي ٽڙهن ڏانهن ڦٽڪي وڃي ٿو. وري ارهن ڏانهن، وري مورچٽ گنديءَ اندران چپن ڏانهن. نينگريءَ جي ديهه ۾ ڄڻ زلزلو پيدا ٿي وڃي ٿو. نينگر جي چپن سان چپ پچائي، سندس پٺن ڪان ٻانهون ورائي، سارو نينگر پاڻ مٿان ورائي تي چڙي، چپن جو ٻنڌ هٽي، چاهي ٿي نينگر کي پنهنجي اندر پيهي ڇڏڻ.
"او سوڊا، سرتا، روٽيا. ڪيڙو ڪامڻ ڪيتو هي؟"
نينگريءَ جا نيڻ وشال ٿيندا تا وڃن، وشال، اڃا وڌيڪ وشال، نيري نيري سمونڊ جيان، چر چر چمڪات ڪندي چولي ٻنهي مٿان وري تي وڃي، ڄڻ هرڪا شيءِ وقت جي مها پرلئه ۾ لڙهي تي وڃي.
مان ڊڄي اکين تي هٿ ڏئي ٿو ڇڏيان:
هان....... هي ٻئي ڪير هئا؟ موهه ڄار ۾ ايڏو ڦاٿل! ايڏا ڳتيل. ڳيراتين ۾ پويل، موهه ڄار جي مهاياري ڪن ۾ ٻڏاٽا! ايڏا اتاولا ءِ بي خبر. ڪير هئا ٻئي؟ اهو ڪهڙي سورڳ جو ڏيک هو؟ چا ڪو سپنو، ڪنهن پوڄاريءَ جو؟..... پر مان اهو سڀ ڪيئن ڏسي سگهيس، منهنجا چپ ايڏو چپ ڪيئن رهيا؟ رڳو ايترو ئي ٻڌائي ڇڏيان ها ته هن سورڳ ڪان پري، ٻيو هڪ نرڳ به آهي! ڄرنڌڙ، آڳ الا. ڪجهه ته ڪين خبردار ڪريان ها. ارهه.... اف...... هٽ ڪيڏي نه بوسٽ آهي، ڪيڏو هبڙاٽ آهي. مان هٽ بند چو آهيان؟ هي ڪهڙو نرڳ آهي؟ ڪهڙي جنبن جي سزا؟ چا مان اکيون کوليان......؟ پر..... هنن لوگهن پنيان جيڪو لاش پيو آهي، ان کي مان ڪيئن ڏسي سگهندس؟

"آهہ..... ڪو آهي، مان..... مان گهٽجان پيو. منهنجو ساهہ...... مان.... آهہ..... گهٽجان.... نيڪ آ، مان چريو ئي سهي...... پر اوهان مون کي ماڻهو چو نه ٿا سمجهو! ڇا پاڳل کي حواس نه ٿيندا آهن؟ مان..... مان اقراري آهيان ته مان چريو آهيان، خوفناڪ، خطرناڪ چريو...... پر هي..... هيءَ ڪهڙي سزا آهي؟ اوهان مون کي ماري ڇو نٿا ڇڏيو! ڇا اوهان وٽ گولي هلائڻ لاءِ پنجاهہ پئسا ڪينهن ڇا؟

(.....................................)

آهہ... آهہ... چؤنڪيداري ڪندي اوهان سڀ سمهي پيا آهيو ڇا! منهنجو آواز ڇو نٿا ٻڌو! مان پٽين سان پيو ڳالهايان! يا اوهان جي ٻڌڻ جا هواس ختم ٿي ويا آهن! ڪٿي...... هي مڙدو شيوا جو ته نه آهي! ڇا مون کي رڳو اهو ڪجهه ڏيکارڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي؟ مان ته اهو وسهيو هئس ته هن ذرتيءَ ڪان مٿي ٻيو ڪوبه سورڳ يا بهشت ڪونهي! آهہ..... مان گهٽجان پيو ته پوءِ.... ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏي منهنجا اڃا وار، سفيد سينو ڏسي پنيلجو نه. مان..... مان اڃا ٻارهن سالن جي عمر جي ڏاڪي ڪان اڃا هڪ ڏينهن به مٿي نه چڙهيو آهيان. مان اهو سيڪجهه ڏسن لاءِ تيار ناهيان.... ناهيان..... ناهيان.......

مان بند ڪمرن ۾ ڏونڏاڙون ڏئي روئان ٿو. سارا ڪشٽ، سموري شڪتي گڏ ڪري زور آزمايان ٿو ۽ نست نبر ٿي ڪري ٿو پوان. هن ازل جي اواڪ اونداهين ۾ پري رپي تائين ڪو ڪڙواءُ پڙلاءُ ڪونهي. منهنجي پنهنجي رڙين جو پڙاڏو به نه!.......

نوان پيغامبر

جڳن کان پوڙهو تاريخدان لکي رهيو آهي، لکندو ٿو اچي، هن ڪنڌ جي تاريخ. جا ٻارڙا اسڪولن ۾ پڙهندا آهن. مون ننڍڙي لاکي پڙهيو هو - اڻ آريه، اڻ سڌريل ۽ اگهاڙا هئا. ڪچو ماهه، مڇيون ۽ گلوئيون ۽ ڳوهون کائيندا هئا. پهاڙن جي چرن ۾ رهندا هئا. پوءِ خيبر جو لڪ لتاڙي آريه لوڪ آيا، جي سڌريل هئا ۽ ڪپڙا اوڍيندا هئا. انهن جهنگلي اڻ آرين کي ماري مات ڪيو ۽ ڪين هن ڪنڌ مان هڪالي ڪڍيائون ۽ ساري هندستان جا والي ٿي وينا.
منهنجي دل ۾ سڌريل آرين لاءِ عزت پيدا ٿي وئي.
لکيل آهي: سڪندر اعظم يونان جو بادشاهه هو. هن ساري دنيا تي گهيرو ڪيو هو. هو وڏو بهادر، رحمدل، جنگجو، سورهيه ۽ انصاف وارو بادشاهه هو. مرڻ ويل هن پنهنجا هٿ ڪفن کان ٻاهر ڪڍرائي ڇڏيا هئا ته ڏسو خالي هٿين پيو وڃان.
مون دل ۾ چيو، واهه واهه!! مرڻ ويل به دنيا لاءِ سبق ڇڏي ويو.
لکيل آهي ته: قطب الدين ايبڪ غلام گهراني جو پهريون بادشاهه هو. وڏو عادل، انصاف وارو، جنگجو ۽ بهادر بادشاهه هو. ڪيس لک داتا (لک بخش) ڪري ڪوئيندا هئا. هن وڻ پوکايا، کوهه کوٽايا، ڍلون معاف ڪيون ۽ وڏين وڏين عمارتن جا بنياد وڌا. قطب مينار ۽ قطب مسجد اجا تائين سندس يادگار آهن.
مون سوچيو: بادشاهه ته اهڙا.
لکيل آهي: ناصر الدين التمش جو ننڍو پٽ هو. ڏاڍو نيڪ دل، خدا ترس، نيڪ، پرهيزگار، بهادر ۽ جنگجو بادشاهه هو. ڪيس درويش بادشاهه ڪري ڪوئيندا هئا. هو شاهي خزاني جو هڪ ڏوڪڙ به پاڻ تي خرچ ڪرڻ حرام سمجهندو هو. اکر ڏاڍا سهڻا هئس. قران شريف جا نسخا لکي، ٽوپيون، تڏا ۽ توئنريون ناهي انهن تي پيٽ گذر ڪندو هو.
مون چيو جزاڪ الله! ايڏا خزانا هوندي به هٿ جو پورهيو ڪندو هو.
لکيل آهي: جلال الدين بادشاهه کي ڪوبه پٽ ڪونه هو. پنهنجي ڀائٽي علاؤ الدين کي پٽ ڪري ڪوئيائين ۽ اهو خيال پيدا ٿيس ته سڪندر وانگي ساري دنيا کي فتح ڪيان. هن گجرات، ڪانياواڙ، تيمور، چتور، اجين، مالوا ۽ سنڌ جا ڪجهه علائقا فتح ڪيا هئا. هو ڏاڍو عادل، بهادر ۽ انصاف وارو ۽ غريبن جو خيرخواهه هو، تنهن ڪري ڪيس ڪافور ملڪ زهر ڏنو هو.

لکيل آھي: تيمور لنگ، چنگيز خان جي پوين مان ھو. نھايت بھادر، انصاف وارو ۽ جنگجو ھو. تاتارين، ترڪن ۽ ايرانين جو وڏو لشڪر وٺي، اچي ھندستان ۾ ڪاھي پيو ھو ۽ ساري ھندستان جا بنياد ڌوڏي ڇڏيائين. ھو وڏو قدردان ۽ انسان دوست بادشاھ ھو.

لکيل آھي: بابر تيمورلنگ جو پڙپوٽو ھو. ھن تيمور لنگ وانري رڳو ھندستان ۾ ڦرلٽ ڪانه ڪئي، پر پاڻيپٽ جي لڙائيءَ ۾ ابراھيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي دھليءَ جي تخت تي ويٺو. ھن بنگال، جوڌپور، سنڌ، راجپوتانا، گجرات، ڪشمير بلکه ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته سارو ھندستان فتح ڪيو. ھن کي انساني کوپرين جا مينار وننڊا ھئا. ھو وڏو بھادر، عادل، رحمدل، خدا ترس ھو، ھو يڪي سر ٻه ماڻس ڪڇ ۾ ھڻي جمنا نديءَ کي پار ڪندو ھو. سندس وقت ۾ رعيت تمام سکي ھئي ۽ مٿائن ڏل معاف ڪئي ھئائين.

لکيل آھي: ھمايون ڏاڍو رحمدل، خداترس، دور انديش ۽ درويش بادشاھ ھو. ھن کوھ کوٽايا، مسافر خانا نھرايا. آفيم سان ماڻئي ٿوري دل ھيس.

لکيل آھي: شير شاھ، سوري گھراڻي جو پھريون بادشاھ ھو. ھن ھمايون سان نٻگي ڪري ڪجھه سال حڪومت ڪئي ھئي. ھو ايڏو ته بھادر ھو جو تلوار جي ھڪ ئي ڌڪ سان شينھن کي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو ھئائين. تنھن ڪري کيس شير شاھ چوندا ھئا. ھن کوھ کوٽايا، ون پوکايا، رستا نھرايا ۽ پنج ئي وقت نماز قائم ڪئي. سندس وقت ۾ شينھن ۽ ٻڪريون ھڪ ئي گھاٽ تان پاڻي پيئندا ھئا.

لکيل آھي: جلال الدين اڪبر کي مغل اعظم ڪري ڪوٺيندا ھئا. ھن ساري ھندستان تي ۴۹ سال ھڪومت ھئي. ھو ھندو ۽ مسلمانن کي ھڪ اک سان ڏسندو ھو. ھن ڍلون معاف ڪيون، کوھ کوٽايا، رستا ۽ مسافر خانا نھرايا ۽ رعيت کي پنھنجو اولاد ڪري سمجھندو ھو. ھن ھندو ۽ مسلمانن کي گڏ ڪرڻ تي چاھيو، تنھن ڪري مسلمان رعيت منجھائنس ماڻئي ناخوش ٿي پئي ھئي.

لکيل آھي: جھانگير جو انصاف ساري دنيا ۾ مشھور آھي. سدائين در تي انصاف جي پڪار لاءِ ٽلا ۽ زنجيرون لڙڪنديون ھيس. ٿورو عاشق مزاج ھو. پنھنجي زال نورجھان سان ڏاڍي دل ھيس. ٿورو آفيم ۽ شراب واپرائيندو ھو.

لکيل آھي: شاھجھان پنھنجي پياءَ شھريار ۽ سندس ٻارڙن کي مارائي تخت تي ويٺو ھو. وڏو نيڪ نمازي، انصاف وارو، غريب نواز، رحمدل ۽ بزرگ بادشاھ ھو. راڻي ممتاز محل تي ساھ ڇڏيندو ھو. ھن کوھ کوٽايا، وڻ پوکايا، وڏين وڏين عمارتن جا بنياد وڌا، تاج محل، جامع مسجد ۽ شاليمار باغ اجا تائين سندس يادگار آھن.

لکيل آهي: اورنگزيب پنهنجي ڀاءُ داراشڪوه ۽ ڀين ٽن ڀائرن کي مارائي تخت جو اڪيلو وارث ٿي وينو، تنهن ڪري ڪيس عالمگير جو لقب مليو. هو وڏو نيڪ نمازي، پرهيزگار، ڪامل درويش ۽ ولي الله هو. هن تخت تي ويهندي ئي مرهٽن ۽ راجپوتن کي ٽوٽا چٻارائي ڇڏيا. شراب ۽ راڳ کي بند ڪرايائين. سڄي عمر شاهي خزاني مان پاڻ تي ٽڪو به خرچ ڪونه ڪيائين. اکر تمام سهڻا هئس. قرآن شريف جا نسخا لکي، ٽوپيون، تڏا ۽ پنهنجي خوشحال رعيت جا جنڊ آهوڙي پيٽ گذر ڪندو هو.

ساري تاريخ سڪندر اعظم جي دور کان وٺي انگريزن جي دور تائين اهڙن عادل، نيڪ نمازي، انصاف پسند، درويش، ولي الله، جنگجو ۽ بهادر بادشاهن جي ساراهه سان ڀري پئي آهي ۽ لکيل آهي:

"خبر اٿو موهن جو دڙو ڪيئن تباهه ٿيو؟"

جواب آهي: ان لاءِ ته مهاراجا موهن وڏو ظالم، جابر، عياش ۽ زاني راجا هو. سندس ملڪ ۾ جيڪا به شادي ٿيندي هئي، انهيءَ ڪنوار کي پهرينءَ رات هو زوريءَ پاڻ وٽ ٽڪائيندو هو. هڪ ڀيرو جڏهن سندس ڀيڻ جي شادي ٿي (جيئن ته راجا مٿس پهرين ئي بعيمان هو) سو ڀيڻ کي پهرينءَ رات پاڻ وٽ ٽڪائڻ چاهيائين. الله تعاليٰ جو مٿس ڏمر نازل ٿيو. ڌرتي ڏٻي، اک ڇنڀ ۾ اهو راجا ۽ سندس پرجا ڪروڙين مڻ مٽيءَ هيٺ دٻجي غرق ٿي ويا.

پڙهي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. چڱو ٿيو الله تعاليٰ ڪين غرق ڪيو، ملعون ڪتي جو، ڀيڻ سان ٿي شادي ڪيائين!

لکيل آهي: "خبر اٿو ته ڪاهوءَ جو دڙو ڪيئن غرق ٿيو؟"

جواب آهي: مهاراجا ڪاهو ميرپور خاص واري پاسي کان حڪومت ڪندو هو. هو وڏو ظالم، عياش، جابر، منڪر ۽ زاني راجا هو. هزارين ٻانهيون، راڻيون هئڻ جي باوجود جيڪا به سهڻي عورت ڏسندو هو، تنهن کي ڪٽي وجي ڪوٽ ۾ قابو ڪندو هو. هڪڙي ڀيري تلاءَ ۾ ڀيڻ کي اگهاڙو وهنجندي ڏٺائين، سو دل بعيمان ٿي پيس. ڪٽي وجي ڪوٽ ۾ قابو ڪيائينس. الله تعاليٰ جو مٿس عذاب نازل ٿيو. سج نيزي پاند اچي بيٺو ۽ ڌرتي ٽڪاءُ ڏئي ڦاٽي پئي. ظالم راجا ۽ سندس پرجا جڻ ٻڇي سوڌا اونهي پاتال ۾ هليا ويا.

لکيل آهي: خبر اٿو دلوراءِ جي نگري ڪيئن ناس ٿي؟

جواب آهي: دلوراءِ سيوهن جي مٿان راڄ ڪندو هو. هو وڏو خونخوار، عياش، وڏي درجي جو مڪار ۽ زاني راجا هو ۽ هر رات نئين منڊ ماڻيندو هو. هڪ ڀيرو هو ڪٿان ٻاهران ٿي آيو. چيٽ جي چانڊوڪيءَ ۾ محل جي اگڻ ۾ ڀيڻ جي ڌيءَ کي سرهيءَ سيج تي ستل ڏسي

انڌو ٿي پيو. نيانيءَ تي وني ناهر وارو حملو ڪيائين. الله تعاليٰ جو مٿس قهر نازل ٿيو. ست فرستا آسمان مان لٿا جن اچي زمين تي قلعا ڪوڙيا ۽ زنجيرن سان سندس ننگريءَ جا بنياد پاڙان ڌوڏي ڪڍيائون ۽ ائين اهو ظالم راجا ۽ سندس پرجا نيست ۽ نابود ٿي ويا.
لڪيل آهي: خبر اٿو ديبل بندر ڪيئن تباه ٿيو؟
جواب آهي: سنڌ جو حڪمران مهاراجا ڏاهر - وڏو ظالم، جابر، عياش ۽ زاني هو. هن وٽ سنگ مرمر جي مجسمن جهڙيون سوين حسين ٻانهيون هيون. پوءِ به ڀيڻ سان شادي ڪئي هئائين. ڏاڙيلن جا ٽولا وني، سامونڊي رستن ڪان عرب جي حاجيين جا جهاز گذرندا هئا، انهن کي ڦريندو هو. الله جو مٿس قهر نازل ٿيو. رحمت المسلمين خليفي حجاج جي من ۾ مٿس ڪاه ڪرڻ جي وڏائي، جنهن لسڪر سان مجاهد محمد بن قاسم کي ڏياري موڪليو. سڄي سنڌ ۾ گهوڙا گهوڙا ٿي وئي. عرب غازين جي گهوڙن ڪافرن کي ڄڻ ٻچي سوڌو چيپاٽي ماريو. منڪر ۽ ملعون ڏاهرن کي شڪست ملي. سندس سر کي نيزي تي ٽنگيو ويو ۽ محمد بن قاسم جي مجاهدن منجنيقن جي پٿن سان ديبل جي ديوارن کي دنيا جي تختي تان ميساري ڇڏيو.
پڙهي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. چڱو ٿيو، منڪر ۽ ملعون کي سيڪت ملي. پيٽسان پيٽن تان به ڪونه ٽرندا هئا. ظالم، زاني! جهڙي ڪيائون، تهڙي پريائون ۽ آئون پنهنجي اڻ پڙهيل دوستن کي سڪندر مقدوني، مهاراجا اشوڪا، قطب مينار ۽ تاج محل جون ڪهاڻيون ٻڌائيندو هئس ۽ جهانگير جي انصاف جا ڍڪ پريندو هئس.
هڪڙي پيري سنجهي جي سهائي ويل امان مون کي چيو ته: "پٽ، اڄ ته توکي دودي سومري جي ڪهاڻي ٻڌايان."
مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ حيران به ٿيس. چيم: "امان، دودو سومرو ڪير هو؟"
چيائين ته: "پٽ، توکي دودري سومري جي خبر ڪانهي؟ دودو سومرو سنڌ جو سورهيه سرويچ سپوت هو. هن سنڌ جي سدا سهاڳڻ ڌرتيءَ تان پنهنجو سر گهوريو هو."
مون حيران ٿيندي چيو: "پر، امان تاريخ ۾ ته انهيءَ جو نالو آهي ئي ڪونه."
امان چيو: "ها پٽ، دودو سومرو سنڌ جو حڪمران هو، تاريخ ۾ سندس نالو ڪونهي ته ڇا ٿيو - ساريءَ سنڌ ۾ هر ماڻهو هر منڌ جي سيني تي سدائين سندس رت رتول تاريخ جا چٽ چٽيل هوندا" ۽ چيائين: "پٽ، اها ڪهاڻي مون کي تنهنجي نانيءَ ٻڌائي هئي. هاڻ ڪن ڏئي سنڌ جي انهيءَ دولهه دلير جي ڪهاڻي ٻڌ."

۽ پوءِ امان مون کي سنڌ جي ان سورهيه سرويچ ۽ باغيرت دودي جي ڪهاڻي ٻڌائي. اها ڪهاڻي ايڏي ته پردرد ۽ دل ڏاريندڙ هئي جو منهنجي اکين مان ڳوڙها اچي ويا. نڙيءَ ۾ ڄڻ مڇيءَ جو ڪنڊو ڦاسي پيو هئم. چيم: "اما پوءِ روپاه تباه ٿي وئي.،

امان چيو: "ها پٽ، پوءِ روپاهه هميشه هميشه لاءِ سنڌ جي سيني تان ميسارجي وئي." امان ڄڻ روئي پئي هئي ۽ آئون ڪنهن ڳوڙهيءَ سوچ ۾ ٻڏي ويو هئس. "امان، دودي سومري علاؤ الدين کي پنهنجي ڀيڻ جو سڱ ڇو نه ٿي ڏنو؟ ڪٿي هن پان ته ٻاگهل سان شادي ڪرڻ نه ٿي چاهي!؟"

سٽ مان هڪ ٿڦڙ منهنجي ڳل تي لڳو – منهنجو منهن ئي ڦري ويو – وائڙو ٿي ويس. ڪاوڙ کان امان جو جسم ڏڪي رهيو هو ۽ پوءِ نهايت ئي پيار مان منهنجي وارن تي هٿ ڦيرائيندي گهائل آواز سان چيائين: "پٽ، پهرين ٻڌاءِ، تون پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪري سگهين ٿو؟"

منهنجو روح ڏڪي ويو. چيم: "نه."

امان چيو: "پوءِ تو سنڌ جي سورهيه سرويچ، غيرتمند پهلوان جي باري ۾ ائين ڇو سوچيو؟"

مون چيو: "امان ڪتابن ۾ ته ائين ئي لکيل آهي. سنڌ جا سڀ حڪمران ڀيڻن سان شادي ڪندا هئا. موهن جي دڙي جي بادشاه، دلوراءِ، ڪاهوءَ جي دڙي جي بادشاه ۽ مهاراجا ڏاهر سيني ڀيڻن سان شادي ڪئي هئي."

امان ڪجهه حيرت مان منهن ۾ نهاريندي رهي ۽ پوءِ نهايت ئي ڏکويل آواز ۾ چيائين: "الائي پٽ، انهن جي باري ۾ ته مون کي خبر ڪانهي. پر دودي سومري جي باري ۾ توکي ائين سوچڻ نه گهرجي. دودو هن ڌرتيءَ جو سڀ کان سورهيه سرويچ ۽ غيرتمند نوجوان هو ۽ ٻاگهل هن ڌرتيءَ جي سڀ کان عظيم عورت. انهن جي باري ۾ ائين سوچڻ به گناه آهي."

سچي ته اها ڪهاڻي منهنجي دل ۾ علاؤ الدين جي دودي تي ڪنيل ترار وانگي ڪپ هڻي وئي هئي. پر مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ اها منهنجي گناه جي ننڍڙي سزا هئا ۽ سوچي رهيو هوس ته مون ائين ڇو سوچيو؟ ۽ چيم: "پر امان، تاريخ ۾ اهڙو بهادر، سورهيه، غيرتمند حڪمران جو نالو ڇو نه ڏنو ويو آهي؟"

امان چيو: "الائي پٽ، شايد تاريخ وارن کي دودي سومري جي خبر ڪانه هئي. تون وڏو ٿجانءِ ته پوءِ دودي سومري جي تاريخ لکجانءِ."

هاڻ آئون وڏو ٿي ويو اهيان ۽ دراوڙن کان عبدالرزاق شهيد تائين جي تاريخ لکي رهيو آهيان.

هڪڙي ڏهاڙي هڪڙو چپ جهڙو پوڙهو تاريخدان منهنجي اونداهي ڪمري ۾ ايو ۽ حقي جهڙي ٻُڙ ٻڙ ڪندڙ آواز سان چيائين:
"مون ٻڌو آهي تون دراوڙن جي تاريخ لکي رهيو آهين؟"
چيم: "ها، مان وقت جو نوجوان آهيان - مان دراوڙن کان عبدالرزاق شهيد تائين تاريخ لکي رهيو آهيان."

پيجري جا پکي

مارل جي دل چاهيو ٿي ته هوءَ ڳوٺ ڇڏي ڪيڏانهن پري هلي وڃي، پر وڃي به ڪيڏانهن؟ ڪيس ته چوڌاري اونده ئي اونده نظر آئي. سندس دنيا تاريڪ ٿي چڪي هئي. هن چاهيو ٿي ته انهيءَ تاريڪيءَ جي گهرائين ۾ گم ٿي وڃي، ڪنهن اونهي ۽ اونداهي کوه ۾ پاڻ کي اڇلائي ڇڏي، جي دنيا ڪيس ڳولي به ته سندس ڪو نشان به ڪنهن کي نه ملي سگهي. پر هوءَ ائين نٿي ڪري سگهي. انهيءَ خيال ايندي ئي هن جي دل ڏڪيو ٿي وئي.
"گلوءَ جو ڇا ٿيندو؟" گلو، اٺن سالن جو معصوم، هن جي جگر جو ٽڪرو، ان جو ڪائنس پوءِ ڪهڙو حال ٿيندو؟ ائين سوچيندي ئي مارل جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڳوڙهن کان سواءِ وٽس هو ئي ڇا؟ هوءَ هڪ بيواهه عورت هئي – خوبصورت بيواهه، جنهن جو ڪوبه اوهي واهي هن دنيا ۾ ڪونه هو. بيواهه عورت ڪٽي ڪيترا به ڳرا ۽ ڍلا ڪپڙا پائي، ته به ڄڻ اگهاڙي. عورت جو سچو ڍڪ ته ان جو مڙس ئي هوندو آهي. مڙس مئي کان پوءِ هوءَ سچ پچ اگهاڙي هئي. هر ڪنهن جون نظرون هن جي جوان جسم تي اچي ڪپي ويون هيون. ٻيا ته ٻيا، مڙسس جا دوست به ڪيس تڪڻ لڳا. ڪنهن اشارا ٿي ڪيا، ڪو ٽڏا ساهه پري سيٽيون وڄائڻ لڳندو هو ته ڪي مرڳو اڪيلائيءَ ۾ سندس سڳ جهلي بيهي رهندا هئا. پنهنجي انهيءَ بيوسيءَ تي هوءَ دل ئي دل ۾ پيئي ڪڙهندي هئي، پر ڪنهن سان منهن ڏيئي ڳالهائڻ پسند نٿي ڪيائين. پر جڏهن به وڏيري جو تصور سندس اڳيان ايندو هو ته هوءَ ذري گهٽ دهلجي ويندي هئي. هن جون وڏيون وڏيون مڇون ۽ ڳاڙهيون پوائيٽيون اکيون سندس ذهن ۾ هڪ مستقل خوف ڄمائي ڇڪيون هيون. ڪلهه ئي وڏيري ڏانهس سلامن سان گڏ ڪجهه سوکڙيون به ڏياري موڪليون هيون ۽ مارل اهي سڀ شيون غيرت ۽ غصي وچان ڌوتيءَ جي منهن تي موٽائي هنيون هيون ۽ هينئر هوءَ اهو ئي سوچي رهي هئي ته ان جي جواب ۾ وڏيرو ضرور ڪو اڻنگو قدم کڻندو. اڄ سڄو ڏينهن هوءَ پنهنجي پر ۾ روئندي رهي – ايتري قدر جو ڇهه مهينا اڳ پنهنجي پياري مڙس جي اوچتي اجل تي به نه روئي سگهي هئي. ڳوٺ ۽ ڳوٺ جي هر ماڻهوءَ کان هن کي نفرت ٿي چڪي هئي. هن بار بار سوچيو ته هتان ڪنهن پاسي منهن ڪري هلي وڃي، پر پري پري تائين ڪيس اميد جو ڪو معمولي روشن ڪڙنو به نظر نٿي آيو. هن لاءِ ته جيئڻ ئي جنجال ٿي پيو هو. وري به ڪنهن اونداهي کوهه ۾ ٽپ ڏين جو خيال آيس پر بي اختيار سندس اکيون گلوءَ ڏانهن کڄي ويون ۽ سندس لونءَ لونءَ ڪنبڻ لڳي.

مامتا پريل دل ڇڪي ڪاڏي، هن ننڍڙي گلوءَ کي ڪٽي ڇاتيءَ سان چنبڙايو ۽ سندس اکين مان مجبوريءَ جا موتي لارون ڪري وهڻ لڳا.
سج الهندي جي هنج ۾ وڃي آرامي ٿيو. ڏينهن بدلجي رات ٿيڻ لڳو. تارن سان گڏ چنڊ به نڪري نروار ٿيو، پر مارل اڃا پنهنجن غمن ۾ غلطان هئي.
مارل چيو ته هوءَ صاف انڪار ڪري ڇڏي، وڏي واڪي چئي ڏئي ته هوءَ هاڻي پيٽ خاطر عزت کي خطري ۾ وجهڻ نٿي چاهي. ليڪن پيٽ جون مجبوريون ئي نراليون آهن! ڪڏهن ڪڏهن پيٽ ديوتا جي قدمن ۾ عزت ۽ غيرت جون انتهائي قيمتي قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. مارل ڪجهه به ٻولي نه سگهي، ڄڻ سندس گلي کي ڪنهن زور سان گهٽي ڇڏيو هجي. هوءَ اڪيلي ته ڪانه هئي، هڪ ڪائيندڙ پيئندڙ پٽ به سندس پيٽ جي تقاضا ۾ شريڪ هو! پنهنجن ٻچن لاءِ هڪ ڪمزور پکي ته ڄار مان به داڻو ڪڍڻ ويندو آهي. پوءِ پل ته ڪيس ڦاسائڻ لاءِ ڪو ڄار ئي ڇو نه وڇايل هجي. هوءَ انهيءَ ڄار جي تار تار کي ٽوڙي ڇڏيندي. مامتا جي پرجوش جذبي هن جي حوصلن کي جاڳائي ڇڏيو هو. پنهنجي ٻچي لاءِ هوءَ ساريءَ دنيا جا خطرا ڪڍڻ لاءِ تيار هئي. هن اڳتي وڌي ڏاتو ڪنيو ۽ گندي سنيالي ٻاهر نڪتي.
چوڏاري چانڊوڪي ڇانيل هئي. صاف آسمان ۾ چنڊ پنهنجي آب تاب سان چمڪي رهيو هو. ائين ئي ڪيس خيال آيو، ضرور ڪنهن ڏينهن سندس قسمت جي چنڊ تان به گرهڻ لهندو. ضرور ڪنهن ڏينهن سندس سکن جي آسمان تان ڏکن جا ڪارونيار هٽي ويندا. جڏهن گلو جوان ٿيندو! هن خيال ڪيو ته هوءَ ان لاءِ وڌيڪ مهنت ڪري، وڏي معاوضو حاصل ڪري. ڏاتو هلائڻ ۾ ته اڳيئي پڙ هئي. مڙد به سندس مقابلو نه ڪري سگهندا هئا. هوءَ تيز قدمن سان ٻنيءَ ڏانهن ويندڙ ڪچي رستي تي هلي رهي هئي. چوڏاري چپ چپات لڳي پئي هئي. هڪ هنڌ، گهاٽين ڄارين جي جهنڊ وٽ پهچي، الائي ڇو هن جا قدم وڌيڪ تيز ٿي ويا. ڪنهن نامعلوم خوف کان هوءَ ٿڙ ٿڙ ڏڪڻ لڳي. ايتري ئي ۾ پويان ڪنهن جي پيرن جو تمام ويجهو آواز ٿيو ۽ ٻيءَ گهڙيءَ ڪنهن سندس ٻانهن کي مضبوطيءَ سان جهلي ورتو. بي اختيار، مارل کان هڪ دردناڪ چيخ نڪري وئي - وڏيرو! هن ٻانهن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ته وڏيري ڪيس ياڪر ۾ آٽي ڇڏيو. ڏاتو سندس هٿن مان ڇڏائجي ويو. غيرت، غصي ۽ نفرت وچان مارل هن جي پنيءَ تي ٻنهي هٿن سان مکون هڻڻ لڳي، پر وڏيري تي انهن جو ڪوبه اثر نٿي معلوم ٿيو. "ڇڏ، مون کي ڇڏي ڏي! ڪجهه حيا ڪر..... پنهنجون ڄايون نپايون اٿئي.... وڏيرا، آئون مسڪين بيواهه آهيان...... مون کي ڇڏي ڏي!......"
"ڇڏيان ٿو توکي!...... تو ڪلهه سوڪڙيون ڇو ورايون؟....."

"انهن ترن تيل نه ٿيندءِ...... وڏيرا! مون کي اهڙي نيچ نه سمجهه..... اهو خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏ......! مون کي ڇڏي ڏي!"
"آئون ڪو ٻار ته ڪونه آهيان. تون ڪوبه فڪر نه ڪر، ڪنهن کي ڪنو ڪن خبر نه پوندي...." وڏيري پنهنجيءَ گرفت کي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو.
"هن رات وڳڙي ۾ ڪابه پهر ايڏانهن ڪانه ايندي. ڏس مارل، اجايو وقت نه وڃاءِ، نه ته آئون......."
پنجوڙ ۾ ڦاٿل شينهڻ جيان، مارل هاڻي وڏيري جي ٻانهن ۾ ڦٿڪي ڦٿڪي سهڪي رهي هئي. هوءَ روئڻ ۽ اوڇنگارون ڏيڻ لڳي: "خدا جي واسطي مون ڇڏين! رسول جي واسطي، وڏيرا مون بيواهيءَ تي ايڏو ظلم نه ڪر!....."
"بڪ نه ڪر!..." وڏيري هڪ ئي جهٽڪي سان ڪيس ليٽائي وڌو.
"ڇڏ مئا، ڪتا، پليت!..... ٿو!" هن وڏيري جي منهن ۾ ٿڪ هڻي ڪڍي. وڏيري سندس وات بند ڪرڻ چاهيو ته هن زور سان وڏيري جي ڇنهن ۾ چڪ پاتو، جو ان جي ٻني هٿن به پنهنجي گرفت ڇڏي ڏني. مارل انهيءَ موقعي مان هڪدم فائدو ورتي، پنهنجي پوريءَ طاقت سان ڪيس پرتي ٿيلهو ڏنو. پوءِ تڪڙو تڪڙو ڀڄي وڃڻ چاهيو ته وڏيرو اٿي رهيو هو. مارل سٽ پائي ڏاٽو ڪنيو ۽ جيئن ئي وڏيرو ڏانهس وڌيو ته هن زور سان وار ڪيو. هڪ ۽ ان ڪان پوءِ ٻيو وار. وڏيرو فقط رڙ ڪري سگهيو ۽ پوءِ اتي ئي ڌهي پيو. چانڊوڪيءَ ۾ سندس آنڊا پيٽ کان ٻاهر تي ڏنا ۽ رت جا گهارا لڳي ويا.
شڪاري خود شڪار تي چڪو هو. وڪريل وارن سان هٿ ۾ ڏاٽو جهلي، وڏيري جي لاش وٽ، مارل چنڊ جي روشنيءَ ۾ ائين بيٺي هئي، جيئن شينهن پنهنجي غضنفري حالت ۾ هوندو آهي. ان وقت مارل کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ سندس دل تان ڪئين مڻ ٻوجهه هميشه لاءِ ڪجي ويو هو.
يڪايڪ مارل کي پنهنجي جرم جو احساس ٿيو: "خون!" هن جي دل وسامجي وئي. اکيون ڦاٽي ويس. ڏاٽو هٿن مان ڇڏائجي ويس. ڄڻ زمين ۽ آسمان ڦري رهيا هئا. ڄڻ هوءَ بيهوش ٿي رهي هئي. ڪيس سجهيو ئي نٿي ته هاڻي ڇا ڪري؟ ڪجهه دير هوءَ ائين ئي گم سم بيٺي رهي. پوءِ هن پاڻ سنڀاليو ۽ اتان ڀڄي وڃڻ چاهيو. ٿڌيءَ هوا هوندي، سڄي پگهر مان شل تي رهي هئي. هوءِ ڊوڙي رهي هئي، پر ڪيس ائين محسوس ٿيو، ڄڻ سندس پيرن ۾ ڪي ڀاري زنجير جڪڙيل هئا. ٿڙندي، ٿڙندي، آسپاس ڏسندي، هوءَ رات جي راڄ ۾ پنهنجي گهر تائين آئي. ڀانيائين، گلو روئي رهيو آهي. "گلو!"........ بي اختيار اڇل ڪائي، سٽل

ٻارڙي تي اچي ڪري پئي. ٻالڪ ڇرڪ ڀري اٿيو. سڄو هراسجي ويو. زور سان روئڻ لڳو. ٻئي روئڻ لڳا. هن تمام زور سان اهڙيءَ طرح گلوءَ کي ڇاتيءَ سان چنبڙائي ڇڏيو جو ٻوساٽجڻ لڳو – ڄڻ ته ڪو کانئس سندس پٽ کي زوري کسيندو هجي. سس اٿي آئي. مارل جي حالت ڏسي گهٻرائجي وئي. ڪيترو ئي پڇيائين، پر هوءَ ڪجهه به نه ٻڌائي سگهي. رڳو روئي رهي هئي. گلوءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائي، هوءَ سڄي رات روئندي رهي. اها سندس زندگيءَ جي سڀ کان ڀوائتي رات هئي. صبح جو ڇا ٿيندو؟..... جيل! ڦاسي!..... ۽ گلو؟ هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ سندس گهر جي چوگرد ڪيترا ئي ڀيانڪ ڀاڇولا گشت ڪري رهيا هئا.

صبح ٿيو، وڏيري جي خون جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ هلي وئي. منجهند ڌاري پوليس جي وٺ پڪڙ پئجي وئي. سڄي ڳوٺ جو ساهه مٺ ۾ ٿي پيو. پوليس اچي مارل جي در تي بيٺي. ماڻهن جو ميڙ لڳي ويو. گهر ۾ روج مچي ويو. مارل جو فرياد هو: "بيگناهه آهيان.... منهنجي پٽڙي تي قياس ڪريو!" ٻالڪ روئڻ سان حد ڪري ڇڏي، اصل اهمو ٿي ويو. ماءُ مان هٿ ئي نه ڪڍي، چولي ۾ چنبڙي پيس. پوليس زور ڪري مارل کي پاڻ سان ورتو ۽ گلوءَ کي ڏکو ڏيئي، دروازو ٻاهران بند ڪري ڇڏيو.

مارل کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. هو ڏوهارين جي ڪٽهڙي ۾ بيٺي هئي. جج انصاف جي پروقار مسند تي جلوه افروز هو. قانون جا محافظ اڳيان ڪرسين تي ويٺل هئا ۽ پويان عام ماڻهن جو ميڙ هو.

سرڪاري وڪيل نرمائيءَ سان چيو: "مائي، قانون ظالم نه آهي. تون پنهنجي صفائي پيش ڪر."

"آئون بيگناهه آهيان، سائين!" مارل چيو: "مون ؛: ناحق جهليو اٿن. مون تي رحم ڪريو. آئون غريب بيواهه آهيان، منهنجي انن سالن جي يتيم تي قياس ڪريو. خدا جي واسطي رحم ڪريو" هوءَ وڪيل کي پنهنجو همدرد ڄاڻي، روئي روئي ڪيس منٿون ڪرڻ لڳي.

"تو وڏيري محمد شريف جو خون ڪيو آهي. تون ان لاءِ ڇا ٿي چوين؟"

"مون خون ڪونه ڪيو آهي، سائين وڏيرو پاڻ....."

"تون هي شيون سڃاڻين ٿي؟" وڪيل مارل کي سندس گندي ۽ ڏاٽو ڏيکاريندي پڇيو. "هيءَ گندي تنهنجي آهي ۽ هن ڏاٽي سان....."

"گندي!..... ڏاٽو!..... نه سائين، هيءَ گندي.... مون کي ڪا خبر ڪانهي، سائين! مون کي ڪا خبر ڪانهي!...... الا، منهنجو مٿو ٿو ڦري.....!"

"حضور، مائي انڪاري آهي." وڪيل جج کي مخاطب ٿي چيو. فاضل جج مارل جي ناداني ءَ تي مرڪي ڏنو.

"ڇا تون سمجهين ٿي ته تنهنجي ايتري چوڻ سان قانون کي اعتبار اچي ويندو؟" وڪيل چيو: "ڳوٺ جا سڀ چڱا مڙس شاهدي ڏئي چڪا آهن ته هي ٻئي شيون تنهنجيون آهن."

مارل جي وائي بند ٿي وئي. ڪنڌ جهڪي اچي ڪٽهڙي تي پيس. ڪجهه دير لاءِ سڀني تي يڪسان خاموشي ڇانئجي وئي. يڪايڪ مارل پنهنجو جهڪيل ڪنڌ مٿي ڪنيو، پري پري تائين وينل سڀني ماڻهن تي نظر ڦيرائي، سرڪاري وڪيل، جوري ۽ آخر ۾ جج کي گهورڻ لڳي. سندس چهري تي عجيب گنڀيرتا ڇانيل هئي. اکين مان جوش ۽ بيباڪي بکي رهي هئي. آخر سندس چپن کي جنبش آئي:

"ها، هيءَ گندي منهنجي آهي! هي ڏاٽو به منهنجو آهي. مون وڏيري جو خون ڪيو آهي!"

"حضور" وڪيل خوش ٿي وچ ۾ ئي جج کي چوڻ لڳو: "ڏوهي پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪري رهيو آهي: مون وڏيري جو خون ڪيو آهي!"

"ها ها، مون وڏيري جو خون ڪيو آهي، انهيءَ ڏاٽي سان. هن ڏاٽي نه فقط مون بيواهه کي پيٽ جي ماني ڏني آهي، پر منهنجي لڄ ۽ آبرو کي بچايو آهي! منهنجي گنديءَ تي رت جا داغ منهنجي عزت ۽ شرافت جو نشان آهن! وڏيرو ڪميڻو، منهنجي بيحرمتي ڪرڻ لڳو هو...... پنهنجي لڄ بچائڻ لاءِ مون ان کي خون ڪري ڇڏيو. ڇا اهو گناهه اهي؟ ڇا اوهان جو قانون ائين ٿو چوي ته مون کي پنهنجي لڄ لٽائي ڇڏڻ کپي ها؟...."

"حضور، ڏوهارڻ سيڪجهه قبولي چڪي آهي." وڪيل تڪڙو تڪڙو چوڻ لڳو. "ڏوهارڻ لاباري تي وڃي رهي هئي - رات جي اونده ۾، اڪيلي، جڏهن ٻيا سڀ وڃي چڪا هئا، انهيءَ لاءِ ته هيءَ بدچال هئي، يار سان ملڻ لاءِ وڃي رهي هئي. وڏيرو محمد شريف هن کي سدائين روڪيندو هو. هو ڳوٺ جو چڱو مڙس هو، اهو هن جو فرض هو. هن انهيءَ رات به ڏوهارن کي روڪيو، .... ۽ ڏوهارڻ هميشه لاءِ پنهنجو رستو صاف ڪري ڇڏيو، هڪ شريف انسان کي پنهنجي بدڪاريءَ لاءِ قتل ڪري ڇڏيو!....."

وڪيل جي زبان ڪينچيءَ جيان هلي ويئي، جنهن مارل تي خون جي الزام ڪان وڌيڪ اثر ڪيو. سندس دل جنسي لڇڻ لڳي ۽ دماغ تي ڏک ۽ اذيت جا غبار ڇانئجي ويا، پر هوءَ هاڻي رني نٿي. فقط وڪيل کي اکيون پاڙي تڪي رهي هئي. ماجسٽريٽ ڪانئس آخري ڀيرو صفائي طلب ڪئي ته هن جي دل جو سمورو درد، وڏن وڏن ڳوڙهن جي صورت وني، سندس اکين ۾ اچي بيهي رهيو.

"آئون هڪ ماءُ آهيان!...... منهنجي جذبن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو! منهنجي ٻچي تي رحم ڪريو!" ڳوڙها هڪ هڪ تي سندس اکين مان وهڻ لڳا ۽ هوءَ بيحال ٿي هيٺ ڪري پئي.

ڪورٽ سڳوريءَ ڪمال رحم ۽ ڪرم کان ڪم وٺندي مارل کي صرف ويهه سال پورهئي جي سزا ڏيڻ جي فتويٰ ڏئي ڇڏي.

مارل جيل جي چوديواري ۾ قيد هئي. هوءَ نهايت بيچين ۽ بيقرار هئي. ٻيون قيدي عورتون هن جي انهيءَ حالت کان بلڪل بي نياز هيون. انهن لاءِ هيءَ ڪا نئين ڳالهه ڪونه هئي. انهن ڄاتو ٿي ته هر ڪو نئون قاتل پڪي پهرئين ائين ئي ڦڙڦڙائيندو آهي ۽ پوءِ اهو ئي پڃرو سندس گهر بنجي ويندو آهي. مارل سڄي رات جاڳندي رهي. اها هن جي پهرين رات هئي، جيڪا هن گلوءَ جي خيال ۾ روئندي گذاري. "سڄا سارا ويهه سال ڪيئن ڪٽبا؟" هوءَ اها ڳالهه سوچي ئي نٿي سگهي ته اهڙا ئي ٻيا به هزارين بيگناهه انسان پنهنجيون ساريون ڄمارون انهن ئي پٿين جي بند ۾ گذاري ويا، انهن به ائين ئي سوچيو هوندو.

آچر ڏينهن ڪيس گلوءَ سان ملاقات ملي - ماءُ ۽ پٽ جي مختصر ملاقات، انوکي ۽ دردناڪ جيڪا سيخن جي ٻنهي پاسن کان اوڇنگارن ۾ ختم ٿي.

آهستي آهستي ڏينهن گذرڻ لڳا ۽ آچر جو ڏينهن مارل جي زندگيءَ جو خاص ڏينهن بنجي ويو. آچر کان آچر تائين هوءَ مري مري جيئندي هئي. آچر جو ڏينهن هن جي زندگيءَ جو محرو هو. هر آچر تي هوءَ گلوءَ سان ملندي هئي ۽ هر آچر هن کي نوان غم ۽ نيون خوشيون، نوان ارمان ۽ نيون اميدون بخشيندو هو. اهڙيءَ طرح سوين آچر گذري ويا. وقت جي رفتار ساڳي رهي پر مارل جي ڇهري تي گهنج پئجي ويا ۽ وارا اڇا ٿي رهيا هئس. جيل ۾ آئي کيس سورهن سال گذري چڪا هئا، پر لڳي ائين ٿي جڻ سٺ کان به مٿي هئي. گلو به مڇي مڙس ٿيو هو. هو هر ملاقات مي ماءُ لاءِ سنيون سنيون کائڻ جون شيون کڻي ايندو هو ۽ مارل پنهنجي ساٿي عورتن کي وڏي فخر سان ٻڌائيندي هئي ته سندس پٽ هاڻي ڪمائڻ لڳو آهي.

انهيءَ ڏينهن به آچر هو. صبح کان شام ٿي وئي پر گلو آيو ئي ڪونه! مارل سڄو وقت سيخن جي پر جهلي بيٺي رهي. سڀ عورتون وڃي آرامي ٿيون، پر هن سڄي رات اکين ۾ گذاري ڇڏي. انتظار ۽ اضطراب جي طرح طرح جا وسوسا سندس ذهن ۾ ايندا رهيا - "گلو ڇو نه آيو؟..... بيمار ته پيو؟..... موڪل نه مليس؟..... ڇا هو پنهنجيءَ ماءُ کي ائين ئي وساري ڇڏيندو؟...... نه نه، هو ائين نه ڪندو، ٻئي آچر تي ضرور ايندو!" ليڪن ٻئي آچر تي گلو

وري به نه آيو ۽ ڪيترا ئي هفتا مسلسل هو پنهنجي ماءُ سان ملڻ نه آيو. مارل جي زندگي وري عذاب بنجي وئي. گلو ته هن جي زندگيءَ جو سهارو هو، ان بنا هي جيل جا ڪٺن ڏينهن ۽ ڏکاريون راتيون ڪيئن بسر ٿينديون؟ ملول ۽ اداس، هوءَ انهيءَ اميد تي پنهنجو پاڻ جيئاريندي رهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڪيس پنهنجي اکين جي روشني نظر ايندي.
ٿورن ئي ڏينهن ۾ مارل کي آزاد ڪيو ويو. ملڪ جي هڪ وڏي جشن جي موقعي تي ڪيترا ئي قيدي آزاد ڪيا ويا ۽ مارل کي به سزا جا باقي چار سال معاف ڪيا ويا. سورهن سال اڳ جا ڪپڙا پائي ۽ پنهنجي پگهار جا اسي رپيا مٺ ۾ دٻائي جڏهن هوءَ ٻاهر جي فضا ۾ آئي ته سندس خوشيءَ جي ڪا حد ڪانه هئي. هاڻي هوءَ پنهنجي ڳوٺ وڃي سگهي ٿي، پٽ کي ملي سگهي ٿي، هن کي گلي لائي پيار ڪري سگهي ٿي ۽ اهي سيئي ارمان پورا ڪري سگهي ٿي، جيڪي هن گلوءَ لاءِ سندس نندپڻ کان پالي پالي جوان ڪيا هئا. تڪڙي تڪڙي هوءَ لاريءَ تي پهتي. پٽ کي گهٽيون گهٽيون مياروں ڏيندي، پرچائيندي، پيار ڪندي - دل ئي دل ۾ انهن جذبن کي ورجائيندي، هوءَ ڳوٺ جي قريب پهچي وئي. لاريءَ تان هيٺ لهي ٿي ته اهي جذبا اڃا وڌيڪ تيز ٿي ويا. جيئن ئي هوءَ ڳوٺ جي ڄاتل سڃاتل پيچرن تان هلڻ لڳي ته ڪجهه لمحن لاءِ هن کي گذريل واقعا ذهن تي تري آيا ۽ خودبخود سندس اکيون آليون ٿي ويون. سورهن سالن جي عرصي ۾ هوءَ ڪيتريو نه بدلجي وئي هئي. سڄي دنيا بدلجي وئي هئي. رستا ۽ راهون ۽ ڳوٺ جا ماڻهو به بدلجي ويا هئا. هوءَ ڪنهن کي به نٿي سڃاڻي سگهي ۽ ڪنهن به هن کي ايندي ڏسي ڪو توجهه نٿي ڪيو. نه وري هن کي ئي ڪنهن جو ڏيان هو. ڪيس ته فقط گلوءَ جي ئي اون هئي، هوءَ ڏنگرن سان گهيريل گهرن جي وچان، تڪڙي تڪڙي، ور - وڪڙ، پيچرا لتاڙيندي وڃي رهي هئي ته اوچتو ڪنهن آواز ڪيو:
"متان مارل آهين؟" هڪ ٻيڙيءَ ڪيس سڃاڻي ورتو هو. پوءِ ته ڪيترين ئي عورتون ۽ ٻارڙا اچي ميڙيا.
"گلو ڪٿي آهي؟ ڪيئن آهي؟ ڇا ٿو ڪري؟ هينئر ڪٿي هوندو؟ مون کي ڏني گهٽا ڏينهن ٿي ويا آهن. الله ججهي ڄمار ڏئيس. ڀرين مون کي اوڏانهن وٺي هلو......."
مارل يڪساهيءَ چئي وئي.
"امان، ڇا ٻڌندينءَ!" پوڙهيءَ ڏکاري آواز ۾ چيو.
"ماءُ آئي پٽ لاءِ ته پٽ وڃي ماءُ جي جاءِ والاري."
"ڇا ٿي چئين!" مارل کان رڙ نڪري وئي.

"ها، اما، گلوءَ ويچاري کي ست سال سزا اچي وئي."

"ڪمدار جي پٽ مولوءَ سان جهيڙو ڪري وڌائين. اجها، هيءَ بيٺي آهي صفوران.... گلوءَ کو ڪمدار جي پٽ کي نينگريءَ سان هٿ چراندي ڪندي ڏٺو، سو منهن ڏئي بيهي رهيو. مولوءَ جي هڪڙي ٽنگ صفا ڪهاڙيءَ سان ڪپجي وئي."

پوڙهي اچا ڳالهه پوري نه ڪئي هئي ته مارل اوچنگارون ڏيندي پوئتي موٽي.

ٻئي ڏينهن صبح سويل سينٽرل جيل اڳيان هڪ نيم پاڳل پوڙهي عورت بجليءَ جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيو بيٺي هئي. وارن ۾ مٽيءَ جا ٻڪ، ڦاٽل ميرا ڪپڙا، اکيون جيل جي شاهي دروازي ۾ کتل. جيئن ئي جيلر اندر وڃي رهيو هو، هوءَ ڊوڙي اچي سندس پيرن ۾ ڪري.

"مون کي آزادي نه کپي، مون کي قانون جو رحم نه کپي...... آئون پنهنجو حق وٺڻ آئي آهيان. منهنجا چار سال اجا رهيل آهن!"

"توکي قانون جي ڪهڙي خبر، مائي!"

"قانون کي ته منهنجي خبر آهي!........ مون کي پنهنجي پٽ سان ڇو نٽو ملڻ ڏنو وڃي؟"

"تون آچر ڏينهن اچجانءِ، توکي ڪوبه ڪونه روڪيندو."

جيلر هليو ويو ۽ هوءَ مايوس ٿي، مٽي کي هٿ ڏيئي ويهي رهي. گوڏن ۾ منهن وجهي، لڳاتار سڏڪندي رهي. شام ٿي وئي ۽ اونداهي ڇانئجڻ لڳي. مارل جي زندگيءَ جو سج به لڙڻ لڳو. بت ساهه ڇڏڻ لڳس ته هوءَ آهستگيءَ سان زمين تي پئجي رهي.

رات گذري وئي ۽ صبح ٿيو. جيلر، اندر ويندي، لاش ڏسي وڏي آيو.

"واقعي ڏاڍي دکدائڪ آهي تنهنجي ڪهاڻي." جيلر پڙڪيو، "ليڪن توکي قانون جي ڪهڙي خبر!"

نه ته ساڻ هلن ٿا سير ۾

"پروفيسر، پليز! منهنجي ڀين جي زندگيءَ جو سوال آهي. هن ڪان سواءِ منهنجو ڪير به نه آهي. جيڪڏهن هن کي ڪجهه ٿي ويو ته مان پاڳل ٿي ويندس!" سراج روئندڙ آواز ۾ چيو. سڄن سارن ٻن سون رپين جو سوال هو، تنهن ڪري پروفيسر اياز ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. آخر هن پنهنجو جهڪيل ڪنڌ مٿي ڪڍي چيو، "مون کي توسان همدردي آهي سراج، مگر افسوس! مان تنهنجي مدد نٿو ڪري سگهان. ويهن پنجويهن رپين جي ٻي ڳالهه هئي، پر!"
پروفيسر اياز اڳتي به ڪجهه ڳالهائيندو رهيو، مگر هو انهيءَ ڪان وڌيڪ ڪجهه به نه ٻڌي سگهيو. سندس اکين مان چڻگون نڪري ويون هيون ۽ هو سوچي رهيو هو: "ڇا هي اهو ئي پروفيسر آهي، جو ٿوري دير اڳ زندگيءَ جي فلسفي تي ليڪچر ڏيئي رهيو هو؟ ڇا اهي ڻلهيون ڪتابي ڳالهيون هيون، حقيقت سان سندن ڪوبه واسطو ڪونهي؟ ڇا اهي ڳالهيون صرف ڪتابن تائين محسوس آهن، حقيقتن جو منجهن رنگ پري نٿو سگهجي؟" سندس ڪنن ۾ پروفيسر اياز جو آواز گونجي رهيو هو: "اوهين هن ڊوڙ ڏڏڙ جي گولي تي پنهنجي قيمتي زندگيءَ جو گهڻو وقت گذاري چڪا آهيو. هن ڪائنات کي اوهين غور ۽ فڪر جي نظرن سان ڏسندؤ ته زندگيءَ جو سارو راز اوهان تي هيان ٿي پوندو. زندگيءَ جي ساري حقيقت منجهيل ڍيريءَ جيان ڇڙوڇڙ ٿي کلي پوندي. ڇا توهان ڏٺو نه آهي ته ڪنهن به شهر ۾ وڃڻ ڪان پهرين توهان کي قبرستان مان گذرڻو پوندو آهي! اوهين ٽرين ۾ هجو، ٽانگي ۾ هجو يا پيدل هجو، پهرين موت ۽ پوءِ زندگيءَ جا آثار نظر اچن ٿا. دنيا جي انهن عبرتناڪ منظرن مان به اسين سبق حاصل ڪري سگهون ٿا. دنيا جو ذرو ذرو هڪ وڏي معنيٰ، هڪ وڏي حقيقت رکي ٿو ۽ اسان جي راهه ۾ هڪ بهترين رهبر جو ڪردار ادا ڪري ٿو. جيڪڏهن اسين پنهنجين اکين تان حرص ۽ هواس جا پردا لاهي، دنيا جي کليل ڪتاب تي ذهن ۽ اندر جون اکيون ڏرينداسين ته پنهنجي مقصد حيات جي منزل تائين پهچي وينداسين، نه ته هڪ انڌي جيان انهيءَ موت جي واديءَ ۾ ڀٽڪندا رهنداسين ۽ آخر ٿڪي ٽٽي ائين مري پونداسين، جيئن بيابان ۾ رڃ جي پنيان ڊوڙي ڊوڙي هڪ پياسو ماڻهو آخر مري ويندو آهي. هيءَ جيوت هڪ امتحان آهي. اسان کي رات جي اونداهيءَ ۽ ڏينهن جي سوجهري ۾ انهيءَ موت جي واديءَ کي پار ڪرڻو آهي. زندگيءَ جو شهر ڪو ايترو پري ڪونهي. دنيا جو هر نظارو، هر شيءِ اسان جي راهرو ۽ رهبر آهي. علم جي اجهاڳ سمنڊ ۾ ادب جي ڪشتي ڪناري ڏانهن وڌندي پئي وڃي. لهرن جو اسان سان ساٿ آهي ته ڪنارو پاڻ ئي ويجهو اچي

سگهي ٿو. ڏسو، ڪنڌيءَ جي ڪکن زندگيءَ جي تند تنوارڻ شروع ڪئي آهي. شاعر منجهن رنگ رچيو آهي، تنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو:

"ٻڏندي ٻوڙن کي، ڪي هاتڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ لطيف چي، ڪيڏي کي ڪکن،
توڙي ڪنڌي ڪن، نه ته ساڻ هلن سير ۾!"

اسان جو سهڻو شاهه، زندگيءَ جو ڪيڏو نه وڏو شاعر آهي! ڪيتري نه حقيقت چٽيل آهي سندس ڪلام ۾! زندگيءَ جو سارو راز انهن سٽن ۾ سمايل آهي. اسان جي زندگيءَ جو مقصد صرف هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ آحي. جيڪڏهن اسان ۾ ڪنڌيءَ جي ڪمزور ڪکن وانگي ڪنهن جي واهر ڪرڻ جي پهچ ڪانهي، اسين ڪنهن جي مدد ڪري نٿا سگهون ته اسان کي ان ڏکويل دل سان همدردي ضرور جتائڻ گهرجي. انهيءَ ۾ ئي اسان جي جيون جي جوت آهي ۽ اها ئي اسان جي زندگي آهي.

هن اجهيل اجهيل نظرن سان پروفيسر اياز ۾ ڏٺو. "ڇا اهي سڀ ڇوڻ جون ڳالهيون هيون، جي پروفيسر ٿئيٽر جي ادڪار وانگي ادا ڪيون؟ هاڻ انهن سان سندس ڪوبه واسطو ڪونهي؟ ڇو، ائين ڇو آهي؟" سندس اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ پيدا ٿي ۽ هو هڪدم پڙڪي پيو:

"جيڪڏهن هڪ زندگيءَ کي بچائڻ لاءِ توهان جي تجوڙيءَ مان ٻه سؤ رپيا ٻه نٿا نڪري سگهن ته پوءِ توهين زندگيءَ جي فلسفي تي ايا ليڪچر ڇو ٿا ڏيو؟ توهين زندگيءَ جي مسئلي تي ايڏي تنقيد ڇو ٿا ڪريو؟ پوءِ توهان زندگيءَ جا ترجمان ڇو آهيو؟ ادب کان سواءِ به دنيا هلي سگهي ٿي. زندگيءَ جو چڪر رڳو اقتصاديات ۽ سائنس تي به هلي سگهي ٿو. اسين ڊاڪٽر ۽ انجنيئر بڻجي به قوم جي خدمت ڪري، پئسا ڪمائي سگهون ٿا!"

"بس ڪر، سراج!" پروفيسر اياز ڪاوڙ مان زور سان ميز تي ڏڪ هڻندي چيو: "تو ادب جي باري ۾ غلط راءِ قائم ڪئي آهي. تنهنجو خيال بلڪل غلط آهي. اها ادب جي ئي طاقت آهي جو اڄ ڌرتي پنهنجي محور تي بلڪل صحيح گردش ڪري رهي آهي. ادب اقتصاديات ۽ سائنس تي حاوي آهي، نه ته هوند قيامت ڪان پهرين ئي سائنس جا الا ڪائنات کي پنهنجيءَ ٻاهه ۾ گهيري ڇڏين ها، دنيا جي گردش درندگيءَ جو رقص هجي ها ۽ اڄ هتي هڪڙو انسان به موجود نه هجي ها. ادب جي وجود مان ئي گوتم، ڪرشن چندر، ابراهام لنڪن، ٽئگور ۽ شاهه جهڙا روح ڌرتيءَ تي اچن ٿا، جيڪي زندگيءَ کي نئون نور عطا ڪريو ڇڏين. اها ادب

جي ئي طاقت آهي، جنهن لوممبا جي مزار تان گل اڏائي. ساريءَ دنيا جي فضا کي سرهاڻ بخشي ڇڏي آهي. ادب سيني علمن جو روح آهي. توکي ادب کان منڪر نه ٿيڻ گهرجي."

"مون کي توهان جي ليڪچر سان ڪابه دلچسپي ڪانهي، پروفيسر صاحب! مان توهان جو ليڪچر ٻڌڻ نه آيو آهيان." سراج تلخ آواز ۾ چيو. سندس انهيءَ گستاخيءَ تي پروفيسر اياز جون اکيون ٻاهر نڪري آيون ۽ هن ڪاوڙ مان زور سان ميز تي ڌڪ هڻندي چيو: "بي ادب، گستاخ! نڪري وڃ، گيٽ آئوٽ!"

سراج هڪ نظر سندس لال پيلو چهرو ڏسي مسڪرايو، ڄڻ چئي رهيو هو: "ڇا پروفيسر، اها ئي همدردي آهي هڪ ڏکويل انسان لاءِ توهان جي دل ۾؟ ڇا اها ئي جيون جي جوت آهي؟ ڇا اها ئي زندگي آهي، پروفيسر!"

جڏهن هو پنهنجو اداس چهرو کڻي ٻاهر نڪتو ته کيس ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ واقعي سندس ٿي ٻيءَ جي مريضه پيڻ مري ويندي – حالانڪه پيڻ ته ڇا، هن هيڏيءَ ساريءَ دنيا ۾ سندس ڪو ويجهو مائٽ به نه هو. هن جڏهن هوش سنڀاليو هو ته پنهنجو پاڻ کي يتيم خاني ۾ پاتو هئائين ۽ جنهن ماحول ۾ هن جنم ورتو هو، تنهن کيس هڪ منطقي دل ڏيئي ڇڏي هئي. ننڍپڻ کان ئي هو تمام ذهين ۽ بيدپو هو. هو هر وقت عجيب عجيب ڳالهيون سوچيندو رهندو هو، جي سندس عمر جي لحاظ کان تمام وڏيون هونديون هيون. کيس اڪثر پنهنجي باري ۾ خيال ايندو هو ته هو يتيم ڇو آهي؟ يتيم ڪٿان ٿا اچن؟ انهن جا ماءُ پيءُ ڇو ڪونهن؟ حرامي ڦر ڇو ٿو چوي؟ ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جي غلطيءَ تي هو مسڪرائي ڏيندو هو. اهڙيون ڳالهيون سوچي هڪ عجيب لاوارث مسڪراهٽ سندس چهري تي اچي ويندي هئي. يتيمخاني ۾ جمعي جي ڏينهن گوشت جو وارو ايندو هو ته پنهنجي پياليءَ ۾ هڪ ننڍڙي ٻوٽي ڏسي هو سوچ ۾ پئجي ويندو هو ته هيءَ ٻوٽي اڪيلي ڇو آهي؟ هيترا سارا چندي جا پئسا ڪيڏانهن ٿا وڃن؟ هيترو سارو گوشت ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ پوءِ کيس انهن يتيمن جو خيال اچي ويندو هو، جي چئن چئن ٻارن جا پيءُ هئا ۽ سندس دل مان آهه نڪري ويندي هئي. هڪ ڀيري ته هن انهيءَ ڳالهه تان استاد جي مار به کاڌي هئي. جڏهن ملڪ جي جشن جي موقعي تي يتيم خاني ۾ منائي ورهائي ويئي، ته پنهنجي حصي جو اڌ لڏون ڏسي هن رڙ ڪئي:

"سائين، هيءُ اڌ لڏون ڇو آهي؟ سڄا سارا ٿي ٽوڪرا ڪيڏانهن ويا؟"

"چپ ڪر، بي ادب! صاحب جي گهر موڪليا اٿم." سندس استاد ڪاوڙ مان وراڻيو.

"مگر سائين، صاحب يتيم ٿوروئي آهي!" هن چيو.

بس، پوءِ ته استاد جو ڏنڊو هو ۽ سندس پٺا. يتيم خاني ۾ سندس دل گهٽجڻ لڳندي هئي. پنهنجن يتيم ساٿين جا اداس چهرا ڏسي، سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا ۽ هن تي عجيب وحشت جو عالم طاري ٿي ويندو هو. سندس دل چاهيندي هئي ته يتيم خاني جي ادا ڪونڙيءَ مان نڪري ڀڄي وڃي، تمام پري، مگر نه ڄاڻ ڇو، هو ائين نٿي ڪري سگهيو.
هڪ دفعي جڏهن هڪ وزير يتيم خاني جو معائنو ڪرڻ آيو هو ته هن تقرير ڪندي چيو: "توهين قوم جو روشن مستقبل آهيو. توهان کي ئي پنهنجي ملڪ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻڻو آهي." انهيءَ ڏينهن نه چاهيندي به، هن کان هڪ عجيب حرڪت ٿي وئي. هن هڪدم پنهنجو چولو مٿي ڪڻي، سڪل پاسيريون ڏيکاريندي چيو هو: "سائين، هيءُ ڪو هاءِ اسڪول نه، يتيم خانو آهي. هتي ته بکن کان ڪنيڙاٽيون ئي سڙيو وڃن!" انهيءَ ڏينهن استاد هن کي نه صرف بيد جي لڪڻ سان مار ڏني، بلڪ يتيم خاني مان ئي ڪڍي ڇڏيو هو، ڇاڪاڻ ته هو تمام گهڻو سمجهدار ٿي ويو هو، يا ته وري ڇريو. يتيم خاني مان نڪري ڪيس ائين محسوس ٿيو هو، ڄڻ سندس يتيميءَ جو دور ختم ٿي ويو هو. ڪجهه ئي ڏينهن جي رلڻ پنڻ کان پوءِ ڪيس هڪ شريف ماڻهوءَ پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو. سندس هيءُ مالڪ نهايت ئي مهربان ماڻهو هو. وري جو هن کي سندس اعليٰ ذهنيت جي خبر پئي ته هن ڪيس پنهنجن ٻارن سان گڏ انگريزي اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو هو. ڪيس ڪاڏو به پنهنجن ٻارن جهڙو ئي ڏيندو هو. جڏهن سندس اڳيان پريل ٻوڙ جو پيالو ايندو هو ته پنهنجن يتيم ساٿين کي ساري، سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا. نه ڄاڻي ڇو، سندس مالڪ جا ٻار انهن يتيمن وانگي ڪيس پيائيندا ڪونه هئا. جڏهن ڪيس پنهنجن يتيم ساٿين جي ياد ايندي هئي ته هو تمام ملول ۽ اداس اداس ٿي ويندو هو ۽ سندس قدم فورا يتيم خاني ڏانهن کڄي ويندا هئا.
هڪ ڏينهن جڏهن هو پوپوءَ جي بيماريءَ جو ٻڌي يتيم خاني ۾ ويو ته ڪيس خبر پئي ته شموءَ کي اولاد جي هڪ سڪايل عورت پاڻ سان گڏ وٺي ويئي آهي. تڏهن سندس نظرون ننڍڙي پوپوءَ جي گلاب جهڙي ڪومايل چهري ڏانهن کڄي ويون ۽ هو ڳوڙهيءَ سوچ ۾ پئجي ويو ته آخر اهي اولاد جون سڪايل عورتون وڏن ۽ تندرست ڇوڪرن کي ڇو ٿيون پسند ڪن؟ پوپوءِ، ادريس ۽ ملڪيمان جي يتيمي ڇو نٿي ختم ٿئي؟ انهن کي ماءُ جو پيار ڇو نٿو ملي؟ سندس اڳيان لقمان ۽ حڪيم جا چهرا گهمي ويا، جن ڪيس ٻڌايو هو ته هو نوران ٻائيءَ ۽ سرداران ٻائيءَ جي خدمت ڪندا آهن ۽ ٻيو به گهڻو ئي ڪجهه.
هو پنهنجي مالڪ جي گهر ۾ تمام خوش هو. ڪيس ڪڏهن محسوس ئي ڪونه ٿيندو هو ته هو ڪو هن گهر ۾ نوڪر يا يتيم آهي. مالڪياڻي به ڪيس پنهنجن ٻچن جيترو ئي گهرندي

هئي. جڏهن صبح جو ڪيس جتيون پالش ڪندي ڏسندي هئي ته هڪدم ڪاوڙجي چوندي هئي:
"سراج، تون هن گهر ۾ نوڪر نه آهين. تون هلي اسڪول جي تياري ڪر، مان پاڻيهي تي جتيون پالش ڪري وٺان."
هو ذرا بيمار ٿيندو هو ته فورا ڊاڪٽر اڇي ويندو هو. ڪيس ڪپڙا ۽ بوٽ به "گل" جهڙا ئي پهرڻ لاءِ ملندا هئا. سندس هر قسم جو خيال رکيو ويندو هو ۽ هر موقعي تي مٿس ائين ظاهر ڪيو ويو ته هن گهر ۾ سندس حيثيت "گل" ۽ "نازليءَ" جيتري ئي هئي. پر تنهن هوندي به هو پنهنجي نوڪراڻيءَ عادت کان باز نه ايندو هو. روزانه گهر جي هر قسم جي ڪم ڪار کان پوءِ شام جو گل ۽ نازليءَ کي سير ڪرائڻ لاءِ وٺي ويندو هو. رات جو يارهين يارهين وڳي تائين پاڻ به پڙهندو هو ۽ هنن کي به پڙهائيندو رهندو هو. هو گهر جو هڪ فرد بڻجي ويو هو. سندس يتيمي ختم ٿي ويئي هئي. هو هر وقت خوش خوش رهندو هو. هن کي اهو سڀ ڪجهه ملي ويو هو، جنهن لاءِ هميشه يتيم خاني ۾ سندس آتما سڏڪندي ۽ تڙپندي رهندي هئي. هاڻ کو ڪيس پٽ ڪري پڪاريندو هو. هاڻ سندس ماءُ هئي، جا ڪيس "ابا" ڪري پڪاريندي هئي. ڪيس پاءُ پيڻ جي قربي ملي ويئي هئي، جي روزانو وڙهي وڙهي ساڻس پرچندا هئا. جڏهن هو هر سال پهرئين يا ٻئي نمبر سان امتحان پاس ڪندو هو ته اوڙي پاڙي ۾ مٺائي ورهائي ويندي هئي. جڏهن مالڪياڻي کانئس پڇندي هئي ته: "ابا، اهو ته ٻڌاءِ ته تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟" ته هو پنهنجيءَ دل ۾ هڪ عجيب جهرجهري محسوس ڪندو هو. سندس دل بي اختيار چاهيندي هئي ته "ماءُ" جي پيرن جي خاڪ ٿي وڃي. سندس وقت خوشين سان گذرڻ لڳو. خدا ڪيس يتيم پيدا ڪري به دنيا جي هر نعمت عطا ڪري ڇڏي هئي.
صبح جو جڏهن هو نهي نڪي آئيني جي سامهون ايندو هو ته پنهنجو پاڻ کي بلڪل بدليل پائيندو هو. هو پنهنجي عڪس ۾ يتيم سراج کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو هو، مگر اها تصوير ته بنهه ڏنڌلائجي ويئي هئي. انهيءَ جي جاءِ هڪ شوخ، صحتمند، خوبصورت ڇوڪري گهيري ڇڏي هئي، جنهن جي سر تي پيءُ جو سايو هو، ماءُ جو پيار ۽ پاءُ پيڻ جي قربت هئي. هو خوشيءَ کان جهومڻ لڳندو هو ۽ آئيني ۾ مسڪراهٽون پکڙجي ونديون هيون.
مگر سندس اهي خوشيون گهڻيءَ دير تائين قائم نه رهي سگهيون. جيئن جيئن هن محسوس ڪيو ته هو وڏو ٿي رهيو آهي، تيئن تيئن سندس سڀاجهڙي مالڪ جون نظرون ڪيس بدلبيون

نظر آيون. هو تمام وڏو ٿي ويو هو. نازلي ته سندس اڳيان اڇي شرمائجي ويندي هئي. سندس اڳيان اچي، هن جو رنگ ئي سرخ ٿي ويندو هو. نازلي پاڻ به ته وڏي ٿي ويئي هئي. مالڪ ڪيس پٽ ڪري پاليو هو ۽ مالڪياڻي به ڪيس غير ڪري نه سمجهندي هئي، مگر هنن ڪي دنيا وارن سان به ته منهن ڏيڻو هو! هاڻ هو هڪ نوجوان هو ۽ غير مرد. سندس مسڪراهٽون تحليل ٿي، اداسيءَ ۽ فڪر جي ليڪن ۾ بدلجڻ لڳيون: هو هر وقت ڪجهه ڪجهه اجهيل اجهيل رهڻ لڳو هو.

هڪ رات جو نازليءَ جي سورهين سالگره جي موقعي تي هو سڄو ڏينهن گهر جي ڪم ڪار کان ٿڪي ٽٽي اچي پنهنجي بستري تي ڪريو ته ڪيس پنهنجي سڀاجهڙي مالڪ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو هوريان هوريان ڪنهن کي چئي رهيو هو:

"مگر مون هن کي ٻچن وانگر پاليو آهي. مان هن کي ڪيئن چوان؟ هن جي دل ٽٽي پوندي! نه نه، اهو مون کان نه ٿيندو!"

"مگر اسان کي دنيا وارن سان به ته منهن ڏيڻو آهي. اڄ ڏنئه ڪونه ته جڏهن نازليءَ کي گلن جو هار ڳچيءَ ۾ پاتو هئائين ته مٽن مائٽن جو ڪهڙو حال ٿيو هو. وري نازلي به ته هن کي پسند ڪرڻ لڳي آهي. نه ڄاڻي ڪهڙي ذات، نه ماءُ نه پيءُ! اسان پنهنجو فرض پورو ڪيو، هاڻ." اهي سندس "ماءُ" جا لفظ هئا. ڪيس ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ڪنهن شيهو پگهاري سندس ڪنن ۾ وجهي ڇڏيو هو. غم جي شدت کان هن ڏندن سان پنهنجيون آڱريون زخمي ڪري ڇڏيون. هو هڪ سپنو ڏسي اٿيو هو. سندس ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ سڀ ڪجهه لٽجي ويو هو. هن ديوار سان سر ٽڪرائي ٽڪرائي رنو. اوچتو هن جي دل ۾ هڪ عجيب جذبو اڀريو ۽ هو ميز جي خاني مان پنو پينسل ڪڍي خط لکڻ لڳو: "منهنجا سڀاجهڙا سائين! اڄ صبح جو مون کي نه پائي شايد اوهان جون سڀاجهڙيون اکيون روئي ڏين. اڄ صبح تائين مان توهان کان تمام پري ٿي ويندس. جي توهين مون يتيم کي پيءُ جو پيار ڏيئي سگهو ٿا ته منهنجيون به ته ذميواريون آهن. مون کي توهان جي عزت، ماءُ جي لڄ ۽ ڀاءُ ڀيڻ جي مستقبل جو به ته خيال رکڻو آهي! اڄ مون کي دنيا توهان سيني کان وڇڙڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي. پر مون کي ڪنهن کان به شڪوو نه آهي – پنهنجي قسمت سان به نه. يتيم هوندي به منهنجي دل ماءُ پيءُ ۽ ڀيڻ ڀاءُ جي پيار سان مالا مال آهي. مان توهان سيني جي ياد ڪنيو، هڪ نامعلوم منزل ڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ جتي به رهندس، پاڻ کي توهان جي پيرن جي خاڪ سمجهندس. توهان جو ادنيٰ ٻانهو، سراج."

خط ميز تي رکي، پنھنجا ڪتاب ۽ ڪپڙا سوٽ ڪيس ۾ وجھي، ھن روئندڙ نظرن سان سڄي گھر تان الوداعي نظر ڦيرائي، جنھن ۾ سندس يتيمي ختم ٿي ھئي، جنھن ۾ سندس ٻالڪ اوستا پروان چڙھي ھئي، جنھن ۾ سندس ماءُ پيءُ، پيڻ ياءُ ستل ھئا. اڄ ھو انھن سڀني کي ڇڏي وڃي رھيو ھو، ھڪ نامعلوم منزل ڏانھن سندس قدم کڄي رھيا ھئا.
نئين شھر ۾ اچي، ھو ڪجھه ڏينھن واٽڙن وانگي چڪرائجي ويو. ڪيترن ڏينھن جي لڳاتار آوارھ گرديءَ کان پوءِ ڪيس ھڪ معمولي ھوٽل ۾ منشيءَ جي نوڪري ملي وئي. ھڪ نئين دوست جي ڪوشش سان ڪيس ھڪ ڪاليج ۾ داخلا ملي ويئي ھئي ۽ انھيءَ ڪري ئي اڄ ھو سيڪنڊ ايئر جو طالب علم ھو.
اڄ صبح جو ڪاليج ويندي، جڏھن ھو ھڪ يتيم خاني وٽان گذريو ته سندس جسم جا وار ئي ڪاندارجي ويا ھئا. پوھ جي سرديءَ ۾، اتر جي ھوا ۾، سامھون وينل ٽڏين قميصن ۾ ڏڪندڙ يتيم ٻارن کي ڏسي سندس جسم ئي ڏڪي ويو ھو. ڪيس پنھنجو زمانو ياد اچي ويو ھو ۽ متس وحشت طاري ٿي ويئي ھئي. جڏھن ھو نيم پاڳلپڻ ۽ بيخوديءَ جي عالم ۾ ڪاليج پھتو ته پروفيسر اياز ليڪچر ڏئي رھيو ھو، جنھن کي ٻڌڻ جو ھن جي ڏکويل دل ۾ تاب نه ھو. ھن سوچيو: "جڏھن اسان جي زندگيءَ جو مقصد صرف ٻين جي مدد ڪرڻ آھي ته پوءِ ھيءَ غريبي، ھيءُ افلاس ڇو آھي؟ پوءِ اھي يتيم سرديءَ ۾ ڇو ٿا مرن؟ رڪا ٽڪر ڇو ٿا ڪائين؟ انھن کي سھارو ڇو نٿو ملي؟" سندس دل ۾ انھن وڏن وڏن ڪتابن ۽ ليڪچرن خلاف باھ پڙڪي ويئي. زندگيءَ جي وڏن وڏن اديبن، ترجمانن ۽ نقادن جي ھوندي ائين ڇو آھي؟ انھن جون باريڪ بين نظرون بکايل پيٽن، بيمار جسمن ۽ يتيمن جي ڪونين تي ڇو نٿيون پون؟ جڏھن ڪين پھرين موت ۽ پوءِ زندگي نظر اچي ٿي، جڏھن زندگيءَ جو مقصد صرف ٻين جي مدد ڪرڻ آھي ته پوءِ ائين ڇو آھي؟ ھن پروفيسر اياز کي ٻڌائڻ ٿي چاھيو ته ھو انھن اجائين ڳالھين ۾ وقت نه وڃائي. ڪير ٿو انھن ۾ حقيقتن جو رنگ ڀري؟ اھو ئي سبب ھو جو اڄ ھو پروفيسر اياز وٽ ٿي - ٻيءَ جي مريضه جو ياءُ ٿي ويو ھو ۽ جا ڳالھه ھن سوچي ھئي، سا ئي ٿي. پروفيسر ڪيس مايوس ڪري ڇڏيو ھو. ڪيس اھي ليڪچر، اھي ڪتاب سڀ فريب نظر اچي رھيا ھئا، مسلسل فريب. ڪيس ڪاليج جي ديوارن کان ئي نفرت ٿي ويئي ھئي. اڄ ھن پنھنجيءَ دل جي "پروفيسر" کي ماري ڇڏيو ھو. "ماءُ" جڏھن ڪانئس پيار مان پڇندي ھئي ته "ابا وڏو ٿي تون ڇا ٿيندين؟" ته ھو چوندو ھو "پروفيسر!" مگر اڄ نه سندس ڪا ماءُ رھي ھئي ۽ نه ئي پروفيسر ٿيڻ جو خيال. انھيءَ پروفيسر ڪان ته سندس

شرابي ۽ جواري غنڊو دوست سنو هو، جنهن ڪيس مئٽرڪ جي امتحان لاءِ فيءَ جا پئسا ڏنا هئا، جنهن ڪيس ابراهام لنڪن تي بنائڻ چاهيو، جو ڪيس "لنڪن" ڪري سڏيندو هو.

ٻئي ڏينهن جڏهن هو پنهنجي شرابي دوست سان گڏ آواره گردي ڪندي هڪ گهٽيءَ مان گذري رهيو هو ته سندس اڳيان هڪ دل لوڏيندڙ منظر اچي ويو. هڪ مڪان کي باهه لڳي رهي هئي. ماڻهو جمع ٿي، تماشائين جيان ڏسندا ٿي رهيا. هڪ ماءُ جي جگر جي ٽڪري کي به باهه پنهنجن شعلن ۾ گهيري ڇڏيو هو، مگر ڪير هو، جو ننڍڙي ساهه کي بچائي ها؟ ڪير هو، جو ماءُ جي ٻرندڙ دل تي پاڻيءَ جو ڇنڊو وجهي ها؟ ماءُ جي دلسوز رڙين ساريءَ ڌرتيءَ ۽ آسمان کي لوڏي ڇڏيو هو. هوءَ روئي روئي فرياد ڪري رهي هئي: "مون کي ڇڏيو ته مان به سڙي مران!.... منهنجي جگر جو ٽڪرو، منهنجين اکين جو نور، منهنجي دل جو سرور!..... هاءِ، ڪو منهنجي لعل کي بچائي! ڪو مون ماءُ جون دعائون ڪٽي!" ماءُ جي سڙيل دل جون دانهون ٻڌي، سندس دلير شرابي دوست ۾ به ڪا تبديلي نه آئي. هو پاڻ به ٻڌندو رهيو. ڪير هو، جو باهه جي شعلن سان زندگيءَ جي بازي لڳائي ها؟

انهيءَ وقت هڪ "بازيگر" ميدان ۾ آيو ۽ هڪ ئي ڇلانگ سان موت جو دروازو لتاڙي ويو. باهه سندس رستو روڪي نه سگهي، شعلا ڪيس جهلسائي نه سگهيا، دونهون ڪيس گهُٽڪائي نه سگهيو. هو باهه سان کيڏندو، شعلن کي پنهنجيءَ راهه تان هٽائيندو، دونهين ۾ وڃندو رهيو. موت جي منهن مان، هن ننڍڙي ساهه کي بچائي ورتو! موت هارايو، زندگي سندس پاڪر ۾ هئي. سراج حيرت جي پتلي جيان انهيءَ زندگيءَ جي بازيگر کي ڏسندو رهيو.... اهو گوءِ کٽڻ وارو، پروفيسر اياز ئي هو! اهو ئي نوراني چهرو، اها ئي پروقار مسڪراهٽ، اها ئي گنڀيرتا، هو محويت جي عالم ۾ ڪيس ڏسندو رهيو. ڪيس هوش تڏهن آيو جڏهن سندس شرابي دوست ڪيس ٻانهن مان جهلي گهليو. هن هڪ ئي سٽ سان پنهنجي ٻانهن ڇڏائي: "تون مون کي غلط رستي تي وٺي وڃي رهيو آهين. ڪاغذ جي پنن تي بيوقوف بازي لڳائيندا آهن. مان زندگيءَ جي بازي لڳائيندس! مان "پروفيسر" ٿيندس - زندگيءَ جو سچو ترجمان. مان دنيا کي اونده مان ڪڍي، روشني ڏيکاريندس." هن پڪي عزم سان چيو ۽ پنهنجي شرابي دوست کي اتي ئي حيران پريشان ڇڏي، تيز قدمن سان گهٽيءَ جي موڙ تان غائب ٿي ويو.

ڪروڙ ۾ هڪ ماڻهو

آئون ڪيميا جو ماڻهو آهيان، اهنسا جو، نه ڪروڙ ۾ جيو هتيا، ڪين جنگ هو. هاڻ ٻڌايو امن ڪٿي آهي؟ ڌرتيءَ جي گولي تي ته رڳو جنگ ئي جنگ آهي، جتي ڪٿي جنگ، گهر گهر جنگ، ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي وچ ۾ جنگ. ڀلا "وار ۽ پيس" ناول تي ايمريڪنز ڪي سني فلم ناهڻ لاءِ جن پيو هو ڇا؟ ڇا اهو تمام وڏو سوال نه آهي؟.....
آئون سوچيندو، واساما ڪائيندو، پبلشر وٽ پهچان ٿو. منهنجو پرابلم سؤ روپئي جو نوٽ آهي ۽ پبلشر ڪي پوليٽڪس تي ڪهاڻي گهرجي، جنهن ۾ نه عشق هجي نه سيڪس. آئون اهڙي ڪهاڻي لکي ويندس، واهيات ئي سهي، لکي ويندس. پوليٽڪس تي، فرمائشي ڪهاڻي، سؤ روپئي نوٽ لاءِ. سؤ روپيو مون ڪي پيٽ لاءِ نه، اهنسا پرابلم لاءِ گهرجي. ساري..... پيس پرابلم لاءِ ۽ پروفيشنل ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ڪان پوءِ، صبح جو ٻارهين وڳي ڪهاڻي ڏئي، سؤ روپيو وني، دوستاڻي چانهه واري ڪچهريءَ ڪان پوءِ اپي خان تي وڃڻ جي ڳالهه ڪري، آئون گهر پهچان ته ناني مئي پئي آهي. ٨٠-٩٠ سالن جي ناني. زندگي!...... موت!....... سؤ روپيو، ڪهاڻي، اهنسا پرابلم. موت ڪيڏي ته ان نيچرل شيءِ آهي. هاڻ ته موت تي ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي. آخر ڪربن جي تعداد ۾ جنريشن ٿو جنريشن، ماڻهو ڪيستائين مرندو رهندو؟ ڇا اهو تمام وڏو سوال نه آهي: ڪنٽرول آن ڊيٿ؟ ان دي ورلڊ آف سائنس، ڪنٽرول آن ڊيٿ، از ناٽ اين امپاسيبل مشن. آئون ناني جي پٽر تي پنج منٽ ويهي ڪهاڻي لکڻ لاءِ هليو وڃان ٿو ۽ پبلشر جي ڏنل سنڌ جي پراڻي نقشي ڪي هڪ گهمرو غور سان ڏسي، ڏونگهي ڪشمش ڪائيندو، نندڙي پٽ عشقوءَ ڪي آر.سي.سي جاءِ مان وني، پنهنجي نندپڻ واري سانيڪو سال پراڻي ٽيڪاهينءَ جاءِ ۾ اچان ٿو، جنهن ۾ بجليءَ جو بلب ٻن چئن ڏينهن کان لڙڪايل آهي، چوريءَ جي بجلي. ايڏي ٿڌ ڪانهي، پر عشقوءَ جو نڪ بند ڏسي وونٽانين ڪي ميڙي دونهين دکايان ٿو.
عشقو ٽن سالن جو آهي. ڏاڍو تنگ ڪندو آهي. چوندو آهي گانو ٻڌاءِ، لو مي ٽيندر، لو مي ٽرو. مون ڪي هيڪل پٽ آهي. آئون سندس هر ضد پوري ڪندو آهيان. هو ڳائي ڳائي نچي نچي چوندو آهي گانو ٻڌاءِ، لو مي ٽيندر ۽ آئون به جهومي جهومي ڳائيندو آهيان. ڳائيندو آئون سنو آهيان ۽ ان تي ناچ راڪ ۽ رول هو سنو ڪندو آهي. نيٺ به ته ٽيليويزن جي دور جو ٻار آهي. منهنجي غربت جيڪڏهن ڪيس ڪا سئنيما اسڪوپ فلم نه ڏيکاري سگهي آهي

ته چا ٽيو، ٽيليويزن ته سڄي ڳوٺ ۾، گهر گهر ۾ آهن. مون کي سندس ناچ الوز پرسلي جيترو ئي وڻندو آهي ۽ ڳائڻ به.

نانيءَ جي موت سبب پنهنجي ٻالاپڻ جي گهروندي ۾ ٽيهارو سال کان پوءِ اچي ڪن لاءِ سن ۾ اچي وڃان ٿو. ساروڻا سانوڻ جي سنڌوءَ جيان ڊوڙندا ٿا اچن. تيرهن چوڏهن سالن تائين جي ٻالاپڻ جي ساري سانپير جا ساروڻا.

متي، ڪاٺ جڙيل ڇت ڏانهن نهاريان ٿو. ڇت مون کي اوترو ئي سهڻي پئي لڳي، جڏهن مان ٽن چئن سالن جو هئس، تڏهن ان ڇت جي هڪ دارسي ۾ رنگين ڪچ موتين جو ٻن – ٻن پکن وارو هوائي جهاز ٽنگيل هو، مون لاءِ الا، ڪيڏو نه سهڻو جهاز هو! ضرور ڪنهن وڏي آرٽسٽ جو ٺاهيل هوندو. اهو جهاز هينئر ڇت ۾ لڳل ناهي ته چا ٿيو، منهنجي ساروڻن ۾ ته آهي. ڪي ڪي ساروڻا ساڀيان کان وڌيڪ سهڻا ۽ چٽا هوندا آهن.

وري هيٺ پٽ ۾ لڳل پيتين رکڻ جي سگهي پيتي تڪتي کي ڏسان ٿو، جنهن تي اڄ به ٽي وڏيون پيتيون رکيل آهن، پر ساروڻن جون پيتيون ڪيڏيون نه سهڻيون هيون! ڪاٺ جون. چون ٿا، انهن مان هڪ پيتي سدائين منهنجي لاءِ بادامن ۽ ٻي ڊراءِ فروٽ سان ڀريل هوندي هئي. مون کي بدامن جو سواد ته ياد ڪينهين، باقي نَنڍپڻ ۾ پنڊ پهڻ ٽيل بادام ياد اٿم، جيڪي ننڍپڻ ۾ فاسلز لڌا هئم. ان ٻالاپڻ ويلا ۾ مون چرئي چربٽ ڀهراڙيءَ جي ٻار کي ڪيهي خبر ته اهي فاسلز آهن، تمام قيمتي! بس مان ته تماشي ڏسڻ لاءِ ماڻهن کي انهن پنڊ پهڻ جهڙن بادامن سان ذلبو ڏيئي مزو ماڻيندو هئس. اهي ٻاويهارو کن بادام مون لاءِ ڏاڍا مزيدار هئا. مان انهن کي تجوڙيءَ ۾ لڪائي رکندو هئس. ان لاءِ ته اهي پهڻ منهنجي زندگيءَ جي بهترين ڪليڪشن هئي.

اها تجوڙي ته مون وٽ آهي، پر اهي بادام ڪينهن. ٻيون به الاهين شيون ڪٺل آهن. منهنجي ڏڱن جا ڪي جنسار رهجي ويا آهن. سوچجي ته زندگيءَ ۾ ڪيڏي نه هڪجهڙائي آهي. ڪيڏي نه سسٽميٽڪ آهي زندگي! اڳي به آئون ڪليڪٽر هئس ۽ هينئر به ڪليڪٽر آهيان. منهنجي پسند به هوائي جهاز رانديڪو هو ۽ منهنجي پٽ جي پسند به هوائي جهاز رانديڪو. منهنجي گهر ۾ هينئر به روسي ميراج جهاز جو رانديڪو نه بلڪ ڊيڪوريشن پيس رکيل آهي، جنهن سان صبح ساڻ اٿي، منهنجو پٽ راند ڪيڏندو آهي ۽ وري پنهنجي جڳهه تي رکي، ڳانو ڳائيندو آهي، آل دي اسٽارز، آل دي اسٽارز.

پر ترسو، اوهان سمجهيا هوندا ته آئون ڪو وڏو امير ماڻهو آهيان، منهنجي گهر ۾ دنيا جو بهترين رانديڪو رکيل آهي. آئون مڃيان ٿو ته اهو موجوده دنيا جو سڀ کان بهترين

رانديڪو آهي، پر مون اهو خريد نه ڪيو آهي. هڪ آرٽسٽ دوست مون کي پٽ لاءِ پنهنجي ٽين ايج جو ناهيل ماڊل سوڪڙي ڪري ڏنو هو. (پاڻ گهري ورتو هيومانس)

آئون چوان ٿو ساروٽا به ڇا آهن، ماڻهوءَ کي ڪٽان جو ڪٽان وجيو ڪدن. ٻاهر نڪري سامهون نندي ياءُ جي ستر هزارن ۾ نهرايل اڏوگابري وڏي جاءِ ۾ نهاريان ٿو. اڳي اتي منهنجي ٻڌئن، مينهن، ٻڪرين ۽ رڍن جا واڙا هئا ۽ هاڻ رکو هڪ ڪتو، ٻيو ان ڪتي جي گلرن جو هڪ جوڙو آهي.

ساروٽا به ڪيڏا نه سلوٽا آهن. جڏهن اچن، ماڻهو ذهن جي اننت پاتارن جي ٿوبار ۾ هليو وڃي. مون وٽ ته پلوڙ ڍڳن جو جوڙو به هو. هڪ ڍڳو ته موهن جي دڙي جي سيل واري وڏي ٿوري واري ڍڳي کان به سگهارو، وڏن سڱن وارو. ڍڳو ناهي ته ڇا ٿيو، ان جي ڇهري جي جڙاو جو پرت پريل ساج ته مون وٽ ٽجوڙيءَ ۾ موجود آهي. الوءِ، ڏسي ڪيڏي نه اربيلي نرواڻ جيهي سانت ملندي آهي. هر ڪا شيءِ پنهنجي اندر ۾ ڪيڏي نه ڪهاڻي آهي. ڇا منهنجي ڍڳن جي اج تي ڪهاڻي نٿي لکي سگهجي؟ ٽجوڙين ۾ ته سون ۽ روپيو رکبو آهي، نه ڍڳن جا پراٽا ساج. گهر آهي ڪين فرانس جي الري ميوزيئم جو ڪو ننڍڙو خانو.

هون – ڪهاڻي ......، پاليٽڪس تي ڪهاڻي. نو رومانس، نو سيڪس، آرڊر از آرڊر......

هان – ڇا آج مان هن گهر ۾ اچي ڏاڍو رومانٽڪ ٿي ويو هيس. چاهيم پئي ته زال سان سيڪس انجواءِ ڪريان، پر هوءَ ويچاري ابوجهه، هن کي ڪهڙي خبر ته وهانءَ ويل پهرين رات اسان ان گهر ۾ هني مون ملهائي هئي ۽ اج رات، چوويهن پنجويهن سالن کان پوءِ، ان ساڳئي گهر ۾، ان ساڳي ڇت هينان ايڏي نويڪلائي!

جڏهن ته سڀ ماڻهو پوڙهي نانيءَ جي مرتبي تي ويا هجن. جيون ۾ چوويهن – پنجويهن سالن کان پوءِ ساڳي ڪٽ، ساڳيو جنديءَ جو هندورو. بس ڪا شيءِ واڌارو آهي ته اهو ڇئن سالن جو سڪيلڊو ننڍ ۾ الوٽ ۽ الوپ ٻار. ايڏو نويڪلائي ۽ تن ڇئن سالن جي پٽ جي وڙڪائون ڏيندڙ نرواڻڪ آسيس. منهنجي زال نانيءَ جا ڏک ۽ ڏنجهه ڪنيو ويني آهي. چوانس پيو ته گڏهه، هن جا ته پير به هاٿي روڳيءَ جيان سڄي پيا هئا. نه ويج نه طبيب. هن کي ته پاڻ نوي سالن کان پوءِ نرواڻ ملي آهي. اج دل ٿي چوي نانيءَ تي ڪهاڻي لکان، الا، اها منهنجي لائيف جي بهترين ڪهاڻي هوندي. چوي ٿي:

"ٻوٽ، ڪهاڻيون..... هڏ ته سڪائي ڇڏيا اٿئي پنهنجا، ڇڏ انهن کي، چريو ته نه ٿيو آهين."

آئون ٻراٽي ٿو پايانس.

"مئا ڏيان ڪر، شرم ڪر، هندن ۾ به ٽي - چار ڏينهن مئي جو ادب ڪندا هوندا." هوءَ ڪاوڙجي ٻر ٽي نڪري ٽي وڃي.

"پوڙهي...... حرامزادي....." آئون گاريون ڏيندو رهجي ٿو وڃانس.

ڪهاڻي..... هون ڪهاڻي، ناني ته وڏي ڪهاڻي هئي. پر نو سيڪس، نو لو، اونڪلي پوليٽڪس، پيور پوڪيٽڪس. سوچيان ٿو پيور پوليٽڪس تي ڪهاڻي لکڻ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي، پر اڄ جي رات ته موت تي ڪهاڻي لکڻ جي آهي، جڏهن ته سائنس جي دنيا ۾ ڪنٽرول آن ڊيٿ از نات امپاسيبل مشن ته پوءِ مانهو مرن ڇو پيا؟ جڏهن ته سائنس جي دنيا ۾ نيوٽران بم اچي ويو، پر ڏاٽ جي سور لاءِ اڃا تائين ڪابه سني دوا نه نهي سگهي آهي. اڃا تائين ڏندن تي ريسرچ جاري آهي. موت تي ته ڪنٽرول جي ڳالهه ئي پري ٿي. ان جا ڪنهن سبب سوچيا آهن، ان تي ڪنهن ريسرچ ڪئي آهي؟ ۽ اوهان جي ڇئو ته موت تي قبضو ڪري سگهجي ٿو ته ماڻهو اوهان تي ڪلندا. ريسرچ ها، جاري آهي. شيم..... شيم...... شيم......

نيڪ آهي، آج ڪهاڻي نٽو لکان، ڏسان سياڻ منهنجو متو ڪيئن ٿو پيجي. ڇا مان پراڻي ليٽو مشين آهيان، جنهن کي جڏهن گهمائيندا وجو ۽ ڪهاڻيون ڏڙا ڏڙ نڪرنديون اينديون..... نيڪ آهي، سياڻي چوندوسانس پيور پوليٽڪس معنيٰ پيور ڪوڙ. دس از نات دي ٽائيم آف پاليٽڪس. اِٽس اوور، آل اوور. نائو اٽ از ٽائيف آف آرٽ، پيور آرٽ، نٿنگ ايلس. ٽوڊي دي يونيورس نيڊس ٽالسٽاءِ، هرمن هيس، پرل ايس بڪ، ٽئگور، شاهه، سچل، هٽلگر، گوبل، چرچل، ڊيگال، استالن، خروشچيف، ڪينڊي. دي آر ان وانٽيڊ پيپلز نائو. نو پاليٽڪس، نو ويپنس، نو مور آرگيومينٽس، جنٽلمين!

هون - نيڪ آهي، ائين ڇئي نيڪ ڪري ڇڏيندوسانس. سؤ روپيو جيڪي مون کي ڏيندو، ان جي مون کي به خبر آهي. باقي سنڌ جو نقشو مون کي گهر ۾ چوريءَ جو ئي سهي، رکڻ جو حق ناهي ڇا؟ آئون ساڳي ڪهاڻي ڇو نه لکان؟ ۽ آئون پنهنجي مرضيءَ جي ڪهاڻي لکي، لت ڪوڙي سمهي رهان ٿو.

پولارن پاتالن ۾ پٽڪندڙ ماڻهو

ڪرن مشين راڪي ۾ ڦاٿل آهي.
چوڏس ڦهليل ڄاڻيي جي سهس ڪيتن ۾ ڦاٿل سوئي گئس لائين ڪوٽيندڙ بڪيٽ ڪرئن مشين، جنهن کي ڪيڻ لاءِ سوئي گئس جا سڀ آفيسر، انجنيئر ۽ ٻيا ٽيڪنيشن گڏ ٿي ويا آهن ۽ ڪيتن ۾ ڏاڍا ٽيلار ڪريو، پيا مشين کي ڪيڻ جي اپائن تي ڳالهيون ٻوليون ڪن ۽ هو – هو عيش ۾ آهي. ڪرئن جي ڊگهي ڊگهي سونڊ متان وينو، ماستياڻيءَ جا پنڌ ۽ پيرا ڏسي. نيري پرتل وڳي ۽ اجرڪ ۾ ويڙهيل سيڙهيل گٽڪي متڪي ماستياڻي ۽ ڪن لاءِ هو پري ڪان ايندڙ ماستياڻيءَ ۾ نهارڻ ۾ ڪوئجي تو وجي. جڻ ڪا ٻي دنيا آهي. سپني جيهي يا ڪنهن سني رنگين نگريزي فلم جيهي.
چوڌاري نيڻ نهار تائين ڦهليل ڪيت آهن. ماستياڻي ۽ ان جي اڳيان پنيان تڪا تڪا هلندڙ پنج – ڇهه اسڪولي ٻارڙا، پتڪڙا. هو سوچي تو: "هلي چا تي، جهڙو ڊيل ٻچا چڳائڻ ڪان پوءِ پوڏيسر جي تڙاو ڏانهن وجي رهي آهي." ۽ نيٽ ڪرئن جي بڪيٽ ۾ بينل ڪلينر پڻڪي تو:
"ير، تو وارو پکي اچي پيو."
"اڙي چپ ڪر پکيءَ جا ٻچا. هيءَ جا لالوءَ واري لوڏ متان اچي بيني آهي، ويندي به يا نه؟"
"سائين، ڪرئن تي فيصلي ڪرڻ ڪان سواءِ اها لوڏ ڪيئن ويندي؟" "پر راڪي ۾ ڦاٿل مشين جو ڪيتن ۾ هلندڙ عشق سان ڪهڙو واسطو؟ اڙي هي آفيسر وڏا جهرلو ٿئي. ٻاهران جيترا پوش پاتل، اندران اوترا ئي ننگا. گگ وهيو وجين پرائي عورت ڏسيو. الاهين ڏينهن ڪان فلم ڪانه ڏني اٿن، بس پاڪستاني فلم جو سين ٿي ويندو. بابا جهنگل ۾ منگل." ڪلينر ڪيس ٿڏون تو ڏئي ۽ هو متان ڏند تو ڪرتي: "اڙي مان آفيسرن جي پرواهه نه ڪندو آهيان، پر هو ٿلهو اسيريڊ آفيسر آهي نه، اهو منهنجو سؤٽ ٿئي، ڏاڍي خواري ٽيندي. تنهن ڪري لڪ لڪوٽي ڪرڻي تي پوي."
"اها ڳالهه آهي. آئون به چوان آفيسر پٽ تي ۽ اسٽور ڪيپر آسمان تي." ڪلينر جي ڳالهه تي هو مشين جي سونڊ هينان بڪيٽ روپ ۾ تيزيءَ سان لڙڪندو هيٺ لهي تو ۽ هن جي ان ريت لڙڪندي لهڻ تي ڪلينر ڪاوڙجي تو:
"اڙي ميان، ائين ته مارائي وجهندين، ٽنگ ٻانهن پجي پوئي ته! ميان، آفيسر جو پاءُ هوندين ته پنهنجي لاءِ هوندين." گئس ٻڌاٽو ڪارو ڪارو ڪلينر ڪاوڙجي تو وجي.

"اڙي، پاڙين جون ٽنگو ٻانهون آهن جو پڇنديون." هو ٽڌو ساهه پري ماسترياڻيءَ ۾ نهاري ٿو ۽ وري ڏاڍي ايلاز مان پڙڪي ٿو: "يار، اها ٻانهن منهنجي ٿئي. ان رن کان سواءِ آئون لولو لنگڙو آهيان." هو ڪرئن جي لوهي رسي ۾ هٿ وجهيو، ماسترياڻيءَ ڏانهن ڏاڍي موهه سان نهاريندو ٿو رهي.

"الا، مون کي ته اها انهن سمورن ٻارڙن سميت قبول آهي. يار قرآن، ڪجهه ڪر نه. الا ڏاڍا سهڻا ٻار ڄڻي ڏينديم."

"اڙي واهه، هاڻ سوئي گئس ۾ ٻيا ڪم ڪتا آهن جو هاڻ وري اهو ڌنڌو به ڪريون؟" ڪلينر چڙي چوي ٿو.

"نه يار، تون ته هروڀرو پيو پاڻ کي گاريون ڏين. ڏس يار، هيئن ڪر نه، هيءَ راڌ ڪٽي، هن پاسي ڄارين ۾ وجي بلا مار." هو ڏاڍي منٿ مان ٿو چوي.

"بلا ماريان، اڙي ڪچي ڀنگ ڪائي ويو اهين ڇا بوبڪ جي؟!"

"يار ڏس، مرس ٿي، اصل ڏوڏڙ ۾ ڏيڙاٽ وجهي ڇڏي، اصل وڻن ۾ واڪا، ايمان سان هي سوئي گئس لائن وڇائڻ کان سواءِ ڪجهه به ڪين ڄاڻن. مئل بلا ڏسڻ لاءِ هڪ ساهيءَ ڊوڙندا ايندءِ."

"پر پلا ڪتان ايندي! اڙي پوپا ته ڪين ٿو ڪائين؟"

"يار تون به عجيب گڏهه آهين، ڇئجانءِ ڏرڙ ۾ گهڙي ويئي آهي."

"پر ميان، آئون اها ڪنٽپٽي جي ڊيوٽي ڇو ڏيان؟ سپاٽي تون سڄي لير ۾ ڊنڊورو گهمائين ته ادروءَ سان مون هيئن ڪيو. اڙي مون کي خبر آهي، تون وڏو پلستر آهين."

"توبهن پلا آئون ڪو بري نيت سان پيو وڃان يا ڪو منڊل پيو ڪريان؟ اڙي ڪڏهن ته ڪنهن عاشق جي دعا ڪٽ. ايمان سان نه ته مون کي بلئڪ ميل ڪرڻ به ايندو آهي."

"اڙي ها ها، پاڙين جا اٽ ڪاهيا هوندءِ. بلئڪ ميل ڪرين يا وائيٽ ميل."

"چو ڙي، مون کي خبر ڪانهي ڇا ته مشين ڪيئن ڦاٽي آهي؟ استاد نمن جي چاون ۾ آنند فرمائي ۽ شاگرد هاتار جيڏي مشين هلائي. اڙي تو وارو استاد به سڪ ٿي ويندو، مون کي سڄي خبر آهي، مشين ڪيئن ڦاٽي آهي."

"يار تون ته ڪو وڏو حرامي ماٺهو آهين!" ڪلينر راڌ ڪٽڻ لاءِ وڌي ٿو. هو بڪيٽ ۾ بيچين بينو اچا به نماٽائيءَ سان ڪيس ايلاز ڪري ٿو ته متان ڪٽي ڪلينر ڦري نه وڃي.

"يار، سنگت ۾ ايترو به نه وهندين ڇا؟ قرآن، هڪ ئي ملاقات سان منهنجا چوڏهن ئي طبق روشن ٿي ويندا آهن. مڙس ٿي پاڙيا. ڪونه ٿيون ٻروچن واريون ڪهاڙيون لڳنئي."

"ها بابا، تنهنجو وقت آهي، جيڪو حڪم." ڪلينر هن ۾ خار مان نهاريندو ٿو وڃي ۽ هو سوچي ٿو ته هني – مون جي پهرين چمي انهيءَ مشين جي سونهن مٿان نه ڪريان ته سمجهندس مڙس ئي نه اهيان ۽ مشين جي اوچي سونهن ۾ نهاريندو مرڪي ٿو پوي. اوچتو ڪلينر جي پٽڪاٽ تي هو ڏانهن نهاري ٿو. ڪلينر ويندي ويندي موٽ ڪائي آيو آهي:

"ٽڪ ٽئي ياڙيا، پرائي ڇوريءَ لاءِ سنگت ٿو سٽين، پڇنئي ته ٽڪي تي به ڪانه ٿي."

"حرامي، به لنيون ڏڏڙ ۾ هٽندي ٻرو چڙهندءِ ڇا؟"

"اڙي، ٻر اڳيان به ڪت خلق آهي آفيسرن جي."

"پوءِ ترڙا وري مون سان ٻتاڪ نه هٽجاءِ ته هيئن ڪيوسين، هونئن ڪيوسين." ان ڳالهه تي ڪلينر ڪرٽيون ڪائيندو گم ٿي وڃي ٿو ۽ اوچتو وٽن ۾ واڪا پيدا ٿي ٿا وڃن ۽ هو اک ونئي تيز ڪائي ٿو وڃي، ماسترياڻي جي دڳ جهلڻ لاءِ ۽ ڪيتن ۾ هڪ ڇورو ۽ ڇوڪري هڪ ٻئي سامهان اچيو وڃن.

"ليڊي، هائو آر يو؟" هو سرنهن جا پن چباڙيندي ٿو چوي.

"تون آهين ڪير؟.... تون اهو ست ڪيئن ٿو سارين!....؟"

"توکي ڏسيو پاڻ پيدا ٿيو وڃي." هن جي ڳالهه تي ڪن لاءِ ماسترياڻي بيهي ٿي وڃي ۽ نهايت ٿهمر سان ٿي ڳالهائي: "ٻڌ، مون کي هيڻي ۽ هيڪل عورت نه سمجهه. مان پنهنجي مرم ۾ ٿي مران، نه ته ڪاڇين ڇا سان!......"

"ڪچو ڪائي ڇڏ نه مون کي." هن جي نيڻن ۾ جادوءَ هاڻا موهه پرجي ٿا وڃن.

"ڏس، شانائتي ڳالهه ڪر. ڪنهن اڃاتل عورت جي ائين واٽ جهلڻ اشرافن جو ڪم نه آهي. سچ، تون مڪ مان ڪوجهو نٿو لڳين."

"ان لاءِ ته مان اندران به ڪوجهو ۽ ڪوڪلو نه آهيان. آئون..... آئون راڄ ياڳ وارو ماڻهو آهيان."

"تڏهن سدائين ڪرئن جي ڇوٽيءَ تي لڙڪيو پيو هوندو آهين. هڪ غريب ماستريا‌ڻيءَ کي تنگ ڪندي توکي رتيءَ جيترو به ڪهڪاءُ نٿو اچي." هن جي ڳالهه تي هو ڇوٽ ڪائي، وڏي شوڪاري سان ڏانهس نهاري ٿو.

"غريب؟ تون جي مهاراجا جي ڌيءَ به هجين ها، قرآئون، آئون تنهنجي واتن ۾ ائين ڊوڙندو اچان ها، گهور اچان ها. ڪٽي وڃان ها توکي."

"ڇو؟....." هوءَ ڏاڍي بيزاريءَ سان هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿي ته ڪو ڏسي ته ڪونه ٿو.

"شايد ان لاءِ ته منهنجي..... منهنجي ذهن ۾ ، سپنن ۾ جنهن ڇوڪريءَ جا سارو پا وينل آهن، سا تون آهين. تون ساڳي اهڙي آهين."

"ڏس، توکي ڪجهه به نه ملندو، ڇو ته منهنجي روزيءَ تي لت هڻين. هي ته "مروئان موت، ملوڪان شڪار" واري ڳالهه آهي." هوءَ روئي تي پوي ۽ هو وائڙو تي منجهس نهاريندو ٿو رهي.

"ڇو..... تو روئي ڏنو! ...... ڇو؟......"

"........." جواب نه پائي هن جي اندر ۾ ڄڻ وڏا پولار پاتار ٿيو وڃن ڏکن جا.

"نه روءِ، نيڪ آهي وري ڪونه ايندس. تو آڏو وري ڪڏهن ڪونه ايندس. ڀلا مون کي ڪهڙي خبر ته تنهنجي جيون ۾ ڇا آهي ۽ آئون ڇا پيو ڪريان؟ مون کي ته ايتري به خبر ڪانهي ته تون ڪنواري به آهين ڪي نه!...... آئون معافي ٿو گهران!"

"مهرباني" ۽ ماسترياڻي اڳتي وڌي وڃي ٿي ۽ هو مڙي نهارڻ لاءِ لوهاتجي ويندي به مڙي ماسترياڻيءَ ۾ نٽو نهاري ۽ پويان پير ڪري ٿو. وڪ وڪ تي ڄڻ ڪاريهر جا ڏنگ ٿو ڪائي. موٽندي هن کي پاسي ٿو ڪيت، آڪاس ڦرن ٿا. ڪيس، ڪيت ناهن، الائي ڇا آهن!

هو موٽ ڪائي دوڙندو تڪڙو ڪرئن ۾ چڙهي ٿو ۽ ساهه ۾ مونجهه محسوس ڪندي هو ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي ڪرئن جي بڪيٽ ليور اپ ڪري ٿو. لوهي رسن جي ڇڪاو سان بڪيٽ مٿي کڄندو ٿو اچي. هو هڪدم بڪيٽ ليور ڊائون ڪري ٿو. ڀاري ڏوٽي سان بڪيٽ هيٺ ڪري ٿو، ڌرتي ڄڻ ڏٻي ٿي پوي ۽ هو روئي ٿو پوي، نندڙن ٻارڙن جيان!

سين هنيائون سج ۾

هو هاڪڙي جي صدين سڪل پيٽ ونيو، هلندو ٿو وڃي. سج وڙاءُ سامهين جي سات پنيان. ٽر جا سامي ڏسي، هو پنهنجو ماڳ وساري وينو آهي. هن کي ته اها به ڪل ڪانه پيئي ته هن کي ڪهڙي دشا، ڪهڙي مارڳ وڃڻو هو؟ بس، سامي ڏسي، من پنيرجي ويس: ڪن ڪٺ، ڪن چير ڪاپڙي! اهو به وسري ويس ته ڪهڙي ڪارج آيو هو؟ بس ڪٽي پيرا ڪنيائين ته سامين جو سانگ ڏسجي، پر چوندا آهن ته سامين، جوڳين ۽ ڪاپڙين جو ٽر تانءُ ڪٽي.....! ڏڪاريل هاڪڙي جي واريا سي پيٽ مان، سامين پنيان هلندي، هو ٽن ڪوهن ڪان به مٿي پنڌ پٽي آيو آهي. چوڏس پِٽون ئي پِٽون، پر بيگان آهي. لکين ڪروڙين سال اڳ، سمونڊ جون ڇڏيل واريا سون پٽون، ٿي سال سانده انئي جون هوائون ئي ڪين هليون. تنهن ڪري ٽر بر ٻڄي ويو آهي. ڏهرين ۾ ڪين ڏهرين مٿان، چوڙيلين جا چنل چنا، منهن ۾ چؤنرا ويڳانا ۽ بيران آهن ۽ پنڌ ۾ آهن. ڏڪار ڪان لاڏاٽا ڪندڙ ماڻهو. ڪندن، ڪونيٽن، ٿوهرن ۽ ڪارن ڪبڙن ڪان سواءِ ٻيو سيوڪي ڏوڙ آهي. سانيڪن جا منهن به لٽجي ويا آهن. رڪي رڪي پٽن مان گرم باھ جهڙا واچوڙا تا اٿن ۽ ڏهريون ڪورن جيان ٻرنديون پيون نظر اچن. پٽن مان رت جي بانس پئي اچي ۽ آسمان ۾ آهن لامارا، لامارا ڳجهون ۽ سرڙيون، جي اڄ ۽ تونس ڪان نست ٿي ڪريل ٻڪرين، گائين ۽ رڍن مٿان پيون لامارن سان لهن. ڊور جي پساھ ڏيڻ ڪان اڳ چهنبون اکين ۾. ڊورن جي ڦٽڪ ڦٽڪان ۽ ڳجهن جي پٽ پٽان. سڄي ٽر ۾ راڙو آهي ته ههڙو ڏڪار ته ڪڏهن ڪين آيو. سڄا سارا ٽي سال ويچارن ٽرين ڪارو ڪڪر به ڪين پسيو.

هو دور دور بيران ۾ نهاريندو، سامين جي جتي پنيان هلندو، اڄ ڪان، ڪلهن سان لڙڪايل ڪليءَ جي ڏؤنر ڪولي، پاڻيءَ جا به گلنپ پي، وري ڏؤنر سان ڪليءَ جو منهن سوگهو ٻڌي ٿو. جهولي ۾ لڪ ڪان سندس ڪل آرايون - آرايون ٿي، ڦلوڪٽا ٿي وئي آهي. رڪي رڪي آرايون ٽچڪنس ٽيون ۽ ٽپهريءَ جو آڳ الاءُ سج ڄڻ ٽڪ ٻڌي بيهي ويو آهي. دوزخ ناهڻ لاءِ. ڄن ڪڏهن ٽڏو ڪين ٽيندو. ڪڏهن ڪين ٽيندو - ۽ سامين جي سفر جي به ڄڻ ڪٽ پڄاڻي ڪانهي. سامين پنيان هلندي، هانو ۾ سوٽون ٽيون ايرنس: "وطن.... وطن...... وطن....." جن ماڻهن ڪاڻ هو وڻ وڻ پيو ووڙي، سي ڪو ڪيس سڃاڻيندا؟ سندس ڪو آڌرياءُ ڪندا؟ ماڳهين ڏمرندا ته ميان ڏنو ڇا ٽئي جو پڻ ئي ڪين ٿو ڇڏين! پنهنجون ڄايون نپايون ڪين اٽئي ڇا؟ ماڻهو، ماڻهوءَ ڪان ڇرڪيل، هي ملڪ ٽيو، ڪين راڪاس، برڙباڪاس جو

بيٺ؟ بس نهار ئي پهرين، سڄا ٽي ڪوهه، وري ڪنهن ننڍڙي ٻار به مڙي ڪين نهاريو ته پنيان ماڙهون رهجي ويو.... ڪين ڇا؟ بس، پنهنجو گس، پنهنجو منهن..... ٻين سان نڪو سڱ، نڪو سياڪو.

۽ سامين آهن ٻارين ٻچين. جوانڻ، پوڙها، ڪنواريون، ٻارڙيون، ٻارڙا ۽ جوانڻ سهڻا جوڙا. پراڻن ويس وڳن مٿان ته ڇا، پر گودڙين ۽ ٻُجڪن مٿان به پرتن ۽ سڇيلين ڪوڏين جا جڙاءُ..... ڪلهي ڦاٽل ڪنجرن سان عورتون ڪارائيءَ کان ڪلهي تائين ٻانهين سانڻ، ڳڏهن مٿان ڳوٺين ۽ گودڙين ۾ ارڙ، ڪپر، ڳدا ۽ اصيل - نانگ لڏيل ۽ هڪ نينگري...... جهڙي ڪپريل بلا! اکين ۾ ايڏو ڪامڻ، ايڏي ڏيا، جو ڏسندڙ جادوءَ ۾ اچي وڃي. ٻور ساماڻل سامڻ، وڏن ڪامڻن ارهن سانڻ ۽ ٻاريتڙين ڪي پنن سانڻ ٻار ٻڏل. تنجيل ٻار..... رڻ ۽ رائيءَ ۾ ڄاول، ماءُ جي نراڙ سان، اجرڪ جي جهولي ۾ ٻڌل.

جڏهن ٽپهريءَ جي پوئينءَ ويلا م، سامين، چارين جي هڪ جهنڊ هينان اچي ڊاٻو ڪيو ته هن جون مٽيون موڙهجي ويون ۽ اڻ تڻ اورا ڪورا لڳي ويس ته هاڻ هو ڪيڏانهن وڃي؟ سامين لاءِ ته جيهوڪر هن جو وجود ئي ڪينهي، پر پوءِ به هو نرلج ٽي، ٽورو وٽيرڪو وٽيرڪو، سامهين هڪ ڪنڊيءَ جي هينان، ٽڙ ڪي ٽيڪ ڏئي، ويهي ٿو وڃي - ۽ ڪولڻ لڳي ٿو ٿيلهو، جنهن ۾ بسڪوٽن جو پڙو آهي. اکيون جٽي ۾ ڪپايو نهاريندو ٿو رهي ۽ سڄ هڪ پٽ جي اوڍر ۾ ڊري ٿو وڃي. ڏسڻ ۾ اڇنس ٽيون رڱو سامين جون دونهيون، دورا ۽ پاڇا. هر پاڇو ڇٽو پٽو ۽ پڌرو. پاڇو هوندو به آنهريءَ جيان روشن.

الاهين دير ڪان پوءِ هڪ پاڇو ڏانهس وڌي ٿو. هو ڏسي ٿو، اچي ڏاڙهيءَ سان هڪ گيڙوءَ رتو، ڪن چير ڪاپڙي سندس مٿان اچي بيهي ٿو. گنڀيرتا سان ڏاڙهي کنهندي چوي ٿو:

"اچي، هي ٻاجهريءَ جي ماني ۽ هي ڳڙ ذرو...... جيڪي اڳيان، سو پيش پرين......"

پوڙهو اباڻڪي منهن سان آيو هو ۽ اباڻڪي منهن سان وڃڻ لڳو هو، پر الائي ڇا سوچيندي، وري موٽي ٿو اچي ۽ نج چاندوڻيءَ رات ۾ سندس ٿيلهي، بوٽن ۽ جين جي پينٽ ۽ جاڪٽ ۾ نهاريندي پڇڪي ٿو:

"چو پٽ، هن ڏڪارين ڏسائن ۾ ڪهڙو وندر پيو ووڙين؟"

"آئون..... آئون اخبارون ڇاپيندو آهيان." هو منجهي ڪوڙ ٿو ڳالهائي.

"پوءِ ڏڪارئي پاسي ڪوهه نٽو وڃين؟"

"سڪار آهي ڪٿي؟ ۽ اوهان..... اوهان ڪيڏانهن پيا وڃو؟"

"اسان....... اسان ته ڄڱن ڪان اهائي واٽ پيا وجون...... اهي ئي پراڻا پنڌ، اهي ئي پيرا......"
سامي اونهون ساهه ٿو پري، مٿاهنس گهري نهار سان نهاريندو، واپس وڃڻ ٿو لڳي، ڪجهه گام پري هلندو، دونهن ۽ دودن ڏانهن، پاڇولو ٿيندو ٿو وڃي.
هو ساميءَ ۾ نهاريندو، وري ٻاجهر جي اڌ مانيءَ ۽ مٿانهس رکيل ڳڙ ۾ نهاري ٿو ۽ وري پري سامين جي پڙاو ۾ نهاريندو، ڳڙ ماني کائيندو، سوچن جي ٻوڏار ۾ هليو ٿو وڃي.
"هان.... منهنجي ته تصور ۾ به ڪين هو ته ههڙي ڏڪار ۾ به ڪو هيئن ٿيندو! هنن جون ته ريتيون ئي نراليون آهن. هتي، هن پِڙ تي ويني، ائين پيو وسهيم، جڻ پراڻا وجايل گم ٿي ويل ڪال ۽ سال وري موٽي آيا آهن. هتي، هن پرٿويءَ تي، سيڪجهه پراڻو ۽ سچ آهي. نئون ۽ ڪوڙو رڳو مان آهيان، پنهنجن هنن ڪپڙن جيان، جي هتي جي جهولن ڪان مون کي نٽا بچائي سگهن."
هو جاڪٽ ۽ گنجي لاهي، وڻ ۾ ٽنگي ٿو ۽ ٿيلهي مان نئون نڪور اجرڪ ڪڍي، پٽ تي وڇائي ٿو، اشانت من کي آسيس ڏيڻ لاءِ. پنين اگهاڙو، پاڻيءَ ڍڪ پي، سيرانديءَ کان ٿيلهو ڪري ليٽي ٿو پوي ۽ تارا تارا اڀ ۾ اکيون اٽڪائي ٿو ڇڏي.
۽ جيئن جيئن رات وهامي ٿي، سورهينءَ سترهينءَ جي چنڊ جي رات، جرڪندي ٿي وڃي ۽ واري سون روپو ٿي، روشن ٿيندي ٿي وڃي. پري پري برف جيان اڇيون ۽ ڏنڌليون پٽون رات جي جهوليءَ ۾ به برفاني چوٽين جو ڏيکاءُ ڏين ٿيون. هونءَ به برپٽ ڪين واريا سي ۾ اکيون پنيلجي وينديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن برپٽ ووڙيندي ائين به پاسندو آهي ته سمونڊ چوليون پيو هڻي...... ڪڏهن اوماس جي راتين ۾، چوڏس نانهن جهڙا ڏيک ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هو ڪنائي ٿو..... رات جي نوائيءَ ۾ پري ڪتان ڪو قافلو پيو گذري، انن جي چنگ چڙن جا آواز نوائي وايو منڊل ۾ ڏور ڪتان پڙاڏجندا پيا وڃن، ڏکن، ڏولائن جا گيت.
هو ٽڪ ڪان چور سمهي پوڻ ٿو چاهي، پر سندس من ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا اڌما ايندا، ڪيس جاڳائيندا ٿا رهن ۽ سامي مرليون وڄائيندا، دودرا دڪايو، جڻ پراڻا پيا ڪن. هن کي ننڊ ڪانهي..... ايستائين جو سامين جي سين جا آواز به رات جي مانار ۾ لڙهي ٿا وڃن. ڏکڻ ڪان ايندڙ ٿڌڪار، ٿڪيل جسم کي آسيس پئي ڏئي. هو پاسا ورائي ٿو، ننڊ لاءِ سوچي ٿو، پنهنجي اڄ جي پاڳل پڻي لاءِ ته هن ڪان هيءَ ڪهڙي حرڪت ٿي! هن کي ته پارڪر وڄٹو هو! آخر هن انهن سامين ۾ ڏٺو ڇا..... ڇا اها ساري جاڪوڙ ۽ ولوڙ ان ڇوڪريءَ کي ڏسڻ لاءِ...... توبهن! سهڻي ته ڪيڏي نه هئي، جهڙي ڪر ديو مالائي ڪهاڻين جي راجڪماري. اکين ۾ ڪيڏا تيج تجلا، اهم ۽ الماس هئس! پر هنن سامين جو هيءُ ڪهڙو سانگ آهي.

ڪجهه به ٿئي، صبح جو آئون ساڻن گڏوچڙ ٿي ويندس. آخر ته هي ڪهڙو ويراڳ آهي؟ سندن ڪپڙا ڪيڏا نه ٽريڊيشنل آهن. سنڌ جي ڪوچ لهڻ ڪيڏو نه اوکو ڪم آهي. شايد ئي پرٿويءَ تي سنڌ جهڙو پراسرار ملڪ هجي. رڳو اونهيءَ اک سان سنڌ جي جاگرافي ۽ رهڻي ڪهڻي ۽ يگن کان هلندڙ ريتن رسمن کي ڏسڻو آهي. ڇا اها پراسرار ڳالهه ڪين هئي ته اڄوڪي سنڌ ۾، جوڳين جي تاريخ ۾، برٽس دور کان وٺي اڄ تائين ڪو جوڳي ڪورٽ ۾ گهربل ڪينهي، ڪنهن وارتا ۾ به نه!

هتان جا تارا هتان وڃي ٽا نڪرن. چنڊ به الائي ڪيڏا سفر ڪري، ٻوڏار ۾ پيو وڃڻ جون ڪري. سامين جون دونهيون ڪڏهوڪيون اجهامي رک ٿي ويون، پر هن کي ننڊ ڪانهي – رات جيئن پوءِ تيئن ٽلڪندي ٽمڪندي ٿي وڃي. هو اکيون ٻوٽيو، پاسا ورائيندو ٿو رهي.

"تون.... ڪير آهين تون؟" اچانڪ هو پنهنجي مٿان بينل پاڇو ڏسي ديهو ٿو پيو.

"ٻڌاءِ، تو اسان جو پيڇو ڇو ڪيو؟" پاڇي سمان نينگري سندس اڏو ڪاٺ جيان بيهي ٿي وڃي. تون ساڳيو ڪونهر وارو آهين نه، ٻڌاءِ..... اکين ۾ ڇا ٿي ڇيئي؟"

"مان سيلاني آهيان، مان پنهنجي واٽ وٺيو پيو وڃان....."

"ڪوڙ، توکي منهنجي ڪامڻ ڪايا ورتو آهي؟"

"........" هو نينگريءَ ۾ نهاريندو رهجي ٿو وڃي. اوچتو هڪ هٿ سندس اڳيان ڦهڪو اچي ٿي ڪري.

"ٻڌ، تون مون کي وڻيو آهين. مون کي ماڻڻ لاءِ هي وڳو پائي آڌوتي ٿي وڃ. ڊڄ نه، ٻڌاءِ ڪيڏو جگر اٿئي؟۾

هو موڳاٽجي سامي نينگريءَ ۾ نهاريندو ٿو رهي. ڪيس سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪهڙو جواب ڏئي.

"ٻڌاءِ نه، ڪيڏو جگر اٿئي؟ مون کي ماڻڻ لاءِ هي رڃ جو سمنڊ جهاڳيندين؟ ٻڌاءِ، پٽن ۾ ويلا ۽ ڇلا ڪيندين؟ ڏس، مان تو لاءِ ڪيڏا سوڻ ساڻ ڪري آئي آهيان، سڄو لوڪ سمهاري."

هو سامي نينگريءَ جي ڪاون ۽ ڪوڏين جڙيل پولڪا ۽ پڙي ۾ نهاري ٿو. چانڊوڪيءَ ۾ هوءَ جڻ ننڊ ولايت جي ديوي ٿي لڳي. راڄاڻ سونهن جو روپ ڏسي، نڙي سڪي ٺوٺ ٿيو وڃيس.

"تون ڳالهائين ڪوه نٿو. ٻڌاءِ منهنجو پريم، موهه توهه ۾ ڪاپڙي ٿيندين؟ ڪن ڇيرائيندين؟ مون ڪي تو ۾ پورو وشواس آهي - تو اجگر واري ڇپ ڇو هنئي آهي؟" هوءَ مٿي تان گندي ڍرڪائي، ڪيس پٺ ڏئي ٿي بيهي.
"منهنجي پولڪا جا سڀ اجا ڪنوارا ۽ اڇوهيل آهن. توڪي ڪهڙا ڊيجوڙا پيا آهن! سامين سان سگ ٿو ڪرين ته سامي ٿي، ڪولي ڇڏ منهنجي پولڪا جا ڏاڳا، ڏوئي ڇڏ منهنجو ۽ پنهنجو سارو تن من، ڪڍي ڇڏ سارو ڪينو."
سامي نينگريءَ جي آواز ۾ ڪيپ پرجيو ٿا وڃن. هوءَ اپچرا جيئن ڪيس پٺ ڏيو، جواٽيءَ جي ڪيپن ۽ خمارن ۾ ڇن وٽڙجيو بيهي ٿي وڃي ۽ هو ڪنهن خوفناڪ سوچن جي ٻوڏار مان نڪري، پٺ پيل ڇني ڪٽي، هن جي سامهون اچي ۽ ڇني ٻيهر ڏاڍي موهه سان سندس مٿي تي اوڍائي، ڪيس ڪاڏيءَ ڪان آڱر ڏئي، سندس منهن مٿي ٿو ڪري.
"تون.... تون اپچرائن ڪان وڌ سهڻي آهين، پر آئون تو لاءِ دنيا تياڳي نٿو سگهان. تون غلط سمجهي آهين.... مون ڪي.... مون ڪي ڏاڍو ڏور وڃڻو آهي، پري پري، سڪارن جي ڳولا ۾. منهنجي انگ لاءِ تو وٽ ڪپڙا آهن، پر مون وٽ تو لاءِ ڪجهه به ڪينهي. جنهن ڏينهن مان تو لاءِ پٽ جا ڪپڙا وني آيس، ان ڏينهن تنهنجا سمورا ڏاڳا ڪولي پنهنجي اندر ۾ سموئي ڇڏيندس. ساري پونءَ سامهون..... سمجهينءَ."
"نه...... ٻڌاءِ ڪونهر مٿان اهڙين اکين سان ڇو ڏٺو هيئي؟... ڇو؟ ڇا ماڻهو آپي ڪان نڪري ويندو آهي؟"
"ها، شايد مان ڪنهن ڪامڻ ۾ اچي ويو هئس، جادوءَ ۾."
"ڪامڻ ۾؟....... ڪوڙا جي جيءُ ڪي جادو لڳي ويو هيئي ته پوءِ مون سان رڃن ۾ پٽڪڻ جي شڪتي تو ۾ ڇو ڪانه جڙي؟ ڇئه نه، تو ۾ اها شڪتي ڇو ڪانه جڙي؟" سامڻ ڇوريءَ جي ڇپرن ۾ لڙڪ ڄڻ ڇم ڇم ڪندا ٿا اچن.
"شڪتي.... ها ڪانهي، آئون ڪوه ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو!"
"پوءِ ميار مٿان رکي اٿئي ته اک اڙائي، جوڳياڻي ڪچون ڪري وئي! الائي ڪيڏن اوسيئڙن ڪان پوءِ مون ور چونديو هو، آڳيا ورتي هئي. هاڻ.... اڄ صبح جو سامي مون ڪي هيڪل ڏسي، ڪاريهر نانگ ڪان ڏنگرائي ڇڏيندا ته مون ڪوڙو ور ڪيئن چونديو؟ منهنجي اکين ڪوڙ تي آرو ڪيئن ڪيو؟ الا.... منهنجي نيڻن ته مون ڪي ڪڏهن به دوڪو ڪين ڏنو، ڪڏهن "ڪلاپ" ڪين ڪيو؟ الا ڪٽ وجي اڙيون....." هوءَ ڳڏڪي ڳڏڪي رنيون ٿي دبائي

۽ ڪن لاءِ هو سن ۾ اچيو وڃي ۽ ڪيس دلداري ڏيڻ لاءِ وڏي ٿو. سامڻ ڇوريءَ ڪان ڇرڪ نڪريو وڃي:
"نه نه، متان ڇهيو ٿئي...... ٻڏاءِ، ڇو رڃن ۾ اڪيون اڙائيي، پريم جي سين هنئي هيئي؟ جتان آيو آهين، ونءَ هليو."
ساميا‌ڻي ڏهڪاءُ پريل نيٽن سان اندر جا ڇيرا پنهنجي اندر ۾ اوتيندي، بجڪو هن جي پيرن ۾ پيل ڇڏيو، سندس نيٽن ۾ وڏي ڦتڪات سان نهاريندي، اچانڪ اوڇنگارن سان سٽ ڏئي موٽ ٿي ڪائي. ڪن لاءِ هو ڄڻ سراپجي پندپهڻ ٿيو وڃي. اچانڪ ڪو سانگ ساري هو پنيانس نهاريندي واڪو ٿو ڪري:
"ترس نه، پوري ڳالهه نه مهاڙ، ايڏو ڦوڙائو، گيڙوءَ رتو آهيان. جي نيٽن سان گڏ ٻانهن به وڏائي اٿئي ته پوءِ مون ڪي به اروڙ جي ٻنڌ پيجڻ ٿي اچي."
هو سنياسين جيان پنهنجي وڏي اجرڪ جو ٻانڊٽو ڳڇيءَ سان ٻڌي ٿو. وٽن ۾ لٽڪيل پنهنجي ڪپڙن ڏانهن نهاري به نٿو. بس، رڳو بجڪو ۽ پاٽيءَ جي ڪلي ۽ بسڪوٽ ڪٽي، پنيري سانت پريل مانار ۾ بيهي ويل سامڻ جي ڪلهي ۾ پاٽيءَ جي ڪلي ۽ ٻانهن ۾ ٻانهن اڙايو ساڻس جٽ ٿيو هلڻ لڳي ٿو.
به پاڇا وڃي رهيا آهن...... جوڳين جي دونهين ۾ دودرن ڏانهن، ڇٽا پٽا، به روشن پاڇا آنهريءَ جيان.

سندر سپنا ڀيانڪ سپنا

برف ٽيڻ لاءِ، ٻرندڙ جبل رکي رکي، دکي دکي، گجي گجي، نڪاءُ ڏئي ڦاٽي پوندو.... پنيٽ ٽي ويندو.... ڪارونجھر کان ڪينجھر تائين لاوي جو ساگر لهرون هڻندو. ايءَ ڪا هندو پراڻن[1] جي ڪٿا ناهي. ايءُ ڪو قيامت جو منظر ناهي. برف ٽيڻ لاءِ سڀ ڪجهه ٽيندو آهي. مون ڏٺو، سون ميانڻيءَ جا سڀ تڙ توائي ٽي ويا آهن. سمنڊ ۾ خوفناڪ طوفان اچي ويو آهي. خوفناڪ مانگر مڇ هزارين ٻيڙيون ٻوڙي ڇڏيون آهن. ڪلاچ جو ڪن رت جون ڇوليون هڻي رهيو آهي. ماڻهوءَ مورڙو مورڙو پڪاري رهيا آهن ۽ سڀ تر ٻر اوپائي[2] جو گهر ٽي ويا آهن. ايءُ ڪو ڀيانڪ سپنو ناهي.

مون ڏٺو، اڄ جو ٻيجل سر تريءَ تي. ٻئي هٿ ۾ دنبورو. نگريءَ نگريءَ، وستيءَ وستيءَ، گهر گهر، در در، ٻين وڄائي سر جي سين هڻي رهيو آهي. "ڪو آهي! منهنجا گيت ٻڌي. ڪو آهي! سر جو دان ڏئي. سارو جهونا ڳڙهه گونجي ويو آهي. ماڻهو ماڻهو سورٺ ور آهي. ايءُ راڳ جهونا ڳڙهه جلائيندو. ڪيئي ڪانڌ ڪهائيندو. ڪو ته ممڻ مچائيندو. ايءُ ڪا ٻارن جي راند ته ناهي."

۽ مون ڏٺو، خوفناڪ گهمسان جي جنگ لڳي پئي آهي. هزارين لاش وڪريا پيا آهن. دودي جو سر نيزي تي ٽنگيو پيو آهي ۽ ٻاگهيءَ جي ڪک رتو ڇاڻ. گج تار تار ۽ لوئي ليرون ليڙ ٿيو پئي آهي ۽ ماڻهو چٽن ڪتن وانگي هن جي ڳتن ۾ چڪ ۽ چاٽين ۾ رانپوٽا هڻي رهيا آهن ۽ هوءَ رانپات ڪري چنيسر کي سڏي رهي آهي: چنهون.... چنهون.... چنهون.....! ڪارونجھر کان ڪينجھر تائين هن جي رڙين جو پڙاڏو گونجي رهيو آهي ۽ مان جنگ جي ڌهڪاءُ کان ڇانهونءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪنن تي هٿ ڏيو ساهه لڪايو سٽو پيو آهيان. صدين کان ٻاگهيءَ جي رڙين جو پڙاڏو منهنجي ڪنن ۾ گونجي گونجي ٻڏي ويو آهي. مان پنهنجي ساڳيءَ ڪنڊ ۾ ڪروڌڙو ٿيو، لڪو وينو آهيان. هاڻي پري پري ڏورانهين ڏيهه کان نگر نگر جا ماڻهو مون کي ۽ منهنجي پراڻي سيپتا کي ڏسڻ لاءِ ايندا آهن. مون کي ۽ منهنجي ڪندرن کي حيرت سان ڏسندا آهن ۽ پنهنجي نوٽ ٻُڪن ۾ لکندا آهن ۽ آئون پنهنجي ساڳيءَ ڪنڊ ۾ لڪو وينو آهيان.

۽ مون ڏٺو هڪ ڏينهن ساڳي ٻاگهي، ساڳيو گج، ساڳيو اجرڪ، ساڳيو روپ سروپ ڪري، پنهنجي ننڍڙي پاءُ کي مون ڏانهن اشارو ڪري چيائين: "دودا ادل، هيءُ ڏس!" ننڍڙي نينگر

جي هٿ ۾ ڪوڙو ڦٿاڪي وارو پستول هو. مون ڏانهن حيرت سان نهاريندي چيائين: "ادي، هيءُ هڏن جو پڃرو اتي ڇو پيو آهي؟"
ٻاگهيءَ چيو: "دودا! منهنجا ڪونتر ياءُ! هيءُ ماڻهوءَ جو پڃرو آهي. شايد ويچارو جنگ جي ڏهڪاءَ ڪان انهيءَ ڪنڊڙيءَ ۾ ساهه لڪائي اچي ستو هو ۽ اتيئي ڪو پنيءَ ۾ ٻڙڇ وڃائي ويس جو اجا تائين پنيءَ جي هڏن ۾ ڦاٿو پيو اٿس."
دودي چيو: "هيءُ مرد جو پڃرو آهي يا عورت جو؟" ٻاگهيءَ چيو: "الائي ادا، خبر نٿي پوي. هن جي هٿن ۾ سراڻ ڪانهي. تنهن ڪي هيءُ مرد نٿو ٿي سگهي ۽ هٿن ۾ چوڙيون به ڪونه اٿس، تنهن ڪري هي عورت به ناهي."
"پوءِ ڇا آهي ادي؟"
ٻاگهيءَ نفرت مان مون ڏانهن نهاريو ۽ چيائين: "هيءُ نه مرد آهي ۽ نه عورت!"
ٻار جي منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو ۽ شرارت ڪان ڪوڙي پستول ۾ ڦٿاڪو ڀري مون ڏانهن تاڻي نڪاءُ ڪرايائين.
"آهه" مان وڏي رڙ ڪري جاڳي پيس. پر ايءُ ڪو ڀانڪ سپنو ناهي. اهي نڪاءُ ڪوڙا ناهن. ٻاهه ٿيڻ لاءِ ٻرندڙ جبل رڪي رڪي دکي رهيو آهي.
۽ مان پڙاڏو ٻڌڻ لاءِ ٻرندڙ جبل ڏي ويس. مون زور سان رڙ ڪري آواز ڏنو: "هو.... هوهو......."
چوڌاري جبل گونجي ويو.
مون وري رڙ ڪري چيو:
"منهنجي اندر ۾ ڄيرو آهي، مان جوالو آهيان."
پڙاڏو پئدا ٿي ويو.
"منهنجي اندر ۾ ڄيرو آهي...... مان جوالو آهيان جوالو آهيان..... جو....ا.....لو.....آ....."
"مان چانهون جي دڙي جو انسان جاڳي پيو آهيان."
"مان چانهون جي دڙي جو انسان جاڳي پيو آهيان......."
جاڳي پيو آهيان. جا ... ڳي .... پيو .... آ ...... هيان ......
"مان موهن جي دڙي جو وارث آهيان...... هيءَ ڌرتي منهنجي آهي."
"مان موهن جي دڙي جو وارث آهيان...... هيءَ ڌرتي منهنجي آهي....... هيءَ ڌرتي منهنجي آهي......."
"هو......"

"ھو...... و......."

"ھو ھو"

"ھوھو...... ھو ...... و"

"مان دودو آھيان. منھنجو سر نيزي تي ھوندو."

"مان دودو آھيان. منھنجو سر نيزي تي ھوندو......... سر نيزي تي ھوندو........ سر نيزي تي ھوندو........"

"مان سون مياڻي جو موڙرو آھيان، مان پنھنجو ماڳ ملھائيندس."

"مان سون مياڻي جو موڙرو آھيان، مان پنھنجو ماڳ ملھائيندس. مان پنھنجو ماڳ ملھائيندس. ماڳ ملھائيندس."

"مان جھونا ڳڙھه جو ڏياچ آھيان. مون ڪان سر جو دان وٺو."

"مان جھونا ڳڙھه جو ڏياچ آھيان. مون ڪان سر جو دان وٺو، مون ڪان سر جو دان وٺو...... سر جو دان وٺو."

"مان ٽر بر جو پڙاڏو آھيان."

"مان ٽر بر جو پڙاڏو آھيان ٽر بر جو پڙاڏو آھيان...... پڙاڏو آھيان....."

"ھو"

"ھو..... ھو....."

"ھوھو..... ھو.....و"

"پڙاڏا گونج گونج"

"پڙاڏا گونج....... گونج...... گونج.... گونج....... گونج..... ج......"

" گونج گونج"

" گونج..... گونج..... گونج..... ج...."

سارو جبل گونجي رھيو آ. ايءُ ڪو خام خيال ناھي. ايءُ ھڪ ديواني جو سندر سپنو آھي. باھ ٽيڻ لاءِ ٻرندڙ جبل رڪي رڪي، دڪي دڪي، گجي گجي نڪاءُ ڏئي ڦاٽي پوندو، برف ٽي ويندو. سڀ ٽر ٻر جل ٿل ٿي ويندا. ڪارونجھر ڪان ڪينجھر تائين سڪ جو سنڌو لھرون ھڻندو.

[1] ھندو پراڻن ۾ اھا اڳڪٿي ڪيل آھي ته سنڌ تمام دنيا ڪان ۴۰ سال اڳي پئدا ٿي آھي ۽ ۴۰ سال سڄي دنيا ڪان اڳ پسمر ٿيندي.

[2] مورڙي جي پيءُ جو نالو

ساڳيو ڌڻ، ساڳي لٺ، ساڳيو ڌنار

ڳالهه ٿا ڪن ته اڄ کان هزارين سال اڳي جڏهن اجا ماڻهو ڌڻ ڌارڻ، ٻج ڇٽڻ، سٽ ڪتڻ مس سکيا هئا، جڏهن اجا نکي شهر هئا نه راجا نه راجڌانيون، چون ٿا اهو ڏاڍو سکن جو دور هو. ماڻهو پاڻ ۾ ڏاڍي صلح، سانت ۽ پيار محبت سان رهندا هئا. تڏهن نکي چوريون ٿينديون هيون، نکو گهرن کي دروازا هڻڻ جي ضرورت پوندي هئي، نه سکا جڙندا هئا، نکي بئنکون هيون، نه زمينداريون، نه ڪو ڪنهن جو مالڪ هو، نه ڪو ڪنهن جو ٻانهو، سڀ زمين الله جي هئي. جيڪو ماڻهو جتي سهنج ڏسندو هو، اتي اچي پنهنجا پڪا اڏيندو هو. پنهنجو مالڙو ساين ويڙهين ۾ چاريندو هو ۽ وس ۽ درياهه جي اتل تي ٻج ڇٽي پنهنجي ٻچڙن جي گذران لاءِ اناج پيدا ڪندو هو. ڪنهن کي ڪنهن جي ڪاڻ ڪيڏي ڪانه پوندي هئي.
چون ٿا ته انهن ئي ڏينهن ۾ روهه جبل جي ڏاکڻي پاسي کان راڄ گئوپال نالي هڪ ڌنار رهندو هو. هو رڳو گئوپال نه پر مينهون، رڍون ۽ ٻڪريون به پاليندو هو. واڙي ۾ سدائين هزارين جانورن جو ٻيڪرات پيو پوندو هئس. ايڏي مال هوندي به هو ساين ويڙهين، چراگاهن ۽ درياهن جا ڪنارا ڇڏي جابلو لڪن، واريasين ۽ پڙپانگ برپٽن ۾ رهندو هو، سا ماڻهن لاءِ حيرت ڀري ڳالهه هئي. هن جو مال پورو گاهه ۽ پاڻي نه ملڻ ڪري سدائين ڏٻرو ۽ ڏڪار جو ماريل لڳندو هو. راڄ گئوپال سان سدائين هڪ خوفناڪ بگهڙ جي نسل جو ڪتو ساڻ هوندو هئس، جو مال ورائڻ ۾ سندس مدد ڪندو هو. سدائين لٺ ڪلهي تي ڪتي سان گڏ هٻڙاٽ پيو پوندو هئس.
راڄ گئوپال نه رڍن، ٻڪرن مان ڪير ڪيندو هو، نه ئي ڪا وٽس ولوڙي لاءِ ماٽي هئي. صبح شام ڍورن جا کر پيو جاچيندو هو ۽ منجهن لوهه جي نال پيو نوڪيندو هو. صبح ٿيندي ئي مال کي واڙي مان ڪڍي ويڙهين ۽ چراگاهن ڏي ڪاهي وڃڻ جي بجاءِ اوش اوش ڪندو روهه جبل ڏي ڪاهيو ويندو هوءِ جتي سدائين رڄ، سڄ، ٻڪ ۽ پينگ پئي واڪا ڪندي هئي. سڄو ڏينهن سڌاريل ڪتو مال ورائڻ ۾ پيو سندس مدد ڪندو هو.
راڄ گئوپال جي روز هڪ اڌ ٻڪري، گانءِ يا مينهن اڄ بک کان رڻ پٽ ۾ نست ٿي ڪري پوندي هئي ۽ سندس بيشمار لنين سان به اٿي نه سگهندي هئي. ٻئي ڏينهن روهه جبل جون ڳجهون پيون مٿس لامارا ڏينديون هيون، پر تڏهن به راڄ گئوپال جي ڌڻ ۾ ڪڏهن به کوٽ

نه پئي. جيئن پوءِ تيئن سندس مال ويندو هو وڌندو، ڇو ته هر جشن يا خوشيءَ جي موقعي تي جڏهن سڀ ماڻهو هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيندا هئا ته راڄ گئوپال هڪ پيتيءَ ۾ سونا هار، ڪنگڻ، ڪيوٽيون، ڦل، جهومڪ، ايرنگ وجهي اچي سيني جي وچ ۾ وهندو هو. جي مالوند عورتون هار سينگار لاءِ ڪانئس سونا زيور وٺنديون هيون ۽ ان جي بدلي ڪيس ڇيلا، ٻڪر، ڳابا، ڳايون، مينهون، رڍون ڏينديون هيون. هو سدائين سونن زيورن جي عيوض تازا ٿلها ٿنڀرا جانور ڪاهيو پنهنجي آستان ڏي ويندو هو. سڄي ملڪ ۾ جيترو به سون هو، سو پوڙهي راڄ گئوپال يا سندس ابن ڏاڏن جي وڳهي هو، پر هنن اهو قيمتي ڌاتو آندو ڪٿان تي؟ سا ڪل رڳو راڄ گئوپال يا سندس مري ويل ابن ڏاڏن کي هئي.

چون ٿا ته انهن ئي ڏينهن ۾ روهه جبل جي سڪارين پاسن ۾ ڏڱ ديو نالي هڪ پهلوان ماڻهو رهندو هو. سڄي ڌرتيءَ تي هن جي مقابلي وارو ماڻهو اجا ماءُ ڄڻيو ئي ڪونه هو، پر تڏهن به نه رهڻ لاءِ اجهو هئس ۽ نه هر لاءِ ڪو ڏاند، نه ڪير لاءِ ڪا رڍ يا ٻڪري، نه ئي ڪنهن ڪم ڪار لاءِ دل چوندي هيس. سڄو ڏينهن پيو پنهنجي وڻيل بدن کي جاچيندو هو ۽ سدائين پراون ٽڪرن تي پلجندو هو. جتي به ڪو ميڙو ملاکڙو ٻڌندو هو، اتي سيني ڪان پهرين پڄي ويندو هو. ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي پيو زور آزمائيندو هو. اصل ڊڳي جي طاقت هيس. جيڪو به پهلوان سامهون ايندو هوس، واري تي وارو پٽي ڏو اچي پٽ تي هٽندو هئس. ماڻهو سندس طاقت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا ۽ عجب به لڳندو هئن ته ايڏي طاقت هوندي به نه هو هر هلائي سگهي ٿو، نه ٻنيءَ ۾ پاڻي ورائي سگهي ٿو، نه پنهنجي رهڻ لاءِ پيڙهه ڪوٺي چار پڪا هٽي سگهي ٿو.

چون ٿا ته هڪ ڀيري هڪ وڏي جشن جي موقعي تي ڏڱ ديو هڪ نچڻي نينگريءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ کيس شاديءَ لاءِ چيائين. نچڻيءَ کلي چيس:

"ڏڱ ديو! تون آهين ٿوٽي ۽ ڪمچور. مان ته انهيءَ ماڻهو سان شادي ڪنديس، جيڪو مون کي سونا زيور پهرائي، پاڻ ٻاهران ڪمائي اچي، مان گهر ۾ ويٺي لاکس ماني پچايان ۽ سندس ننڍڙن ٻارڙن جي شيوا ڪيان، تو سان وهانءُ ڪري مون کي ٻک ڪونه مرڻو آهي.

نچڻي نينگريءَ جي ڳالهه تي ڏڱ ديو کي ٻاهه وٺي ويئي. سونا زيور ۽ گهر هٿ ڪرڻ لاءِ لوهن ۾ ٿي آيو. رڳو ايتري خبر هيس ته سون جو راز رڳو روهه جبل وارو پوڙهو ڏنار راڄ گئوپال ڄاڻي ٿو. سو سڌو روهه جبل واري واٽ ورتائين ۽ رات ڏينهن جي پنڌ پڻڻ کان پوءِ راڄ گئوپال جي واڙي ۾ آيو.

ان ويل رات جو ٽاڻو هو. راڄ گئوپال پنهنجيءَ پهڻ واري ڪوٺڙي ۾ مٽيءَ جي ٿلهي تي ڏمڻ دکايو مترڪي سان سون نپي رهيو هو. ٻاهر ڪتو زور زور سان ڀونڪيون ۽ ان سان گڏ ئي هڪ ڀيم مچريل مڙس ڪهاڙي سان در تي بيٺل ڏسڻ ۾ آيس. راڄ گئوپال ڊڄڻ جي بجاءِ مرڪي چيس: "ڀلي ڪري آئين پهلواڻ! تنهنجي آئي منهنجيون اکيون ٺريون. ٻڌاءِ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟" ڏگ ديو اک ٽيڏي ڪري ڏاڍي کهرائي سان چيس: "راڄ گئوپال! مان سون جي ڳولا ۾ آيو آهيان. مون کي ٻڌاءِ تون سون ڪٿان آڻيندو آهين؟"

ڏگ ديو جي ڳالهه تي راڄ گئوپال کان هڪ وڏو ٽهڪ نڪري ويو ۽ چيائين: "ڏگ ديو، تنهنجي وات مان اجا ماءُ جي ٿڃ جي بوءِ پئي اچي. سون طاقت پئدا ڪندي آهي." ڏگ ديو سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪاٽيندي ڪاوڙ مان هڪل ڪري چيس، "بڪ نه پوڙها! تون نٿو سڃاڻين مان ڪير آهيان. منهنجي مقابلي وارو مڙس اڃان ماءُ ڄڻيو ئي ڪونهي. ڪير آهي جو مون کي سندرو ڏئي. مان هن ڌرتيءَ جو سڀ کان طاقتور ماڻهو آهيان."

"ڏگ ديو! تون سچو آهين. مون توکي ڪيترن ميڙن ۽ ملاکڙن ۾ زور آزمائيندي ڏٺو آهي. سچي به تون ڌرتيءَ تي سڀ کان طاقتور ماڻهو آهين، پر تنهنجو جسم جيترو طاقتور آهي، تنهنجو دماغ اوترو ئي ڪمزور ۽ سون اهو ئي اپائيندو آهي، جنهن وٽ اهي ٻئي. طاقتون هجن.

"۽ تو وٽ اهي ٻئي طاقتون ڪونهن، پوءِ به تون سون اپائين ٿو. اي مرگهيل پوڙها، مون کي بيوقوف نه بناءِ. اها گوٺناڪي مون سان ڪانه هلنديئه. مان توکان اڄ سون جو راز پڇي رهندس. ياد رک، منهنجي ڪهاڙي جو هڪڙو ڌڪ توکي موت جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيندو."

ڏگ ديو جي ان ڳالهه تي راڄ گئوپال هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين: "ڏگ ديو! تو منهنجي باري ۾ غلط راءِ قائم ڪئي آهي. نيڪ آ، مان پوڙهو ۽ ڪمزور آهيان، پر پوءِ به منهنجو جسم جيترو ئي ڪمزور آهي، منهنجو دماغ اوترو ئي طاقتور. مان ڌرتي تي سڀ کان عقلمند ماڻهو آهيان. مان پنهنجي دماغ سان سون پيدا ڪندو آهيان. منهنجو جسم سڪل ۽ ڪمزور آهي، پوءِ به مان طاقتور آهيان. منهنجي لٺ ۾ ايتري طاقت آهي جو مان پنهنجو ڌڻ پنهنجي مرضيءَ سان جيڏانهن چاهيان، ورائي سگهان ٿو. منهنجي ڊورن مان ڪنهن کي به طاقت نه آهي جو مون ڏانهن ڪرڙي اک ڪري نهاري سگهي. مان جڏهن جنهن مهل چاهيندو آهيان، ڪين روهه جبل جي رڻ پٽن ۽ بيابانن ڏي وني ويندو آهيان، جتي نه گاهه هوندو آهي نه پاڻي. اتي ڌرتي سدائين تندور وانگي پئي ٻرندي آهي، پر منهنجي جانورن مان ڪنهن کي مجال

آهي جو ٻڙڪ ڪجي، ان لاءِ ته منهنجي لٺ ۾ طاقت هوندي آهي. مان لٺ سان اڳيان هوندو آهيان ۽ سون پاڻيهي منهنجي گهر ۾ پڄي ويندو آهي - سمجهيئه!"
"تون الائي ڪهڙي چاڙ هٽي رهيو آهين. مان ڏوڙ به ڪونه سمجهيس." ڏگ ديو بيزاريءَ سان وراڻيو.
"تڏهن ته مان چوان ٿو ته تنهنجو جسم جيترو ئي طاقتور آهي، تنهنجو دماغ اوترو ئي ڪمزور. اڙي عقل جا انڌا! تون دنيا جو سڀ کان طاقتور انسان آهين. تون جي چاهين ته پنهنجي لٺ جي طاقت سان سيني ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائي سگهين ٿو. سون جو راز رڳو روهه جبل آهي. جڏهن مون ڪمزور ٻڍي کي رڳو مال تي لٺ هلائيندي سون ملندو آهي ته توکي ڇا ملندو! تون پارس آهين پارس..... بس مان جيئن چوان تيئن ڪر، پوءِ تون جنهن شيءِ کي ڇهندين اها سون ٿي پوندي.... سون ٿي پوندي."
راڄ گئوپال جي واتان سون.... سون..... سون.... ٻڌي ڏگ ديو انڌو ٿي پيو هو. رڙ ڪري چيائين: "تون جيئن چوندين، مان تيئن ڪندس. ٻڌاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"
راڄ گئوپال چيو: "ته پوءِ ٻڌ! توکي ماڻهن کي پنهنجي مٺ ۾ قابو ڪرڻو پوندو. تون دنيا جو سڀ کان طاقتور ماڻهو آهين ۽ مان دنيا جو سڀ کان عقلمند. اڄ کان تون راجا آهين ۽ مان تنهنجو سيناپتي. بس مان جيئن چوندو ويندس، تيئن تون ڪندو وڃ. پوءِ سڄي دنيا جي دولت اسان جي پيرن ۾ هوندي."
ڏگ ديو سون هٿ ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هو. چيائين: "مون کي منظور آهي، تون جيئن چوندين، تيئن ٿيندو."
"ته پوءِ ٻڌ." "راڄ گئوپال چيو: "سڀ کان پهرين توکي پاڻ جهڙا طاقتور، ٺوٺي، ڪمچور ۽ لالچي ماڻهو هٿ ڪرڻا پوندا، جي سدائين سٽيي ٽڪر لاءِ منهنجي وفادار ڪتي وانگر لور لور ڪندا رهن. پهرين پاڻ جهڙن طاقتور، لالچي ۽ بيڪار ماڻهن جو وڏو ٽولو سون جي لالچ ڏئي مون ڏانهن وني اچ. مان تنهنجو انتظار ڪندس. سون هٿ ڪرڻ لاءِ اهو تنهنجو پهريون ڏاڪو آهي. وڃ......"
ڏگ ديو لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئا، چيائين: "مان مهيني جي اندر سوين پهلوانن کي تنهنجي آڏو پيس ڪندس." ۽ ڪانئس موڪلائي پنهنجي ڪم سان روانو ٿيو. ان رات راڄ گئوپال پنهنجو سمورو سون پيتيءَ ۾ بند ڪيو ۽ سونن زيورن جي بجاءِ لوهه جا ڪات ۽ ڪهاڙا نپڻ لڳو.

چوندا آهن چندبو چنديءَ کي سو ڪوهن تي ڳولي لهي. هڪ مهيني کان پوءِ ڏگ ديو روهه جبل ۾ راڄ گئوپال جي گهر آيو ته هن سان گڏ سوين پهلوانن جو ڪٽڪ هو.

راڄ گئوپال ٻانهن مٿي لڏي سندس آءُ ڀڳت ڪئي ۽ وڏي آواز سان چيائين: "اي طاقتور پهلواڻو! اوهان سڀ ڄاڻو ٿا ته هن ڌرتي تي جيترو به سون آهي، سو سڀ منهنجن ابن ڏاڏن ۽ منهنجي بدولت آهي. اهو رڳو مان ئي آهيان جو سون جو راز ڄاڻان ٿو. سون، جو دنيا جو سڀ کان وڏي دولت آهي. اوهان مان ڪير آهي جنهن کي سون نه گهرجي؟"

راڄ گئوپال جي آواز تي سيني هڪ آواز ٿي چيو:

"اسان کي سون گهرجي...... اسان کي سون گهرجي......"

راڄ گئوپال پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو:

"ته پوءِ ٻڌو! هن ڌرتيءَ تي سون جو راز رڳو مان ئي ڄاڻان ٿو. اهو مان ئي آهيان جو توهان کي سون ڏئي سگهان ٿو، پر سون هٿ ڪرڻ لاءِ ڏگ ديو ۽ منهنجو حڪم مڃڻو پوندو. جيئن اسان چونداسين، تيئن ڪندؤ. اڄ ڏينهن کان ڏگ ديو جو ڌرتي تي سڀ کان طاقتور آهي، توهان جو راجا ۽ مان جو ڌرتيءَ تي سڀ کان عقلمند آهيان، توهان جو وزير آهيان. اسان جو هر حڪم توهان کي مڃڻو پوندو. بس پوءِ اوهان کي سون ۾ توريو ويندو."

راڄ گئوپال جي آواز تي وري سيني هڪ آواز ٿي چيو:

"اسان کي اوهان جو هر حڪم منظور آهي."

راڄ گئوپال ٻانهن لوڏي سيني کي ماٺ ڪرائي چيو: "ته پوءِ ٻڌو، صبح ٿيندي ئي اسان هتان ڪوچ ڪنداسين ۽ وستي وسري گهر گهر جو گهمرو ڪنداسين ۽ ماڻهن کي پنهنجي نئين راجا ۽ پنهنجي طاقت آڏو جهڪائينداسين. جيڪو به اسان جو حڪم نه مڃندو، ان کي پنهنجن ڪاٻن ڪهاڙن سان ماريندا سين ۽ ان جي گهر کي باهه لڳائي ڇڏينداسين. بس سون جو راز اهو ئي آهي."

"ڇا پوءِ اسان کي سون ملي ويندو؟" ڪٽڪ مان هڪ پهلواڻ زور سان چيو.

"بس اسان جو حڪم مڃندا هلو. مان اوهان کي سڄو روهه جبل سون ڪري ڏيندس. ياد رکو ته مان دنيا جو سڀ کان وڏو عقلمند ماڻهو آهيان. ڌرتيءَ تي اهو مان ئي آهيان جو سون جو راز ڄاڻان ٿو."

"اسان کي منظور آهي.... اسان کي منظور آهي" سيني پهلواڻن هڪ آواز ٿي چيو ۽ ڏگ ديو ۽ راڄ گئوپال آڏو سر نوائڻ لڳا.

صبح ٿيندي ئي راڄ گئوپال هر هڪ پهلواڻ کي ڪات ۽ ڪهاڙو ڏنو ۽ سيني کي پنهنجي پنيان هلڻ جو حڪم ڏنائين. سڀ کان اڳيان ڏگ ديو هو، ان جي پنيان راڄ گئوپال ۽ ان جي پنيان سوين ڪاتن ۽ ڪهاڙن سان پهلواڻن جو ڪٽڪ، جي وستي وستي، گهر گهر ووڙيندا ويا. جتي ٿي ڏگ ديو جو ڪٽڪ پهتو، اتي ماڻهن ۾ مانڌاڻون ٿي پئجي ويو. سوين گهر ساڙيا ويا، سوين ماڻهو ماريا ويا. راڄ گئوپال هڪ هڪ ماڻهو کي ڏگ ديو جي آڏو جهڪايو ۽ چيائين:

"ڏگ ديو هن ڌرتيءَ تي سڀ کان وڏو طاقتور ماڻهو آهي. اڄ کان ڏگ ديو اوهان جو راجا آهي. اڄ کان هيءَ سموري ڌرتي ڏگ ديو جي آهي. اوهان کي هر سال پنهنجي فصل ۽ مال جو هڪ حصو راجا ڏگ ديو کي ڏيڻو پوندو ۽ اوهان کي روهه جبل جي مٿان راجا لاءِ وڏا عاليشان محل ۽ رنگ رتول ناهڻا پوندا ۽ ان جي چوڌاري راجا جي حفاظت لاءِ ڪوٽ ٻڌڻو پوندو. ياد رکو! اوهان مان جيڪو به راجا ڏگ ديو جو حڪم نه مڃيندو يا بغاوت ڪندو، ان جو جڻ ٻچو گهاڻن ۾ پيڙايو ويندو ۽ ان جي گهر کي باهه لڳائي ويندي."

ماڻهو ويچارا ان اوچتو اجل کان اهڙا ته وٺي ڊنا جو ساهه ئي سڪي وين. ڪير ڪڇي؟ سيني ڪٽي پنهنجي نئين راجا آڏو ڪنڌ جهڪايو. ڏگ ديو جو ڌڪاءُ سڄيءَ ڌرتيءُ تي پري پري تائين پڄي ويو. ڪنهن کي به همٿ نه هئي جو هن جي اڳيان ڪنڌ ڪڻي.

روهه جبل جي مٿان وڏو ڪنگرن سان ڪوٽ اڏجڻ لڳو، جنهن کي ڏسڻ سان هوند پٽڪو ڪري پوي ۽ ان جي اندر راجا ۽ ان جي ڪٽڪ لاءِ وڏا عاليشان محل ۽ رتول ٺهڻ لڳا. راتو ڏينهن هزارين ماڻهو ڪم ۾ گڏهن وانگر جتيا پيا هوندا هئا ۽ مٿانئن راجا جي سپاهين جا چهبڪ پيا ڪاريهر نانگ وانگي ڪڙڪندا هئا. جي ڪو پورو ڪاڏو ۽ پاڻي نه ملڻ ۽ گهڻي ڪم ڪرڻ جي ڪري نست ٿي ڪري پوندو هو ته ان کي به پهڻ ۽ سرن سان گڏ ڪوٽ جي ٿلهي مائي واري پٽ ۾ لمبيو ويندو هو. تانجو اهو ڏينهن به آيو جو وارياسين رڻ پٽن واري روهه جبل جي مٿان هڪ نئين راڄڌاني اڀري آئي ۽ راجا جي تاجپوشي جي جشن جي تاريخ مقرر ڪئي وئي. راڄ گئوپال پنهنجي بچايل سموري سون مان راجا لاءِ هڪ سونو تخت، تاج، ٻڙج ۽ هزارين سڪا ناهيا، جن تي راجا جي تصوير اڪريل هئي.

راجا جي جشن جي تاجپوشيءَ واري رات سوين حسين ڪامڻين نرتڪين نينگرين راجا جي اڳيان ناچ ڪيا. راجا کي سوني تخت تي وهاري مٿي تي سونو تاج پهرايو ويو ۽ سندس هٿ ۾ سونو ٻڙج ڏنو ويو ۽ سيني ڪٽڪ جي پهلواڻن ۾ سونا سڪا ورهايا ۽ ان خوشي ۾ راڄ گئوپال پنهنجي سمورن جانورن جو روهه جبل جي رڻ ۾ ٻليدان ڏيڻ جو حڪم ڏنو.

چون ٿا اها روھ جبل جي راڄڌاني دنيا جي پهرين راڄڌاني هئي، جنهن جو رواج اڄو اڄ ٿائين هليو اچي. اڄو اڄ تائين روھ جبل وارو اهو رڻ هزارين جاندارن جي قرباني گهرندو آهي. سدائين ڳجهون پيون لامارا ڏينديون آهن. ساڳيو روھ جبل آهي، ساڳيو راجا، ساڳيو سڪو، ساڳيو تخت، ساڳيو تاج، ساڳيو بڙڇ ۽ ساڳي پرجا.

ٻڌا ٽيڙو

چنڊ ڪينهين، چنڊ ڪي منڊ آهي.
هڪ واڻهڙو ٻاٽ ۾ درياهہ جو ٻڇاءُ بند ونيو، هلندو بيهندو، واساما ۾ ڏوجهرا ڪائيندو ٿو وجي ۽ تارن ڀريل آڪاس ۾ رکي رکي تارا ٽلڪندا ٽمڪندا ٽا رهن. ڪڏهن آڪاس ۾ تہ ڪڏهن آرسيءَ جيان ٽڪ ٻڌل سنڌوءَ ۾ ۽ ٻيا آهن ساروڻن جا، سپني ماتر ترورا ترورا، ڏنڌلا ڏنڌلا اولڙا....
[اولڙا، جي ذهن جي آڪاس ۾ ور ور ٽلڪي ٽمڪي ٻڌندا اپڙندا ٽا وڃن]
"ٻڌ؟...." ڇڻ رڇن مان ٻاڪاريندڙ ٽئونس ڀريل آواز، الائي ڪٽان ويٽا جيان وڃي وڃي ٿو.
"هون......" هو دور ٻڌندڙ سنڌيا جي فلارجندڙ رنگن روپن تان نهار هٽائي، پنهنجي ننيڙي سينڌيءَ جي پيرن، پير ڪڙن، ريشمي پڙي جي گهيراو، سنهڙيءَ ننگي چيلهه، سون ڦلڙي جڙيل دن ڪان مٽي پولڪا ۾ لڪل ارهن، هسليءَ ڀريل ڳچيءَ، چيڙن، سونيءَ نڪ بولڙيءَ ۾ چيلهه ڪان هيٺ چمڪن سان لڙڪندڙ سڳين ۾ گهارا وجهندڙ نهار سان نهاري ٿو ۽ اباٽڪن نيٽن جي منڊ ۾ ڦاسي ٿو وڃي. هون.... ڪان اڳتي اڪر اجهنس نٽا. آواز نڙي ۾ ئي ڇڻ گهٽجي ڦاسي ٿو پويس. هو رڳو چوڪريءَ جي ڪڙي تيل لڳل مٽي تي ڪاڏي رکي، وارن مان ايندڙ سڳنڌ ۾ ڪڙي تيل جي تيک تي پاڻ ڪي لوڙهي ڇڏڻ لاءِ روئي ٿو پوي ۽ وري وڏي ڦٽڪاٽ سان چوڪريءَ جي سڳين مان، گهوڙي جي رينن جيان جهلي، گونگن نيٽن سان منجهس نهاريندو ٿو رهي.
[نيڻ!...... جن ۾ لڙڪ نہ هوندي بہ ڇڻ ڪارا سموںڊ ڇلندا ٽا رهن]
"وري ڪڏهن؟....." چوڪري دانهين ٿي.
"جڏهن..... جڏهن امتحان پورا ٿيندا."
"ڇا تڏهن؟....." چوڪري راڙو ٿي ڪري.
[ڪن لاءِ لوڙهيندڙ ٻوڙيندڙ مانارو]
"اون – هون – نہ ونءُ، ڦيل چو نٽو ٿين.... تهجو سوڳند آئون سڄي ڄمار ٻٽيون ٽگاريون ڪٽي توکي عينش ڪرائينديس. ڦيل تي پئہ نہ. ڇاڪان تو ڏڄين؟......" "..........."
هلندي هو آڪاس ۾ ٽيڙو ٿو ڳولي. هو سدائين ٽيڙو ڳوليندو آهي. چوندا آهن تہ جڏهن آڪاس ۾ جاڙا ٽيڙو ڏسڻ ۾ ايندا آهن تہ جڳن جا وڇڙيل پريمي پنهنجي ماڳ تي مڙي ايندا آهن. هو دور دور آڪاس ڦلهوڙيندو ٿو رهي ۽.......

۽ اڪاس ۾ ٽيڙو ڪٽي ڪينهن. تارا، ڪتيون، گيرڊارا، آڪاس ۾ گهوماتيون ڪائيندا ڦرندا تا وجن. ڪنن ۾ ساروٽن جا اپامنڊڙ سڏڪا، رنيون، راڙا، پڙاڏجندا تا وجن. "نه.... نه..... ايڏي سڪرات ۾ ٽيندي آهي ڇا؟......"

(۽ تارا، تارا هن جي نيٽن جي سرڪلز ۾ ڦرندا، ڏنڏلجندا، اونداهو ڪن ٻڻجندا تا وجن)

ڪن لاءِ هن جي اکين آڏو اونداهيون اچيو وجن. پوءِ وريو نڊيڙا نڊيڙا نڪيتر، لئي ۾ قاتل ماڪ ڦڙن جيان، تلڪندا ٽمڪندا اجاگر ٿيو، ڪاريءَ رات هاٿو سارو ويو منڊل ڇهڇٽو ڪريو ڇڏين.

هان – شايد ٿورڙي پنواتي اچي وئي هئي. توبهن...... جي امتحان ۾ فيل ٽي پوان تا ته ڪيڏو نه سنو ٿئي ها. هينئر ڪهڙو پي. ايچ.ڊي آهيان يا بيچلر آف سائنس جو تارا وينو ڳڻيان..... مون کي ته ايتري به خبر ڪانهين ته آڪاس ۾ ڪڏهن جاڙا ٽيڙو به اجاگر ٿيندا آهن.

"جاڙا ٽيڙو؟..... شايد منهنجي نظر گهٽ ٿي وئي آهي." هو ٽاٻڙجي گهوماتي ڪائي، بند ٽي ويهي ٿو وجي ۽ ڪن لاءِ لڙڪ پريل نيڻ مهٽيندو ٿو رهي.

ٻيو ڪن

سگريٽ.

(اندر توڙي ٻاهر دونهن پريل ڪن)

ڪن.

پل، ڪن پل ۾!....

چيزنگ، وڏي ويڙهاند:

"ٻڌ، اچ آئون توسان ڪلي ڳالهائڻ ٿي گهران؟"

"ڇئه، پلا مون توکي ڪڏهن نه ٻڌو آهي، ڪڏهن؟...."

"مون..... مون اهو پئي چوڻ چاهيو ته مان توکي ڪڏهن به ايڏو هلڪڙو، خسيس ۽ رواجي ماڻهو ڪين سمجهي هيس!......."

"ڇا؟....."

"تون پل پاڻ کي اوتول ڪان وڏو ايڪٽر سمجهندو هج، آئون بدتميزي برداشت نه ڪندي آهيان."

"بدتميزي؟!... الا- مان نه سمجهيس. مان ماڻهو آهيان، ٿي سگهي ٿو مون ڪان ڪنهن کي تڪليف پهتي هجي. تون چو پئي مون کي ايڏو چنيين! چو پرجي ويو آهي تو ۾ ايڏو ڪروڌ؟...."

"تون ڪير ٿيندو آھين واري واري سان منھنجي در تي ناڪ ڪرڻ وارو؟ ڪير ٿيندو آھين ماڻھن ڪان منھنجون پڇائون ڪرڻ وارو؟"

"عجب آھي!... پلا توکي وشواش اچي ٿو ته مون ائين ڪيو ھوندو؟ توکي ويساھ ڪيئن آيو؟ ڪيئن؟!...... ايڏو نرلج، ڪڏو ۽ غندو ته آئون ڪڏھن ڪين آھيان."

"نه تو ائين ڪيو آھي."

(ڪروڌ..... الميا ۽؟......)

"او – ف، تون ڇا پئي چوين؟... تو ته چيو ھو ٽن مھينن ڪان پوءِ ملنداسين. مون کي ..... مون کي ته ايتري به ڪل ڪانھي ته اھي ٽي مھينا ڪڏھن ختم ٿيندا؟ پلا وڇوڙي جا پل به ڪڏھن ختم ٿيندا آھن ڇا؟ شاھ جو سوڳند، مون کي خبر ڪانھي، ڪڏھن ختم ٿيندا اھي ٽي مھينا!......"

"!......."

"تون چپ چو ٿي وئي آھين؟ ٻڌاءِ نه، ڪڏھن ٿيندي پڄاڻي، انھن مھينن جي؟....... ڪڏھين..... ڪھڙين تاريخن تي....... ھان؟....." ۽ پوءِ ڪن لاءِ ٻئي ھڪ ٻئي ۾ منجھاٽل نيٽن سان نھاريندا، جدا ٿيو ٽا وڃن.

پلپٽيشن.

پڇيل چپن سان، دل تي ھٿ.

اندر جڻ ڪنل ڪڪڙ تو ڦٿڪي.

سھڪو..... وڏا ساھ ۽ ڏڪڻ ڪان ھير پريل ھوائن جو ٿھمر:

ھان – ھيءَ عورت آھي؟ ...... ڪني، ڪروڌ پريل. ڇڱو ٿيو آئون پنھنجا لڙڪ پي ويس، پنھنجي اندر جو سارو روڄ راڙو ماتام آڏس لڪائي ويس – نه ته چوي ھا واھ جو ياڙيو ڪيومانس، ھونھن..... پلا عورتن اڳيان به ڪو روئبو آھي ڇا؟ عورتن اڳيان ته ڪلبو آھي، ٺھڪ ڏبا آھن. ويچاري ڏاڏي چوندي ھئي، ماڻھو کي سدائين مساڳ ھٽي ڪلڻ گھرجي!.... مساڳ ھٽي....

ا...... ھونھن وڏي ڪلاسيڪل وليجر عورت ٿي سڏائي، خانداني ڪلاسيڪل ڳاٺي. گريجوئيٽ انٽليڪچوئل عورت، آٽر، شارٽ اسٽوري رائٽر. آئون ٽپ ڀھراڙيءَ جو ٻروچ ماڻھو، مون کي ڪھڙي خبر ماڊرن رومانس جا ايٽيڪيٽس ڪھڙا ٿيندا آھن؟ مون ته مئٽرڪ جو منھن به نه ڏٺو آھي. ھيڏي وڏي ڪھاڻيڪار! گھڻ ۾ گھڻ ايترو ته سوچي ھا ته مون

سان گڏ منهنجو پٽيوالو دوست به آهي. ڇا ڪنهن ماڻهوءَ کي ائين لبوئبو لتاڙبو آهي. جيڏن سرتن اڳيان. ايڏي ڏاڍش....... ....

هان – مان.... مان ڪيس پري کان ڏسي ڪيڏيءَ نه سڪ ۾ موهه مان ڏانهس وڌيو هئس. توبهن..... ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڪنهن مارڳ تي مڙيا هئاسين!...... ڇڻ ڪارونجهر متان ککر ڪري پيا هئا.

ڇا ڇا نه درشن ٿيا هئا!.....

هان – برين واش؟...

تي سگهي ٿو؟

ڪاليج ۾ پڙهيو ناهيان ته ڇا ٿيو. مون کي خبر آهي ته ماڻهو جو برين واش ڪيئن ڪبو آهي؟

(کن لاءِ مانار)

ها – ڪجهه مڙئي آهي.. وڙهي پئي يا تڙپي تي.... پلا آئون ڇا سمجها، مون کي ته وساهه نٿو اچي.

واهه – پنهنجو پاڻ تي ٿڏان ڇو نه، منهنجي ڳولا ڪا جهڙي تهڙي آهي ڇا؟ توبهن، ڪروڏ ۾ اچي ڳالهائڻ ويل منهنجي چوڌر شينهڻ جيان ڪئين تي گجگوڙون ڪندي ڦري ۾ گري. ٿڙڪي پئي جولان مان! ڇگو ٿيو، ڏاڏيءَ جي ڳالهه ڳنڍ سان ٻڌي پاڻ ۾ مشڪڻ جي عادت وجهي ڇڏي اٿم. نه ته؟..... لپاٽ سان جي لئوٽي ڦير لپاٽ لڳيس ها ته ڇا ڪاري قيام نه اچي وڃي ها؟ اهڙا ڳرا هٿ ته ڪهاڙين سان ڪپي ڇڏبا آهن، پر هوءَ ڇا ڄاڻي انهيءَ ٻاروچي ٻوليءَ مان. الا – گهگهي ۾ ڪيڏي نه پياري لڳندي، هيڏو وڏو ڦرو، پل نئون چاول ٻار ڦري ۾ پيو هجي. توبهن...... انهن رائيٽر ۽ انٽليڪچوئل عورتن سان ڪيئن پڄجي. هن وٽ اٿ ڪتابن جا ۽ آئون اونار. مان ته ڪيس پنهنجي چوٽڪاري لاءِ هڪ پل به ترسائي نه سگهيس! ائين آئي، ائين وئي، جهڙي اڏام ڪٽولي واري شهزادي. الائي ڏه ڏينهن گذريا آهن، پندرهن يا ڏيڍ مهينو؟ پلا اهي تي مهينا پورا به ٿيندا يا نه!... هان......

ا.... پر نه.... مون ته ڪيس روڪڻ لاءِ الاهين جتن ڪيا هئا، پر ٻڌڻ کان ئي پڙ ڪدي بيهي رهي. ڇيومانس ته تنهنجي ماءُ مون کي ذهني مريض ٿي لڳي. هي سائنس جو زمانو آهي. مان تنهنجي در تي ناڪ ڇو ڪريان، سنئون سڌو توکي ٽيليفون نه ڪريان. مان ته سنئون سڌو وڏي عظيم رورليشن جو ماڻهو آهيان. مون وٽ ايتري واندڪائي ڪٿي آهي جو

ويهي "شاھ جو رسالو" اڳيان رکي، ڪنهن کي ويهي رومانٽڪ خط لکان، الائي ڇا ٿي ويو اٿس؟
وڏي ڳالهه ته اسان جي وچ ۾ نظرياتي ٽڪراءُ به ته ڪونهي! ائين ٿي وچوڙا ڪري، ڄڻ وري وري جنم وٺنداسين، وري وري ساڳئي استان تي ملنداسين. ڄڻ جهان ڇڏڻو ئي ڪينهين. ماڻهوءَ کي جي مرڻو ئي آهي ته پوءِ ايڏو ڦٽلاٽ ڪٽي ڇو مري؟ حياتي ڏاڍي ننڍڙي آهي، ماڻهوءَ کي جيئڻ اچي تيئن ڪجي.
اندر ۾ ڦٽڪاٽ.
سڏڪا ۽ هڏڪيون.
اندر جو ڪنل ڪکڙ پساھ ڇڏي نٽو.
.... ۽ مان ...... مان ته هينئر به مشڪان پيو. "پوڄا ڏنم پير" الا – ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڏنومانس، ڄڻ جنب لنگهي ويا هئا. هلي ته ڪيئن ٿي، ڄڻ ڊيل ٿي ٽلي. منهنجيون ته ڄڻ سپني جنمن جون آشائون پوريون ٿي ويون. ڪڏاتوري، ڪڏهن سپن ۾ به ڪانه اچي ۽ هينئر..... هينئر دل ۾ سور محسوس ڪندي به آئون پاڻ کي ڪيڏو نه فريش پيو محسوس ڪريان.
(هان!.........)
ڄڻائون؟
الا –
ڄڻ گهنگهور گهٽائون.
(او-ف .... ڦيري.... آئون ان مٽي جي ڦيريءَ تي ڪيڏو نه هرندو ٿو وڃان)
هان – يلا ڇو نه؟ ننڍڙي هوندي کان جو هريل آهيان. ننڍڙي هوندي ماتا مريادا ڪيڏو نه ڦيرائيندي هيم ۽ سندس وڏي وڏي گهيردار پڙي سان گڏ زمين ڪيئن نه تکي تکي ڦرندي هئي.....!
هان ماڻهو ڪيڏا نه ڪ ساڪيا ٿيندا آهن. ماءُ جي ڪولهياٽي هجي ته جهانن کان لڪائيندا، جن ڪولهاٽيون مائرون ٿين ئي ڪونه! ڄڻ هي به ڪو ٻانيڻ راڄ وارو ڪال آهي. ڪي ديوتا، ڪي ڪتري، ڪي ٻانيڻ ته ڪي شودر. هونهن.... شودر؟ اڪال اڪالن کان ماڻهوءَ کي شودر ٻڻايو اچي.
۽ هن ايمريڪن اسڪالر ڇا پئي چيو؟

"جن کي موٽر ۾ هلڻ گھرجي، سي ماني لاءِ موتاج آهن ۽ جن کي مانيءَ لاءِ موتاج هئڻ گھرجي، سي مرسديز ۾ چرس، گانجا پيو، ستن سالن جي ڪا ٻارڙي ريپ ڪرڻ لاءِ ڪارون پيا ڊوڙائين. اوهان جي سوسائٽي ته الائي ڪهڙي مخلوق جي سوسائٽي آهي. اسان وٽ به ريپ جا ڪيس ٿيندا آهن، پر جواڻ ڇورين سان."

ويچارو، هڪ ئي خبر سان ڪيئن چڪرائجي ويو هو.

ڪ ساڪيا،

الڇٽا،

آدم جو اولاد!.....

اسلام!......

پاڪ وطن، پاڪ ماڻهو!.....

هون - ماڻهو ڪيڏا نه ڪ ساڪيا ٿي ويا آهن. ڇا "ڪ ساڪيا" اکر ٺيڪ نه آهي! ڪنهن جو به ڪنهن ۾ ويساهه نه رهيو آهي. ڀلا ان کان مٿي ڏرتيءَ کي ٻيو ڪهڙو ڏوڏو ايندو جو ماڻهو ستن سالن جي ٻارڙي کي زوري ڪٽي، پنج ڏينهن بکن ۾ پاهه ڪريو، پيا ڪيس ريپ ڪن ۽ يتيم خاني اڳيان اڇلائين! ڀلا آئون ان ايمريڪن کي ڪوڙو ڪيئن ڪريان؟ سچي به ائين ته جانارن پڪين ۽ پسن ۾ به ناهي. گھند نر پاڏي اڳيان به جڏهن ڪچڙي ٿيهاڻ ڪڏڪارون ڪندي آهي ته ويجهو پوڻ بدران ٿوناري ڪيندو اٿس ته مري پوندين. ٿي - ويءَ واري علڻ فقر جيان:

(قران، هن ملڪ ۾ ته زپ ڪولي، پينٽ اڇلائي نانگو ٿي هلجي)

اڙي بابا، قيامت اچي وئي. هيڏڙيون ننڍڙيون جيڏڙيون ڪيئن ڳچيءَ ۾ پئجيو وڃن. لخ لعنت آ ڪراچيءَ کي. مائٽن کي به شابس هجي، نياڻيءَ ذات کي نه ساجهه ڏين نه مٿي تي گندي. بس ٽي - وي تي حج مبارڪ ٿيو، اصل ڏڻ ڪتاريو ڇڏين. قرآن هيڏڙيون سوپارين جيڏيون ٻُڙيون. توبهه آهي موليٰ علي جي در تي، بابا گيسارا. اصل ٻئي هٿ!...... بس بابل ماٺ ڀلي آهي."

ها - ماٺ ڀلي آهي.

ڀڳت جي ويران باغ ۾ وجي، ڇو نه ماٺ منيءَ سان سوچيان؟

ڀلا سوچڻ کان سواءِ دنيا ۾ ٻي ڪهڙي شيءِ ڀلي آهي جا مون کي پراپت ٿي سگھي ٿي، ڏوڪڙن کان سواءِ؟

(هو درياهه جي ايڪپري تان اٿي، ويران باغ ڏانهن وڃڻ ٿو لڳي)

"توبهن...."
هي شهر آهي،
يا خدائي قهر آهي؟....
"الا - ڪڏهن هي شهر ڪيڏو نه وڻندو هئم! ڪير چوندو ساڳيو شهر آهي!....."
.هان.... ڪير چوندو ساڳيو آهي آهي؟ اڏ ڪان مٿي ماڻهو ته چرس ۽ گانجي چريا ڪري ڇڏيا آهن.
شهر، سپنن جو شهر، فتح مبارڪ جو شهر، ٽير جو شهر.
ٿيون ڪن:
"هلا ٽي، لينڪيو ڏونگي ڪاتو هي."
"ياڳي زا...."
"ڏونگي ڪاراءِ نه؟...." (منٿ، ايلاز)
"ڪنگهه ٽينديئي پڄي وڃ."
"بوٺ پڄي وڃ."
"آ...." (وارن کي زورائتي ڇِڪ)
"تو ماني سوڏهي...."
کي کي کي .... هي هي هي
(سنگيت ئي سنگيت)
دل دهڪو....
هانو تي هٿ.
اندر جو ڪنل ڪڪڙ ڦٿڪي پيو.

زندگي

تڏھن مان ھڪ پتيل روح ھوس.

تيز واچوڙن جي وھڪرن، اڻجاتل خلائن، گمناميءَ جي غارن ۾ پيو ٽڙندو ھوس. تڏھن ڪا خبر ڪانه پوندي ھئم ته مان ڇا آھيان، ڇو آھيان؟ ڏک ۽ سک ڪان بنھه آجو تتيءَ ۽ ٿتيءَ جي ڪا ڪل ڪانه پوندي ھئم. پر ايترو سو پائيندو ھوس ته اڳي ڪا شيءِ حاصل ھئم جا ھاڻ ڪين ھئم. سو چئني پاسي اگھور خلائن ۾ پيو واجھائيندو ھوس.

ڪئين صديون گذري ويون، تڏھن پري ڪان ھڪ ھنڌ گگھه اونداھي ڏسڻ ۾ آيم، بنھه ڪاري ٻاٽ. تڏھن ڀانيم ته متان اھا ئي شيءِ آھي، جنھن لاءِ من ماندو اٿم. سو جيئن تيئن ڪري اوڏانھن لڙيس. ڏسان ته ماڻھن جا حشام آھن. پر سڀ انڌا، ماڪوڙين جيان پيا چرن مان نڪرن، ٽڙن ۽ ٽاٻڙن. جي ڪا شيءِ آڏو اچين ٿي ته انھيءَ جي اڳيان چپ ھنيو بيھو رھن. اھڙو ته اچي پڻ لڳم جو وني پويان پير ڪيم ته ڪٿي متان مان به انھن اونداھن غارن ۾ ڦاسي نه پوان. اھڙو ته ڊنس جو وري پنيان لوٽو به نه ھنيم.

ڪئين صديون گذرڻ ڪان پوءِ مون کي ھڪ ھنڌ وري روشني ڏسڻ ۾ آئي. چئني پاسي نوراني ڪرٽا پئي ونا. تڏھن ڀانيم ته بس، مون کي جو گھرجي سو اھو آھي. سو تڪڙو تڪڙو اوڏانھن لڙيس ۽ نوراني ڪرٽن ۾ جھاتي پاتيم. جان ڪٽيو ڏسان ته مار ماڻھن جا ميڙا لڳا پيا آھن، پر سڀ انڌا – روشنيءَ اڳيان سڀ چڇيءَ چمڙي جيان اونڌي ٻوٿ لڙڪيا پيا آھن. حيرت ته حيرت جي ماڳ پر اچي ڊپ ڪنيم، سو وني پويان پير ڪيم.

ڪئين خلائن جا سمنڊ جھاڳڻ ڪان پوءِ ڏسان ته ھڪ اھڙي ھنڌ بيٺو آھيان، جنھن جي ھڪ پاسي ڪان ٻرندڙ جبلن جا سلسلا آھن، جن مان لاوو ۽ ٻاھ جا الا پيا نڪرن ته ٻئي پاسي برفاني پھاڙن جا سلسلا آھن، جن مان ڪئين تڏڙا آبشار وھيو پيا ھيناھين سبز شاداب وادين ۾ پڪڙجن ۽ وچ ۾ ھڪ ديويءَ جو مجسمو آھي، جو پيو آسمان سان ڳالھيون ڪري. پھرين ته انھيءَ مجسمي کي ڏسي منھنجي لئون، لئون ڪنبي وئي. ڀانيان ته منھن ڪري ڀڄان. پر نه ڄاڻ ايتري ھمٿ مون ۾ ڪٿان آئي جو دل جھلي چتائي ڏنومانس ته منھنجي حيرت جي انتھا نه رھي. ھن جي جسم جو ھڪ حصو جيترو ئي حسين ۽ دلڪش ھو ته ٻيو حصو اوترو ئي بي ھنگم ۽ ڀيانڪ. ھن جي ھڪ اک ۾ خوشي ۽ شادماني ھئي ته ٻيءَ اک ۾ رنج ۽ ڳوڙھا. ھن جي ھڪ ٻانھن ۾ ھيرن جڙيل سوني ٻانھن پھريل ھئي ته ٻي ٻانھن ۾ ڪٽيل زنجير لڙڪي رھي ھئي. ھن جي سنھڙي چيلھه جي ھڪ پاسي ڪان سونھري تلوار ٻڌل ھئي

ته ٻئي ڪک ۾ زخم ۽ ناسور. هڪ پير ۾ چيرل ٻڌل هئي ته ٻئي ۾ هڪ وڏو واسينگ لڙڪي رهيو هئس. هوءَ جتي ويٺي هئي، اتي هڪ پاسي گلن جي سيج وڇايل هئي ۽ ان جي مٿان وڇون ڊوڙي رهيا هئا. مان خوف کان ٿر ٿر ڪنبي رهيو هوس. مون اتان ڀڄي وڃڻ ٿي چاهيو، پر الائي اها ڪهڙي ڪشش هئي، جو مان ان پٽيءَ تان ڀڄي وڃڻ تان ٽر جيترو به چري نه سگهيس. جيتوڻيڪ هن کي ڏسڻ سان مون تي دهشت چڙهيو ٿي وئي، تڏهن به نه ڄاڻ ڪيتري دير تائين مان هن کي ڏسندو رهيس.

"اي عظيم ديوي! تون ڪير آهين؟" مون ڊڄندي پڇيو. منهنجو سڏ سڻي ديويءَ مونڏانهن نهاريو ۽ ڪيتري دير تائين هوءَ پنهنجي ننداڪڙن نيڻن سان هڪ ٽڪ ٻڌيو مون ڏانهن نهاريندي رهي، ڄڻ هوءَ مون کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي. مان هن جي نظرن جو تاب نه جهلي سجدي ۾ ڪري پيس.

"اي روح! تون مون کي نٿو سڃاڻين؟ مان آدجڳاد کان آهيان. تڏهن اجا نه هن پاسي هي پهاڙ هئا نه هن پاسي هي ٻرندڙ جبل. اي روح، بس ائين سمجهه مان ابتدا آهيان، مان انتها آهيان، مان راڳ آهيان، مان روڄ آهيان، مان پيار آهيان، مان نفرت آهيان، مان فنا آهيان، مان بقا آهيان، سڀ ڪجهه مون سان آهي."

هن جي آواز ۾ ايترو ته ڏک هو جو ڪجهه دير ته مون تي سڪتو طاري ٿي ويو. جيئن اوچتو مرليءَ جو آواز ٻڌي نانگ پهرين چپ هٽندو آهي. پوءِ ڪر مٿي ڪڍي مرليءَ جي آواز ڏانهن وڌندو ويندو آهي. مان سجدي مان ڪنڌ ڪڍي ڏڪندو ڏڪندو هن جي ويجهو ويس ۽ روئڻهارڪي آواز سان چيم: "اي ديوي، مان هڪ ڀٽڪيل روح آهيان. صدين کان اجهاڳ خلائن کي جهاڳڻ کان پوءِ تو وٽ آيو آهيان. اي عظيم ديوي! مون کي هنن اجهاڳ خلائن مان نڪرڻ جي ڪا واٽ ڏيکار.. مان هن جي اڳيان سڏڪا ڀري روئڻ لڳس.

ديويءَ جي چهري تي ڦڪي مرڪ ڦهلجي وئي. هڪ اک مرڪڻ لڳس ته ٻيءَ مان لڙڪ ڪري پيس. ٿڌو ساهه ڀري چيائين:

"اي روح، مان ڏاڍي دکي آهيان. توکان پهرين به مون وٽ ڪوڙين روح آيا. هنن ليلائي مون کان منهنجي پيار جي ڀيک گهري. مون پنهنجي سٻاجهڙي فطرت سان هميشه هنن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو. پر مون کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو مون کي ڀلجي ويا. هنن مون کي ڇڏي پنهنجي لاءِ نوان ديوتا تعمير ڪيا. هنن مان ڪنهن به منهنجو ڏک نه پروڙيو. هي ڳوڙها منهنجي اکين ۾ ڏسين ٿو، ازل کان آهن. ڪنهن منهنجي ڳوڙهن کي نه ڏٺو، ڪنهن منهنجي پير ۾ وچڙيل نانگ ڏسي مون تي رحم نه کاڌو. هنن پنهنجي ديوتائن کي خوش

ڪرڻ لاءِ منهنجي هٿن ۽ پيرن ۾ زنجير ٻڌي، انهيءَ جا ڪلا ڌرتيءَ جي پاتال ۾ کوڙي ڇڏيا. هنن پنهنجي ديوتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڦهري ڪان هٽي، منهنجي ڪک کي رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو. هاڻي مون وٽ ڪجهه به نه آهي. تون مون کان ڇا ٿو گهرين؟ وڄ،ا ي روح وڃي اگهور خلائن جي رنگينين ۾ بانبڙا پاءِ. وڄ..... مون توکي نرواڻ ڏنو آهي." ائين چئي هوءَ سڏڪن ۾ ٻڏي وئي. هن کي ائين روئندي ڏسي منهنجي دل به پرجي آئي. مون رڙ ڪندي چيو: "نه نه اي عظيم ديوي! مون کي خلائن جي رنگيني نه کپي. مون کي نرواڻ نه کپي. مان توکي دکي نٿو ڏسي سگهان. مان توسان وعدو ٿو ڪريان ته مان توکي پنهنجي ساهه سان سانديندس. مان ماڻهن کي وري هڪوار تنهنجي آڏو جهڪائيندس. اي ديوي، جيستائين تنهنجي هٿن پيرن ۾ اهي زنجيرون ۽ تنهنجي ڪک ۾ اهو زخم آهي، مان سک سان نه سمهندس. اي عظيم ديوي! آئون تنهنجا زخم ڌوئندس. مون تي ديا ڪر، مون کي شڪتي ڏي." مان رانياڻ ڪري هن جي اڳيان زارو زار روئڻ لڳس.
ديوي ڪجهه دير ته منجهي پئي ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي مون ڏانهن نهاريائين، ايئن جيئن ڪا وڏوا پنهنجي آبهم ڏانهن نهاري ۽ پوءِ هن جهڪي مون کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو.
۽ اڄ مان انساني روپ ۾ دنيا جي عجائب گهر ۾ حيران پريشان بينو آهيان.
جڏهن مون اکي پٽي هئي ته منهنجي ڪنن ۾ بمن جا ٺڪاو گونجي رهيا هئا. آسمان مان باهه جا الا وسي رهيا هئا ۽ ڌرتيءَ جو سينو ڏکي رهيو هو ۽ منهنجي چئني طرف انساني لاش پکڙيا پيا هئا، جن جو ماس ڳجهون ۽ جهنگلي جانور روڙي رهيا هئا. موت جي ڏائڻ ڏند ٽيڙيو پئي ٿهڪ ڏنا ۽ زندگيءَ جي ڪنوار سڪرات ۾ هئي.
مان چپ چاپ هلندو رهيس.
هاڻ مان پنهنجي اکين جي جوت وڃائي چڪو آهيان. منهنجي هٿن پيرن ۾ لرزش پئدا ٿي چڪي آهي ۽ هاڻ مان سمجهان ٿو ته منهنجي سفر جو آخري وقت اچي چڪو آهي، جيتوڻيڪ اها ستر سالن جي زندگي مون گمناميءَ جي غارن ۾ گذاري آهي، سيني کان جدا، پنهنجو پاڻ کان ويڳاڻو. پر مون کي انهيءَ جو ذرو به افسوس نه آهي، ڇو ته مون دنيا ۾ اچي پنهنجي جذبن ۽ احساسن کي گڏ ڪيو آهي. مون انهن کي وجود ڏنو آهي. منهنجي ستر سالن جي زندگيءَ جو تاثير هي مجسمو آهي، جنهن کي مون دنيا جي چوواٽي تي بيهاري ڇڏيو آهي. مون سوچيو هو، ماڻهو هن کي تعجب سان ڏسندا، پنهنجي ماضي، حال ۽ مستقبل جي باري ۾ سوچيندا ۽ مان انهن جو انتظار ڪرڻ لڳس.

هڪ صبح جو سوير مون پنهنجي جهڳيءَ مان ڏٺو ته ماڻهن جو هڪ وڏو ٽولو منهنجي مجسمي جي چوڌاري بيٺو سجدا ڪري رهيو آهي. پوءِ هو سڀ گڏجي مون وٽ آيا ۽ چيائون: "اي پوڙها! هي بت تو ناهيو آهي؟"
مون خوشيءَ مان ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي.
"اسين انهيءَ کي خريد ڪرڻ گهرون ٿا. ٻڌاءِ گهڻي رقم وٺندين؟"
"مان اوهان جو مطلب ڪونه سمجهيس." مون حيران ٿيندي چيو.
"اسين انهيءَ کي پنهنجي مندر ۾ سجائي رکنداسين ۽ انهيءَ جي پوڄا ڪنداسين."
منهنجي تن من ۾ باهه ٻري وئي. مون ڪاوڙ مان ڏڪندي چيو: "مون انهيءَ کي پوڄا لاءِ نه ناهيو آهي. مون ان کي توهان جي ماضي، حال ۽ مستقبل سڃاڻن لاءِ ناهيو آهي. توهان سڀ هتان هليا وڃو، نڪري وڃو....."
هو سڀ وائڙا ٿي ويا ۽ منهنجي حال تي افسوس ظاهر ڪندي چيائون: "ويچارو چريو آهي."
۽ مان پنهنجي جهڳيءَ ۾ اچي روئڻ لڳس.
انهيءَ کان پوءِ هڪ صبح جو فوجين جو هڪ ٽولو مون کي پنهنجي مجسمي جي چوڌاري ڦرندو نظر آيو. انهن مان هر ڪنهن پنهنجا پنهنجا دليل ڏنا ۽ چيائون: "هي پوڙهو ته ديوانو آهي. هن ڪيتري نه سهڻي مورت کي بگاڙي ڇڏيو آهي" ۽ انهن جي وڃڻ کان پوءِ مون ڏٺو ته منهنجي مجسمي جي چيلهه ۾ ٻڌل تلوار غائب هئي.
انهيءَ کان پوءِ هڪ نقادن جو ٽولو آيو. هو ڪجهه دير ته منهنجي گهڙيل مجسمي کي پرکيندا رهيا ۽ پوءِ هنن سيني مون ڏانهن آڱر کڻي چيو ته: "هي دهريو آهي، هن کي ماريوس، هي مادهه پرست آهي." مان وائڙو ٿي هنن ڏانهن ڏسندو رهجيس ويس. هنن مون مٿان پهڻن جا مينهن وسايا، مان زخمن کان چور ٿي ڪري پيس.
انهيءَ کان پوءِ هڪ ٻيو مذهبي ٽولو مون وٽ آيو ۽ مون ڏانهن نفرت سان نهاري چيائون: "تو خدا کي ڇڏي بت پرستيءَ جو سهارو ورتو آهي ۽ خدا توکي ڪوڙهه لڳائي، انهيءَ ۾ ڪينئان وجهي ڇڏيا آهن. تون ڪتي جو موت مرندين ۽ توکي پاڻي ڏيڻ وارو ڪونه ملندو. هاڻ وينو پنهنجي گناهه جي سزا ڀوڳ."
سڀ ماڻهو مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي هليا ويا. پوءِ مان ماڻهن کان مايوس ٿي موت جو انتظار ڪري رهيو هوس.
هڪ صبح جو، جڏهن سج جو گولو اوير مان پنهنجا رنگين شعاع پکيڙيندي نڪتو، مان پنهنجن زخمن کي سيڪڻ لاءِ ٿڙندو ٿاٻڙندو پنهنجي جهڳيءَ کان در وٽ آيس ته مون ڏٺو ته

منهنجي مجسمي جي چوڌاري ننڍڙا اسڪولي ٻارڙا راند رچايو ويٺا هئا. انهن مان هڪ شهزادو ٿيو ويٺو هو. هن جي هٿ ۾ ننڍڙي ڪانيءَ جي تلوار هئي ۽ هو پنهنجي تلوار کي زور زور سان هوا ۾ لهرائي چئي رهيو هو: "دوستو، هيءَ پيار جي پري آهي. هن کي هڪ وڏي ظالم ديو زنجير ۾ ٻڌي جادوءَ جي زور سان پنڊپهڻ ڪري ڇڏيو آهي. اوهان هن زنجير کي کولڻ جي ڪوشش ڪريو ته مان هن لاءِ ڪوهه ڪاف مان آب حيات ٿو آڻيان." هن جو حڪم ٻڌندي ئي هن جا ننڍڙا ساٿي زنجير ۾ چنبڙي ويا ۽ شهزادو ڪانيءَ جي گهوڙي کي ڊوڙائيندو وڻن جي جهنڊ ۾ گم ٿي ويو.

هنن اسڪولي ٻارڙن جي راند ڪيتري نه پياري آهي. خوشيءَ کان منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ مان پيو سوچيان، هي ننڍڙا ٻارڙا انهيءَ پربت جهڙي زنجير کي ڪيئن ٽوڙي سگهندا ۽ ڪانيءَ جي گهوڙي تي سوار ننڍڙو شهزادو ڪوهه ڪاف مان ڪڏهن آب حيات آڻي ديويءَ کي زندگي ڏيندو؟

پيون ڪهاڻيون

وڏو ماڻهو

پوريءَ ٻارهن ڪلاڪن بعد پنهنجي ڳوٺ تي نه سوچيو آهي ته ڳوٺ ۾ ڇا پيو وهي واپري؟ پر اڄ ٻن ٽن مهينن کان پوءِ، شهر جو چڪر هڻندي، ڪراچي اڪاڙي ۾ پنهنجن قوم جوان پائيٽين، پاڙيچن ۽ سوٽين ماساتين جي ونجهه پٽن ڪي شهر جي نوجوانن سان جدو ڪراچي ڪندو ڏسي، هو وڏي مونجهار ۾ اچي ويو آهي ۽ درياهه شاهه جو بند ڏئي، واپس ڳوٺ موٽڻ لڳو آهي، وڏن واسامن سان:

"هون - هي ته سڀ ڇورا جوان ٿي ويا!........ هان..... ڏسندي ئي ڏسندي ايڏا جاننا جوان!..... هاڻ پلا هنن ڇورن لاءِ ڇوريون ڪٿان ايندين؟ پلا ڇا هي ڇورا جيڪي ڊاڪٽر، انجنيئر، پائلٽ ۽ ايڪٽر ٿيڻ جا سپنا سانديو پيا هلن، سي پلا انهن وڏن گيدن وارين اٽپڙهيل جٽوڙين گهاگهيلين کي پسند ڪندا؟" وات ويندي ڏاڍي ڏيرج سان هلندي هو ٽڏي دل سان ويچار ڪري ٿو ۽ هن جي ذهن مان هڪ هڪ ٿي سڀ جوان ڇوڪريون گذري وڃن ٿيون، سهڻيون، پوريون، سڏيون ساديون، ٻه چار درجا سنڌي پڙهيل، ڪارا، ساوا، ٻاڙها، رنگا رنگ پرت پريل گهگها ڀهريل ڇوڪريون.

"چاچا، ڇا هيءَ انهيءَ قدي ۾ منو پالينديء؟" پٽ جي ڳالهه ياد ايندي ئي هن کان ٽهڪ نڪري ٿو وڃي. جيميءَ جو عاشق پٽ، جيڪو ننڍڙي لاڪي ڪيس بابا جي بدران چاچا چوندو هو ۽ وري هو ڏاڍي اتساهه مان ٽڏو ساهه پري ٿو ۽ چوڏس وايو منڊل ۾ نهاري ٿو.

نيري نيري آڪاس ۾ اڇا ڪارا ڪڪر ڊوڙندا وڃن. سڄ ٽڏو ٽڏو ۽ وڏو وڏو ٿيندو ٿو وڃي. تارن جي تنوار جا آواز، وسڪارن لاءِ نپ ۾ رڙندا تا وڃن ۽ ڪيتن مان اڇا اڇان، ننڍي نسل جا ٻگهه، هوريان هوريان ولر ڪري، هڪ ٻئي پويان آڪيرن اڏار ۾ آهن ۽ اني جي هوائن ۾ چيڪي مٽيءَ جي خمير جو واس آهي. هلندي هو محسوس ڪري ٿو ته ڳوٺ جو سڄو ڳاڏو اونڌو هلي رهيو آهي. جڏهن کان ڄائو آهي، تڏهن کان هن ايئن ئي محسوس ڪيو آهي ۽ هاڻ جڏهن هو چوٽيهن پنجٽيهن سالن جو اچي ٿيو آهي، تڏهن اها ڳالهه هن کي شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي آهي. هن کي ڳوٺ سان ڪا دلچسپي نه آهي، پر پوءِ به هو محسوس ڪري ٿو ته ڳوٺ جي نئين نسل سان، جيڪو جوان ٿي رهيو آهي، اهو ورتاءُ نه هئڻ گهرجي، جيئن سدا ٿيندو آيو آهي ۽ ان لاءِ هو سڄو ڏوهه ڳوٺ جي پوڙهين تي مڙهيندو آهي، جيڪي

پاڻ کي وڏڙا چورائيندا آهن ۽ وڏي هلنديءَ وارا آهن. جيئن چاهيندا آهن، تيئن ٿي ويندو آهي، جيڪي سدائين ڪين ڪئنچيءَ جيان ڪاٽي به اڌ ڪري ڇڏيندا آهن. هاڻي هن ڪي پنهنجي مامي تي ڪشت ٿا اچن ۽ هلندي هو سوچي ٿو:
"هون؟.... سڄو ڏوهه انهيءَ يورپيئن مامي جو آهي. جيڏانهن جيڏانهن ويو، سڄي سنڌ ڏئي آيو پر پنهنجي ڳوٺ ۾ نهار ته ساڳيا ڪاريءَ وارا ڪک! پنهنجي ڳوٺ لاءِ ڪيو ڇا اٿائين؟..... ڪامورا ته پنهنجي ڳوٺ ڇا سڄي شهر لاءِ الائي ڇا ڇا ڪري ويندا آهن. اسڪول، پارڪ، راندين جا ميدان، ناٽڪ منڊليون - پر مامي ڇا ڪيو؟" ۽ هلندي هو مامي تي ويچار ڪري ٿو ۽ هن جي اميجينيشن مان مامي جو جيون ڏنڊلو ڏنڊلو گذرڻ لڳي ٿو.
هڪ مآنهو، اوچا وڳا، سونهري عينڪ اکين تي، بنهه جهڙو انگريز ايڪٽر. ڪڏهن زوزٽ سان ڪار ڪاهيو پڳو ٿو وڃي. ڪڏهن ماڻهن کي ڇهبڪن سان پيو ماري. ڪڏهن ٽيليفون پيو ڪري. ڪڏهن وڏين وڏين آفيسن مان تکو تکو هلندو ٿو وڃي. ڪڏهن لئبريريءَ ۾ ڪتابن ۾ گم آهي. ڪڏهن لکي پيو. ڪڏهن بانبڙا پائيندڙ ٻارڙن سان رانديون پيو رچائي ۽ ڪڏهن..... ڪڏهن دکي آهي، ننڊ ۾ ڦٽڪي پيو، ڇڻ سپنن ۾ روئي پيو.
۽ اهو اميجينيشن جي ٻوڏار مان نڪري ٿو اچي ۽ هرويرو هن کي محسوس ٿئي ٿو، مامو دکي آهي. جيئن هو وڏو ٿيو آهي ۽ هن کي سانپر آهي ته مامي کان سدائين هو پري ۽ وٿيرڪو رهيو آهي. بس پندرهن ويهن سالن ۾، عيد براد تي ڪو ڏهه پندرهن ڀيرا مليا هوندا، سو به پنجن ڏهن منٽن لاءِ. ڄڻ نه سنگ نه سياڪو! سوچيندي هو دکي ٿي وڃي ٿو ۽ وري هو يادن جي ٻوڏار ۾ هليو وڃي ٿو.
هڪ تمام پورو پورو انگريزن جهڙو رانديگر، اڪيلي سر پن پناهگير ماسترن سان ٽينس کيڏي رهيو آهي ۽ وري هن جي ڪن ۾ الائي ڪٿان ماءُ جا آواز پڙالجن ٿا:
"گمان، خبر ٿئي جڏهن تنهنجو مامو علي ڳڙهه مان سوني بيج سان ايم - اي پاس ڪري موٽيو هو ته شهر جا مسلمان ڇا، هندو به قطارون ڪري ڪيس اسٽيشن تان ائين ونڻ ويا هئا، ڄڻ وڏو حج ڪٽي آيو هجي." هلندي هن کي اجا ٻيا ڪي پساهه پون ٿا. پراڻا، ڏنڊلي سپني سمان:
دريا چولان چول ۾ آهي. هو ننڍڙو پتڪڙو آهي. پيڪيدار ساڙهين سان وڏيون وڏيون هندواڻيون آهن ۽ اڄو سوٽ پهريل مامو ۽ مامي جيڏا وڏا وڏا ماڻهو، ڳالهيون ڪندا، ٽهڪڙا ڏيندا، درياهه ڪناري وڏي وڏي جهاز تي اچن ٿا. هو جهاز ۾ چڙهڻ جي تختي تان چڙهندي ڊڄي ٿو. هڪ هندواڻي ڪيس ڪڇ ۾ ڪٽي چميون ڏئي ٿي ۽ مامو ٽهڪ ڏئي ٿو.
۽ هو وري ٻئي لڙاٽ ۾ هليو ٿو وڃي.

وڏو وڏو بنگلوڳ آهي، چوڌاري باغ آهي ۽ تورو وتيرڪو وڏي وڏي جيل جهڙي جاءِ آهي، جنهن ۾ آڪيڙا چڙهيل ماڻهو اونڌا ٽنگيا پيا آهن. مختيارڪار ڏاڍي ڪروڌ ۾ آهي، زيردستن اڳيان گجگوڙ سان واقي ٿو: "اهي پاڙيا مختيارڪار هوندا. رنن زالن سان ٿو اره زورايون ڪري. انهيءَ ڪتي جي ڦر وڏيري جو ڦڳڙ لاهي، ٻچي ۾ رسو وجهي وٺي اچوس. جي وڏيرو گهر ۾ نه هجي ته جوٽس ڪاهي اچو."

۽ ٻئي ڪن ۾:

ٻئي ڪن ۾ پوليس وارا آهن، اڌ مڇ ڪوڙيل ٽلهو وڏيرو آهي ۽ مختيارڪار جو لڪڻ آهي. مختيارڪار اسٽڪ سان وڏيري جي ڪل اڊيڙي ٿو ڇڏي. وڏيري جي خميص چيهون چيهون ٿيو ٿي وڃي. مختيارڪار وڏيري کي ايستائين مري ٿو، جيستائين هو سندس پيرن ۾ غش ڪائي ڪري ٿو پوي: "سائين توبهن، يا حسين توبهن، گهوڙا ڙي توبهن." مختيارڪار جي زوردار ٺڏي سان وڏيرو نڪ مان رت جون نيندبيون وهائيندو اونڌو، ڪروندڙو ٿيندو ٿو وڃي. "او ڪتي جا ڦر، ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏي. وري جي غريب مار ڪئي ٿئي ته جوٽين انهن ماڇين ڪان ڪٽائيندس. هوندين ڪنهن منسٽر جو پڙوو، مان لنبي لاٽ جي پرواه نه ڪندو آهيان." ۽ پوءِ مختيارڪار تڪڙو ويندي منشيءَ کي دڙڪو ڏئي ٿو:

Three month jail, one thousand rupees fine.

واٺ ويندي هو سوچن جي ٻوڏار مان نڪري ٿو اچي ۽ وري وايومنڊل ۾ نهاري ٿو. سنڌيا مٿان رات جي رئي چڙهندي ٿي وڃي. وري الائي ڪٿان هن جي ڪنن ۾ الائي ڪنهن جا آواز گونجن ٿا:

"بابا، تنهنجي مامي جهڙا ماڻهو ڪٿي! مولىٰ پاڪ جو قسم اسان جي پاسي مختيارڪار ٽئين مهيني ٽپڙ ٻڌي ويندو هو، پر تنهنجو مامو...... تنهنجو مامو اهڙي صاحبي هلائي ويو جو ڪنهن انگريز به ڪانه هلائي هوندي. بابا، ذات حراميءَ جي ٻچيءَ ۾ پٽڪو، پلي خان خانان هجي. اصل گهر گهران رب ڏئي پناه!"

"چو پلا، پنهنجي ڳوٺ ۾ مامو ايڏو ٺڏو چو آهي؟" هن جي ذهن ۾ سوال اپري ٿو ۽ هو ڳوٺ ۾ مامي جي جيڪا چرپر آهي، ان تي ويچار ڪري ٿو.

اميجينيشن:

هو پنڌ پيو وڃي ۽ مامو سون پيرا سرڙات سان موٽر سان گذري وڃي ٿو.

مامو لئبريريءَ ۾ وينو آهي.

مامو آرام ڪرسيءَ تي ڪنڌ ڍرڪايو، پير ٽپائيءَ تي ڦهلايو، بي بي سي پيو ٻڌي.

مامو پوٽا پوٽيون، ڏوهٽا ۽ ڳوٺ جا ننڍڙا پٽڪڙا ٻار وٺيو، وڏي ۴ وڏي ڪار ۾ الائي ڪيڏانهن گهمڻ پيو وڃي.

مامو ننڊ ۾ آهي ڪين الائي جاڳ ۾! مامي کي جڻ ننڊ ڪانهي. مامو ننڊ ۾ جڻ ڦٿڪي پيو. مامو ٺهڪ پيو ڏئي، جيئن سدائين ڏيندو آهي، وڏا وڏا ٺهڪ، جن ۾ آواز گهٽو، خوشي گهڻ هوندي آهي. هو محسوس ڪري ٿو مامو دکي آهي ۽ جيون ۾ پهريون ڀيرو هن کي سک پئدا ٿئي ٿي ته مامي سان ڪڏهن ڪچهري ڪرڻ گهرجي.

هلندي هو وري چوڏس وايو منڊل ۾ نهاري ٿو. سندس ڳوٺ جون روشنيون ٻري ويون آهن. هو محسوس ڪري ٿو ته ڳوٺ جي اها اڳين ڳوناٽي سونهن ختم ٿي وئي آهي. ڳوٺ بدران ڪراچيءَ واري شرف آباد يا گلشن اقبال جهڙي آبادي محسوس ٿئي ٿي يا ڪا نئين نهندڙ پناهگير ڪالوني.

ڳوٺ ۾ نئين وڏي وڏي مسجد سامهون اچي، مامي جي ڳاڙهي ڪار ڏسي، هو گهر وڃڻ بدران مامي جي گهر وڃي ٿو.

"ناهه ڪرڻ ۾ آهي ڇا؟ هان.... مان نوڪري وٺڻ يا ڪنهن جي سفارش ڪرڻ ٿوروئي پيو وڃان. ڪيستائين هڪ ٻئي لاءِ ايئن اڄاتل اوپرا ماڻهو رهنداسين؟" هو پنهنجي اندر سان سوال ڪندو گهر ۾ داخل ٿئي ٿو. گهر جا سڀ ڀاتي هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي وڃن ٿا. ٻي ٻي الوينا هن کي چيڙي ٿي. وڃي هو ڪيس ڦيرائي ٿو.

Where is Uncle?

"He is sleeping." ٻيبي پراڻيءَ جاءِ جي هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪري ٿي. در بند آهي. هو دريءَ مان ستل مامي کي ڏسي ٿو. جيون ۾ پهريون ڀيرو هن کي محسوس ٿئي ٿو ته مامو پوڙهو ٿيندو ٿو وڃي. الوينا ڪيس نئين ٺهيل جاءِ ۾ وٺي اچي ٿي.

"Papa says: "This is for me." Good home?"

"Yes, very nice. Beautiful."

هو نئين گهر ۾ پهريون ڀيرو آيو آهي. سڄو گهر چڱيءَ طرح ڏسي ٿو ۽ بالڪونيءَ مان ٿيندو ٻيبيءَ سان گڏ ڇت تي هليو وڃي ٿو.

"Shall we play ping pong?" ٻيبي پڇيس ٿي.

"No, I am feeling tired." هو لنوائي ٿو. هو سوچي ٿو مامو الائي ڪڏهن جاڳندو. هن کي گهر موٽي وڃڻ گهرجي. هيٺ لهندي، مامو هن کي باٿ روم ڪان ٻاهر نڪرندو ٿو نظر اچي. مامو ڏاڍي سني نهار سان هن ۾ نهاري ٿو.

"ڪڏهين آيو آهين؟"

"اڄ ئي، اوهان ته هينئر ستا هئا."
"نه، ائين ئي ليٽيو پيو هئس. مون تنهنجو آواز ٻڌو پئي. ڪيئن آيو آهين؟"
"ائين ئي دل چيو، هليو آيس."
"سچي!....." مامو عينڪ صاف ڪري اکين تي چارهي ڏانهس ائين ٿو نهاري، ڄڻ ڪيس ويساهه نه ٿو اچي."
"طبيعت ٺيڪ آهي نه؟" مامي کان پڇي ٿو.
"ها، طبيعت کي ڇا ٿيندو. طبيعت ماڻهوءَ جي پنهنجي وس ۾ هوندي آهي."
مامي جي ڳالهه تي هو مرڪي ٿو پوي. هن کي محسوس ٿئي ٿو، مامو ساڳيو آهي. مامي ۾ ڪائي چينج نه آهي، جي چينج آهي ته رڳو اها ته پٽ پوڙها ٿي ويا ٿس. مامو ساڳيو ينگ، سمارٽ ۽ هئنڊسم آهي.
"تنهنجو ڪاليج ڪيئن پيو هلي؟"
"ٺيڪ آهي. بس هلي پيو."
"آ.... ها.... ڇا زمانا هئا! ٽيچرس لائيف به ٽيچرس لائيف آهي." ڪن لاءِ اونهي ساهه سان مامو ڄڻ ساروڻن ۾ وڃائجي ٿو وڃي.
"ڇا رکيو آهي ان لائيف ۾ ماما؟"
"هون..... مان ست اٺ سال ٽيچرس لائيف گذاري آهي. مون کي سڀ خبر آهي. ڇا شاندار لائيف آهي! بس رڳو ماڻهوءَ جي پنهنجي ڪوالٽي هجي."
"پوءِ اوهان ٽيچنگ لائيف ڇو ڇڏي؟"
"اڙي يائي ڇڏائي وئي. مان ته سدائين ائين محسوس ڪندو آهيان ته مون ٽيچنگ ڇڏي پاڻ کي ٽوڙي ڇڏيو هو. ڳهڻ لاءِ جاٽي واٽي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو قربانيءَ جو ٻڪر ٿي ويندو آهي." مامو الاهي دير لاءِ ماٺ ٿي وڃي ٿو. مامي چانهه ڪٽي اچي ٿي. ڪن لاءِ ٻئي ماٺ ٿي، چانهن جا سرڪ پريندا رهن ٿا.
"ڪم اٿئي؟"
"نه ته." هو هڪدم وراڻي ٿو.
"الائي ڇو، ڪم کان سواءِ مون وٽ ڪوئي ڪونه اچي." مامو ڏاڍو ڏکوئجي ٿو وڃي.
۽ مامي ڄڻ اوچتو گوليءَ وانگر ڇٽي ٿي پئي:

"ڪنهن کي ڇتي ڪاڙو آهي جو تو وٽ ايندو. جيڪو اڇي منهن پٽيو ڇڏينس. پوءِ ڇئين ته مون وٽ ڪو اچيئي ڪونه." ماميءَ جي ڳالهه تي مامي جي چهري تي رکي مرڪ ڪڙي تي وجي ۽ مامو هن کي اک پيچي ٿو:

"الائي ڇو، هاڻ تون وڏين پيو. سچ ٻڌاءِ، ڪم سان آيو آهين نه؟ تون غلط ڪم ڇوندين ته اهو به ڪندس."

"نه باءِ گادو، رڳو اوهان کي ڏسڻ آيو هئس."

"هون..... اڙي ڀائي مون کي سڀ خبر آهي. تنهنجو اڇو منهن ٿيو آهي. Really, she is a fine girl"

"جي" هو گهبرائجي ٿو وجي.

"اڙي ڪوپ تو اونڌو ڪرين، پوءِ ڇئو تا دڙڪا تو ڏئي. مون کي خبر آهي، تون پنجن سالن کان پوءِ پنجن منٽن لاءِ به اچين ٿو ته رڳو مون کي ڏسڻ لاءِ، نه ڪم لاءِ. مان ٽيچنگ لائيف ۾ ٻارڙا نه، جوان پڙهائيندو هئس."

"ٿئنڪز." هو مامي جي ڳالهه تي سندس ٿورا مڃي ٿو.

“Really you are a lucky person and gentle fellow.”

مامو هن ۾ نهاريندي مرڪي ٿو. ڏاڍي پيڙا مان ۽ مامي ڪم ڪار ڪندي پري کان هڪل ڪريس ٿي:

"مئا پچ، اهو ڪلندي ڪلندي گهيتاري گهيتاري اوچتو بگڙجي ويندءِ."

"مان هلان؟"

"ڇو ڀلا، انهيءَ پوڙهيءَ جي ڳالهه دل سان لڳي اٿئي ڇا؟"

"نه ته، وري ڪڏهن سني ڪچهري ڪنداسين."

"ها، حياتي آهي ته ڪچهريون ئي ڪچهريون آهن."

مامو تپائي تي ڪوپ رکي ٿو ۽ هو موڪلائي اٿي ٿو. هن کي پهريون ڀيرو محسوس ٿئي ٿو ته هن جو مامو اهو نه هو، جيئن هن سمجهيو هو.

چپر ۽ چائون

متي متي نپ ۾، چمر اوهيرا ڪيو، سلو موشن ۾ اڏاڻا تا وڃن. لڳاتار سنهڙيءَ بوند وڻ ٽڻ ڏوئي ڇڏيا آهن ۽ لوني ڌرتيءَ مان ساوا ساوا گونج سرجڻ لڳا آهن. هو ايستائين مينهن ويساڙي ۾ نهاريندو ٿو رهي، جيستائين مينهن وساڙو سنهڙيءَ ڇبر مٿان گهاٽي ڳم ڳنڍهير ۾ گم نه ٿو ٿي وڃي. هو اونهو ساهه ڀري وري متي نپ ۾ نهاري ٿو. جيستائين ياد ٿو اچيس، جيون ۾ اهڙي رم جهم هن ڪڏهن ڪانه ڏٺي. جيئن ڪنهن ودوا ناريءَ جا ڪجلا نيڻ، چئاڪا چئاڪا سدائين ٽمندا رهن. هن کي هتي آئي پندرهون ڏهاڙو آهي، بوندون بس ئي نٿيون ٿين. اچانڪ هو محسوس ڪري ٿو، هو روئي پيو. هن جي نيڻن ۾ ڳوڙها آهن. جڏهن کان شبنم هن کي ڇڏي وئي آهي، ان ڏينهن کان هن کي ڪو ٿان ڪو استان نه ٿو وڻي. هن کي ڪا سمڪ ئي ڪانه ٿي پوي. وقت جي، پنهنجي ڪرائي، ڪائي نه. جڏهن کان هوءَ هن جي جيون مان نڪري وئي آهي، هن کي پنهنجو جسم به پرائو لڳندو آهي. بس هن کي رڳو ايترو محسوس ٿيندو آهي هو ڏسي پيو. ٻيو هن کي رڳو ايتري خبر پوندي آهي ته ڌرتي ڏاڍي سهڻي آهي ۽ پولارن پاتارن ۾ ڄڻ جادو پريل آهي. اهڙو جادو! جو ماڻهو ان ڪامڻ مان نڪري نه سگهي. هو پولار ۾ نهاريندو ٿو رهي ۽ پنيان رهجي ويل منڊي ڪڪري مٿاهنس چاٺون اجلائيندي، ڪنهن پيڙا کان ڄڻ وڪڙ کائيندي، ولوڙجندي ٿي وڃي.

"روڻيا.... هي روڻيا..." آواز تي هو جهوپڙن ڏانهن مڙي نهاري ٿو. انڌي ڪالڪا هوائن ۾ ڄڻ انڌي پريءَ جيان اڏامڻ لاءِ پر پئي سوري. ڪن لاءِ هو ڪالڪا ۾ کوئجي ٿو وڃي. هو سوچي ٿو، ڪالڪا جو جيون ڪيڏو نه سهڻو آهي، اهڙو ئي سهڻو، جهڙي هوءَ پاڻ آهي.

"ڪاوڙيو آهين؟"

"اون.... هون...." هو پيار مان ڪالڪا ۾ نهاريندو ٿو رهي.

"اوڪ نان لڳي؟"

"نه."

"چو؟"

"توکي ڏسي پيٽ ڀرجي ويندو آهي."

"سچي!" خوشيءَ کان ڄڻ ڪالڪا جي نيڻن مان جوت ٽمڻ تي لڳي. ڪالڪا اجاتل خوشين مان هن جي وڏن وڏن وارن تان هٿ ڦيري ٿي ۽ هو – هو ڪالڪا جي ٻانهيءَ ڍڪيل ٻانهن تان ڪالڪا جا ڪچڙا بغل ڏسي گهوماتجي ٿو وڃي.

"هي رام رام رام......"

"ڪا ٿيئي ڳيو؟" ڪالڪا توائڙي ٿيو وجي.

.پاپ ٿيئي ڳيو." هو لڄيندو تي نيڻ جهڪائي ٿو چڱي.

"ڪوڙ ٿو ٻولين. تون ۽ پاپ! ڪيا ٻولي هي!........" ڪالڪا کي اعتبار نٿو اچي. ڪالڪا هن جي ڪلهن تي ٻانهينءَ واري ٻانهن رکي، اونهو ساهه ڀري ٿي، ايڏو اونهو، ڄڻ سڄو ڀولار ڪين ڪن تي سندس وات ۾ هليو ٿو وڃي.

"جونءَ ڪيان؟"

"ها، سر سر ڪر، ماٿو ڦٽتو هي." ۽ هن جي ڳالهه تي ڪالڪا هن جو مٿو پنهنجي ڪڇ ۾ تي ڪري ۽ جيئن سدائين هن جي مٿي مان جونءَ ڪڍندي آهي، تيئن آڱرين سان سر سر ڪري جونءَ ڳولڻ تي لڳي ۽ هو آسيس محسوس ڪندي، ڪرڪٽا پيرن مان لاهي، سائي گاهه مٿان پير ڦهلائي ٿو ڇڏي.

"آ..... ها.... مينارو موسم، ڪيا موسم هي." ڪالڪا جي اندر مان ڄڻ ڀولار جون ساريون جهٽيل هوائون نڪري وڃن ٿيون ۽ هو، هو ڪالڪا جي ڪڇ ۾ ڏاڍو دکي ٿي ڪالڪا جي نيٽن ۾ نهاري ٿو، جن ۾ لڙڪ ٻرندا نظر اچن ٿا.

"ڪالڪا!.... تون روئين پئي؟"

"چو..... ماڙهو ناهيان؟.... هيءَ ڪهڙي موسم آهي. مون کي ته رڳو ايتري خبر پوي ٿي ته ڪٿي وڄ ڪري آهي. نيٽن ۾ رڳو چمڪو اپڙندو آهي، شينهن جيهي گجگوڙ سان." ڪالڪا جا نيڻ بس نٽا ڪن.

"ڪالڪا، سر سر ڪري زا، سنو آهي توکي ٻي ڪا خبر نه ٿي پوي. وڄ ڪانه ڪرندي آهي، ڌرتيءَ تي الائي ڇا ڇا ڪرندو آهي، ڌرتي ڏٻي پوندي آهي. ڪالڪا، قرآن جو سوڳنڌ، تون ڏاڍي سياڳي آهين. تون ڪجهه نه ٿي ڏسين، وڏي ڀاڳوان آهين." هو ٻارڙن جيان ڪالڪا جي ڪڇ ۾ ڪرون ٿو ڀڃي، ارهن ۾ ٽونا ٿو هڻي.

"سچ ٻڌاءِ، تو ڇا ڇا ڏسندو آهين؟ هي رام، ڪيا جلم ڪيتو هي، آئون ته توکي ٻه نه ٿي ڏسي سگهان." ڪالڪا وري روئي ٿي پوي.

"سنو آهي تون مون کي نه ٿي ڏسي سگهين. آئون ڏاڍو ٻيڇڙو ۽ بدصورت آهيان."

"ڪيا ٻولي هي." ڪالڪا چڙي ٿي وڃي ۽ هن جي اکين، ڪنن، نڪ، ڳلن ۽ چپن تان هٿ ڦيري ٿي ۽ نيٽن ۾ ڏاڍا موهه ڀري ٿي ڇڏي.

"ڪوڙا، خبر ٿئي مالا ڇا تي چيو؟"

"ڇا ٿي چيو؟"
"ٿارو ڀائيڙو انگريچ لاڳي هي."
"اونهن.... توکي خوش ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ٿي ڳالهائي."
"چو ڀلا، ڪوڙ ڇو ڳالهائيندي! هن کي خبر ڪانهي ڇا، تو جيهو به آهين، منهنجي لاءِ منهنجو آهين."
"آئون گندو آهيان، ڪڏهن تنهنجي سار به ڪانه لهان. جڏهن سڀ ڇڏي ڀڄي ويندا اتم ته پوءِ تنهنجي گود ۾ اچي ڪري پوندو آهيان. آئون لالچي آهيان." هو ڪالڪا جي ڪڇ ۾ ٿونا هڻي، ڦٿڙي، هونيارا هڻي روئي ٿو.
"رونا.... هي روڻا.... ٿني سون ٿيئي ڳيو؟ وات ڪرو نا، ايم رووتو زاتو هي." ڪالڪا لڙڪ ڀريل نيڻن سان هن جو مک ٿي ڳولي پرچائڻ لاءِ ۽ هو اجا وڌيڪ ٿو رنيي، ڪالڪا جون انڊيون اکيون ڏسي، ڪالڪا جو قاتل پڙو ڏسي، قاتل ڪنجو ڏسي.
"ڪالڪا، آئون وڏو حرامي آهيان. مان تو وٽ سدائين خالي هٿين ايندو آهيان." هن جي هڏڪي بند نه ٿي ٿئي ۽ پيار مان لپاٽ سندس ٻوٽ تي نڪ ٿيو وڃي.
"چو، مان توڪان اونچا ڪپڙا گهريا هئا جي تو نه آندا؟ هي روڻيا.... جڏهن توجا هٿ موجي ڳلن ڪلهن کي ڇهندا آهن، مان سمجهندي آهيان مون پٽ پهريو آهي. جڏهن سمجهين آئون بنهه ننگي ٿي وئي آهيان، پوءِ پل وني اڇجان. هاڻ بس ڪر نه" ۽ ڪالڪا جي ڳالهه تي هو رنيون گهٽي، سندس ڪڇ ۾ سڏڪندو ٿو رهي. ڪالڪا ڪيس چپ ڪرائڻ لاءِ ڪيس ڀاڪر ۾ ائين ٿي ڀري جيئن لاڏڪي ٻار مٿان ماءُ وري ويندي آهي.
"مون کي سڀ ڪبر آهي، ٿڪي جي عورت لاءِ ڪو روئبو آهي."
"ڇا....." هو وائڙو ٿي ڪالڪا ۾ نهاري ٿو.
"حيدرآباد ڪا ايتري پري ته ڪانهي." ڪالڪا الائي ڇا سوچيندي ٿي رهي. هن جا سڏڪا بند ٿي وڃن ٿا. هو رڳو ڪالڪا ۾ نهاريندو ٿو رهي.
"چو، سڙهِ ڇو هنئي اٿئي، هاڻ ڳالهاءِ نه."
ڪالڪا جو ڪروڌ ڏسي هو ڪڇي نه ٿو.
"الا – اکيون هجن ها ته هينئر، اتي جو اتي ستئي اشمان ستئي زمينون هڪ ڪري، ڪن ڪان جهلي توجي اڳيان اچي بيهاريانس ها. آئون به رزپوت آهيان." ڪالڪا جي اکين مان پاڻي بيهي نه ٿو.
"تو ڪيون رووي هي، مارو زوتي." هو ڪالڪا جي نيڻن ۾ لڙڪ ڏسي سهي نٿو سگهي.

"اوننو، ٻاتني ٽندي هووي هي."

"اونڪ نائين لاڳي هي."

"اونڪ نان لاڳي، ڏوٻلو ڏوٻلو ڪاني ٽيئي ڳيو هي." ڪالڪا سندس ڏؤنرن، ڇاتيءَ ۽ سٿرن تان هٿ گهمائي ۽ ڪيس پيار مان ٻٽ ٿي هٽي.

"آ....." ۽ ٻئي روئندي ٺهڪ ڏئي ڪلن ٽا.

"چون ٽا، ڏاڍي ڪونجيلي آ، جيهي رزپوت راڻي."

"مار زوتي." هو ڪالڪا جي سٿرن تي ڳاٽ رکي آڪاس ۾ نهاريندي، الائي ڪهڙن سپنن ۾ ڪوئجي ٿو وڃي.

"رسي وئي آهي؟"

"نه."

"ڪڏي آهي؟"

"نه."

"توسان پيار ڪري ٿي؟"

"الائي."

"هي رام رام، ايڏو موٽو ٿئي ڳيو هي، ٽني آڪبرنا پڙي هي!...."

"ڪوئي ڪبر نا پڙي."

"ڪاني ڳ.ي هي؟"

"ڪوئي خبر نا پڙي." هو اشانت ٿي ڪالڪا جي ڪ ۾ پاسو ٿو مٽائي.

"بس بس، سمجهي ويس، سڄو ڏوهه تنهنجو آهي."

"منهنجو؟"

"ها – ڪا عورت پنهنجي پريمي ڪانه ڇڏيندي. بس ٿورڙي ان بن ٿيئي ويندي آهي. نونڊڪي نونڊڪي ۽ ساري جيون ۾ جهر پرجي ويندو آهي."

"ڪوئي هور وات ڪرو." هو بيزار ٿي رڙ ٿو ڪري.

"هور وات؟.... آئون ڪيڙي ڳالهه ڪريان. مون کي ته تون به ڏسڻ ۾ نه ٿو اچين. تون ٻڌاءِ نه، آڪاس ۾ ڇاهي؟ آ ... ها ڇا ٽڏي هوا تي هلي، ڇا شام ٽاٽو آهي؟" ڪالڪا جي اندر مان ڇڻ ڏرتيءَ جي سمروي سونهن ڏکڻ جي اندلٽ تي نڪري تي ۽ هن جون اکيون ڏور ڏور پولار ووڙينديون ٽيون وڃن.

"ها، شام ٽاٽو آهي."

"پلا اولهه ۾ سونا، چانديءَ جيڪا، ناسي، ڪارا پورا رنگ آهن؟"
"ها ڏنڊلا، اجا اپڙن پيا ۽ ڪڪرن جي ڏکڻ ۾ اندلٺ آهي."
"اندر ريڪا! ڇا اها به ڏنڊلي آهي؟"
"نه، ڏاڍي ڇٽي آهي ۽ ايرندي ۾ هلڪي هلڪي وچ پئي ڪنوي، ڏنڊ آهي، ڪاري ڏنڊا!"
"ڪاري ڏنڊا!..... پلا مٿان ڪڪر آهن؟"
"ها، جيئن درياهہ ۾ ڇوليون هڪ ٻئي پنيان پيون ڇلنديون آهن نه، تيئن ڇمر هڪ ٻئي پنيان اوهيرا ڪندا پيا وجن."
"دونهين جيان؟"
"ها، ڇدي دونهين جيان، ڪڪر ڪارونيار ڪيو پيا وجن."
"ڏرتي سائيري تي وئي آهي."
"ها ها، ڊورن جون ڪڪيون پريل آهن."
"سچ!" خوشيءَ کان ڪالڪا جي اکين ۾ وري لڙڪ اچيو وجن. هوءَ اٿي تي ۽ اٺڻ ويل ٻانهن هن جي ٻانهن ۾ وچڙائي ڪيس به اٺارڻ لاءِ ڇڪي تي.
"روٽيا – خدا سون، تون ڇا ٿو اچين، ڇڻ اکين ۾ جوت اچيو وجي. هاڻ نريو نريو پوي."
هوءَ ڪيس ٻانهن کان وني هلڻ تي لڳي، ڏاڍي موهہ مان.
۽ ڪن لاءِ ٻئي چپ چپات هلندا تا رهن.
هڪ ٻئي جي ڪلهن تي هٿ رکيو.
"روٽيا."
"هون."
"ان عورت ڪي ٻڌائي ڇڏ ته منهنجي پيڻ ڏاڍي زيردي آهي. ڪولهڻ انڌي تڏهن به لک جي. رزپوت چورن لاءِ سگ ڪتا ڪينهن، چونديس نه."
"هون......"
"ڇو... هون هون ڇا ٿو ڪرين. ڊڃينس ٿو ڇا؟!....."
"نه، هن جنب ۾ جي وري ٻيهر ملي ته ڇئي ڏيندو سانس."
"۽ ٻڌ، جي هڪڙي پاسراتي به ٻاهر نڪتي اٿئي ته ماري ماري ڦناهہ ڪري ڇڏيندي سانءِ. الائي ڪهڙين ڪنين عورتن سان ٿو سنگتون رکين. جي سينڌي رسي وجي ته مانهو ماني ٻيڻ تي ڪائي." ڪالڪا جي نيٽن ۾ وري لڙڪ تري اچن تا ۽ اوچتو هوءَ آٽڙي تي. هو هڪدم ڪيس سنڀالي، ڇاتيءَ سان ٿو لائي.

"الا – جي هن جنبَ ۾ ڪرشڻ واري موتي آيو ته پوءِ ڪيئن ڏسندي سانس، ڇا ڏيکاريندي سانس! مون ته روئي روئي اکيون به انڌيون ڪري ڇڏيون." ڪالڪا وري ڏوڏو تي ڪائي ۽ هو وري سنيپاليس ٿو ۽ ڪاوڙجي ٿو پوي.

"واهه، مون ڪي ڇئين ٿي نه رو ۽ پاڻ روئين پئي. نه رو، نه ته مان به روئي پوندس." هو لڙڪ روڪي نه ٿو سگهي.

"روٽيا......" ڪالڪا دور پولارن ۾ انڌي گهور تي اڇلائي.

"ڇئه نه."

"اجا شام جا رنگ بينا آهن؟"

"ها – ڏاڍي سهڻي شام آهي، سونن پڙن ساڻ."

"۽ اندر ريڪا؟"

"ڪانهي، ڊهي وئي آهي."

"روٽيا؛ سوڳند ڪڻ، وري ان عورت لاءِ نه روئندين." ڪالڪا ڪيس ڏاڍي ايلاز مان ڳيراٽي تي پائي. ڏڪٽيءَ پريل ڳيراٽي. هو – هو سنڌيا جي رنگن ۾ نهارڻ بدران ڪالڪا جي نيڻن ۾ نهاريندو ٿو رهي. نيڻن ۾ سونا ڦلا، ڳاڙها ڏورا ۽ اونهي اونهي اڇڪاڻ. اچانڪ ڪڪر شينهن جيان ٺاڙهه ڏئي ٿو ۽ ڪنوٽين سان ڇمر ڇڻ وڏڦڙي سان ڇڇي ٿا پون.

"ڪونه روئندس. تنهنجي نيڻن جو سوڳند ڪونه روئندس." پوءِ ٻئي ڪاري ڪڪر هيٺ وڏي ڳيراٽيءَ سان ڇڪون پري روئندا ٿا رهن ۽ مينهن ۽ نينهن جو پاڻي ڇڻ ملي هڪ ٿي وڃي ٿو.

ٻيڙاري

مانگهه جي مهاڙ آهي ۽ ......
هو ٻهڪندڙ سوني سوريه جي ڪوسڙي ڏوپ - تيج تي ديهه کي ٽاڪوڙ ڏيارڻ، ڪين هلندي سن پاٽ ڪندي، تجلا تجلا سوني سوريهم ٽامي گاڏڙ روپي انگاس پولار هينان، ڪڏهن سوني سج ۾ ۽ ڪڏهن سون سريکي وايومنڊل ۾ نهاريندو ٿو وڃي - جيئن درياهه شاهه جي ڪاپ وني، سدائين چنچر ۽ مست مگن ٿي هلندو آهي. ٻيلاٽيون ٻيلاٽيون، نيڻ نهار جي پڄاڻيءَ وارن ڇيڙن تائين، جن جي چوڌر ڦهليل آهن پاڻيءَ جا چدها، ٽنل آنهريءَ جيان چلڪا چمڪا... ڪن لاءِ سنڌوءَ جي سونهن ڏسيو پاڻ کي جڻ سپنن ۾ سلوموشن ۾ اڏرندو ٿو محسوس ڪري. نباڻ خوشين کان جڻ پولارن ۾ اڏامندو ٿو وڃي. ڪهڪشائن مٿان وات مان رڙ نڪريو وڃيس:
"الا....... سنڌو؟ جو ڪاپ آهي ڪين ڪير ڏارا يا قرآن شريف ۾ لکيل حضرت نوح جي ٻيڙيءَ جا نشان!
هان.... ها ها، سنڌو اڄ به اهڙي ئي سهڻي آهي، جهڙي رگ ويد جي شلوڪن ۾. شهر سڃا ۽ ڪنارا پڙپانک آهن ته ڇا ٿيو، سنڌو اڄ به اهڙي ئي سهڻي آهي ۽ سهڻي رهندي. سنڌ جا ماڻهو انڌا ٿي ويا آهن ته ڇا ٿيو، سنڌ کان ٻاهر به ماڻهو آهن، سي سنڌ جي سونهن کي سڃاڻن ٿا، جڳن کان. ڇا ٻاهرين دنيا جي ماڻهن کي ڇتي ڪتي ڪاڏو آهي جي سنڌ تي ريسرچ ڪن پيا، تپسيايگ - وديا سان به ۽ ڪمپيوٽر - وديا سان به! ڇا ٻاهرين ملڪن کان آيل ويشنو هپي توڙي گوشت خور ڳاڙها ۽ ڪارا ڪيپيٽلسٽ ۽ ڪميونسٽ توڙي مذهبي ماڻهو چريا ٿي ويا آهن، جيڪي هزارين ورهيه اڳ درياهه جي ڇڏيل ڏوڙ - گهارن ۾ موهن جي دڙي جي گٽرن جون ناليون پيا نوسيندا آهن، سويمنگ پول ۽ ڏرتيءَ کان ٻاهر نڪري آيل سرن جا ٿهيل کوهه جيڪي سدائين ٽنل منارن جيان ماتم ڪندا رهندا آهن؟ هان... ڇا ماتام ڏسڻ ۾ مزو نه آهي ڇا؟ محرم جي ڏهينءَ تي ته سڀ جاتين جا ماڻهو ملي، ڏاڍيون پنگون، چرس ۽ آفيم ڪري، چتا تي ماتام ڪندا آهن. ڪارن جهنبن، ڪارن ڪپڙن سان "يا حسين يا حسين" ڪري پنهنجي سينن ۽ پنن مٿان زپازپ ڇريون هلائيندا آهن. يا حسين واءِ ويلا.... اوڏي مهل ته وڏن پرديدارن جون زائفائون ۽ ڪڇيون ڪامڻيون ڇوريون به ڪڏن مٿان قطارون ڪري ڏندين آڱريون ڏيئي ٻيهجي ويندرون آهن. جي ملتان جي ماتام ملهائڻ جي سڃي سنڌ ۾ هاڪ آهي ته ملتان ۾ به سيوهڻ جي ائن تي امامن جي ڪجاون مٿان تازين جي قافلن ڪيڻ جا

چوبول ٻڌايا وجن. هل پيٽسان، هن واري به ڪوٽڙيءَ ۾ سيدن توڙي شيدين گهڙا واهه جا ڪڍيا، دهريون دهريون ڪاٺ جي دردل تي ايڏا ساج! چنگ چڙا، ڇا اها دهري دهري ڳل ڳاٺ دردل ڪنهن ميوزم ۾ رکڻ لاءِ نه آهي! ڪوٽڙيءَ واري برادي شيديءَ کي اڄ به گهوڙي سجائڻ ۾ ڪوبه ڪونه ماريندو. ويچارو ساري ڄمار ڪان گهوڙي جي سوٽن سانن لاءِ سهڻا ساج ائين گڏ ڪندو ٿو اچي، جيئن ڪا سڄاڻ ماءُ ڪڇيءَ ڪان ڏيءَ لاءِ سيج ڏيج گڏ ڪندي آهي."

اچانڪ ياد ٿو اچيس:

"ابير، ورهاڱي ڪان اڳ، جڏهن تمام ننڍڙو ٻالڪ هو، تڏهن درياهه جي بچاءَ بند تان ماتام ڪيڏو نه نغارن، مگر مانن ۽ پير تي ڏؤنڪن سان نڪرندو هو. واجاٽيون به امامن لاءِ ڏيئا موهينديون هيون، جيئن اڄ جپان ۾ هر سال هيروشيما لاءِ جپانٽيون موهينديون آهن. ماڻهن جي پيهوپيهه. هڪ پيري ته ساموندي گهوڙي جيهي سسيءَ وارو وڏو وڏو سيسار ڪناري تي اچي نغارا ٻڌي ۽ پٽڪارا ڏسي سسي ٻاهر ڪڍي بيهي رهيو هو، سڀ ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيس ڏسندا رهيا. واهه واهه تي وئي ته سيسار به امامن جي گهوڙن جي سلامي پري. تڏهن هن به قميص چيلهه سان ٻڌي، ڇاتي ڪٽي سڄائي ڇڏي هئي. ڇا سڀ ماڻهو جڳن ڪان ويڙهاند ۾ نه آهن ته قتل غارت بند ڪريو، نه ته اسين چرس، پنگون، آفيم ڪائي ڪارا ڪپڙا ڪري ڪربلا - ڪال ڪان وني ايندڙ ڪالن تائين سالو سال پنهنجو رت پاڻ وهائيندا رهنداسين؟ الاهي پٽڪارو ڪندڙ هن پنهنجي اڪين سان اسپتال ۾ ڇڙهيون هٽي مرندي ڏٺا آهن. ڇا صدين ڪان اهي ڪارا جهندا ۽ ڊگها مور جڙيل علم - اڪٺ ۽ اٽل علم - امن لاءِ وڏو ڪم نه پيا ڪندا آهن؟ پلا امامن جي رت وهائڻ تي انهن هاءِ واويلا ڪندڙ ماڻهن ڪي اسان ڪهڙي حساب سان پاٽان ڪاٺا ڪري ڇڏيون؟ ڇا اها نا انصافي نه ٿيندي؟ نسورو انياءُ هڪ تمام وڏي ڏر سان.

هو وڏو ڦڦڙن تائين اونهو ساهه پري ٿو ۽ اندر ۾ جهيرن هوندي به ڏاڍي موهه ٿوهه، وڄا ڌڄا سان سنڌوءَ جو ڪاپ ڏيو، ماڻهوءَ ماڻهوءَ، ٻار ٻار جي مرڪن سان مرڪون، هٿن سان هٿ ۽ سلامن سان سلام ملائيندو، پنهنجي ٻالاپڻ جي وڏي ٻيٽاريءَ ڏانهن هلندو ٿو وڃي. جنهن ٻيٽاريءَ کي سمجهندو آهي پنهنجي "جنم پوم - شمشان پوم" ان ٻيٽاريءَ سان هن جون شاهه جي بيتن جيهون سهٽيون ۽ سلوٽيون سارٽيون سلهاڙيل آهن. پيور اينگلو اندين ڇوريءَ سان اڪ ٽيٽ لاءِ اچڻ، ڪهنب اچي آڙي ڪاپ گهوڙي کي وهنجارڻ، اٽي ڏکر ۽ فٽ بال

ڪڏڻ. دونا تينا..... دونا تينا.... ٽِڙ ..... بلور به ٽڪر، چانڊوڪين ۾ چرين جيان ڊوڙن پائڻ ۽ ڪهاڻيون لکڻ.
اچانڪ ڪنهن ٻوڏار ۾ هليو ٿو وڃي ۽ ذهن ۾ شو جي ميلي جي اڇٽو سپنو سرجي ٿو اچي:
"هان..... شو جو ميلو لڳندو هو، ڪين آڪاس مان نر، ناريون، ٻار ۽ ٻارڙيون لهي اينديون هيون. هوليءَ جي رنگن سان ڀيوت، ڪوٽڙيءَ جي پل ڪان نئين درگاه تائين چولين مٿان جڻ سرندن جي سنگيت ۽ ڇيرين جي ڇمڪار هئي! ڀڳتون ئي ڀڳتون، هونئن ڀڳوت گيتا جي ڌرتي به ڇا لڳي!"
هو مست ٿي ڳائي ٿو:
"عش عقل ڪيا لڳي لڳي...... سڻ وي قاضيا..... سڻ وي قاضيا، عشق ...... عشق عقل .... ڪيا ..... ڪيا ڪيا ڪيا ..... لڳي لڳي ...... ل ..... ڳي ...... ي....."
سندس آواز تي اچانڪ مهاڻن جو هڪ تيرهن چوڏهن ورهين جو حسناڪ ڇورو ڊوڙندو ٿو اچي، پٽي اگهاڙو.
"بيڙي ڪاهيون؟"
نينگر جو ايڏو اتساهه ڏسي هن جي ڳائڻ جو سلسلو ڪٽ ٿي وڃي ٿو.
"نه يائي، اڄ ته آئون پيادل ويندس - او سسين جي ڳوٺ ڪان ڦرندو، هن ٻيٽاريءَ تي وڃي وهندس، دل ۾ نه ڪجانءِ."
"ادا، يلا مونهنجا ڦوٽو..... منهنجي سنڌي ٽوپي ته تنهنجا ٿي ويءَ وارا چورائي ويا. ڦوٽو به نه ڏيندا ڇا؟ اسان ته مفت ۾ ڪم ڪيو.....!"
"تو پنهنجو ڪيل ڏٺو؟"
"ها - سڄي ڪيل ۾ مان هئس ٻيو ...... الائي منهنجو ڦوٽو به ڪڍيائون ڪي مڙئي پئي ڪئميرا هلايائون."
"دل جاءِ ڪر ڙي، اهو ڪيل هاڻ صدين لاءِ قابو ٿئي. هڪ ڇا، ان مان ته سوين ڦوٽو نڪري ايندا، جڳ جڳ نڪرندا رهندا."
"اهو يلا ڪيئن؟ يار سچ چوان، اوهان ماڻهن جو ڪم لٽو، لاڳر ڦاٽو، هئو نه؟"
"ها يار - چئين سچ ٿو." ٻيهر اونهو ساهه ڀري ڏک ڪان اڳتي وڌي وڃي ٿو. ڪيس ٽي ويءَ تي جڪ ٽا اچن: ٻيٽسان پي ٽي وي آهي ڪين طارق عزيز جو نيلام گهر! هڪ ٻالڪ لکي نمبر تي فل سوٽ ۽ ريڊيو کٽي وڃي ٿو ۽ ٻيو ٻار مفت ۾ درياهه شاهه سان ويڙهاند ڪري ٻيڙيون هلائي پرفارمنس ڪندي، پنهنجي پرت پريل ٽوپي وڃائي ٿو وهي. هڪ ڦوٽوءَ لاءِ ٿو تڙڦي

۽ سڪي.... ويچاري ڪي ايتري به ڪل ڪانهي ته هو انهيءَ ڊاڪيومينٽريءَ جو مکيه ڪيريڪٽر آهي. ايڏو ئي اهم ڪردار، جيڏو درياهه شاهه، آئون به ڪيڏو نه لاچار آهيان جو ڪيس هڪ ڦوٽو به ٽي ويءَ وارن کان ونرائي نٿو ڏئي سگهان."

"ڪل لينا ڪل"، جيڪا ڪڏهن به ڪانه ايندي آهي. "آخ - ٿو" ڄڻ سمورو دک ۽ ڌڪار ڦٽي ڪرڻ چاهيندو هجي.

هو ڪروڌ ۾ اچي سگريٽ دکائي ٿو ۽ ڪن پل لاءِ پٽڻ سان ٻڌل هڪ تراڪڙيءَ تي ويهيو وجي: هون.... ٻيٽاريءَ تي ڇا هوندو.... پلاٽينم جي ذرن جيهي چمڪندڙ تجلا تجلا واري ۽ ساروٽن جي پرمار، ساروٽا روئاڙيندڙ.... ساروٽا مشڪائيندڙ. هڪ پاسي پاڻي ٻئي پاسي آڳ، پوءِ ڀلا ڪيڏانهن وڃان؟ نه اچ رڳو اکين سان، ڇهڇٽن ۽ وايومنڊن جو رس چوسيندس. مانگهه جي ٻئي پهر جي سج ۾ ڏسڻ سان نيٽن ڪي ڪيڏي نه جوت تي ملي! اچ ته ٻيٽاريءَ تي ٻارڙن جيان ڊوڙون پائيندي ليٽڙيون پائيندس. ائين ئي جيئن نمري پٽ تي گڏهه ۽ گهوڙا ليٽڙيون پائيندا آهن. ٿان سج جي ٽاڪوڙ ۽ هينان ڪوسي ڪوسي واري. هاءِ برائيٽ سن باٿ. ويچارا پوڙها سنڌي ليڪ، سيڪس امپاسيبل آهي؟ درياهن جي واريءَ مان پلاٽينم گولڊن شين لاءِ هر مٽيريل جو جدا جدا فورس آف گريويٽي جو اڪيپمينٽ نٿاهي سگهجي ٿو ۽ اهو قيمتي خزانو درياهن مان هٿ ڪرڻ، هن سائنسي دنيا ۾ امپاسيبل چوڻ ڇا احمقپڻو نه ٿيندو؟ توبهه، آئون به ڪهڙي پلاٽينم ۽ گولڊ جي چڪر ۾ اچي ويس. انهيءَ پلاٽينم ۽ گولڊ ئي ته اسان جي اکين کان سج، چنڊ ۽ تارن جي جوت ڦري ورتي آهي. جهنم ۾ وڃي پون سڀ. آئون هتي سائنس تي سوچڻ نه، نيچر ڪي انجواءِ ڪرڻ آيو آهيان. هن ٻيٽاريءَ تي نيچر سان گڏ سيڪس به انجواءِ ڪري سگهجي ٿو.

هو هڪدم ٻيٽاريءَ تي ٻارڙن جيان سلوموشن ۾ گول دائرا پائي ڊوڙ ٿو پائي. ٻانهون ڦهلائي ڦهلائي. ايستائين جو گهوماٽيون ڪائيندو ليٽڙيون پائيندو ٿو وڃي. ڏاڍي آسيس مان. هو ٻانهون سيراندي ڏيئي سج ۾ نهاريندي سوچي ٿو:

"الا - اچ جي هوءَ مون سان گڏ هجي ها ته آئون پلاٽينم جون ليون پري سندس منهن ۾ هڻان ها - ڪيس ياڪرن ۾ پري پري پنهنجي مٽان ليٽائي ڇڏيان ها. سندس ۽ پنهنجي نراڙ تي جرڪندڙ پوتر مٽيءَ سان تلڪ لڳايان ها ۽ پوءِ چوانس ها: "اچ ته ٻئي هڪ ٻئي جا تلڪ چمي ڇڏيون." پر هوءَ ته مون ڪي نرار تي وينشنگ ڪريم جو ٽڪو لائي ڏيکارڻ کان اڳي ئي ڊاهي ڇڏيندي آهي، منهنجي آزين نيزارين جي باوجود به. ظالم! ڪميٽي... سوئر ڪتي! الا ڪيڏي نه پياري آهي. مهينو ٿيو آهي، ڪئين صديون يا ڪوڙين ڪال گذري ويا آهن، ڄاڻي

ٻجهي مون کي ٿاري پئي. سمجهي ٿي سندس پيار ۾ آئون زهر کائي ڇڏيندس ۽ روميو جيوليٽ جيان هڪ نئين لوڪ ڪهاڻي جنم وٺندي. آپگهات! هونئن - هن کي ڪهڙي خبر ته سنڌ ايڏي سهڻي آهي جو چوراسي لک جنمن جي جنم - ساٿي هجي ته به وطن تان گهوري سگهجي ٿي. هن جي سونهن کي ڄاڻيپي مٿان آيل تلوار جيان ڳولي سگهجي ٿو. پل رئل هجي. مون لاءِ اهو ڪافي ناهين ته هزارين ورهين کان پوءِ سنڌ وري سجاڳ ٿي آهي - ائين ئي جيئن هو پاڻ ڪر اگهور ننڊ مان جاڳيو هجي. مٿو ڪنهندو اٿي ٿو، ڪپڙن تان واري ڇنڊيندو ٻيٽاري تان موٽ ٿو ڪائي.

ٻئٽري چارج ڪرڻ لاءِ ڪراچي ايلفنسٽن جي فٽپاٿن تي تسبيح پڙهندا: "واه جي آ.... واه جي آ" ڪندا ٽائيٽ پينٽون ۽ فليپر پهريل عورتن جي هپس جي پرارٿنا ڪندا آهن ۽ جلسن ۾ "سنڌ.... سنڌ" جپيندا آهن. اچانڪ هڪ ڪامريڊ جي ڳالهه ساري هو ٽهڪ ٿو ڏئي، جنهن چيو هئس:

"چورا، جي ٻئٽري ڊائون ٿي وئي اٿئي ته پوءِ تون به مالها جپ - هري اوم گول گپا گپي، هري هري اوم، ملاءِ گول گول گپا گپ گوپي. هري ڪرسن هري رام. گپا گپ گوپي."

"او نو، آءِ نو آل اباﺋﻮٽ سن باٿ فار سيڪس. ها اها ٻي ڳالهه آهي ته ڏوڪٽر ناهن ته ماڻهو ڪدڙو آهي، پل پيا پوڙها تاريخدان ۽ مؤرخ عيش ڪن." هو چرچائي ڪامريڊ جي ياد تي ڪلي ٿو پوي ۽ چپٽيون وڄائيندو، خوشين مان جهونگاريندو هلڻ ٿو لڳي.

ٻيٽاريءَ تي اچي هو الاهي دير سج ۾ نهاريندو ٿو رهي، وري تجلا تجلا سنڌوءِ جي پاڻيءَ ۾، وري چوڏس وٽڪارين ڏانهن نهاري ٿو ۽ پوءِ هيٺ درياه جي تجلا تجلا ڏوڙ ۾:

"ڏوڙ ڏويا.... سنڌ ۾ اڄا به ڏوڙ - ڏويا آهن، جي قديم زمانن ۾ درياه شاه جي ڏوڙ مان پنهنجي قديم ڪيميائي فارمولن سان سون ڪڍي وٺندا هئا - ۽ اڄ سنڌ ۾ ڏوڙڏويو سڏائيندي به ماڻهو لڄائيندا آهن - اهي ماڻهو جن جي قديم سائنٽسٽ ابن ڏاڏن جو اهو فارمولو اڄ جي سائنس جي دنيا ۾ ڪنهن ڪين لڌو! هونئن سائنس جي دنيا، ٽوينٽيئيٿ نينچري - اليڪٽرانڪ ايج، ائٽمڪ ايج، اسپيس ايج، ڪمپيوٽر. هونئن...... انهن سائنسدانن کي اڄا ٻم ٺاهن جي فارمولن کان فرصت ڪٿ ملي آهي! انهيءَ موتمار ايج ۾ هو ٻئي طرف ڌيان چو نه ڏين؟ ان دس ورلڊ آف مٽيريلزم! هن فاسٽ سائنس ايج ۾ هاڻ ٻلا سون جون ڏه ڏه ميل اونهيون کاڻيون کوٽڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ فورس آف گريوٽي جي ڄاڻ ڪانهي ۽ نه ئي مٽيريل جي. ڇا ڪين ايتري به خبر ڪانهي ته سنڌوءَ، مسيسپي، وولگا، نائيل، ڊان ۽ ڪوئي جهڙا سپ وڏا دريا ڪارا ڪورم جهڙن پهارن، پلاٽينم، سون، چاندي، پٽل جهڙن ڌاتن سان پرپور

پهاڙن کان ايندا آهن، جيڪي آدجڳاد کان ڳرندا اچن اتي جهڙي دز ٿيو، پنهنجي مٽيريل سان؟ هن سائنسي دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ؟؟؟؟

ڪلجگ

ڇمر بوندون برسائيندا، هاٿين جي ولرن جيان رمندا تا وجن. ڪن ٻين پٽن تي پلٽي پوڻ لاءِ جهڙ جهڙالي ۾، هو روئي وينو. گهر جي اهڙيءَ ڪنڊ ۾، جتان ٻين ياتين جو اچڻ وڃڻ ڪينهي. هونئن به هن جي روئڻ جي ڪل ڪنهن کي ڪانه پوي. رانيا، سڏڪا، هڏڪا، هو سڀ اندر ۾ دٻائي ويندو آهي. بس رڳو ڪوسا ڪوسا، نيڻ نار ڳوڙها نه دٻائي سگهندو آهي، جي ڇئاڪا ڇئاڪا وهندا، ڦڙا ٿيندا، سندس ڳلن تان وهندا، ڪڏهن ڪڏهن سندس وات ۾ هليا ويندا آهن. لوڻيانا، هڪ عجيب ٽيسٽ جا ڳوڙها ۽ روئندي هن کي محسوس ٿو ٿئي ته ڳوڙهن کي پنهنجي ٽيسٽ آهي – ڏاڍي وڻندڙ ۽ اها سوچ ايندي، هن جا لڙڪ بند ٿيو وڃن تا. هاڻي جڏهن فقط هو ڳوڙهڻ پيئڻ لاءِ روئڻ ٿو چاهي ته هن کي روئڻ ئي نٿو اچي. اجا ته هن کي پوريءَ ريت ڳوڙهن جي سواد جي ڪل به نه پئي ته ڳوڙها بند. هو پنهنجي ان ڳالهه تي مرڪي ٿو پوي، اونهي آگهور شوڪاري سان ۽ پر مان هن جي ياجائي ينگياڻين جيان ٻهاري جو منيو مضبوط ڪندي، منجهس نهاري ٿي: "واهه واهه، اڄ ته اڪين ۾ ڏاڍا ڪامڻ پريو پيو مرڪين. اڄ مڙئي ڪجهه آهي."

"ته ڇا روئان؟ اڄ سدائين جيان ڪجهه به ڪينهي. مان ڪجهه سوچيان پيو. پياري ياپي ٿي نه، آج مون وٽ گولڊ ليف لاءِ پئسا ڪينهن، چلم ناهي ڏي نه. الا ڳڙاڪو تماڪ جو جواب ناهي نه ته پوءِ آئون ڳالهه ڪندس جو پِتو سڙي ويندءِ."

"پاڻ نه ٿو ناهين، مون کي پتو ڇا، نڪ چپ ئي ڪينهن." هاڻي هن کي خبر آهي ته ياپيءَ تي ڪنهن ڳالهه جو اثر ئي ڪين ٿئي. پر پوءِ به هو چاهي ٿو، جيون ۾ ڪو رونشو هئڻ گهرجي، نه ته هي دوزخ جهڙو هچارو جيون ڪيئن گذرندو؟ پلا روئڻ سان ماڻهو ڪيترو جيئندو؟ نيڪ آهي، روئڻ ۽ سوچڻ سان ڇمار وڌندي آهي، پر هر گهڙيءَ جي روج راڙي ڪان ته هڪ پيرو ئي موت جي هڏڪي ڏيڻ سني آهي. هاڻي هو ٻهارو ڏيندڙ ياجائي کي بنهه ڏڪائي ڇڏڻ ٿو چاهي، ڏاڍو ميسٽو ٿي:

"ياپي."

"جي پائڙا."

"پانيان ٿو، توکي سڀ خبر آهي."

"نه ادا، پاڻ نه مئن گڏ نه جيئرن. خبرون وجي ڏوڙ ۾ پون. مان ته ٿي ويءَ تان به خبرون نه ٻڌان." ياپي بالٽي پاڻيءَ جي هاري وري شاپڙ شاپڙ ٻهارو هلائيندي ٿي رهي.

"قرآن پاپي، جي منهنجو ڪارو منهن آهي ته مڙسهين جا نيرا پير ٿئي."
"ها ادا، تون هاڻي تاريخ ۽ جاگرافي بيان ڪر. ڇا ٿيو آهي منهنجي مڙس کي؟"
"نور پٽاري، هوءَ پنهنجي پاڙي ۾ سياستدان عورت آهي نه، جيڪا ڏاڍي گمڀير ٿي هلندي آهي، جنهن جي ساڙهي سندس ڀرپور بدن تان ڦڙڪندي اڏندي هلندي آهي."
"ڪهڙي؟"
"اڙي ڀائي، مون کي نالا ڪونه اچن، توکي ته خبر آهي مون کي سياسي ماڻهو ڏٺي ڪونه وڻن. هڪ ئي عورت ته آهي جيڪا هيڏي وڏي سياستدان هئڻ ڪان پوءِ به سياستدان نه، ڪا وڏي مامتا ڀريل مهاراڻي لڳندي آهي."
"ها، سمجهي ويس. ڀلا ان کي ڇا ٿيو آهي؟" پاپيءَ جو ٻهارو ڪن لاءِ بيهي ٿو وڃي ۽ هوءَ ٻهاري جو منيو زور سان فرش ۾ نوڪيندي، ڏانهس نهاري وري ڳالهائي ٿي: "هڪ ئي ته عورت آهي سنڌ ۾! ادا، مان ته رڳو ٿي ويءَ تي ڏٺي آهي. ڇا شاندار عورت آهي! ان جي ڳالهه ته نه پيو ڪرين؟"
"پاپي، ڳالهه عورت جي نه، پائوءَ جي آهي."
"ڇا ان سان به وڃي وڙهيو ڇا؟" پاپي ڏکي ٿي وڃي ۽ هو هاسيڪار ٽڏو ساهه ٿو ڀري: "اڙي پاپي، آهين ڪٿي؟ اڄ ڪلهه ته سڄ ۽ چنڊ به سياسي انداز سان ٿولهي چڙهي."
"ڀائي، کلي ڳالهه ڪر. اڄ ڇا سياست جهڙو بيهودو موضوع ڪڍي وينو آهين!"
"او، نو پاپي. رومانس جي ڳالهه آهي."
"ادل ڇڏ ته ٻهاري ڪيان، سڄو گهر گندو ٿي ويو آهي." پاجائيءَ بيزاريءَ مان دهمان ٿي ٻڌيس ۽ هو ڪاوڙ ٿو ڪري: "توبهن.... جنهن مهل ڏس ته ٻهارو هٿ ۾. پاپي قرآن جو قسم، سڄي ڪالوني گندي ٿي رهي آهي. الا اڄ ته ثواب ڪٿ،سڄي ڪالونيءَ کي ٻهاري گهمائي ڇڏ. الله جو سنهن واهه جو نهندينءَ."
"تون ته ائين پيو چئين جڻ سڙڪن تي ٻهاري هلائڻ واريون عورتون ماڻهو نه هونديون آهن. اهي نهنديون ئي ڪينهن!"
"اڙي توبهن ڪر پاپي. مون کي انهن لاءِ ايتري ئي عزت آهي، جيتري پنهنجي لاءِ. مون ته تنهنجي ڀلائيءَ جي ڳالهه پئي ڪئي." هو ويتر ميسٽو ٿيندي، ڪتاب پٽي ٿو. جڻ هاڻ پاجائي سان ڳالهائڻ نٿو چاهي ۽ پاجائي جو ٻهاڙو شڙاپ شڙاپ هلندي وري بند ٿي وڃي ٿو.
"ڀائي ڀلائي ڪا پڇي ڪبي آهي ڇا؟ ڪر ڀلائي، ڪيتري ڀلائي ڪري سگهين ٿو؟"
"ڪي چوندس ته توکي اعتبار ئي نه ايندو." هو پاجائي کي ليکي نه ٿو.

"پائو ڇئه نه، منھنجو ڪن توڏي آهي. منھنجي ڪا اوھان تي هلندي! هڪ اڳيئي واندو وينو هو ته ٻئي مٿان نوڪري ڇڏي، منھنجو ڇا! ڪجهه آٽيندؤ ته بچائي ڏيندي سانو، نه ته آئون به اوھان سان."
"نوڪري ڇو ڇڏي اٿس، آئون سڀ سمجھان پيو. وڏو ڪيڏ پيو ڪيڏي."
"اچنس ته تاش جا پتا به مون وانگي ورھائڻ ڪين، پلا پوءِ اهڙو ڪھڙو لداٽو فتح ڪرڻو پيو اٿس!"
لداٽي جي ڳالھه تي هو ڳالھه مان ڳالھوڙو ناهڻ لاءِ ڪن ڪيتا تو ڪري. "پاپي قرآن، واھ جو ڪوڙو هنيو اٿئي. آئون به چوان ان عورت ۾ آهي ڇا؟ ايمان سان، مومل نه، سومل جا مجاز اٿس."
"وري اها وچ ۾ سومل ڪٿان ڦٽڪاٽ ڪري نڪري آهي؟ تون الائي ڪھڙيون بتال ڳالھيون پيو ڪرين!" پاپي بيزار ٿي وجي ٿي.
"پاپي، وايون بتال ٿي ويندئه. قرآن، تو واري انھيءَ ميسٽي مڙس وڏا گل ڪديا اٿئي. پر ڳالھه حق جي ڪبي، الا رڳو هڪڙي پيري ڏني ٿم. ڪنھن ايڪٽريس جي به منھنجي اکين ۾ ايتري شڪل چٽي نه آهي، جيتري انھيءَ عورت جي. مار پويس، عورت به راڄاڻ آهي......"
"عورت... عورت...... نالو به ڪٽي وئيندس."
"پاجائي، ڇيم نه نالو نه ٿو اچي. پائي اها ئي ٿي - ويءَ واري گمڀير عورت. ها، جمبوجيٽ، اهو ٿس نالو، ان تي عشق ٿيو اٿس."
"نه ادا، اهڙو آهي ئي ڪونه." پاپي کي اعتبار نه ٿو اچي. پاپي مرڪي ڏانھس نھاري ٿي:
"چو پلا، اڄ وري جھيڙو ڪرائيندين ڇا؟ ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪرندءِ."
"ها توکي اعتبار ڪيئن ايندو. تنھنجي جا هيڏي ساري مسڪا پاليسي تو ڪري! وڏو ميسٽو ٿئي. ايمان سان سائنٽيفڪلي هزار ڪن ته عورتن جي قسمن جي خبر اٿس. بس بازار مان هلندو ته سڀ نمونا ۽ آرپار ٻڌائيندو ويندو: هيءَ جمبو وومن آهي، هيءَ جيٽ آهي، هيءَ فوڪر آهي فور باءِ فائيو، هي بمباٽ ٿئي."
"اڙي ادا، ويچارو اهي چرچا ته ڪندو رهندو آهي. پلا جيون ۾ ٻي دلچسپي ڪھڙي رهي آهي؟" پاپي ٿڏو ساهه پري تي ۽ دهمان تي ڪريس: "ڏس، هي گاڏو برتنن جو مون کي هينئر ملڻو آهي. هاڻ منھنجو دماغ نه کاءُ."

"اري ياپي منهنجو چا! ٻن ڏينهن لاءِ آياسين، هليا وينداسين، پر خبر تئي ماڻهن کي تنهنجو تعارف ڪيئن ڪرائيندو آهي؟"

"ها خبر تم. ڪڪنگ مشين، روٽي پلانٽ، سوپر ليڊي، مس ڏوبي گهاٽ."

"سڀ ڪجهه خبر تئي، پوءِ به؟" هو ياپي کي چڙ ڏيارڻ لاءِ ڏاڍو ائڪٽ تو ڪري: "يلا ائين ناهي چا!؟"

ياپي ڏاڍي دکي ٿي وجي ٿي، روئڻ جهڙي. هو يوڳ ڪندي پاڻ به دکي ٿي وجي تو ۽ سوچي تو ڪهڙو نه ڪلجڳ اچي ويو آهي! اسين هڪ ٻئي سان رونشا تا ڪريون. هڪ ٻئي جا ڏک درد متائڻ لاءِ ۽ کلڻ بدران روئي تا پئون!! ۽ هو روئڻ جهڙو ٿي هڪدم اتي ٻاهر هليو تو وجي.

ڪينجهر - اڌورو ماڻهو

ڪينجهر ٻارهوئي ز اڻي ٻائيءَ جي زمين دوز قلعي جا پير ڏوئيو، اهو پاڻي پئي پيئندي آهي ۽ پئي لڇندي ۽ ڦٿڪات ڪندي آهي، ڇڻ اهو جيڪو اتهاس ۾ وهيو واپريو هو، سا ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي، جا ڪينجهر ڪان وسري ئي ڪونه ٿي. راڻي ٻائي، ڪينجهر جي ڪوٽ جي ڏياڻي، مهاراجا ڏاهر جي وڏ ور پين، جنهن وڏي بهادريءَ سان عرب ڪٽڪ سان وڏي لاڏ ڪوڏ سان جڏ ڪئي هئي، ڪڪ ۾ ڪان ڪاڏو هو ۽ ترار سان سس لٿائي هئي، ڀلا ڪينجهر ان راڄ راڻيءَ کي ڪيئن وساريندي؟..... اهي ڏينهن اهي شينهن ساريو ڪينجهر ٻارهوئي رت پئي روئندي آهي. ٽڏا ساهه، پورن مٽان پور، شوڪارا ۽ سيڙهاٽ ڇل ڇل.... ڪل ڪل ڪل.... آهه... هاءِ... هوءِ هوءِ.... ڇل ڇل..... ڪل .... ڪل ڪل ڇل ڇل....... سراپ.... ڇڙاپ...... ڇل ڇل.... (آڪاشن مان ايندڙ اگهور ازغيبي آواڪ آواز)
"جئي سينا! تون ڀل وڃي پنهنجي منصورا سنڀال. هيءُ ڪينجهر جو ڪوٽ هي آڏا ڪنگرا! تون ڇا وڙهي سگهندين جئي سينا، تون ديوتائن کي پرتو آهين، باقي آئون جاٽان ۽ عرب، عرب ڪٽي ڪٽي هي ڪوٽ ڪٽندا، تاج ۽ تخت ڪٽندا! هوڙهن ۽ ٻيڙن ۾ ڪينجهر پري ته ڪونه ڪٽي ويندا. هليو ونءَ جئي سينا، تنهنجي بات ناهي، هاڻ هتان هليو وڃ."
ڪل ڪل...... ڇل ڇل ڇل..... ڪل ڪل..... آهه..... ڇل ڇل.... ڪينجهر ان ڪاڪل راڻي ٻائي کي ساريو سدائين پئي هڄندي ۽ ٽڏا ساهه ڀريندي آهي ۽ هو - هو ان هڄندڙ لڇندڙ ڍنڍن جي راڻي ڪينجهر کي ڪو آٿت، ڪا مت، ڪا سامت نه ڏيئي سگهندو آهي. ڀلا ڪينجهر جي اندر ۾ ڪو هڪڙو زخم آهي! جنهن تي ڪنهن سهڻي شعر جو ڦاهو رکجي. آلوءِ..... هو ڀاڻ ته شاعر به ڪينهين جو چويس ته:
او ڪينجهر
توکي ڪڪوري ڪاڪ جو سوڳند،
توکي قسم آهي ڪارونجهر ۽ ڪيرٿر جي چوٽين جو،
توکي سنڌوءَ جي ٻلهڻين جو قسم،
قسم تئي ٽر ٻاجهريءَ جو هاڻ اهو روڄ بند ڪر،
بند ڪر هاڻ اهي سڏڪا،
ڪا ساموندي گجگوڙ ڪر،
تنهنجن انهن آهن ۽ دانهن ستل سنڌي سجاڳ ڪيا هئا،

ته سچ تنهنجي ڪک مان نڪتو هو،
الائي ڪهڙي پٽڪار آهي جو ماڻهن جي ذهنن ڪي جڻ ريچ لڳي ويو آهي.
ڪينجهر سان ڪچهريون ڪندي هن ڪي پاسي ٿو ته هو پاڻ اندران اجهامي پيو، اکين ۾ لڙڪ لڇنس پيا.
ڪينجهر جي ڪنڌين تي اچي هو سنڌوءَ جي اتهاس تي هڪ نهار ضرور وجهندو آهي. هيڏي ڪليل وشال جيئري جاڳندي ايامندي شبد شبد ڪينجهر ڪتاب ڏسي ڪوي پاراشر ۽ سندس پڙپوٽي وياس رشي جيان ڪيئي ڪوي آئيا، ڪينجهر ڪي پنهنجون سچيون ڪوڙيون ڪوتائون ٻڌائي هليا ويا، مور نه موٽي آئيا، ڪوڙا سامي، ڪوڙا سامين پنڌ، چينهون چينهون اطلس ڪوتائون. هوءِ هوءِ..... ووءِ.... ووءِ... من جو ڏيئو چئي وسامان ئي وسامان. ڪيئن ڪينجهر پرچايان. جيئن مها ڪوي ڪالي داس پنهنجي ديوتا جي چرڻن ۾ پرهه ڦٽي ويل گلن جي موڪا رکندو هو، تيئن هو پنهنجي ڪينجهر ديوي لاءِ اک ڦلڙين جا هار مڙهي آيو آهي، موڪا لاءِ.
او پوچ پاٽي سان ٽمٽار چولان چول ڪڪوري ڪينجهر.
او مانسرور، پوڏيسر، اينچلسر ۽ منچر جي سرتي،
او گوڙ ڏرو ۽ بارڻ جي راڻي، سنڌوءَ جي ڏياڻي، سنڌو ساگر جي ڌيءَ، پوڄاري جا هي پوڄارا گل اگهاءِ. ديا ڪر ديوي – مون سان ڳالهاءِ.
ڏاڍو هيڪل هان، ڏاڍو هيٺو هان، مون ته ڪري ڪاريداس واري ڪاري ڪپتي نندبه ڪانه هئي،
نه وري آئون ميگهه دوت يا شاهه جيان سر سارنگ جيهي رچنا مڙهي سگهندس.
چمار ڳري ويندي ڏيرج ڏي! او ديوي ڏيرج ڏي!
ائون اڄاڻ توهان ڏاران ٻيو ڪو سجاڻان ئي ڪين،
او ماڻهن پکين ۽ جانورن ڪي جئدان ڏيندڙ ديوي!
ٻاجهه ٻيلاڻي، ڪنهن ڪي سجاڻان ئي ڪونه، ٻاجهه ٻيلائي...
ڪل ڪل ڪل ...... چل چل چل چل .... چل.... ڪينجهر پنهنجي پورن ۾ چلندي ٿي رهي.
"او اتاؤلا! ان ڪان پهرين جو اتهاس جو ڪلاڏي توکي ڄام ستي جان ڳڙڪائي وجي، پير جهل. ماڻهو جي مري ته پوءِ ڄام آجو ۽ ڄام نندو ٿي مري جو ناگمتي جيهي ندي ۽ مها سنڌو ساگر به نازڪن ۽ مانهو جي مري ته وزير جيسي ۽ مهيرامڻ جيان مري جو جنگ جو ميدان "ڏول"

جو ڳاٽ سدا لاءِ اونچو ٿي وڃي. توکي وزير جيسي جي پٽ ناگڙي جي ڄاڻ آهي، جهورار ڄائو ناگڙو جنهن ڄام ستا جيءَ کي گار موٽائي ڏني هئي، جنهن سندس ماءُ کي جهوراڙ چيو هو، پوڙهي مينهن سمجهين پيو نه، نندني شهر ڄام ننگر سڏجڻ لڳو هو. هاءِ هاءِ ڄام آجي جي پساهن سان ماڻهو ڪيڏا نه آجا هئا. الوءِ الوءِ...... هوءِ هوءِ...... ڄام اجهو ڇا مئو، ناگڙو ڇا شهيد ٿيو ڄڻ گجرات کي گدڙ کائي ويو - مغلن جو گدڙ. جو هندستان مان سندن پيڙهه ئي پٽجي وئي. هوءِ هوءِ اها ناگڙي ماءُ جهوراڙ چوندي هئي:
اور رڪاهان راول
منهنجي سراڻ تان جي ترار تکي ڪرائيندين ته جنگ جي ميدان ۾ ڏاڍي ڏيا ۽ پروسي سان وڙهندين، ڪاٽيلي تيخ ني، پرونسي هو تو پؤهاري. سمجهين پيو نه، ڏس متان ڄام ستو ٿيين ۽ ڌورول جي ميدان ۾ لهڻ کان اڳ توکي ڳجهون کائي وڃن. توکي منهنجي هندورا هندورا ڇولين جو سوڳنڌ جي جنگ جي ميدان ۾ لهين ته راجا مهيرامڻ جيان پندرهن پٽن سان ميدان ۾ لهج. ميرامڻ تي وڙهج. آئون توکي راڻي ٻائي کان لکين پٽ پني ڏيندس، دولهه درياهه خان تي وڙهج.
"ديوي- پلا ان جهوراڙ وزيرانيءَ کي پنهنجو پٽ ملي ويو هو؟"
ها - وزيرياڻي کي ويهاريو سالن کان پوءِ سندس ٻار ناگڙو جنگ جي ميدان ڌورل ۾ مليو هو. هن پٽ کي پنهنجي ور ڄڏ اڳواڻ جيسي ۽ ڄام آجي سان مغلن جي لشڪر مٿن وڏيون هلائون ڪندي ڏٺو هو، هن ڄڏ جا اهڙا ته انگ پئي ڏيکاريا جو جهوراڙ کي مهايارت جي ڄڏ ئي وسري وئي، پانءَ ته ڪرشن مهاراج ڄڏ ۾ رٿ هڪلڻ بدران پاڻ پالا هٽي رهيو هو. اجا پاڻ سوايو، تڏهن جهوراڙ رڙ ڪئي هئي. او ڄام ستا، اهو ٿئي جهوراڙ ڄائو پاڏو پٽ، او ستاجي، پنهنجي گار هاڻ موٽائي وٺ. پاڄوڪڙ تون ڇا وڙهي سگهندين، اڃي ڏس جهوراڙ جو پٽ ڪيئن پيو وڙهي، سمجهين پيو نه اڄ ائون ڪينجهر ٻه ان وزيرياڻيءَ کي جهوراڙ چوندي من ۾ نباڻ خوشيون پئي محسوس ڪريان، پل پلان جو ڇيهه ٿي ويو، ڇا ڇا، ڪيهيون ڪيهيون ڏيئرون ڄڻندي آهي ڌرتي ماءَ، جو روح کي راهت اچي وڃي. ڇا ته اها عورت هئي ۽ ڇا سندس وياءَ ناگڙو، ووءِ ووءِ آهي ڏينهن، هوءِ هوءِ آهي شينهن ۽ شينهڻيون.
هوءَ هوءَ چل چل.... چل چل چل.... ڪل ڪل، چل..... آهه..... اتهاس! اتهاس جي وهڪ ۾ ماڻهو پاڻ وهي ويندو آهي.
پلا اتهاس ۾ وهڻ کان سواءِ ماڻهو ٻلواڻ ڪيئن ٿي سگهندو؟ ٻلاول، هوشو واري سگهه ڪٿان آنيندو، الائي تون ڪجهه سمجهين پيو ڪي نه.....

"ها ديوي! سڀ سمجهان پيو، پلا ٻڌاءِ سياڻ توکي ڪيها گل وڻندا؟"
"سيان.... موتيو مگرو به آندئي، گلاب ۽ چنبيلي جي ورڪا به ڪيئي، سورج مکي ۽ ڪيسو به لاتئي، واهه. سرنهن جي گلن لاءِ ڇا چئجي، ڪيها ڪيها گلال وڇائيي، جهوڪ ونو آهي، ڪرڙي جي ميدان مٿان مينهن وساڙڻ جيها نن‍ڍڙا نن‍ڍڙا رتوڙا گل چني آءُ. جڏهن راڻي ٻائي جا پير رتوڙڻ سان ڏوئيندس ته منهنجي لڇندڙ من کي ٺهمر ملي ويندو.
او حڪم جي پورائي لاءِ پرڻو سوئي.
"ٻڌ.... پورڙا، مٿان ڪا ڪوتاهي ڪرين، رتوڙا تازا آڻيج، سوپاري جي هڳاو وارا، مٿان ريساري ساڻي ڪاٽي راڻي ٻائي ڪاوڙجي نه پوي ۽ سندس هڪ پاراتي سان آئون هاڪڙي جيان سدا لاءِ نوٽ ۽ تون سدا لاءِ اڌورو رهجي وجين."

ريلوائي جا ڇورا

شام ويلا ۾ ڪامران وڏي ايسٽ سگنل ڪيبن جي اونچي گيلري تان بينو، پري اونچي وانچي ٻڙ جي جهور جهوني ٻڙ جي، ڪڪر جيهي سائي ڇت ۽ وڏيءَ وٽڪار جي اوڍر مان اڌوگابري ڏسڻ ۾ ايندڙ سنڌو مٿان اڏيل پراڻيءَ هنگاس، هيوي وهيڪل ٽريفڪ پل ۾ لڙات پريل نيٽن سان نهاري. پل، جيڪا وٽن جي اوڍر مان جيتري ڏسڻ ۾ اچيس پئي، ڏاڍن اباڻڪن نيٽن سان پل ۾ گهور اگهور نهاريندو ٿو وڃي. وڏي وڏي لوهي پل، جيڪا سپنن جي ڪوٽ ڪڙن ۽ منارن جي برجن ڪان به وڌ حسناڪ لڳندي اٿس. جهڙو پندرهن سورهن سالن جو ڪوئي مهاتما. م ياڻ رونئي پيو، م ياڻ ڪلي پيو. الائي ڪيهن واسامن ۾ ڪوئجندو، الوپ ٿيندو، اسرت نهاريندو ٿو وڃي. بس رڳو ڏسي پيو وڏيءَ مونجهار مان. ٽيليفون ڪال تي سگنلز ڊائون پيا ٿين، سگنلز آپ پيا ٿين. ميل ٽرينز، پئسينجر، گڊس ٽرينز اچن پيون، وڃن پيو. اسٽيم انجڻيون ويگنز شنٽ پيو ڪن ۽ ٻيون آهن ذهن ۾ هڪڙيون مرندڙ ۽ ٻيون نيون ڪڙڪيو سمائجندڙ ۽ سرندڙ سرجندڙ ڇاهنائون. ذهن جون ڳڙڪيون ڪلن ٿيون، بند ٿي وڃن ٿيون.

آئون اگزيڪٽ ساڍي پنجين وڳي پهچي ويندس. مائٽن ڪان سڄي رات لاءِ موڪلائي. ڏس نه، هڪ ئي وقت به شاندار فلمون لڳيون آهن. آءِ وانٽ يو لو ۽ آءِ ول ڪراءِ ٽومارو!.... جي وڃڙي ئي وڃڻو آهي ته پوءِ يادن لاءِ ڪا سٺي فلم ڏسي چو نه وڃڙون. اهڙي ته ڪا پابندي ڪانهين. ائين ئي ڪٽي سمجهنداسين، اسان جي پيڙائن ۾ سوزن هيورڊ ۽ ري ڊون ٽن به شامل هوندا. ها ڪر نه.... او - ڪي..... او - ڪي....."

۽ هو اوسيئڙي ۾ آهي. اجا پنج لڳي ست اٺ منٽ مس ٿيا آهن، پر هن کي آدجگاد ڪان ڪل آهي ته نرگس جيئن چوندي آهي، تيئن ئي ٿيندو آهي. هاڻي هو وڏيءَ مونجهار ۾ آهي ته نرگس سان سندس ڪهڙو سنبنڌ آهي؟ هڪ مهاجر ڇوڪري سان؟ هو هاءِ اسڪول لائيف جي پنجن ڇهن سالن تي لڳاتار نهار تو ڦهلائي ۽ پاسيس ٿو، سندس جيون جي ڪن ڪن تي نرگس ڇانئين پئي آهي. نرگس، جنهن کي پيار مان نرڪيسيس چوندو آهي. هر ڪن، پاسيس ٿو، هر دشا ڪان لوهي ڇار وڇايل آهن ۽ هو ان ۾ ٽريپ آهي، ٻڌل آهي من جو پينڊولم ڏڪ ڏڪ ڏڪ، جڻ دور لڙاٽ ۾ ٻوڙو ٿيندو، ٻڏندو ٿو وڃيس. ڇرڪ ئي ڇرڪ - رکي رکي ڇرڪ، ڊيها. يادن جا سياڻا. نرگس جي ساري ڇرپر اکين آڏو ڦرٽي جيان ٿي ڦريس. (۽ ذهن جو ڪينواس ڄڻ سيونٽي سيون ايم ايم جو اسڪرين بڻجيو وڃي)

نرگس ڪيڪ پيس وات ۾ دٻائي، جنجر جو ڊڪ پري ٿي ۽ ڪتاڻ کان هڪ اک رونجهي ڪري ٿي چڙي.
ڪن وچن ٿا:
"امي، تنهنجا به ته ياٽيج يائٽيا آهن. هي ڏس منهنجو بواءِ فريند. اي وليج بواءِ." دور پولار جي الائي ڪهڙي دشا کان جڻ مڌ پريل آواز جو پڙالو پڙالجندو ٿو اچي.
۽ اکين آڏو هڪ پاڇو:
.... مرڪ جي ڪتي پڇاڙي ڪانهين. مرڪ، جيڪا آنهريءَ جيان اندر جي محلاتن ۾ بند هوندي آهي ۽ وڏي لڙاٽ سان نروار ٿيندي آهي. بادلن جيهي لڙاٽ سان. درياهه ۾ ٻيلهه ونجهه هٽندي، سهڪي سان، آرهن جا آيامڻ ۽ اقامڻ ۽ مکڙن تي پاٽيءَ جي چاٽ، چٽ چٽان:
"هائي - ڪتنا اچها پين هي، مين لي لون..... لي لون نا؟" آواز ۾ الائي ڪيڏا چاڳ پريل آهن.
لڙڪ - وڏي وڏي پل کي ڏنڌلائي، ڳلن تان ڳڙي ٿا وڃن.
اچانڪ هن جي اندر ۾ پيڙائون جڻ پار ٿيون ڪين:
هان - ڇا جيئدان لاءِ، مون ٻڌنڌڙ ماڻهوءَ جيان نرگس ۾ جهٽ نه هنيو هو؟!...... هاٽي هيءَ ٽرانسفر به هاٽي ٿيٽي هئي؟.... جڏهن ڇئن پنجن سالن جي جاڪوڙ کان پوءِ ماڻهو هڪ ٻئي کي نوڪي وڃائي هڪ ٻئي ۾ سموئجي ويندو آهي!.... !......
اچانڪ ڏبڙاٽ.
جو مڙي چاچي وساڻ جي گجگوڙ ٻڌي، عرفان ۾ نهاري ٿو. سگنل ليورز جي رنگين قطار پنيان عرفان وڏي لوهي ڪڙڪيءَ سان ٽڪرائجي ڦهڪو ڪيو آهي:
"اڙي ڪتيءَ جا پٽ، سگنل ليور ائين ڇڪبو آهي؟" چاچو وساڻ پوري طاقت سان ڪانٽو ڇڪي، سگنل ڊائون ڪري، سدائينءَ جيان وري وڏي واڪ ٻڙ ٻڙ ٿو ڪري:
"هي سوئر والٽن ڪاليج ويندو، جنڪشن اسٽيشن جي چارج سنڀاليندو. اڙي ڪو ٽڪ به ڪونه هٽندءِ. هي وڏي ڦيٽي جو زمانو آهي." چاچو وساڻ ڪڙڪا ڪندو، ڏاڪٽين وڏيءَ ڪڙڪي هينان وڃايل اچي ڪاريءَ چوڪڙيءَ پريل رلهيءَ ۽ پرت پريل وهاٽي تي وري اچي ڪنس مان ٿو ليٽي ۽ خارن مان ڪنڌ کي ڏوڻ ڏئي. ڳارهين ڳاڙهين اکين تي عينڪ چاڙهي وري اخبار پڙهڻ ٿو لڳي ۽ عرفان ڪسٽن مان ڪامران ڏانهن اچي ٿو.
"يار، هن تو واري پوڙهي جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. ڇا ٿيو جي هڪ سٽ سان سگنل ڊائون نه ٿيو؟ يار منهنجي وات ۾ ڪتاب هو. پوءِ وري چو تو پڙهي ڪونه ٿو. هاڻ پڇينس، مون

ڪي ڪو ڪانٽي وارو ٽيڻو آهي. هڪ ته هن پوڙهي جي ماني ڪٽي اچون، ليور ڇڪيون، لوهن سان مٿا ڏيون، وري به ڏس ته سدائين عزرائيل واري ڪانڊر ڪريو بيٺو آهي."
عرفان وات مان چڙائجي ويل "ڊريگون بُڪ آف ورس" ڪيبن جي ڪاناهين فرش تان ڪٽي ٿو ۽ خارن مان ڪال بيل ڏانهن وڌي ٿو، جيڪا جلترنگ جيان وجي ٿي پوي.
"ها چاچا، عرفان پيو ڳالهايان. ليٽيو پيو آهي. ڇا؟.. نارٿ يارڊ، ڊائون ٽرين. لائين نمبر سيون. گڊس ٽرين - او ڪي سر." عرفان سيني نارٿ يارڊ ۾ شنٽ ڪندڙ گاڏين جا سگنل بلاڪ ڪري، لائن نمبر سيون جو ڪانٽو وڏي ڏوڻ سان ڊائون ڪري ٿو ڇڏي ۽ وري ڏاڍين باهين مان ڪامران ڏانهن ٿو اچي:
"ڪلاڪ ٿيو آهي، ڏوڪڙن لاءِ ڇيو ٿمانس ته ٽيئڙ چڙهي ويو اٿس. يار ايمانداريءَ سان ٻڌاءِ، "آءِ ول ڪراءِ ٽومارو" جهڙيون فلمون روز روز لڳنديون آهن ڇا؟" عرفان ڏاڍيان ڇيرن مان ٿو ڇوي ۽ ڪامران منهن ٺاريو، ٻڌندو ٿو رهي، جڻ هڪڙي ڪن ڪان ٻڌي ٻئي ڪان ڪڍي ڇڏيندو آهي. عرفان اسٽول تي ويهي، ڄنگهون ڦاسائيندي، ڪستن مان وري ٿو واقي جيئن سدائين پر پٺ گلا ڪندو آهي.
"ڏسجان - هاڻ هي پوڙو منهنجي چيڪنگ ڪندئي. سڀ ڪانٽا ۽ ليور چيڪ ڪندو. عينڪ اکين تي نوڪي، ٻاهر پري پري نهاريندو ته سگنل به اپ ۽ ڊائون ٿيا يا نه! جڏهن ڏس، ڪڙاري شيطان وانگي اکيون پوريو، ڪن ڪال بيل ڏانهن دٻايو ويٺو هوندو آهي. يار اجا هنن ماڻهن کي اسان ماڻهن مٿان اعتبار ئي ڪونهين؟..."
"آفٽر آل هي از اي ريسپانسيبل مين."
"آنگوٺي جو مٿو مين. پڙوا تون به انهيءَ پوڙهي جي طرفداري ڪندين. اڙي ڪو ماڻهو جو يار آهي ڇا؟" عرفان اجا واقي واقي، سچي به چاچو وساڻ، اگهاڙين پنين، ڳري ستڻ جا ور مٿي ڪٽندو ڪيبن ۾ جڻ شيل ٿو ڪري ۽ شهپر کي تاؤ ڏيندو، مٿان اچي ٿو ٻيهي:
"چو ڙي رنڙي پٽ، آئون پوڙهو آهيان."
"اڙي... ڇو!..... پوڙهو نه ته ڪو جواڻ آهين! رڳو مون کي ۽ امان کي مارڻ لاءِ جواڻ آهين، ٻيو تو ۾ آهي ڇا......." ٻيو تون هينئر کهڙي ادائي مٽن جي پڄري وجي ڪٽندين؟"
اچانڪ چاچي وساڻ جي ٻلهاڙي واريءَ ترىءَ سان عرفان جا ٻئي پير نڪري وڃن ٿا. هو ڪيبن جي لوهي ڏاڪڻ ۾ هٿ ڦاسائڻ جي ڪوشش ۾ هيٺ لڙڪندو ٿو وڃي ۽ چاچو وساڻ اجا وڏي رڙ ٿو ڪري:

"اڙي پيجري ڇا، آئون انهيءَ اداڻي مٽين ماڻهين سان گڏ توکي به هڪ ٽنگ تي شنٽ آئوٽ ڪري سگهان ٿو، سمجهين."

"يار - تون ته ڪو وڏو ماءُ جو ...... آهين. ائين ڏڪو ڏبو آهي." ڏاڪڻ جي هيٺين ڇيڙي تان عرفان ڏک پچائي، وڏي ڪروڌ مان دادش ٿو ڪري.

"ها پٽ، اينهين."

"اينهين." ڇبرا ٿو ونيس. "هاڻ آنگونو ٿئي ڪم ڪان ۾ ها، اهو به ٻڌي ڇڏ، اڄ جي مون کي فلم لاءِ پئسا نه مليا ته پوءِ اڄ جوڻهين اسپتال ڪڇي ويندءِ."

"ٻوٽ، ڏاڏهن به ٿي انگريزي فلمون ڏنيون."

"پر هي ماڻهو ته فلمون ڏسڻ لاءِ پئدا ٿيو آهي. ڏسان ته اڄ مون کي پئسا ڪيئن نٿا ملن؟ انهيءَ پوڙهيءَ جي نٿ نه گروي رکي اڇان." عرفان ڪروڌ مان ڪتاب ۾ ڪاغذ ڪٽي هيٺ ٿو لهي.

"اڙي ڪو ڪئپٽن مارويل جا پٽ، جي منهنجي رن تي آنگر به ڪنئين اٿئي ته پوءِ پٽ مون کي به سڄاڻين ٿو."

"ها، تون ته وڏو سپر مين جو پٽ آهين." عرفان تڪڙو ريلون ۾ گاڏا ڪراز ڪندو، هليو ٿو وڃي ۾ ڪامران لاڏڪي پٽ ۾ پيءُ جو جهيڙو ڏسي، مرکي ٿو پوي. جيئن جو جهيڙو. جهيڙو، جنهن مان پيار پالوتجندو آهي. اهو جهيڙو هن لاءِ ڪا نئين ڳالهه ڪانهين. هن لاءِ نئين رڳو هڪ ڳالهه آهي. نرگس جي پيءَ جي ٽرانسفر ۾ هو ريلوي گيٽ ڪان روشن آنٽيءَ سان ايندڙ نرگس کي ڏسي ٿو وني، جيڪي هوريان هوريان آيون پئي.

آنٽيءَ جي ڪڇ ۾ پروين بيبي آهي، ٻن سالن جي ۾ پل ۾ ريل گاڏيءَ جو گجگاهه وڏنڌو ٿو وڃي.

۾ سائي ڪڪر جيهي ڇت مان اسٽيم انجڻ گلٽ ۾ پيٽلاهن جنسان سان، ڪاري اپڇرا جيئن پل مان جن دهلن دمامن سان ناچ ڪارن سان وٺ ڪائيندي تي اڇي ۾ ان سان گڏ ئي ٽيليفون جي گهنٽي وڃي ٿي.

"چڱو چاچا، آئون هلان ٿو."

"چڱو ماشاءَ الله." چاچو وساڻ اخبار ڇڏي، ٽيليفون ٿو سنڀالي ۾ هو لوهي ڏاڪڻ تان لهي، نرگس ۾ پاريسياڻي آنٽي روشن ڏانهن وڌي ٿو.

"هون - ڇا ڳالهائيندا سين....!" ڪامران جو ذهن سوچيندو ۾ قدم هلندا ٿا وڃن. وساڻل وساڻل پير سان.

"..... ....!" (ماڻهو ڄڻ گونگو آهي)
"..... ....!" (ماڻهو ڄڻ ٻوڙو آهي)
"توبهن..... ڪجهه چوڻ اکڻ جي سگهه به ته ڪانهي. نيڪ آهي، اڄ رڳو نرگس کي ٻڌندو رهندس... هان - يلا اهو سڀ ائين ئي ٿيڻو هو؟ ان جي ته مون کي خبر ئي ڪانه هئي. هاڻ خبر پئي ته هي هيڏيون وڏيون پليون ڇا لاءِ ناهيون ويون آهن..... ڇو؟"
(ذهن ٻوڙو - ذهن گونگو، ذهن انڌو ڪوڙهيوؤ هاڻي هو چرچ روڊ جي وڻن جي قطار وٽ آمهان سامهان اچي ٿيا آهن.
"آنٽي، ڪيئن آهين؟"
"نيڪ آهيان، تون ٻڌاءِ، خوش آهين نه؟ هونئن ته وڏ ۾ وڏ اوهان کي جيءَ ۾ جائي ڏئي سگهيس ٿي، ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهان؟" آنٽي سندس منهن ڏسيو پاڻ سوال ٻڌجي ٿي وجي.
"ڪيڏانهن هلون؟"
"سوري، فلم جي چوٽي ڪانه ملي. سڄو سامان ٻڌڻو آهي."
"ڇا چرچ هلون؟ حضرت عيسيٰ ۽ بيبي مريم ڏسي من کي ناپر ملي ويندي آهي."
"مون کي ته تپ آهي. مان ٻران پيو." ٽئي سامهين لوڪ کان پاسيرا ٿيڻ لاءِ، ريلوي پارڪ ۾ هليا تا وڃن، گهاٽن وڻن ڏانهن.
"الاهين تپ ٿئي." نرگس هٿ ڳنا تي ڏسيس.
"تون ته باھ جيان ٻرين پيو." اچانڪ ٻن گاڏن جي زورائتي ٽڪراؤ تي ٻئي ڏجي گاڏن ڏانهن نهارين ٿا. ٻئي گاڏا ٽڪرائجي ڪپل تي وڃن ٿا.
"ڇا ڪريون؟" نرگس رڳو هن ۾ نهاريندي تي رهي.
(۽ ڪرڻ لاءِ ٻنهين کي نيڻن ۾ ماتار کان سواءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه)
"روئين ٿي.....؟"
"نه ته، ائين ئي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا آهن." نرگس روئي ٿي.
ڪرسچن ڪالوني اچي آنٽيءَ کي ساهيڙيون ورائي ٿيون وڃن ۽ هو ٻئي سڄي سڄي چرچ ۾ اچي، هڪ بئنچ تي ويهي ٿا وڃن. جيئن اسڪول ۾ وهندا آهن. ٻنهين کان ڄڻ ڳالهائڻ جي شڪتي ڇني وئي آهي.
"صبوح جو ٽرين تي چڙهڻ ايندين؟"
"نه."
"ڇو!؟"

"چيم نه، ڪونه ايندس." رڪو رڙندڙ آواز.

"تون ته ائين ٿو ڳالهائين جڻ ٽرانسفر جا آرڊر ئي مون ڪڍيا هجن." هوءَ روئي ٽي، روئندي ٿي وجي.

"هي چا سڏ سڏ لاتي اٿئي."

"هڪ ڏينهن ائين ٿيڻو هو. مون کي اڳي ئي خبر هئي."

"پلا هڪڙو وعدو ڪر." ڇوڪري وري واڪو ٿي ڪري.

"ڇئه."

"خط لکندو رهندين؟ ها نه؟"

"نه."

"ڇو... ڇو......؟"

"توکي خبر ناهي، آئون ٽيليفون ۾ خط لکڻ کان الرجڪ آهيان. مون کي نه ڊائل ڦيرائڻ ايندو آهي نه خط لکڻ.

"نه، اهو ڪوڙ آهي. تون ڪو واسطو ئي نٿو رکڻ گهرين. سچ ٻڌاءِ، ائين آهي نه؟...." سڏڪ سڏڪان.

سنگ مرمر جي بيبي مريم به جڻ روئي ٿي پوي.

سنگ مرمر جو حضرت عيسيٰ به جڻ ڪنڌ لاڙي ٿو ڇڏي. ٻاهر - ٻاهر اسٽيم انجڻ هوائي جهاز جهڙي آواز سان ٻاڦ ٿي خارج ڪري. چرچ ۾ دونهون پرجندو ٿو وڃي.

"ڳالهائين ڇو نٿو؟"

"........."

"ته پوءِ هيئن ڪر، هي پنهنجي منڊي ۽ فوٽو موٽائي وٺ." نرگس هڪ لفافي سان گڏ منڊي به وڌائي ٿي. هو چپ چپات گيدي ۾ رکي ٿو ڇڏي.

"نه، تون ڪاوڙيل آهين. جڻ سڄو ڏوهه منهنجو آهي. ڪيڏي بيشرميءَ سان گيدي ۾ وڌا اٿئي، مون کي موٽائي ڏي."

ڇوڪري ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي روئي ٿي ۽ ڏڪندي وري ٿي ايلاز ڪريس:

"موٽائي ڏي نه منهنجيون تصويرون ۽ منڊي مون کي."

"نه."

"ڇو؟!"

"چيم نه ڪونه ڏيندس."

"ڇو؟"
ان لاءِ ته هيءَ منڍي ۽ فوٽو تو لاءِ عذاب به ٿي وڃن. هي سدائين ماڻهن جي اکين ۾ اڙندا."
"تون جهنگلي آهين."
"ڇا تون مون کي هٿ سان سلهه نه پيو ڏين؟"
"نه، مان تو مٿان ساهه ڏيندو آهيان. مان ته شايد جيئرو ئي ان لاءِ آهيان ته تون آهين. ٻيو پلا هن پرٿويءَ تي آهي ڇا!" هو لڙڪ پي ٿو وڃي.
"پلا فلمون ته روز ڏسندين نه؟"
"ها ها، جڏهن به سني فلم ڏسندس، توکي ياد ڪندس." هو هانءَ ڏڍ ڏئيس ٿو.
نرگس گهٽ ٿي محسوس ڪري. اچانڪ ڇال ڏئي، دانهون ڏيئيندي، چرچ جي وڏي در ڏانهن ڊوڙي ٿي، نڪري وڃڻ لاءِ ۽ ٻاهر اسٽيم انجڻ جي ٻاڦ، منڍي ڪڪريءَ جيان آڪاس ۾ ڊوڙندي ٿي وڃي.
هاڻي تئي وساڻا هلندا تا وڃن.
"اوهان ٻنهين ڇا ڊسائيڊ ڪيو؟" آنٽي پڻ پڻ ڪري ٿي.
(هن پر ڪان به مانار، هن پر ڪان به مانار)
"نيٺ ٿيو ڇا آهي! هر ڪوئي جيون ۾ پيار ڪري ٿو. وڇوڙي ڪڏهن به مون کي ڏهڪايو نه آهي. وڇوڙي کي پنهنجو مزو آهي. ساٿي ته ملندا تا رهن، روز نوان نوان ساٿي! ڇا اوهين ٻئي منهنجا بهترين ساٿي نه آهيو." الائي ڪو ٻڌي ٿو يا نه، آنٽي هانئيارو ڇنڊيو ڇڏي، وڏي شوڪاري سان، ڪامران ٻيهي ٿو وڃي.
"ڇو.....؟" نرگس کي وري ڇرڪ ٿا پون.
"مان اتان ئي موٽ ٿو ڪاوان. مون کي گهر وڃڻ گهرجي....... هان.... نه فلم ۾. ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن مون کي وڃڻ گهرجي"
"ڇا مميءَ سان نه ملندين. ڇيائين ونيو اڇجانس."
"نه."
"ڇو؟"
"الائي- من نٿو ڇوي. ڊسڪنيڪٽ ٿيڻ سان، ماڻهو وڏي شاڪ کان مڪت ٿي ويندو آهي."
ڪامران ريلوي گيٽ جي اورئين در تي ٻيهي ٿو وڃي ۽ نرگس گيٽ جو چڪرو ڦيرائيندي، وٽ ڪائي آنٽي پنيان گيٽ جي هن پر ٿيو وڃي.
"ڇا اتان ئي الوداع ڪريون؟" نرگس لڙڪ ڏٻايو ٿي وڃي.

"ها."

"خدا حافظ."

"گڊ باءِ." هو نرگس ۽ آنٽيءَ کي گيٽ ڪراس ڪندو ڏسندو ٿو رهي. گيدن ۾ ساڳئي نماڻي انداز سان هٿ وجهيو، ويندڙ نرگس ۾ حسرت سان نهاريندو ٿو رهي ۽ وڏي گجگاهه سان اليڪٽرڪ انجڻ، پئسنجر ٽرين کي اڏايو ڪنيو ٿي وڃي ۽ ڪامران پوري طاقت سان گيٽ جي ڪراز چڪري کي سٽ ڏئي، موٽ ٿو ڪائي ۽ چڪرو ڦرندو ٿو رهي.

پوئين پهر جو آواز

وڏي وڏي فجر ويل هو اٿيو آهي. تارا هڪ هڪ ٿي آڪاس ۾ ڏيما ٿيندا تا وڃن ۽ هو هلندو ٿو وڃي. پهاڙي پيچرو ونيو، دور، الائي ڪيڏانهن هلندو ٿو وڃي، جيئن پاڳلن جو ڪوئي نام نڪاڻو نه هوندو آهي. بس پنهنجي وات ونيو پيا ويندا آهن ۽ پکي به آکيرن ۾ اجا ننڊ ۾ الوٽ آهن. هن کي خبر آهي، پهرين پکي ۽ سپون جاڳندا، ڏاڍي چرچر ڪندا. هن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته اونچي اونچي پهاڙيءَ جي چوٽيءَ ڪان ويهي پهرين ڏوڙ ڏئيءَ ۽ پوءِ پرهه جا رنگ ڏسجن يا نئين اڏجنڊڙ اونچيءَ اونچيءَ بلڊنگ جي ڇت مٿان ٻيهي هوا وٽن ۾ ڦاسي، ٿڌا ساهه پئي پري. هو وٽن جي آواز تي غور ڪري ٿو.

"اسين سڀ ان آڪسيجن تي ٽڳو تا. ائين ٿو ڀاسي ڄڻ رات ماڪ جا ڳوڙها ڳاريندي روئندي پئي وڃي، ٿڌا ساهه ۽ سڏڪا ڀريندي ٿي وڃي." هو چوڏس نهار ڦهلائي ٿو. وايو منڊل ۾ دور دور، نيڻ نهار تائين دور بلبن جون روشنيون، لائيٽز، ٽريفڪ پل جون روشنيون چوڏس شهر ۾ واهڻ جون. باقي چوڌر رات جي ڪاري رئي آهي، جنهن ۾ روشنين ڪان سواءِ ڪا شيءِ ڪانه ٿي نظر اچي. سرڳدام ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ تارا به سانوڻ جي گهنگهور گهٽائن ۾ ڊڪجندا تا وڃن. آڪاس انڌو آهي. رات جي انڌوڪار ڪان به وڌيڪ اونهو ۽ هلندي، الائي ڪٿان ڪوئي آواز گونجي ٿو:

"ٻڌين چو نه ٿو؟"

"چئه....." دکي ٻڏل آواز.

"هل نه، اڄ انهن انڌن پولارن ۾ گم ٿي وڃون. سچ هاڻ سنو نٿو ٿئي. توکي ڏسڻ ڪان پوءِ ڌرتيءَ تي رهڻ لاءِ دل نٿي چوي."

"چو؟ مون کي ته اڏرن لاءِ کنڀڙاٿيون کنپ ڪينهي. اسين ڌرتيءَ ۾ رڳو پورجي سگهون تا. پولارن م اڏري نٽا سگهون. مان – مان توکي دوکي ۾ رکڻ نه ٿو چاهيان."

"منهنجا نيڻ ڪڏهن دوکو نه کائيندا آهن. هاڻ ته ٿڪي چور ٿي پيا آهيون. باءِ ڳاڊ، تون جتي چوندين، جهڙن پولارن ۾ چوندين، آئون پنهنجي ڪامڻ سان توکي اوڏانهن اڏائي ويندس."

"ساري. چيم نه، مون کي ڪنهن جو انتظار آهي. ڀٽن ۾ پورجي وڃڻ تائين جو انتظار." هو اونهون وڏو ساهه پري هلندو ٿو وڃي.

ڪيرٿر کان تيز ايندڙ، انهي جي هوائن جا جهوٽا، وڻ وڻ ڏوڙيندا ٿا وڃن ۽ ڏور سپر هاءِ وي تان سٺ ستر ميلن جي رفتار سان روشنيون ڊوڙنديون ٿيون وڃن، مشيني آواز پريل، ٻاڙهيون، سائيون ۽ سورج ونسي روشنيون.

"ٻڌ."

"هون....."

"تون پنهنجو پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو؟"

"ڪجهه به نه."

"نه تنهنجي اندر ۾ ڪجهه آهي."

"مان بلائينڊ انڊر گرائونڊ وائيلڊ لائيف فيملي جو ماڻهو آهيان. مان ڪيڙن ماڪوڙن جيان پنهنجو اندر ڳوليندو آهيان."

"نه نه - تون ڪوڙو آهين. تنهنجي سڄي ولوڙ مون لاءِ آهي. ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ. تون مون کي ڪڏهن به ماڻي نه سگهندين. جي ائين ٿيو به ته ان ڏينهن مان زهر کائي ڇڏيندس. سمجهئين، آئون وڏي زن طلاق عورت آهيان."

"تون اجايو پان کي گاريون پئي ڏين. مان - مون کي خبر آهي تون شاندار عورت آهين."

"تڏهن منهنجو پيڇو ڪندو آهين!"

"پيڇو!.... مون ته ڪڏهن سڄيءَ ڄمار ۾ ڪا چاهنا ئي نه ڪئي آهي. ان معاملي ۾ آئون پڪو بڏسٺ نه، ٻڌ آهيان......"

"ڪوڙ... اهو ڪوڙ آهي. تنهنجي نيڻن ۾ ته موهه ئي موهه آهي!"

"موهه؟ ڇا اهو ڏوهه آهي؟ پوري پرٿوي پولار پاتار موهه ئي موهه آهن - پوءِ؟"

"پوءِ تون هٿ ڏوئي منهنجي پنيان ڇو لڳو آهين؟ ماڻهو آنگريون ٽا ڪٽن. مون کي سڄي انسان ذات کان نفرت آهي، ڌڪار آهي."

"ڌڪار ته مون کي به آهي، پر پيار پريل."

"وري پيار! تون نيچ آهين."

"ناهيان ڇا..... پر هڪڙي ڳالهه ٻڌي ڇڏ. ڪوئي ڪنهن جو پيڇو ڪونه ٿو ڪري. اهو سڀ تنهنجو وهم آهي. اسين سڀ پنهنجي پنهنجي وات وٺيو پيا وڃون." هو هلندي، هڪ وڏي پهڻ سان آٽڙي، پاڻ سنڀالي ٿو. من چويس ٿو اتي ئي، ان پڙ تي ڊهي پوي. سدا لاءِ اهو پهڻ سيرانديءَ ڪري سمهي پوي. هو دور پوئتي ڇڏي آيل گهرونديءَ جي روشنين ڏانهن مڙي نهاري ٿو ۽ وري چوڌر وارو منڊل ۾ اولهه کان بادل ڪڄن پيا ۽ اوپر ۾ ڪاري رئيءَ مٿان

ڏوڙ ڏئيءَ جو ڏنڌلو دودرو سرجڻ لڳو آهي. پره ڦٽڻ لاءِ وايو منڊل ۾ ڪڪڙن جي ٻانگ جي آوازن جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ پيو اچي. ايڪڙ ٻيڪڙ جاڳرتا جا آواز ۽ هو هلندو ٿو وڃي، ماڪ پريل هوائن ۾ ولوڙجندو.

"پلا هي جيون آهي ڇا؟...." هو ڄڻ پنهنجو پاڻ سان سوال ٿو ڪري.

"....... الائي ڇا آهي!" ۽ هوا سرنهن جي وڻن جي اڪٽ قطارن ۾ ڦاسي ڄڻ ڦٿڪات ڪري لام لام کي ٻڪئين پئجي وئي آهي.

"سون..... آهه..." هو اونهون ساهه پري، سرنهن جي هڪ وڻ کي ٽيڪو ڏئي ببهي ٿو وڃي، ڄڻ کوئجي ٿو وڃي، آدجگاد جي يادن ۾.

"اي......."

"آئون ڇوان ٿي آهي ڇا؟"

"سچ جي تون نه هجين ها ته ڪجهه به نه هجي ها. الا - ڪڏهن تنهنجي گهٽيءَ ۾ مئو پيو هوندس."

"وڃي جهنم جي تري ۾ پئه."

"هيءَ دنيا جهنم کان گهٽ آهي ڇا!"

"نيٺ پلا آهي ڇا؟ ڇا وڃايو ٿئي؟"

"الائي ڇا ڇا وڃايو اٿم. الا - ائين ٿو ڀاسي ڄڻ چوراسي لک جيوٽين جي ڦيري مان نڪري آيو آهيان."

"اونهن..... مون کي ته لڳي ٿو تار مڪان مان نڪري ويو آهين."

"جيئن سمجهه....."

"نه، ايڏي ابهرائي نيڪ ڪانهي. جيوٽين جي جنجار مان نڪري ويو آهين ته پوءِ مون غريب جو پيڇو ڇو؟"

"تون رڳو ٿورڙو مرڪي پئه، هليو ويندس."

"ڪيڏانهن ويندين - هان - ڪيڏانهن؟"

"مرين ڇو ٿي؟ پنهنجي گهر هليو ويندس. مان دنيا تياڳڻ جي سخت خلاف آهيان. ٿورڙو مرڪي پئه نه، باءِ گاڊ آءِ ايم ناٽ ڪريزي فار اي سنگل ڪس."

"تون پاڳل آهين." هوءَ مرڪڻ کان سواءِ هلي ٿي وڃي.

(اونهون ساهه)

ٽڪ...... ٽڪ...... ٽڪ...... ٽڪ...... هو چپ چاپ ڏوڙ ڏئي جي پيٽ ۾ هلندو ٿو رهي. مٿي نيپ ۾ مان سون هوائن جا گهيرٽ آهن. هن جو مٿو پيو ڦري، هن کي خبر ڪانه ٿي پوي.
ڪڪڙو ..... ڪو.... ڪڪڙو – ڪو.......
ڪي ڪٽ ڪيڙوڪٽ .... ڪي ڪي ڪي ڪٽ......
ٽي ..... ٽي .... ٽي ..... ٽ .... ي ...... ۽ پرندن جي آوازن سان گڏ دور پولارن ۾ هيڪل ٽيٽيهر ٻاڪاريندو ٿو وڃي.
"رينگ رينگ ڊيز ائنڊ مڊ نائيٽ ڪلو،
رينگ ڊيز.... ڪلو.... مڊ نائيٽ ڪلو...." هو محسوس ڪري ٿو ته ڪو هيڪل هپي دور ڪٿان جهونگاريندو پيو وڃي.
واٽ از هپي ازم؟ هن جي ذهن ۾ هڪ اجايو سوال اڀري ٿو اچي.
"ديئر از اي بِگ ائنڊ هيوج ورلڊ آف هپي ازم، ايوري ويئر....." هن جي ذهن ۾ سجايو جواب اچي ٿو وڃي. هو اجا اڳتي هلڻ ٿو لڳي. رات جي ڪارنهن ايڏي چڊي ٿي وئي آهي جو پري پري ڪان ڪاريون مينهون ڏسڻ ۾ پيون اچن ۽ محسوس ڪري ٿو ڏوڙ ڏئيءَ جي نوائيءَ ۾ پاڏن، گابن ۽ ڇيلڙن جا ٻيڪرات ۽ رنيون آهن. هو وري ڪا ڳالهه ياد ايندي اوپر ۽ ڏکڻ جي وچ ۾ دور دور نهاري ٿو. ريلوي برج ڏانهن:
"ما جا دد، پل ڪٿي آهي؟ پل پانجي آهي نه؟ هان پڙوا، پل پانجي آهي نه، هلو پل تي هلون."
ٻاتائيندڙ پتڪڙو آواز ۽ هو ڏوڙ ڏئيءَ جي ڦلهيارِيءَ ڪان ميٺاهينءَ ٽيندڙ رئيءَ ۾ وڏي وڏي پل ڳولهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. هرڪا شيءَ ڇٽي آهي پر پل ڪانهي. پل مٿان شايد ڪوهيرو ڪريل آهي. بس رڳو پاڻي ڏسڻ ۾ ٿو اچي، آنهريءَ جيان شفاف ۽ تجرا تجرا ٽڪ ٻڌل پاڻي. پاڻي جو وهندو ٿو وڃي. گوناگون پاڻي جو سمونڊ ۾ لهي ويندو آهي.
"هان!.... ڪڏهن ڪڏهن رات جي وهڪ ۽ درياهه جي وهڪ جو آواز ساڳيو نه لڳندو آهي!.... يلا هي درياهه ڪٿان ٿو اچي، چو ٿو اچي؟ درياهه سڪي پٽ چو نه ٿا ٿي وڃن......"
(ڪو آواز نه، نه اندران نه ٻاهران) چيپاٽيندڙ مانار ۽ ان مانار سان هو هلندو ٿو وڃي، مٿانهين ڏانهن. مٿاهيون جي هن کي وڻنديون آهن.
"چو يلا!..... ماڻهن هوندي هي ايڏيون اونچيون عمارتون ايڏيون جڙتو، هٽرادو ۽ ڪکيءَ هاڻيون چو لکنديون آهن ۽ هينئر، بند شيشن اندران بلبن جي روشنيءَ ۾ ڪيڏو نه وڻن پيون. ايڏيون پياريون! سچ دل ته چوي ٿي سڀ بلب ٻاري، دفتر بند ڪري، رات جو ماٺ مني سان مٿن نيوٽران بم اڇلائي ڇڏجي." هن جي واتان ٿهڪ نهريو وڃي ۽ هو پٽراهون جابلو

پاسو ڇڏي، متي ويندڙ ڏامر جي سڙڪ وٺي ٿو. وايو منڊل ۾ پکين جي اڏام سان گڏ ماڻهن جي جاڳرتا جي ڪنگهار جا آواز آهن.

"هونهن.... سڀ بيمار - انين وڳين کان اڳ اٿندا ڪين" ۽ هينگ تي هو هيڏانهن هوڏانهن مڙي نهاري ٿو. ڏهن پندرهن ڏهاڙن جو گڏه جو ڪودڙو هتان هتان هونگڙيون هڻيو پيو ماءُ کي ڇڳڙي ۽ ٻوڙيو پيو پير جهلڻ جي ڪوشش ڪري. ڏڪندا پيرڙا، هو گڏه جو ٻچو ڏسي ڏاڍو خوش ٿي وڃي ٿو. پاڻ مرادي ڳالهائي ٿو وجهي:

" هان يلا - گڏهيون ويامڻ جي مند آهي ڇا؟..... هونئن به اڄڪلهه رڳو ڪودڙا ڄمندا آهن."

هو وري ٺهڪ ڏئي ٿو. هو وري سوچي ٿو: "جيڪر مان اهو ڪودڙو هجان ها ته ڪڏهن به وڏو نه ٿيان ها." هن جو موڊ آف ٿي وڃي ٿو. ٽڪرو ٽڪرو چاڙهي چڙهڻ لڳي ٿو ۽ الائي ڇا ڇا سوچيندو ٿو وڃي ۽ وچ چاڙهي تي اچي ڪن لاءِ هو منجهي سامهون پري اونچي ٽڪري ڏانهن نهاريندو ٿو رهي، جنهن جي چوٽيءَ تي ڄڻ ننڍڙو گهروندو نهيل آهي. هو وري هلڻ لڳي ٿو.

۽ جڏهن هو چاڙهي مٿان اچي، وڻن جي جهنڊ مان اوير پاسي نهاري ٿو ته هن کي ڌوڙ ڏئيءَ جي ميٺاهين رنگ ۾ پرهه جا رنگ سرجندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ ڪنهن جادوگر جن ريلوائي واري پل پنهنجي ساڳي جڳهه تي رکي ڇڏي آهي، جنهن مان ڪاري انجڻ دونهان ڪيندي گاڏا گهريندي پئي وڃي ۽ پري پري تائين، ڳاڙهو ڳتي پرهه جا رنگ، متي مٿي آڪاس جي ڪارنهن کي ڳاڙهو ڪهنبو ڪندا تا وجنۦ ڏسندي ئي ڏسندي سج جي چوٽ ڪني، ڏکڻ کي اندلٺ لڳايو ڇڏي. اڏ گول وڏي وڏي اندلٺ ريڪا ۽ پوءِ جيئن جيئن ٽامي جيهو سج مٿي چڙهندو ٿو وجي، پرهه ۽ اندلٺ جا رنگ ڦٽندا تا وجن، تاجي پينا اوڙندا تا وجن. ڄڻ نانهن ٿيندا تا وجن ۽ چٽا ٿيندا تا وجن. سج، آڪاس، پل ۽ پلاٽينم کان چمڪيلو ٽک ٻڌيو وهندڙ درياهه ۽ سارو وايو منڊل. هو اونهو ساهه پري، وري هيٺ لهي ٿو لڳي، لاهيءَ تان.

"اڙي - مان ته هتي رات جي پوئين پهر جا آواز ٻڌڻ آيو هئس!" ڪا ڳالهه ياد ايندي هو ٻڙ ٻڙائي ٿو. هو ڪاوڙ مان هيناهين ڏانهن تڪڙي موٽ ٿو کائي.

"هان - رات جي پوئين پهر جا آواز!..... هونهن..... اهڙي رات ئي ڇا جنهن جي پوئين پهر ۾ جنڊ جي گهيرٽن ۽ ڍڳي گاڏين جي چنگ چڙن ۽ اونارن جي واين جا آواز ئي نه هجن. اهڙي سجيءَ پينگيءَ رات جا آواز نه ٻڌا ئي چڱا آهن." ڏاڍو سانتڪو تي بوٽن جا آواز ڇڏيندو، اڳتي وڌندو ٿو وڃي.

ڏاڍا نينهن جا

برڪا رت جي پهرين باک جي مهاڙ آهي ۽ ڏوڙ ڏئيءَ جي جهل مان سرجندڙ ڏنڌلا رنگ، سؤ لک انڌلنن سمان ۽ شبنم جون سونهن ٻڏاٽيون اکيون ۽ موهه.... موهه، جيڪو هن جي اندر ۾ آهي. ماري ڳاري ڇڏيندڙ موهه. هوءَ ڪالونيءَ ڏانهن چوڏس نهار تي ڦهلائي ۽ پوءِ وري دور ماهيڙن جي وٿاڻ ڏانهن تي نهاري. هن کي ائين ٿو ڀاسي ڄڻ جاڳيل رڳو هوءَ آهي ۽ پرندا آهن ۽ ميهار، باقي سارو لوڪ ستو پيو آهي يا اوٻاسين ۾ آهي. وڏي وڏي اسر ويل جڏهن هوءَ جاڳي، بنگلي جي ڪليل لان ۾ اچي ويني هئي ته اوپر ۾ ڪاري رئي هئي ۽ دور وٿاڻ ۾ دکندڙ دونهين ۾ ماهيڙن جي هلندر پاڇا هئا ۽ هاٽي.... هاٽي مينهن جا ٻوٽ هاڏرن ۾ آهن ۽ ماهيرن مينهن جا ٿڻ ڏوئي ڏوڀ شروع ڪيو آهي ۽ پکين ۾ وڏو چؤٻول آهي. ڪوئيلن جي ڪو ڪو جا پڙاڏا ڄڻ برهما لوڪ جي پٽين سان ٽڪرائجي موٽي ٿا اچن ۽ اوپر ۾ ڪڪرن ۽ وڪوڙيل سج جي ڪني، ڏڪا ڏڪا نيراڻ متي ٿيندي آڪاس ۾ سونين تراريَن سان وايو منڊل ۾ رت جهڙو ڳاڙهو ڳاڙهو رنگ ڇٽيندي ٿي وڃي. هوءَ بيچين ٿي پهاڙي پيچرن ڏانهن نهاري ٿي ۽ اڏوتي منهن سان ماک ڀنل ڇٻر مٿان، اگهاڙي پيرين واک ڪرڻ لڳي ٿي ۽ پوءِ لان مان ڦرندي، بنگلي جي گيٽ کان پري پري، ڳاڙهي واڙهي مارڳ ڏانهن وڌڻ لڳي ٿي، ڏکهو ڏکهو پهاڙي پيچرو ڏئي، جيڪو ڄڻ باک ڏانهن ٿو وڃي. هوءَ سوچي ٿي اندر ئي اندر ۾.

ڪڏهن ڪڏهن سرڪل پولر جيان، برڪا رت جي باک ٻه ڪيئن نه انگهي پوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪو سندر سپنو ڏسندي، ننڊ جو ڇڄي وڃڻ ڪيڏو نه ڪؤڙو لڳندو آهي، پوءِ ته ننڊ ئي ڪانه ايندي آهي. ائين ڀاسندو آهي، ننڊ ۾ ڪو ڦيهه ڪدي ويو هجي. هوءَ تڏو ساهه پري ٿي. اچانڪ هن جي اک جي رئينج ۾ ڳيرن جو جوڙو اچي ٿو وڃي. هڪ ٻئي سان گوٽناڪيون ڪري اڏاٽو ويندڙ جوڙو، جيڪو ڏسندي ئي ڏسندي دور وڻن جي جهنڊ ۾ لهي وڃي ٿو ۽ ڪاري ڪوئل جا آلاپ ائين منا ٿيندا ٿا وڃن، جيئن پره جا رنگ. هوءَ وري ٻيو تڏو ساهه ڪڍي ٿي. هن کي ڀاسي ٿو هن جو من ٻڏي پيو، ٻڏندو ٿو وڃي. هوءَ اندر ۾ ڪجهه محسوس ڪري ٿي، ڪٿان ڪائي شيءِ ٽٽي رهي آهي. جيون ۾ پهريون ڀيرو شدت سان هوءَ محسوس ڪري ٿي، هوءَ هيڪل آهي. هوءَ چاهي ٿي، ڪو هجي، جنهن سان هوءَ ڳالهائي. ڪو ننڍڙو هونگڙيون هٽندڙ ٻار ئي هجي، جنهن کي ڪڇ ۾ ڪٽي هوءَ هلي، هلندي وڃي باک ڏانهن هلندي وڃي بيبي مريم جيان.

"هان... پلا منهنجو جيون به ڪو جيون آهي؟ تنها تنها! سڀ ڪٽنب قبيلا هوندي به تنها تنها؟ ان ڪان ته سٺو هو جو به چار حرامي ٻار جڻي وٺان هان، لڪ چوريءَ، ساهيڙين جي آڌار سان، جن ڪي پاليان ها آئون. گهٽ ۾ گهٽ پوءِ هيڏي گهٽ ته نه هجي ها." هن ڪي ماءُ پيءُ ياد اچن ٿا. پائر، سوٽ، ماسات، پرائمي اسڪول جي زماني ڪان وٺي يونيورسٽي لائيف جا ساروڻا.

هلندي، هوءَ مرڪي ٿي پوي. ذهن ۾ سرجندڙ ساروڻن ڪان هن ڪي الائي ڇا ڇا ٿو ياد اچي.

هن ڪي ياد اچي ٿو:

هن جي پيءَ جي دوستن جا پٽ هن ڪي ماڻن لاءِ ڪيڏا نه ڪشت ڪندا هئا. جڏهن... جڏهن هوءَ چوڏهن سالن جي هئي. سندس ڪتابن ۾ چنيون وجهي ويندا هئا ۽ جڏهن هوءَ هلندي هئي، اکيون ٽِرڏيون ڪري سندس آڳا پيڇا ڏسندا هئا. هوءَ پن پڻ ڪري ٿي:

"انهن مان ڪنهن هڪ سان به جي شادي ڪريان ها ته به اڄ موج ۾ هجان ها. جيئن مرضي اچيم ها، تيئن ڪريان ها. ملان ٻڏل هڪ مڙس ۽ سوين يار. پوءِ شايد سيني ڪي وڻان ها. اجا ته بيڊ ۾ سٽل هجان ها. بيڊ تان اٿڻ ڪان پوءِ باٿ روم ۾ جيئن وڻيم ها تيئن ڪريان ها. نوڪر پوءِ ڇا لاءِ هوندا آهن!" هوءَ موٽ ڪائي ٿي ۽ وري مڙي سج ڏانهن نهاري ٿي. رنگن ڪي ٿوڙيندڙ سج ڏانهن، هن ڪي محسوس ٿئي ٿو، هوءَ پڇي پئي، رجهي ۽ ڪامي پئي. هوءَ محسوس ڪري ٿي هن جي جيون ۾ ڪا نئين ڳالهه پئدا ٿي رهي آهي. اهڙي ڳالهه، جنهن ڪان هوءَ اڳواٽ ئي گهبرائجي وئي آهي ۽ جيون ۾ پهريون پيرو هن ڪي محسوس ٿئي ٿو، سڀ ماڻهو هڪ جيها ناهن ۽ هوءَ..... پاڻ ڪي ڪنهن گرپ ۾ پئي محسوس ڪري. هوءَ محسوس ڪري ڪري ٿي هوءَ ذهني طور سڪ ٿي وئي آهي، پر پوءِ به هوءَ شڪست ڪائڻ لاءِ تيار ڪانهين. هن جيون ۾ پنهنجو پاڻ ڪان سواءِ ڪنهن ڪان به شڪست نه ڪاڌي آهي ۽ هاڻي – هاڻي پنهنجو پاڻ ڪان به شڪست ڪائڻ لاءِ تيار ناهي. هوءَ سوچي ٿي: هاڻ جي آيو ته؟... ۽ هوءَ پڻ پڻ ڪري ٿي. پاڻمرادي:

"هاڻ جي آيو ته چوندي سانس، تو جيها ڪئين آيا ڪئين ويا. آئون ڪڪ ۾ ڪانو هٽندڙ عورت آهيان." هوءَ ڪشٽن مان وارن ڪي جهٽڪو ڏئي، اکين تان وار هٽائي ٿي. سندس نهار لاءِ پنيان، وڏي اڇيءَ ديوار ڪجي ٿي وڃي، جتي صبح سويري جهرڪيون قطارون ڪري هل مچائي رهيون آهن چوڳي لاءِ. اوچتو هوءَ بربليون ۽ ٻيا ننڍڙا ڪارڙا پکي ۽ ميٺيون ڏسي وائڙي ٿيو وڃي. هوءِ محسوس ڪري ٿي ته ڪنهن به شيءِ ڪي ڏيار ڏجي ته اها ڳچيءَ ۾ پئجيو وڃي. اڄ هن جو موڊ ناشتو تيار ڪرڻ لاءِ ڪينهي. پوءِ هوءَ انهن پکين ڪي ڇا ڏيندي؟

هوءَ پريشان ٿيو وڃي ۽ تڪڙي تڪڙي پنهنجي بنگلي جي ڪِدن ۾ اچي ٿي ۽ جهونگاريندي اٿو ڳوهڻ لڳي ٿي. ننڍڙا ڪارڙا پکي ٻک کان ڏاڍا چرڙات تا ڪن. هوءَ ٻاهر نڪري پکين جي پاٽي پيئڻ جي پاٿوڙي ڏسي ٿي، جيڪا ڀريل آهي. هن کي خبر آهي ته اهي ننڍڙا پکيئڙا سندس جند نه ڇڏيندا. هوءَ گَئس ٻاري، مٿانهئس ٽئو رکي، منيون منيون ماني پچائي ٿي ۽ ڀور ڀور ڪري پکين کي ڏئي ٿي. هتان هتان وڻن جي لامن تان پکيئڙا ڊوڙندا تا اچن ۽ نوريئڙا به، جن لاءِ هن جدا وڏا وڏا ٽڪر اچلايا آهن. هن کي نوريئڙي جو هٿن ۾ ماني جهلي کائڻ ڏاڍو وڻندو آهي. هوءَ وري آڳنڌ ۾ آرام ڪرسي تي ويهي، چانهه سان مانيءَ ڳيو کائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ نوريئڙي کي ماني کائيندي ڏسندي ٿي رهي. هڪ ٻن گراهن کان پوءِ ماني کيس نٿي وڻي. هوءَ چانهه جا چار ڍڪ ڀري ڪپ رکي ٿي ڇڏي. هن جي ذهن ۾ پکين ۾ سڄي وائيلڊ لائيف لاءِ هزارين خيال اڀرن تا ۽ نشٽ ٿي وڃن تا. هوءَ وري ڀڻ ڀڻ ڪري ٿي:

"ڪنهن به سبجيڪٽ تي ماڻهو ڇو سوچي؟ جي مان آمريڪا ۾ هجان ها ته ننگي هپي ڇوڪري هجان ها. چرس جا وڏا دڳاڙ هڻي، ارهه تي ڦوڪ ڏيان ها. هن ڪچڙ سوسائٽيءَ کان ته ماڻهو هپي سنو آهي." هوءَ هڪدم اٿي ٿي ۽ اوچتو ئي اوچتو آرسيءَ آڏو پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسندي رنيون ڪري روئي ٿي ۽ وري ٿهڪ ڏئي ٿي ۽ وري ٻُج پٽيندي، باٿ روم ۾ اچي ٿي ۽ پاڻيءَ سان ٽٻ ٽب ۾ الاهين شيمپو ملائي، جهڳ ناهي، برش کڻي، ڪپڙا لاهي، ٽب ۾ ويهي ٿي وڃي. پٺن کي برش هڻندي هن کي ڏاڍو مزو ٿو اچو. اوچتو هن جي من ۾ خيال اچي ٿو:

هيڪل بنگلو آهي. هن جيون کان ته بهتر آهي ته ڪو چاقو کڻي اچي، مون کي ريپ ڪري، چاقوءَ سان ڳيا ڳيا ڪري، ٽب ۾ اچلائي، منهنجو سڀ ڪجهه کڻي وڃي ۽ جڏهن ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ بدبوءِ تي پوليس اچي ته منهنجي لاش ڏسي الٽيون ڪري. سڄي ڪالونيءَ ۾ وبا ڦهلجي وڃي.

"پر مان ائين ڇو ٿي سوچيان؟" هوءَ ڀڻ ڀڻ ڪندي ٽب مان اٿي ڪڙي ٽئي ٿي ۽ وڏو ٽوال سڄي ديهه کي ويڙهي پنهنجي خاص ڪمري ۾ اچي ٿي. ڪپڙا بدلائڻ لاءِ سندس من نٿو چوي. بس هوءَ بند بنگلي ۾ اسفنج ٽوال ويڙهيو هلندي، الماريءَ تان مئگزين کڻي، پڙهڻ لڳي ٿي ۽ اوچتو ڪروڌ مان چلائي ٿي:

"توبهن، هي سياسي ماڻهو به عجيب مخلوق آهن، شاعري ۽ سڄو فائن آرٽ انهن لاءِ عياشي آهي. جو ڪجهه آهي، بندوق جي نالي آهي! اکين تي عينڪ جا ڪارا ڪوپا چاڙهي پاڻ کي

حلالي سڏائيندڙ ماڻهو جڻ ماءُ پيءُ حق شرع ڏسندي ڄاوا آهن. ڪيڏا نه وڏا وڏا حرامي ماڻهو ڪيئن نه ڇاتيءَ تي هٿ هڻي پاڻ کي حلالي سڏائيندا آهن." ٻاهر گهنٽي وڄي ٿي ۽ سوچي ٿي ڪير آيو هوندو؟ هوءَ ڏاڪڻي ڪڙڪيءَ مان پردو هٽائي ڏسي ٿي. هن جي ساهيڙي بينا آهي.

"ڪمنگ" هوءَ دريءَ مان ڪيس آواز ڏئي ٿي ۽ انڊر ويئر پائڻ ۽ ڪپڙا بدلائڻ کان سواءِ در کولي ٿي.

"ائي ٻاھ لڳي، تون ائين نڪري آئينءَ؟"

"ڇو، ڪهڙو عيب آهي! ڏسڻ وارا ته ڳوٿريءَ برقعي مان به اِنڊ ٻُنڊ ڏسي وٺندا آهن." هوءَ مرڪي ٿي.

"اڄ آفيس نه هلندينءَ ڇا؟"

"اڄ جو ڏينهن ته مون کي ماتام جو ڏينهن ٿو لڳي. دل چوي ٿي رزائن ڪري ڇڏيان."

"ڇو؟...... توکي ٿي ڇا ويو آهي؟"

"شايد.... شايد مان تمام گهڻو سيڪسي ٿي وئي آهيان."

"پوءِ شادي ڇو نه ٿي ڪرين."

"نه..... مان ڪتو پاليندس...... جانور ڏاڍا وفادار هوندا آهن."

"ڇا ينگ ڪائي وئي آهين! چون ٿا اڄڪلهه ڳنڍڪي ۾ ينگ پئي هلي. ريئلي، هاڻ ته تو وٽ ايندي، مونجهه ٿي ٿئي." بينا ڏاڍي پريشان ٿي وڃي ٿي. هوءَ لاڪس چانهه ڪٽي ٿي.

"هينئر ٿوري دير پهرين مون چرس تي پئي سوچيو." هن جي ڳالهه تي بينا رڙ ڪري ٿي.

"شبي! باءِ گاڙ هو رڳو ڏسڻ ۾ هيپي ٿو اچي. تون اڄايو هن کان الرجڪ ٿي وئي آهين."

"پر تون ڇو پئي پڙوت ڪرين؟" شبنم جي آواز تي بينا بر ٿي وڃي ٿي.

"واٽ آر يو ٽاڪنگ، سپ سچ ٿا چون. يو آر ميڊ."

"پوءِ هڪ چريءَ کي پرٽائي ڇا ملندءِ، وڃ دير ٿي ويندءِ."

"ٿئنڪ يو، تو وٽ اڄڻ ئي احمقپڻو آهي." بينا پرس سنڀاليندي، تڪڙي نڪري ٿي وڃي ۽ هوءِ محسوس ڪري ٿي، ماڻهو جاڳيا آهن. وڏي اڄ وڄ آهي. هوءَ ڳاڙهي انگي ۽ انڊرويئر پائي، مٿان سمهڻ جو سنهڙو گائون پهري، اوچي ڪڙيءَ واري سينڊل سان لان ۾ ٽيلار ڪري ٿي. ايندڙ ويندڙ ڪلارڪ، مالهي، چوڪيدار، پٽيوالا ٽيڏين اکين سان سندس اٿرن ۽ سترن تان نهار ٻوڙيندا ٿا وڃن. جي وس پڄين ته ڪچو ڪائي وڃنس. هن کي وري عرفان جون اکيون ٽيون ياد اچن. نماڻيون، بيچين اکيون، پيار ٻڏاڻيون ساڻيون اکيون ۽ وڏا ڇڙواڳ

وار. هوءَ عرفان تي سوچي ٿي. هن کي ائين ٿو ڀاسي ڄڻ ڪمري ۾ ڪوئي هلي ڦري پيو. هوءَ محسوس ڪري ٿي ته کٽ تي ڪوئي اونڌو ستل آهي. هوءَ مونجهه محسوس ڪندي، گائون لاهي، هڪدم سلوار قميص پهري ٿي ۽ آفيس وڃڻ بدران نئيڙي اسٽيشن ڏانهن وڃي ٿي وڃي. هن جو ذهن ٻٽ بند آهي. ميل ٽرين ٻه منٽ بيهي هلي وڃي ٿي. هڪ ڄاڻ سڃاڻ واري عيسائي عورت لهي ٿي ۽ پنهنجي مڙس سان ڏاڍا انگل ڪندي، مرڪون ڦهلائيندي، گيٽ ڪان نڪري ٿي وڃي. هوءَ انهيءَ عيسائي جوڙي ۾ نهاريندي ٿي رهي. هن کي محسوس ٿئي ٿو ساري ڄمار هن ڪنهن لاءِ به ٽرين جو انتظار ناهي ڪيو ۽ نه ڪڏهن ڪنهن کي انتظار ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

"هون - يلا ائين جي ڪو ايندو هجي ته ماڻهو ڇا محسوس ڪندا آهن! يلا ائين ٻانهن ٻانهن ۾ ملائي هلڻ سان ڪهڙو مزو ايندو هوندا!" هوءَ شنٽنگ ڪاري انجڻ ڏانهن نهاري ٿي، جيڪا ساوا ساوا سگنل اورانگهيندي، ڪو ڪو، ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون ڪندي، ريتي ٻجريءَ جا گاڏا گهريندي ٿي وڃي. هن کي ڪاري انجڻ ڏاڍي وڻي ٿي. هوءَ ڪاري ڪاري انجڻ جي دونهين کي ڏسندي، مٿي آڪاس ۾ نهاري ٿي ۽ واپس بنگلي ڏانهن موٽ ڪائي ٿي. آڪاس ۾ چمر آهن. هوءَ ڪن لاءِ بالڪونيءَ ۾ ويهي ٿي. هن کي سک نه ٿو اچي. هوءَ وري اندر اچي بيڊ تي ڪري ٿي ۽ ڪن لاءِ اکيون ٻوٽي ٿي ڇڏي.

"چو يلا، ڇا ڪاوڙجي ويو آهي؟ منهنجو ساڙس ورتاءُ به ته نيڪ ڪونه هو. پورو هڪ مهينو گذري ويو آهي. هان - ڪجهه به ٿي پوي، جينئس آهي ۽ ڪرو ماڻهو ۽ ...... ۽ انا سان ڀرپور."

اچانڪ هوءَ محسوس ڪري ٿي، باٿ روم ۾ ڪو آهي ۽ ٻئي ڪمري ۾ ڪو هلي ڦري پيو، ڪتاب پيو اٿلائي پٿلائي. هوءَ اندر ڊوڙ تي پائي ۽ اندر؟ اندر ڪاريءَ وارا ڪک آهن. هوءَ ڪروڌ ۾ اچي پوري طاقت سان بيڊ اٿلائي اونڌو ڪري ٿي ڇڏي ۽ رانياٽ ڪري روئي ٿي.

چائنا گيٽ

هي بواءِ - بواءِ بواءِ بواءِ
هي گاءِ - گاءِ گاءِ گاءِ
ڪم ان ماءِ آرمز
هي بواءِ
هي گاءِ..... گاءِ...... گاءِ
بواءِ.... گاءِ گاءِ گاءِ
ڪم ان ماءِ آرمز

اٺاليئن هپي ڇوري، رني ڪوٺ جي انگاس ديوارن وچ ۾، جابلو جهرڻي هيٺان وهنجندي، ٻلهڻ جيان ٽڪڪاٽ ڪيو، ٻانهون ڦهلايو ٽنل ٽل انگريزيءَ ۾ ٽي ڳائي. ڪوريئڙي جيان اٺاهه پيار جا موهه منڊ ٽي اٽي. نيٽن جي ڪامڻ سان ۽ پوءِ به هن ڪي پاڻ ڏانهن نه ايندو ڏسي، اجا وڏيڪ ڇتڪتي ٽيو ٽي ڳائي:

هي بواءِ -
هي گاءِ -
گاءِ گاءِ گاءِ -
ڪم ان ماءِ آرمز
هي گاءِ هي گاءِ گاءِ ..... گاءِ گاءِ گاءِ

۽ هو – هو نچڻ جي موڊ ۾ نه هوندي به سوچن جي ٻوڏار مان نڪري، يوڳ مان سنڌيءَ ۾ رڙ ٽو ڪري:

"او ڏوتڙي، گاءِ هوندينءَ تون، گاءِ هوندي ماڻهين. سنڌيءَ ۾ گاهه ڳئون کي چوندا آهن. ڪاؤ.... ڪاؤ، سمجهينءَ؟ آئون نر سنڌي آهيان، موهن جي دڙي جو نر ڍڳو، يو پڙوي اٺاليانو....."

"او يو سلي سنڌيانو، ڪم ان، ڪم اِن ماءِ آرمز" ۽ ان سان گڏ ئي هوءَ رني ڪوٺ جي تلاءُ مان نيري انگي ۽ نيري چوتي سان ٽڪڪاٽ ڪري نڪري، ڊوڙندي هن مٿان اچي ڪڙڪي ۽ ٻڪ وجهيو، ساڻس جٽ ٽيو وڃي:

"هي يو بلئڪ ليڊر، ليٽس ميڪ بلئڪ ڊانس. شيديانو ڊانس.... ڪم آن.... شيدي باشا مومباسا. نو.... نات تڪ ڏناڏن... مور ٿلي... ماما مور. هئه ڪم آن... ميڪ، پيڪاڪ ڊانس...... پليز...... لڪ... آءِ ايم ان بلو ڪاسٽيوم...."

هپي چوري ڪيس پيار پريل، ڪچو ڪائي وڄڻ وارن نيٽن سان نهاري ٿي.

"آءِ نيڊ... پيڪاڪ ڊانس.... پليز ليٽس ميڪ ڊانس، گڊ ڊانس.. فوڪ.... پري هسٽارڪ...." ۽ هو هپي چوريءَ جي اکين ۾ ليلڙات ڏسي، نه چاهيندي به مست ٿي ڪن لاءِ رني ڪوٽ جي جابلو جهرڻي ڏانهن نهاري ٿو. ڪيس ڪارونجهر جي ساڙڏرو وارو جهرڻو ياد اچيو وڃي. ڇوڪري، چرس جي بُو ٻڏاٽا چپ سندس چپن مان ڇڏائي، ڪڏهڪري سيڪسي ٿيو، ڊيل جيان ڪر ڪنيو، ٺهڪڙا ڏيندي، رنيڪار نئين جي ڪپرين ڏانهن ٿي ڊوڙي.

۽ رني ڪوٽ جي انگاس ديوارن وچ ۾ جهرڻي جي جلترنگ ۽ پکين جي آلاپ تي شروع ٿي وڃي ٿو هڪ جوڙي جو ناچ:

ماما مور - - مور - - ماما مور

سلم سلي – مور – ماما مور

ٿلي ٿلي - - مور ٿلي - - سلم سلي

ماما مور – ٿلي ٿلي – مور

مور – ماما مور – سلم سلي

ٿلي ٿلي – ماما مور – ماما مور

هي ماما – هي ماما – مور

۽ پوءِ ٻئي نشيلا ٺهڪ ڏيندا، ڪارن ڪبڙن ۽ ڄارين هيٺان سائي سرهي پوڻ مٿان نچندا ٿا رهن، هڪ ٻئي کي هڪ ٻئي جي اندر اوتي ڇڏڻ لاءِ اکيون ٻوٽيو جهلندا ٿا رهن ۽ جڏهن – جڏهن هڪ پراڻي لئي جي جهوني، پورالي وڻ جي سڪل ڏارن مٿان ڳيرو، ڳيريءَ جي وات مان چوڳو جهٽي ٿو وني ته هو به ڇوڪريءَ جي چرس ٻڏاٽن چپن مان چپ ڇڏائي ٿو. هپي چوري وڏي گرم ڏونداڙ سان هوش ۾ اچي، اونهو ساهه پري، موهه منڊ مان منجهانئس اکيون نٽي ڪڍي.

ڪاوڙ مان اچلائي روئڻ جهڙي ٿيو وڃي ۽ راڙو ٿي ڪري:

"ايوري ٽائيم، يو آر ٽيزنگ مي...... ايوري ٽائيم!...." ۽ هوءَ پنهنجا سمورا ٽپڙ سنڀالي، بوٽ پائي اٿي ٿي. هن کي ڇڏي وڃڻ لاءِ. (جيئن هرڪا ڇوڪري ڪيس ڇڏي ويندي آهي)

"ڀڙوي - ڇڙئي ويئي نه چرس جا نشا تاروڻءَ تي؟..... ڀيٽيان مکڻ لڳي پئي آهين، رک ته ٿين جمعي جو ڏينهن. ٻيلي ڏاهي ٿي، برقت، ٻروچ ۾ ڪوسا وڏا نئود آهن، هيڪل ڏسي ريپ نه ڪنئي."

"واٽ آر يو ٽاڪنگ؟......" هو ويندي مڙي رڙ تي ڪري.

"بارڪنگ." هو ڏانهنس نهاري، مرڪ ڀريل نيٽن سان نئون سگريٽ ٿو دکائي ۽ رنل ساٿي ڇوڪريءَ کي ڏاڍي موھ مان ڀنيرو ويندي ڏسندو ٿو رهي، سندس هڏ ڪاٺ جو ڪاچو ڪندو ٿو رهي.

گوڏن ڪان مٿي مٿي، سترن تائين ملين ڊالر اگھاڙيون ڄنگھون ۾ ڀينٽ ڦاڙيندڙ سوٽ پولهه. اڌ اگھاڙي ڇيلهه جي هڪ پاسي ڪان لڙڪندڙ ٿيلهو، ٿيلهي جي جهانجهر. ٻئي پاسي ڪان لڙڪندڙ ڪيميرا ۾ ڀنيا نه، سونا وار ڪلهن تي ڇوڙي ڇڏيائون وارا سمورا حساب ڪتاب. اها ڏس ته جوڳياڻين جيان ڇيلهه سان جهاٻا ۾ جهولٽا لڙڪائيندي، ٿليون وڄائيندي پئي وڃي. ۽ هو - هو هيڏي وڏي وارتا تي وڃڻ ڪان پوءِ به مڪت آهي. اندر ۾ الائي ڪهڙي سٽ، ولوڙ ۽ ٻوسٽ محسوس ڪندي مرڪي ٿو پوي ۽ هڪ مشهور هپي سانگ جا ٻول جهونگارڻ ٿو لڳي.

گو ..... گو ...... ڀينڊو گو....

گو ..... يا ڪو ڀينڊو گو ......

گو ڀينڊو گو ....

گو ڀينڊو گو... ويئر دي هيونس آر ويٽنگ فار يو....

۽ ڇوريءَ جي ڄنگهن ۾ ڄڻ ڏانوڻ پئجي ٿا وڃن. هوءَ هلندي، ڇوڏس نهار ڦهلائي، رني ڪوٽ جي جادوءَ هاٽي وايو منڊل ۾ نهاري ٿي. سندس ڄنگهن ۾ تيز ايندا ٿا وڃن. اچانڪ هوءَ درد جي ڀيڙا ڪان دانهن ڪري موٽ ٿي ڪائي.

"اوھ ساري يو فوني فوني اسڪالر.... آءِ ڪانٽ ليو يو. لائيڪ دس."

"او - يو ڊرٽي ڊاگ، ريئلي يو آر اي فائن مين!"

"يا - ڪميونسٽ، ويري فائن ڪميونسٽ، گڊ فالوئر آف ڪميونزم، اٽز نيو فلاسافي آف هيومن لونگ. فلاسافي آف ڪمنگ جنريشنز."

اچانڪ هوءَ ڪروڌ ۾ اچيو وڃي. اکين جا ڏورا ريٽا ڪهنيا ٿيو وڃنس:

"شٽ اپ يو مائو تائو چائو... ڊونٽ پلي ود ماءِ فيلنگز.... آءِ نو آل اباءوٽ يوئر ڪميونزم – آءِ هيئو ريڊ هسٽري – دي هسٽري آف بگ بلڊ شيڊ. بگ بلڊ شيڊ! ان رشيا، چائنا، ڪيوبا. هنگري...."
"يا – ائنڊ آءِ نو آل اباءوٽ هنگارين، فائيٽ فار ديئرم فريڊم. ايمريڪن ڊاڪيمينٽري فلم. اٽ واز نٿنگ مور ٿئن پروپيگنڊا. "هنگارين فائيٽ فار ديئر فريڊم." فلم آف ماءِ چائيلڊ هلڊ... آءِ ايم ناٽ اي نيومين ان دي ورلڊ آف ڪيپيٽلزم ائنڊ ڪميونزم. يو آر ناٽ ٽاڪنگ ود اي لٽل فالوور آف مائوزيٽنگ. لڪ ڊارلنگ، آءِ ايم ناٽ اي فوني فوني بواءِ..... هوي ازم..... واٽز يوئر هپي ازم؟......" هو اوڏي ئي ڪروڌ مان ڇوري ۾ نهاري ٿو.
۽ - ۽ ٻنهين جي وچ ۾ پئدا ٿي وجي ٿي مهاڀاري جنگ، نفرت، ڪروڌ، ڪينو هڪ ٻئي لاءِ.
هپي ڇوڪري ڏاڍي جولان مان دانهن ٿي ڪري:
"هي – پٽ يوئر ڪميونزم ان يوئر پاڪيٽ هيئر ..... آءِ هيئو ناٽ ڪيم هيئر فار يوئر ليڪچرز آف ڪميونزم."
ٻنهين جون پيار ڪان آڪيڙا ڇڙهيل ٻانهون ڍريون ٿينديون، هڪ ٻئي کان جدا ٿيون وڃن. ڇوڪرو ڇوهه مان ڏانهن نهاري ٿو.
"او – ڪي، آءِ هيو ماءِ پاٿ، گو آن يوئر وي.... دي وي آف فرسٽريشن نٿنگنيس."
"شٽ اپ." ڇوري دانهن ٿي ڪري.
"يو شٽ اپ، آءِ ايم ناٽ يوئرز پيڊ گائيڊ سرونٽ."
۽ ڪن پل اڳي ٻنهين جي وچ ۾ پيار جو جيڪو اٿاهه سمونڊ ڇلي رهيو هو، مينهن جيان وسڪارا ڪري وسي رهيو هو، ڇڻ ٻاڦ ٿي اڏامي ويو هو. (ٻنهين ڇڻ شڪست کائڻ سکي ڪانهي)
ڇوڪري ڪروڌ مان، ڪپڙا ٿي مٽائي ۽ پنهنجو ٿيلهو ۽ ڪيمرا سنڀالي ٿي. بسڪوٽن ۽ سگريٽن جو هڪ پيڪٽ هن ڏانهن لاڏ ڀريل ؟؟؟؟ هيوج ڪيسل، ريئلي يو آر اي ونڊرفل مين ان ماءِ لائيف، ويري فائن، ويري ڪلاسيڪل ائنڊ ملٽي ڪلچرڊ مين."
"اوهه.... ٿئنڪز." هو ڪن لاءِ گهوران گهور نيڻن سان ڇوريءَ ۽ پوءِ وري رني ڪوٽ جي انگاس، چوڏس ڪٽي نه پڄاڻي ٿيندڙ ديوارن ڏانهن مڙي مڙي نهاري ٿو.
آڏن لکن مٿان رني ڪوٽ جي چوڏس نيڻ نهار تائين ڦهليل انگاس ديوار، برج، منارا، ڪنگر ۽ مورچا، وچ ۾ پري پري ڪوٽ ميريءَ کان به پري هڪ انگاس پهاڙيءَ مٿان شير ڳڙهه جو انگاس ڪوٽ. سدا بهار جهرڻي جي اڪٺ پوچ پاڻيءَ تي چوڏس ساماڻل جوئر جي پوک جا

حسين ٻارا ۽ گسن ۾ گاهه ۽ سنگ مرمر جيان ڦهليل ڇيروليءَ جا آرسيءَ جيان تجلا ڏيندڙ ٽڪرا ۽ ڪل ڪل وهندڙ جهرڻي جي جادوءَ هاڻي موسيقي، جيءَ کي جادو لائيندي ٿي رهي. ٻئي ڄڻ ڪنهن وڏي جادوءَ ۾ اچي، سپ رساما وساري، وري ڳتجي ٿا وڃن. ڇوڪري ڪن لاءِ ڪوٽ ميري ۽ ڪوٽ شير ڳڙهه جي برجن ڏانهن واجائن جيان نهاري ٿي. الائي ڇا سوچيندي سندس واتان ٺهڪ نڪريو وڃي، ڇڙواڳ ٺهڪ.

"هي گاڊ، يور ڪيسل از پرگنينٽ!؟.... اوهه گاڊ... اٽز آل انوزيبل..... ڊيئر از ٽو لٽل فرٽز ان هر اسٽمڪ. ها ها ها..... يور ڪيسل از فيميل، پرگنينٽ فيميل."

"يا يا - پرگنينٽ فيميل آف وال آف چائنا. ويري اولڊ اينڊ بيوٽيفل فيميل." ۽ هو خوشين کان جهومي ٿو وڃي:

او پوڙهي مائي پيٽ سان - هو جمالو
چلم ڇڪي آئي خير سان - هو جمالو
منهنجو جمالو هپي ڇورين سان - هو جمالو

"هي - اٽز ويري گڊ سانگ .... سنڌيانو؟......"

"يا يا - سنڌيانو - پڙوي، ويري گڊ فوڪ سنڌيانو سانگ."

"او گاڊ، دس ڪنٽري از ڪنٽري آف ميجڪ! لائيڪ اي ڊريم، وين آءِ واز لٽل، ون ڊي ماءِ مدر سيڊ ديٽ انڊس ريور از اي ريور آف ميجڪ، بلئڪ ميجڪ. اوهه گاڊ... هيلپ مي فار لانگ لائيف." هوءَ ڇري ٿيو الله کي ڏکي حياتي ماڻڻ لاءِ ٻاڪاري ٿي ۽ هو - هو دور ولاتن جي ڇوريءَ واتان پنهنجي وطن جي ساراهه ٻڌي ٽڙي ٿو پوي، جيئن سورج مکي، سج ڏانهن تاڙيندو آهي، تيئن هو ڇوريءَ جي نيڻن ۾ جهاتيون ٿو پائي، پوڳ منڊل ڪرڻ کان سواءِ رهي به نٿو سگهي. ڇرچي ڪان، ٻنهه ڪن ۾ ٿو چويس:

"هي - يو وانٽ بارن تو لٽل ڪڊس ايٽ اي ٽائيم؟... آءِ مين ٽوين."

ڇوڪري سندس ڳالهه سمجهي ٺهڪ ڏئي رڙ ٿي ڪري: "ٽو - ايٽ اي ٽائيم؟!..... او نو نو!..... آءِ ايم ناٽ سو هيوج از يور ڪيسل. او نو نو......" ٻئي ڄڻ ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي ڇارين ۽ ڪبڙن جي جهنڊ هيٺ ويهي ٿا وڃن، ڳالهيون ڪرڻ لاءِ، پيار ونڊڻ لاءِ.

ڇوڪري حيرت ۾ حيران، سج جي تيج کان چنجهائجي ويل نيڻن دور رني ڪوٽ جي دونهين سمان اپين چوٽين مٿان بينل منارن ۾ نهاري ٿي. ڪيس الائي ڪهڙا پتڻ ۽ پار ٿا ياد اچن.

"هي - هيئو يو سين دي گريٽ فرٽ آف پامپي، ان بُڪز آر پڪچرز؟"

"يا - ان فلمز، پڪچرز، فوٽو گرافز، آءِ نو آل ابائوٽ پامپي، دي فال آف پامپي، بُڪ آف ماءِ چائيلڊ هڊ. ائنڊ فلم "دي لاسٽ ڏيز آف پامپي" ائنڊ پري هسٽارڪ روم... رومن امپائرز...... امپورز ائنڊ گاڊس، جوُپيٽر، جوليس سيزر ائنڊ ادرز......"

"اجنٽا الورا؟"

"يا - اجنٽا الورا.... دلوراؤ ٽيمپل..... دلورا!...... ائنڊ سانچي ڊيئر از راڪ ڪٽ ايلفنٽا ٽيمپل آف ڪار.ي ائنڊ ان اجيٽ لئنڊ آف فرهاز. بٽ ان بُڪز. ويري گڊ بُڪز ائنڊ فلمز، ويري گڊ بُڪز ائنڊ فلمز آف مائي لائيف."

"هي سنڌيانو، ريئلي يو آر اي فني مين. آءِ ايم فيلنگ ويري لڪي وومن، ماءِ سيلف."

"واءِ ناٽ، بڪاز يو آر ود دي سن اف دلوراؤ، ويري هرامي ڪنگ پريسٽ آف سنڌ."

"نو، يو آر جوپيٽر."

"نو.... سن آف ديوس ٽپر، ائنڊ يو آر ديوس پٽرز ڊارلنگ."

"آ.... رڪي چِڪي چِڪي......" هوءَ سيڪسي ٽي دانهن ٽي ڪري.

"ناٽ چِڪي چِڪي..... چيڪي چيڪي...... ڳالهه ٻڌ، قرآن تون پوري چيڪي مٿيءَ مان نهيڪ آهين. هاءِ تنهنجو هي پڪو نڪراهون رنگ، ڏاڍو سارينڊوساڻءِ"

"پليز... ان انگلش؟ ٽيل مي دي مينيگ...... پليز......"

"ته پوءِ ٻڌ." هو اجا وڌيڪ کيس ٽڙپائي ٿو.

"يو مين بُڊا.... گريٽ گريٽ بُڊا؟......"

"نو ٻڏا، آءِ مين لسن."

"ڪيري آن پليز."

"لڪ، نائو مائي نيم از جوُپيٽر ائنڊ يو آر جوُپيٽرز ڊارلنگ، او - ڪي."

"نو - اوڪي، يو جوُپيٽر.... يو ناٽي جوُپيٽر، يو وانٽ ٽو ميڪ مي پرگنينٽ، ٽو چلڊرين ايٽ اي ٽائيم، اوهه نو..... اٽز ويري ڊينجورس گيم. ناٽ دس ٽائيم."

هوءِ ٻلهڻ جيان ڦٽڪات سان هن جي چپن مان چپ ڇڏائي، ٽيلهي سوڌي ايري اٿي ٿي.

"لڪ ڊيئر.... اوڪي ..... هيپي."

"يا هيپي."

ٻئي اتن تا ءِ ٻئي فيصلو ڪن ٿا ته ڪائينڊڙ ساڙيندڙ سوريه ٿڌو ٿي رهيو آهي، جو نه ٻئي وڪاريندا پهاڙ مٿان شير ڳڙه جي برجن تان بيهي، رني ڪوٽ جي انگاس ديوارن پنيان سج

ڪي ڳارهو کهنبو تي ڊِرندو ڏسن. سنڌيا جا ڏيک پسن، جيئن پراڻي، جڳاٽي جا ماڻهو انهن ڏِڊن تان بيهي ڏسندا هئا.

۽ پوءِ - پوءِ ٻئي ڳِر لڳي، رني ڪوٽ وچان شير ڳڙهه جي اتانگهه چوٽين ڏانهن تا وڏن، تيز ڪائيندا، پيار ونڊيندا، گيت جهونگاريندا.

ول آءِ فائينڊ،

دي پيس آف مائينڊ،

بيهائينڊ، چائنا گيٽ

چائينا گيٽ.

ساروٽا سارو جيون

بس ٿو اسڪوٽ روڊ تان اڏرندي ٿي وڃي. هن کي خبر آهي، هاڻ هو اهڙيءَ جان جوکم ۾ آهي جو سر تان آسرو پلٽو ئي پوندو، جيڪو هن الائي ڪيتري وقت کان پلي چڙيو آهي. حالتون ايترو خراب ٿي ويون جو هاڻ عزرائيل واڪو ڏيئي، وڏيءَ هڪل سان ٿو اچي ۽ ساهه، ساهه بچائڻ جو حق هر ڪنهن کي آهي. موت ۽ جيون جي اها راند آدجڳاد کان جاري آهي، جيئن ماڻهو، پکي، جانار ۽ پسون - جيڏدان لاءِ هرڪو جنگ ۾ جٽيل آهي، وڏيءَ ويڙهاند ۾، تيئن هو به وڏي ويڙهاند ۾ آهي. مهاڀاري جنگ، ٽڪائيندڙ جنگ، سندس سڪرات جي آخري گهڙي تائين جي جنگ، جنهن جي پڇاڙي فقط موت آهي. جڏهن کان ملڪ ۾ مارشل لا لڳي آهي، ان ڏينهن کان هينئر تائين هو وڙهندو آيو آهي، اهڙي جنگ، جنهن ۾ کيئڻ کان پوءِ رئڻو پوي. هو نٿو چاهي ته هن ڪتان کو پل چڪ ۾ مري پوي. هن لاءِ ٻئي جي جيو هتيا ڪرڻ کان آپگهات ڪرڻ سني ڳالهه آهي. انهن فوجي راڄ وارن ڏهاڙن ۾ هن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪنهن سان منهن ڏئي ڪنهن سان ڏئي. پلا هن لاءِ اها ڪيڏي وڏي ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي ته پوري ملڪ ۾ هو اجاتل ۽ اوپرو آهي - ايڏو اوپرو جو پنهنجي گهر ۾ به ڪيس ڪونه جاٽي سڃاٽي. هن کي سڀ کان وڏو خطرو گهر کان آهي. پنهنجي ماءُ پيءُ کان، جنهن شهر ۾ هو رهي ٿو، ان کان به نه. بس رڳو ماءُ پيءُ ۽ سڳن ڀائرن ۽ ڀينرن کان هو ڄامشوري ويندر ويگن ۾ داخل ٿو. ايڏي پيڙا کان جو اکيون سڪو چڪا چڪا رت رويو پونس.

"الا......! کهڙو ڪل يگ اچي ويو آهي. کهڙي نه هاءِ واويلا اچي وئي آهي جو ماءُ پنهنجي ٻار جو چهرو پڙهي نه سگهي!...... پلا اها کهڙي نه رت تهڪائيندڙ ڳالهه آهي. جڏهن هڪ ٻچڙيوال بيروزگار ماڻهو، پنجويهارو کن روپيا ڪمائڻ لاءِ (جن جو پڪو آسرو نه هجي) سج ايرڻ کان اڳي سهي سنيري نڪري ۽ ڏگ ڏگ تي ارجي وڃنس باند قسم جا وحشي ۽ خونخوار ماڻهو، چهرن تي ميڪ اپ جا تهه چاڙهيل جڙتو، ڪوڪلا، اڻ سڌيل ماڻهو ۽ هو جڏهن واتي ويٽي، هٿيارن توڙي بي هٿيار مقابلا ڪندو گهر پهچي ته گهر جو هر هڪ ماڻهو، وات ۾ ارڙ نانگ واري زهريلي ڄڀ سان ڦوڪارا ڏئي رهيو هجي:

"چوريون، آيو ٿو ايمٽا ڪدڙو، هاڻ مينهون ڏهي کي ڏهه ٻارنهن سير کير پياريوس." ماءُ جون ڄڀيون:

"ڳئون ۽ مينهن ته ڦنديون تي ڊرکي مري ويون. پاڙي وارن جي ڪا کتي ڏهي ڏيوس." پيءُ جا نفرتن ٻڏاٽا زهريلا ڦوڪارا:

"ٻڌ، ڳائين ته علڻ فقير کان به سنو ٿو، يار ڏکڙ وڄائي ڏيئن کي ناچ ڳانو چو نه ٿو سيکارين. قرآن ڳائڻ کان وني..... تائين جي ٻٽي ڪمائي ملندءِ." نديڙي ڪمائو ياءُ جا نديڙا وڇونءَ جيھا ڏنگ.

۽ پنجويھن سالن کان ٻڌندو اچي، ڪڏھن ڪڏھن دل ايڏو ته دھڪو کائيندو اٿس جو ڏرتي پيرن ھينان نڪري ويندي اٿس. ھو ڌھي، وڏا ڦتڪات ڪري، زور زور سان ٻانھون چنڊبيندو آھي. بولاٽيون کائي، لانگ جمپ ھٽي ھٽي وٽن ۾ لڙکي، متي کي چرين جيان جھٽڪا ۽ رسي ٽپڻ جي ڏانو سان ايڪسرسائيز ڪري، ٻڏي ويل دل کي وري ڪجھه ڏينھن ساھ تڳائڻ جھڙو ڪري ڇڏيندو آھي. جيئڻ لاءِ ۽ مات نه کائڻ لاءِ ھو ڳوڙھا اکين کان اڇڻ بدران ڏوکي ويندو آھي، يا ڪڏھن ڪڏھن رت جي الٽي ڪري، ھانو کي سڌير ڪري ڇڏيندو آھي. ڏک رڳو ان ڳالھه جو ٿيندو آھي ته ھن جي سامائجندڙ، شاعر ڏيءَ رت جي الٽي چو نٿي ڪري؟... بس ھوءَ رڳو متي کي ھٽ ڏئي، تارونءَ تي دلي جا ٽڌا پاڻي پئي وجھندي آھي، ناڪيلي بند ڪرڻ لاءِ. پيءَ ڌي به ھڪ ٻئي کان رناٽا لڳندا آھن. سڄي ڳوٺ ۾ ھر ڪنھن سان مرڪي ڳالھائين، رڳو ھڪ ٻئي اڳيان لڄيندا ۽ اواڪ ھوندا آھن. عاشق معشوق جيان ھڪ ٻئي کي ڏرا ڏئي ڳاڙھيون ٿي ويل اکين ۽ لڪ لڪوٽيءَ سان ڏسندا آھن. ڪڏھن ڳالھائيندا آھن ته ھينئن:

"ڊيڊي، يلا ڪنن ۾ ڪپاھيون دبي دبي وجھڻ سان به آواز چو ٻڌڻ ۾ ايندا آھن، اٿوٽندڙ آواز؟!..... دل ڏوڏاريندڙ؟"

"ان لاءِ ته ھر سنگيت جي دنيا اسين يگن کان وڄائي وينا آھيون. پر تون عجيب ڇوڪري آھين. اھي ناڪيلي ڏيندڙ گيت ڪنھن لاءِ ٿي لکين؟"

"چا گيتن سان سر سنگيت موٽي نه ٿو سگھي؟"

"پرٿويءَ جي اتھاس ۾ ته ائين ڪڏھن به ناھي ٿيو."

"ان جو ڪارڻ؟"

"ڪارڻ..... شايد ان جو ڪارڻ فقط ھڪڙو ئي آھي. فائن آرٽ جي دنيا جا ماڻھو ڏاڍا ھيٺا ۽ گيدي ٿيندا آھن. ساري ڄمار سڪارن لاءِ ڦتڪي ھانءِ يارا ھٽي روئندا آھن، پر پوکي ھڪ ٻوٽو به نه سگھندا آھن. اڃا ته اسان کي ايتري به ڪل ڪانھي ته باھ ڪيئن اجھائجي، يا دشمن تي وار ڪيئن ڪجي؟"

"ڪڏھن ڪڏھن ٿڪجي دل چوندي آھي ته وڏي واڪ ڳالھائجي."

"ڪنهن سان؟ ڇا پتين سان؟ جڏهن دل ڪنهن ردي ڦوڪڻي جيان ڦاٽڻ جون ڪري ته ماڻهوءَ کي گهرجي ته ڳالهائجي: وڻن ٽڻن سان، پکين، نوريئڙن سان، ٽج ڏائڪ ٻارڙن سان، پينار ٻارڙين ۽ پوڙهين سان. ٻين جا ڏک ٻڌڻ سان ئي ماڻهو سڪتيوان ٿيندو آهي. پر تون ته صفا اڀوجهه آهين. هي جو پنهنجو شينهن جيڏو موتي ڪتو آهي، تون ته ان کي ڪڏهن ٻچڪار ڪانه ڏين."

هڪدم بيبي خوش ٿي وڃي ٿي.

"او ڊيڊي، حيرت آهي، قرآن! پنهنجو ڪتو ماڻهن کان به وڌ سياڻو آهي. ڏس نه، ڪالهه پاڙي جي ڇوڪريءَ تي گگون وهائيندڙ ڇتي ڪتي حملو ڪيو. ٻارڙي جي دانهن تي ٽپو ئي هڪ ڏنائين ۽ پوءِ ٻنڌ تڏهن ڪيائين، جڏهن اهو آفت جيڏو ڪتو مري نه ويو."

"ڇو نه، منهنجو پاليل آهي. هن نگريءَ ۾ ڇتو ڪتو جيڪو به ايندو، ماري ڇڏيندس. منهنجي ڪتي جو سڀ کان وڏو ڪم ننڍڙن ٻارڙن کي اسڪول ڇڏي اچڻ ۽ وٺي اچڻ آهي."

ڪن لاءِ ٻنهي ۾ مانار اچيو وڃي. اهڙي مانار، جنهن ۾ رڳو سنيون سوچون ئي اچي سگهن ٿيون.

"دل ٿي چوي اڄ شاعري ڪجي." ڏي خوش ٿيو تارن ڀريل آڪاس ۾ نهاريندي ٿي اچي.

"ٻڌ، سڄي دنيا جا مزور اسٽرائيڪون ڪندا آهن، عجيب عجيب اسٽرائيڪس. اسين به ته هڪ قسم جا مزور آهيون. ٻيو ڪو ساٿ ڏئي يا نه ڏئي، اسين ٻئي پين اسٽرائيڪ ڇو نه ڪريون، فائوٽين پين اسٽرائيڪ."

"ساري ڊيڊي، اها ته ڪا شاندا ڳالهه ڪانه ٿي. اسٽرائيڪس پراڻو فارمولو آهن پنهنجيون ڳالهيون مڃائڻ جو. اسان جو ڪم زندگي کي وڏائڻ جو آهي، بهشت بنائڻ جو. اسٽرائيڪ بدران اسان کي ته اڃا وڌيڪ لکڻ گهرجي."

"هون... الائي شايد تون سچي ۽ آئون غلط هجان."

هاڻ هيئن ڪر، وڌيڪ ڏاهپ ڇڳي ڪانهي، سڄي عمر آهي ۽ لکبو ڪڏهن ڪڏهن آهي، جڏهن مرضي اچي. اوڪي، هاڻ هل پنهنجي بستري تي.

ڏيءَ آخر موڪلاڻي واري مرڪ سان پيءُ ۾ نهاري ٿي ۽ پوءِ ٽڏو ساهه ڀري، ننڍڙي پاٽڙي کي ڪڇ ۾ ڀري، سمهڻ لاءِ اڪيون ٻوتي ٿي ۽ پيءُ پنهنجي وڻ هينان، آرام ڪرسي تي وينو آسمان ۾ الائي ڇا ڇا واجهائيندو ٿو رهي.

پکرنڊڙ پيڙائون

هن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪنهن کي دانهن ڏئي، هن هيڏي وڏي شهر ۾... او شيم... شيم...... شيم.... پلا اسين ته چارئي آئوٽ سائيڊرز هئاسين. پوءِ اسان تي پٽراءُ ڇو؟ پٽراءُ ڪرڻ گهرجي پر اتي جتي ضرورت آهي. اسين ته اجا شهر ۾ مس گهڙيا هئاسين، ٻهراڙين جا ماڻهو. اسان کي ڪهڙي خبر ته وڏن شهرن ۾ ستن اٺن سالن جي ٻارڙيءَ کي به ريپ ڪيو ويندو آهي. اسان جي ٻهراڙين ۾ ته ڪڏهن جانار به ائين ڪين ڪن. الا- مون ته ڪڏهن به ڪين ڏٺو ته ڪو مست ٻڪر ٻن سالن جي ڇيلڙي تي چڙهي وڃي يا اٺ ڪنهن ننڍڙيءَ توڏيءَ تي! ائين ته جانارن ۾ به ڪينهي، پيٽسان هيءُ ڪراچي جو شهر ٿيو يا چتن ڪتن جيهن چورن جو شهر.

توبهن..... پلا ڪو سوچي، ان ٻارڙيءَ سان ڇا وهيو واپريو هوندو! ڏوهه ته ڪٽي پٽس ڪيو هوندو. نيٺ پلا سچ ڳالهائڻ ۾ آهي ڇا؟ اسين سڀ به ته نيٺ اهڙن ننڍڙن ٻارڙن سان جڙيل آهيون. پلا سيني ٻارڙن کي ائين ٽارچر ڪري، پنهنجي جيون مان ڪڍي، ڪهي، ڪنهن پڙپانڪ يتيم خاني يا اسپتال ۾ اڇلائي ڇڏيون ته باقي جيون ۾ بچندو ڇا؟!.... ڇا بچندو!!!.....

توبهن.... اجا شهر ۾ گهڙون تا ته ايڏي ٽارچرنگ خبر اسان کي ٻڌائي ٿي وڃي، ان سان گڏ اسان جي ٽئڪسيءَ کي سنگسار ڪيو ٿو وڃي! پلا هن شهر جا ماڻهو چريا ٿي ويا آهن ڇا؟! توبهن، ڪيڏو نه پيانڪ پٽراءُ هو! منهنجون دوست ڇوڪريون ڪيئن نه ڏجي ويون هيون! اچانڪ سچو ڏيک اکين آڏو گذري ٿو وڃينس:

"ڪهڙي ڳالهه آ پائي، اسان ته آئوٽ سائيڊر آهيون. مون سان گڏ اسڪالر خواتين آهن. اسان کي ته خود اوهان کي پتر هٽڻ کپن. اسان وٽ ماڙهو پوڙهي گڏه سان سيڪس انجواءِ ڪري سگهي ٿو پر پنجن سالن جي ڇوڪريءَ کي ريپ ڪرڻ ته پري، چوڏهن سالن جي جوان ڇوڪريءَ کي به ڪو ڪونه ٿو ڇيڙي." تڏهن سندس ٽئڪسيءَ کي اڳتي وڌڻ جي اجازت ڏني وئي هئي.

"هونهن..... ٽئڪسي......" هو خارن مان ڪنڌ کي ڌوڻي ٿو. "پلا هن کي ڪهڙي خبر هئي ته ڪيس اجا به ڪو وڏو ڪاپاري ڌڪ لڳڻو آهي. پلا هن لاءِ انهيءَ ٻارڙيءَ جي دل ڏاريندڙ حادثي کان پوءِ ٻيو ڪهڙو حادثو ٿي سگهي ٿو، جنهن تي ويهي روئجي. پلا جي مججي به ته الله آهي، ته پوءِ آسمان ڪراچيءَ مٿان ڦاٽي پو نه پيو؟"

هو بنان دعوت جي، پنهنجي سوٽ جي گهر ۾ گهڙي پيو هو، ٻن نيگرو اسڪالرز ۽ هڪ اڙدو دوست ڇوڪريءَ سان. نه ته هونئن ڪين سڌو پاڪستاني آرٽس ڪائونسل وڃڻو هو. رات جا ٻارنهن وڄي چڪا آهن، معنيٰ آرٽس ڪائونسل بند.
ڀراڙيءَ جي ڄٽوڙي پيڻ، اونترا ٻاروچاڻا ٻار. "هئه بواءِ، آءِ وانٽ ٽو انجواءِ دي نائيٽ وڌ آل ڪمپينئنز."
"نو، آءِ ايم فيلنگ ٽارچرڊ، اس دس سوسائٽي." از اٽ اي هيومن سوسائٽي؟!"
"اوهه..... اگين فيلنگز.... اوهه بواءِ، ڪم آن، انجواءِ دي لائيف. ديز ڊيز ول نيور ڪم اگين."
نيگرو ڇوڪري ڪنهن اوپن ايئر هوٽل ۾ چانهه پيئڻ لاءِ اتي ويهي سنيون سنيون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ٻاڏائي ٿي. پاڪستان آرٽس ڪائونسل ۾ لڳل پينٽنگز ڏسڻ لاءِ، هيڪي اڙدو ڇوڪري ڪان سواءِ تنهي جون ڏنل آهن.
"آرٽس ڪائونسل جو ٽائيم ته ٽري ويو. پر الا - شهر ۾ ته اجا به ڏاڍو مزو هوندو." مهاجر ڇوڪري اتاولي ٿيو وڃي.
"ها ها، ويچارين کي گهمائي اچ." پيٽس به مهاجر ڇوڪريءَ جو پاسو ٿي وٺي.
"ڇگو، جلدي هلو ته هلون." هو چوي ٿو.
"واهه، اوهين سڀ ايمريڪن ڪپڙن ۾ ۽ آئون هن ٽڪ جهڙي گراري ۾ ڇو هلان؟ ڪراچيءَ ۾ ته مان به جين جي جاڪٽ ۽ پينٽ پائي هلنديس، هپس ٻاهر ڪڍي. الا ڏاڍو مزو ٿو اچي." مهاجر ڇوڪري دانهن ٿي ڪري.
"نه، تون بنهه ايمريڪن فيس آهين، ڳاڙهه ڳٽي! ڪٿي جي تون جين جا ڪپڙا پهرين هلندينءَ ته پوءِ هرڪو ڪراچيءَ جو ماڻهو مون کي يا ته هپي امريڪن سمجهندو يا هوائي روزي ڪمائيندڙ، ڪراچيءَ جو ماڊرن پڙوو."
"پڙوو..... ڇا مطلب؟!"
"ها پڙوو - هي ڪراچي آهي. ڪراچيءَ جا ڪنگلا، ماڊرن ڇورا، امير دوستن جون ڪارون ڪڍي، ايئرپورٽ، سي پورٽ، انٽر ڪان يا ميٽرو پول تي ڊوڙائيندا رهندا آهن، ٻاهرين ملڪن جون ڇوريون سپلاءِ ڪرڻ لاءِ، وڏن وڏن وزيرن سينين ۽ آفيسرن لاءِ. سمجهينءَ؟"
"۽ وڏا وڏا آفيسر ۽ سينيون ڇا ڪندا آهن؟"
"اهي ان رات پنهنجيون زالون پناڻ چوڪيدارن جي حوالي ڪري، انٽرڪان يا ميٽرول پول جهڙن هوٽلن ۾ "ميوٽني آن دي بائونٽي" ملهائڻ هليا ويندا آهن."
"اهو ميوٽني آن دي مائوٽني ڇا آهي؟"

"ان جي خبر مون کي به ڪانهين."

"تون وڏو حرامي آهين. تون مون کي پنهنجي ٻروچ پيڻ وٽ ڇڏي، مون کي رنگين ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ ڦارائي پاڻ انهن بلئڪ بيوٽيز سان ٽيلار ڪرڻ ٿو چاهين. ها يا نه؟" مهاجر ڇوڪري چوي ٿي.

"پر گراگري ۾ هلڻ ۾ آهي ڇا؟ ماڻهو تنهنجي گراگري جي وڏن پائنچن جي اندر گهڙي ويندا ڇا؟"

"لعنت هجئي." هوءَ شرمائجي ٿي وڃي. "مون کي ڇتي ڪتي ڪاڏو هو جو تو جهڙي ڪميٽي سان گهمڻ آيس." اها ڳالهه هن جي پيڻ به ٻڌي ٿي وٺي.

"هون..... هون.... گنوخ.... دفعدار.... پراين ڇوڪرين سان ائين ڳالهائبو آهي؟"

"ڇڱو ڇڱو سمجهدار، عقل جي اڪابر، هاڻ ڇئينس ته جلدي ڪپڙا پائي نه ته پوءِ بهادر آباد ۾ رڳو رولو ڪتا پيا پئونڪندا."

۽ جيئن مهاجر ڇوڪري ڪپڙا مٿائڻ لاءِ سندس پر مان لنگهي ته هو پوڳ منڊل ٿو ڪريس:

"ڇوري، مٿان زپ بند ڪرڻ وسارين!" هو حرامپائي ٿو ڪري.

"خدا جو قسم، سوئر آهين صفا."

"هان- - سوئر سان گهمڻ ۾ مزو به ته اچنئي ٿو. هانه..... هانه...." هو ڏاڍي ڊار سان ور ور چئي ٿو. هوءَ مٿس ڪشٽ ٿي ڪائي.

"نيڪ آهي، اڄ جيڪا ڪرٽي ٿئي سا ڪري وٺ. قرآن، آئون ماڻهين کي سڀ ٻڌائي ڇڏينديس."

"۽ قرآن آئون پاڻهين کي سڀ ٻڌائي ڇڏيندس ته به راتيون تو پنهنجي سرتيءَ سان نه، پر سرتيءَ جي بهاني سان مون سان گڏ گذاريون آهن."

"اڙي نه نه، اها ته بلئڪ ميلنگ ٿي!"

"۽ امان سان شڪايت جو ڊپ پيلا ڇاهي؟.... وڏي عربياڻي اٿئي، جيئن تون اسان لاءِ وڏي سنڌڻ ساماڻي آهين."

پر هو ويڳاڻو آهي، اڪيلائپ ڪيس ڏنگي پئي! اڪيلائپ، جيڪا هن ڄاڻي ٻجهي پنهنجائي آهي. هڪ ئي رات ۾ هيڏو وڏو حادثو، وچ شهر ۾ هيڏي وڏي شهر ۾! جيڏو وڏو شهر، اوڏا وڏا حادثا! هن هيڏي وڏي شهر ۾ ڪوئي ڪنهن جو ڪينهي، پل ته ڪنهن مٿان ڇريون هلي رهيون هجن.... پر سڀ ماٺ! سمورا در بند! خوني خون ڪندا پيا اچن ۽ پوليس.......؟ جڻ پاڪستان جي سموري پوليس ۽ فوج، ننڍڙي بيبيءَ جي قاتلن جي ڳولها ۾ ڪراچيءَ جي

گٽرن جي بند نالن ۾ ڏوڪي پئي هجي ..... ۽ اخبار...... اخبارن ڪي رڳو اسڪينڊل گهرجن شهناز ۽ فريدي، يحيىٰ ۽ بلئڪ بيوٽي، ايوب ۽ ڪرسٽائن، سوئيمنگ پول ۾ گڏي. توبهن، هي اخبارون آهن يا قوم ڪي اشتهاري گڏيءَ جي ڄاڻ ڏيڻ جا ذريعا!.....

ٽنهي ڇوڪرين سان هلندي هو سوچي ٿو ته هي شهر آهي يا ڪاري ڪربلا. ڀلا هاڻ شهر گهمڻ ۾ مزو ڪهڙو ايندو؟ جڏهن ماڻهوءَ ڪي ايندي ئي ڄاڻ ملي ته هن شهر ۾ تازو هيءُ هاجو ٿي ويو آهي!

بهادر آباد جي چؤنڪ، ٻاڪڙا قسم جون اوپن ايئر هوٽلون، ڪارون. هن جون ساٿياڻيون سڄي دنيا جي فائن آرٽ جا پرابلمز ڪٽي وينيون هيون. ٻاڪڙا هوٽل تان فرانس، هالينڊ، ليونارداونسي ۽ لاري ميوزيم وڃي نڪتيون آهن. پر هن ڪي ان ننڍڙي بيبيءَ جو اوتار لهي نه ٿو. ڪراچي آهي ڄڻ بغداد آهي، نسورو بغداد! هلاڪوءَ وارو بغداد! ڀلا جي منهنجي دشمني يا ڪنهن جي به دشمنيءَ ۾ ڪو اسان جي ٻارڙن سان ائين ڪري ته پوءِ.....؟ ڪجهه نه ٿو سجهيس.

کيسي تي هٿ هڻي ٿو، جتي نڪو سگريٽ آهي ۽ نه ئي پئسا.

"مر نه، ملن ئي ٿا. آهي ڪا مانڊڻي؟" ٻِل ڏئي چارئي ٽيلار ڪندا بهادر آباد جي چؤواٽي تان هڪ مانڊڻيءَ تان سگريٽ، پان ۽ چيونگم وٺن ٿا.

اچانڪ ٽين ايجررز، هپي، چرس چڪيندڙ اسٽريٽ بوائز ڪي هو پاڻ ڏانهن وڌندو ٿو محسوس ڪري.

"هئه ايمريڪن؟"

"نو. نو."

"اٽيلين؟"

"نو"

"حشيش ڪپي؟"

"نه مهرباني."

"لڪ جينٽل مين، اسين اسٽريٽ بوائز ناهيون. اسان ڪي ڪار آهي، بنگلو به اٿئون..... اڄ رات جي ڪمپني ڏيڻ چاهيو ته....."

"نو ٿئنڪس. اسين آئوٽ سائيڊر ناهيون بابا."

هو محسوس ڪري ٿو ته ڇورن جو تعداد وڌندو ٿو وڃي.

"اي، تون پاڪستاني آهين؟"

"ها پاڪستاني."

"۽ تنهنجيون فرينڊس؟"

"ٻه ايمريڪن اسڪالر ۽ هڪ اوهان جي مهاجر ڀيڻ." ڀائي تون ته هروڀرو ڀيو ڏڄين، ير گهٻراءِ نه. هل اسان سان.... اڄ زندگيءَ جي حسين ترين رات ملهائينداسين. تون ٻه ڇا ياد ڪندين استاد."

هو ڇوڪرن جي ڇِڪ ڇِڪان تي ڪروڌ ۾ اچي ٿو وڃي ۽ محسوس ڪري ٿو ته سندس ساٿي ڇوڪريون ڏڄي ويون آهن.

"ساري ڀائي، اسين اهڙا ناهيون."

"پر اسين ته آهيون. توهان ڪي هلڻو پوندو. هي بهادرن جو بهادر آباد آهي...."

ڇوڪرا گهڻين ۾ هن ڪي ڳِچيءَ کان جهلي گهلڻ ٿا لڳن ته، اشرافت مان هلين ٿو يا نه؟ سانده پندرهن منٽ ڪن اها ڇڪري هلي ٿي.

"واهه، هڪ ماڻهوءَ جي گريبان ۾ اٺ ڏهٽا هٿ وجهي پاڻ ڪي بهادر شاهه ظفر جا پٽ ڀيا سمجهو. پر اهو نه وسريو ته پوءِ مان به ڏاهر جو پٽ آهيان."

"اڇا، ته تون سنڌي ڪتو آهين."

هن ڪي ڀسڻ پئجي ٿا وڃڻ ته هاڻ ڄاڻ جهيڙو ٿيو. هو پنهنجي ڏنل ساٿياڻين ڏانهن نهاري ٿو ۽ پوءِ هڪدم ڇوڪرن جي گهيري مان نڪري، ٺونشا تاڻيو بيهو وڃي. "ڪم آن بوائز، ون باءِ ون."

هڪ ڇوڪر چاقو ٿو ڪڍي.

"يه ڀي چلينگا." هو پاڻ به چاقو ٿو ڪڍي ۽ ان سان گڏ ئي هڪ ڇوڪري ڪي گوڏي تي بوٽ جي ٺو ٿو هڻي. ڇوڪرا هن جي تاڃي بيهڻ تي ڊِرا پئجي ٿا وڃن. هڪ هڪ ڪري سڀ ڇوڪرا ڀڄي ٿا وڃن. هو ڏاڍي مشڪل سان ڇوڪرين سان گهر پهچي ٿو.

رات جي پهر ۾ هرڪو پنهنجن ڪمن ۾ بند ٿيو وڃي. سڄي شهر تي رات جي اوندهه انڌوڪار ڇانئجيو وڃي، اهڙي اونداهه انڌوڪار جهڙي هن جي من ۾ آهي.

مهياري پاڳل ماڻهو

چريو هلندو ٿو وڃي، سج ۾ اکيون ڪپايو. چريي جي مٺ ۾ سڪا آهن ۽ اندر ۾ ڪروڌ. چريو سڪا ڇڻڪائيندي، جيئن سدائين واقندو آهي، ٽاڪ منجهند جي ڄيرا ڇڏيندڙ سج ۾ اکيون ڪپائيندي واقي ٿو:

"ٽڪ ٽئي او سج، ٽڪ ٽئي" ۽ سدائين جيان چريو سڪن جي لپ آڪاس جي ٻوٿ ۾ اڇلائي ٿو هڻي:

"هي وٺ، جوءِ.... پري ڇڏ پنهنجو بول."

چريو هلندو ٿو وڃي،

چريو اڄ وڏي مستيءَ ۾ آهي.

هر ايندڙ ويندڙ جي اک چريي ۾ آهي.

چريو، جيڪو خطرناڪ ناهي.

چريو، جيڪو نئون نئون نروار ٿيو آهي.

چريو، جيڪو وچ شهر ڏئي هلندو آهي، وڏي گار توار سان.

چريو، جيڪو پراڻيءَ محبوب هوٽل تي ٽتي ويل ڪاناهين سيڙهين هيٺ سمهندو آهي ۽ سيٺ صدورو خان ان رات ڏاڍو خوش هوندو آهي، جنهن رات چريو ساجهر ايندو آهي. سيٺ صدوري جو دين ايمان چريو آهي. سيٺ چريي کي ڏاڍو ڪن ڏئي ٻڌندو آهي ۽ مان سيٺ کي.

"خبر ٽئي پوءِ ڇا چيائين؟"

"ڇا؟"

چيائين، ٽڪ آهي هن صديءَ کي، لعنت آهي، هن صديءَ جي عالمن کي. هوءِ هوءِ هاڃا، پينر هن پنيور ۾."

"پر مست ڪهڙي ڳالهه تان ٿيو؟"

"بابا مست آهن، جڏهن مرضي اچين مست ٿي وڃن. الله پناهه ڏئي بابا، هي چريو ته الائي ڇا آهي!" چاچو صدورو ڏاڍي عجب مان سدائين جيان رڙ ڪندو آهي. چاچو صدورو ڏاڍو ابوجهه

ٻڌجي چوندو آهي، "بابا، ڪا ته ڳالهه آهي جو اجا دنيا ٽنين تي بيٺي اهي، ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي پيا ڦرن."
"آئون چوان نه چاچا صدورا، پڪ ئي پڪ جاسوس اٿئي. هندستان جو جاسوس. اڳي ڪنهن ڏنو ڪنهن وانو؟ اوچتو هاجي ۾ نه اچي وجين. مٿان جنگ پري بيٺي آهي، هندستان پاڪستان جي." پر چاچو صدورو هڪ اکر به ٻڌڻ پسند ئي نه ڪندو آهي. چوندو آهي، "پوليس مون ڪي جهلي ويندي نه. مولئِ مدد آهي. فقير سان سر لڳي. بابا علي سخي آهي."
چريو جيڪو گٽر جي نالي ۾ سڄو ڏينهن پاڻ مٿان گٽر وهائيندو آهي، سڄي اسٽيشن جي گند بلا ڪائيندو آهي، پئندو آهي ۽ مستومست جئندو آهي.
۽ جنهن رات...... جنهن رات نه، وڏيءَ پرهه ويل، جڏهن سڄ اجا روشن ڪانياٽين سان ڇيرا ڪين چوڙيا هئا، جنهن رات بلئڪ آئوٽ جي گهگهه اونداهي هئي.... جنهن رات اوپر ڪان، سرٽين جيان هندستاني جي هوائي جهازن حيدرآباد جي هوائي اڏي تي بوهڙ ڪئي هئي..... جنهن رات ايئر ڪرافٽ گنز سان حيدرآباد ڪان انڙ پور، ٻڌاپور، ميرپور خاص تائين ڇيرن پريل گجگاهن سان سڄو آسمان پروڻ تي ويو هو – ان صبح جو چريو آپي ڪان ٻاهر نڪري ويو هو:
"هلا اوهان جي جوءِ ڪي...... اهو ويڌن به هن ئي صديءَ ۾! ڌزم ڌزم ڌزم..... ابليس...... آخ ٿو......."
"اڙي جوءِ..... وري ائٽم بم ڪٽي آيا آهيو! يا علي مدد... ڏاڏو بابو دپاسي."
"اڙي پيڻ جا.... وري ساڳي ڪربلا.... ڪاري قيام!"
"بيهون اوهان جي رن ڪي...... اجا گهٽيون گاريون ڪائيندؤ."
۽ ان صبح چرئي روئي ڪاناهون اسٽان ڇڏي ڏنو هو، وڏن سڏڪن سان. ڏڪندڙ ڏڏندڙ پولارن ۾ پيهي ويندڙ نيٽن پريل آوازن سان:
"الا – هيءَ صدي، اجا اسان واتان گهٽيون گاريون ٻڌندي!...... هنن جي... هنن جي ماءُ..... جوءِ.... نه نه نه" ۽ چريو مري ويو هو. اکين ۾ پيير ساوا ٿي ويس. رات جو الائي کهڙو ڪاريهر ڪائي ويو هئس ۽ صبح جو وري جيئرو ٿي پيو هو.
"مهاياري پاڳل ماڻهو."
هو جي وادي واٽيا.
هو جي واڊي واٽيا.

چريو دانهيندو ٿو وڃي. چريو ڦوهه الست مستيءَ ۾ آهي. چريو جيڪو پوهه جي آڌي راتين ۾ آواز ڏيندو آهي. چريو جيڪو ٽاڪ منجهند جي سج ۾ اڪ وجهي، گاريون ڏيندو آهي، سڪا اڇليندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مان پاڳل جو پيڇو ڪندو آهيان. چريو. جيڪو ريلوي جي گاڏن سان ايندو آهي ۽ وري ڪنهن ٽرين ۾ چڙهي چار پنج مهينا گم ٿي ويندو آهي.

درياهه ۾ لاشا آهن،

درياهه اڃي پيو.

ڀڄي وڃو! هتي پري ٿيو!

درياهه اڃي پيو.

چريو، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن، اوچتيءَ آيل نئين جهڙي وهڪ ڪان به تکو ايندو آهي. چريو، جنهن جا ريها چوڏهن ئي طبق ٻڙڪندا، گجندا ويندا آهن.

لعنت هجيو.....

لعنت هجيو.....

چريو، جيڪو چنڊ تارن کي پوندا گهروڙيندو آهي، چريو، جيڪو الاهين ڏينهن کان گم هو، موٽي آيو آهي. ٻاڏائي ٿو: "پاڻي..... الله گهوٽ ڪندءِ... پاڻي......"

"هاءِ هيءَ ڪربلا. پاڻهي ڪونهي، واهه هيءَ ڪربلا، درياهه آڪاس ۾ اڏامي ويا." چريو، جيڪو صدائون هڻندو، راڙا ڪندو ويندو آهي. وڏين ٻرانگهن سان.... چريو، جنهن کي سانت آهي ئي ڪانه. ڪڏهن سانت ملڻي ناهي. چريو، جنهن جا نيڻ چڻ سدائين تلاش ۾ هوندا آهن، مون کي مٿس ڏاڍو ڪهڪاءُ ايندو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر ۾ ايڏي آڳ مون ڪڏهن ڪانه ڏٺي. هڪ ڏينهن اڃان ته ٽاڪ آرهڙ جي منجهند جي سج ۾ اڪيون ڪپايو وڦلي پيو:

"اڙي توکي به پئسا ڪپن وياجي؟ هي وٺ......" ۽ مٺ سڪن جي ڄڻ ڇٽڪات سان سج جي منهن ۾ وڃي لڳي هئي.

"هيڏانهن هي چريو اڄا جيئرو آهي؟!" مان وائڙو ٿي زال کان پڇان ٿو.

"ها - ٻه ٽي مهينا ٿيا، هڪ ڇوڪرو آيو هو، لسڙات."

"ڇو؟"

"چيائين، اهو پاڳل منهنجو پاءُ آهي. تنهنجو مڙس چرين جو ڊاڪٽر آهي، اسين غريب آهيون. جواڻ پينرون آهن. اسان تي رحم ڪائو."

"عجيب عورت آھين تون انھيءَ ۾ عريب يا رحم جي ڪيھي ڳالھه آھي. اٽر ماءِ ڊيوٽي. قانون مطابق جيڪڏھن سندس پاءُ يا ڪوبه ويجھو مائٽ مون وٽ وني اچيس، مان علاج ڪندوسانس، بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو. مان ته ھن کي سدائين نڊٽڪو سمجھندو آھيان."
"بينگ اي ڊاڪٽر، تون پاڻ جي گھرين ھا ته اھو ماڻھو تو وٽ زير علاج ھجي ھا. مينٽل ھاسپيٽل جي ڊاڪٽر جا پنھنجا به ڪجھه اختيار ھوندا آھن، پر پگھار ملي پئي، اسان جو ڇا؟"
منھنجي گھر واري ناشتي جي ميز تان ٿوڪ مان اٿي، ڪتاب سنڀالي ٿي. ٻارڙا پڙھائڻ لاءِ، اسڪول جا سانپاھا ڪري ٿي.
"ڇا پئي چئين؟ تون چٽر ڪئي آھي!"
"ساري، ان لاءِ ته اٽر يوئر ڊيوٽي، ڇريو جيئن پوءِ تيئن چوٽ چڙھندو، خطرناڪ ٿيندو تو وجي. خبر ٿئي، ٻن ٽن عورتن تي سيڪشوئل حملو ڪيو اٿس ۽ ٻارڙن کي گھڻا ڏيڻ جي ڪوشش به....."
"پائي، پوءِ ماڻھو ڪيس پوليس ذريعي مون ڏانھن ڇو نه پيا موڪلين؟"
"ماڻھو احمق آھن ۽ ڇرئي جو پاءُ نابالغ آھي." منھنجي زال ٽائيم پيس ۾ نھاريندي، باءِ ھلي ٿي وڃي.
وڏو وڏو زرزلو ايندو،
رتو ڇان ٿيندي،
اوھان جي زالن جا رتو ڇاڻ ارھ، زمين تي پڪڙيا پيا ھوندا. (رات جا آواز)
"ٻڌين پيو." منھنجي زال ٿوڪ مان ٿي نھاري.
"ھون – ھا."
"اجا ته رڳو ارھن تائين پھتو آھي، اجا ڳالھه اڳتي پئي آھي." منھنجي زال چپ چپن مان ڇڏائي، لنوائڻ لاءِ ٻانھن مڙسان مڙسيءَ تي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري.
"ڊارلنگ، ڊيلي ڊيلي! ڇا اھا به ھڪڙي قسم جي ڇريائپ ناھي؟ آئون ته سمجھان ٿي اسان به اڌ ڇريا آھيون. اسان کي ڪجھه حاصل آھي، تنھن ڪري واقون نه پيا. ڇا اسين جڏھن رنگا رنگ بلبن جي روشنين ۾ ننگا ھڪ ٻئي جي ڀاڪرن ۾ ھوندا آھيون، ڇريا نه ھوندا آھيون. وري تون ته مٿان ڪڏھن ڪڏھن مينڊريڪس کائيندو آھين؟!"
"بڪواس ٿي ڪرين تون!"

"نه ائون پنهنجو پاڻ سان انصاف پئي ڪريان." هوءَ ڪاوڙجي پنهنجي ڪمري ۾ هلي تي وجي ۽ آئون پريل پيڪ الماريءَ جي ٻوٽ ۾ هٽي، بستري ۾ پيهي ٿو وجان ته نيٺ پلا هن عورت کي ٿيو ڇا آهي؟

"در ڪول نه."

"ساري، مون کي اوجاڳو آهي."

"۽ مون کي ننڊ ڪانه ايندي."

در کلي ٿو.

"هي وٺ چينجر، گيت ٻڌي رات گذاري ڇڏ. ڇو ٿو مون کي فيل ڪرائين ته مون غلط ور چونڊيو آهي."

"ڇا ڇا ڇا؟..... ٻوٽ ته ڏيکار."

"هان ڏس، اڪيون ڦاڙي ڏس، ڊاڪٽرياڻيءَ جو نه، ويچاري سنڌي ماسترياڻيءَ جو ٻوٽ آهي."

هو ڇپرا تي ڏئي ۽ ڦتاڪي جهڙي آواز سان در بند ٿي ڪري.

"اڙي ٻڌ ته! منهنجي ڳالهه ته ٻڌ!" اندران ڪوئي آواز نه ٿو اچي.

"ڏس ڏاهي ٿي، ٻار به ڪنهن جو دل کٽي وندرائجي. قرآن هيڪل رات، ڪاريهر جيان مٿان گذري ويندي." مان ٽيڻ تي هٿ ڏئي موٺ ٿو ڪاوان ته رن کي ٿيو ڇا آهي؟

"منهنجي انگوٺي کي پرواهه."

"ٻڌ، ايڏي آڪڙ ڇو؟ ڪٿي انهيءَ پڙوي چرئي توتي ته حملو نه ڪيو آهي؟"

"ها، هڪ عورت تي ڪيائين، ٻارڙيءَ تي به ۽ آئون عورت ۾ ڪائونٽ ٿيندي آهيان. ڇا ذليل ملڪ آهي!" دريءَ مان ڇوهه ٿي ڇنڊي.

"تون ته آمريڪا جي آهين نه؟"

"ها، ان ڪان ته هپياڻي هجان ها ته سنو هو. ماڻهو هڪڙي ڪن ڪان ٻڌندو، ٻئي ڪان لنوائيندو اچي ها."

"پر اهو ڪهڙو وڏو حادثو آهي؟"

"ته ڇا وڏو حادثو رڳو ائٽم ڪرڻ هوندو آهي؟ باءِ گاڊ، منهنجو مقدر ڦٽو هو."

"ڇو، پلا ان ۾ مقدر جي ڪيهي ڳالهه آهي؟"

"سچ ٻڌايانءِ، تو فنٽوش ڊاڪٽر سان شادي ڪري مون پڇتايو آهي. الائي ڇو ڪاسائي اڳيان اچي ويندا آهن. مان ڪڏهن ڪڏهن گهٽ محسوس ڪندي آهيان."

"بس، هاڻ انت ٿي ويو. ٺيون اڪر ڪڍيو ٺئي ته پوءِ مون کي به ٺن تائين صحيح ڳِٽپ ايندي آهي."
"ڇا؟" هوءَ در ڪولي ڪروڌ مان ٻاهر نڪري آئي آهي.
"ڳڻ.... ڳڻ... ڳڻ نه... ڳڻي ڏي نه جيئن ڊيلي نوٽن جي سٽي ڏيندو آهين، اڄ ئي ڏي. مان ذهني طور تيار آهيان."
"ڀنگ ته نه پي وئي آهين؟!" مان وائڙو ٿي زال ۾ نهاريان ٿو. اچانڪ اونداهين مان آواز ٿا اچن:
"خونا خون ٿي ويندؤ."
"خبردار، ڀنيٽ مچي ويندا. آئون اوهان جي ڏيءَ ڪٽڻ آيو آهيان."
"اوهان جي جوين جي سٽڻ لاهي ڇڏيندس."
"اڳٽ ڇني ڇڏيندس." ڇريو ڳڙندو ٿو رهي.
"مئا هاڻي ٻڌ، ٻڌي ته نه ٿا مرو. هيءَ سوسائٽي آهي. شيم، ٻڌ، مان.... مان نندريون ٻاڙيون نه ٿي پڙهائي سگهان، جنهن شهر جي هر چؤنڪ تي، هڪ ننگو ماڻهو بينو هجي!......."
"ڇو نه بيهندو، ان لاءِ ته تون ويڪ ٽيچر آهين. توکي پنهنجي پاورز جي ڄاڻ ڪانهي. ڇٽ آهين تون. مان ته پاڻ ڦاسجي ويو آهيان تو ڄڻيءَ ميٽرڪ پاس مان.
"ڇا ڇا، مسٽر! ڳالهائين ڪنهن سان پيو؟ آئون اها ماسترياڻي آهيان، جنهن تنهنجي شهر جا دڪان اسڪول اڳيان پونو ڪرائي ڇڏيا ته اسڪول جي بلڊنگ جي سونهن کي ڇيهو ٿا رسائين."
"اهو ته تنهنجو ڪميونسٽ هئڻ جو هڪ ننڍڙو نماءُ هئو. ڇا اسڪول ۾ تو وٽ ٽيليفون ڪينهي؟"
"آهي."
"پوءَ تو ڪڏهن پاڻ کي هڪ جوابدار معزز شهري سمجهي، مون کي ٽيليفون به ڪيو هو ڇا؟ ها، اوهان کي ٽيليفون تي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کان فرصت ڪٿي هوندي. انڊيون ۽ جنڊ، ساري، واهيات محاورو آهي."
"ڇا؟...... اها ڪهڙي بڪواس ڪيئي؟"
"ٻڌ، مون سان ڳالهائڻ وارا ٻوڙا ٿي ويندا آهن. مان پاڳل خاني جو ڊاڪٽر آهيان، مون کي ڇريا ڪريا نيڪ ڪرڻ ايندا آهن. نو آرگيومينٽ." مان ڪروڌ مان سگريٽ دکائي پنهنجي

ڪمري جي در اوڏيءَ ئي طاقت سان بند ڪريان ٿو ۽ اونداهين مان آواز ٿا اچن، ڏاڍا زوراور آواز.

اوهيو، پڇڙ تارو نڪتو آهي.

اوهان جي هتان گهڙي هتان.

يا علي مدد......

يا حسن يا حسين

يا حسن يا حسين

يزيد جا قر، لعنت اٿو.

لعنت اٿو، آخ ٿو......

دور پولارن ۾ پڙاڏا آهن ۽ آئون پريشان ٿي، ڪيسٽ آن ڪري ٿو ڇڏيان.

پري، پولارن کان پري

اڏامر

دور پولارن مان جڻ پڙاڏا ڏونڌا تا اچن:

"سچ؟..... ته پوءِ ٻڌ، سچ برهما لوڪ کان به پري آهي." ۽ پانڊت ٻوتيل اڪيون پٽي، سڪرات جيهيءَ پيڙائن سان ڳڙڪيءَ کان پري، پولارن ۾ نهاري ٿو. ڪمرو ايئر ڪنڊيشنڊ آهي ۽ ٻاهر آڳ الا سج جي تاو جا اهاو اندر تا اچن.

وڏي آرس:

هان – ماڻه، ٻارڙا، پوڙها تئي جيان تتل پرٿوي تي پيا هلي رهيا هوندا؟ پريو شانتي....... پريو شانتي....... پريو شانتي....... پر پانڊت کي سانت ڪانهي. آسانتائيءَ جا اندر ۾ جڻ ڪير ڪتا پيا آهن. اندر ۾ جڻ ڪوئي سج وگهري، لڙڪن جيان ڳڙندو ٿو وڃيس. جيئن وڏا گره سدائين پيا وگهرندا آهن، چاتون ڇڏيندا آهن.

لڙات:

"ڇا مان جيئڻ لاءِ ڦتڪات نه پيو ڪريان..... ائين جيئن جيئبو آهي، جيئن ڌرتي تي رهبو آهي. ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي! ها.... ايڏو زوال! ٽرو سنچوريز، ماڻهو ايڏو ڪڏهن به نيچ نه ٿيو آهي. جي مان سنگتراش هجان ها ته هيروشيما جو پوندبو ٺاهي، جنگبازن جي ٻوٽ تي گهروڙي ڇڏيان ها." پانڊت روئي ٿو پوي.

پانڊت پور ٿو پچائي.

ها – جيڪر ٻيو ڪو ڊاڪٽر هجي ها ته آئون هن هاسپيٽل مان ڀڄي وڃان ها. هاڻي ڪهڙي نه اچرج جوڳي ڳالهه آهي، منهنجي برين جو آپريشن منهنجو پنهنجو پٽ ڪندو! ڊاڪٽر شام راڻي. دي ينگ ڊاڪٽر، ويري فيمس. پانڊت جي روئڻهار نيڻن ۾ مرڪڻهار لڙڪن جي پالوٽ ٿيندي ٿي وڃي.

پانڊت سوچي ٿو. پانڊت وڏن ويچارن ۾ پيهي ٿو وڃي:

هان..... پالنا به ڇا شيءِ آهي! مجڻ ۾ آر ئي ڪهڙو آهي. پلا پٽ کان شڪست کائڻ ۾ شرمائڻ جيڪي ڪيهي ڳالهه آهي! ڪيڏو نه شانائتو ڇوڪرو آهي! ڇوڪريءَ تي ساهه ڇڏيندي به ڪڏهن به ٻڙڪ نه ٻولي اٿس. بس رڳو پيو مشڪندو، رڳو ايترو چوندو: "ڊيڊي ماءِ فائن فرينڊ" عجيب ڇوڪرو آهي!

پورن ئي پورن ۾ پانڊت مرڪي ٿو پوي ۽ پانڊت پاڻ کي مرڪندو ٿو محسوس ڪري. ڏاڍو خوش. پانڊت پاڻ مرادي پڙڪي ٿو:

"ويد ڪال، ويدڪ انڊيا... پلا ايشيا مائنر ڪي ڇا چوندا آهن! هڙا ماڻهو يورپ ۾ ته ٻيا ايشيا ۾ قاتل آهن. هن سامراجي شرسٽيءَ ۾ ماڻهو الائي ڪهڙا ڪهڙا واڄٽ پيا وڄائين! جڏهن ريڊيو ٻڌ، انگولا، موزمبيڪ، انڊونيشيا، اجپٽ، اسرائيل، ايمريڪا، روس، افريڪا هندوستان، پاڪستان، پلا جنگ ڪان سواءِ پرٿويءَ تي ٻيو آهي ڇا؟" پانڊت جو مک آنهريءَ ۾ ڳارهو ٿي وڃي ٿو. پانڊت محسوس ڪري ٿو، هو هلي پيو. پانڊت وري آنهريءَ ۾ نهاري ٿو. پانڊت ڪروڌ نه پڇائي وري اسپتال جي ڪير جيهي اچي بستري تي ڊهي، بي – بي – سي لنڊن ٻڌڻ لاءِ ريڊيو آن ڪري ٿو. ريڊيو، جيڪو هڪ ئي وقت ريڊيو ڪيسٽ جو ڪم ڏيندو آهي ۽ پانڊت پنهنجي بيڊ ڪپبورڊ تان سهڻي جلد واري ڊائري ڪڍي پڙهڻ لڳي ٿو. وري لڙاٽ ۾ هليو ٿو وڃي.

گيتا،

پياري پياري گيتا، نيڪ آهي، آئون ڪميونسٽ آهيان، تو لکيو هو، تنهنجو هر سوڳنڌ ڪوڙو، ڪچ ۽ ڪلاپ سان پريل هوندو آهي. تو اهو لکي مون لاءِ ڪا واٽ ئي نه ڇڏي آهي. جيئن تون هندو استري آهين. گيتا تنهنجو ناںءُ ئي نه، ايمان به آهي. پوءِ ٻين تي ويساهه ڇو نه پئي ڪرين. اسان ڪميونسٽن وٽ به پنهنجو ايمان آهي. ڪميونزم، ڪميونزم جو سوڳند، مون کي تو سان ڏاڍو پيار آهي. پياري پياري گيتا، تنهنجي وارن جي ڇڳ جو سوڳند، مون کي تو سان ڏاڍو پيار آهي. ڪڏهن ڪڏهن پاسندو آهي روميو، راڻو، راجڪمار، پيرس ۽ پنهون سڀ مون ۾ پيهي ويا آهن. ريئلي يو آر مور بيوٽيفل دين جوليٽ، مومل، هيلن ائنڊ سسئي. آءِ لو يو، آئون ان ليٽر جا ڪجهه ٽڪرا ڊائريءَ ۾ نوٽ پيو ڪريان.

پانڊت اچانڪ لڙاٽ مان ٻاهر نڪري ٿو اچي:

"رام رام رام..... آئون به عجب جيهو ماڻهو آهيان. پرائي سڄي ڊائري پڙهي ويس. توبهن توبهن توبهن......."

پانڊت پنهنجو ڏوهه پڪڙي لڄيندو ٿي وري پڙڪي ٿو:

توبهن، هيڏو وڏو ٿي ويو آهي، اها ويسر جي عادت نه وينديس. نيڪ آهي، پٽ جي ڊائري آهي، ساري ڇئي معافي وني ڇڏيندوسانس ۽ چوندوسانس ننڌ نه ٿي اچي ۽ پوءِ پانڊت اشنان لاءِ باٿ روم ۾ اچي ٿو، جتي هر ڪا شيءِ هڪي حاضرآهي.

۽ باٿ روم ۾ هيڪل مرڪون پڪيڙنديون ٿيون وڃن. پانڊت گوڏ سوڙو، ٽب ۾ پيهي ٿو وڃي. سندس رائيٽنگ پيڊ ۽ پين بنهه سندس سيرانديءَ کان ٽيبل اسٽينڊ تي رکيل آهن.
"هان.... ڇا هيءَ صدي، سچي به پرٿويءَ جي سڀ کان اچوت صديق نه ٿي چئي سگهجي؟ هن صديءَ ۾ ماڻهو ڏاڍو ڀوڳيو آهي. آدجگاد کان جي انساني ڊوڙ ۾ هن صديءَ جي ماڻهوءَ سڀ کان تڪڙي رومڙ ڪئي آهي. ائٽم راڪٽ ۽ ميزائل جي تڪڙي خونخوار رومڊ جو سڄي ايرين ريس به شرمائجي وڃي." ڪنهن آڳ کان پانڊت شاور کولي ٿو ڇڏي.
ڀڙاڏا
شاور جي پاڻيءَ جا جلترنگي جهنڪار جيها آواز. پانڊت سانت ۾ اچي نيڻ ٻوٽي ٿو ڇڏي.
ڀڙاڏا.
ڄڻ رات جي دوناڙ مان، سانوڻ جي سنڌو وهندي ٿي وڃي.
"ڇا ڪيلا جو انت نه ٿي ويو آهي. هن صديءَ ڇا ڇا نه ڏيکاريو! سڀ ڪجهه ڪيڏو نه ڏهڪائيندڙ!
اوندھ
ڏوڏرا
ٽڏا ساھ. هاءِ هاءِ ووءِ ووءِ.... پانڊت ڪي ياسي ٿو، باٿ روم ۾ نه، هيروشيما جي آڳ الاڪين ڪن ۾ وينو آهي ۽ پانڊت ڊڪي ٿي، پنهنجي پنل ديهه اسفنج ٿو ڪري ۽ تازو ڌوتل استري ٿيل هاسپيٽل جو اڇو يونيفارم پهري، وار آنهريءَ آڏو ڇندي، ڊيءَ کي ٻڌڻ لاءِ روم ۾ اچي ڪيسٽ آن ڪري ٿو.
"ڊيڊي.... ماءِ سوئيٽ ڊيڊي. سڀ کان پهرين ته ڳل ڪيسٽ اسپيڪر تي رک، فرسٽ آف آل آءِ وانٽ ٽو ڪس يو. او – ڪي"
"اوڪي."
پانڊت ڳل سائونڊ باڪس تي رکي ٿو ۽ ڇميءَ سان ڄڻ دور جنگلاتن ۾ ڪوڙين جهرڪيون ؟؟ چرپر ڪرڻ لڳيون آهن. پانڊت جي من ۾ ڄڻ جينجهڻا ٿا وڄن.
"ڊيڊي آءِ ايم هيپي، ايور: ٽائيم فيلنس پيس، اِنر پيس. سچ، هاڻ ياسي ٿو جيون ڏاڍي سهڻي شيءِ آهي. ساري ڊيڊي، آئون سدائين توسان مردن جي خلاف آرگيومينٽ ڪندي، وساري وهندي آهيان ته هن پرٿوي تي اوهان جهڙو سهڻو مرد به آهي. مان تو سان هاڻ اهڙو ضد ڪڏهن به نه ڪنديس. ڊيڊي، مون فرسٽ ٽائيم محسوس ڪيو آهي ته تون يگن کان هلندڙ، اٽڪ ماڻهو آهين ۽ اهو به محسوس ڪيو ته منهنجو آئيڊيل تو جهڙو ماڻهو هو. او – ڊيڊي،

آئون ڏاڍو اِنر پيس پئي محسوس ڪريان. ڊيڊي، هنن کي ڏسي پهرينءَ ئي نهار ۾ آئون حيران ٿي ويس ته مائون هھڙا ٻار به ڄڻينديون آهن!.... ريئلي آءِ ايم ان لو. ڊيپ لو. هاڻي ته اوهان کي مون سان ڪا شڪايت ڪانهي نه ته آئون اننيچورل جيون پئي گهاريان. پنهنجي طبيعت ٻڌائڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي. پائيڙو ٽيليفون تي مون کي سڀ ڪجهه ٻڌائيندو رهندو آهي. برين ٽيومر ڪيني. اچ ڏاڍو خوش هو. چيائين آپريشن جي ضرورت ڪانهي. ڊيڊي باءِ نيچر اهڙو آهي. ڪڏهن ۾ وجي پوي بيماري، وري ڳتو ڏي."

پانڊٽ ڪيسٽ تي ڳل رکي ٿو.

ڄڻ جهانجهن جي جهنڪار جهجي پوي ٿي.

"ٿئنڪيو فار دس ڪائينڊ ايڪٽ." آواز اچي ٿو.

"هاڻي مان هونولولو جي هڪ سوئمنگ پول تي ويني اهو آواز ٽيپ ڪريان. گيتا جو سوڳنڊ، ڦڪائي ٿي اچي. هاڻ پلا پاڻ ته فرئنڊس آهيون. چڱو ٻڌ، هاڻي تنهنجو ناني تو ڳالهائي.

۽ ريڊيو ڪيسٽ تان سائنس ايج پولاري موسيقي جي ڌن گونجي ٿي وجي.

ڄڻ آڪاس ۾ آتمائون "همرچو" ڳائينديون ٽيون وجن.

ڄڻ ڪٿي ڪنهن عيسيٰ جنم ورتو آهي.

ڄڻ ڪٿي ڪنهن مهاتما کي نرواڻ ملي وئي آهي.

"هيلو انڪل. الا لڇيندو هان. شاه جو سوڳنڊ، مس مس مسلمان ٿي آهي. پلا اها به ڪا ضد آهي ته شادي جي خبر ڊيڊي کي اوچتو ڏينداسين. اٽز اي لٽل شيم فار مي. ساري جينٽل انڪل. باءِ گاڊ سچو ڏوھ شيام جو آهي. معاف ڪري ڇڏيو ته انڪل..... پليز...."

"اري ري ري." پانڊٽ ڪان دانهن نڪريو وجي. "اهو ته سنئون سڌو ڊوھ آهي، ڪپٽ آهي، بلڪه هرامپائي آهي. هاڻي پيءُ کي ڪل ئي ڪانهي ۽ ڏيءَ ايمريڪا ۾ هني مون پئي رچائي. وري هي شيام جو ٻچو به ڪپٽ ۾ شامل! ها پائي..... اسان پوڙهن کي ڪير ٿو ليکي."

پانڊٽ اونهون ساھ ٿو پري.

مهاپاري لڙات،

بوسٽ،

ٻوڏار.

پريو شانتي...... پريو شانتي....... پريو شانتي. پانڊٽ کي شانتي ڪانهي.

"هان - جواڻي به ڇا سيئن آهي! هر ماڻهو ٿمي امپريشن جيان پنهنجي جدا سجاڻپ رکي ٿو."

پانڊٽ کي پنهنجي ٻالاپڻ جا پور پون ٿا.

لڙات
آڪاسن ماڻ ڄن ڪائي اپڇرا لٿي آهي،
سونيءَ نٿ، ڌهري ۽ ٻانهينءَ ساڻ،
مهاياري پوڏار:
"هي....."
"ڇاهي؟"
"سينڌ ۾ سينڌور پري ڇڏ نه. ڇتو پرجان."
"توبهن، پائي آنهريءَ آڏو پاڻ نه ٿي پرين؟....."
"ڇو تنهنجي هٿن ۾ ميهندي لڳل آهي؟"
"نه، ڪتاب آهي."
"نه، پوءِ وري نه ڇئجان، سينڌ ۾ سينڌور ڇو نه ٿي پائين؟"
۽ آڪاسن مان لٿل اپڇرا ڇڻ پر ڪري اڏامي ٿي وڃي.
پاندڙ ڪي ڇين ڪينهي، پاندڙ اسپتال جي نرم نرم پاٽر تي پاسو ٿو مٽائي.
"هي شيام اڇي ته ڇوانس، نند ڪانهيم. توبهن، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ ڪي ڪهڙا پور ايندا آهن!"
مهاياري لڙات
چند ڪينهي، اوٽتيهين اونداهي آهي.
آڪاس ۾ تر ترو ڪڙين ۾ به تيج آهي. پري، ڪارخانن جي روشنين مان هڪ پريمي جوڙو وڃي پيو، مرڪون ڦهلائيندو ۽ رات - رات ايڏي ڇتاٽي آهي جو ڪير ڏارائن ڪان مٽي ڏنڌليل ڪير ڏارائن ۾ لڙاتيل تِر تِر تارو ڇتاٽو ٿو ڏسڻ ۾ اچي ۽ وايو ۾ ميلا فلم جا گيت پريل آهن.
اس دنيا ڪو ڇوڙ ڪي پياري
ساري بندڌن توڙ ڪي پياري..... آنا هي هوگا.
لڙات
نيٽن مٿان ڪيپ.
مهاياري لڙات
دور نندي مندر جا گهنڊ وڄن پيا. ڪالي ديويءَ جي سامهون پوڄا پاٺ پيا ٿين.
جادوونسي ناريون هولي ٿيون ڪيڏن. ڏيئن جي روشنين مٿان، رنگن جي ڇٽ ڇٽان جي رنگين دز، پرهہ جي رنگن سمان اڏندي ٿي وڃي.

پتل جون نندڙيون مورتيون
ماٽھن جا نندڙا ديوس پتر

ماٽھن جون نندڙيون ديوس ماتائون ۽ ڏھڪائيندڙ ڪالي ديوي جو مجسمو، جيڪو ڪارو جادو.

"ڇو؟"

"متو ڦري ٿو."

"نه، تو ۾ ڇوت آھي."

"ھا - مان ٻتن کي نه مڃيندو آھيان."

"ائين نه چئه نه."

"ڇوندس."

"ته پوءِ پري ٿي، مان ديوتائن کان گھڻ ذات سان نه ڳالھائيندي آھيان. پوڄارڻ کي ڏتارڻ سولي ڳالھه ڪينھي."

۽ پوڄارڻ جڻ دور آڪاس ۾ گم ٿيو ٿي وڃي.

"پريو شانتي...... پريو شانتي......." پانڊٹ پاسا ٿو ورائي. "نيڪ آھي، نندڊ نتي اڇي ته استاد بڙي غلام علي ٿو ٻڌان." پانڊٹ پاڻ مرادو اٿي ڪيسٽون ڦولھي ٿو ۽ بيزار ٿي ھڪ ڪيسٽ لڳائي ٿو.

ٿھڪڙا

"ڊيڊي."

"ڇاھي؟"

"سچ ٻڌاءِ، ممي ڏاڍي سھڻي ھئي."

"ھا."

"اپچرائن کان سھڻي."

"ھا - سپنن جي لڇمين کان وڌ سھڻي، جيڪي پنيءَ رات ڏيڻ ۾ ايندڀون آھن."

"اوه سوئيٽ ڊيڊي، مون ته تنھنجو آواز رڪارڊ ڪري ڇڏيو. توکي منھنجو سوڳند جڏھن پاڻ کي ھيڪل محسوس ڪرين، اھا ڪيسٽ لڳائي ڇڏجان."

۽ پولاري راڳڻيون آڪاس ۾ گونجي ٿيون وڃن.

ڏيهه نه ڪو پرڏيهه

سچ، هو به چڪر ۾ اچي ويو آهي، پلا چڪر چو نه؟
هاڻي هوءَ ويچاري انٽرنيشنلزم جي عورت ۽ ان سان گڏ سماج سڌارڪ. تمام سهڻي سلڇڻي سٻاجهڙي سون ورني عورت، جيڪا سنڌ جهڙي ڪاڏل ملڪ ۾ رهندي به چين، جاپان، امريڪا، روس، افريڪا، انڊونيشيا، مڊل ايسٽ جي ماڻهن لاءِ ئي نه، وائيلڊ لائيف لاءِ سوچي، آدجڳاد تائين سوچي. هاڻي ان ويچاريءَ کي پلا ڪهڙي خبر ته هي عشق ٻشق ڇا ٿيندو آهي؟ بس، جڏهن کان اخبار ۾ الائي ڪيئن سندس ڦوٽو اچي ويو آهي، ماڻهو ڏڙا ڏڙا مٿس عاشق ٿيڻ لڳا آهن. هڪ ايڪٽر قسم جو ڇورو ته اصل اهڙو پنيان پئجي ويو ٿس جو ويچاريءَ جو ساهه سڪي ويو آهي. ڪالهه به دانهن ڪٽي آئي هئي ۽ اڄ به ٽيليفون ڪيو اٿس ته مان پريشان آهيان، اڃان پئي ۽ هن جو سمورو پروگرام چوپٽ ٿي ويو آهي. هو وڏيءَ ٻوڏار ۾ لڙهي ٿو وڃي.
توبهن، عشق هڪڙا پٽ ڪن ۽ اڙجي مان وڃان. ڇري، ڇورن کان جند ڇڏائڻي اٿس ته پوءِ وار ننيڙا ڪرائي ۽ ائين يورپيئن اسڪالر عورتن جيان اونچي ڪڙي واري سينڊل سان، فوجي انداز سان ٽڪ ٽڪ ڪري هلڻ بدران ٽڙ ٽڦڙ ڪري هلي. پلا ايڏي شاندار نموني سان هلڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ ايڏا ڪيهر جيها اڇا ۽ اجرا ڪپڙا پائڻ جي. ائين ته هرڪو مرد شاندار عورتن سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هو پنهنجي پروگرام جي چوپٽ ٿي وڃڻ تي اچا وڏيڪ چڙي ٿو وڃي.
"هاڻي پلا ٽيليفون تي ڏکڻ جي ڪهڙي ضرورت هيس؟ ڇورو عشق ٿو ڪريس، قتل ته ڪونه ٿو ڪري."
هو ڇپن ۾ پڻ پڻ ڪري ٿو ۽ گهنٽيءَ جي آواز تي منهن پلڙو ڪري، در ڏانهن وڌي در ڪولي ٿو ۽ هوءَ پگهر ڳاڙيندي اندر اچي ٿي.
"خير ته آهي؟"
"ڌوڙ خير آهي." هوءَ ڪولر مان پاڻيءَ جو گلاس پري، وڏي سهڪي سان پنکي هيٺان ويهي، ڊڪ ڊڪ پاڻي پيئڻ لڳي ٿي.
"ڙي پائي، هاڻ ته هو ڳچيءَ ۾ پئجندو ٿو وڃي."
"اوهه – فوهه، آئون ته ائين سمجهيو هئس ته تون ٿرڊ ورلڊ وار جي آثارن جي ڪا وڏي خبر پڙهي آئي آهين."

"توبهن، پلا ٿرڊ ورلڊ وار جا آثار ڪينهن ڇا؟ پر هي ڇورو منهنجي جيون ۾ هائيڊروجن بم کان به ڏيڪ خطرناڪ آهي." هوءَ ڏاڍي جولان مان چوي ٿي.

"ڇو پلا، اڄ وري ڪهڙي شرارت ڪيائين؟"

"اڄ ته نسوري بدمعاشي ڪيائين. ڏس، آئون وري ٿي چوان ته تنهنجي دوست جو پاءُ آهي. ڏس، مون کان ڪجهه ٿي نه وڃي. اهڙي گڏ ڪيندي سانس جو ماڻس کي ياد ڪندو. الائي ماڻهو ڪيئن رولو ڪتيءَ جيان ڦر چڙهيندا، سڙڪن تي اڇلائيندا ٿا وڃن."

"پر ڪجهه ٻڌاءِ به ته سهي، ٿيو ڇا آهي؟" هو ڏاڍي بيزاريءَ مان رڙ ٿو ڪري.

.اڄ پارڪ ۾ منهنجي پنيان اڪين تي ائين هٿ اچي رکيائين ڄڻ مون ڪو ڪيس وقت ڏنو هو. عجيب زمانو اچي ويو آهي. ماڻهو ڪنهن پارڪ ۾ به منٺ آتت جو ساهه به ڪڻي نه ٿو سگهي."

"اڇا، پنيان اڪين تي هٿ رکيائين!"

"ته ڇا آئون ڪو ڳالهه کي وڏاءُ پئي ڏيان؟ وري بي شرمائي جي حد، چوي پيو، الله کان ڪجهه ٻيو گهران ها."

"پوءِ تو ماڻڙي ڪيو ويني ڏنس، نڪاءُ ڪرائينس ها لپات."

"لپات؟ عجيب ماڻهو آهين! هاڻي مون کي ٻيو ڪم ئي ڪينهي جو ماڻهن کي لپاٽون ويني هڻان ۽ ها مون کي ايتري به خبر پئي آهي ته تنهنجو شاگرد آهي. ووءِ ووءِ، توبهن فائن آرٽ جا شاگرد اهڙا ٿيندا آهن!"

"اهڙو منهنجو ڪهڙو شاگرد آهي؟ منهنجا ته سپ شاگرد اٺ آهن. هي هم.... هي هم ڪري هلندا آهن."

"پائي، تنهنجو شاگرد آهي. هو جيڪو لارڊ جم جو رول ڪري، ان جهڙو. ڇا چوندا اٿس، اوٿول جهڙو. رڳو وار ۽ اکيون ڪارا اٿس. هلندو به ڏاڍي ٽيش مان آهي."

"اوٿول جهڙو ڇورو، منهنجو شاگرد! مون وٽ ته سپ رنگيلي جهڙا آهن." هو ڄڻ پنهنجو پاڻ سان سوال ڪري ٿو.

"ها، تنهنجو شاگرد جي ناهي به ته تنهنجي ڪاليج ۾ پڙهندو آهي ۽ آهي به تنهنجي سنگتيءَ جو ننڍو پاءُ."

"پائي ڪهڙي سنگتيءَ جو؟"

"عجب آهي، پائي تنهنجو هو سنگتي ناهي، جنهن جي پوري پيڻ آهي. ڏکهي ڏکهي. تنهنجي حافظي کي ڇا ٿي ويو آهي؟ هوءَ ڇوري ڪانهي، جنهن لاءِ مون ڇيو هو، هيءَ ڇوڪري جنگ تي فلمايل فلم "هيون نون مسٽر علي سن" واري ڊيبورا ڪير جهڙي ٿي لڳي."

"اوه..... حافظو خراب هوندو تنهنجو. تو ڇيو هو ڪيڏو مانار پريل پيار ڪري ٿي تو سان، شادي ڇو نه ٿو ڪرينس؟" هن جي ڳالهه تي هوءَ ڪشتن مان ڪمري ۾ واڪ ڪرڻ لڳي ٿي.

"پائي ڏس، شادي تنهنجو پنهنجو مسئلو آهي. ڪنهن ڳوناڻيءَ سان ڪرين يا ڪنهن سوپر ليڊي سان. مان توسان ان ڇوڪري تي ڳالهائڻ آئي آهيان."

"ٿورو ٿڌي ٿي... بي ايزي.... پليز بي ايزي....." هو فرج مان به ڪوڪ ڪڍي، ان جا ڍڪڻ لاهي، گلاسن ۾ اوتي ٿو.

"ڇو، گهر جا ٻيا ڀاتي اڃي ويا آهن ڇا؟" هوءَ ڊڄي هوريان ٿي ڳالهائي.

"اڙي پائي، هو سڀ وڏا ماڻهو آهن. ههڙي واهيات گهر ۾ پلا ڪيئن رهندا؟ منهنجي ته الله ٻڌي آهي، هاسٽل لائيف ته ڊاگز لائيف آهي."

"اڙي پائي، مان شاگرد لائيف فلم ڏسي چڪي آهيان. تون فالتو ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين؟ هن ڇوڪري ته منهنجو ذهن ڏوڏي ڇڏيو آهي. ڪڏهن هلندي هلندي آئون سڙڪ تي ڪري پونديسانءِ."

"ان جو مطلب ته هو تو سان بيهودي نموني سان پيش آيو آهي؟"

"او نو.... ائين به ته ناهي. مان پانيان ٿي، جيڪي ناول تو پڙهي، انهن جا ڊائلاگ منهنجي ڪنن ۾ ٿو اوتي. باءِ گاڊ، وڏو سوئر آهي ڳالهائڻ جو. ڳالهائڻ ويل ڇپ، اڪيون، نڪ سڀ ڪنٽرول ۾ هوندا اٿس. ماڻهوءَ کي اصل سڪ ڪري ڇڏيندو آهي!"

"ان جو مطلب، هو تنهنجي ذهن تي ڇانئجي ويو آهي؟ ليڊي يو آر ان لو."

"ڇا ٿو بڪين؟ دنيا جي ٻين سيني مسئلن جي پڇاڻي ٿي وئي آهي ۽ باقي رهجي ويو آهي پيار. اڙي پائي، اهي سڀ واندڪائي جا ڇونچلا آهن." ڪوڪ جو ڍڪ پريندي هوءَ بيزاريءَ سان هن ۾ نهاري ٿي ۽ هو هٿ ۾ ٻڌل گهڙيءَ ۾ وقت ڏسندي اونهون ساهه پري ٿو.

"ڇا پاڻ ان مسئلي تي سياڻ نه ٿا ڳالهائي سگهون؟.... اڄ منهنجي دل ڏر ٽتيءَ جو شاپنگ لاءِ پئي ڇوي. ڏر تپندي آهي نه ته شين جا اگهه به ڪري پوندا آهن. مان سني شرٽ وٺڻ ٿو چاهيان ۽ مون وٽ سلوار قميص آهي ئي ڪانه."

"مون کي سڀ خبر آهي. پر ڇا اڄ تون انهيءَ پوڙهين عورتن واري شاپنگ جو پروگرام ڪينسل نه ٿو ڪري سگهين؟ باءِ گاڊ، آئون ڏاڍي پريشان آهيان." هوءَ روئڻ جهڙي ٿيو وڃي ٿي.

"اوڪي- آخري وارتا ۾ تو سان هو ڪهڙيءَ ريت پيش آيو؟ سندس وڙاؤ ڪهڙو هو؟ ڇا ڇا چيائين؟" هو صوفا سيٽ تي ليٽڻ لاءِ پاڻ کي اڇلائي ٿو.

"وڙاؤ؟ بنهه جيئن نارمل ماڻهوءَ جو ٿيندو آهي. اڪين ۾ ڏاڍا الماس پئدا ڪري الاهين ڳالهيون ڪيائين. چيائين پئي، سال لنگهي ويا، تون پهرين عورت آهين جنهن جي گردش ۾ آئون اچي ويو آهيان. ذهني طور هائلي انسپائر ۽ ٻيو چيائين ٿي ته مون کي تنهنجي ايڏي ضرورت آهي جيڏي نئين ڄاول ٻار کي ماءُ جي ٿڃ جي هوندي آهي ۽ اهو به چيائين ته شادي يا اهڙي ٻئي ڪنهن به چڪر ۾ آئون نه آهيان ۽ نه ئي مون کي ڪا لالچ آهي. آئون رڳو لاٿونءَ ۽ ڏئونر وارو ساٿ ٿو چاهيان. ڀلا ايڏڙي ننڍڙي سنگم ۾ آهي ڇا؟"

"پئي واه!..... هي ته ڪو وندرفل چورو آهي. جيئن منهنجو تنهنجو، هڪ ننڍڙو، نئين ڄاول اوئان اوئان ڪندڙ ٻار جهڙو پيارو رشتو آهي، تيئن هن سان به ٻرانگهون هلڻ ۾ عيب ڪهڙو آهي؟!...... ه - آ -" هو شوڪارو ڀري ٿو ۽ وري مٽس دهمان ڪري ٿو:

"آئون به ته تنهنجو مائٽ نه آهيان...... ٻڌاءِ نه، ڪهڙو سنگ سياڪو آهي؟"

"عجب آهي، ان جو مطلب آئون سڄي جهان سان فرئنڊشپ رکندي گهمان."

"سڄي جهان سان تنهنجي فرئنڊ شپ ناهي ڇا؟ اهو چو پئي وسارين ته تون رائيٽر آهين، ملڪ جي مڃيل ليکڪا. جيئري جاڳندي نائڪا، هلندڙ ڦرندڙ يونيورسٽي، سڄي جهان جو قلمي دوستيءَ جو نيڪو ڪنيو گهمين، باقي جي دوست ناهي ته اهو هڪڙو چوڪرو!....."

"ها - هن منهنجي اکين تي هٿ چو رکيا؟ جنيءَ کي جن نه ڪن. ادي کي عشق انڌو ڪيو. هاڻ توکي ڪهڙي خبر ته ان وقت مون ڇا پئي سوچيو؟" هوءَ چڙجي، خالي گلاس زور سان ميز تي رکي ٿي. "آئون انهيءَ اتاولي سان اڌ ڪلاڪ لاءِ سنگت رکڻ لاءِ به تيار نه آهيان. اهڙا چورا منهنجو آئيڊيل نه ٿا ٿي سگهن. هڪ پل لاءِ به نه."

"پر تون هن جي آئيڊيل آهين ۽ ڦري چو ٿي وڃين؟ تو هينئر چيو ته هو ڏاڍو گمڀير آهي."

"اهو مون ڪڏهن چيو؟.... هان ڪڏهن؟"

"اوه... تون ائيزيند مائينڊيڊ رائيٽر آهي. تو پاڻ الائي ڇا ڇا چيو، مانار پريل. نڪ، اکيون، چپ سڀ ڪنٽرول ۾. ڇا اهي سڀ هڪ گنڀير نوجوان جون نشانيون نه آهن؟"

"توبهن..." هوءَ ڪروڌ ۾ اچي ڪمري ۾ وجي ٽيلار تي ڪرڻ لڳي ۽ ڪروڌ کي پيچي ورى تکو تکو ڳالهائڻ تي لڳي:

"هاڻي ته تون به مون کي سمجهڻ کان پڙ ڪدي بيٺو آهي. مون وٽ دوستن ٻوستن لاءِ وقت ڪينهي. تون سمجهين ڇو نه پيو ته آئون هڪ پيوئر رائيٽر آهيان. مون وٽ سوچن جا آسمان آهن. ڀائي، منهنجو نئون ڪتاب مون کي منهنجي جيون کان وڌ پيارو آهي. ان لاءِ آئون صحت ٻهت جي پرواه نه ڪندي آهيان. مون ان ڪتاب لکڻ لاءِ پندرهن سال پوڳيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته پنا به مون لاءِ وڏو پرابلم تي ويندا آهن. تون چئه، ڀلا آئون ڪو وڏو پرائيز کٽڻ جي چڪر ۾ آهيان ڇا؟ اڙي ڀائي، مون کي منهنجو ڪتاب پورو ڪرڻ ڏيو، پوءَ ڀل منهنجي جسم جو واڪ لڳائي ڇڏيو. آئون ايڏي بولڊ آهيان جو اوهان کي بروٽل ۾ به ويهي ڏيڪاري سگهان تي. جن ڪولي ٻڌي ڇڏ، آئون هن صديءَ لاءِ چئلينج آهيان. منهنجي ناول جو ٽيم؟ منهنجي ناول جو ٽيم آدجڳاد کان اچ تائين جي کهڪان جو ڇڪا ڇڪا تي ويل ڳاڙهو ڳاڙهو رت آهي، جيڪو صدين جي ڌماڪن سان ڪارو تي ويو آهي. جيڪو هاڻ تمام گهٽو ۽ گندو تي ويو آهي. وڏي گهٽ ۽ بدبو اچن لڳي آهي، ساهه ٻوساٽيندڙ." هوءَ روئي تي، چرين جيان اکين تي هٿ ڏئي، هڏڪيءَ مان رانياٽ ڪري روئي تي ۽ پوءِ اوچتو ڪتاب ڪٽي، وجڻ لاءِ ڏاڪڻ ڏانهن ڊوڙ تي ڀائي ۽ سندس اوچي ڪڙيءَ وارو سينڊل ڏاڪي سان وچڙي تو وجي ۽ هوءَ دانهن سان ڏاڪڻ تان بولاٽيون ڪائيندي تي وجي ۽ هو تڪڙيءَ ڊوڙ سان ڪيس سنڀالي تو.

"ڏڪ ته نه آيئي؟"

"منهنجا هڏ رڪاهان آهن." هن جا لڙڪ بس نه ٿا ڪن. هو ڪيس ڪنڌ ۽ گوڏن هيٺان ٻانهون ڏئي، ڪٽي تو ۽ هوءَ درڙي هٽندي روئندي ڄنگهون هيٺ مٿي ڪندي تي وجي.

"ڇڏ مون کي، چيم نه هڏ پڪا تي ويا آهن، مون کي الاهين لکٽو آهي."

"ڏوڙ لکٽو آهي توکي، تون هن صديءَ جي سڀ کان واهيات ليکڪا آهين، ڪمزور ۽ انيچورل."

"بڪواس بند ڪر" ۽ انهن اکرن سان ئي هوءَ بيڊ تي وجي ڪري تي.

"ها، سچ سدائين بڪواس لڳندو آهي. تون انيچورل رائيٽر آهين، ان لاءِ ته تنهنجي رهڻي ڪهڻي انيچورل آهي. جيئڻ حياتيءَ ۾ پاڻي، ماني، ڪپڙا، گهر ضروري آهن، تيئن ميل لاءِ فيميل ۽ فيميل لاءِ ميل. چوٽيهن سالن جي تي وئي آهين، ٻڌاءِ ڪيترو هيڪل

گذاريندينءَ؟ تون اڏوري آهين، ان ڪري تنهنجيون لکڻيون به اڌوريون آهن." هو ڪاوڙ مان سندس نيڻن ۾ نهاريندو ٿو رهي.
"ڇا تون سچ پيو چوين؟!"
"ها، نيٺ تون مردن ڪان ايڏو الرجڪ ڇو آهين؟ جيئن سڀ عورتون خراب نه هونديون آهن، تيئن سڀ مرد به خراب نه هوندا آهن."
"......." هوءَ ڏوڏا ڦاڙيو منجهس نهاريندي ٿي رهي.
"نيڪ آهي، آئون اشتهاري فلمن جو ننڍڙو ايڪٽر ئي سهي، لڪس نرالا لڪس ڪنڌڙ، پر مون تو جهڙن هزارين رائيٽرز کي پڙهيو آهي. تون نه رڳو پنهنجي سر جي، پر پنهنجي سڄي ڪٽنب جي تباهيءَ جو ڪارڻ آهي. تنهنجا مٽ نيڪ چوندا آهن. تون ڪنهن بئنڪ جي مئنيجر به هجين ها ته اڄ تو وٽ ڪار هجي ها، بنگلو هجي ها."
"تون ته ائين پيو چئين جڻ تون پاڻ وڏو گري گوري، مارلن براندو، لينڪاسٽر يا دليپ ٿي ويو آهين. هڪ نه، چار شاديون ڪري وينو آهي."
"نيڪ آهي، تون ٽي وي تي اسڪرپٽ لک، آئون ٿو ڪم ڪريان. فنون ۽ آرٽ جي دنيا جو هر ماڻهو پئسن لاءِ نه، فن لاءِ جيئندو آهي. بهترين آرٽسٽ بهترين اسڪرپٽ جو محتاج هوندو آهي ۽ شادي.... شادي لاءِ منهنجي نظر ۾ هڪ ڇوڪري آهي، بمباسٽڪ ڇوڪري."
"ريئلي." هوءَ جڻ پنهنجا سمورا ڏک ڏنجهه پلجي ٿي وڃي ۽ ڏاڍي چاهه مان هن ۾ نهاري ٿي. جڻ ڪيس ڪنن تي اعتبار ئي نه ٿو اچي.
"نيڪ آهي، جنهن تون شادي ڪندين، ان ڏينهن آئون به ڪنواري ڪانه هونديس."
"منهنجي دل رک نه، انهيءَ ڇوري سان شادي ڪري ڇڏ. ان ڇوري کي ته مون زوريءَ همٿايو آهي، نه ته لکي لکي تنهنجيون واٽون تڪيندو هو."
"ڇا؟"
"ها." هو مرڪي ٿو پوي.
"ساري جينٽلمين، ان ڇوڪري سان رڳو پاپو رکي سگهجي ٿو، شادي هر ماڻهوءَ جو پنهنجو ذاتي مسئلو آهي."
"قران، اهڙو شاندار ڇوڪرو سڄي ڌرتيءَ جي گولي تي نه ملندءِ."
"ڇيم نه مٿو نه کاءُ. آئون مڙس ڳللهن جي مرداني آهيان." هوءَ تڪي چور ٿي چوي ٿي.
"ڇا تون شاپنگ لاءِ وڃي نه ٿو سگهين؟ مون کي تنهائي گهرجي."

"وجان ٿو وجان ٿو، مر نه. ها... مون چيو ٿي هروڀرو پاڻ کي لکڻ جي مشين نه سمجهه. تون لکي لکي بنهه ڏهي وئي آهين. ننڍ جي هڪري گولي کائي سمهين پئه. آئون ڪا سٺي فلم ڏسي موٽان پوءِ ڀلي ماڻهن ڏانهن هلي وڃجانءِ. رميمبر، نو رائيٽنگ. اوڪي؟"

"اوڪي." هوءَ ڏاڍي سانت سان اکيون ٻوٽي، نرم نرم وهاڻو ڪنڌ هينان سهلائيءَ لاءِ دٻائيندي ٿي رهي.

"واه – تون ته ڄڻ پهرينءَ رات جي ڪنوار جايان سيج تي رسي به وئينءَ! اندران دروازو بند ڪرڻ لاءِ پٺهين نوڪر موڪليندو ڇا؟ اڙي ڀائي، زمانو خراب آهي. هتي پنجن سالن جي ٻيٻيءَ تي ڏهه ڏهه ماڻهو چڙهيو وڃن. آئون رات جي اٺين ڪان اڳي ڪونه موٽندس." هو تيزيءَ سان ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ٿو وڃي ۽ ٻاهرئين در جو نڪاو سان بند ٿين جو آواز اچي ٿو.

هوءَ اٽئچ باٿ روم جي در ڏانهن نهاري، مٿو کنهي ٿي ۽ هيٺ لهي، اندران ٻاهريون در بند ڪري مٿي چڙهي ٿي ۽ هلندي چولو لاهيندي ٿي وڃي. هنجي، ٿڌو ٿي سمهڻ لاءِ ۽ ڪمري ۾ ايئر ڪنڊيشنر، پنکن جي آواز سان گڏ سيند وڄائڻ جا سريلا آواز پيدا ٿي وڃن ٿا ۽ ريڊيو ڪيسٽ تي گيتا جو گيت: "اپني پي بهروسه هي، اک دائو لگالي" گونجندو ٿو رهي.

اڏ چريا ماڻهو

"اڙي هٽو پالا - جوءِ جا...... هٽوس اپيون ڪاتيون....."
"الله اڪبر الله اڪبر، اصوات خير مننوم......"
"الا بچايو، ڏينيو ڏنگ تا هٽن."
"چل ميري گهوڙي، دڪا تاج محل......"
"سستو سستو، ٻوڙي اچو، منو منو پيشاب پيئو، چار آنا پاءُ، چار آنا پاءُ..... پڇتائيندؤ......."
"باھ، گهوڙا ڙي باھ. پاسا تا وڃن." اجا پوھ لاٿا لوھ مهاڙ مس ڪڍي ته وارڊ نمبر ٽئين مان عجيب گجگوڙن ۽ ڪيڪراٽن جا آواز وڏي واڪ اچڻ لڳا هئا. جيئن جيئن راتيون برف جيان ٿڌيون ٿينديون ٿي ويون، تيئن تيئن چريا مستو مست ٿي، ڪوڪرا ڪرڻ لڳا هئا. وارڊ نمبر ٽيون ننگو وارڊ آهي، جنهن ۾ اوچين ديوارن اندر هڪ پاسي ڪان عورتون پريل آهن ته ٻئي پاسي مرد. سڄي پاڳل خاني ۾ چرين کي سرديءَ کان بچائڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي اوٽ يا اجهو ڪينهي ۽ جيئن جيئن سرد هوائن پريل راتيون اِنگهنديون پيون وڃن، تيئن تيئن پاڳلخاني ۾ رات جي نوائيءَ ۾ گار توار ۽ ٻاڪار جا نوان نوان آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. رات جا يارنهن ڪن مس ٿيا هئا جو اڏ چريو گاگن ٻوڙندو آيو هو:
"سائين جهٽ ڪر - هو بنگالي چريو آهي نه جهنڪ، مري ويندو، قرآن لاش وانگر پيو ٿئي!....." پاڳل خاني ۾ جڏهن ڪا مصيبت ايندي آهي، گاگن مون وٽ ٻوڙي ايندو آهي. گاگن مون کي بنگلي جي صفائي ۽ سنهي ٿلهي ڪم ڪار لاءِ ڏنو ويو آهي. مون کي اسپتال ۾ آئي مهينو ڪن مس ٿيو آهي، پر منهنجي ۽ گاگن جي ياري ڏاڍي پڪي ٿي وئي آهي. جڻ اننت ڪالن ڪان اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هجون. گاگن جو اندر ميڻ ڪان به ڪونئرو ۽ نرمل آهي. ٻين کي تڪليف ۽ دکن ۾ ڏسي گاگن ڏاڍو پريشان ٿي ويندو آهي. روئي به پوندو آهي. وارڊ نمبر ٽئين ۾ چرين جو وڏو هولريو آهي:
"اڙي مري وي..... ڪلما پڙهي ڪٿوس. الله اڪبر......"
"مري ويو مردود نه ختمو نه درود. ڪافر مٿان قرآن حرام آهي."
"اڙي ڇا ٿيس؟!" مان جلدي ٽارچ سنڀاليندي پڇانس ٿو.
"سائين، هي وڏو وڏو ٻڙ جو وڻ آهي نه، انهيءَ مٿان اوچتو زيڙات ڪري ڪريو آهي."

"چڱو تون هيئن ڪر، ڊاڪٽر الله ڏني کي به وٺي اچ، جلدي....." مان ڪيس سمجهائي تڪڙو وارڊ نمبر ٽئين ڏانهن وڌان ٿو.
"جيڪو ايندو تنهن جي جوءِ .... ڇڏيندا سين."
"ڪلا ٿو رن... اسان جي دوزخ وڃڻ جا آڌر ڪيو نه ته گڏين سان.... ڦاڙي ڇڏيندا سين."
"الله اڪبر، الله اڪبر." وارڊ نمبر ٽئين ۾ چرين جو وڏو چؤٻول آهي. سياسي چريا ته ماڳهين جدا جڻ ميٽنگ ڪوٺايو ويٺا آهن. مان گاريون هڪ ڪن سان ٻڌندو، ٻئي ڪن مان ڪڍندو، ان بنگالي پاڳل ڏانهن وڌان ٿو. مان جڏهن کان انهيءَ اسپتال ۾ آيو آهيان، الائي ڇو ان بنگالي پاڳل تي مون کي ڪهڪاءُ اچڻ لڳو آهي. مون جهنڪ جي پاڳلپڻي جو سمورو رڪارڊ اٿلائي ڏٺو آهي. ورهاڱي کان پوءِ ترت ئي جڏهن سنڌ ۾ چمڙي جا ڪارخانا لڳايا ويا ته جهنڪ ٻين هندو توڙي مسلم مزدورن ساڻ ايسٽ پاڪستان کان حيدرآباد آيو ته ساندهه تيرهن چوڏهن سال ڪارخانن ۾ ڪم ڪندو، رکي مانيءَ جيترا پئسا بچائي، باقي سمورا پئسا زال کي، ٻارڙن کي موڪليندو رهيو. هو هر سال بنگال وڃڻ لاءِ سوچيندو هو ۽ وڃڻ جي بدران اوٽ موٽ جو ياڙو به گهر موڪلي ڇڏيندو هو. پوءِ اوچتو جهنڪ پاڳل ٿي ويو ۽ پوءِ هوريان هوريان سندس بنگالي ساٿي به هڪ هڪ ٿي بنگال هليا ويا ۽ جهنڪ سدا لاءِ رهجي ويو. هونئن پاڳل بنجڻ کان اڳي جهنگ ڏاڍو يوڳائي، چرچائي، برهمچاري ۽ ننڍڙن ٻارڙن سان بي انتها پيار ڪندڙ ماڻهو هو. اسپتال ۾ جهنڪ خطرناڪ ۽ لاوارث چريو آهي.
"لونڊو ڊاڪٽر اچي ويو - لونڊو ڊاڪٽر اچي ويو."
"ڪڪ...... ڪ - ڪ ڪڪڙو ڪو."
"ڊاڪٽر ياڙيو نه ٿي، ٻيلي ٻيڙي ته ڇڪاءِ، نه ته آئون سرڪار کي چوندس ته منهنجي زال وڏيري نه تو يجائي آهي." ۽ ٻئي ڪنهن پاسي کان ڪنهن پاڳل جي ڳائڻ جا آواز اچن ٿا: "ماڻهو مري ٿو، ملان نهاري ٿو جهڙو مور، قاضيءَ وارو ڦسلو." منهنجي هٿ ۾ ٽارچ ڏسي الاهين چرين ۾ ياچ پوي ٿي. مان جهنڪ مٿان اچي ٽارچ سان ڪيس چڱيءَ طرح ڏسان ٿو.
جهنڪ لنين سان ماريل مرندڙ ماڻهو جيان پيو آهي ۽ سندس پر ۾ ٻڙ جو ننڍڙو ڇڳل ڏار به پيو آهي. جهنڪ جي بدن تي رهڙون آهن. مان محسوس ڪريان ٿو جهنڪ وڏيءَ سڪرات جهڙيءَ پيڙا ۾ آهي. هن جي هڪ ٻانهن ۽ ڪرنگهي جي هڏي چيلهه کان ٽٽي پئي آهي. هن جي ديهه جيڏي ئي نست ۽ ساڻي ڪاٺي آهي، اکين ۾ اوڏي ئي ٻاڏ ۽ ڦتڪو آهي. هو مرڻينگ حالت ۾ سدائين جيان پنهنجي ڦاٿل ڪوٽ جو گيدو بچائڻ هٿ دل جي پاسي رکيو پيو آهي.

ان ڪان پهرين جو جهنڪ پساهه ڏئي ڇڏي، آئون ڪنهن آس تي جهنڪ کي ڪنڌ ۾ ڇنگهن ڪان هٿ ڏئي ڪٽان ٿو ۽ ٽڪڙو اسپتال جي بلڊنگ ڏانهن وڌان ٿو.
"جوڳهين سان گڏ سمهارجانس."
"قرآن ڊاڪٽر الهڏني وانگر هي نئون ڊاڪٽر به چتو اٿو. هٺوس گڏيون." آئون وڏي مشڪل سان، اڌ چرين جي مدد سان جهنڪ کي ٻانهن ۾ لڙڪائيندو، وارڊ نمبر ٽئين جي وڏي دروازي ڪان اڪري. ڪيس فرسٽ ايڊ ڏيڻ لاءِ جيئن ئي اسپتال ڏانهن وڌان ٿو، پوڙهو ڊاڪٽر الله ڏنو منهنجي آڏو اچي ٿو وجي.
"يار تون ته چريو آهين. اِهو ڪهڙو رواج وڌو اٿئي؟"
"ها يار، چرين جا ڊاڪٽر به چريا ئي ٿيندا آهن."
"يار پوءِ ٻين جي ننڊ ڇو ٿا حرام ڪريو؟ تنهنجو ڪم ڪهڙو هو هن چريي جي پٺ ڪي منهنجي بنگلي تي موڪلڻ جو. گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ٻيرا ڪال بيل وڄائي منهنجي گهر جي ڀاتين جي ننڊ ڦٽائي اٿس. ميان آئون تو جيان ڇڙهو ڇاند ماڻهو ڪين آهيان."
"ساري سر، مان معافي ٿو گهران." اوهان جي بنگلي جون ٻتيون ٻريون پئي. مان سمجهيس اوهان جاڳندا هوندا، يار هي ويچارو ته مري ويندو!"
"يار تون ته صفا ڪو ڇٽ آهين. يلا ساهه ڪو اسان جي وس ۾ آهي ڇا؟" ڊاڪٽر الهڏني جي ڳالهه تي ڪن لاءِ آئون سن ۾ اچيو وڃان ته هي پوڙهو ڳالهائي ڇا پيو؟ هرويرو مون کي ڇڙ وٺي ٿي وڃي.
"ساري، مون کي ماڻهو نه موڪلڻ گهرجي ها. شايد اوهان ڪنهن وڏيءَ هاڄ ۾ ڦاٿل هوندا."
"مون ريڊيو پاڪستان لاءِ افسانو پئي لکيو. سرڪار ڪو هنن چرين لاءِ اسان کي ايڪسٽرا پيمينٽ ڪندي آهي ڇا جو چوويهه ڪلاڪ پاڳلن ۾ پيا هجون. ميان نئون نئون آيو آهين. پوءِ مٿان دانهون ڪرين ته مون کي سنائون ڪين." ڊاڪٽر الهڏنو ڪروڌ مان گهر ڏانهن موٽ ٿو ڪائي.
وارڊ نمبر ٻه جا اڌ چريا دوڙي اسٽريچر کڻي اچن ٿا. مان جهنڪ کي فرسٽ ايڊ ڏيڻ لاءِ جلدي جلدي پنهنجي آفيس ۾ کڻائي ٿو اچان.
جهنڪ جي نڙيءَ مان گجيءَ سان گڏ گهٽيل اوڪارن جهڙا آواز اچن ٿا. جهنڪ جا پاسا بلڪل بند آهن. تمام گهڻو مٿان ڪان ڪرڻ ڪري سندس ڪرنگهي جون هڏيون ڪٻڙن جيان ٻاهر نڪري آيون آهن. جهنڪ ننگو آهي، هو ساهه جي پڇاڙڪيءَ واريءَ ٻڏ تر جهڙيءَ حالت ۾ به ورهين جي مري، بدبو ڇڏيندڙ گوٽ جي گيدي مان هٿ نٿو ڪڍي. جهنڪ جي نيڻ ۾ ڇڻ

ڄڱن جون پيڙائون ڪن لاءِ جاڳي ٿيون پون. جهنڪ آزا ڪان ڇيچلجي ڪيهون ڪرڻ لاءِ گهڙي گهڙي موت جيهيون اوٻاسيون ٿو ڏئي. سندس ٻاڪي مان ڪي آواز اپٽجن ٿا.
"لا ...... ڪوم..... لا.... ڪوم..... بنڊو ڪوميلا." ۽ گڙ گڙ الٿيءَ سان هن جا هٿ پير شيخ ٿيندا ٽا وجن ۽ ٻئي وڏي اوڪاري سان هو پساهه ٽوڙي ٿو ڇڏي. هن جو هڪ هٿ منهنجي ڳٽڙ ۾ آهي ۽ ٻيو هٿ گيدي ۾ پوري طاقت سان ڦٻيل آهي.
"جهنڪ يائي.... جهنڪ يائي." اڌ چريو گاگن رانيات ڪري روئي ٿو پوي. مان جهنڪ جو هٿ پنهنجي ڳٽڙ مان ڇڏائي سندس هٿ پير سڌا ڪريان ٿو ۽ ڪا ڳالهه محسوس ڪندي جهنگ جي گيدي ۾ هٿ وجهي ڪجهه شيون ڪڍان ٿو. جهنڪ جي گيدي ۾ هڪ پراڻي ننڍڙي ٽتل ڪافور جي گڏي آهي، جا الائي ڪڏهن هن پنهنجي ننڍڙي ٻارڙيءَ ڪملا لاءِ ورتي هئي. مان جهنڪ جون اکيون سدا لاءِ بند ڪري، بند ڪمري مان هڪدم ٻاهر نڪري ٿو وڃان.

رئندا ڪلندا ماڻهو

دبئي نه ويندي به هو جڻ دبئي مان موٽي آيو آهي. "اهڙا ڪئين پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽون آيون ۽ ويون." هو ڪروٽ ۾ اچي سوچي ٿو:

"نيٺ هي مينو جي ٻچي مون کي سمجهي ڇا ٿي؟ پيار... منهنجي اندر ۾ لاکس جيڪا پيڙا ۽ پرارٿنا آهي. ڪري سگهندي تنهنجو ڪاڇو ۽ ڪاتو، ڪاري ڪتي، گڏه؟ جڻ مون جيڪي ڳالهيون ساڻس ڪيون هيون، سڀ ڪوڙيون هيون؟ منهنجي من ۾ ڪو مير هو؟ اجري رڳي پان آهي؟ الائي ڇا ٿي سمجهي پاڻ کي.....! هونهن، سيبا بيبي؟ ڪيس ڪهڙي خبر ته دنيا ۾ ڪا صوفيا لارين جهڙي عورت به آهي! جيڪڏهن پاڻ وڏي وڏي ڪاري ڪاري ڳائٽي ۽ نچني آهي ته ڇا ٿيو؟ مان به ته وڏو سانرو سانورو، نه ڪارو نه ڳاڙهو ڳاٽو آهيان، هينئر جي دبئي وجان ته ڇورين ۾ مانداڻ وجهي ڇڏيان. هونهن..... مون کي ٿي چوي پروفيشنل..... پروفيشنل هجان ها ته وتس خالي هٿ اچان ها؟ سو به پيدل؟ هونهن انقلاب...... انقلاب، ڪارو انقلاب....... وڏي نرودا جي ڏيءَ پئدا ٿي آهي. اردوءَ جي وڏن پينٽرز جي پينٽنگز کي نالا ٿي ڏئي، ڪڏهن ڪتريءَ جي نالي ڪو ريمارڪ ڏنو اٿس، ڪهڙيءَ ڪوالٽيءَ ۾ گلوءَ رنگن ڪان وني، ٽامي جي اسڪلپچر ناهڻ ۾ انهيءَ مهاجر آرٽسٽ ڪان گهٽ آهي؟ ڪتري ته اجا وڏيڪ سينيئر آهي. ماڻهن ته ڪيس اڌ چريو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ نرو پيئو وتي آرٽسٽن کي گاريون ڏيندو. پاڪستان ٽيليويزن جي وڏي اديب آفيسر جي نئين نئين دوست آهي ته متو ڦري ويو ٿس. آرٽ..... آرٽ... پلا ايتري خبر اٿس ته اسڪلپچر جي دنيا ۾ هڪ نوجوان موٽرن جي پراڻن مڊ گارڊ کي ويلڊنگ ڪري، محمد علي ڪلي جو انگاس مجسمو ٺاهيو آهي!.... ڏسي ته ميجالو گهوماٽي ڪائي وجيس! ڪودي به خوش آهي ته محمد علي ڪلي پاڪستان ايندو ۽ ڪيس سجاڻندو! ننگڙا نماڻي دا، جيوين تيوين پالٽا. جٺ، چري، چرٻٽ، ڪني لٻاري، ڪتي، هونهن مون کي ٿي چوي ٽرڙا......"

هو وڏي آشنائتي ۽ وياڪلتا سان پاسو ورائي ٿو ۽ وري مينو جي ٻالاپڻ جي ساهيڙيءَ جي باري ۾ سوچي ٿو:

"توبهن، ڪيڏي نه گريسفل عورت آهي! سنڌي وڏا پلستر آهن. ڏيئرن جي سموري ٽئلينٽ کي ختم ڪريو، ڪين پردي جي ست پڙن وارن ڪوٽن ۾ لڪائي، چاٻيون درياهه سنڌ ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن، پر ڪين ڪهڙي خبر ته اهڙي قيدياڻي جڏهن قيد ٽوڙيندي آهي ته علي الاعلان ٽوڙيندي آهي، ٻنهن اگهاڙي ٿي ميدان ۾ نڪري ايندي آهي ته هيءَ ڪهڙي سوسائٽي آهي؟

ڏسو آهيان نه آئون فائن ليڊي! مون ۾ ڪس ڪهڙو هو جو اوهان مون کي هيڏيءَ وڏي دنيا ۾ شاهه عبداللطيف جي ڪوهه واري منڊي ماڪوڙي بنائي رکيو؟ ٻڌايو ڇا مان ماڪوڙي آهيان.......؟ اوهان سڀني جا اوزار منهنجا ماپيل آهن. ڪڇي ڏيکاريانو اپ؟"

ڪن لاءِ وري هو پاسو مٽائي ٿو. الاهين دير ٿي وئي آهي، مينو لاڪس چانهه نه آندي آهي. هو خار ٿو کائي:

"ها، ساهيڙيءَ سان جو وينو هوندي، منڊي ماڪوڙي....! هيءُ حرامزاديون، هن هيڪل هيڏي وڏي گهر ۾ ڪٿي هڪ ٻئي سان سيڪس ته نه انجواءِ ڪري رهيون آهن. ها ها ويچاريون ڇوڪريون، باندياڻيون توڙي آزاد، ائين ڪنديون آهن. ائين ڪرڻ تي مجبور آهن. پيٽ نه ٿي پوي... توبهن ڇوڪريون يا عورتون ناجائز ٻار ٿيڻ کان ڪيڏو نه ڊڄنديون آهن! باقي جي رڳو کو رشي ئي سهي، ملان پنڊت، ملان يا پادريءَ جا ٻه ٻول پڙهايل هجن ته پوءِ ڪيڏي نه فخر سان پاڻ کي ڊبل ڊيڪر سڏائينديون آهن، ڪيئن نه ڳاٽ اونچو ڪري اکين ۾ آدجڳاد جا ڪيپ پري هلنديون آهن ته سمجهو ڇا ٿا، اوهان سڀ ڪنگال آهيو، اوهين سڀ بکيا وحشي ڪتا آهيو، جو ڪجهه آهي منهنجي پيٽ ۾ آهي." اچانڪ هو خوشين مان ليٽڙي ٿو پائي ۽ پنهنجي مومل جهڙي گرل فرينڊ لاءِ سوچي ٿو: "او مائي گاڊ، ڊبل ڊيڪر. منهنجي ماسوڪڙي ته جڻ سدائين جهڙي ڊبل ڊيڪر هوندي آهي. ڇري سمجهي ٿي ته دبئي، امريڪا يا ٻين ملڪن ۾ وڃڻ سان آئون امريڪن ايجنٽ ٿي ويو آهيان. ماڳهين شهر ڇڏي ڀڄي وئي. پاڻ کي وڏي پروفيسر سمجهندي آهي، وڏي افلاطون. ڀلا ڪو ماڻهو جي امريڪن ايجنٽ ٿي ٻه وڃي يا چائنا ايجنٽ يا ڪهڙو ٻه واهيات ماڻهو، اهو ڀلا پنهنجي سپنن جي ديويءَ سان ڪلاپ ڪندو ڪيئن؟!..... توبهن هي اسان جون عورتون آهن يا ڊبل ڊيڪر بسون! سوسائٽي جي ڊرائيورن جي جنگهه هينان آيل... ڊبل ڊيڪرون. جيڏانهن سوسائٽي چاهي، جيئن چاهي، تيئن سندن اسٽيرنگ ڦيرائي ڇڏي.

اچانڪ چانهن جي ٻار محسوس ڪندي، وڏيءَ ٽيڪاهينءَ جاءِ جي هال مان ڊوڙندو، چلهي ڏانهن خارن مان وڏي ٿو:

"اوهه مينو جي ٻچي، هي چانهه ٿي چاڙهين يا ڀنگ پئي چاڙين؟"

"منهن ٿئي ڀنگ جهڙو؟ مر نه، چانهه اچي ٿي."

در کان پاسيرو، مينو جي ساهيڙيءَ جو منهن ڏسيو وات ڦاٽيو وڃيس، سو گهبرائجي ڪائنس معافي وني: "دل ۾ نه ڪجانءِ، مون کي چانهن جي ٻاڙ لڳي آهي."

"نو مينشن. اوهان ڪمري ۾ هلو، چانهه اوهان تائين پهچي ويندي."

"ٿئنڪ يو ليڊي." هو موٽ ۾ ڪائي. متيون موڙهجي ٿيون وجنس، عورت جي ڏيهه مايا ڏسي.
"اوهه گاڊ! نو مينشن، واٽ اي نائيس ليڊي! مينو سان گڏ ڦوٽن ۾ به ذرو به سهڻي نه ٿي لڳي. هيءَ ته سموري سون ڪاڻ ڇا، ڪيرڏارا آهي. هلندڙ، ڦرندڙ، وهندڙ ڪير ڏارا."
هو وري صوفا سيٽ تي ويهي چانهن جو انتظار ٿو ڪري ۽ مينو جي ساهيڙيءَ جو به، جيڪا هن اڄ پهريون ڀيرو ڏٺي آهي، جنهن جي نالي جي به ڪيس ڪل ڪانهي. هونئن به ماڻهو ماڻهوءَ سان ٻڌل آهي يا نالن سان؟ نالو ڪهڙو به ٿي سگهي ٿو. الاهي فيلسوف قسم جا ماڻهو پنهنجي ٻارڙن جو نالو وساري ڇڏيندا آهن. ڀلا جنهن ماڻهوءَ ڪي سڄي دنيا، اتاولن ۽ ابوجهه ٻارڙن جو ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ۽ جڏهن سندس سمورو پيار ڦهلجي، ساري انسانن توڙي حيوانن ۽ پرندن جو پيار ٿي وڃي ته پوءِ ان ماڻهوءَ لاءِ نالن جي ڪهڙي اهميت آهي؟ هو سوچن جي ٻوڏار ۾ آهي ته مينو چانهه کڻي اچي ٿي.
"ٻڌ او ٽرڙا، منهنجي سرتي تو سان ملڻ لاءِ آئي آهي."
"پولڙي، پوءِ دير ڇا جي آهي؟ آئون به آتو وينو آهيان. ڦران ڏاڍي سهڻي آهي. اعتبار نه اچنئي ته ڳايان گانو، جادو لائي ويا جيءُ ۾."
"نه نه، فلمي ايڪٽر ٿين جي ضرورت ڪانهي. وڏي گهراڻيآهي، ڪو اچي وڃي ته ڇا چوندو. ڦران لکي آئي آهي، توکي ڏسڻ لاءِ."
"پوءِ اچي ڇو نٿي، نه ته آئون چانهه نٿو پيئان."
"ٻڌ، ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪندين."
"تون ڪاڇڻ ڪتي آهين. تو اڄ تائين مون ڪي نه سڃاتو آهي."
"ها" - هوءَ وڏو اونهون ساهه ڀري، وڃي ٿي ۽ هو چانهه جا گرم گرم سرڪ ٿو ڀري ۽ محسوس ٿو ڪري ته چانهن مينو جي هٿن جي ناهي، چانهن ۾ لونگ ۽ ايلاچين جو واس آهي.
"اچان......" ڪن لاءِ هو موهه منڊ ۾ اچيو وڃي، بندپهڻ ٿيو وڃي. پهريات ٻار سان پهريات عورت، ڊيل ڊيکر نه هوندي به جهڙي ڊيل ڊيکر، ڀاري ڪپڙن هوندي به جهڙي موڊي گيلاني جي ڪينواس جي نيوڊ عورت.
"ييس ڪم ان ليڊي."
"مان - مان هتي اچي اوهان جو وقت ته نه پئي خراب ڪريان؟"

"نه ته، تو جهڙي اپچرا ۽ سڄاڻ منڊ جي ساري ڄمار منهنجي جيون ۾ اچي، منهنجو وقت خراب ڪري ته آئون سمجهندس ته منهنجو وقت سڄايو ويو. مون مينو ڪان تولاءِ گهڻو ڪجهه ٻڌو آهي."

"۽ مون به..... ريئلي، يور آر اي گڊ ٽيڪنيشن، گڊ آرٽسٽ."

"ٿئنڪ يو، ويهه نه، منهنجي پير ۾ نه سهي، سامهون ته ويهه." سدا سهڻي منڊ سندس سامهون ويهجيو وڃي.

"پلا ٻڌو، اوهان ايڪٽر ڇو نٿا ٿيو؟"

"ايڪٽر...... اون..... هون.... ايڪٽر ٿيڻ به ڪا ڳالهه آهي."

"ان جو مطلب آرٽ جي ان حصي کان اوهان کي چڙ آهي؟"

"اهڙو ذهني ڪوڙهيو پوڙهو ڪڏهن ڪين آهيان، دنيا ۾ پيٽراوٽول ۽ سڊني پائنٽر به ماڻهو آهن."

"پلا تون امريڪا ڇو نٿو وڃين؟ اتي ته توکي جهٽ ڪٽي وٺندا."

"پلا تون پاڪستان ٽيليويزن تي ڇو نٿي وڃين؟ مون کي خبر آهي تون پرفارمر آهين. اردوءَ يا سنڌيءَ جي الاهين آرٽسٽ عورتن کان وڌيڪ پڙهيل ۽ سني فنڪار آهين."

"پر اسان کي ته مائٽ ڪاري ڪري ماري ڇڏين. ڪهڙي دنيا ۾ ٿو رهين؟"

"تون ڪهڙي دنيا ۾ ٿي رهين؟ آئون فلمي دنيا جو ماڻهو نه، ريوووليشن جي دنيا جو ماڻهو آهيان."

چانهه ڪوپن جي ڪوسن ڪوسن سرٻاٽن تي ڪن لاءِ مانار، موهه پريل مانار، جنهن ۾ آهن الاهين ڻ:نن جا سنيها، ڪشش سڪل، رڳو هڪڙي ڪن ۾، الائي ڪير، سدا لاءِ ڪنهن جو گر گيان ٿيو وڃي. ڪڏهن نيڻ نيڻن کي پوڄارا پيغام به ڏيندا آهن.

"سچ اعتبار نٿو اچي، آئون توسان گڏ آهيان!"

"ها - تون سچ ٿي چئين، ڪڏهن سچيون وارتائون ڪوڙا سپنا ٿي ويندي‌ون آهن. آئون ته تو جهڙي سهڻين عورتن کي سپنن ۾ ڏسن لاءِ سڪندو آهيان. پر تنهنجو ٻار مون کان ٿهي ڇو پيو! ڇا سچي به وڏن وارن ڪري آئون انگريزي فلمن جو بدمعاش ٿو لڳان؟"

"نه، هيرو... الا سويري، چيائين پئي ته امان مان ان جهڙو سڪس ملين ڊالر مين ٿيندس."

هو ماءُ جهڙي سهڻي ٻار ڏانهن نهاري ٿو، بنهه ماءُ جيها سارو پا.

"پائي، تنهنجي ماءُ ته هڪ پل ۾ منهنجي دوست ٿي وئي آهي، تون ڇو پري بيٺو آهين؟ اچ نه..... آ...... هلي آ......"

ٻار سنگهون اگهندو ڪيس چيڙي ٿو وجي.
"مون چيو ٿي ته، منهنجي ساهڙيءَ جو دنيا ۾ مٽ ثاني ڪونهي."
"پهرين تنهنجو آهي جو تنهنجي سرتيءَ جو مٽ ثاني ڳولهجي؟ تنهنجي ساهيڙيءَ جي ديهه اڏاوت لاءِ يونان جي ديوين جا اڻ لڏل ٻُت ڳولڻا پوندا."
"اوهه...... اوهان ته منهنجي ايڏي تعريف پيا ڪريو، جو مان چري ٿي پوان... ڇا سچ......"
"ڇو، آنهريءَ ۾ تون پاڻ کي نه وڻندي آهين ڇا؟"
مينو وچ ۾ ڳالهه ڪتري ٿي:
"اڙي وڏي ڪڙپيل ٿئي، قرآن باٿ روم مان پاڻ کي اسفنج جي رليءَ جيڏي ٽوال سان ويڙهي، ڪمرا بند ڪري، پٽ جيڏي آرسي آڏو هار سينگار ڪندي آهي، ان مهل مجال آ جو مڙس ئي همٿ ٽئيس ته زال کي هار سينگار ۾ ٽورڙو ٽاهه وجهي يا در ڪڙڪائي. پڇينس نه ته ڪٿ ڪٽ ٽِڪا ڪڍي، آرسيءَ ۾ پاڻ کي چري ٿي ڏسندي آهي."
"تو ڪڏهن ڏٺو اٿس؟"
"مون پيلا هن جو ڇا ڇا ناهي ڏٺو؟ ٻڌايانءِ؟"
"مينو...." هوءَ ڪاوڙجي مينو ڏانهن نهاري ٿي، "تون ته ڄڻ هي قدم آرسي ڪٺ وجايم پارسي ڳائڻ لاءِ رکيو پيني آهين، پوءِ آئون به سڀ ٿول پول کولي وهندي سانءِ، اسڪرو بولٽن ساڻ."
اوچتو در تي ٺڙ ٺڙ ٿي ٿئي. مينو ڊڄي در ڏانهن وڌي ٿي.
"...... ڪير آهي؟ هون.... ها ها..... اچي ٿي، ڪونه ٿا پڇائي وجونس."
هو ٽرن ڪري مينو ڏانهن نهاري ٿو:
"ڪير هو؟"
"هن سيدياڻيءَ سڳوريءَ جي نوڪرياڻي هتي آئي هئي، ڪيس ونڻ."
"چڱو آئون هلنديس."
"ايترو جلدي، مان ته اجا تو لاءِ پنهنجي اندر ۾ جاءِ ئي مس خالي ڪئي آهي."
"ٿئنڪ يو، تون.... تون ته شاندار ماڻهو آهين، ماڻهو تو لاءِ الائي ڇا ڇا چوندا آهن."
"تولاءِ ته شاندار آهيان نه."
"ها"
"پلا جي ائون تنهنجي وارن جي چڳ کي چمي ڏيان ته تون به اوترو ئي شاندار ٿي مون کي منهن ڏيندينءَ نه."

"وارن ڪي؟!"

"ڇو، مون ڪي تو تي ايترو به حق نه آهي ڇا؟"

"نه، تون هڪ عجيب مخلوق ۾ ڦاسي ويو آهين، تنهنجي اديب دوست ڇوڪري توکي سچ چيو آهي ته هن چنڊال ٽڪريءَ مان نڪري وڃ."

"نه، جتي تو جهڙيون عورتون هجن، اها جاءِ آئون ڇڏي نٿو سگهان."

"ڇڱو، وري ملنداسين."

هوءَ ٻار ڪي چيچ ڏئي هلي ٿي وڃي.

۽ هو.... هو چاءِ جو ٻيو ڪپ ختم ڪري، مينو ڪان موڪلائي، ٻاهر اچي ٿو، ڏاڍي ڏک مان. رت ڏاڍي سهڻي ۽ من موهيندڙ آهي ۽ هن وٽ الاهين سارو فالتو وقت. هو چاهي ٿو اڄ جو ڏينهن پنهنجي سريت سان سڙڪن تي هلندي گهاري... پر اهو ڪنهن ريت به ناهي ٿيڻو. هتي ڪنهن لاءِ به، ڪنهن وٽ به، ڪي به احساس، جذبا ڪينهن. ڪنهن کي ڪنهن ۾ به ويساهه ڪينهي.... سڀ اويساهه ماڻهو آهن. سڀ هڪ ٻئي ڪان ڇرڪندڙ ۽ ڇڙواڳ. توبنهن، رڳو هڪ پيرو... رڳو هڪ پيرو، جڏهن هو پنهنجي سپنن جي ڪامڻڪور ڇوريءَ کي (جنهن سان اٽس ڇوراسي لک جنهن جا پيرا) وٺي سرڪن تان ٽيلار ڪندو هليو هو ته شهر ۾ ڪيڏو نه هل هلاچو مچي ويو هو، جڏهن ته انهيءَ ساڳئي شهر ۾ ڇوڪريون ڇوڪرا گڏ هلندا آهن.

هو روئڻ جهڙو ٿيو وڃي:

"هان... جيڪب آباد هلي وئي يا شڪارپور، هي شڪارپوري ماڃڻ جي ڌيءَ."

۽ هو لڙڪ لڪائيندو، شهر جي سڙڪ ڏانهن وڌندو ٿو وڃي.

هيءَ ڪامڻ مايا

گوري تيرا گام بڙا پيارا
مين تو گيا مارا،
آڪي يهان ري.

رولو هڪ ميوزڪ هائوس شاپ مان ايندڙ مهاپاري آواز تي بيهي ٿو وڃي ۽ مان سندس نيڻن مان ابڙات ڪري ٻاهر نڪري ايندڙ پيڙا کي محسوس ڪندي بيهجي ٿي وڃان. ڪجهه به ٿي پوي، مون کي هن سان الاهي همدرديون آهن، پر ائين چوڻ سنو ٿيندو ته مان ذري گهٽ هن جي پيار ۾ ولوتجندي ٿي وڃان ۽ ڪڏهن ڪڏهن دهلجي ويندي آهيان ته هي هيپيءَ جو ٻچو مون کي ڇڏي ته نه ويندو. مان مرڪ سان پڇانس ٿي: "مسٽر رول، ڇا ٿيو؟"

"ڪجهه نه. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان، اڙدو گانا ڏاڍا من موهيندڙ هوندا آهن."

"بڪ نه، اڙدو کان مون کي نفرت آهي." ۽ هو واڻڙو ٿي ڪن لاءِ مون ڏانهن هڪ ٽڪ نهاريندو ٿو رهي.

"تون ڪڏهن ڪڏهن بنهه سچ چئي ڏيندي آهين. اسان وٽ ڪروڙ ۽ نفرت کان سواءِ ٻيو بچيو ڇا آهي!" رولو چڙي ٿو وڃي.

"نفرت انگيز شين کان نفرت ڪرڻ ڏوهه نه آهي."

"ها - پر ان اڙدوءَ جي چڪر ۾ ويچاري ڪشور، مڪيش ۽ لتا کي وچ ۾ چو گهرجي؟ انهن جي نري چو گهلي وڃي؟ ساري، منهنجو موڊ آف ٿي ويو آهي."

"ڇا ٿو چوي تنهنجو موڊ صاحب؟"

"مان فلم نه ڏسندس."

"تون ڪروڙي احمق آهين، ڇريا اوٽول جون فلمون ڪراچيءَ ۾ قسمت سانگي ايندون آهن ۽ اڄ لاسٽ ڏي آهي."

"مان پنهنجي جيون مان ان فلم کي ڪاٽا ڪري ٿو ڇڏيان."

"پر مان نٽي ڪري سگهان." مون کي ڪاوڙ اچي ٿي وڃي.

"مان ڪڏهن ٿو چوان ته تون نه ڏس." هو نماڻو ٿي مون سان بلڪل پڇي هلڻ ٿو لڳي. سندس ائين پڇي هلڻ سان مون کي ڏاڍو مزو ٿو اچي. اهڙو جيئن ڪنوارپڻي ۾ نينگريون سپنن جا راجڪمار ڪٽي هلنديون آهن. پوءِ مان ڪاوڙ مان ڪانئس وٺيرڪي ٿيندي دبڙات پٽيانس ٿي،

"هيپي، ڇا اهو ضروري آهي ته تنهنجي انيهءَ ايلفينٽا باٽم پينٽ جا پائنچا منهنجي ساڙهي سان هر ويل وچڙيا پيا هجن؟"

"ڇا.....!؟"

"ڏوڙ." مان مرڪي ٽي پوان ۽ جيون ۾ الاهي سالن کان پوءِ ٻانهن سندس ٻانهن ۾ وچڙائي ٽي ڇڏيان.

"يلا هيڪل فلم ڏسندي مون کي مزو ڪيئن ايندو؟"

"چو!..... تنهنجو ته سارو جيون ئي هيڪل آهي."

"نيڪ آهي، پر تون ايترو فالتو وقت ڪيئن گذاريندين؟"

"سڙڪن تي هلندي گذاري ڇڏيندس. وقت کي ئي ته ٽيلهو ڏيڻو آهي." هن جي انهيءَ ڳالهه تي آئون تپي تکي ٽي وجان ٽي.

"عجيب ماڻهو آهين تون! وڏي مشڪل سان ڊيڊيءَ فلم ڏسڻ جي موڪل ڏني آهي. زمانو ڏاڍو خراب ٿي ويو آهي. هيڪل هلڻ تي ڪاوڙجي ٿو."

"تون اجايو پئي ڪاوڙجين. فلم ختم ٿيڻ ويل آئون سنيما جي در تي بيٺو هوندس."

"تون جي هيڏانهن هوڏانهن ٿي وئين ته پوءِ؟...! الائي تنهنجو ڪهڙو اعتبار آهي."

"توکي مون تي اعتبار ڪڏهن به ڪين ايندو." کن لاءِ هو مون کي لاجواب ڪري ٿو ڇڏي. اسين ٻئي هلندا ٿا وڃون، طرحين طرحين پوسٽرن سان سجايل سينما ڏانهن. هوا جي جهوٽي سان منهنجي ساڙهيءَ جو پلئه هن جي مک کان لهرائجي وري منهنجي پڪڙ ۾ اچي وڃي ٿو. مان محسوس ڪريان ٿي ته هو ڏکوئجي ويو آهي، جيئن ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي سدائين ڏکوئجي ويندو آهي. مان شدت سان محسوس ڪريان ٿي ته ڪجهه ڏينهن کان منهنجي اندر هن لاءِ آجهاگ پيار پئدا ٿي ويو آهي، جنهن کي سوين سوڙن ۾ لڪائڻ کان پوءِ به آئون لڪائي نه پئي سگهان ۽ گهر ۾ سڀ کان وڏي جيڪا ڳالهه پئدا ٿي آهي، سا اها ته رولوءَ ٻن ٽن ڏينهن کان موسيقي ٻڌڻ بند ڪري ڇڏي آهي، نه ته جڏهن ڏس، ريڊيو ڪيسٽ سان گڏ پاڻ به پيو وجي ۽ ناچ ڪري.

"چو يلا؟.... ٻن ٽن ڏينهن کان ڏاڍو مانار ۾ آهين؟!"

"مان؟" هو ڪنهن ٻوڏار مان موٽي ٿو اچي.

"ها."

"الائي چو، هاڻ ڪراچي وڻي ئي نه پئي."

"چو يلا، چرس تي پابندي لڳي وئي آهي ڇا؟"

ٿوڪ مان لڳاتار نهاريندي ٿي وڃانس.
"هتي ڪابه شيءِ بند نه ٿيندي آهي." هو ساڳي نماڻائي سان وراڻي ٿو. "تون فلم ڏس، مان ايلفيءَ جا ٽيلار ڪندس. الائي ڇو دل چوي ٿي پهاڙي ڊڍين ڏانهن هليو وڃان. سيف الملوڪ ڍنڍ تي پهچڻ ڪان پوءِ ياسندو آهي، ماڻهو ڪو سلوڻو سپنو ڏسي رهيو هجي. ساندهہ هلندڙ سندر دردناڪ سپنو."
"چا!......" مان دهلجي ٿي وڃان. سينما جي ويجهو سو رپئي جو نوٽ پرس مان ڪڍي سندس هٿ ۾ ڏيان ٿي. رش ڪانهي.
"هيئن ڪر به ٽڪيٽون وٺ." اسان ٻئي ٽڪيٽن لاءِ سينما ۾ اينٽر ٿيون ٿا. هو ٽڪل ٽڪل انداز سان ٽڪيٽ وني موٽي ٿو، رڳو هڪ ٽڪيٽ.
"مون ٻن لاءِ چيو هو."
"ساري، مون کي ڊرم جا ڊڪا ڪاٺا آهن." هن جي انهيءَ ڳالهه تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ ٿي اچي.
"ٻڌ، شام جو متان سينما جي در تي ڪا غير ملڪي عورت ونيو بيٺو هجين. حالتون خراب آهن. اڄڪلهه رڳو سي آئي اي جون عورتون پيون هلن. تو ڇڀل کي کهڙي خبر، بابو ڪاوڙجي ٿو."
هو ٽڪيٽ وني موٽ ٿو ڪائي.
"غير ملڪي عورتون ايتريون وانديون به ڪينهن." هو ساڳي پيڙا مان منهنجي منهن ۾ نهاري، باقي پئسا واپس ٿو ڪري.
"هون - سڙڪن تان سگريٽن جا ٽوٽا ميڙيندين ڇا؟ رکي ڇڏ." آئون رعب تي رکانس ۽ هو پئسا گيدي ۾ رکندي، سينما جي گيٽ ڪيپر سان ڳالهائي ٿو. الائي ڇا......
"ٻڌ، اگزيڪٽ ساڍي ڇهين وڳي هن ڪارنر تي بيٺو هججان. اهي ارڏايون چاچي سان هلندءِ، ديدي ڏاڍو سخت ماڻهو آهي، پادر هٽندءِ."
"هون... ها." هو هليو ٿو وڃي ۽ مان هائوس ڪيپر جي لائيٽس تي پنهنجي سيٽ تي اچي ٿي ويهان. ڪنهن فلم جو ٽريلر پيو هلي. مون کي سينما ۾ اچي ڏاڍي مونجهه ٿي محسوس ٿئي. ساهہ گهٽيندڙ مونجهه. الله ڪري لارڊ جم جو ٽائيٽل هلي ٿو. فلم شروع ٿي وڃي ٿي. مان چاهيان ٿي ٽائيٽل موسيقيءَ ۾ پاڻ کي لوڙهي ڇڏيان. پر ذهن ۾ الائي کهڙا واساما ٽا ايرن. پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ ٿي اچي. سڀ سيٽون خالي آهن. "هان، سڙڪن ٽائين ڪيئن هلندو هوندو، هيڪل هيڪل. بابي جي بادشاهي اٿس جنهن سان مرضي اچيس، تنهن سان

ڳالهائيندو. مهانڊي ڪي ديسي عورتون نه ٿيون وڻن. ساڙهيءَ لاءِ چوندو آهي ته ڪنهن به
اڻ سبيل ڪپڙي جا پنج ڇهه وال سني نموني ان بدن ڪي ويڙهي ڇڏجن ته اها ٿي ساڙهي."
هونهن.... وڏو آيو آهي يورپين اسڪالر جو ٻو. پاڻ مرداڻا ڪپڙا پائي پوءِ به جهڙي ڪر رن
پڳي وجي. مون ڪي ڏاڍي ڪاوڙ ٿي اچي ته هو مون ڪي سنيما ۾ ائين هيڪل ڇو ڇڏي ويو؟
وري مٿان اهو خيال ته مون ڪيس ايترا پئسا ڇو ڏنا؟ الائي ڪهڙا نشا پتا وجي ڪندو! فلم
ڏسڻ مون لاءِ عذاب ٿي وجي ٿو. الائي ڇو بار بار منهنجي اندر ۾ ڊيجوڙا ايرن ٿا ۽ فلم
اسڪرين بدران منهنجي اکين آڏو گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ ايڪسيڊنٽ سين اچي وجي ٿو ۽ فلم
۾ جيڏي وڏي ڌماڪي بازي آهي، ان ڪان وڏي ڌماڪي بازي منهنجي ذهن ۾ پئدا ٿي وجي
ٿي.
"هون، نياڳو..... ڏاڍو دڪاڙ هٽي سهٽين عورتن پنيان جهونگاريندو ويندو هوندو." مون ڪي
ڪشت ٿا اچن. فلم هلندي ٿي رهي. اوتول جي سهٽي پرفارمينس ڪڏهن ڪڏهن مون ڪي
فلم ۾ لوڙهي ٿي ڇڏي ۽ ڪڏهن هن جي اوٿارن ۾ لڙهي ٿي وجان. ڊيڊي به چوندو آهي، چريا
ڪريا تڏهن به پنهنجا ۽ پهريون پيرو مون ڪي پنهنجائپ جو احساس ايري ٿو ته هو منهنجي
سڳي چاچي جو پٽ آهي. جڏهن ننڍڙا هئاسين تڏهن هو سکر ۾ اسان جي گهر آيا هئا. اسان
جي جدا رهڻ جو سبب منهنجي پڙهائي هئي، جنهن تي منهنجو چاچو سدا لاءِ منهنجي پيءُ
ڪان رسي ويو هو ۽ وڏي ٿي، سندس پٽ لاءِ سدائين اهو ٻڌندي رهي هئس ته مڇن جي ساوڪ
ايندي ئي هو لوفر ٿي ويو هو. چرس، شراب، ينگون، گانجا، پوپا، الائي ڇا ڇا ڪرڻ لڳو هو
۽ پوءِ ايڪٽر ٿيڻ جي شوق ۾ گهر ڇڏي ڀڄي ويو ته يڪو گم. ڪڏهن خبر پوندي لاهور ۾
آهي، ڪڏهن دبئيءَ ۾ ته ڪڏهن ترڪي. هاڻ مٽيو آهي ته ڪڏهن ڪهڙن مائٽن ۾ ته ڪڏهن
ڪهڙن دوستن ۾. ٽڪاؤ جڻ هن جي پاڳن ۾ لکيل ڪينهي. مهيني ڪن ڪان اسان وٽ آهي.
اسين ڪيس ڏاڍو پيار ڏيندا آهيون. ڪو ڪيس مسٽر هپي ته ڪو مسٽر رول چوندو آهي ۽ هو
چڙندو ڪينهي ۽ مون ڪي..... مون ڪي هو ذرو به بگڙيل نه لڳندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن
پاسندو آهي ته سڀ ڪجهه هو ڄاڻي واڻي ڪري رهيو آهي. هاڻ ڀلا اها به ڪا ڳالهه آهي ته
ماڻهو ڪڪڙ جو آنو نه کائڻ جي هد تائين ويشنو هجي، ته اها جيو هتيا آهي!؟ گهر ۾ شيد
رڳو آئون ئي ساڻس ٺيڪ نه هلندي آهيان. ان لاءِ ته هن وٽ سوسائٽيءَ لاءِ ڪي به ايٽيڪيٽز
ڪينهي. جڏهن مرضي ايندس، منهنجي ڪمري ۾ گهڙي ايندو. بس چوندو، سنان پاڻي به نه
انهيءَ ڪمري ۾ ڪريان. وس پڇيس ته گڏ سمهي پوي.

"هان – عيب ئي ڪهڙو آهي گڏ سمهڻ ۾؟.... رڳو ڪنهن ساهيڙيءَ کي ئي چوڻو پوندو ته مون کي وٽي ٿو. مون کي منظور آهي." اندر ۾ دل ڦٿڪو ٿي کائي ۽ سوچيان ٿي: "مار پويس، هي به اڍائي ڪلاڪ ڪيئن نبرندا؟ هن پاسي، هن پاسي سيٽون خالي آهن ۽ ان جو ڪارڻ منهنجي هن سان اڻنگي روش آهي."

"ڪٿي پاڙو ڪري ڪيڏانهن هليو نه وڃي. ڪجهه به ٿي پوي، منهنجو سوٽ آهي. ڪهڙو به آهي مون کي وٽي ٿو!" الله الله ڪري کيل ختم ٿئي ٿو ۽ مان پڳهر ڳاڙيندي، سينما هال کان ٻاهر نڪران ٿي. هن سان گڏ اوند ماڻهو ڏسي، مون کي ڏاڍي ڪاوڙ وني ٿي وڃي. ماڻهو غير ملڪي ٿو لڳي.

"ڪير آهي؟" مان تپي ڏانهس نهاريان ٿي.

"فرينڊ آهي." هو پنهنجي دوست کي اڌ اشارن ۽ اڌ انگريزي ٻوليءَ جي الوداعي جملن سان چلتو ڪري مون ڏانهن اچي ٿو.

"فلم وٽي؟" هو ساڳي نراسائي وڪوڙيل آواز سان ڳالهائي ٿو.

"ها، اوٿول سچي به تمام وڏو آرٽسٽ آهي."

"ها، مون کي سندس اکيون ڏاڍيون وڻنديون آهن." هو منهنجي نيڻن ۾ نيڻ کپائي وراڻي ٿو ۽ آئون سندس ٻانهن ۾ ٻانهن وچڙائي ساڻس ڏاڪن کان هيٺ لهان ٿي ۽ ڪڙيون ڪٽي سندس وات سونگهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي. وات ۾ مڙئي چرس جهڙي ڪا ٻوءِ اٿس ۽ مٿان اٿس سگريٽ جي ڦوڪ ڦوڪان.

"ڇا تون سگريٽ ڇڏي نه ٿو سگهين؟"

"نه، سگريٽ منهنجي ٻالاپڻ جو يار آهي."

"سچ ٻڌاءِ، سنا، سهڻا يار گهڻا ڪيئي؟" آئون ڪل روڪي ٿي چوانس.

"هون... هتي ڪير ٿو ڪنهن جو يار ٿئي....؟ هو مون ڏانهن اگهور نيڻن سان نهاريندي اونهون ساهه ٿو پري.

"هي ڪير ماڻهو هو؟"

"وات ويندو يار. چيائين "موهن جو دڙو" ڏسڻ هلين ته صلاح ٿئي."

"ڇا؟....." منهنجو من دهڪو کائي ٿو وڃي.

"مون اهي کنڊر نه ڏٺا آهن. من جنهن سني ڳالهه لاءِ چوي، اها ضرور پارجي. جيون بار بار ٿوروئي ملندو آهي." هن جي آواز ۾ جڻ آدجڳاد جون پيڙائون پرجي ٿيون اچن.

گهر پهچي آئون پنهنجي ڪمري ۾ جلدي جلدي سمهڻ جا ڪپڙا پهريان ٿي ته ممي جي ڪاڏو ڪيڻ ڪان پهرين آئون ڪچن ۾ پهچي وڃان ۽ اهڙي اٽڪل ڪريان جو اسان ٻنهي ڪي ڪاڏو گڏ ڪائڻو پوي. اهو سڀ ان ڪري جو هاڻ هو منهنجي ڪمري ۾ نه ايندو آهي. ممي ڪاڏو ڪڻي اچي ٿي. ممي ڪاوڙيل ٿي لڳي:

"سچي چوندا آهن، ڌيءَ ڌڻ ڪي نه پڙهائجي."

"ڇو ممي؟" مان حيران ٿي ماءُ ڏانهن نهاريان ٿي ۽ ممي منهنجي ڳالهه تي اونهو ساهه ٿي پري.

"تون بدتميز آهين."

"ڇو ممي، مون ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي؟......"

"ڪنهن ڪي ڪجهه ڏجي نه ته آزارجي به نه."

"ڇا مطلب؟"

"تنهنجو ڪم ڪهڙو هو هن ڪي فلم تي وٺي وڃڻ جو؟"

"منهنجو سوٽ آهي، ان ۾ ڏوهه ڪهڙو ٿيو آهي؟ ڇا هن ڪا شڪايت ڪئي آهي؟"

"الائي، سنيرتون پيو ڪري!" ممي دک ڪان ڪنڌ ڪي ڌوڻ ڏئي هلي وڃي ٿي. مان ڪاڏو ڪائڻ ڪان سواءِ هن جي ڪمري ۾ پيهي ٿي وڃان.

"هيپي، يو آر گوئنگ؟"

"ياپ."

"نائو، ان دس ٽائيم."

"نو، ارلي مارننگ، الائي ڇو دل ٿي چوي، چل اڙ جا ري پنڇي." هو اها ڳالهه اهڙي ريت تو ڪري، ڄڻ هن جي جيون جو سمورو نرواڻ "موهن جي دڙي" ۾ آهي. مان هن جي بئگ ۾ نهاريندي ٿي رهان، جنهن ۾ ڪپڙن جي هلڪڙي خوبصورت وڳي سان گڏ پنهنجي ضرورت مون سموريون شيون سجائي رکندو آهي.

"وري ڪڏهن ايندين؟"

"سار، خبر مون ڪي نه پوندي آهي." مان شڪست ڪائي فلور ڪان هيٺ نهاريان ٿي. رات جي روشنين ۾ چوراهي تي ماٺهو ٽڪڙا ايندا ويندا ٽا نظر اچن. ذنذليل، پٽڪي ويل آتمائن جيان چاپاڪا هٽندڙ ماڻهو. مان الاهي ڪجهه ڪيس سمجهائن گهران ٽي پر الائي ڇو نڙيءَ مان ڪا وائي ئي ڪانه ٽي اکلي.

رات جو مون کي ننڊ نه ٿي اچي. اوجاڳي کان نيڻ ڦاٽن ٿا. پاسي ٿو ڪمري ۾ جن پيا هلن. مان ڊڄي امان ڏانهن ڊوڙان ٿي. امان ننڊ ۾ الوٺ آهي. هيءَ سندس ڪڇ ۾ ستل آهي. جيئن ٻارڙا ماءُ جي ٻانهن سيرانديءَ ڪري سندس ڪڇ ۾ وات وجهي سمهندا آهن. مان مانٺڙي ڪري وري پنهنجي ڪمري ۾ موٽي ٿي اچان.

صبح جو سوير، سج اڀرڻ کان به اڳي ڪچن مان مميءَ ۽ هن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. مان هاسيڪار ڪچن ۾ اچي ڪيس ڏيکائي ڏيان ٿي. هو ڏاڍي موهه مان منهنجي ويجهو ٿو اچي ۽ چانهه جا آخري ڍڪ پريندي ڳالهائي ٿو:

"ساري، مان وجان پيو، ٿئنڪز فار يوئر سيمپٿي ائنڊ لو."

منهنجي واتان ڪوئي اکر ڪونه ٿو اجهي ۽ هو ممي کي سينڊ تي ڪس ڪري، بئگ کلهي سان لڙڪائي، گڊ باءِ ڪري، هليو ٿو وڃي ۽ اوڀر کان هيڪل سج جڻ رت روئندي ٿو اڀري ۽ گذري ويل زماني جو سارو ڪامڻ جڻ وگهري آڪاسن ۾ ڦهلجندو ٿو وڃي.

يگ يگ جي پيڙا

هاڻي هو گهر ۾ ايندي ئي ڦان تي ڪري پيو آهي ۽ ساوتريءَ پنکو ۽ ايئر ڪنڊيشنز ٻئي آن ڪري ڇڏيا آهن. هوءَ ٻارڙن کي دڙڪا ڏوما ڏئي، لان ڏانهن راند ڪيڏڻ لاءِ موڪلي، ڏڪندي، تڪڙي تڪڙي هن مٿان اچي بيٺي آهي ۽ ڏاڍي پيار مان، جيترو پيار، رومانس ۽ ممتا اندر ۾ اٿس، اوڏيءَ ئي پيڙا مان هن کي پڪاري ٿي:

"ڊارلنگ... ڪجهه ته چئه، ڇا ڊاڪٽر گهرايان؟"

"...... .... آ..... اون.... آ...... آهه....."

جواب نه پائي ساوتري اونڌن گوڏن ڀر ويهي، سندس ڳلن تي پيار ڀريو ڇهاءُ ڏئي ٿي.

"تون ته چڱو ڀلو گهر ويو هئين. ڇا ٿڌو پاڻي پيئندين؟ يونيڊ واٽر، ريئلي آئون ڊڄي وئي آهيان. طلاق تي وئي آهي ته ڇا ٿيو، ماڻهو ته ساڳيا آهيون. ڏس، پنهنجي وچ ۾ ٻه ٻارڙا به آهن. منهنجو تنهنجو رشتو ته ڪٿجي ويو آهي، پر ڪهڙو مذهب آهي جو هنن ٻارڙن جو سنگ ڪاٽي ونندو؟ الا، توکي ڪجهه ٿيو ته هي ٻار يتيم ٿي ويندا، هونئن ڪهڙا يتيم ناهن. اون - غلام يتيم ٻارڙن جو ملڪ. مان هينئر ئي ٿي ڊاڪٽر گهرايان." هو ٽيليفون ڏانهن وڌي ٿي ۽ هن ۾ جڻ ڏيڍي ڏيڍي ساهه پئجي ٿو وڃي.

"هون....... نه...... نه...." هو ڊوڙي ڪريڊل ڏانهن وڌيڪ سندس هٿ مٿان هٿ رکي ٿو ڇڏي.

"ڇيم نه، آئون ٺيڪ آهيان."

"ڏوڙ ٺيڪ آهين."

"ائين ئي ذهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پڪڙ پئجي ويندا آهن."

"نه، تون ڪوڙو آهين. اڌ به نه ٻچيو آهين. ٻن ڏينهن ۾!...... ايڪسري ڪرائڻ ۾ آهي ڇا؟"

"ساوتري، تنهنجو سوڳند، ڪجهه به ڪينهي. ائين سمجهه توکي ڏسڻ لاءِ سانگ رچائيندو آهيان."

"نه، تون ڪوڙو آهين، تو ڪڏهن به مون سان سچ نه ڳالهايو آهي."

"ته پوءِ ٻڌ، منهنجو پيار تو سان ٻن چئن سالن يا نڪاح جو نه، پندرهن سال اڳي جو آهي. يا جڏهن... جڏهن مون توکي هڪ ماڻهوءَ سان سڙڪ تان گذرندو ڏٺو هو. هڪ ئي نهار سان مان جڻ نئون جمي پيو هئس....."

"پندرهن سال اڳي؟"

"ڇا توکي اعتبار نٿو اچي؟ الائي ڇو، مون توکي ماڻهو نه پئي چاهيو. تون ڪلاڪار هئينءَ ۽ مان هڪ آرڊنري ماڻهو."

"پر اڳي ته تو اهڙي ڳالهه ڪڏهن به نه ڪئي."

"ڇا ضروري آهي ته پيار ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏجي ته ڪيڏو پيار ڪريان ٿو توسان؟"

"اون - اهو ڪهڙو پيار آهي جو ماڻهو آپزوررو ٿي وڃي. تون منهنجيون ڳالهيون مڃين ڇو نه ٿو؟"

"آئون ضدي آهيان، پنهنجي درياهه جيان خودسر."

"ڇو؟...."

"هر ماڻهو ائين آهي. هر ماڻهو پنهنجي هلائڻ چاهي ٿو، پاڻ مڃائڻ چاهي ٿو. ڇيم نه، آئون نيڪ آهيان. ڏس، نيڪ ٿيندو تو وجان نه؟" هو بوٽ ۽ جوراب لاهي، باٿ روم ڏانهن وڌي ٿو. ساوتري به باٿ روم ۾ اچي ٿي ۽ ٽب ڀرڻ لاءِ نلڪا کولي ٿي.

"جلدي چاپڙ چاپڙ ڪري نه نڪرجان. آئون تو لاءِ چانهه تيار ڪري ونان ۽ ها - چانهه پئندين يا شربت؟"

"چانهه."

"نيڪ آهي، مان به چانهه ئي پيئندس." هوءَ ڪچن ڏانهن وڃي ٿي ۽ گهرو اونهو آتت پريل ساهه کڻي، چانهه تيار ڪرڻ لڳي ٿي. اندر باٿ روم مان پاڻيءَ جا اواز اچڻ ٿا لڳن. ساوتري ڪيتلي سوئي گيس تي چاڙهي وري ڪمري ۾ اچي ٿي.

"پاڻي نيڪ آهي؟"

"ها، نيڪ آهي."

"هيئن ڪر نه، شيمپو سان سڄي ٽب ۾ جهڳ پئدا ڪري ڇڏ."

"ها ها، جيئن چوندينءَ، تيئن ڪندس." اندران آواز اچي ٿو.

ساوتريءَ کي وري اوچتو ڪا ياد اچي ٿي. هو۴ الماڙ:۴ مان ڌوبيءَ جي ڌوتل ٽوال ڪڍي ٿي.

"ٺورڙو در کول، هي ٽوال وٺ. بارڙن اهو ٽوال گندو ڪري ڇڏيو آهي."

"نيڪ ته آهي."

"اڙي ڀائي مڃ به. توکي ڪڏهن فريش ٽيڻ به ڪين اچي." باٿ روم جي لاڪر جي آواز ڪان پوءِ در ٺورڙو کلي ٿو ۽ ساوتري ڪير جهڙي اچي اچي ٽوال وارو هٿ اندر وڌائي ٿي ڇڏي.

"اڄ ڪاڏو ڪارائڻ ڪان اڳ ڪين ڇڏيندي سانءِ."

"ها ها، رات سمهاري ڇڏجام." هو بيزاريءَ سان اندران پڙڪي ٿو ۽ ساوتريءَ جي ڇهري تي مرڪ اڇيو وڃي، روئاريندڙ مرڪ. هوءَ وري ڪچن ۾ اچي، خوبصورت پليٽ ۾ نمڪين ۽ منا بسڪوٽ ٽيبل تي رکي ٿي ۽ گرم پاڻيءَ ۾ پائوڊر جا چار پنج چمچا گهولي، ڪير ناهڻ لڳي ٿي ۽ پاڻمرادي پڙڪي ٿي:

"توبهن، هاڻي فرج ڪي به انهن ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي خراب ٿيڻو هو!" هوءَ سڪل ڪير ڪي پاڻيءَ ۾ پوري ريت ملائڻ لاءِ زور زور سان ملائيندي، وري پڙڪي ٿي:

"توبهن، هاڻ ته هر ڳالهه مصنوعي ٿيندي ٿي وڃي." تڪاؤ نه ايندي هوءَ وري باٿ روم جي در تي اچي ٿي. اندران ڇل ڇل پاڻيءَ جا آواز ايندا ٿا رهن.

"ٻڌ، چانهه ڇو، مان آرينج رس ڇو نه ناهيان؟ هاڻُ نري پوندو."

"اڙي پيائي، سڪون سان وهنجڻ ڏي. تنهنجي ڇپن مان نڪرندڙ آواز ۾ گهڻ رس آهي جو هاڻ آرينج رس پيئان."

ڪن لاءِ مانر.

"توبهن، توسان ته ڳالهائڻ ئي گناهه آهي. پلائي ڪر جٽ سان، ڦيري هڻ پٽ سان." هوءَ گلاس ۾ چمچو گهمائيندي، ڪجهه ڪاوڙ مان ڪچن ڏانهن موٽي ٿي. ٻاهران ٻئي ٻارڙا ڊوڙندا ٿا اچن، ڏاڍا خوش.

"ممي اڄ فلم ڏسنداسين، سينما ۾. تنهنجو هي فرينڊ ڏاڍو پيارو آهي. فيچر فلم، لڙائي واري."

"اڄ ته ٽي ويءَ تي رنگين فلم آهي."

"نه، سينما اسڪوپ."

"نيڪ آهي، فلم ڏسنداسين. هاڻ ڪتاب هلي ڪوليو. اسڪول جو ڪم ڪندي ٻرو ٿو چڙهيو."

"ٻرو ڇا ٿيندو آهي ممي؟"

"ٻئي پنهنجي ڪمرن ۾ وڃو." هوءَ ٻارڙن کي ڇينيي، چانهه تيار ڪري ٿي ۽ ان ڪان پهرين جو ٽري، ٽِپي ٽيبل تي آڻي رکي، هو وهنجي ساڳيا ڪپڙا پهري، ٽوال سان وارن کي اسفنج ڪندو ٻاهر اچي ٿو.

"ڇو، باٿ روم ۾ وڃون هئا ڇا؟"

"ته ڇا باٿ روم ۾ ننڊ ڪريان؟" هو اونهون آڻت هاڻو ساهه پري، سامهون ڪرسي تي وهي ٿو.

"سچ، ھاڻ ته تون مون لاءِ انولا، موزيمبيق ۽ جنوبي افريڪا جيڏو وڏو مسئلو ٿيندو تو وڃين. ٻڌاءِ نه، ڇا ٿيو؟"
"منھنجي ذھن ۾ زرزلو پئدا ٿي ويو ھو. ٻه ٽي ڏوڏا آيا، وري پنھنجي ساڳي گردش ۾ اچي ويو."
"ڪڏھن ڪڏھن زرزلو ڪندڙ ذھن، ٻين کي به ساڙي وگھاري ڇڏيندا آھن."
"اھي آتش فشان ڪندا آھن، نه ذھن. مان تو جيئن ٻرندڙ نه، ٿڌو پھاڙ آھيان، ٿڌو ٿڌو."
"ڇانھه پي." ھوءَ ڪپ ڏانھس وڌائي ٿي. ڪن لاءِ ٻئي ڪوئجي بسڪوٽ ڇٻاڙيندا، ڇانھه ۾ چمچا گھمائيندا ٽا رھن."
"آئون سمجھان ٿي توکي منھنجي ضرورت آھي، ڏاڍي گھڻي ضرورت."
"اھڙيون ڳالھيون نه ڪر، مڙسھين نه اچي وجي."
"پوءِ ڇا ٿيندو؟"
"ھو ڪوبه شڪ ڪائي سگھي ٿو."
"چيم نه، پوءِ ڇا ٿيندو؟"
"طلاق ٿي ويندءِ."
"بنان ڪنھن اوٽائيءَ جي؟!..... ته پوءِ مان به ڪنھن جي مھتاج نه آھيان. گھر، گھر جو سارو سامان، ٻار، جو ڪجھه آھي منھنجو آھي. مون کو ڪانئس دستاويز نه لکرائي ورتو ھو ته طلاق ڏيڻ ويل توکي ھيترا پئسا ڏيڻا پوندا. مان ريس ڪورس جي گھوڙي نه آھيان جو پاڻ کي شرطن جي قيد ۾ محسوس ڪريان. چوندي سانس، ڪامريڊ جا پٽ، مانڙي ڪري ٽي پٽر در تي رکي ھليو وج."
"ڇا اوھان ۾ ڪا اڻ ٻڻ آھي؟"
"ھا، آھي. ھاڻي اھا کھڙي ڳالھه آھي جو ھن سرڪار لاءِ اھا پنھنجي آئيڊيل لائيف ڇڏيان، جنھن لاءِ مون پندرھن سالن جو دوزخ ڀوڳيو آھي."
"ڇو ٿي ٽارچر ڏين؟"
"اوھ، ته توکي ٽارچر ٿيندو ته مون کي وري طلاق ٿي وئي؟"
"ھا."
"ڀل ٿئي. ھيئن ڪر، اج رات ٻارڙن سان سمھي پئه. ماڻھو ٿي پوندين."
"مان ماڻھو ٿيڻ چاھيان ئي نه ٿو. مون کي ھن سماج کان نفرت آھي."
"ٻارڙا ماڻھو نه، ٻارڙا ھوندا آھن. الا، جھڙا پولڙن جا ٻچا."

"پر آئون پرائي گھر ۾ ڇو سمھان؟"

"ڇو، گھر ڪٿي پرائو ھجي، ماڻھو ته سڀ تنھنجا آھن." ساوتريءَ جي ان ڳالھه تي ھو ٽڪ ٻڌي ساوتريءَ ۾ نھاري ٿو ۽ ڄڻ روئي ٿو پوي:

"نه، ڪوئي ڪنھن جو ڪونھي. ھرڪو ھيڪل آيو آھي ۽ ھيڪل ويندو." ھن جي ڳالھه تي ساوتري گھٻرائجي ٿي وڃي.

"تون سچ ٿو چئين، ڪڏھن ڪڏھن من چوندو آھي، ميرلن جيان، ٻنھي ٻارڙن سان گڏجي، الاھي ساريون ننڊ جون گوليون کائي، وڏي اگھور ننڊ ۾ ھلي وڃان."

"ٻارڙن سان گڏ ڇو؟" ھو چانھه جي پيالي وات تائين آڻيندي رکجي سواليه نيڻن سان ڏانھس نھاريندو ٿو رھي.

"ٻارڙن سان گڏ سمھڻ ۾ مزو ايندو آھي. ان معاملي ۾ آئون فرعون جي ٻه ڏاڏي آھيان. ون جيئن چاھيو آھي، تيئن ئي ٿيو آھي."

"۽ جي آئون ٻارڙن سان سمھان ته پوءِ؟"

"پوءِ شايد آئون رڳو اڪيلي، پنھنجي ڪمري ۾ اگھور ننڊ ۾ ستل پاتي وڃان."

"نه، اھو تون مون کي بلئڪ ميل پئي ڪرين؟"

"سڄي ھيومن سوسائٽي ھڪ ٻئي کي بلئڪ ميل ڪري رھي آھي، مون توکي ڪيو ته ڇا ٿيو؟"

"۽ صبح جو جي آئون نه جاڳان ته پوءِ؟"

"تون جاڳي پوندينءَ، ان لاءِ ته تون بزدل نه آھين." ھوءَ چانھه جا ڍڪ ڀري ٿي. الاھي دير ٻنھي ۾ مانار پئدا ٿي وڃي ٿي.

"ڪنھن کي به بلئڪ ميل ڪرڻ نيچ ڪم آھي."

"۽ اھو نيچ ڪم نه آھي جو تون ٻيرو ٻيرو مون کي بلئڪ ميل ڪونيو آھي. اھي اکر مون کي ڪان جيان لڳا آھن. شيم." ھوءَ روئي ٿي پوي.

"مان معافي ٿو گھران. مان نه ٿو چاھيان ته تنھنجي جيون ۾ ڪا اڻوڻندڙ ڳالھه پئدا ٿي پوي."

"مان ٻار نه آھيان."

"ٿي سگھي ٿو مان تنھنجو ساٿ نه ڏئي سگھان. منھنجو ذھن ٿڪي چڪو آھي. مان ھاڻ رومانٽڪ جيون ڇڏي، ڪجھه ٻيو سوچڻ لڳيو آھيان."

"اسان ٻنھي کي ھڪ ٻئي جي نه، ٻارڙن کي اسان ٻنھي جي ضرورت آھي ۽ اسان ٻنھي کي ٻارڙن جي."

"توکي هوندي، مون کي ڪانهي."
"پوءِ مرڻ لاءِ منهنجي دروازي تي ڇو ٿو اچين؟"
ڪن لاءِ هن جي وائي اچڻ بند ٿي وڃي ٿي.
"اڳتينه ايندس."
"چيم نه، ڪوڙ نه ڳالهاءِ. ٻار پوءِ جي پئداوار آهن، توکي منهنجي ضرورت آهي."
"ها آهي، پوءِ ڇا تون منهنجي ضرورت پوري ڪندينءَ؟"
"ها، مان نوڪرياڻين، ميٽرن ۽ نرسن جيان تنهنجي گهر جا سمورا ڪم ديانتداريءَ سان ڪنديس."
"پر مان ته ٻي گهر ماڻهو آهيان، جلا وطن. اهڙا لاڏ، ڪار ۽ بنگلي وارا ماڻهو ڪندا آهن. مان ته هڪ ڪنگال ۽ ناڪام اسڪالر آهيان. ٿري ناٽ ٿري جي سچي گولي مان نڪتل. اهو به ڪنبراتن جو. چانهه لاءِ مهرباني." هو اونهو ساهه کڻي اٿي ٿو. هوءَ در تائين کيس ويندو ڏسندي ٿي رهي."
"تون سوئر آهين، آئون تنهنجا ٻئي ٻار ماري ڇڏينديس." ساوتريءَ جي ڪڙڪيدار آواز تي هو ڪنڌ ورائي ڏانهس نهاري ٿو ۽ در تي ٽيڪ ڏئي، ڪن لاءِ منهن ۾ گهنڊ وجهيو، منجهس نهاريندو ٿو رهي.
"پوءِ ته آئون سمجهندس ته تون سچي به ذهني مريض آهين. سڄو ڏوهه منهنجو نه، تنهنجو هو."
"ان جو مطلب ته تباهيءَ جو ڪارڻ رڳو مان آهيان؟"
"نه، اسان ٻئي آهيون ۽ اسان ٻنهي ڪان وڌ هن صديءَ جي ماڻهن جو ڪردار آهي. مون کي ته اڄ تائين سمجهه ۾ نه پيو اچي ته سڙڪن تي هلندي هادثا ڇو ٿا جنب وٺن؟ تو ۽ مون جهڙا حادثا." هن جي ڳالهه تي ساوتري ڍڪون ڀري روئڻ تي لڳي ۽ هن کي کهڪاو ويڙهيندا ٿا وڃن.
"مر نه، موٽي ايندس ۽ ٻڌ، ڪاڏو پڇائڻ جي ضروري ڪانهي. مون کي تنهنجي هٿن جي ڪا شيءِ ڪانه وٽي. مان پنهنجو ڪم پاڻ ڪندس."
"آئون به ڪا تنهنجي بابي جي نوڪرياڻي ڪانه آهيان."
۽ هو ڏانهس نهارڻ ڪان سواءِ هليو ٿو وڃي ۽ هوءَ ڌماڪي سان در بند ڪري ٻارڙن جي ڪمري ۾ اچي ٿي ۽ لڙڪ اگهندي، ٻارڙن سان ٻار ٿي وڃي ٿي.

رانوڙ، راجپوت

هو وينو آهي.
۽ سنڌو - سنڌو تباڻ وهندو ٿو وڃي ۽ اتر الهندي ڪان ايندڙ هوائن ۾ ڄڻ مارئيءَ جي ملڪ جي هيرن جا هڳاو آهن.
هو ڏسي پيو. درياهه جي بچاءُ بند مٿان، پوڙهو سئيس گهوڙو پيو ڊوڙائي. ڪير جيهي اڇي گهوڙي مٿان، ڦلهياري چٽ آهن. گهوڙو اوچي اوچي بند تان جڏهن هيٺ لاهيارو ٿو وڃي ته ائين ٿو وڃي جو درياهه ڪوهن تي نه رسيس.
هو ڏسي وينو: درياهه چڪار وهندو ٿو وڃي.
"هان، ڪئين خان گهوڙا ڊوڙائي ڪپي ويا. ڪئين همير پنهنجو خمير ڪائي ڪپائي ويا پر درياهه جي اها ئي ساڳي ڪار آهي!" هو سوچي ٿو. پوڙهو سئيس گهوڙو اڳهيانهس، بندر تي اچي ٿو بيهاري.
"ڇورا، ٽڪ اڇلاءِ، آئون به رجپوت آهيان." سئيس اڳهيانئس گهوڙي تان لانگ لاهيندي ٿو چئي.
"ڇو؟..... ٽڪ جو اڇلايان؟"
"اڙي رانوڙ آهين نه؟"
"ها ها، رانوڙ آهيان." رانوڙ جي منهن ۾ ڄڻ گهنج پئجي ٿا وڃن. "يلا تو ڪيئن سڃاتو؟"
رانوڙ، سئيس ۾ سگريٽ دڪائي ٿو نهاري.
"اڙي، آئون گهوڙن جي اڍ سڃاڻان، تون ته ماڻهوءَ جو ٻچو آهين. مڙس جا پٽ ٽڪ اڇلاءِ."
"گهوڙو ڪنهن جو آهي؟"
"ڪنهن جو به آهي، هينئر منهنجي لانگ هينان آهي. پٽ آهي پٽ، اصل من." سئيس ڪشٽن مان ٿو چوي ۽ گهوڙي ڏانهن پيار مان نهاريندي، ڊاپجي نٿو ۽ رانوڙ، رانوڙ ڄڻ سگريٽ جي دونهن ۾ لڙهي ٿو وڃي. دونهون، جيڪو اتي وڃي رهندو آهي، جتي ڪوئي شهسوار ڪين رسي.
"بابل، قران ڏاڍا ڊنل آهيون. هزار ڪان مٿي ته ڳڻيندو ويس. هاڻي خبر نه ٿي پوي ته هي ڪائون نمبر غازي مرد آهي؟ سگريٽ پياريم." سئيس ٿڌو ٿڌو ساهه ٿو پري.
۽ هو - چپ چپات سان سگريٽ دڪائي ٿو ڏئيس. "واهه ڙي جوان واهه، ٻيلي هاڻ رسول پاڪ ڪي مچ، ڪٽي ٽڪ اڇلاءِ. بابا اسين زمانا ڏسيو، ڏڪ ڪايو وينا آهيون. رب پاڪ منهنجي

توبهن، بابا واڳ هٿن مان ڇڏايو پئي وڃي. ذات خفتي سجاڻيو وينا آهيون." سئس ٿڌن ساهن سان جانا ٿو ڀري.
"جهونا، ڇو ٿو منهنجي واتان دريا شاهه جي پاڪ واري گندي ڪرائين؟ منهنجي وات ۾ ٽڪ آهي ئي ڪانه." رانوڙ نماڻو ٿي، بيزاري ٿو پڌري ڪري.
"ڏس گهوڙو پنهنجو نه وڏيرن جو سهي، پر غازي مرد ڪي هلڻ سيکارڻ وارا اسين آهيون. ڀلا هيئن ڪر، ساسيءَ جي پنيءَ مٿان چڪر هڻي اچي. بابا غازي مرد ڪير سڏائي! قران، پٽ آهي پٽ. اتي الله جو نالو وٺي نپريس. اسين ذات خفتي سجاڻون. رب پاڪ منهنجي توبهن." پوڙهو دم ڀرجي وڃڻ سان کنگهي ٿو ۽ رانوڙ محسوس ڪري ٿو، پوڙهي ڪي دم جي بيماري آهي.
"تون پنهنجي دوا ڇو نه ٿو ڪرائين بابا؟"
"دوائون الله جون آهن بابا. ڪوڙا سامي، ڪوڙا سامين پنڌ. حيف ٿئي پاڙي، نه ٽڪ ٿو اڇلائين نه غازي مرد جا پنا ٿو نپرين." سئيس جلهه ٿو ڪري. رانوڙ منجهس نهاري، ڪروڌ مان سٽ سان اتي ٿو ۽ گهوڙي مٿان اگهور نيٽن سان هڪ گهمرو ڦري ٿو. گهوڙو ڏسي، رانوڙ جي اندر ۾ ڄڻ چير پئجي ٿا وڃن.
"بابا، قران مون ڪي گهوڙو هلائڻ ڪين اچي، سال ٿيا. مان ڇڙواڳ چؤباز سوار آهيان. منهنجو ڪاريل گهوڙو ڪڏهن سٽرندو ڪينهي. اهي سڀ اوهان جا وهم آهن." رانوڙ ڪڏهن ڏاڍي موهه مان گهوڙي ۾ ۽ ڪڏهن پوڙهي راجپوت سڏائيندڙ سوار ۾ ٿو نهاري.
"ڇورا، ڳالهائين ڪنهن سان پيو؟ آئون به مينڊرو راجپوت آهيان. ذات سماٽ وڏيرو مون ڪي سجاڻي. پرائي شيءِ ۾ ائين نهاربو آهي؟!" سئيس اڪيون ٿو ڦوٽاري. "پيٽهيان، خفتي ٿي ڪري ايترو نه ٿو پڄئي ته پٺاري جي پنيءَ تان ڪٽي هٿ ڦيرائين......"
۽ رانوڙ - رانوڙ ڏاڍي موهه مان گهوڙي ۾ نهاري، ٽوڪ جو ڏڪ پڇائي گهوڙي جي ڳچيءَ، ڏڳهيءَ ڏڳهيءَ ڪير جيهي اچي بج تان يڪي ٻانهن ڦيري ٿو.
"اچي جهونا، هاڻ ته خوش ٿئين. آئون ماڻهو آهيان، ڏائڻ ڪين آهيان. الله توکي بخشي ڏئي، ڪاڃي ڪين ويندو."
"ائين ڪر بابلا، ڪو وزم ڪو پاڻي."
"نه، مهربانيون." رانوڙ ڏاڍي اونهيءَ نهار سان سئيس ۾ ٿو نهاري.
"بابا، جانارن سان ايڏو پيو ڪبو آهي!؟"

"اڙي بابلا، ڪهڙيون ٿو خبرون پڇين. جڏهن ماڻهن جا قلوب ڪارا ٿي ويندا آهن، تڏهن ماڻهو ماڻهن کان بچڻ لاءِ جانارن ۾ پڪ وجهندا آهن. بابا، زاري آهي." سئيس وڏي ٽڏي ساھ سان اندر ۾ ڇڻ نيزاريون ٿو ڪري.

"چاچا خدا ڪندو خوش هوندين." سچ کي پهاڙن کان لهي ويندو ڏسي رانوڙ موڪلائڻ جون ڪندي، نئون سگريٽ ٿو دکائي.

"ترس بابلا، ٻيلي ڏاڍا ڊنل آهيون. جتي باھ ٻلي اها جاءِ جلي. هيئن ڪر، منهنجي گهوڙي کي امامن جو ڪارو سڳو ٻڌي وڃ."

"ڇا پيو چئين جهونا! هي راڪٽ جو زمانو آهي. امامن جي نالي تان صدقي، پر مان گيدي ۾ ڪارا سڳا ڪٽي ڪين هلندو آهيان." رانوڙ ڦاسي ٿو وڃي!

"پٽ، جيڪي ڄڻين سي پالين، اڇي وٽ سڳو. يا علي مدد ڪري پير ۾ ٻڌي وڃينس." سئيس چوي ٿو.

۽ هو!

هو حيرت ۾ حيران ٿي پوڙهي سئيس ۾ نهاري ٿو ۽ ڪانئس ڳانو وٺي، گهوڙي جي پير ۾ ٻڌي ٿو.

"هاڻ ته خوش ٿئين چاچا؟"

"بابا، الله ڪندو خوش هوندين. قران ڏاڍا ڦٽيل هوندن." راجپوت سئيس دعائون ٿو ڪري.

۽ رانوڙ

رانوڙ مرڪندو ٿو وڃي. تجرا تجرا درياھ جي ڪنار وٺيو.

هڪ ڪن ڏڪن جو، هڪ ڪن سڪن جو

الفيءَ مان دوستن سان موڪلائڻ کان پوءِ رڪشا ۾ وينو آهي ۽ پنهنجي ننڍڙي فليٽ ڏانهن ويندي، پنهنجي ننڍڙي فليٽ ۾ تمام وڏي جواڻ پٽ تي سوچيندو پيو وڃي، جيڪو هينئر به ايترو ئي چلولو آهي، جيترو سندن ننڍو پؤٽن چئن سالن جو پٽ. هن کي خبر آهي ته هينئر هو ڏاڍي بيچينيءَ سان سندس اوسيئڙي ۾ هوندو. چيو هئائينس ته جي سچي پچي منهنجو پيءُ هوندين ته اڄ رات مون سان گذاريندين، نه ته آئون وري ڇڏي ڀڄي ويندو سانءِ ۽ اهو به چيو هئائينس ته ڏس، آئون تو لاءِ چا چا ڇڏيو ٿو اچان. ڪالهه مون کان منهنجا سڀ دوست ڪاوڙجي ويا ته اسان به تنهنجي ان يار سان ملنداسين. پر مان انهن سيني کي ڪاوڙائي آيو هئس ته اڄ بابي سان مان هيڪل گهمندس. سني فلم ڏسندس ۽ تو وٽ مون لاءِ وقت ئي ڪينهي! آئون فادر ۽ سن جي رشتن ۾ قاتل ناهيان – الائي چو، تون مون کي وڻين ٿوپ. هاڻ اهي هئا جملا جن هن کي جلدي کان جلدي گهر پڄڻ لاءِ گهيرتن ۾ آندو هو ۽ هو سڄيءَ سنگت کي اڌ ۾ ڇڏي اتي پڳو آهي. هو سوچي ٿو:

"هي ڇورو ته مون کي پاڳل بنائڻ لاءِ آيو آهي. شرم نه ٿو اچيس منهنجي آڏو ڇورين سان چميون چٽڪا ڪندي." ۽ وري سوچي ٿو: منهنجي جيون ۾ ٻيهر جي اهو ڇورو نه اچي ها ته کهڙو آسمان ڏري پوي ها. موپن کي ته خبر به ڪانه هئي ته هو جيئرو به آهي. اهو به ايڏيءَ سهٽائيءَ سان. ڇهن مهينن جو هو، مان ڪيس ڇڏي ڀڄي ويو هئس، نانيءَ حوالي ڪري. ائين ڇڏي پڳو هئڻ جيئن مرڻ وارا پلونگڙا ٻار ڇڏي لاڏاٽا ڪري هليا ويندا آهن يا جيئن سپني ۾ هڪ ماٺهو ڇهن مهينن جو ننڍ ۾ ستل ٻار، ٻيبي ڪارٽ ۾ ڪٽي باغن ۾ زال سان گهمي رهيو هجي ۽ سپنو ٽٽي ويو هجي ۽ هاڻ جڏهن پنجويهن سالن کان پوءِ اوچتو ئي اوچتو هو سندس جيون ۾ اچي ويو آهي ته هن جا هوش نڪاٽي لڳي ويا آهن ۽ ڀرپور انداز سان هن کي محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته ساڀيان سپنن کان به سهٽي ٿينديون آهي ۽ زبردست انداز سان هن کي اهو به فيل ٿيڻ لڳو آهي ته پيءُ ۽ پٽ ۾ به ايڏو ئي رومانس تي سگهي ٿو، جيڏو ڪنهن حسين ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري ۾ ڇتو رومانس.

هو سوچن جي اڪٿ ٿوپار ۾ آهي. محسوس ڪري ٿو گهر ته هو پوئتي ڇڏي آيو آهي.

"اري، روڪو ڀائي روڪو، ميرا گهر تو پيڇي ره گيا!" هن جي ڳالهه تي پناڻ ڊرائيور ڪشٽ ڪائيندي، الائي ڇا پڻ پڻ ڪندو، گاڏي هن جي اشاري سان موڙي ٿو. هو الائي ڇو ضرورت

ڪان وڏ خوش آهي. ڊرائيور جي بيهودي ورتاءُ جي باوجود بن ٽن روپين بدران هو ڪيس پورا پنج رپيا ڏئي، پنهنجي فليٽ جي ڏاڪڻ ڏانهن وڌي ٿو.

فليٽ واري بلڊنگ پنجن ڇهن ڪٽنبن ۾ ورهايل آهي. هيٺ نهايت ئي شاندار مهاجر فيملي آهي، سامهون نهايت ئي سوشل ڪرسچن فيملي ۽ ٻين جي هن کي خبر ڪانهي ته ڪير اچي ٿو، ڪير وڃي ٿو؟ هن جو فليٽ ڇڙهن جو فليٽ آهي، پر پوءِ به پاڙيوارا سندس ڏاڍي عزت ۽ آجيان ڪندا آهن، سدائين ساٽن مرڪي ملندا آهن ۽ هن کي ڪڏهن به اهڙي شڪايت نه ملي آهي ته تنهنجو ڇوڪرو، ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا وني اچي ٿو ۽ ريڊيو ڪيسٽ جا ٻئي اسپيڪر پوري آواز سان ڪولي، اسان جي ننڊ ڦٽائين ٿا. ان مان هو محسوس ٿو ڪري ته ڇوڪريو ڪا به اهڙي گندي حرڪت نه ٿو ڪري، جنهن سان پاڙي وارن جي منهن تي هو هلڪو گهنج به محسوس ڪندو هجي ۽ گهر کي لاڪ نه ڏسي، هو ائين ئي ناڪ ڪري ٿو، جيئن سدائين ڪندو آهي ۽ ڪن ۾ در ڪلي ٿو. در ڪامران ڪوليو آهي، پر سندس نهار ڪامران ڪان به پهرين، اندر سنهڙي ڪانچ جهڙي اجري ڪاري سمهڻ جو وڳو پهريو، اونڌي، ٻانهون ۽ جنگهون ڦهلايو ستل ڊگهي ڀرپور ڇوڪريءَ تي پئجيو وڃي، جنهن جي ڳاڙهيءَ انگيءَ ۽ ڪڇي مان سندس جوين جڻ ڦاٽ ڪائيندو ٿو رهي. هوءَ پهرين ئي نهار سان ڪا حسناڪ فرينچ ڇوڪري ٿي لڳي. ڪنواري ڪنواري، ڳاڙهي ڳاڙهي، ونجهه ڇوڪري. جوين جا وهه ۽ تهه چڙهيل، اهڙي ڇوڪري، جهڙي سڙڪن تي هلندي پنجن ڇهن سالن ڪان پوءِ ئي ڪٿان واٽ ويندي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، آئوٽ سائيڊر.

"ڇا مان اچان؟" هو گهٻرائجي ٿو وڃي ته هيءَ وري ڪٿان ڦاسائي آيو؟ هوندي ڪا امريڪن هپي، جهڙي آيو هوندو هوائي اڏي تان.

"او ڪم آن." هو لاپرواهيءَ سان چوي ٿو ۽ ڪيس ٻئي ڪمري ۾ وني ٿو وڃي، ان لاءِ ته ڇوڪري ڪيس ڏسي ائين گهٻرائجي وئي آهي، جيئن واهڻ جي نئين شاديءَ واري عورت مڙس سان ڇمي ڇٽڪو ڪندي، گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ کي ڏسي لجوڙي ٿي، ڪن لاءِ حواس وڃائي وهي. ڇوڪري پاڻ کي فرش تي ڀيل خوبصورت رلهيءَ سان ڍڪيندي، باٿ روم ڏانهن ڀڄي ٿي. هن جي پٽ جي دوست جو خوبصورت مک به فنڪ ٿي ويو آهي ۽ هو موڙي تان منجهي اٿي ٻيهي ٿو رهي. "جمي هيءَ تنهنجي پيڻ آهي يا زال؟ جي ڊيڊي سان ملڻ گهري ٿي ته واهه، جي نه ته سڀ بور پا ٿينداسين. وني وڃ پنهنجيءَ کي." ۽ پٽس پنهنجي ساٿيءَ کي ائين ڇئي پنهنجي ٻئي ڪمري ۾ اچي، پٽ تي ڪشمور ميٽنگ مٿان وڇايل غاليچي تي

وهاري، لاڪس نڪر جي اوچي متڪي مان، نڪري جي وٿيءَ ۾ پاڻي آڻي ٿو. نهايت ئي فرج جهڙو ٿڌو پاڻي."

"ڪير آهي؟" هو غور سان پٽ ۾ نهاري ٿو.

"ڪير به آهي، وٺئي ٿي، سڏيانس؟"

"نه، هوءَ ته ويچاري پاڪستان ڇوڪرين جيان شرمائي پئي. وڃڻ ڏينس." هو ڇوڪريءَ کي تڪڙ مان ٻئي ڪمري ۾ ڪپڙو بدلائيندو محسوس ڪندي، پٽ کي روڪي ٿو.

"اوهه ڊيڊي، ڇا جينئس ڇوڪري آهي! اهڙي ڇوڪريءَ جو ساٿ ملي وڃي ته پوءِ ماڻهو سٺ ستر سالن جيئڻ بدران به اڍائي سؤ سال جي ويندو."

"پوءِ ڪٿي شادي ڪرينس."

"او نو ڊيڊي، شادي ته قيد آهي. آءِ ايم اي ٽريولر. اهڙو مسافر، جنهن کي ڪنهن جي ڳولا آهي. ڪڏهن پاسندو اٿم ته هي منهنجو ٻيو جنب آهي. آئون هتي وڏي ڪارج سان آيو آهيان. مان ڪنهن هڪ ڇوڪريءَ ۾ الجهي، مرسڊيز يا وڏي بينگلو جي قيد ۾ پاڻ کي جڪڙڻ نٿو چاهيان." هو اونهون ساهه ڀري، سندس هٿ مان پيالي ونئي، اوبر پيئڻ لڳي ٿو ۽ وري ٺهڪ ڏئي ڪيس ائين ٻک ٿو وجهي جو هو پاڻ کي منجهندو ٿو محسوس ڪري.

"اوهه ڊيڊ، سچ تون ايترو پيارو ۽ بيوٽيفل آهين جو تون عورت هجين ها ته آئون روميو جيان توکي ماڻڻ لاءِ ست ڪوٽ اورهانگي اچان ها ۽ هر سامهون ايندڙ کي پنهنجي ترار سان رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيان ها...." هو ڪيس ڀيراٽي پائي چمي ٿو ۽ هو پٽ جو ٻاراٽو پيار ۽ پهلواڻ وارو ٻوجهه پاڻ مٿان محسوس ڪندي، ڪيس ٻانهن جي پوري طاقت سان پري ٿو ڪري ۽ ڪاوڙجي ٿو:

"ڇو پڙوا، مان توکي ڇوري ٿو لڳان؟"

"نه، ڇورين کان به وڌيڪ سهڻو. هاڻ ڏس نه ڪيڏي نه وڏي ٽريجڊي آهي جو منهنجي دوستن مان ڪنهن کي ويساهه ئي نه ٿو اچي ته تون منهنجو پيءُ آهين! سچ اها ايذائيندڙ ڳالهه آهي ته ماڻهو سنهن ساک کڻي ته هي منهنجو پيءُ آهي ۽ پوءِ هڪڙو ماڻهو به اهڙو نه ملي جو ويساهه آڻي." هن جو موڊ آف ٿي وڃي ٿو.

"پر ڊيڊيوري جي ڪهڙي ضرورت آهي ته آئون تنهنجو پيءُ آهيان؟ تون ته ڇوندو آهين ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، زال سڀ واهيات ۽ ڪچا رشتا آهن، هڪ ئي رشتو آهي، پيار جو، فرينڊشپ جو. پوءِ ڀلي اهو فردن جو هجي يا ملڪن ۽ قومن جو!"

"اوڪي ڊارلنگ، گڊ نائيٽ." ڇوڪري ويندي ٿي ڇوي.

"نائيٽ." هو ڇوڪريءَ جي آواز تي ڪيس در تائين ڇڏڻ بدران وٽس ئي وينو ٿو رهي.
"آهي.... اهو تاريخ جو سڀ کان وڏو سچ آهي. مون کي سيني ڳالهين جي ڄاڻ هوندي به مان سمجهندو هئس ته مان ڏرتيءَ مان ٿوهر وڻ جيان ڦوٽهڙو ڪري نڪتو آهيان. پر..... توسان ملڻ کان پوءِ مان محسوس ڪريان پيو ته مان ماڻهوءَ جو ڦر آهيان. دو ديدي، اڄ رات وري گڏجي سمهنداسين، خدا جو سنهن ڏاڍو مزو ٿو اچي، ڏاڍو مزو ٿو اچي." هو ٻارڙن جيان پيءُ کي بستري تي ڪيرائي سندس ڇاتيءَ تي آسيس سان سسي ٿو رکي.
"نه پائي نه، تون سمهڻ جو بيهودو آهين. تنهنجي پاڪرن ۾ اڍائي مڻن وارين ڇنگهن جي بوجهي کان آئون پاڻ کي چپجندو ٿو محسوس ڪريان."
"پر منهنجي دوست ڇوڪرين کي ته منهنجا ٻڪ وڻندا آهن. واٽ آر يو ٽاڪنگ ديدي!"
"اڙي پوءِ آئون ڪا ڇوري آهيان ڇا؟" هو ڪاوڙجندي بالڪونيءَ ۾ اچي بيهي ٿو. هيٺ ٻلو جين جي پينٽ ۽ جاڪيٽ ۾ ڪيس ساڳي ڇوڪري نظر اچي ٿي ۽ پٽ جو دوست، جنهن کي شايد اڃا تائين ٽئڪسي نه ملي آهي. ڇوڪري ڏانهس نهاري ٿي ۽ وري ائين گهٻرائجي ٿي وڃي، جيئن پهرينءَ رات جي ڪنوار صبح جو پاڻ کي لڪائڻ جا جتن ڪري.
"يار، هيءَ ته سنڌي ڇورين جيان ٿي شرمائي."
"پوءِ ڇاهي؟ سنڌڻ ناهي ته پنجابڻ آهي. ويچاري آئي ئي توسان ملن هئي، پر الائي ڇو توکي ڏسي گهٻرائجي وئي. تڪڙ مان پينٽ بدلائيندي به پيرا ته اٿڙي هئي."
"مون سان ملڻ آئي هئي، ڇو؟!"
"بس ڇيائين آئون تنهنجو پيءُ ڏسن چاهيان ٿي ۽ ڪالهه مون کي ڊراپ ڪندي جڏهن تو کي ڏٺائين ته ڪاوڙجي پئي ته تون مون کي احمق پيو بڻائين. هي ماڻهو تنهنجي نندي ڀاءُ جيڏو ٿو لڳي. هن کي ته منهنجي ڳالهه تي اعتبار ئي نه پئي آيو."
"ڇا سچي به تنهنجي دوست جي زال آهي؟"
"ها." پٽ لاپرواهيءَ سان وراڻي ٿو.
"پر مون کي ته پاسي ٿو تون پيار ۾ آهين، اونهين گهري اڪٽ پيار ۾؟"
"ڇو يلا، دوست جي زال سان پيار ڏوهه آهي ڇا؟"
"مان ته توسان به پيار ڪريان ٿو. ڇا نه ڪريان؟ مون وٽ پيار کان سواءِ ڪجهه به ڪينهي. ڇا اهو به ڇڏي ڏيان!.... هاڻي ته پرٿويءَ تي رهڻ به عذاب ٿيندو ٿو وڃي." هو دکي ٿي وڃي ٿو.
"نه نه نه، تون ڪاوڙجي ويو اهين."

"پوءِ ڳڌجي ڇو نه ٿو سمهين؟"
"ڇڱو سمهون ٿا. ڏس، تنگ مٿان نه رکجانءِ ۽ ٻُرا ٻُرا ڀاڪر نه پائجانءِ. اهڙا ٻڪ وجهڻ سان ته زالون به ڪاوڙجي ويندليون آهن."
"ڪٿي اهڙن ٻڪن جي ڪري ئي مميءَ توکي ڊائيورس ته نه ڪيو هو؟" پٽ کيس ڀيڙاتي ٿو پائي.
"بڪ نه....." هو رسي ٿو وڃي.
۽ رات جو هو ٻئي ڳڏ سمهن ٿا. پٽ ننڊ ۾ آهي ڪين جاڳ ۾، پر هن کي ننڊ ڪانهي. هو محسوس ڪري ٿو، هن جو پٽ تمام گهڻو جوانڙ ٿي ويو آهي. قد ۾ هن کان ڪڙو ۽ بدن ۾ ڀرپور آهي ۽ هن جيان مهاندا به باربيئرن ٿس. ننڊ ۾ ڪڏهن هو پٽ جو ٻاٽ پنهنجي ڇاتيءَ تي ٿو محسوس ڪري ۽ ڪڏهن هڪڙي ڄنگهه پنهنجي سٿرن مٿان ۽ هن کي ائين محسوس ٿيندو ٿو رهي ته اڃا سندس پٽ ننڍڙو آهي، ايترو ئي ننڍڙو، جيترو سندس ڇئن سالن جو ننڍڙو پٽ بروسلي ۽ الائي ڪڏهن کيس ننڊ نهوڙي ٿي وڃي.
صبح جو آرسيءَ آڏو کيس هڪ چٺي ملي ٿي. هن جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين نڪري ٿي وڃي. چٺيءَ ۾ آهي: "ڊيڊ، آئون الائي ڪيڏانهن اڏاڻو وڃان، ڪالهوڪي ڇوڪري منهنجي زال آهي ۽ اهو ڇوڪرو سندس ڀاءُ. مون لکي ساڻس شادي ڪري ڇڏي آهي. تون ڊڄ نه، هوءَ تنهنجي مٿان ٻوجهه نه بڻبي. تو سان مون کان به گهڻو پيار ڪري ٿو. ڪڏهن سڙڪن تي ؟؟؟ ڏسينس ته پيار ڪجانس. مان لڄيندو آهيان. آئون اوهان ٻنهي کي ڇڏيو پيو وڃان. الائي هن ڌرتيءَ جي ڳولي ۾ ڪهڙي ڪشش آهي جيڪا مون کي وڻ وڻ ڀٽڪائيندي ٿي رهي." ۽ ان کان پهرين جو هو چڪرائجي ڪري پوي، هو چٺي مٺ ۾ ڀيڙي ٿو ڇڏي ۽ ڪپڙا بدلائي، شيو ڪرڻ کان سواءِ ٻاهر ڊوڙي ٿو. هن کي انهن هپين جي ٽولي جي سڄي ڄاڻ آهي ۽ سڄ ايرڻ ويل هو انهيءَ پارڪ ۾ پهچي وڃي ٿو. ڪيرل ساڳئي ڪاري سليپنگ گائون سان تنها تنها کيس باغ ۾ هلندي نظر اچي ٿي.
"ينگ ليڊي، ويئر از ماءِ چائيلڊ؟" هو ڪيرل جي ويجهو اچي ٿو. ڪيرل ڇرڪ ڀري هن ڏانهن نهاري ٿي.
"آءِ ڊونٽ نو.... آءِ ڊونٽ نو....." ڪيرل هن کي ڏسي، ڊيهو ڀري، سامهون وڏي بنگلي ڏانهن اٿڙندي، رڙندي ڊوڙي ٿي ۽ هو هڪ بينچ تي ويهي، نيڻ ٻوٽي ٿو ڇڏي ۽ ڀنواٽيون کائيندي، نيڻ کولي ٿو ۽ اندر ۾ مونجهه محسوس ڪندي واقي ٿو:

"هان..... ٻلا هيءَ ڪهڙي ريت آهي، ڪهڙو انقلاب جو ماڻهو ٻيءُ کي ڇڏي ٻجي وڃي؟ ٻڌ ڪان وٺي، هن دور جي ماڻهن تائين ائين ڇو آهي؟! انهيءَ رشتي، انهيءَ ٻتڪيٽڪان جي ڪڏهن پڄاڻي ٿيڻي آهي ڪين نه؟" ۽ هو اندر ۾ تؤنس محسوس ڪري نلڪي مان پاڻيءَ ڍڪ پي، منهن ڌوئي، ائين ٿهمر ۾ اچي ٿو وڃي، جيئن ڪو سندر سپنو ڏسڻ ڪان پوءِ ماڻهو هڪ نرواڻ ٻريل آسيس محسوس ڪندو آهي. آسيس جيڪا سدائين آڪاسن ۾ ٻئي ٻوڙون پائيندي آهي.

دور آڪاسن مان

هو ٻئي هلندا ٿا وڃن.
جڻ آتما پرماتما جو سفر هڪ ڇوڪرو آهي ۽ ٻي ڇوڪري. گلن ڇانيل نيريءَ ساڙهي سان، نيرو تلڪ لڳل ڇوڪري نماشام ويلا ۾. ٻئي وڏي مانار سان هلندا ٿا وڃن. پساهن جيترو گڏ هوندي به ٻنهي جو پنهنجو پنهنجو منهن آهي. اندر ۾ جڻ دوزخ جا دونهان ٿا ڌڳن ۽ ڌاڌا ڪن. ٻئي گاهن ۽ ولڙين ڇانيل پهاڙي پيچرن تان هلندا ٿا وڃن. ايل ايس ڊي جيهن ڪيپن سان. جبل ونو آهي. جيڏانهن ڪيڏانهن پهاڙن مٿان جڻ ڪنهن ڪوروا هيءَ جٽڻ چوڙيلڻ جا ناهيل ساوا ساوا فراس پهاڙن مٿان ڦهلائي ڇڏيا آهن. ڌرتيءَ جي ساواڻ جڻ نيپ ۾ ڇڄهه وجهندي، سنڌيا کي لڄائيندي ٿي رهي ۽ الهندي جي ڦاڪ ۾، جتي سج وڏي ڏيمي نوبار سان، پرٿويءَ ۽ پولار جي ڦاڪ ۾ سونا سمونڊ ڇڏي ويو آهي، جيڪي جڻ پلاٽينم جهڙيون ڇوليون هٽندا، پرٿويءَ ڏانهن ڏاڍي موهه ڀريل ٻاڦن سان پالوتجندا ٿا اچن. پينٽ ۾ هٿ گديو ڇوڪرو ڳالهائي ٿو:
"ها، ياد آيو. ٻيو شرط...... ٻيو شرط اهو آهي ته منهنجي موت تي تون منهنجو منهن ڏسڻ نه ايندينءَ."
"منظور." ڇوڪري ڇلندڙ ڪوسن ڪوسن لڙڪن کي سنڌيا جي ٽڌاڻ سان اکين ۾ ئي سڪائي ٿي ڇڏي ۽ ڏاڍي سيڪسي ٿي ڇوڪري جي ڇپن مان خارج ٿيندڙ ٽرپل فائيو جي وٽندڙ دونهين کي جڻ ساهن ۾ سموئي ٿي ڇڏي ۽ ڇهري تي آيل ڪروڌ ڀجي ٿي ڳالهائي:
"اهو ڇو؟!"
"الائي، مٿان لاش مٿان اچي ٻيهين. آئون مرڻ کان پوءِ به توکي ڏسڻ نٿو چاهيان. سمجهينءَ؟ آءِ ايم ساري." ڇوڪرو ڏاڍو لڄيندو ٿي ٿو ڳالهائي.
۽ هوائن ۾ گهلي ٿو وڃي ٺهڪڙن جو آواز. ائين جيئن ڪو ڪماڇهار، اندر جي روڄ ۽ ٺهڪڙن کي ڳنڍي ڳتي، ڪماچ جي تارن کي هوائڻ ۾ ڏوٽا ڏئي ٿو ڇڏي.
"ڀلا تو وٽ اهڙي ڪهڙي خاطري آهي ته اڳ ۾ تون مرندين؟ ٿي سگهي ٿو ته پهرين آئون مران."
"نه، جيئڻ لاءِ ته تو وٽ ڪوڙين بهانا آهن."
"اوڪي، نه ايندس. تنهنجي وطن جو سونهن، نه ايندس."

"نه، اهو ڪوڙو قسم آهي. مان وطن ۾ وشواس نه رکندو آهيان. تر جيترو به نه، ان لاءِ ته منهنجو ڪو وطن ئي ڪونهي." ڇوڪرو ڇوڪريءَ جي ڳل تان نيڻ هٽائي، دور آڪاسن ۾ پکڙيل سون ۽ پلاٽينم ۾ ڇڻ لڙهندو ٿو وڃي.
"ڇو... تون ته ڪٽر نيشنلسٽ آهين. تون اِهو ڪنگال آهيم جنهن وٽ وطن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪينهي." ڇوڪري مرڪي ٽوڪيس ٿي.
"ها، ڪڏهن هئس. مون نيشنلزم کي آڱر ۾ اڙندڙ منديءَ جيان ٻَن ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. الائي ڪڏهن اڇلائي ڇڏيو هو مانس. ڪنهن هلڪڙي سينڊيءَ جي نشانيءَ جيان." ڇوڪرو نئون سگريٽ ٿو دکائي.
۽ ڇوڪري سندس ساڄي ٻاچ ۾ تجرا ڏيندڙ ڇلو ۽ ڏهن ئي آڱرين ۾ واڇيندي ٿي رهي. هن کي ڇوڪري جا هٿ آرٽسٽن جيها تا لڳن. ڊگهين ڊگهين متوازن آڱرين ساڻ. پوءِ به هوءَ ڏاڍو ڪروڌ ٿي ڪري:
"تون پاڻ کي سمجهين ڪوهه پيو؟ هڪ پيرو جنهن شيءِ تان منهنجو آرو ڪڄي وڃي، اها شيءِ جي ٻيهر منهنجي آڏو اچي وڃي ته مان گهٽجڻ لڳندي آهيان. منهنجو ساهه منجهڻ لڳندو آهي." ڇوڪري ساهت ۾ مونجهه ٿي محسوس ڪري.
"ته ڇا آئون پاڻ کي اهڙي شيءِ سمجهان؟"
"آئون ته هڪڙي ڳالهه ڪري رهي آهيان. پر تون پاڻ کي وچ ۾ ڇو پيو آڻين؟ مون ته ڪڏهن به تو مٿان آرو ڪين ڪيو هو. الائي تون پاڻ کي.... تون پاڻ کي ڪهڙا دلبا ۽ فريب پيو ڏين؟" اها ڳالهه چوندي ڇوڪري ساهن ۾ مونجهه ٿي محسوس ڪري.
"دلبو! ها.... مان ڪڏهن ڪڏهن الائي ڇا ڇا سوچيندو آهيان. دل تان لهي وڃڻ جي ڳالهه! مون کي رڳو ان ڳالهه جي خبر آهي ته مان ناتر ڊيم جو ڪبڙو نه آهيان جو جيڪا عورت مون کي پسند ئي نه ڪندي هجي، ان جي لاش سان وڃي سمهي رهان، موت جي ننڊ. اهڙي ڪنهن سونهن جو دلبو پاڻ کي ڏئي نٿو سگهان."
"تون ته رڳو لاشن جون ڳالهيون ٿو ڪرين! توکي ته ڳالهائڻ به ڪين ٿو اچي. اهي آهن لکڻ ۽ آداب اوهان جي ڳالهائڻ جا. ائين ڳالهائبو آهي ڇوڪرين سان؟ مان..... مان ٽريڊيشنل لائيف گذاريندڙ آهيان. ڪم الون، گو الون. ڪنهن سان مطلب ئي نه. ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ سنو لڳندو آهي. مان ته فقط پنهنجو پاڻ سان پيار ڪندي آهيان."

ڇوڪري ڳالهائيندي اچانڪ ڇوڪري جون موهه ڀريل اکيون پنهنجي ارهن جي اپار مٿان ڏسي، حياءَ کان هيٺ تي وڃي ٿي. هوءِ جلدي ساڙهيءَ جي پلو سان ڍڪ ٿي ڪري ۽ روئڻ جهڙي ٿيو ٿي وڃي.

"تو منهنجي ڳالهين مان انسلٽ محسوس ڪئي آهي؟"

"ٻيو ڇا!...." ڇوڪريءَ جي اکين ۾ لڙڪ لرزي ٿا وڃن.

"ساري، باءِ گاڊ ويري ساري."

مانار

هن دشا کان به مانار، هن دشا کان به مانار ۽ دور ڪو ڳنوهار، گايون ڪاهيو، ولڙو ڳائيندو ٿو وڃي.

"ٻي ڳالهه...... ڊجان ٿو مٿان خراب لڳئي."

"اڄ جو ڪجهه ڇوٽو آڪٽو اٿئي، ڪلي ڇئو."

"مون پئي چيو، يورپيئن سوسائٽيءَ ۾ ڪي جوڙا هڪ ٻئي کي طلاق ڏيڻ ويل وڇوڙي جي ڪس ڪندا آهن. هڪ ٻئي کي ڏاڍي موهه سان چمي الوداع ڪندا آهن. الائي ڇو، مون کي يورپيئنز جي اها ڳالهه ڏاڍي وڻندي آهي. الاهين آمريڪينز ۾ ته ائين نه ڪرڻ آئوٽ آف ايٽيڪيٽ آهي."

"ڇوڻ ڇا ٿو گهرين!" ڇوڪري گهوماٽين ۾ اچي ٿي وڃي.

"آئون ڊجان پيو. تنهنجي من ۾ ته اهڙي چاهنا ڪانهين نه."

"اوهه سنيال...." ڇوڪري اچانڪ ٽيلهو ٿي ڏئيس. ڇوڪرو حيرت مان ڏسيس ٿو.

"ساري، تنهنجي پيرن هيٺان مينهن وساڙو ٿي آيو. ڏس نه، جهڙو ڪنهن ول جو ڳاڙهو رتو گل." ڇوڪري مينهن وساڙي کي تري تي ڪٽي، ڏاڍي موهه مان نهاريندي وري هوريان هوريان گاهه مٿان ڇڏي ٿي ڏئيس.

"ٿئنڪ يو..... مون الائي ڇا پئي چيو؟...... هون - او ها - چاهنا...... آئون ان ڳالهه کان ڊنس پئي." سندس ڳالهه تي ڇوڪريءَ جو مک ڳاڙهو، سائو، هيڊو ٿيندو ٿو وڃي ۽ هوءَ زوريان ٿي ڳالهائي:

"وات آر يو ٽاڪنگ؟!......"

"مون..... مون ان لاءِ پئي چيو، متان تنهنجي من ۾ اهڙي ڪا چاهنا نه پئدا ٿي وڃي."

"ڇا ڇا ڇا!....... مٽان ڪا اهڙي ڇاهنا تون ڪرين. منهنجي ڪا تو سان شادي ٿيل آهي يا اڳواٽ اسان ۾ اهرو ڪو سرسلو هو به ڇا؟ مون آرسيءَ ۾ پاڻ ڪان سواءِ ڪنهن کي به ڪس نه ڪئي آهي. جينٽل مين، پنهنجا اکر واپس وٺ."

"ساري، ٿئنڪز."

ماٺار

آدجڳاد جون پيڙائون

۽ دور پهاڙيءَ مٿان ڪبوترن جو جوڙو، آڪاس ۾ ڇن ڪٽڪ نچندو انڌلٺ جيهن پولارن ۾ اڏندو ٿو وڃي.

"موٺون؟"

"ها موٽن گهرجي." ٻئي ٽرن ڪن ٿا. اوپر ۾ گگن نيرو نيرو آهي. ڪيپسين سمونڊ جهڙو نيرو. دور هل اسٽيشن ڏانهن مسيت جو اپو منارو ڄڻ انسان جي عظمت جي ساک ڏئي رهيو آهي. ڇوڪرو اٿاهه اونهون ساهه ڀري، لوٽين اکين سان آڪاس جي نيري ۽ ڌرتي جي ڪاري ڦاڪ جو سنگم ڏسندو ٿو رهي.

"شهلا." ڇوڪرو موٽندي، وري نئون سگريٽ ٿو دکائي.

"ڇئه."

"ڪڏهن ڪڏهن ڪل اڇي ويندي آهي."

"ڇا تي؟" ڇوڪري ڪاوڙ مان پينٽ جي پانچن ۾ نهاريندي ٿي وڃينس.

"سوسائٽي تي، شادين ۽ طلاقن تي!...... ڇا توکي اهو سڀ ڪجهه اڇرج جوڳو نه لڳندو آهي؟"

"ڇو نه - شاديءَ جي اهميت خبر ملان کي نه گهوٽ ڪنوار کي هوندي آهي."

"ها - مان سوچيان پيو، ماڻهو پنهنجي زالن کي طلاق ڪيئن ڏئي ڇڏيندا آهن؟"

"ڇو؟...... طلاق ڏاڍو نيچرل سسٽم آهي ۽ انساني تاريخ ۾ گهٽي ڪان گهٽيون طلاقون مردن ڏنيون آهن. ڪاري ڪاريءَ جي ته ڳالهه ئي پري آهي."

"شايد فيوچر ۾ ميجورٽي عورتن جي ٿي وڃي." هو سگريٽ مان سگريٽ دکائي ٿو.

"فيوچر ڇا، ڌرتيءَ تي سدائين عورتون گهٽائيءَ ۾ آهن."

"هو ڏس، سمونڊ مٿان ڏکڻ ۾ ڪارونيار آهي. اتي جي هوا، مينهن کي اڏايو ڪٽيو پئي اچي."

"ها - تنهنجي ساڙهي پسي ويندي." هو ڏاڍو ڏکوئٽو ٿي وڃي ٿو.

"ڇو نه، مون وٽ جوڙا ئي به آهن."

"سچ ٻڌاءِ، مون توکي ڏکوئيو ته ڪينهين؟ سچ مون کي نه ٿو اچي ته رسبو ڪيئن آهي؟ سدا لاءِ ڪنهن ساٿي کان وڇڙي وڃڻ لاءِ ڇا چئبو آهي؟ اسان وٽ ته کي مينرز ئي ڪينهن."

"ها - مون پاڻ تو لاءِ ائين پئي سوچيو. سچ ٻڌاءِ، دکوئجي ته نه ويو آهين؟"

"نه نه، مان وجان پيو، الائي ڪيڏانهن، ڏاڍو ڏور، ڇا چمي ڏئي موڪلايون؟......"

"نو سر، ٿئنڪيو."

"گڊ باءِ." ڇوڪرو ڇجي ٿو وڃي، ٻئي وڇڙي ٿا وڃن.

۽ سنهڙي سنهڙي گاهه مٿان هيڪل مينهن وساڙو سرندو ٿو وڃي، اڃاتل انڌين ڏسائن ڏانهن.

وڻ ويڙهي

اڄ ٻن سالن کان پوءِ مان وري ان ساڳئي بينچ تي اچي ويٺو آهيان. اڄ کان ٻه سال پهرين مان صبح جو نوين وڳي کان رات جو ڏهين وڳي تائين ريلوي مال گودام ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ ٿڪي ٽٽي اچي انهيءَ بينچ تي ويهي ڪوٽڙيءَ وڃڻ واري گاڏيءَ جو انتظار ڪندو هئس. سڀ ڪجهه پهرينءَ وانگر ساڳيو پيو لڳي، ڪٿي به ڪا ڦير ڦار نه آئي آ. حيدرآباد اسٽيشن جو اهو ئي ساڳيو ماحول آهي، اها ئي ساڳي پليٽ فارم جي بلبن جي اداس ۽ افسرده روشني. گڊس ٽرين جا ريڪ ساڳيءَ طرح ڏڪار جي ماريل مال وانگي پاسراٽيون ڪيو بيٺا آهن. اسٽيم شنٽنگ انجڻيون ساڳيءَ طرح ڪاريءَ اجگر بلا وانگر وات مان چٽنگون ڪڍي ڦوڪارا ھڻيو اچي ۽ وڃي رهيون آهن. مسافر ساڳيءَ طرح ٽرينن جو انتظار ڪري رهيا آهن ۽ پپر جو وڻ ويڙهي لڳل وڻ به ساڳيءَ طرح بيٺو آهي. سڀ ڪجهه پهرينءَ وانگر ٿو لڳي. مون ۾ به ته ڪا تبديلي نه آئي آهي. ساڳي ٻين رپئي واري اڏوراٽي قميص، ساڳيو ٻن سالن وارو پراڻو سوئيٽر ۽ ساڳئي مارڪي وارو سگريٽ چڪي رهيو آهيان. پر پوءِ به مان پاڻ کي پهرينءَ کان ڪجهه مطمئن محسوس ڪري رهيو آهيان. ڀلا ڇا اها گهٽ ڳالهه آهي ته پهرين جيترا پئسا مون کي سورنهن ڪلاڪن جي ڪم ڪرڻ جي باوجود ناجائز طريقي سان ملندا هئا، هاڻ اوترا پئسا مون کي اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي عيوض جائز طريقي سان ملي ويندا آهن. مان سمجهان ٿو ته اها منهنجي لاءِ وڏي ڳالهه آهي. پر پوءِ به پاڻ کي مطمئن نٿو محسوس ڪيان. ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پاڻ ئي مطمئن نٿو سمجهي سگهي. پوءِ ڀل هو پنهنجي ملڪ جو راجا ٻڻجي وڃي، صدر يا وزيراعظم. ڪٿي نه ڪٿي ڪا ڳالهه اڌوري رهجي ويندي آهي ۽ اڌوري ڳالهه ڪڏهن به پوري نه ٿيندي آهي.

هينئر مان هن بينچ تي ويٺو، هر ايندڙ ويندڙ، بيٺل ويٺل، ليٽيل ماڻهوءَ کي غور سان ڏسي رهيو آهيان. ائين ڏسڻ ۾ ته هرڪو ماڻهو مطمئن ٿو نظر اچي. ڪي وقت گذارڻ لاءِ پاڻ ۾ فلمي ڳالهيون ڪري رهيا آهن، ڪي سياست تي بحث ڪري رهيا آهن، ڪي واپار جون ڳالهيون پيا ڪن، ڪي تاس پيا کڏن، ڪي گپ شپ هڻي ٺهڪ ڏئي رهيا آهن، ڪي اخبارون ۽ رسالا جانچڻ ۾ مصروف آهن ته ڪي ائين ئي پرائين زالن کي تاڙڻ لاءِ پسار پيا ڪن. ڏسڻ ۾ ڪجهه ائين ئي اچي رهيو آهي. پر پوءِ به مان محسوس ڪيان ٿو، اهو نظرن جو دوکو آهي، سراب آهي. هرڪا منڊ، هرڪو ماڻهو بيچين آهي. هڪ عجيب ڪشمڪش ۾ آيل آهي. اک جو ڪجهه ڏسي ٿي ۽ ڪن جو ڪجهه ٻڌن ٿا، تيئن ناهي، هوندو ڪجهه ٻيو آهي.

اوهان پلي مون کي چريو چئو، پر مان اوهان کي يقين سان چوان ٿو ته منهنجي بينچ کان ٿورو ئي پري هوءَ سيرانديءَ کان ٽيلهو ڏئي ليٽيل، پيٽ واري ڪانياواڙي عورت اتي موجود ڪانهي ۽ نه ئي پاسي کان پيٽيءَ تي مفلر ويڙهيو وينل سندس مڙس اتي موجود آهي. هن جو مڙس ته هن کان سؤ ميل پري ڪراچيءَ جي شهر مان واپار لاءِ ڪٽ پيس جا ٽڪرا وٺي رهيو آهي، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هن کي ٻن هزار رپين جي فائدي جو امڪان آهي ۽ هوءَ پاڻ به ته اتي ڪانهي، هوءَ پاڻ به سال اڳ مستقبل ۾ وڃي پنهنجي پيٽ واري پٽ کي پرڻائي رهي آهي ۽ گهٽ ڏيج ملڻ تي ڪنوار جي مائٽن سان وڙهي رهي آهي. هوءَ الائي پٽ ڄڻيندي يا ڌيءَ، پر هن وقت هن کي پٽ پرڻائڻ کان اوهان ڪنهن طرح به روڪي نه ٿا سگهو ۽ نه ئي خيالي ڪنوار جي مائٽن کي اوهان هن جي جهيڙي ۽ ڏانڊليءَ کان بچائي سگهو ٿا ۽ هي پڳل چوڙيءَ جهڙو چنڊ...... اوهان يقين ڪيو ته اهو پڳل چوڙيءَ جهڙو چنڊ به آسمان ۾ انهيءَ هنڌ موجود نه آهي. هاڻي ته شايد اوهان کي يقين ٿي ويو هجي ته مان پورا سئو پئسا چريو آهيان. پر مان يقين سان چوان ٿو ته اهو چنڊ اتي موجود نه آهي. هو گنجو پوڙهو بابو ڏسو ٿا، جيڪو مال گاڏن جا نمبر نوٽ ڪري رهيو آهي، مان ان کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. ان جي پاسي ۾ وڃي اڙدوءَ ۾ ايترو ته چئو: "چاچا، چاند چمڪ رها هي." جيتوڻيڪ اوهان هن کي گار نه ڏني آهي، پر مان يقين سان چوان ٿو ته هو اوهان تي ڪاوڙبو، اکيون ڦوٽاريندو. اوهان کي ڪائڻ لاءِ ايندو، پر چوندو ڪجهه به ڪونه. بس دل ۾ به چار گاريون ڏيندو ۽ وري مال گاڏن جا نمبر نوٽ ڪرڻ ۾ لڳي ويندو. ان لاءِ ته چنڊ جي نالي کان هن کي چڙ آهي. چنڊ جو نالو ٻڌي هن کي رڳو پنهنجي گنجي ٽڪڻ ياد ايندي آهي. آسمان وارو چنڊ ڪڏهن به نه. ٿي سگهي ٿو، هن ڪڏهن راتين جون راتيون چنڊ کي تڪيندي گذاريون هجن. شاهه عبداللطيف وانگي ڪڏهن چنڊ سان پنهنجي پرينءَ ڏي نياپا موڪليا هجن، پر هاڻي ته چنڊ جهڙي واهيات ۽ بيڪار شيءَ جو هن لاءِ ڪوبه وجود ڪونهي. جيڪڏهن آهي ته هن جي واهيات گنجي ٽڪڻ، جنهن تان مفلر هينئر هيٺ لڙڪي ويو آهي.

بس مان چوان ٿو جيڪڏهن هتي ڪا شيءِ پنهنجي جڳهه تي موجود آهي ته اهو وڻ ويڙهي لڳل پپر جو وڻ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو مطمئن آهي ته ان وڻ جي هيٺان ستل اگهارو عليل چريو آهي. اوهان ڇا ٿا سمجهو ته هو چريو آهي ۽ اگهاڙو ولهه ۾ پپر جي وڻ هيٺان ستو پيو آهي؟ پر اوهان يقين ڪريو خيالن ۾ هن وقت هو پنهنجي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ پينو پنهنجي مل جي مئنيجر ۽ ڪلارڪن کي دٻائي رهيو آهي. اوهان کي منهنجي ڳالهه تي يقين

ڪرڻو ئي پوندو. اوهان ڪنهن طرح به منهنجي ڳالهه کي غلط ثابت نه ٿا ڪري سگهو. اڪ جو ڪجهه ڏسي ٿي، تيئن نه آهي. ڏسبو ڪجهه آهي ۽ هوندو ڪجهه ٻيو آهي.
توهان هينئر هن وڻ ۾ ڏسو. بلڪل وڻن جهڙو وڻ آهي. پر اوهان صبح جو وڻ ۾ اچي ڏسجو، اوهان کي ان وڻ جي ٽارين ۽ پنن مٿان هڪ ول ڪوريئڙي جي ڄار وانگي وچڙيل نظر ايندي ۽ جتان جتان اها وچڙيل هوندي، اتان وڻ جا پن يرقان جي مريض وانگي هيڊا ٿي پيا هوندا ۽ اها ول جنهن به وڻ کي لڳندي آهي، اهو وڻ ٿي بيءَ جي مريض وانگي سڪندو ويندو آهي ۽ نيٺ سڪي نوٺ ٿي ڪري پوندو آهي. مان ان وڻ سڪائيندڙ ول جي باري ۾ گهڻو ڪجه ڄاڻان ٿو، پر ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته ان جي باري ۾ مون گهڻو ڪجهه ٻڌو آهي.
اڄ ڪان به سال پهرين، جڏهن رات جو تمام دير سان ڪم ختم ڪرڻ ڪان پوءِ اسان سڀ رشوت جي پئسن جو حساب ڪرڻ لاءِ اسٽيشن روڊ تي هڪ حلوائيءَ جي دڪان تي کير پيئڻ لاءِ ويندا هئاسين ته سدائين اسان کي ان وڻ وٽان گذرڻو پوندو هو. مان جڏهن به ڪنهن وڻ جي هيٺان گذرندو آهيان ته سٽ ڏئي وڻ جو هڪ اڌ پن پٽي وٺڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ اهو سڀ ڪجهه اڻڄاڻائيءَ ۾ ٿيندو آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته اها ڪا سني ڳالهه نه آهي. جنهن وڻ جي ڇانو ۾ ويهجي، ان کي ڪڏهن به نه وڍجي. پر ماڻهو اڻڄاڻائيءَ ۾ الائي ڇا ڇا ڪري ويندو آهي ۽ مان پنهنجي فطرت ڪان مجبور آهيان. ها ته اسان جو پنجابي چيف گڊس ڪلارڪ منهنجي انهيءَ حرڪت تي مون کي ضرور ٽوڪيندو هو ۽ چوندو هو: "اوئي علي محمدا، مين تينو هزار وار کهيائي، رات دي ويلي پيڙ دي ٿلي نه جائين، پر تون مندا ئي نهين." پر مان ڪڏهن به ڪونه مڃيندو هئس. هو ڪيترا ئي ڀيرا مون کي ٻڌائي چڪو هو ته رات جي وڳڙي ۾ ان وڻ جي هيٺان ڪڏهن به نه وڃجانءِ ڇو ته وڻ ويڙهي لڳل وڻ مان رات جو ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ تمام گهڻي انداز ۾ نڪرندي آهي ۽ ماڻهوءَ جي دماغ تي ان جو اثر هڪدم ٿي ويندو آهي. اڪثر ماڻهو مري پوندا آهن، چريا ٿي پوندا آهن، ننڍي ٻار لاءِ ته اهو وڻ رات جي وقت هئين ڪاني آهي ۽ هن مون کي اهو به ٻڌايو ته پنجاب ۾ جڏهن هو ننڍڙو هو، تڏهن هنن جي گهر اڳيان به هڪ وڻ هو، جنهن کي وڻ ويڙهي لڳي وئي هئي. مان سخت بيمار ٿي پيس ۽ منهنجي ڏاڏي ان ون کي هڪدم وڍائي ڇڏيو. پر مون کي ڪڏهن به اعتبار نه آيو. هونءَ به چيف صاحب پراڻن دقيانوسي خيالن جو ماڻهو هو. سدائين بيمار. جڏهن ڊاڪٽرن ڪان علاج ڪرائيندو هو ته حڪيمن کي گاريون ڏيندو هو، ڪڏهن وري ڊاڪٽرن کي گاريون ڏيندو هو ته حڪيمن جي ساراهه ڪندو هو ته ڪڏهن وري پير جي تعويز جي تعريف ئي هلندي هئي. ڊاڪٽر ۽ حڪيمن ٻنهي لاءِ وٺل. پلا اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهڙي

ڳالهه تي اعتبار ڪجي؟ اسين هر مهيني فلم جو پروگرام ٺاهيندا هئاسين ۽ رات جو هوٽل ۾ ويهي پئسن جو حساب ڪندا هئاسين. مهيني ۾ به اڍائي هزار رپيا نهي ويندا هئا، ڇو ته اسين هر مقادم يا واپاريءَ کان هڪ ڳوڻ جي بوڪ ڪرڻ جو هڪ آنو وٺندا هئاسين. پوري گاڏي بوڪ ڪرڻ لاءِ ويهه پنجويهه روپين کان پنجاه روپين تائين هليا ويندا هئاسين ۽ ٻيو ته ننڍي مال گودام جي لوڊنگ جو ڪم ٺيڪي تي ڏنل هو ۽ ٺيڪيدار مزور اهي ئي رکي سگهندو هو، جي اسان پسند ڪندا هئاسين. تنهنڪري مزورن جي بل مان به ليبر جمعدار کي اسان کي ڪجهه ڏيڻو پوندو هو. پر ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته اسين سندن پئسن مان پهرين ئي پنهنجو حساب ڪاٽي وٺندا هئاسين. تنهن ڪري مهيني سر ڪافي رقم جڙي ويندي هئي. پر منهنجي حصي ۾ سدائين پنجاه رپيا يا پنجونجاه رپيا ايندا هئا. هيترا پئسا اسٽيشن ماستر کي ڏنا ويا، هيترن پئسن جو ٽي - سيٽ خريد ڪري فلاڻي آفيسر کي ڏنو ويو، هيترا پئسا يارڊ سپروائيزر کي ڏنا ويا، هيترا پئسا واچ انسپيڪٽر ۽ هيترا پئسا وي مينٽ انسپيڪٽر جي هوٽل جو بل ادا ڪيو ويو، هيترا پئسا سيل - مين ۽ منهنجي حصي ۾. پورو مهينو، روز اٺ ڪلاڪ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي باوجود رڳو پنجاه رپيا. جيڪڏهن ايترن ڪلاڪن جو ڪٿي پارٽ ٽائيم ڪجي ته هوند ٻي پگهار جڙي پوي ۽ جنهن ڏينهن به اسان اهڙو ماهوار حساب ڪتاب ڪندا هئاسين ته ٻئي ڏينهن مزورن ۾ رڙ مچي ويندي هئي. "بابو هي ڇا! صبح کان ڳوٽيون ۽ لوهه جا ننگ ڍويو ڍويو اسان جي بيڪ نڪريو وڃي، رات جو ڏهين يارهين وڳي تا ڪم تان لهون ۽ حصي ۾ رڳو پنجاه رپيا مهيني جا! پيٽسان ظلم ٿيو، بغداد ٿيو. اسان جي حصي ۾ گهٽ سؤ رپيا اچڻ گهرجن. پيٽسان ٿيون حصو ڪائو، اڌ ڪائو، سڄي جو سڄو بل چٽ. سياڻ اسان مان ڪوبه مزور ڪم تي ڪونه ايندو." پر هو اهڙي ڳالهه رڳو مون سان ڪندا هئا. شايد ان ڪري جو مان سنڌي هئس. هو مون کي پنهنجو سمجهندا هئا. ٻئي ڪنهن بابوءَ سان هو اهڙي ڳالهه ڪري نه سگهندا هئا. مان چپ چاپ سندن ڳالهيون ٻڌندو هئس. ڀلا مون کي هنن سان ڪهڙي همدردي ٿي سگهي ٿي؟ جڏهن منهنجي پنهنجي حصي ۾ رڳو پنجاه رپيا ايندا هئا. البت جڏهن مزورن کي سڪا جوئر ۽ ٻاجهر جا ٽڪر چٻاڙيندو ڏسندو هئس، تڏهن احساس ٿيندو هئم ته پنجابي بابُن سان گڏ رات جيڪا مون پنجابي فلم ڏٺي هئي ۽ جيڪا سنڌ زميندار هوٽل ۾ ماني کاڌي هئي، انهيءَ جو اثر هنن غريب ماڻهن جي مانيءَ تي ضرور پيو آهي، جو ڳيتون ڏيندي به هنن جي نڙيءَ تان نه ٿي لهي.

اڄ ٻن سالن کان مان ريلوي جي سروس ڇڏي چڪو آهيان. مون وري ڪڏهن به مڙي مال گودام ڏانهن نهاريو نه آهي. رڳو ايترو سو ٻڌو اٿم ته اهي سڀ بابو بدلي ٿي ويا آهن ۽ هاڻي ڇوٽي لائين جو مال گودام بند ٿي ويو آهي ڇو ته هاڻ ميرپورخاص تائين وڏي لائين جاري ٿي چڪي آهي.

ڪاش اڄ اهو پنجابي چيف گڊس ڪلارڪ مون کي ملي ته مان کيس ٻڌايان ته صبح جو وڻن مان آڪسيجن نڪرندي آهي جا صحت لاءِ تمام ضروري هوندي آهي. اها ڀيانڪ وڻ ويڙهي ته اسان کي ڄر وانگي رات ڏينهن چهٽي پئي آهي. اهي اسين آهيون جن جي ڇايا ۾ ڪوبه ٽڪل ماڻهو آسيس نٿو ماڻي سگهي. اها خوفناڪ وڻ ويڙهي ته اسان کي لڳل آهي، مون کي لڳل آهي، توکي، اسان مان هر ٻئي ماڻهوءَ کي لڳل آهي. اڄ مون کي ٻڌاءِ ته مان ڪنهن کي وڍيان؟ پاڻ کي وڍيان، توکي وڍيان، ڪنهن کي وڍي ڪنهن کي وڍيان؟